سُخن اعجاز

ڪلام

اعجاز سائين راشدي

سنڌي ساهت گهر
حيدرآباد سنڌ

سُخنِ اعجاز

[ڪلام حضرت سيّد محي الدين شاهه "اعجاز" سائين راشدي]



سهيڙيندڙ

استاد صاحبڏنو ميمڻ

صوفي صابن

سنڌي ساهت گهر

حيدرآباد - سنڌ

٢٠١٣ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

سنڌي ساهت گهر ـ ڪتاب نمبر 257

ڪتاب جو نالو: سُخنِ اعجاز
[ڪلام حضرت سيّد محي الدين شاهہ "اعجاز" سائين راشدي]

سهيڙيندڙ: استاد صاحبڏنو ميمڻ ۽ صوفي صابن
ڇاپو: اداري پاران پهريون 2013ع
ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ
ڪمپوزنگ: راڻو خان ميگهواڙ سورج پرنٽرس، حيدرآباد
قيمت: -/1000 (هڪ هزار رپيا)

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

سيد آرڪيڊ، عبرت گهٽي، حيدر چوڪ، گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ
Ph: 022-2780701 Mob: 0300-3946518
پوسٽل ائڊريس: پوسٽ باڪس نمبر 58، جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد، سنڌ

- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد. 022_2633679
- پنائي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد. 0345_3587391
- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو. 0307_3471205
- عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر. 071_2007402
- المنعم لئبرري 17_پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڪالوني ذوالفقار باغ لاڙڪاڻو 0333_7541193
- المهراڻ ادبي گهر، ٽاٽو روڊ، سانگهڙ. 03000_2913588
- العزيز ڪتاب گهر، ٽر بازار، عمرڪوٽ. 0238_570345
- ڪاٺياواڙ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي. 2638025, 2218025
- مهراڻ ڪتاب گهر، گهنٽي ٽاور، لاڙڪاڻو 0300_3431374
- وحيد محسن، وسيم ڪتاب گهر، لکي در شڪارپور
- مجاهد نيوز ايجنسي، لکي در شڪارپور
- ايس. اي بُڪ ڪارنر، سامهون وومين ڪاليج، اردو بازار ڪراچي
- ڪنگ پن ڪتابي ميلو پريس ڪلب، حيدرآباد

SUKHAN-E-AIJAZ

(A Poetry of Hazrat Sayed Muhee-ul-Din Shah "Aijaz" Saien Rashdi)

Compiled by: Ustad Wahibdino Memon & Sufi Saban
Published by: Naz Sanai
Chairman
Sindhi Sahat Ghar, Hyderabad, Sindh.
1st Edition 2013
Book No: 257
Price Rs. 1000/=

ٻه اکر

پير راشدين جي ڳڙم مان سيد محي الدين شاهه راشدي، جيڪو سڄي سنڌ ۾ اعجاز سائينءَ جي نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. پنهنجي ڪاني ڪرامت ۽ معجزن ڪري مشهور ناهي پر سندس ڪلام ڪري، هن سڄي سنڌ جي رهواسين جي دل ۾ جيڪا جاءِ جوڙي آهي اُها ٻين ڪيترن ئي پيرن فقيرن کان مٿانهين آهي.

اعجاز سائين پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي فڪر، پنهنجي دل جي ڳالهه جنهن دلفريب انداز ۾ بيان ڪئي آهي، ان جو اندازو ته سمورا پڙهندڙ ڪتاب مان ئي لڳائي سگهندا. پر منهنجو خيال آهي ته اعجاز سائين ڪي سندن ڪلام جي اشاعت کان اڳ ئي جڏهن اهو ماڻهن جي زبانن تي هو، مختلف فنڪارن طرفان ڳايو پئي ويو، هڪبئي کي ٻڌايو پئي ويو تڏهن ئي مقبوليت ماڻي چُڪو هو ۽ ان مقبوليت ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ايندو رهيو آهي.

اعجاز سائين جو ڪلام سندس زندگيءَ ۾ نه اچي سگهيو. اُنَ جا فقير فقرا، چاهيندڙ محفلن ۾ هُن کي ٻڌندا رهيا ۽ لکندا رهيا. سندن وفات کان پوءِ سندس ٻن چاهيندڙن ۽ محبت ڪندڙن استاد صاحبڏنو خاڪي ميمڻ ۽ صوفي صابن، ان جي ڪلام کي پيار ۽ محبت مان سهيڙيو پر انهن ٻنهي جي زندگيءَ به انهن سان نباهه نه ڪيو ۽ وڃي آرامي ٿيا. سندن وفات کان پوءِ بزم اعجاز نيو سعيد آباد، ست اٺ سال اڳ ان کي خوبصورت نموني ڇاپائي پڌرو ڪيو پر اُهو عام پڙهندڙن تائين نه پهچي سگهيو ۽ سنڌ ۾ اعجاز سائين جا چاهيندڙ رڳو پڇائيندا ئي رهيا ۽ پنهنجي اُڃ نه اجهائي سگهيا.

جيتوڻيڪ ان جا ڪي اختصار پڻ ڇاپيا ويا پر پوءِ به محبت رکندڙ ماڻهو 'سخن اعجاز' کي ڳوليندا رهيا. 'سخن اعجاز' کي مڪمل طرح سان سنڌي ساهت گهر طرفان ڇاپيندي ادارو سرهائي ٿو محسوس ڪري هن کان پوءِ اعجاز سائينءَ جي زندگي، فن ۽ فڪر تي هڪڙو شاندار ڪتاب پڻ ڇاپايو ويندو ۽ اُن سلسلي ۾ ڪيترن ئي ليکڪن کي مضمون ۽ مقالا تيار ڪرڻ جي گذارش ڪئي وئي آهي ۽ ان لاءِ دعوت عام آهي، جيڪو به اعجاز سائينءَ تي مضمون يا ڪو مقالو تيار ڪري موڪليندو ته ادارو سندس ٿورائتو رهندو.

حيدرآباد، سنڌ
20 سيپٽمبر 2013ع

ناز سنائي
03003946518

فهرست

نمبر شمار	مضمون	صفحو
١	مهاڳ	٥
٢	مؤلف جي گذارش	٧
٣	شجرۂ راشديہ	١٠
٤	سوانح حيات	٢٤
٥	ذڪر تصور	٣٩
٦	عشق امانت	٥٠
٧	باب پهريون:	٥٥
٨	توحيد	٥٦
٩	شانِ رسول	٦٢
١٠	شانِ علي	٦٩
١١	ڪيڏارو	٩٨
١٢	پيرِ مغان	١٠٦
١٣	حقيقت	١٣٢
١٤	همہٗ اوست	١٥٤
١٥	باب ٻيو:	١٧٣
١٦	سونهن صورت	١٧٤
١٧	المجاز	٢٠٦
١٨	زلف	٢٢٥
١٩	رمزات دل	٢٣٦
٢٠	محبت مضمون	٢٦١
٢١	اکيون ديد	٢٦٤
٢٢	عشق عاشق	٣٢١
٢٣	فقير. صوفي. جوڳي	٣٩٠
٢٤	باب ٽيون:	٤٠٤
٢٥	نوري جام تماچي	٤٠٥
٢٦	سسئي	٤٠٨
٢٧	ليلا	٤٢٤

٢٨	مارئي	۴٢۵
٢٩	گهاتو	۴۴١
٣٠	سهڻي	۴۴٢
٣١	ڪاپائتي	۴۴۵
٣٢	مومل راڻو	۴۴٧
٣٣	هجر فراق	۴۵٠
٣۴	وصل وصال	۴٨٦
٣۵	مئي جام ساقي	۴٩٨
٣٦	مليهار	۵۴٢
٣٧	ڪانگ قاصد	۵۴٧
٣٨	حق الهدايت	۵۵٧
٣٩	**باب چوٿون:**	۵٧٢
۴٠	سرائڪي متفرقات. سه حرفي	۵٧٣
۴١	اردو هندي	٦٢٩
۴٢	ڪلام سائين امان الله شاهه	٦۴٧
۴٣	**باب پنجون (بيت):**	٦۵٢
۴۴	وحدانيت	٦۵٣
۴۵	همه اوستي	٦٦١
۴٦	همه حقيقت	٦٦۵
۴٧	ڪيڏارو	٧١٣
۴٨	عشق عاشق	٧١۵
۴٩	ساقي جام	٧٢۵
۵٠	مجاز	٧٢٧
۵١	مارئي	٧٣٣
۵٢	سارنگ	٧٣۵
۵٣	ليلان چنيسر	٧٣٩
۵۴	مومل راڻو	٧۴۴
۵۵	نوري جام تماچي	٧٦٦
۵٦	سسئي جا سور	٧٧۵
۵٧	متفرقات	٧٩١

بسم الله الرحمٰن الرحيم

حق موجود # مهاڳ سدا موجود

مرڻا اڳي جي مئا سي مري تين نہ مات
هوندا سي حيات، جيئا اڳي جي جيئا

مرشدنا بابا سائين محي الدين شاهہ راشدي تخلص اعجاز ۽ بهلول جن جو ڪلام مطالع بعد معلوم ٿيو تہ سائين جن جو ڪلام معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان تمام مٿاهون ۽ اعليٰ آهي. هن ۾ حقيقت، فنا في الهادي، ثنا، سوز گداز، سڪ، حب وحدانيت، همئہ اوست، مجاز، هر لحاظ کان بهتر طريقي سان سمايل آهي. تصوف جي جهلڪ تمام نمايان آهي. مذهبي ۽ دينوي وحدانيت جو درس پڻ ڏنل آهي.

سائين جن جي ڪلام ۾ بحر و زن ۽ ڪافيا هڪ الڳ انداز ۽ منفرد طريقي سان بيان ڪيل آهن جيڪي شايد ئي ڪنهن جي حصي ۾ آيا هجن. اعجاز سائين جي ٻولي ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن جي دلين ۾ سحر انگيزيءَ سان آستانو ڪري ٿي.

خدا جي ذات بابرڪات هر دور ۾ انسان ذات جي لاءِ انبياءِ عليهم السلام ۽ اولياءِ ڪرام پئي موڪليا، تہ جيئن اهڙا چاڻ انسان کي الله جہ جي عرفان کان واقف ڪن ۽ پنڪيل انسانن کي قرب الاهي حاصل ڪرائي سگهن جهڙي طرح قرآن شريف ۾ آهي تہ:

يايها الذين آمنوا اتقوا الله وتبغوا اليہ وسيلتہ وجاهدو في سبيلہ لعلکم تفلحون.
يعني اي ايمانہ وارؤ! الله ڏي ڌيان ڏيو ۽ ڏانهس وسيلو ڳوليو ۽ سندس راهہ ۾ ڪوشش ڪريو تہ جيئن افلاح يعني منزل مقصور کي پهچي وڃو. (پ6 سوره مائده ع6)

اهڙي طرح سان حضرت سيد محي الدين شاهہ اعجاز رحہ بہ انهن عاشقن منجهان هڪ اهل الله آهي جيڪي پاڻ تصوف جي سلسلہ جا وسيلا ۽ امام آهن جنهن پنهنجي شاعري ۽ نظم ذريعي تبليغ ڪئي آهي جيئن پاڻ فرمايو اٿن تہ:

وٺ واٽ بصيرت وارن جي
حق ساڻ هڪا، هڪ پارن جي

هن ڪلام جو مواد اسان کي سندن ئي حياتيءَ ۾ محفوظ ۽ اکر بہ اکر درست ٿي مليو آهي. اسان جي وڏي خوشنصيبي ۽ سندن ڪرم آهي جو سندن بياض سهيڙيل ۽ اصلاح ٿيل صورت ۾ مليو. اسان شڪر گذارآهيون استاد محمد صاحب ڏنہ (خاڪي) ۽ استاد محمد عالم لغاري جن جا جن ڪتاب

جي ترتيب، مقدمو، سوانح عمري، راشدي خاندان جو شجرو ۽ سائين جي زندگيءَ جي باري ۾ ذڪر فڪر لکيو آهي، جن ڪتاب جي ڇپائي ڪان پ اڳاٽي سال اڳ بياض گڏ ڪري اسان کي ڪتاب جو مواد فراهم ڪيو.

سائين جن جي اعليٰ فڪرکي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهو ٻهراڙي، جهر جهنگ، شهر توڙي مختلف مذهبي خيال سان واڳيل روحانيت ۽ محويت سان ٻڌن ۽ سمجهن ٿا. سائين جن جو ڪلام شايع ٿيڻ کان اڳ سندن عقيدتمندن وٽ وڏي تعداد ۾ قلمي نسخي طور موجود آهي ۽ انهن شائقن ٻين قرب وارن تائين رسائي ڪتاب جي ڇپائيءَ کي ضروري بنائي ڇڏيو.

آئون تورائتو آهيان نانا نظير احمد ميمڻ جو جنهن اُستاد صابن خاڪي ۽ محمد عالم جي وفات کان پوءِ رسالي کيَ شايع ڪرائڻ، پروف چيڪنگ، مطلب هر لحاظ کان فرض نڀايو. سائين جن جي شائقن، محبت وارن جو مشڪور آهيان جن ڪتاب کي منظر عام تي رسائڻ لاءِ مالي اصلاحي سهڪار ڪيو.

حقيقت ۾ سائين جهڙن عظيم صوفي رهنمائن جي نياپي کي رسالي جي صورت ۾ سندن حياتيءَ ۾ پيش ڪجي ها. ان لاءِ اسان وٽ تنظيمون ۽ وسائل موجود آهن پر افسوس عمل ناهي.

هي ڇاپو "سخن اعجاز" کي تخليق ڪندڙ ڏانهن، هن کي سمجهڻ وارن عقيدتمندن ۽ راڳي فنڪارن ڏانهن منسوب ڪجي ٿو.

راقم الحروف

سيد سجاد رسول شاهه

18-9-2003

خميس 20 رجب المرجب 1424

مؤلف جي گذارش

نحمده و نصلي علي رسولہ الڪريم

گذارش آهي تہ آئون عاجز مؤلف 1957ع کان اڳ حضرت بابرڪت ماه منير سيد محي الدين شاھ عرف اعجاز علي شاھ راشدي، پير جھنڊي واري جي سوانح حيات ۽ سندن شعر و سخن جو شيدائي ٿي رهيو آهيان. سندن صغيرائي کان وٺي وصال تائين گڏ رهيو آهيان. هي خادم مؤلف، سائين اعجاز علي شاه سان سفر، حضر، زندگي جي هر لمحات توڙي ڏک سک ۾ گڏ رهيو آهي. گڏ رهڻ سبب سندن چيل ڪلام سال 1945ع کان وٺي ٻڌندو ۽ چوندو رهيس، سندن ڪلام انڊيا جي ڳانن جي ڏن تي فقيرن کان ٻڌندو بہ رهيس ۽ چوندو بہ رهيس. ڪاليج جي ٽريننگ واري عرصي ۾ شعر جي بحر وزن، ڪافيہ، رديف ۽ علم عروض جي ڄاڻ هئڻ سبب اعجاز علي شاھ جي شعر ڪي، پنھنجي ڄاڻ سارو پرکي پروڙي سگھيس. سندس سمورو ڪلام جيڪو 1945ع کان وٺي ڇپائون، اهو سمورو ڪلام، سندن هٿ اکرن جي صورت ۾ گنج جي صورت ۾ مون وٽ موجود آهي. ۽ ان شعر ۽ ڪلام کي سائين اعجاز علي شاھ جي رهبري ۽ پنھنجي ڄاڻ مطابق 1967ع کان وٺي 1982ع تائين سندن هٿ اکر لکيل ڪلام کي هڪ هڪ ڪلام جي اصلاح ڪرائي رجسٽرن جي صورت ۾ ڪين لکي ڏنم. جيڪو 6/7 وڏن رجسٽرن تي مشتمل آهي، سو منھنجي هٿ اکرن سان لکيل. سائين اعجاز علي شاه جن وٽ محفوظ آهي. جنهن ۾ حمد باري تعاليٰ، حضور جن جي شان ۾ نعت، پنجتن پاڪ جي ثنا، تصوف حقيقت، ساقي مزاج، رومانوي آکاڻين، جھڙوڪ سسئي پنھون، سهڻي ميهار، نوري ڄام تماچي، ليلان چنيسر، عمر مارئي، مومل راڻو، وغيره جي ڪردارن جي صورت ۾ حقيقي رنگ ڀريو اٿن. ان کان سواءِ ناصحانہ ۽ زماني جي موجوده حالتن جو پڻ پرچار ڪيو اٿن. اهو سمورو ڪلام سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ هندي ٻولين ۾ چيو اٿن. ان بعد 1982ع کان وٺي اڄ تائين (1998ع) جيڪو ڪلام ڇپائون اهو بہ مون کي روبرو وهاري، پنھنجي دهن مبارڪ سان ٻڌائي لکايائون اهو بہ منھنجي هٿ اکرن سان لکيل وٽن موجود آهي. پاڻ جڏهن جون 98ع ۾ بيمار ٿيا ۽ انهي بيماري ۾ وصال ڪيائون. ان بيماريءَ جي حالت ۾ وصال کان 3 (ٽي) ڏينهن اڳ 13 جون 98ع نسيم سينٽر حيدرآباد جي VIPروم ۾ رات جو 2 بجي ۽ ٻيو ڪلام 15 جون 98ع لياقت ميڊيڪل اسپتال حيدرآباد ۾. گردن واري وارڊ ڪمره نمبر 1 ۾ سومر جي رات 2 بجي ڪلام لکايائون (هڪ 13 جون ۽ ٻيو 15 جون) اهو سندن آخري ڪلام ۽ آخري پيغام هو. جنهن ۾ پاڻ وصيت ڪري لڏ ۽ لڇ الله پاڪ جي حوالي ڪري، هن فاني جهان جو سفر پورو ڪيائون. سندن روح 16 جون 98ع ساڍا ٽي بجي شام جو حيدرآباد مان موٽندي ڇٽنل واھ ۽ باءِ پاس روڊ جي ٽي ايڊي ايمبولنس ۾ پرواز ڪري رب العزت جي درگاھ ۾ حاضر ٿيو.

انا لله وانا اليہ راجعون

آئون سندن زندگي جو ساٿي، مريد، خادم، نيازمند ٿي رهيس، سندن راز، محبت ۽ قرب جو

شرف حاصل اٿم. دنيائي ڪمن ڪارين ۾ سندن زمين جي سنڀال يا مخفي صلاح مشورن ۾ مطلب ته هر حال خيال جو مجمع آهيان. منهنجي جيءَ کي پاڻ جيارياٿون. اهو قلبي ڏيئو روشن آهي ۽ باقي زندگي تائين روشن رهندو. انشاء الله تعاليٰ. آئون سندن ئي دم سان جيئان ۽ هلان پيو. انشاءالله باقي زندگي جا ڏينهن سندن ٻڌايل ۽ ڏيکاريل شمع جي روشني ۾ بسر ڪندس.

سائين اعجاز علي شاه جي خاندان سان تمام گهڻو تعلق رهيو آهي. سندن وڏو ڀاءُ حضرت بابرڪت ماهه منير، روشن ضمير سائين الحاج حافظ محب الله شاه جن جو پڻ قرب ۽ محبت ۽ صحبت حاصل اٿم ۽ سندن فرزند ياسين شاهه مون وٽ سنڌي تعليم پڙهيا آهن، ان سان گڏ وڏن جي عقيدت مندي جي باعث وڏي نوازش سان ڏسن ۽ ملن ٿا.

آئون مؤلف حقير محمد صابن (صاحبڏنه) ذات ميمڻ ويٺل پنجمورو، تعلقه هالا، ضلع حيدرآباد جو ساڪن آهيان. 33 سال پرائمري استاد ٿي رهيو آهيان. شعر و شاعري ۽ سخن منهنجو من گهريو مشغلو آهي. حقيقت ۽ حال ۾ مرشد سائين اعجاز علي شاهه جن جي نظر شفقت جو نوازيل آهيان. منهنجو تخلص خاڪي به 1958ع ۾ سندن ئي رکيل آهي.

ناظرين حضرات! مٿي ذڪر ڪيل احوال مان بخوبي معلوم ٿيو ته سائين اعجاز علي شاهه جن جو جملہ ڪلام (ڪافيون ۽ بيت) استاد محمد صابن (خاڪي) 6/7 رجسٽرن تي قلم بند ڪيو آهي. خاڪي صاحب سان منهنجي ڏيٺ 1951ع ۾ سندن ڳوٺ پنجمورو ۾ ٿي. ان وقت کان وٺي ڪانئس سائين اعجاز علي شاه جا ڪلام ٻڌڻ جا موقعا ملندا رهيا. سائين اعجاز علي شاه جن جي زيارت جو پهرئين ڀيري 1962ع ۾ ذوالحج مهيني جي 11 تاريخ ڳوٺ ڇن بابو لڳ اسٽيشن نواز ڏاهري ۾ شرف حاصل ٿيو. ان کان اڳ ساڻن ڏيٺ ويٺ ڪانه هئي. ان پهرين ملاقات ۾ ئي قرب جو ڪمند اهڙو وجهي ڇڏيائون، جو دير سوير سندن قدم بوسي لاءِ اچڻ وڃڻ ٿيندو رهيو. پاڻ سدائين مهر شفقت سان ملندا رهيا. ان سان گڏ سندن فرزندن ۽ فقراءَ جو قرب محبت تاحيات نه وسرندو...!!

المقصد 1993ع ۾ هڪ ڏينهن آئون سعيد آباد ۾ سائين اعجاز علي شاهه جي مئيخانه تي ويس، جتي سائين اعجاز علي شاه ۽ سندن وڏو فرزند ارجمند سائين امان الله شاه ويٺا هئا، سائين امان الله شاه، سائين وڏي کي چيو ته ڪتاب جيڪي استاد محمد صابن لکيا آهن، انهن جي صرف هڪ ڪاپي آهي. اجازت ڏيو ته انهن رجسٽرن جون ٻيون ڪاپيون لکائي ڇڏيون. ڪِن رجسٽرن جا پنا ضعيف ٿي پيا آهن، اهي نوان ٿي پون ته بهتر ٿيندو!! گهڻي اسرار کان پوءِ اجازت ملي. ان بعد سائين امان الله شاه اهو ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ مون کي چيو. مون وڏي شوق سان اها ڳالهه قبول ڪئي. لهــذا رجسٽر منهنجي حوالي ٿيا. مون سيني رجسٽرن جو مواد هڪ ڪلام هڪ پني تي لکي پورو ڪيو ۽ فوٽو ڪاپي ڪرائي سائين جن جي حوالي ڪيم. 550 (پنج سو پنجاه) ڪلام ٽن جلدن ۾ ٿيا. ۽ 775 بيت به فوٽو ڪاپي ڪرائي، سائين جن جي خدمت ۾ پيش ڪيم. انهن جي هڪ ڪاپي يادگار لاءِ مون پاڻ وٽ رکي.

نيازمند محمد عالم لغاري

ساڪن سعيد خان لغاري تعلقه هالا 8-9-1998

مقدمو ۾ ان بابت فرمان هدايت

سال 59-1960ع ۾ هر روز شام جو اعجاز سائين ۽ آئون سعيد آباد سيد احمد شاه جي آستانہ اسپتال تي ايندا هئاسون. پاڻ ڳوٺ مهر شاه درگاهہ جا رهاڪو هئا. اتي سيد نور محمد شاه ڳوٺ وڏيرو پيرو ڳاهو لڳ پليڊنو ڪاڪو وارا پڻ ايندا هئا. ڪيترا ڏينهَن راتيون عشق محبت، شعر و شاعري جون رهاڻيون رچنديون رهيون ۽ سعيد آباد ۾ بيا ڪيترا دوست فقير پڻ اينذا رهندا هئا.

هڪ دفعي حضرت پير سائين موجوده سائين سڪندر علي شاهہ جن جي دعوت سيد غوث علي شاه جن ڪرڻ فرمائي. شهر لڳ سندن باغ ۾ انتظام رکيل هو. اتي قناط ۾ طنبو ٻاهران اسان سيني سڄي رات پير سائين جن جي خدمت ۾ بنا سازن جي ڪلام ڳايا. سيد احمد شاه سائين ۽ سيد نور محمد شاه سائين پڻ گڏ هئا. اهو وقت محبت جو وسرڻ جو نہ آهي. ان ڪان سواءِ شهر نيو سعيد آباد ۾ رئيس اميد علي خان ذات دل پڻ شاعر ۽ سٺو صحبتي هو. جيڪي هن وقت وصال فرمائي ويا آهن. ان جي پڻ اعجاز سائين جن سان دلي محبت هوندي هئي ۽ 1959ع ۾ ٻہ ٽي مشاعره ڪرايائين. جن ۾ سائين اعجاز سميت اسين شامل هئاسين ۽ استاد محمد عالم لغاري توڙي انَ جا عزيز پڻ ۽ بيا ڪيترا مشاعرن ۾ شامل ٿيندا هئا. هڪ طرح مصرع ياد آهي تہ: جا عمر باقي اٿئي سا آه و زاري ۾ گذار.

ان طرح تي سيني شعر چيا.

زماني جي عجيب حالتن ڦيرو ڪاڏو. سڀ دوست احباب پنهنجي پنهنجي رمزن رنگن ۾ وڃي محو ٿيا. وري اهڙو پيار پريو ۽ نہ وسارڻ جهڙو موقعو اڄ تائين ميسر نہ ٿيو آهي.

افسوس هاءِ ظالم زمانا! تو ڪري پوريون ڇڏيون
نيڻ رئاڙيئي نت نيرانا توڪري
(1) ياد ڪريو اڄ بہ لرزن تا زمين و آسمان
ڪربلا وارا افسانا توڪري پوريون ڇڏيون
(2) چوٽ جن ڪي تو ڏني دَرِ دَرِ سٺائي ويا
اهي درد وارا داستانا توڪري پوريون ڇڏيون
(3) هر گهڙي هر جاءِ تنهنجا ظلم، ضد ۽ زنگ ڏسي
تو پري اعجاز جانا تو ڪري پوروين ڇڏيون

جهنڊي واري راشدي خاندان جو شجرو

جيئن تہ هتي آئون حضرت سيد محي الدين شاه عرف اعجاز علي شاه راشدي جهنڊي واري جو بيان ۽ زندگي جو احوال لکندس. ان ڪري سندن خاندان جو شجرو ۽ راشدي جهنڊي وارا ڪيئن سڏيا، ان جي وضاحت ڪندس.

شجره

حضرت ماه منير روشن ضمير سيد محي الدين شاه عرف اعجاز علي شاه بن حضرت ماه منير سيد احسان الله (سنت ڌڻي) بن حضرت روشن ضمير سيد رشدالله شاه (خلافت ڌڻي) بن حضرت ماه منير سيد رشيد الدين شاه (بيعت ڌڻي) بن حضرت روشن ضمير بابرڪت سيد محمد ياسين شاه (جاين وارا) بن حضرت فيض مآب محلي الالقاب، روشن ضمير سيد محمد راشد شاهہ (روضي ڌڻي) رحمہ الله عليہ

راشدي (جهنڊي وارا ڪيئن سڏيا)

معلوم هجي تہ هن خاندان جو مؤسس (بنياد يا پايو وجهندڙ) مٿيون حضرت پير سيد محمد راشد شاه (روضي ڌڻي) رحمہ الله عليہ آهن. ان ڪري سندن اسم مبارڪ (نالي مبارڪ) راشد جي ڪري ئي هي خاندان راشدي سڏجڻ ۾ آيو. سندن جيڪو بہ اڄ تائين اولاد آهي، اهي سڀ راشدي پير سڏيا وڃن ٿا.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد شاهہ جن ڪل چار شاديون ڪيون، انهن مان هڪ شاديءَ مان وڏو فرزند حضرت پير سيد صبغت الله شاه جن هئا، جن کي پڳ عنايت ٿي. انهن جو اولاد اڄ تائين پير پاڳارا خاندان جي لقب (خطاب) سان سڏيا وڃن ٿا. جن جو هن وقت اڄ حضرت پير سائين سيد سڪندر علي شاه (شاهہ مردان شاه) ثاني پاڳارا آهن ۽ ٻي شادي مان ٻيو نمبر وڏو فرزند حضرت پير سيد محمد ياسين شاه (جاين وارا) جن هئا، جن کي خلعت ۾ جهنڊو عنايت ٿيو، ان ڪري سندن جيڪو بہ اولاد آهي، اهي جهنڊي وارا راشدي خاندان جي نالي سان مشهور آهن.

هن ڪان پوءِ آئون راشدي جهنڊي وارن يا پير جهنڊي وارن پيرن جو احوال ۽ سندن بزرگي، علم ۽ درسگاهن جو احوال عرض رکندس، جنهن خاندان جو چشم و چراغ حضرت سائين سيد محي الدين شاه عرف اعجاز علي شاه جن جي زندگي آهي.

جهنڊي واري راشدي خاندان جو ڇهريون سجاده نشين (پڳدار) حضرت پير محمد ياسين شاه رح

جڏهن کين درگاه شريف روضي ڌڻيءَ رح تان ورهاست ۾ جهنڊو عنايت ٿيو تہ پاڻ اتان هجرت ڪري ڳوٺ فريد آباد ويٺا. جتان شاه جي ڳوٺ آيا. اتان هجرت ڪري اچي ڳوٺ وڳڻ تعلقہ رتي ديره ضلع لاڙڪاڻي ۾ ويٺا. ڪجهہ وقت بعد کين اتان لڏڻو پيو ۽ اچي باقراڻي لڳ ٽلاهہ شريف جي ڳوٺ ۾ ويٺا. سندن مزار شريف پڻ ٽلاهہ شريف ۾ آهي ۽ اتي جايون ٺهرايائون. منشا ايزديءَ کين اتي بہ ويهڻ نہ ڏنو. پاڻ اتان عيال سميت روانا ٿيا موجوده ڳوٺ پير جهنڊي واري ڳوٺ ۾ رهڻ جو ارادو ڪيائون. جيئن تہ اها زمين هالا وارن مخدوم صاحبن جي هئي، جن کان اجازت وٺي اتي جايون ٺهرايائون ۽ ڳوٺ ٻڌي اچ تائين سکونت پذير آهن. ان ڪري کين (پير سائين جاين وارا) خطاب سان سڏيو وڃي ٿو. سندن ملفوظات مڪمل طرح مون وٽ موجود آهن. جيڪا پير حاجي هدايت الله شاه راشدي گڏ ڪئي، جيڪا ناشر محمد حسن ترڪ سيڪريٽري شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد طرفان شايع ڪرائي وئي. هن ۾ شريعت بابت مسئلا، هدايتون ۽ ناصحانہ اقوال سهيڙيل آهن. پاڻ علماءَ سان گڏ اهل الله روحاني رهبر پڻ هئا ۽ وقت جا روحاني شاعر پڻ هئا. سندن ٽيهن ڏينهن تي ٽيهہ بيت ٺهيل آهن. جن جو مثال هڪ بيت ڇهريون ۽ بيو بيت ٽيهون عرض رکان ٿو. ملاحظ ڪيو:

ڇهرئين ڏينهن (1)

ڇهرين ڏينهن ڇرين رڻ هئي ساهہ گهڻي سختي
دم، دم، در دانهون ڪري روح اها رختي
جي بخت ڏئي بختي . تہ ملان محبوبن کي

ٽيهين ڏينهن (2)

ٽيهينءَ ٽڪاڻا - آيم ياد عجيب جا
سي ڪڏهن وسرن ڪينڪي - هي جي حبيبن هاڻان
ي . ا . س . ي . ن چوي يار لاءِ . ٿيا نجهر نماڻان
صاحب سياڻان - ميڙ تہ مانداڻي لهي

ان کان سواءِ بہ بيت ۽ 14 ڪافيون ملفوظات ۾ مڪمل آهن.

الراقم الحروف

فقير صوفي صابن "خاڪي" ميمڻ

پنج مورو

باب پنڌرهون

فصل پهريون

منجهہ عشق ۽ محبت بي قراري مالڪ جي

نقل ڪندڙ محمد جعفر ويٺل ڳوٺ ڪرم جو . پاڻ فرمايائون تہ مجني ڪان پڇائون تہ قرآن پڙهيو آهين، تنهن چيو تہ هائو جي پڙهہ تڏهن پڙهيائين. سبحان الذي اسري بعبده ليلا چي اڳتي پڙهہ چي بس قرآن ليلان تي پورو ٿيو تڏهن چوندا هوا تہ ادا يارو ظاهري عاشق ڪي ايتري سچائي آهي تڏهن الله تعاليٰ جي عاشق ڪي تہ وڏيڪ سچائي رکڻ گهرجي.

نقل ڪندڙ فقير مٺيون تہ قيامت جي ڏينهن الله مجني ڪي دوزخ جي هڪ پاسي وهاريندو ۽ ٻي پاسي ليلان ڪي پوءِ جڏهن مجني جي اک پوندي ليلان تي تڏهن ڪاهي پوندو دوزخ ۾ پوءِ دوزخ چوندو تہ ڪيو هن ڪي جو مون ڪي ٿو ساڙي تڏهن الله تعاليٰ چوندو پنهنجن عاشقن ڪي تہ ڏسو ظاهر جو عاشق مخلوق جو تنهن ڪان دوزخ ٿو دانهون ڪري ۽ اوهين ٿا دوزخ ڪان ڊڄو ائين چئي فرمائيندا هئا تہ ادا يارو. دعويٰ ٿا رکو الله تعاليٰ جي عشق جي پر جيسين تائين ٻانهون ٿو بهشت طلبي ۽ الله تعاليٰ جي مرضي دوزخ ڏي هن جي مرضي آهي وصال ڏي الله تعاليٰ جي مرضي هئي فراق ڏي تيسين تائين دائمي مرضي جي عاشق ڪي گهرجي تہ الله تعاليٰ جي مرضي جو طالب هجي اهڙو حال آهي اوهو جيڪو معشوق جي مرضي ۽ فراق ۽ دوزخ اوهو آهي جيڪا هن جي مرضي آهي يعني معشوق مرضي وارو دوزخ ۾ بهشت آهي.

نقل ناقل ساڳيو تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ پتنگ ڪي ڇا مجال آهي جو مچ ڪان پاڻ جهلي پر ڪا ساعت مچ پنهنجا شعلا ڊرا ڪيا هوا هن تنهن ڪري ايترو جهليو جنهن مهل الا اڏاٽا تنهن مهل پتنگ ائين مچ ۾.

نقل ناقل فقير ساڳيو تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ:

جان جان مالهڙي ڇڄي ڇمڪو نہ ٿئي تان تان ڳالهڙين پرين پنهنجو نہ ٿئي

فصل ٽيون

منجهہ وصال ڪرڻ انهين حضرت قدس الله سره جي

نقل ڪندڙ هي مسڪين تہ پاڻ سڳورن وفات فرمائي تاريخ پنڌرهين مهينو رجب سنہ75هہ ٻارهن سؤ پنجهتر هجري ڏينهن ڇنڇر جو وقت اشراق جي. انهين وقت منجهہ ٽي فرزند ساڻ هوا. هڪ پير

رشيدالدين شاه ٻيو هي مسڪين حاجي هدايت الله شاه ٽيون پير ميان صديق رسول شاه ۽ سندن خواهر زادو پير ميان عبدالرسول شاهہ بہ ساڻ هو ۽ خليفا گهڻان صحبت ۾ هواَ خليفو مراد علي نظاماڻي ان وقت وڏو هو. انهن مڙني جي مشورت سان اتر ڏي موٽڻ ٿيو راڃي خاناڻي جي شهر ۾ ڪين غسل ڏيڻ ٿيو ۽ راڃي نظاماڻي جي ڳوٺ ۾ ڪين اڇي مدفون ڪيائون اصل سندن مرضي بہ ائين هئي جو فقيرن نقل ڪيا تہ پاڻ اها جاءِ ڏسي چيو هوائون تہ ڪي ڏينهن اڇي هت وهنداسين. پوءِ ٻارهن مهينان اتي زهڻ هو پوءِ سندن وڏو فرزند پير فضل الله شاه سندن جسم مبارڪ ڪي ڪڻائي اڇي جاءِ ڪرائي ٺلاه مبارڪ تي جاتي اجان سوڌو روضو مبارڪ آهي. پاڻ سفر ۾ هوا مريدن خدا جا اسم وجهي چاڙهيا هوا ربيع الاول ۾ پاڻ جاءِ تڻون چڙهيا هوا ساڍا چار مهينا سفر ڪيو هوائون جو وفات فرمايائون. انا لله وانا اليہ راجعون

فقط مورخہ 5 جمادي الاول 46ھہ 13

ڪافي نمبر تيرهون

رڪ پنهنجي منجهہ پناهہ غرضن وو غير جي ڪان

1. من شر ما خلق جي شر ڪي منهنجا سائين مان ڏهون، ڪر منعاه.
2. بخشيو ۽ بخشيائيو منهنجا سائين هن گولي جا تہ گناهہ.
3. پرتي اٿو وو سيين پرئين منهنجا سائين هن ٻانهي سندي ٻانهن.
4. اهل ۽ اولاد ڪي منهنجا سائين سئين سمجهايو راه.
5. سيني ساڻ ووسيد ڪي منهنجا سائين دين ڏيو داناه.

جهنڊي واري راشدي خاندان جو ٻيو پڳدار

حضرت پير سيد محمد ياسين شاه (جاين وارا) رحمتہ الله عليہ جن جي رحلت بعد سندن وڏو فرزند حضرت پير سيد فضل الله شاه جن ٻيو نمبر پڳدار ٿيا. توريثي وقت ۾ ڪين حرن پاٻوڙي لڳ شهيدن جي پٽ تي شهيد ڪيو سندن مزار ڳوٺ پير جهنڊو ۾ آهي. ان بعد سندن شهادت بعد پڳ ٻئي نمبر وڏي ڀاءُ حضرت پير سيد صديق الرسول شاه (رح) جن ڪي ٻڌائي ويئي. پڳ ٻڌڻ بعد پنهنجي متي مان پڳ لاهي، حضرت پير سيد رشيد الدين شاه (ٻيعت ڌڻي) جن جيَ متي ۾ وڌي ۽ پڻ فرمايائون تہ اسان هيءُ پڳ ڪين ڏيون ٿا، ڪين سونهي ٿي. ۽ پاڻ ان جا لائق آهن.

حضرت پير سيد رشيد الدين شاه (ٻيعت ڌڻي) رحمتہ الله عليہ جن حضرت پير سيد فضل الله شاه جن جا سڳا ڀائر هئا.

ٽيون نمبر پڳدار جهنڊي واري راشدي خاندان جا

حضرت پير سيد رشيد الدين شاه (بيعت ڌڻي) رحمتہ الله عليہ پير سائين جاين وارن جا ٽيون نمبر وڏا فرزند هئا ۽ ٽيون نمبر پڳدار ٿيا. پاڻ وڏي مرتبي ۽ روحانيت جي فيض سان نوازيل هئا. جيتوڻيڪ عالم نہ هئا تہ بہ وڏا وڏا علماءَ سڳورا ڪانئن مسئلا حل ڪرائيندا هئا بيعت ڌڻي ان ڪري سڏيا جو جيڪو بہ سندن مريد ٿيندو هو، ان کي ذڪر ڏيڻ وقت (هٿ تي واعدو) بيعت وٺندا هئا تہ شريعت جي پيروي ڪندين سندن روحاني ڪافين جو مجموعو جيڪو ليٿو جي ڇاپي ۾ آهي، جنهن ۾ منڊ ۾ 11 بيت چار لوليون ۽ هڪ ڇلو شريف آهي ۽ جملہ 209 اکرين بہ سؤ نو نورِ هدايت ڪافيون آهن. ان ڪان سواءِ سندن ملفوظات مبارڪ پير سائين بيعت ڌڻي پير رشيد الدين شاه رحمتہ الله عليہ (ثالث جهنڊي وارو) ناشر حضرت الحاج پير سيد وهب الله شاه راشدي پير جهنڊي واري نشر ڪري عام فيض لاءِ جماعت ۾ ورهائي آهي. سندن جنم 1254هجري مطابق 1838ع ۾ ٿيو ۽ ٽيهٺ ورهن جي ڄمار ۾ 1317هجري مطابق 1899ع ۾ هن جهان مان رحلت فرمايائون. انا لله وانا اليہ راجعون.

سندن ڪلام جو مجموعو هن کان اڳ حيدرآباد جي سيٺ حاجي احمد پاٽوليءَ رهندڙ فقير جي پڙ واري 1911ع ۾ شايع ڪرايو هو. سندن مزار شريف ڳوٺ پير جهنڊو ۾ آهي، سندن نقل ۽ ڪجهہ ڪافيون ڦوٽو اسٽيٽ صورت ۾ عرض رڪان ٿو:

ڇلي جو بيان

تلهہ: سڻ ڇلي دي ڳالهہ ڇلا اڄ نهين ڪالهہ

1- سڻ ڇلي دا بيان نہ ها ملڪ مڪان
نہ ڪو رب رحمان نہ ڪو آدم انسان.
تڏاهن ٻڌيا دلال

2- ڪنز مخفي آها ڇلي آ جاڳايا
تڏاهن پيس رايا رايا ٿيا سجايا
بات ٿيس برحال

3- وڃون عدم ٿيا اظهار نور سيو نروار
سهڻي ڪيتا سينگار جڙ بڻ جنسار
جلوي دار جمال

-4 زلف والیل سیاہ جبین والشمس واضحیٰ
ابرو سجدہ گاہ مـژگان سورہ سپاہ
کوثر عین کمال

-5 انف تیغ عریان رزمگاہ رخدانُ
لب یاقوت مرجان لولو هن دندان
ذنخ حبس خیال

-6 حسن کیتا حکام تیا عشق امام
ان اعرف سرجام کرو جلد تمام
ري فرصت في الحال

-7 حسن ماریا دم چایا عشق علم
پردا ڦاڙ عدم ایجھا کرکي عذم
تیا ذوالجلال

-8 هستي تخت ٻٽیا موتي خلقت جڙیا
قدرت نال کڙیا شاهنشاهه چڙهیا
ناز کر نونهال

-9 سرتاج وحدت احد الله حشمت
لم یلد صفت صاحب صمدیت
بیحد بي مثال

-10 کیتس کن فرمان فیکون یک زمان
سارا جمله جهان کل دارین دوران
خواهش خالق دي نال

-11 بڻ وچون بیحد تي هویدا حد
سڀ ازل ابد جڙیا جان جسد
تیا شکل شمال

-12 کثرت وچون تي قسم کل قسم تي اِسم
شش جهات جسم رشید الدین ریت رَسم
بڻ تي برحال

(2)

تلهہ: اڪنديِ آهيان، واٽون نهاريان، موٽ مران ٿي محرم يار، ڪين وساريان.

(1) محبت ماري ڪٿي دل موڳي، جان جسو منهنجو تولئہ جوڳي، دم جدا توڪان دلبر ڏار.

(2) محب ملڻ لئہ ماندي دل موري، راتو ڏينهان جيءَ ۾ جهوري، تن ۾ تنهنجي تانگهہ تنوار.

(3) ساهہ سهڻل سائين توڪي ساري، پلپل پسڻ لئہ پورهيت پڪاري لهج سڪاين جي ڪا سار سنڀار.

(4) رشيد الدين تي ٿيو اوهين راضي، معاف ڪريو سڀ مديون ماضي، ڪيو ڪا وصل جي گويا گفتار

(3)

تلهہ: ڪيهو بير رنگي رنگ بنايو آ، بي مثل، مثل ۾ مايو آ.

(1) ظاهر باطن هر مظهر ۾، لعلڻ پاڻ لڪايو آهي.

(2) يسعني قلب المؤمن، سارو سر سمايو آ.

(3) الانسان سري سنجهہ اشارو، فائق اي فرمايو آ.

(4) رشيد الدين چوي رمز انهيءَ جي، هنيون حيرت ۾ آيو آ.

شجرو شريف پيران راشديہ (اصحاب العلم)

- عبد مناف
- هاشم
- عبدالمطلب
- ابو طالب
- 1- حضرت علي ڪرم الله وجهہ
- 2- حضرت امام حسين رضہ
- 3- حضرت امام زين العابدين رضہ

- 4- حضرت امام باقر رضہ
- 5- حضرت امام جعفر صادق رضہ
- حضرت امام موسيٰ ڪاظم رضہ
- حضرت امام علي رضا رضہ
- سيد شاه حسين رح
- سيد شاه عبدالله رح
- سيد شاه هارون رح

سيد شاه حمزه رح	سيد شاه ناصر الدين رح
سيد شاه عمر رح	سيد شاه مير علي رح
سيد شاه اسد الله رح	سيد شاه حسين رح
سيد شاه زيد رح	سيد بولڻ شاه رح
سيد شاه عباس رح	سيد سنجر شاه رح
سيد شاه علي مکي رح لکياري (وارد سنڌ)	سيد کٽڻ شاه رح
سيد شاهہ چکن رح	سيد عثمان شاه رح
سيد شاه حسين رح	سيد شڪر الله رح
سيد شاه محمد رح	سيد فتح محمد رح
سيد شاه محمود رح	سيد محمد امام رح
سيد شاه بهاءُ الدين رح	سيد محمد بقا شهيد رح
سيد شاه شهاب الدين رح	سيد محمد راشد رح (روضي ڌڻي)
سيد شاه فضل الله رح	سيد محمد ياسين رح (سائين جاين وارا) صاحب العلم الاول
سيد شاه عباس رح	سيد فضل الله شاه شهيد رح (صاحب العلم الثاني)

سيد رشيد الدين شاه (صاحب العلم الثالث)

سيد رشد الله شاه رح (صاحب العلم الرابع) خلافت ڌڻي

سيد ضياءُ الدين شاه رح (صاحب العلم الخامس)

سيد وهب الله شاه مدظلہ (صاحب العلم السادس) موجوده

سيد رشد الله شاه رح صاحب العلم الرابع کان پوءِ جهنڊي وارا راشدي خاندان جي پڳ ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي

حضرت پير سيد احسان الله شاه (سنت ڌڻي) صاحب العلم الخامس

حضرت الحاج حافظ محب الله شاه (صاحب العلم السادس)

سيد محمد ياسين شاه (صاحب العلم سبعت) موجوده

چوٿون پڳدار جهنڊي واري راشدي خاندان جا

حضرت پير سيد روشن ضمير رشد الله شاه (خلافت ڌڻي) رحمت الله عليہ جن ٿيا. جيڪي ثالث پڳدار حضرت پير سائين سيد رشيدالدين شاه بيعت ڌڻي جن جا وڏا فرزند هئا.

حضرت پير رشد الله شاه جن وقتن فوقتن ڪل پنج شاديون ڪيون. اولاد صرف ٽن شادين مان ٿيو. پهرين شادي ٻاهران مريدن مان ڪيل هين جن مان جملہ ڇهہ پٽ ۽ چار نياڻيون (معصوم) ڇاوا. جن مان هن وقت ڪوبہ زنده نہ آهي.

ٻاهران مريدن مان شاديءَ مان وڏو فرزند حضرت پير سيد ضياءُ الدين شاه جن هئا ۽ ٻي شادي پنهنجي چاچي حضرت پير فضل الله شاه شهيد جن جي نياڻيءَ سان ڪيائون. جنهن مان صرف هڪ فرزند حضرت پير سيد احسان الله شاه جن تولد ٿيا. جيڪي حضرت قبلہ سائين محي الدين شاه عرف اعجاز علي شاه جن جا والد محترم هئا ۽ پير سيد حضرت رشد الله شاه جن اعجاز سائين جا ڏاڏا هئا. پاڻ پنهنجي والد محترم صاحب جن سان سفرِ زندگي ۾ چاليهہ سال گڏ رهيا ۽ روحاني فيض حاصل ڪيائون. بلند درجي جا مفڪر، عالم، اهل الله هئا. انگريزن سال 1338 هجري ۾ مسلمان حڪومتن

جي زور پڇڻ لاءِ ترڪ ۾ شريف حسين جي خلافت لاءِ هندستان جي ڪن ويڪاؤ عالمن ڪان لالچ ڏئي صحيحون ورتيون، پر خلافت جو ترڪ ۾ حقدار وحيد الدين هو. ان لاءِ پاڻ تحريڪ شروع ڪيائون. جيڪا هندستان ۾ زور پڪڙي ويئي ۽ هندستان توڙي سنڌ ۾ جلسا ڪري تحريڪ کي عالمن ڪان رايا وٺي زور وٺارايائون. پاڻ ان تحريڪ جا اڳواڻ هئا ۽ ڪين خلافت تحريڪ جو اڳواڻ ڪيائون ان ڪري "خلافت ڏٺيءَ" جي خطاب سان مشهور ٿيا.

سنڌن ڪرامتن، ڪافين، غزلن توڙي سي حرفي روحاني رمزن ۽ راه هدايت سان محفوظ آهي ۽ پڻ سنڌن ملفوظات هٿ اکرن ۾ درگاهہ شريف پير جهنڊي ۾ موجود آهي. سنڌن وصال بعد پڳ تان تڪرار سال1922ع ڪان 1937ع تائين برطانيہ حڪومت وٽ لنڊن ۾ هليو ۽ جهنڊي واري راشدي خاندان جي پڳ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي ۽ 1356هجري ۾ سنڌن ننڍيو فرزند حضرت پير سيد احسان الله شاه هجرت ڪري پير جهنڊي ڪان اتر طرف هڪ ڪلو ميٽر فاصلي تي ڳوٺ درگاهہ شريف نالي سان نئين ڪوٽ تي آيا.

پير سائين (خلافت ڏٺي) 1277هجري ۾ تولد ٿيا ۽ ماهہ رمضان 1340هجري 63 ورهن جي عمر ۾ وفات فرمايائون. سنڌن مزار شريف ڳوٺ پير جهنڊو ۾ آهي. (انا لله وانا اليہ راجعون)

ملفوظات مان هڪ نقل: پاڻ خلافت ڏٺي جهنڊو چانديءَ جو ڪٽي هلندا هئا، فرمايائون تہ هي جهنڊو امام صاحب حضرت مهدي عليہ السلام جن جو آهي. اوهان مان جيڪو بہ ان وقت (سنڌن ظهور) کي پهچي تہ هي جهنڊو ان جي حوالي ڪجو. ان جي امانت آهي.

ناقل جمع فقير تہ تاريخ 20 ربيع الثاني 1333هجري رپ جي پرسان محمد فقير ٻبر جي دعوت تي هئا. اتي مسجد ۾ فجر نماز پڙهي ويٺا هئا. حاجي الهہ بخش (الله بخش) ڪافي پڙهي چئي. چاڻ مسلماني ڪير تو ڇاڻي - ريءَ شرڪ رب ڪير سڃاڻي - پوءِ مٿئين فقير ان جي معنيٰ پڇي پاڻ فرمايائون تہ الله جل شانہ جا ٻانها ڪن ڪمن ۾ سندس امر موجب ساڻس گڏ آهن. پوءِ جي گڏ ٿيا تہ اهو بہ شرڪ ٿيو. جهڙو نبي، ولي هدايت ڪندا آهن ۽ هادي الله تعاليٰ آهي، پوءِ جڏهن نبين کي هادي ڪري سمجهي، تڏهن مسلمان ٿئي. سو اهو شرڪ جڏهن ڪري تڏهن پورو مسلمان ٿئي ۽ فرمايائون تہ الله تعاليٰ جي امر سان شرڪ ڪيو ويو تہ اهو ڏوهہ نہ آهي. فرمايائون تہ اڄ اسان کي بہ ڳالهين ڪرڻ جي موڪل ملي آهي، جيڪي الله تعاليٰ تو ٻڌائي، فرمايائون تہ جيڪي فقير وڃن ٿا، سي ائين آهن جيئن پراڻا ڪپڙا لاهجن ٿا تہ وري اچا سٺا پائجن.

ولادت ۽ پائر:

سيد محمد ياسين شاه جي وفات بعد، سنڌن وڏو فرزند سيد فضل الله شاه سجاده نشين ٿيو.

سيد فضل الله شاه جن جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ سندن ٽيون نمبر پاءُ سيد رشيد الدين صاحب العلم الثالث سجاده نشين ٿيو. ڇاڪاڻ ته پير شهيد رح کي ڪوبه نرينو اولاد ڪونه هو. سان 1277 هجريءَ ۾ ڪين هڪ فرزند ڄائو جنهن جو نالو رشد الله شاه رکيائون. جيئن پاڻ هڪ هنڌ ۾ پنهنجي والد و مرشد کي دعا گهرندي چيو اٿن:

رشد الله رکيو اوهان نالو عجب ابي،

اسم مسمي کي ڪيو موافق اي محبي.

سيد رشد الله شاه جن کان سواءِ ٻيا به چار پٽ سيد رشيدالدين شاه رح کي ٿيا: 1- سيد امام الدين شاه 2. سيد محمد حسين شاه 3. سيد محبوب شاه ۽ 4- سيد اسماعيل شاه.

سندن ڪلام

پير سائين رشد الله شاه جن سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ۾ شعر چيو آهي. سندن ڪلام، سندن زندگيءَ ۾ ئي گڏ ڪيو ويو ۽ مون وٽ جيڪو نسخو آهي سو پير سائين بديع الدين شاه صاحب جن ڏنو. هي نسخو سندن استاد قاضي فتح محمد مرحوم جو لکيل آهي، جنهن جا ڪي صفحا ڦاٽي ويا آهن. تنهن ڪري فارسي غزل ۽ ڪجهه ڪافيون گم آهن. ٻيو بياض سندن خاص خادم حافظ محمد امين صاحب مٽياري واري وٽ آهي. حافظ صاحب جو چوڻ آهي ته اهو بياض مڪمل آهي. راقم جي سامهون جيڪو بياض آهي ان ۾ هيٺينءَ طرح سندن شعر لکيل آهي. ڪافين جي مٿان سر ۽ راڳڻيون به لکيل آهن.

فارسي غزل ٻارهن، سنڌي غزل ٻاويهه، سنڌي بيت ست، هڪ ٽيهه اکري، هڪ لولي، مولود چار، هڪ سهرو، سنڌي ڪافيون به سو ٻارهن ۽ سرائڪي زبان ۾ ڪافيون چوڏهن. سندن ڪلام جو انتخاب هيٺ ڏجي ٿو:

ابيات

1- مهر ميهر جي ڪندي مڪڙي منجهه مهراڻ،
سڪان سونپي ساهڙ کي ونجهه وڻندي پاڻ،
اهڙي پر اچاڻ، لڙ لنگهندي لهرين جا.

2- ڇڙي، ڇري ڇت ڇريو ٿيو ڪڙي ڪٿي خيال،
ساهيو نٿي سائنر ڏي ساهڙ جي سنڀال،
ڇيٽو هيڏيءَ ڇر جو، ڇڪن ليکي ڇال،

ويجهو ڏسيو وصال، ڪڏيو پوي ڪنن ۾.
3. سرسٽي ساڻپارن جي، سهڻي سنبري اٿي،
گهڙي چڙهي گهرجي، گهيڙئون ڪين گٽي،
وڃي ات التي، جتي پاڻ پتار جا.

ٽيهه اکري

1. ت . تي توڪل ترهو ٻڌائون ساهي،
قصدا ڪابل ڏي هليا ڪانوٽيا ڪاهي،
لا يخافون لومت لائم ڊپ ڇڏيائون ڊاهي،
لاڳاپا لاهي، پير وڌائون پڙ ۾.
2. د . دال دل ۾ دوست جو دم دم دور پڙهن،
يذڪرون الله قياما وقعودا ڪيڏنهن ڪين لڙن،
ڪار انهيءَ ۾ ڪڙهن راتو ڏينهان ڪاپڙي.
3. س . سين سدائين سافرو ساميڙا آهين،
قوموا لله قانتين خيال نہ لاهين،
ڪاهيو پيا ڪاهين، ماهيسي ان ماڳ ڏي.
4. ي . يبتغون فضلا من ربهم سيد چئي سامي،
لا الہ الاالله محمد رسول الله تنين تمامي
آڳي سين، انجامي، قالوا چئي ڪنچير تيا.

پنجون جهنڊي وارا

راشدي خاندان جهنڊي واري جن جو پنجون پڳدار حضرت پير سائين احسان الله شاه جن 1356هجري ۾ ڳوٺ پير جهنڊي واري تان هجرت ڪري نئين ڪوٽ درگاهہ شريف تي اچي ويٺا . سندن ولادت 1313هجري 27 رجب المرجب آهي. پاڻ پنهنجي والد صاحب حضرت پير سائين رشدالله شاهہ (خلافت ڏٺي) جن جي زير هدايت 27 سال رهيا . ظاهري روحاني فيض سان سرشار ٿيا ۽ والد صاحب جن جي ملفوظات شريف ءِتنوير القلوب وصراط المطلوبءِ ۾ ڪانئس روايت ڪيل 43 نقل سندن والد صاحب جن جا بيان ڪيل آهن. اها سڄي ملفوظات شريف هٿ اکرن ۾ محمد قاسم ڪلوئي بلوچ جن جي 25 رمضان المبارڪ 1371هجري ۾ لکي پوري ڪيل آهي، جنهن ۾ باقي نقل مريدن ۽ حضرت پير ضياءِ

الدين شاه سائين جن کان بيان فرمايل آهن. حضرت پير سائين احسان الله شاه جن شريعت ۽ حقيقت سان مالامال هئا. جيئن تہ پاڻ کل 3 ٽي شاديون ڪيائون: 1- پهرين شادي ٺلاهہ شريف مان، پير ميان سائين منن شاه جن جي نياڻيءَ سان ڪيائون. جنهن مان بہ فرزند الحاج حافظ حضرت محب الله شاه رحمت الله عليہ (علم ڌڻي) ۽ فرزند حضرت ابو محمد بديع الدين شاه رحمت الله عليہ جن تولد ٿيا.

ڇهون جهنڊي وارا

راشدي خاندان جا پڳدار الحاج حافظ پير سائين محب الله شاه جن ٿيا ۽ هن وقت سندن وڏو فرزند ستون پڳدار پير سيد حضرت محمد ياسين شاه جن حال حيات آهن. 2- ٻين شادي پنهنجي خاندان مان اسٽيشن ڪٽياڻ وٽان پير سيد امير الحسن شاه جن جي نياڻيءَ سان ڪيائون جنهن مان صرف هڪ فرزند حضرت سيد محي الدين شاه عرف اعجاز علي شاه سائين جن تولد ٿيا جن جي ذڪر بابت اڳتي بيان ڪيو ويندو. 3- ٽين شادي پنهنجي چاچي محبوب شاه جن وٽان ڪيائون جنهن مان اولاد ٿيو پر ننڍي هوندي وصال ڪري ويا.

پاڻ شريعت ۽ سنت جا ايترا پابند هئا جو پنهنجي چاچي محبوب شاه کين چيو تہ اوهين رفع اليدين ڇڏيو تہ پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڏيندس. پاڻ فرمايائون اوهين سڱ ڏيو يا نہ ڏيو. ليڪن آئون حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي سنت جي پيروي ڪندو رهندس ۽ موٽي آيا. ان بعد ڪجهہ وقت بعد سندن چاچو حضرت محبوب شاه وٽن هلي آيو ۽ پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڏيئي ويا. ان بعد شادي ڪيائون ۽ پاڻ حضرت احسان الله شاه جن (سنت ڌڻي) سڏيا ۽ اڄ تائين (سنت ڌڻي) جي خطاب سان مشهور آهن.

پير سائين حضرت احسان الله شاه (سنت ڌڻي) رحمت الله عليہ جن وڏن کان وٺي، قادري طريقي جا قائل ٿيا. سندن ذڪر جون چار تسبيحون لا الہ الاالله ـ الا الله ـ الله ـ هو ـ آهن. اڄ تائين سندن خاندان ۾ ذڪر جو ورد دل جي آواز سان هلندو رهي ٿو. پاڻ علماءَ تہ هئا پر اهل الله ۽ فقير صفت درجي جا محسن ۽ منور پڻ هئا. ان کان سواءِ روحاني توڙي آفاقي ۽ موروثي شاعر پنهنجي وڏن وانگر سنڌي توڙي فارسي شعر چيل آهن. سندن سمورو شعر محمد عثمان خاصخيلي ٺوڙهن واري وٽ آهي، پر پاڻ وصال ڪري ويا آهن. آخر پاڻ 15 شعبان 1358هجري ۾ درگاهہ شريف پير جهنڊو ۾ وصال فرمايائون. انا لله وانا اليہ راجعون.

سندن مزار شريف پڻ درگاهہ شريف تي آهي. سندن وصال بعد وڏو فرزند الحاج حافظ محب الله شاه (علم ڌڻي) جن پڳ تي ويٺا.

سندن ڪتب خانو ۽ مدرسہ اڄ پڻ اوج ۽ اقبال سان مشهور آهي. جتي ڪيترا ٻاهران طالب ديني

تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. سندن جهنڊو مبارڪ جنهن جي مٿان محمد ۽ هيٺان يا الله چانديءَ سان ڀرايل بيرڪ سميت اڄ پڻ موجود آهي ۽ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي مهر منڊي مبارڪ سان حضرت علي عليه السلام جن جو لکيل خط مبارڪ هرڪل جي بادشاه ڏانهن فوٽو اسٽيٽ ڪاپي سان پڻ موجود آهي.

پير سيد حضرت احسان الله جن جماعت سان ڪڇڙ جي وڻ هيٺان ويٺا هئا ته هڪ مريد ڪيڙ مان پن ڪريل ڪنيو جنهن تي ڪلمو پاڪ (لا اله الاالله محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم) لکيل آهي، جيڪو اڄ تائين لوهه جي دٻليءَ ۾ ڪپهه تي رکيل محفوظ آهي، جنهن جي مٿان ڪائو آهي. ان مان پوري طرح پڙهي سگهجي ٿو. حضرت پير سائين الحاج محب الله شاه جن سان هن ناچيز جون ڪيترا ڀيرا روح رهاڻيون ۽ دعوتون ٿيون. پاڻ نهايت حليم طبع ڪلمڪ ۽ فياض هئا ۽ عاشق رسول ۽ روحاني شاعر پڻ هئا. سندن شعر في الحال مون وٽ نه آهي. اميد ته هٿ ڪري مثال عرض رڪندس. سندن شعر ۾ تخلص "محب" آهي جو خود پاڻ مون کي ٻڌايائون. ديني مسائل بابت وڏي ڄاڻ رکندا هئا. سندن تصنيف ڪيل ڪيترا ديني ڪتاب سندن ڪتب خاني ۾ اڄ پڻ موجود آهن. پاڻ ٻاهرين ملڪن جي دعوت تي ترڪي، عربستان وغيره ملڪن ۾ جلسن ۾ ديني تبليغ تي ويا ۽ عربي جي تعليم ڪان سواءِ ايم اي انگريزي ۾ پڻ ڪيائون. پاڻ آخري وقت ۾ دل جي دوري سبب ناخوش رهيا. پاڻ 1921ع مطابق 29 محرم الحرام 1340هجري آچر رات 2 بجي ڳوٺ پير جهنڊي ۾ ولادت فرمايائون. ديوان مشتاق اسپتال حيدرآباد ۾ دل جي وارد ۾ 19 شعبان 1415هجري مطابق 21 جنوري 1995ع ڇنڇر رات 4 بجي عيسوي سن موجب 73 ورهه 3 مهينا 19 ڏينهن ۽ هجري سن مطابق 75 ورهيه چار مهينا 20 ڏينهن جي عمر ۾ وفات فرمايائون. انا لله وانا اليه راجعون.

پٺيان 3 پٽ هرهڪ: 1. وڏو فرزند محمد ياسين شاه جيڪو ستون جهنڊي وارو راشدي پڳدار آهي. 2. محمد راشد شاه. 3. محمد قاسم شاه جيڪو وڏو عالم، لئبرري ۽ مدرسه جو مهتمم پڻ آهي.

سوانح حيات

نحمده ونصلي علي رسوله الكريم

بسم الله الرحمن الرحيم

زندگي جو احوال، اسم شريف، ولديت

(1) اسم شريف:

سيد، پير مَاهه منير حضرت محي الدين شاه رح عرف اعجاز علي شاه بن حضرت پير سيد احسان الله شاه رحمت الله عليه "سنت ڏٺي" جن جا ٻيءَ شاديءَ مان اڪيلا فرزند هئا. سيد حضرت احسان الله شاه راشدي جهنڊي واري اها شادي جيڪا اسٽيشن ڪنياڻ لڳ ڳوٺ ڪاٺڙي مان سيد امير الحسن شاه جن جي نياڻيءَ سان ڪيائون.

(2) ولادت:

پاڻ اصل ڳوٺ پير جهنڊي واري ۾ تاريخ 12 ربيع الاول 1348هجري سومر رات 4 بجي مطابق 1929ع ۾ تولد ٿيا.

(3) تعيلم و تربيت:

پاڻ تقريبا ڇهن ورهن جي عمر جا ٿيا تہ ڪين ڳوٺ پير جهنڊو ۾ مسجد شريف ۾ مولوي شفيع محمد مگريہ جيڪو ڳوٺ ڇتن شاهہ تعلقہ سڪرنڊ جو رهاڪو هو، ان وٽ قرآن شريف ناظران پڙهڻ لاءِ وهاريو ويو. جنهن وٽ ڳوٺ جا ٻهراڙيءَ جا ٻار پڙهندا هئا. 8 سالن اندر 29 سيپارا پڙهي پورا ڪيائون. پاڻ ننڍي هوندي مستانہ خيال ۾ رهندا هئا، ان ڪري سندن والد صاحب ڪين ٻهلول جي نالي سان سڏيندا هئا. جيڪو نالو پنهنجي شعرن ۾ ڪٿي ڪٿي آندو اٿن.

ان وقت پڳ جو تڪرار زور وٺي ويو هو، ان ڪري سندن والد صاحب حضرت پير سيد احسان الله شاهہ "سنت ڏٺي" رحمتہ الله عليہ جن هجرت ڪري 1356هجري جي پڇاڙيءَ واري مهيني ذوالحج ۾ ڳوٺ پير جهنڊو کان اتر طرف اڍ ميل فاصلي تي درگاهہ شريف نالي نئون ڳوٺ ٻڌائي اتي سڪونت اختيار ڪيائون.

حضرت پير سيد محي الدين شاه جن ٻڌايو تہ باقي 30 پاره درگاهہ شريف تي پڙهي پورو ڪيم. ان وقت مولوي صاحب جمال الدين جيڪو ذات جو مُنٺُو رڻ ڪڇ جو رهاڪو هو، ان وٽ سنڌي ٻاراڻو

ڪتاب ۾ پهرئين ڪتاب جا ڪجهہ سَبق پڙهيم. فرمايائون تہ اسانجي والد صاحب حضرت پير سيد احسان الله شاهہ جن تاريخ 15 شعبان 1358هجري تي هن دنيا مان رحلت فرمائي ويا. (انا لله وانا اليہ راجعون) ا1سان جي ان وقت عمر ڏهہ، يارهن سال مس هُئي، ان وقت کان پوءِ ڪابہ تعليم پرائي نہ سگهياسون.

مرشد وٽ:

مون ڪانئن پڇيو: قبلا! مرشد بابت يا ذڪر جي باري ٻڌايو. پاڻ فرمايائون اسان ذڪر يا تلقين پنهنجي والد صاحب حضرت پير سيد احسان الله شاهہ جن کان ورتي، انهن جي صورت ۾ سندن جهنڊي مبارڪ جي جهلڪ اجان تائين ياد آهي. سندن صورت ۾ جهنڊي جي اظهاري پنهنجي هڪ ڪلام ۾ پڻ ڪئي اٿن:

تلهہ: هوت پرين هڪ واري ـ ڏي دلداري ـ ٻاروچا ٻانهيءَ ڪي
(1) ياد اجان تائين اٿم دل تي ـ تنهنجي جهنڊي جي جهلڪاري
(2) پنهنجي پسايئي پاڻ پيارا ـ سا صورت مون نہ وساري
(3) سيد سائين صاحب سنت جا ـ سڄڻ ڪر سرداري
(4) ٻي راهيءَ لاءِ "ٻهلول" چئي ـ موٽ مٺا منهنداري

سندن فرمان موجب تہ والد صاحب جن تنڍي هوندي ٻهلول لقب جي نالي سان سڏيو هو. هن شعر ۾ اهو تخلص طور ڪم آيل آهي.

سلسلہ طريقت:

جيئن تہ حضرت پير سيد غوثِ زمان محمد راشد شاهہ روضي ڌڻي رحمتہ الله عليہ جن کان سندن مسلڪ قادري طريقي جو رهندو آيو آهي. ان ڪري پاڻ فرمايائون تہ اسان جو پڻ اِهوئي (مسلڪ) رستو آهي. ان کان سواءِ پير سائين پاڳارا موجوده حضرت سڪندر علي شاهہ، شاهہ مردان شاهہ اسان جا وڏا پڳ وارا آهن، جن کي اسين پنهنجو رهبر مرشد تسليم ڪريون ٿا. انهن لاءِ پڻ پنهنجي شعر ۾ اظهاري ڪئي اٿن. جيئن تہ:

مرشد ساڏي نال ملا قي ـ هردم "شاهہ سڪندر" ساقي
حجڙا اعجاز دا اِهوئي ياقي ـ ڪيهي ڪاڻ حرم دي يار
باغِ بهاريا بن وي سرتيون ـ آئي سڪندر شاهہ جي

اِهائي اسانجي بزرگن کان رهبري حاصل آهي. باقي ٻئي ڪنهن بہ پير فقير کان نہ ذڪر ۾ نہ

دعا يا هيءَ امانت مليل آهي.

مشغولي و مطالع:

ننڍپڻ ۾ ديني ڪتاب ۽ قرآن پاڪ پڙهڻ جو ذوق شوق هوندو هون ۽ اڪثر مريدن ۾ گهمڻ ڦرڻ لاءِ وجهڻ ٿيندو هو. هڪ دفعي باغ علي رند سان مريدن وٽ دڙيلي شهر ۾ وڃڻ ٿيو. اتي پٽ تي هڪ شعر لکيائون. پاڻ فرمايائون اهو ڪهڙو شعر هو، سو ياد نه آهي.

پاڻ فرمايائون ته 15 - 16 سالن جي عمر ۾ شعر و سخن جي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي چڱي طرح پروڙ هئي. ان وقت احمد ڏاهري (متوفي) ويٺل ڳوٺ پنجل ڏاهري جيڪو مريد به هو ۽ راڳ پڻ ڳائيندو هو. ان سان گڏجي سنڌن ڳوٺ مريدن ۾ ويس، منهنجو ٻڌي اتي جا سيد جيڪي ڪچهري ڪرڻ ايندا هئا. انهن ۾ سيد لونگ شاهه يڪتارو کڻي ايندو هو. جنهنجي تنبي گهاگهر جيڏي ۽ ڳني ننڍي هوندي هئي. اهو روحاني ۽ رندي ڪلام ٻڌائيندو هو. سچل سائين جو هي ڪلام گهڻو چوندو هو:

تلهہ: جنهن دل پيتا عشق دا جام - سادل مستو مست مدام

اهوڪلام وڻيو انهيءَ طرز تي اسان هي ڪلام ٺاهيو.

تلهہ: توڙي لک ڏيو ته بيان - هيءَ دل ڪانه ڦرندي ڪانه

هن ڪلام بعد شعر و شاعري جو شوق پيدا ٿيو.

شعر و شاعري جي ابتدا:

جيئن ته قبله سائين اعجاز علي شاه جن شاعري شروع ڪئي ان وقت ئي ڪين مجاز جي چوٽ آيل هئي ۽ انديا جي گانن جي ڌنن تي ان عمر ۾ شعر چيائون. مثال:

تلهہ: سهڻا سامهون آ، سهڻي صورت پساءِ، تنهنجوشڪرڪيان مان بجاءِ

تلهہ: . اکيون رت، رت، رنيون زاروزار - آيو نه اڄ يار

تلهہ: جن يار نه ڪيو تن جي چا ڪيو

تلهہ: جيسين جانب يار نه ايندو - تيسين دل کي قرار نه ايندو

وغيره وغيره اهڙا مجازي ڪلام اظهار ٿيا جيڪي ان وقت جا حال حيات فقير (1) مجاهد شيدي (متوفي) ڳوٺ پير جهنڊو (2) عبدالفتاح شيدي ڳوٺ پير جهنڊو متوفي (3) احمد فقير ڏاهري ڳوٺ پنجل ڏاهري متوفي (4) مور فقير ڪيريه ويٺل وڏيرو لونگ ڪيريه ۽ ٻيا حاجي لعل بخش خاصخيلي جي ڳوٺ جا: سليمان نانگو خاصخيلي، ڪارو خاصخيلي، امير بخش ۽ مير خاصخيلي وغيره دعوت ڏئي سائين کي ڳوٺ وٺي ويندا هئا ۽ رات جي محفل مچائيندا هئا.

شاديون ۽ اولاد:

حضرت پير سيد محي الدين شاه عرف اعجاز علي شاه جن جون ٻه شاديون ٿيل آهن: (1) پهرين شادي ڳوٺ پير شاهه لڳ گاجراواهه مان نواب شاهه کان ڏکڻ طرف 4 ميل فاصلي تي پير سيد علي اڪبر شاه راشدي جن وٽان سال 1952ع ۾ ڪيائون. ان شادي مان ڪين پنج فرزند تولد ٿيا: جن مان ٻن وڏن فرزندن جو وصال سندن حياتي ۾ ٿيو.

(1) سيد امان الله شاه جنم 5 - 9 - 1959ع درگاهه شريف تي وصال: ڇنڇر جي رات اپريل 1995.

(2) سيد ابو تراب شاه - جنم 1970-8-1 وصال 26 مارچ 1996ع

(3) سيد سجاد الرسول شاه

(4) سيد محمد اشرف شاه

(5) سيد شاه فريد شاه

اڪرام الله شاه ولد سيد امان الله شاه

ٻي شادي:

پنهنجي راشدي خاندان مان ڳوٺ بابوچن سيد نورالدين شاه جن وٽان ڪيائون. سال 1982 جي مئي مهيني ۾. ان شاديءَ مان ڪين پنج فرزند حال حيات آهن: (1) ظهور احمد شاه (2) محمد سليم شاه (3) سيد ضمير احمد شاه (4) قائم علي شاه (5) سيد ڪليم الله شاه

دوست، احباب، عقيدتمند، عزيز ۽ راڳي فقير:

سيد زين العابدين شاه پٽڻ سميت ڳوٺ محمد معين مهدي شاه لڳ نواز ڏاهري اسٽيشن. سيد حسن شاه ياءُ پوڙهو شاه ۽ پٽ سيد بچل شاه (ملا حرمت). سيد موچارو شاه ڳوٺ سيد پير شاهه. سيد ڏنل شاه ڳوٺ پير شاه (راشدي). سيد غلام مرتضيٰ شاه عرف موج درياءُ پير جهنبو.سيد پير شاهه. سيد مرسل الدين شاهه. سيد الڇ شاهه. سيد مقبول شاهه. پير مظهر الحق. سيد الهداد شاه عرف دادن شاه محراب پور تعلقو سڪرنڊ. سيد شاهه محمد شاه درگاه سيد سليمان شاه تعلقہ مورو. سيد محبوب شاه محراب پور سڪرنڊ.

حاجي عبدالرحيم مگسي تعلقو سڪرنڊ. لشڪر خان جمالي. لطف علي خان جمالي.فقير عطا محمد جمالي. دريا خان جمالي. غلام الرسول خان جمالي ڳوٺ ڪنب ليمان. جان محمد خان لغاري ڳوٺ مير خان لغاري (متوفي). وڏيرو غلام قادر خان ڪيريہ سڪ پور اسٽيشن تعلقہ سڪرنڊ. حافظ محمد بخش خاصخيلي ۽ انور خان جتوئي ڳوٺ نوان جتوئي. وڏيرو فقير علي خان ٻرڙو لڳ زير پير موري.

محمد صالح جاکرو نيو سعيد آباد، بشير احمد هيسباڻي حبيب بئنڪ آفيسر ڳوٺ ٺارو شاه حال نواب شاه، (حاجي محمد قاسم مگسي قدم بوسي لاءِ ايندا هئا) سونو مگسي، معشوق علي مگسي، علي خان چانديو (سڪرنڊ) وڏيرو دودو ڪيريو پڻ سميت محمد فقير ڪيريو، استاد حسين بخش جمالي پڻ سميت لڳ نواب شاه، خير محمد بروهي، سڪندر بروهي، خان محمد بروهي، جان محمد بروهي ۽ حسين بخش بروهي، متل موري، عالم خان بروهي لڳ پراڻي سعيد آباد، قبول خان ڳوٺ ڏنل شاه لڳ سرهاري، نور محمد مشائخ ڳوٺ مشائخ تعلقه سڪرنڊ، ولي محمد ميمڻ پنج مورو، حاجي واحد علي ميمڻ، معشوق علي ميمڻ، نظير احمد ميمڻ پنج مورو، الهه بخش لاهوتي پنج مورو (متوفي)، استاد محمد عالم لغاري، منثار علي خان لغاري ڳوٺ سعيد خان لغاري تعلقه هالا، شاهن فقير ابڙيجه ڳوٺ الياس ابڙيجه، ارباب علي فقير سولنگي هالا بـرانچ ويٺل ۽ ميوو فقير سولنگي هر وقت حاضري ڀريندا رهن ٿا.

ڳوٺ محمد خان مگسي جا فقير، شفيع محمد، سندس پٽ محمد يوسف، محمد عاقل ۽ عابد ۽ نظر محمد فقير بهشتي، وڪيو فقير، ولي داد، در محمد، صوف، غلام سرور پانڌي، محمد سومر، حاجي علي نواز، حاجي محرم ۽ قربان مگسي ابراهيم فقير مگسي (سڪرنڊ) ميهار فقير جلباڻي عطا محمد جلباڻي (ماڙي جلباڻي) ڪوڙو مگسي، امام علي مگسي، ثابت علي مگسي (ڳوٺ محمد خان مگسي) ولي محمد ڏاهري، ابراهيم فقير ڳاڙهو (بلاولي) محمد حسن واڍو (ٻانو)، اسحاق فيقر ماڇي (هالا) علي محمد فقير پيچارو (الياس ابڙيجا) عطاءُ الله سونارو (نيو سعيد آباد) سڄڻ فقير ڇڄر، مولا بخش ڪيريو، حافظ محمد اسماعيل سنجرائي سيد علي اڪبر شاهه، سيد پريل شاهه، محمود شاهه، سيد امين شاهه (نڪر) - سيد علي گل شاهه، ڊاڪٽر عبداللطيف شاهه، محمد اسماعيل ڪيريو، فقير محمد هاشم ڪيريو (چوٽياريون) فقير ربڏنو لاکو، علي نواز لاکو، محمد ياسين عاشق بابا، محمد معاذ ڪيريو، پنهل فقير ڪيريو (پرياروڊ) پريل لاڙڪ، ارباب لاڙڪ، ماستر علي قمر مگريو، رحمت الله پيچارو، عثمان خان انڙ، فتح محمد چانديو، ڪارو مناهجو، عمر مناهجو، عبدالوهاب چنو، عبدالحفيظ چنو، الهڏنو عرف چري سرڪار (نيوسعيدآباد) خان محمد سولنگي، حيدر سولنگي (شاهه پور چاڪر) صاحب خان رند راز علي رند، مراد علي رند، محمد عالم جهلوجو، مير حسن حجم،فقير نور محمد ميمڻ، فقير رضا محمد ڪيريو، ڪريم بخش ڪيريو، محمد حنيف شاهه، علي رضا شاهه، نور انور شاهه، علي حيدر شاهه، شمس الزمان شاهه، عظيم شاهه، امتياز علي شاهه، لعل حسين، سيد محبوب شاهه مست، ثناءُ الله شاهه،سيد سرور شاهه (نواب شاهه) سيد غلام شاهه (پليڏنو ڪاڪا) سيد يوسف شاهه (ڪنڊيارو) سيد غلام محمد شاهه (سيراچ ڪاڪا) درمحمد شاهه (سڪرنڊ) سيد اصغر علي شاهه (قاضي احمد) مخدوم پيربدرحسين عرف پير پپو (هالا) مخدوم نوح فقير (هالا) پير حمد الله شاهه

راشدي (پير جهنبو) سيدپيرل شاهہ (الياس ابڙيجا) سيد محمد شاهہ. پير مشتاق علي شاهہ (ڇن) سيد علي گوهر شاهہ (ڪاٽڙي) گلڻ شاهہ. سيد مٺن شاهہ ۽ مراد علي شاهہ (ٽنبوالهيار) محمد حنيف شاهہ (پير ذيڪري) سيدسڪندر شاهہ. شيخ محمد ڪاڪا

گذر اوقات:

اعجاز علي شاه سائين جن ڪي پنهنجي والد صاحب جن جي زمين جي ورهاست مان 194 ايڪڙ زمين ملي. جيڪا نواب شاه ڪان اوپر طرف ڳوٺ سرهوڙي خاصخيلي لڳ ديهہ گوجرو ۾ هئي. اها پاڻ آباد نہ ڪرائي سگهندا هئا ۽ هميشہ مقاطع تي ڏيندا هئا. اهڙي طرح ان مان گذر سفر ٿيندو هو. پاڻ سال 1962ع جي وچ ڌاري هجرت ڪري ضلع سانگهڙ جي ڳوٺ پير سيد معين مهدي شاه ۾ لڳ نواز ڏاهري اسٽيشن سڪونت اختيار ڪيائون. 11 سال اتي رهيا ۽ 1973ع ۾ وري هجرت ڪري نيو سعيد آباد تعلقہ هالا ۾ اچي ويٺا ۽ گوجري واري زمين ڪپائي پنهنجي همشيرهن کي حصو ڏئي باقي پئسن مان پراڻي سعيد آباد لڳ ڳوٺ ڪڏ وارا حاجاڻہ وٽ 82 ايڪڙ زمين خريد ڪري ٽيوب ويل هڻائي پاڻ آباد ڪرايائون.

نيو سعيد آباد ۾ پنهنجي پلاٽ ۽ جاءِ نہ هئڻ باعث زمين مقاطع ڏيندي ٻن سالن جا پئسہ اڳواٽ وٺي پلاٽ بہ ورتائون ۽ جڳهہ ٺهرائڻ لاءِ ڪم شروع ڪيائون هڪ سال اندر جڳهہ تيار ٿي ۽ پاڻ اڳ ويٺل حاجي نبي بخش خاصخيلي جي جاءِ خالي ڪري پنهنجي حويليءَ جي ڪوٺ ۾ رهڻ لڳا. جتي اڄ تائين سندن اولاد رهندو اچي. اها زمين آهستي آهستي وڪرو ڪندا گذر سفر ڪندا رهيا.

سندن مزاج ۽ رواداري:

پاڻ تمام خوش خلق ۽ حليم طبع سان خاموش رهندا هئا سدائين صبر ۾ رهندا هئا. ڪنهن سان بہ ڏاڍي وڏي وات ڳالهاءِ نہ هوندو هو. سڀ سان سٺي سلوڪ سان ملڻ ٿيندو هو. زماني جي ناسازين توڙي ڏکن غمن جو ظاهر ۾ ڪوبہ اثر معلوم نہ ڏسڻ ۾ ايندو هو. انسان سان تہ محبت رکندا هئا پر جانور، ڪتا توڙي پکي، جيت بلا وغيره سان پڻ پيار ڪندا هئا. ڪنهن کي بہ ڏکوئيندا نہ هئا. ان لاءِ شعر ۾ چيو اٿن تہ:

تلهہ: پرينءَ جي پار جا ماڻهو، اچا ڪارا بہ مون پيارا
انهن جا ناز ۽ ماڻا انگل آرا بہ مون پيارا
(1) جڏهن تو آئون ڏسان جوئي - ڪڙو ناهي منجهن ڪوئي
پيان هٿ پير سندن ڌوئي - منا ڪارا بہ مون پيارا

(2) سين سان دل منهنجي گهري - هجن مسلم توڙي دهري
قياسي يا صفا قهري - ظلم وارا بہ مون پيارا
(3) چوي "اعجاز" ملي هيڪر - دوئي ڪير دور جڏهن دلبر
لڳا مون کي تڏهن هر هر - منهنجا مارا بہ مون پيارا

پاڻ هر ڪنهن سان همدردي ۽ اخلاص سان ملندا ڪلندا هئا. هڪ ڪلام ۾ چيو اٿن تہ:

ڪلمڪ هجڻ "اعجاز" منهنجي طبع ۾ آ شامل
ڪٿي ڪنهنسان منهن گهنجائڻ - اِهو لچڻ هت لَٽيل آ
سوين زخم پيا چڪن پر - هر زِخم چڻ چٽلُ آ

سخا ۽ مهمان نوازي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. سائل کي هڪ دفعي گهوڙو ۽ هٽي کي مينهن پڻ ڏنائون. اجرڪ، ڪپڙن جا وڳا ڪيترن کي ڏنائون، پر ايترو ضرور چوندس تہ ماڻهن کان لڪائي، اڪيلائي ۾ ڏيندا هئا. جيئن ڪنهن کي خبر بہ نہ پوي.

مهمان نوازي ۾ اڄ تائين سندن مڪان تي ننگر جاري آهي، تمام خلوص ۽ محبت سان ماني کارائيندا هئا. جيڪڏهن ڪو وڏو ماڻهو آيو تہ ان لاءِ پنهنجي عزت وقار سارو ڪابہ گهَٽتَائي نہ ڪندا هئا.

ڳوٺ محمد خان مگسي جو فقير نظر محمد مگسي وٽ اعجاز سائين جون بہ مينهون آهن جن جو ڪارائڻ پيارڻ مٿس آهي ۽ هر روز 8 ميل ڪڏهن پنڌ ڪڏهن لاري (بس) ۾ کير ڪٽي پهچائيندو آهي. پوءِ ڪٽي مينهن برساتيون، طوفان هجن. هڪ دفعي زبردست مينهن وسي رهيو هو تہ نظر محمد فقير مگسي کير ڪٽي مڪان وٽ پهتو تہ سائين اعجاز جن اشارو ڪري چيو تہ اجهو اهو فقير نظر محمد بهشتي کير ڪٽي پيو اچي ۽ اڄ تائين هُن جي اها ڊيوٽي آهي. ۽ مينهن جا ڦرتاتي جاري وڏا ڪري سائين جن جي حڪم موجب ڪپائي پئسا حاضر رکندو آهي.

سندن حُليهٔ مبارڪ ۽ پوشاڪ:

اعجاز سائين جن رنگ جا سانورا، قد جا پورا پنا درميانہ هوندا هئا. سياري ۾ سلوار خميس، گرم سيٽر، جرسي لوئي يا اجرڪ، پيرن ۾ گهڻو ڪري زنجيرن سان بند بوٽ ۽ مٿي ۾ سنڌي ٽوپي. ڪڏهن ڪڏهن مفلر پڻ اوڍيندا هئا. اونهاري ۾ سلوار خميس ۽ هٿ ۾ سادو رومال کڻندا هئا. ٻچپن ۾ ٿورو وقت شهپر رکايائون ۽ پوءِ سدائين ڪِلين شيو رهيا. سندن رخ مبارڪ ۾ خوش خلقي ۽ صبر گهڻو هوندو هو، جيڪڏهن ڪا ڳالهہ ڪندا هئا يا ڪو ڪم چوندا هئا تہ تمام آهستي ڳالهائيندا هئا. ڪا ڳالهہ پڇبي تہ ان جو صرف جواب ڏيندا هئا نہ تہ خاموشي اختيار ڪندا هئا. ڪلام ڪافي جو دل تي

خيال ايندو هونِ تہ چئي ڏبندا هئا تہ ماستر ڪجهہ ڪلام ٻول نهي ويا آهن. ڪٿي ٿو اچان تہ اهي ڪلام رجسٽر تي لکي ڇڏ. اهڙي طرح پاڻ اهي ڪلام لکائيندا هئا آئون سندن روبرو لکندو هوس. انهن ڪلامن جي لکڻ بعد ڪانئن معنيٰ مفهوم بابت پڻ رهاڻ ٿيندي هئي ۽ سنجيده نموني وضاحت ڪندا هئا. سندن جيڪو بہ ڪلام آهي اهو مون 1967ع کان 1982 تائين سندن اصلاح سان گڏ ڪري رجسٽرن تي پنهنجي هٿ اکرن سان جمع ڪيو جيڪو اڄ تائين وٽن موجود آهي.

سدائين فڪرَ ۾ رهندا هئا. عارفن ۽ عاشقن، توڙي سالڪن جي ڪلام ٻڌڻ جا شائق هئا. صبر ۾ رهڻ ڪري سندن خيال حقيقت ۽ حق ڏانهن مائل هوندو هو.

مجلس جا آداب:

قبلہ اعجاز علي شاه سائين جن جيتري قدر صابرين هئا، اوتري قدر سخن شناس ۽ سخندان پڻ هئا. جيڪو سخن ڪلام چيو اٿن ان تي پاڻ باعمل هئا. ان ۾ صداقت سچائي، يقين جي بوءِ ايندي آهي. ان جي طفيل محبت سان ملڻ ۽ خلق سان مرحبا ڪرڻ ڪري هر ڪنهن طرف سڪون صبر ۽ خاموشي ڇانيل رهندي آهي، هرڪو با ادب، اخلاق سان جتي جاءِ هوندي اتي وهندو آهي ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن پنهنجي طرفان شڪايت نہ ڪئي تہ مون کي تڪليف ملي، سندن نظر جي شفقت اها هوندي هئي جو عزيزن خويشين توڙي معزز مهمانن کي اتي ملندا هئا ۽ پنهنجي پير ۾ وهاريندا هئا. ان مجلس جي آداب جو مون نقش هيئن چٽيو:

تلہ: منهنجي اعجاز جي محفل ـ ٻڌڻ گهرجي ڏسڻ گهرجي
رَهي خاموش خوش دل تي ـ اچڻ گهرجي وڃڻ گهرجي

(1) ڪڏي ڪيني ۽ ڪلڪل کي ـ مَحرَمُ تي ٻُڌ تون محفل کي
هتي حاضر ڪري دل کي ـ ڏيڻ گهرجي وٺڻ گهرجي

(2) آمر ۾ آشڪارو ٿي ـ حقيقت حال وارو ٿي
سراپا صاف سارو ٿي ـ اٿڻ گهرجي وهڻ گهرجي

(3) ڇڏي دارالفنا جو در ـ ڪري اثبات سارو سر
مُوتو قبلل مري هر هر ـ مرڻ گهرجي جيئڻ گهرجي

(4) ادا "خاڪي" نہ وجهہ گهاريُ ـ آئني هيءَ مَهل موچاري
ڪري سرُ گهور لک واري ـ سُٽڻ گهرجي، ڪٽڻ گهرجي

سندن محفل جي رونق، سونهن، محبت ۽ صبر سان لبريز هئڻ ڪري مون کي حضوري نقش ۽ حال خيال ميسر ٿيندو هو ۽ هميشہ سندن مهر نظر ۽ توجہ جي نوازش ٿيندي رهندي هئي. محبت ۽ ادبُ

توڙي سچائي و فائي سندن صورت توڙي سيرت مان ظاهر هوندي هئي.

تلهه: سچڻ سِکَ يار سچ ٻولڻ - دنيا جا خوف ڊپ لاهي
اوتاري منصفن جي اڳ - ڏيا سپ ڪُوڙ جا ڊاهي
(1) اصل چانديءَ جي رپئي جيئن - ڇڻو ڇنگ ڪان ٻه ٽي وڇ تون
ٻاڙو، ٻوڙو، مٺو ٽئين جو - مٺا تو ۾ ته مَٺَ نَاهي
(2) قلب آڪسو ٽي تنهنجو - پرک تنهنسان تون حق باطل
سواءِ دل جي نه سڌ پونديئي - ته حق ڇاهي باطل ڇاهي

سندن ڪيفيت ۽ ڪردار جا اهڙا ڪيئي مثال سندن شعرن مان ملندا.

المجاز:

آئون راقم الحروف جيئن ته 1958ع جي اپريل مهيني ۾ سندن ڳوٺ درگاهه شريف تي هيڊماستر طور بدلي ٿي آيس. هن کان اڳ اعجاز سائين جن سان ملاقات ته ٿيل هئي، پر سندن مجازي ۽ حقيقي توڙي روحاني حال ۽ شعر کان متاثر هوس ۽ پاڻ پڻ منهنجي اسڪول ۾ بدلي ٿي اچڻ ڪري تمام خوش ٿيا. سندن اوطاق درگاهه شريف تي حويلي جي اوپر طرف هئي، اتي گهرايائون تمام وڏي خلق ۽ محبت سان پيار ڏنائون. سندن شعر و سخن بابت پڻ رهائيون ٿيون. ڏاڍو دل کي قرار آيو. ان هڪ ملاقات ۾ ئي سندن مون حقير تي نوازش ٿي ويئي. اسڪول مدرسي اندر هڪ ڪمري ۾ هو ۽ صبح شام ٻه ٽائيم پڙهائي هوندي هئي. اسڪول جو بيل موڪل جي وڄڻ وقت پاڻ حويلي مان ايندا هئا ۽ آئون اسڪول مان سندن مڪان (اوطاق) تي ٻن پهرن جي ٻه ڪَلاڪ موڪل سائن روح رهاڻ ۾ گذاريندو هوس. ان رهاڻ ۾ مجاز بابت عرض ڪيم ته هي توهان جو شعر مجازي رمزن، غمزن سان پرپور آهي، جنهن ۾ حسن جي منظر نگاري دل جي آه و زاري سان اظهار ڪيل آهي. ڇا اهڙي مجازي چوٽ بابت ٻڌڻ لاءِ عرض ڪيان ٿو قبول پوي. پاڻ فرمايائون انهي مجازي حسن ته موهت ڪري اظهار ڪيو آهي، صورت تي ٿي شعر ۽ خيال جو حال پيدا ٿيو. اها صورت نقش ٿي دل تي تصوير ٿهي ويئي آهي.

تلهه: يار جو تصور ڪندي - تصوير وئي دل تي ٺَهي
ساسدا سامهون اکين جي - راهبر ٿي آ رَهي

بس پوءِ ته ڪئين پيرا اهڙيون رهاڻيون ٿيون. انهن رهاڻين ۾ بار بار با ادب محبت سان عرض ڪندو رهيس ۽ پڇندو رهيس ته انهي مجازي محبوب جي ڪجهه آگاهي ڪرايو. پر پاڻ اچ تائين ڪا به اهڙي ڄاڻ نه ڏنائون. ڪنهن کي معلومات آهي، پر ايترو چيائون:

تلهه: اکين واري ناتي - ڏاڍي چوٽ چاڙهي

اهو درد لا شڪ - ڪندو نٿي پڇاڙي

سندن قول مطابق انهي فراق ۽ درد ۾ آخري وصال تائين مُحڪم رهيا. سندن پاڪ محبت ۽ پاڪ عشق اهڙو رنگ لاتو جو ڪيترا راڳ ڳائيندڙ فقير بنا ڪنهن چوڻ جي ڪري سندن رنگ ۾ ۽ عشق ۾ از خود ايندا رهيا.

مون کي ياد آهي ته هڪ ڏينهن سائين اعجاز علي شاهه هڪ بيت ٺاهيو ۽ سيد حسن شاهه کي ڏيکاريائون. تنهن چيو ته بيت سٺو آهي. اهو ٻڌي سائين اعجاز علي شاهه هڪ مزاحيه بيت ٺاهيو:-

حسن شاهه حَدَ ڪَيئي، صلاح نه ڏين ڪا سئين،
ويجهو ڪريو وهاڻي ڪي، پاسي ۾ پئين،
رڳو چپن سان پيو چئين، ته وهوا بيت پلو ٿيو!!

ٽيئي ڄڻا ڏاڍا ڪلياسون. ڪهڙو نه محبت ڀريو عجيب وقت هو.

انهي سال جي وچ ڌاري هجرت (نقل مڪاني) ڪري، ڳوٺ معين مهدي شاهه ضلع سانگهڙ ۾ سيد زين العابدين شاهه سان ڀر ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. اتي به ذڪر ڪيل عيدن جي ڏهاڙن تي محفل سماع جا وڏا اجتماع ٿيندا رهيا. 1967ع ۾ رئيس دوست علي خان ڪنياڻ جي دعوت تي، محمد فقير ڪنياڻ جي ميلي تي فقراءَ ۽ سنگ سميت وڃڻ ٿيو اتي به راتيون رهڻ بعد درگاهه فقير ولي محمد لغاري جي گادي نشين نواب اميد علي خان لغاري دعوت ڏيئي ٽاجپور وٺي هليو. اتي پنج راتيون ترسائي سائين اعجاز علي شاهه سان روح رهنديون رهاڻيون ڪيائون. اتان موڪلائي هڪ رات نصرپور ۾ مصري شاهه جي درگاهه تي پڻ حاضري ٿي. اتان واپس الهڏنه ساند اسٽيشن تان ريل گاڏيءَ ۾ سوار ٿي ٽنڊي آدم ۾ صفر مهيني جي 14 تاريخ جمن جتيءَ جي درگاهه تي محفل ڪري 15 تاريخ جي صبح جو ريل رستي ڀٽ شاهه ۾ حضرت شاهه عبداللطيف جي ميلي ۾ فقراءَ سميت حاضري ٿي. جتي صادق فقير ڀنڀرو، وينل ڀٽياڻي مليو. ان کي ساڻ ڪري واپس ولي محمد ابڙيجه جي اوطاق تي چند راتيون رهياسون. ان سموري سفر ۾ فقراءَ سميت آئون (محمد صابن) شامل هوس. ان بعد پاڻ واپس ڳوٺ معين مهدي شاهه روانا ٿيا. اهڙي طرح 11 سال اتي رهيا ۽ سمورو فقراءَ ۽ يار دوست وٽن ايندا رهيا. 11 سالن بعد 1973ع ۾ هجرت ڪري شهر نيو سعيد آباد تعلقه هالا ۾ پنهنجو پلاٽ خريد ڪري اتي سڪونت پذير ٿيا، جتي اڄ تائين ساڪن آهن.

سير سفر ۾ هيو پيرو سيد حبيب الله شاهه وينل ڳوٺ آرائين لڳ مديجي ضلع شڪارپور تعلقه ڳڙهي ياسين وٽ 1988ع مارچ جي 15 تاريخ فقراءَ سميت دعوت تي وڃڻ ٿيو. اتي هڪ رات رهي محفل سماع ڪرڻ بعد ٻي رات لاڙڪاڻي ۾ رٽائرڊ اسسٽنٽ ڪمشنر غلام مرتضيٰ صاحب پٺي جي دعوت تي وياسون، جيڪو غمدل فقير جو طالب آهي. ان وقت غمدل فقير جي ورسي ملهاياڻين، اتي به سڄي رات

راڳ ويراڳ جي محفل ڪري صبح جو 10 بجي روانا ٿي موهن جي دڙي جو ديدار ڪري رات جو 8 بجي سعيد آباد پهتاسون.

وفا جي جوش ۾ مون ڪان وڪون واڏيون ويون پرچي
ورِي پوئتي واران پاهون، تہ راهون سي ڪتان آئيان

زماني سازي ۽ سياست وغيره ڪان ڪناره ڪش آهن. سندن قول فعل حقيقت ۽ سچ تي مبني آهي. سدائين صابر ۽ شاڪر رهيا آهن، ڪنهن جي شڪوه شڪايت جو وٽن نالو بہ ڪونهي.

درگاهہ شريف تي سندن وڏو ڀاءُ الحاج حضرت پير سيد محب الله شاهہ راشدي جهنڊي وارا رحمتہ الله عليہ جن حافظ ۽ عالم هئا ۽ مدرسہ ۾ عربي جا ٿي استاد. فارسي جو هڪ ۽ ڪيترا ڳوٺ توڙي ٻاهر جا طالب ديني تعليم حاصل ڪندا اچن. ان احترام ڪري اسان سائين اعجاز ۽ طالبن راڳ رنگ (محفلِ سماع) رات جو مناهي شاخ نئشنل هاءِ وي ۽ ريلوي لائين جي وچ ۾ رچائيندا هئاسون ۽ طالب ۽ فقراءِ وڌندو ويو 1958ع کان محمد ايوب صدر پاڪستان مخدوم صاحب جن جي زمين هارين ۾ ورهاست ڪئي. ان مان ولي محمد ابڙيجہ ويٺل ڳوٺ الياس ابڙيجہ ڪي درگاهہ شريف کان اتر اوير نئشنل هاءِ وي ۽ ريلوي لائين وچ ۾ زمين ورهاست تي ملي. اتي اوطاق ٺهرايائين جتي سڀ طالب فقير محفلِ سماع لاءِ ايندا رهيا.

سال جي ٻن عيدن رمضان شريف ۽ عيد الاضحيٰ تي وڏيون محفلِ سماع جون ڪچهريون ٿينديون هيون. جتي سنگت ساٿ مريد فقير گهڻي قدر ٻڌڻ ۽ ملڻ ايندا رهندا هئا.

مجازي، معنيٰ، مُرڪ، مهميز

(1) مجاز (ع مذڪر): ٻا اختيار، حقيقت کان ٻاهر.

(2) مجازا: مرضي سان، رضا يا فريضا، مجازي (صفت) ظاهري، بناوتي.

مجاز: اکر جي مٿين معنائن مان تصديق ٿي تہ ظاهري، بناوتي حسن يا صفت جنهن ڪي ٻقا نہ هجي معنيٰ حقيقت ۽ حق ڏانهن وڃڻ يا ملڻ لاءِ ظاهري نظارو، هن ظاهري، بناوتي، حسن يا صفت ۾ حق جو ظهور آهي. ان ڪي بصيرت وارن غور فڪر سان سڃاتي، پنهنجي صفائي ۽ سچائي سان، محبت ڪرڻ ۽ پيار پريت جي ر نگ، ڍنگ، وصل، پيچ سان پاڻ مشاهدي ۾ محو ٿيڻ ڪري جيڪو اثرات نمودار ٿين، ان ڪي ابتدا ۾ مجاز چئجي ٿو. اهو مجازي عشق صفت جي هر صفت سان ٿي سگهي ٿو. پر انسان جو انسان سان پيار ڪرڻ ۽ ان ڪي پاڪائي ۽ صفائي سچي محبت سان ڏسڻ، پڄازي توڙ ڪرڻ سان ٿي صورت سهاري فنا ڪائي ڪامل محقق مرشد جي رهبري سان اڳتي وڃڻ ڪي ٿي عاشقن صورت جو سڌو پنڌ سڏيو آهي.

قبلہ سائين اعجاز علي شاه جن هڪ تہ موروثي شاعر آهن. جيئن تہ سندن خاندان ۾ حضرت پير سائين روضي ڌڻي رحمتہ الله عليہ جن خود ۽ سندن اولاد پاڳارا راشدي خاندان توڙي جهنڊي وارا راشدي خاندان ۾ ڪيترا آفاقي ۽ روحاني شاعر ٿي گذريا آهن. جن جو بيان اڳ ڪري آيو آهيان. تيئن مٿن موروثي شاعري جي ذات پڻ عنايت ٿيل آهي. بيو تہ مجازي چوٽ جو رنگ لاٿو. تنهن ويتر حسن نگاري جي منزل عشق ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

جيئن هڪ شاعر چيو آهي تہ: نانگ ڏنگي ٿو تنگ، پر عشق ڏنگي ٿو اڪ ڪي. تيئن اعجاز سائين پڻ چيو آهي. ظاهر ۾ اڪ ڏسي ٿي، پر اصل گھاءُ دل تي ٿئي ٿو. اهو ڪيئن:

(1) تنهنجي اکين جا تير ـ نيٹ چڙهي پيا جاني جگر ۾

(2) نينان ماريا تير برهہ دا ـ جگر ڳيا اوجهور ميان

حُسن جي ڏنگ جو اثر دل، جگر تي ٿيڻ ۽ دل جي آه و زاري زبان سان اهڙي طرح بيان ڪرڻ جو هڪ گھايل دل ٻئي جي گھايل دل کي احساس ڏياري گھاءُ ظاهر ڪري. وري ٻئي ڪلام ۾ چيو اٿن تہ:

تلهہ: گھوڙا ڪجل جي گھاءُ ـ آئون گھايس، ناتہ مران ٿي ناتہ جيئان ٿي

گھاءُ اهو ڪو آهي اهڙو ـ سڀ وڃايئين ساءُ ـ آئون گھايس ناتہ مران

هتي پروڙڻ گهرجي تہ اهڙو گھاءُ ٿيو جو نہ مرڻ آهي نہ جيئڻ آهي. اهڙو ساءُ عاشقن لاءِ معراج آهي. هو عاشق اهڙي صدا هميشہ ڪندا، جنهن ۾ وصل وصال بہ هجي پر وڇوڙو بہ هجي. جيئڻ ڪي وڇوڙو ۽ مرڻ ڪي وصال پائين ٿا. هر گهڙي مرڻ، هر هر جيئڻ سچي عاشق لاءِ نعمت ۽ راحت آهي. هن شعر ۾ ٻي معنيٰ سمايل آهي. شاعراڻي خوبي اها هئين آهي تہ:

گھاءُ، آئون گھايس، ناتہ مران ٿي ناتہ جيان ٿي

وصالي واءُ، آئون گھايس، ناتہ مران ٿي ناتہ جيان ٿي

تيغ ابروُجي تاءُ ـ آئون گھايس ناتہ مران ٿي، ناتہ جيئن ٿي

ساءُ ـ آئون گھايس، ناتہ مران ٿي ناتہ جيئان ٿي

ڏسو تہ قافيہ جو رديف سان ڪهڙو نہ سنو لڳاءُ آهي. قافيہ رديف ۾ اهڙو تہ ٻڌل آهي ۽ گهرو سمايل آهي، جيئن چاهہ زنخ ۾ غوطا مارڻ. هي سائين اعجاز جي روحاني منزل، مجازي چوٽ ۽ شاعراڻي صنف جو ڪمال آهي. اهو سمجهندو، جنهن منجهہ عُشاقي رمز هوندي ۽ شاعري جي صنف، تجنيس، محاورو، تشبيهہ، استعارو وغيره کان واقف هوندو. حسن جي هرهڪ صنف ڪي شاعر يا عاشق پنهنجي ذاتي يا ظاهري امنگن مطابق نقش سامهون رکي پنهنجي نقاشي رنگ، ڍنگ سان ۽ سچي محبت، پاڪائي ۽ صفائي سان محبوب جي هر ادا ۽ ناز جي اظهاري ڪندو آهي. هتي اعجاز سائينءَ سنڌي توڙي سرائڪي ۾ هيئن فرمائين ٿا:

(1) ڦهري نين ڊولڻ دي ڪالي (2) چقمق اکيون ڇهٽي ويون ـ گهٽيئي موڙيم پرنا مڙيون (3) اسان ديدان رانجهو نال رليان (4) نيڻن جي نينهن ناز نچايا نواب ڪيئن (5) آنکهہ سي آنکهہ ملا، مورا ساجن ديدار دارينې پايا نظر آيا ـ دلدار کي نينن مين.

اکين کان پوءِ وري ابرو، گيسو، رخسار، لب، زنخ وغيره جي نزاڪت ۽ رعنائي، بيهک بابت فرماياٿون:

تلهہ: اڳيان هن سيف ابروجي لکين ڏڌ، سر، جدا ٿي ويا
انهي تلوار جي آڏو ـ آئين جا هٺ آيا ٿي ويا

آئين جا هٺ آيا ٿيڻ، معنيٰ جيڪي سرڪشي ۽ سخت دل هئا، انهن بہ انهي ابروجي تلوار آڏو هار مڃي هٺ مٺي ڪنيا.

(گيسو زلف)

تلهہ: اهي زلف ڪي ،نانگ گهنديرا ـ ڪن الفيون چيرا چيرا
تنهن تي نچائي ڏِسُ تہ ڇڏيئون ـ ڪيئن ڪاپڙي ڪن چيرا
تاب حسن "اعجاز" تني جي ڪوليا برهہ بحيرا

زلفن، ڪارن گهنديدار وارن هن دل جي بحر کي يا خيال کي سمنڊ وانگر ڪولي ڇڏيو.

رخسار:

نڪ نيڻ پرون پيڪاني پلڪ ـ رخ رُخسارن جا افشاني جهلڪ
لالئو لعل لبن جي لاثاني چمڪ ـ ٿالم هوش ڪري مدهوشن جا

زنخ:

تلهہ: اسان چاهہ زنخ مان پيتو زم زم ـ وسري ويوسون بيت حرم

مصرع ۾ پڻ اهڙي طرح وضاحت ڪيل آهي، چاٺڻ گهرجي تہ حسن جي هر صنف کي گهري ۽ گهائي نظر سان مايو اٿن، جيئن:

تلهہ: هن زلف جي ڪاري ڪمند زاهد ڪئين زندان ڪيا
زاهد ڪئين زندان ڪيا، تن جا عمل ايمان نِيا
(1) سوداءِ مُشڪين مُوءِ ڪان ـ هر سن ۾ سو صنعان ٿيا
مذهب ڌرم ڇا دين ڇا ـ بوڙي بٺي تہ جهان ويا

ڏسو مجاز جي مهميز مان اصل حقي حُسن ڏانهن وڃڻ لاءِ اشارو. جيئن پير سائين رشيد الدين شاهه (بيعت ڌڻي) جن پنهنجي ڇلي شريف ۾ بيان فرمايو ته:

(1) زلف وليل سياهه ـ جبين وشمس وضحيٰ
ابرو سجده گاهه ـ مڙگان سورهہ سپاهه
ڪوثر عين ڪمال ـ سڻ ڇلي دي ڳالهہ

(2) انف تيغ عريان ـ رزمگاهِ رخدان
لب ياقوت مرجان ـ لٺ. لٺ هـِن دندان
زنخ حبس خيال ـ سڻ ڇلي دي ڳالهہ

هتي زلف ۽ زنخ جي ادا، نقش ۾ ساراهيل آهي. مجاز ۾ حقيقت جي معنيٰ سمايل هجي. اعجاز سائين جن جي شعر ۾ اهڙيون خوبيون تمام گهڻيون آهن. جيئن ته:

ڪن ڪروڙين عشق پيا ـ پر ڪو وڃي ٿيو ڪامياب
ڪي ٿَڏي تي ٿي ٿَڪي پيا ـ ڪي هلي ٿيا مهٽي هاب
(واٽ وچ تان موٽ ڪائي)

سچي ۽ پاڪ محبت سان صورت وارو عشق ڪامياب آهي. ان ۾ حق ڪي پسڻ بي مثل، مثل ۾ ۽ بي چون، چون بنجڻ جو مثال

با نقطي اکر جيئن نون بڻيو ـ تئين نقش اکين گونا گون بڻيو
بي چونُ اچي اِتي چونُ بڻيو ـ صفا نونُ صورت جي سينگار مثل
آهن ڪي ڪي اکيون ـ اسرار مثل

وري هڪي هنڌ هندي شعر ۾:

تلهہ: ديدار دارينی پايا ـ نظر آيا ـ دلدار کے نينن مين
(1) رخ دلبر داهي درپن ـ کرو اهين وچ اپنا درسن
دوجها ذوق سبهوهي ضايع ـ سچ بتايا ـ دلدار کے نينن مين
(2) شَک چهوڙشکي کرشورنهين . اهين نينا وچ کوئي اور نهين
رب سائين آپ سمايا ـ ديرا دمايا ـ دلدار کے نينن مين
(3) پُرجام پريم داپي کر . گر گياني وچ گم تهي کر
پيچهے سوز "اعجاز" پرايا ـ من پر بهايا ـ دلدارکے نينن مين

اکين ۾ مشاهدو ماڻڻ، اهڙو مثال ڏيڻ جو حق ڏسڻ اِهائي سچي صوفي عاشق، سالڪ جي سڃاڻپ آهي، سندن خيالن جي پاڪائي جي اها حد جو جيڪو سخن يا شعر چيو اُٿن ان تي باعمل رهيا

آهن. سڪ ۾ محبت جو راز مخفي رکڻ لاءِ شعر ۾ اهڙو انداز لڪائڻ جيئن ته:

پري ٻه تيان نه پرينءَ ڪان - ويجهو وڃڻ نه پايان
آهيان انهي خيال جو - ته سِڪ نه لڪايان
لايان نيايان - ٻنا انت "اعجاز چٽي"

سڪ جو انداز ٻئي شعر ۾ هيئن فرمايو اٿن:

تلهه: رشڪِ نصيب آهيان، ڪمتر نصيب هوندي
آغوش ۾ صنم آ - رهزن رقيب هوندي
(1) آئون داغ پنهنجي دِل جا - دل ڪان ٻه پيو لِڪايان
ڪيئن عام ڪي پوءِ تن جو - واقف سڏي ٻنايان.
من جي طبيب محرم - ماهر مجيب هوندي

ساڳئي شعر ۾ آخري نالي واري مصرع ۾ فرمايو اٿن. جيئن ته جنهن ٻه عاشق پنهنجي مطلوب ڪي حاضر نه سمجهيو ۾ غائبانه پيار ڪيو ته اِهو طريقو صورت واري پنڌ ۾ جائز نه آهي. اهو ڪامياب نه ويندو. ڇوته مطلوب توڙي مرشد جي صورت ٻنا پنڌ اجايو آهي. تصور ۾ تصوير جو هجڻ لازمي آهي. جيئن ته:

اڄ ڪلهه جا نينهن ناتا - اعجاز ٻي نويدا
ٻي جا رواج رسمون - ٻي جا عمل عقيدا
ڪن غائبانه يارون - حاضر حبيب هوندي

هم اوست بابت وضاحتون

قال اويس قرني رضي الله عنہ: اذاتم عيش العبوديہ فعيشہ عيش الله تعاليٰ. يعني جنهن وقت پورو ٿئي ٿو عيش ٻانهپ جو، پوءِ عيش اُن (ٻانهپ) جو عيش الله تعاليٰ جو عيش آهي.

قال امام علي زين العابدين رضي الله عنہ: يا رب لو جوهر علم الوح بہ لقيل لي انت ممن يعبد الوثنا. يعني اي رب! جيڪڏهن جوهر علم جو ظاهر ڪريان تہ مون کي چيو ويندو تہ.تون انهن مان آهين جيڪي بتن جي پوڄا ڪن ٿا.

امام جعفر رضي الله عنہ: ڪين چياٿون تہ: اوهان متڪبر ڇو آهيو؟ فرماياٿون تہ منهنجو پنهنجو تڪبر ۽ پندار هليو ويو ۽ ان جاءِ تي الله تعاليٰ جو ڪبر اچي ويو آهي.

شيخ معروف ڪرخيءَ چيو تہ:ليس في الوجود احد الله. يعني وجود ۾ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ آهي.

هڪ پيري ٻانٺي فقر حضرت علي عليہ السلام ڪرم الله وجهہ بحالت عروج ۽ سڪر وحدت پنهنجي خطبي ۾ فرمايو تہ: مان ئي اسم الله جي ڪان لفظ ڏنو ويو آهيان ۽ مان ئي الله جو جنب آهيان جنهن ۾ توهان افراط، تفريط ڪئي آهي ۽ مان ئي قلم آهيان، مان ئي لوح آهيان، مان ئي عرش آهيان ۽ مان ئي ڪرسي آهيان، مان ئي ست آسمان آهيان، مان ئي ست زمينون آهيان. پوءِ جڏهن اثناءِ خطبي ۾ عروج کان لهي نزول جي حالت ۾ آيا ۽ وحدت جي تجلي اٿي ويئي. پوءِ پاڻ معذرت ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجي عبديت ۽ عاجزي جو اظهار ڪياٿون.

اقوال حضرت شيخ احمد فاروقي، لقب حضرت مجدد الف ثاني امام رباني رحمتہ الله عليہ

(1) شَرُّ نفس، شيطان جي شر کان وڏيڪ آهي. (2) عجز جو اظهار ڪرڻ عبادت آهي.

(3) ڪفر کان پوءِ وڏو گناهہ دل آزاري آهي.

پاڻ همہ از اوست طريقہ جا قائل ۽ پابند هئا ۽ حضور انور صلي الله عليہ وسلم جن جي سنت طريقہ تي هر دم پابند هئا. تمام عمر حق تعاليٰ جي ظاهري ديني تعليم جي تبليغ ۽ اطاعت ۾ مشغول رهيا. جيڪي ڪجهہ فرمائيندا هئا، سڀ هُن کان سمجهي پيروي ڪندا ۽ ڪرائيندا هئا. علم لدني جي چاڻ ۽ سمجهہ هُوندي بہ ڪڏهن بہ (شطحيات) شريعت جي پابندي کان هڪ قدم بہ نہ هٽيا.

حقيقي تصوف جي اپٽار:

الله تعاليٰ قرآن پاڪ جي سورت فرقان پاره 19 آيت ڪريمہ 63 ۾ بسم الله الرحمن الرحيم

وعبادالرحمن الذين يمشون علي الارض هونا واذا خاطبهم الجاهلون قالوا سلاما

ترجمہ: رحمن جا اهي ئي بندا آهن، جيڪي زمين تي اخلاق ۽ عاجزيءَ سان هلن ٿا: جاهل ماڻهو انهن کي سڏين ٿا، ڏسن ٿا تہ هو سلام ڪن ٿا.

حديث پاڪ: من سمع صوت اهل التصوف فلا يؤمن علي دعائهم كتب عندالله من الغافلين

ترجمہ: جيڪو صوفين جو آواز سڻي انهن جي دعا تي آمين نٿو چوي تہ اهو الله جل شانہ ويجهو غافلن ۾ شمار هوندو.

عرض تہ تصوف جي معنيٰ آهي ئي صفائي، عاجزي، اخلاق، سيرت، محبت ۽ انهن سيني لطيفن تي يقين سان ۽ دوئي کان سواءِ عمل ڪرڻ ئي تصوف آهي. وري قرآن پاڪ ۾ الله جل شانہ حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت خواجہ خضر عليہ السلام جو قصو مچي پڪل جو درياءَ ۾ وڃڻ، حضرت خواجہ خضر سان ملاقات ٿيڻ، ٻيڙي کي سوراخ ڪرڻ، ڇوڪر کي ڪُهڻ ۽ ڀت ڊاهي نئين ڏيڻ. انهن حقيقتن جو حضرت موسيٰ عليہ السلام کي راز نہ ڏيڻ ۽ خواجہ خضر کي باطن جو علم (لدني) ڏيڻ، انهن سيني سببن ڪري هرڪو عالم، فقير، اولياءَ، عاشق، عارف وغيره بنا شڪ شبہ جي قبول ڪندو تہ ظاهري علم تہ آهي پر باطني (لدني) علم بہ الله تعاليٰ انسان کي عطا ڪيو آهي، اسان جا عالم سڀورا جيڪڏهن قرآن حديث ظاهر جي معنيٰ کي پنهنجي جلسن ۾ بيان ڪن ٿا تہ قرآن شريف جي چوڻ مطابق ان ۾ مٿي بيان ڪيل لدني علم کي بہ انهن کي مڃڻ گهرجي، قرآن پاڪ الله جو ڪلام پاڪ آهي، جيڪو سورت بروج جي آيت ڪريمہ 21 - 22 ۾ ترجمہ سان بيان ڪيل آهي تہ:

بل هو قرآن مجيد 21 (ترجمہ: هي سڀورو قرآن آهي.)

في لوح محفوظ 22 (ترجمہ: حفاظت ڪيل تختي ۾ لکيل آهي)

ڇا لوح محفوظ ڪڏهن ڪان آهي، ان جي مفهوم کي سمجهڻ عشق ۽ محبت وارا جن صرف ماسويٰ کان جدا ٿي هڪ خدا پاڪ جي هستي جي طلب ڪئي، جنهن لاءِ هرهڪ نبي سڀوري تي حق ۽ فرض ڪيائين تہ صرفُ توحيد ۽ وحدانيت منهنجي بيان ڪريو تہ آئون الله واحد، الله الصمد لم يلد، ولم يولد، ولم يكن لہ كفوا احد آهيان.

ان ڪري فذكروني اذكركم (معنيٰ مون کي ياد ڪريو تہ آئون اوهان کي ياد ڪريان) الانسان سري وانا سره (انسان منهنجو راز آهي ۽ آئون ان جو راز آهيان) هيترين ثابتين هوندي يقينا ثابت ٿيو تہ لدني علم آهي ۽ اهو انهن کي ئي معلوم ٿيندو آهي، جيڪي سندس گهورا هوندا. حضرت علي عليہ السلام جن علم جا دروازا آهن. انهن کان مٿي ڪنهن جو علم نہ آهي.

(1) ان مدينتہ العلم وعلي بابها (فرمان نبي: آئون علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو)

(2) من طلب شيءِ جد وَجد (فرمان حضرت علي: جيڪو جنهن شيءِ جي طلب ڪري ٿو ان کي ملي ٿي)

معلوم هئڻ گهرجي تہ لوح محفوظ ۾ لکيل قرآن مجيد ۽ حضرت آدم عليہ السلام جي پيدا ٿيڻ کان تصوف واحد الاحد (هيڪڙائي) جو درس هر عاشق، عارف، سالک، اهل الله، غوث، قطبن پڻ نبين جي پيروي ڪري لدني علم جيڪو روحاني راز الله تعاليٰ جنهن کي ڏئي ٿو، ان جي اظهار ڪرڻ لاءِ پاڻ ئي پنهنجي سر چوڻ کي انسان منجهان ظاهر ڪري ٿو. تصوف بابت الله وارن ٻن طريقن ڏانهن اشارو ڏنو آهي:

(1) وحدت الوجود ـ همہ اوست ـ سڀ هو آهي.

(2) وحدت الشهود ـ همہ از اوست ـ سڀ هن کان آهي.

شيخ محي الدين ابن العربي، همہ اوست طريقہ جو قائل هو، پاڻ چون ٿا تہ سڀ هو آهي، سندن قول آهي تہ: فوقتا يکون العبد وبا بلاشک ووقتا يکون العبدا بلا افک. يعني ڪنهن وقت ٻانهو بلاشک رب هوندو آهي ۽ ڪنهن وقت ٻانهو ٻانهو هوندو آهي. شيخ صاحب سطحيات سبب فقراءَ سڀني جي نزديک وڏو ڏوهاري آهي. حافظ ابو عبدالله وهبي، علامہ ابن تيميہ سندس سخت مخالف هئا ۽ نهايت زور شور سان عوام خواص ۾ سندس برخلاف تبليغ ڪندا رهيا تہ شيخ ابن العربي جي تصنف کي ڪوبہ مسلمان نہ پڙهي ۽ سندس قرآن شريف جو هڪ تفسير 95 جلدن ۾ هو ۽ ٻيو تفسير 8 جلدن ۾ هو. تصوف ۾ سندس ٻہ ڪتاب وڌيک مشهور آهن: (1) فتوحات مکيہ (2) خصوص الحکم.

امام ابن سعد يافعي شيخ جو وڏو مداح هو، سندس ڪتابن پڙهڻ لاءِ اجازت ڏيندو هو، چوندو هو تہ جيڪي جاهل اهلِ طريقت جا منڪر آهن، سي ڪيس نٿا مڃين. جيڪو خدا جي ولين سان دشمني رکي ٿو، اهو گويا الله سان عداوت رکي ٿو. شيخ جلال الدين سيوطي لکي ٿو تہ ابن العربي عارفن ۽ عاشقن جو مربي آهي ۽ تنزلات جو روح آهي ۽ حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي قدم بقدم هلڻ وارو آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ: ان تحت العرش ڪنز مفتاحها لسان الشعراء يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو هنِ عرش جي هيٺان جيڪو منهنجو مخفي راز (خزانو) آهي، ان جي چاٻي انهن شاعرن جي زبان آهي، جيڪي منهنجي وڏائي بزرگي ۽ نعت شريف ۽ منهنجن پيارن جي ساراهہ بيان ڪن ٿا.

انهن پيارن برگزيدہ عاشقن، شاعرن، اهل دل عارفن، سچن سالڪن، اوليائن جو بيان ڪندس، جن ظاهري بشريت جي ڪدورت کان صاف ٿي پاڻ ۾ حق جو جمال ۽ جلال ماڻيو. انهن ۾ ڪن تہ پنهنجي پاڻ ۾ حق ڏسي سڪر جي حالت ۾ بي ساختہ هي قول چيا ۽ قول تي قائم باعمل رهيا. جيئن تہ حضرت ذوالنون مصري رحمتہ الله عليہ جن فرمايو تہ (1) صوفي جڏهن ڳالهہ ڪري تہ ان جو بيان سندس حال جي حقيقت هجي. (2) تہ جڏهن خاموش رهي تہ ان جي خاموشي ۽ سلوک سندس حال کي ظاهر ڪري، مطلب تہ جيڪڏهن ڳالهائي تہ ان جي سڀ ڳالهہ حق هجي ۽ جي خاموش هجي تہ ان جو هر فعل فکر هجي.

حضرت محمد بن علي بن امام حسين بن حضرت علي المرتضي سلام الله تعاليٰ عليهم اجمعين جن جو فرمان آهي تہ: التصوف خلق فمن زاد عليک في الخلق زاد علي في التصوف. يعني پاڪيزہ اخلاق

جو نالو تصوف آهي. جيتري قدر پاڪ اخلاق هوندا، اوتري قدر اهو صاف صوفي آهي. پاڪيزه اخلاق جا ٻه قسم آهن: (1) الله تعاليٰ سان گڏ (2) مخلوق سان گڏ. الله تعاليٰ سان گڏ اهي اخلاق آهن، جو الله تعاليٰ جي رضا خاطر قضا،رضا، قدر تي راضي رهڻ. خلق سان گڏ اهي اخلاق آهن جو الله تعاليٰ جي رضا خاطر مخلوق جي محبت جو بار برداشت ڪرڻ ۽ پڻ فرمائن ٿا تہ جتي دل هجي اتي قدم هجي، جتي قدم هجي اتي دل هجي، صوفي اهو آهي جو سواءِ الله جي ذات جي ٻيو ڪجهہ نہ ڏسي.

حضرت پير سائين رشيد الدين شاهہ جي ملفوظات نقل 302 ۾ پنهنجي فرزند حضرت پير سيد رشدالله شاه جن جي پڇڻ تہ همہ اوست بابت وضاحت فرمايو. فرمايائون تہ رحمٰن ڪير آهي. مون چيو تہ الله تعاليٰ. وري فرمايائون تہ رزاق ڪير آهي. مون چيو تہ الله تعاليٰ. وري فرمايائون تہ ڪريم ڪير آهي؟ مون چيو تہ الله تعاليٰ. فرمايائون تہ مڙوئي الله تعاليٰ آهي. مون بہ چيو تہ مڙوئي الله تعاليٰ آهي. پوءِ پاڻ حضرت رشيد الدين شاه (بيعت ڏٺي) جن فرمايو تہ اسان کي همہ اوست جي معنيٰ اها سمجهائي اٿن. يعني مڙوئي الله تعاليٰ آهي. سندن ڪلامن ۾ بيتن مان صرف هڪ بيت ملاحظہ ڪريون ٿا:

ث - ثابت سڪ جو جڏهن راحم رکيو راز
ارني جو عالم ۾ عام ٿيو آواز
ق - وان من شيءِ الا يسبح بحمده سَيت وڳو ساز
پر ٿئون پڪواز - لڳو لَن تراني جو

انهيءَ قرآن پاڪ جي سورت بني اسرائيل آيت ڪريمہ 44 يعني ڪابہ شيءِ سندس ساراهہ ساه گڏ پاڪائي بيان ڪرڻ کان سواءِ نہ آهي.

هاڻي غير ڪٿان آيو يا رهيو. هاڻي لدني معنيٰ ۾ جن سمجهيو اهي چون ٿا تہ ڪنهن حمد ۽ ساراه ڪنهن ڪرائي ۽ اهو ساراهہ ڪندڙ ڪير آهي. حقيقت ۾ چوي بہ اُهو ٿو ۽ چوائي بہ اُهو ٿو. ان جي حڪم کان سواءِ پن ڪڪ چري نٿو سگهي ڪل شيءِ محيط آهي. هر شيءِ سندس قبضي ۾ آهي.

هاڻي همہ اوست بابت اعجاز سائين جن جو شعر

ٿلهہ: ڪونہ ٻيائيو ٻيو ڪير - سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان.
(1) پاڻ کي آئون پاڻ ٿو ڄاڻان - پاڻ ڄاتي کان ڪهڙا پڇاڻان
پرجهي ڪٿي ڪوير - سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان
(2) پرت کي پنهنجو پاڻ پسايم - ڏاهہ عقل کان ڏور ڏسايم
سڪ آ منهنجو سيرُ - سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان
(3) ساڳيوئي ساڳيوسڀ هنڌ هوندس ڪاٿ ڪٿي تہ ڪٿي ڪنڌ هوندس
پَل نہ وڃهي ڪو پير - سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان

(4) غير "اعجاز" ڪي غير ٿو ڄاڻي - مَـامَ پروڙي تہ رمز پڇاڻي
مون ۾ اصل نہ ميرُ - سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان

وري ٻئي ڪلام ۾ فرمائين ٿا:

تلهہ: اٿم اهو اختيار - حاڪم محڪوم بڻجي سگهان ٿو

اهڙي طرح ٽيون ڪلام پڻ همہ اوست بابت ملاحظہ فرمايو:

تلهہ: هر جاءِ جلوا مون ڪيا - غائب بہ ٿي حاضر بہ ٿي
اول بہ ٿي، آخر بہ ٿي - باطن بہ ٿي، ظاهر بہ ٿي

(1) العشق واري اتورسان ؒ - اعليٰ الولايون ڪيم
آدم بہ ٿي، هوا بہ ٿي - شجر بہ ٿي، شرر بہ ٿي

(2) خوش خيال پنهنجي ڪي ڪيم - مسجد مندر ميخانہ ۾
مئي ڪش بہ ٿي، موڪي بہ ٿي - مؤمن بہ ٿي ڪافر بہ ٿي

(3) آرهہ بہ ٿي، گلشن بہ ٿي - خليل ٿي آذر بہ ٿي
ڪوه طور ٿي، تجلو بہ ٿي - موسيٰ بہ ٿي، ساحر بہ ٿي

(4) ڪٿين رٺاڙيم، ڪٿين ڪلايم - ڪٿين پلايم ڪٿين ملايم
ظالم بہ ٿي، ٿالم بہ ٿي - رهزن بہ ٿي، رهبر بہ ٿي

(5) هر سن ۾ هر سو هر طرح - هر ڪا خبر هر هر ڏنيم
انبياءَ بہ ٿي، اولياءَ بہ ٿي، سالڪ بہ ٿي شاعر بہ ٿي

(6) "اعجاز" واري ٻيڪ ۾ - پنهنجو پروڙيو پاڻ مون
پاڳل بہ ٿي، سياڻو بہ ٿي - بازر بہ ٿي، بي زر بہ ٿي

حديث شريف: من عرف نفسہ فقد عرف ربہ - لا يتحرک شيءِ الا باذن الله

سائين اعجاز جو ڪلام آهي تہ:

تلهہ: جنهن ۾ پاڻ اچي تہ سمايو - تنهن کي ڇا ٽيون اوهين سمجهايو

(1) بي گماني هن تہ ٻوتي مان - الله پاڻ الايو - تنهن کي ڇا ٽيون

(2) "اعجاز علي" ڇوي ڏسيو واٺسيو - حق کي حق نہ ٽيون پانيو

نفس کي (پاڻ کي) سڃاڻڻ کان سواءِ ڪڏهن بہ حق کي سڃاڻي نہ سگهبو ان جو مثال هيٺن آهي تہ:

تلهہ: پاڻان وڃي پراهون - الله کي وڙولڻ
ڪل جهڙي ڳالهہ آهيٌ - جيئن ڇوڪر ڪُلهي ۾ ڳولڻ

(1) آدم جي نَـانءِ آيو، آدم ۾ ٿانئہ پانيو

ڪنهن کي نہ ڏانءُ آيو ـ صوفيءَ جيئن راز کولڻ

(2) نہ ڪا عالمن خبر هيءَ ـ نڪا عاقلن خبر هيءَ

ڪئي عارفن خبر هيءَ تہ تو مون مهانديءَ ڍولڻ

(3) ووڙن وجود جيڪر علم وعقل جا پيڪر

برحق چون پوهرهر اعجاز وارو بولڻ

عاشق ۽ عارف جن جي نظر ۾ نظارو صورت ئي آهي. اهي دل جي آئيني ۾ حق ۽ حقيقت جو مشاهدو ماڻي هر دم ديدار ۾ محو آهن.

(1) دم ڪي سجاڻج دم بدم ـ هڪ دم لهي تو لک پدم

ڪل شيءِ مٿي تنهنجو قدم ـ جي راهہ رندي سان روين

(2) اعجازءِ چئي اعتراف سان ـ دائم رهج دل صاف سان

لَعلُون نہ لهدين لاف سان ـ تون ڪر ائين جيئن تو چوين

آخر ۾ اعجاز سائين جي هن بيان کي سندس هن بيت سان اختتام تي آڻيان ٿو.

بيت (1)

انڌن ليکي آدمي ـ سڄڻ ليکي سائين

آهي ڳالهہ هر ڪنهن جي ـ پنهنجي سمجهہ تائين

سائينءَ کي جيئن پائين ـ آهي تيئن ءاعجاز چئيءَ

بيت (2)

انڌن ليکي آدمي ـ سڄڻ ليکي الله

جنهن جو ڏسڻ جيترو ـ تيترو تنهن ويساهُ

انڌن سڄڻ ۾ اعجازءِ چئي ـ فرق اهوئي آهہ

هِن مٿو ڪيو ساهہ ـ هُنن لاٿو سانگو ساهہ جو

حقيقت پروڙي حق ۾ فنا في الله مان بقا بالله ٿيڻ

جيئن تہ سچي عاشق ۽ سالڪ، عارف جي آخري منزل بقا بالله آهي، ان مطابق پاڻ فنا ڪائڻ ڪان بعد هر چيز قربان ڪرڻ، باقي بيحد ۾ دم پرڻ، اها بقا بالله آهي.

پاڻ هن دنيا جي آخري ساعتن ۾ سول اسپتال حيدرآباد، گردن جي وارڊ روم نمبر1 ۾ 15 جُون 1998ع مطابق 19 صفر المظفر 1419هجري بروز سومر جي رات بستري کي ٽيڪ ڏيئي وينا هئا تہ پاڻ مون کي سڏ ڪيائون. آئون وٽن ويس، چيائون پنو ۽ پين ڪٺي اچ تڏهن پاڻ هي ڪلام لکايائون:

تلهہ: ايهہ دنيا ساري ڪمنبہ الله دا ـ الله ٻجڙيوال وي لوڳو ـ الله ٻجڙيوال
اپڻي ڪُنبي ڪون آپ هي پالي آپ هي هي جڳ پال وي لوڳو الله ٻجڙيوال

(1) آدم اولي الله داجيوڻ ـ آدم اولي الله داٿيوڻ
آدم اولي مرڪي جيوڻ ـ ويکو الله دي چال ـ وي لوڳو ـ الله ٻجڙيوال

(2) لوڪي الله نون ڪيا ڪيا اهدي ـ لوڪي الله نون جيا جيا اهدي
لوڪي الهہ نون پيا پيا اهدي ـ اعجاز آکي هر حال وي لوڪو

۽ سندن ٻيو آخري ڪلام هي آهي:

رند تا رهن تي ماورا دنيا جي هر فڪرات کان
دنيا جي هر فڪرات کان، عقبيٰ جي هر خطرات کان

هن ڪلام جون جملہ ست مصرع آهن، جن جو مفهوم سمجهڻ لاءِ عاشق عارفِ بالله وارن حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي هن حديث مبارڪ سان واضح ثبوت ڏنو آهي تہ: الخلق عيال الله.
معنيٰ: جيڪا بہ مخلوق آهي، اها سڀ جي سڀ الله جل شانہ امن والہ جو عيال آهي.

مخزن اخلاق تاليف حضرت مولانا رحمتہ الله سبحاني لڌيانوي جن ارشادات نبوي ڪريم صلي الله عليہ وسلم حضور پاڪ جن جي صفحہ 18 تي ٻئي سٽ ۾ لکيو آهي تہ: لوگ خدا کے عیال ہیں اور خدا کے نزدیک زیادہ پیارا اس کے عیال کو فائدہ پہنچانے والا ہے۔

متئين ڪلام ۾ "الله" لفظ جي معنيٰ ملفوظات "بيعت ڏٺي" نقل 28 فرماياٿون تہ اڄ اسان ڪي الله تعاليٰ طرفان هي القا ٿيو آهي تہ ان جي معنيٰ "مستقر بلاواسطي" آهي. مفسر هيئن بہ لکن ٿا تہ "الله" جي معنيٰ "سڪون ۽ ثبات" يعني آرام وٺڻ، ٽڪڻ ۽ قرار وٺڻ آهي. جيئن تہ قرآن پاڪ ۾ آيت ڪريمہ آهي تہ:

الا بذکر الله تطمئن القلوب (سورت الرعد)

خبردار! صرف الله جي ياد سان دلين کي اطمينان ۽ آرام حاصل ٿئي ٿو.

تنهن ڪري اهو اسم شريف رکيو ويو. پاڻ فرماياٿون تہ القا ٿيل معنيٰ جو اصل بہ اِهوئي آهي. جوتہ "مستقر بلا واسطي" جي معنيٰ اهو پنهنجي ذات ۽ صفات ۾ پاڻيهي پاڻ ثبات ۽ قرار وٺندڙ آهي ۽ ثابت ٿيندڙ آهي. اهڙي طرح اعجاز سائين جن پڻ ڪلام ۾ ثابت ڪيو تہ حي القيوم معنيٰ ابدا ابدا (هميشہ) جيئرو ۽ قائم ڪندڙ جهانن ڪي. الله لفظ ۽ حي القيوم ۾ فنا تي بقا تيڻ اها بقا بالله جي منزل آهي. سندن شعرن جو ڪجهہ حوالو ڏيان ٿو:

نظر قبول پوي هي منهنجو ـ گهر، سر مال عيالڙو ـ مچ سوالڙو
ڪر عجز اعجازا سر نظر ڏيوان ـ چاسون چاندي زرزيور ڏيوان
هر جاءِ اها خوش خبر ڏيوان ـ اسان ويڪيا اپڻي سهاري نون

ڇا ڪريان قربان هن دم - ڇا ڪريان ٻي حاضري
جو اڳڻ منهنجي الائي ڪيئن - ڪٿي تو تشريف آوري
حمد تسبيحون هزارين - لک دڳانا اڄ ڪيان
گهور سڀ ارض و سما وارا خزانه اڄ ڪيان
سر لکون قربان ۽ - ڪون ومڪان ڪل شي وري
بخت پنهنجي جي ڪيان ڇو برتري آئون بيان
اڄ نه ٿيندا ڇا ٿيو - فردا ۾ ٿيندا بل عيان
بخت منهنجي جا مدح خوان - مهر وماهه ومشتري
هن خاڪي ڇتڙي ڇولي - هي ٻوليون تو ڪير ٻولي
ڇا تو ڇوي ٻڌائي - ڪو گوش ڪن ته لائي
ڇا وينو آ وڄائي - ڪنهن کي پيو وڙولي - ٻوليون تو ڪير ٻولي
اعجازءِ اهوئي حق آ - سڻ سمجهه توسَبق آ
پيو ڪونه ڪو ناطق آ - الله ريءَ تو اولي - ٻوليون تو پاڻ ٻولي

ڪامل فقير اهو آهي جو ظاهر توڙي باطن ۾ صاحبِ خزانه، صاحبِ تصور، صاحبِ تصرف هجي. خلقت خدا جي ڪي نه ستائي نه رنجائي ۽ الله تعاليٰ جي مخلوق جو بار ۽ ملامت جو بار سر تي سهي. اعجاز سائين جن آخر تائين جيڪي به وٽن هو، سو مال، ملڪيت، زمين محبت ۾ سڀ لٽائي الله تعاليٰ جي مخلوق، جيت جڻا، نانگ بلا توڙي هرهڪ شيءِ کي پيار محبت ڏئي وڏو خلق، اخلاق ڇڏي ويا.

آخر ۾ هڪ حديث پاڪ ملاحظه تو ڪريان: ان اولياءَ الله لا يموتون ولڪن ينقلبون من دار الي دار يعني بيشڪ الله تعاليٰ جا ٻانها (ولي) مرن ڪونه ٿا پر هڪ جاءِ (در) کان هٽي در ڏانهن اچن ٿا. (مشڪوات شريف) الموت جسر اليوصل الخبيب الي الحبيب

فلسفو اعجاز:

حقيقت، حق جي عشق ۽ محبت جي ميدان ۾ عشق جيئن ڪري ۽ ڪرائي، ڏٺي توڙي ڏيکاري ان جي وس آهي. عشق لامذهب، الڻ اوپارو، نه مڪان نه منزل، هر جاءِ هر هنڌ حاضر، لاڦاني، ماضي، حال، مستقبل جو مالڪ ڪتاب آهي، ڪڏهن نه لکو آهي نه لکندو. ڪٿي حاڪم، ڪٿي محڪوم، ڪٿي ظالم، ڪٿي مظلوم، ڪٿي قاتل، ڪٿي مقتول، ڪٿي فاعل، ڪٿي منعول، ڪٿي فقير، ڪٿي امير، ڪٿي مومن، ڪٿي ڪافر، ڪٿي جابر، ڪٿي صابر، ڪٿي حد اندر اسير، ڪٿي بيحد ۾ بي نظير، ڪڏهن يار، ڪڏهن تڪرار، مطلب ته حقي عشق هڪ لاڦاني شراب آهي. عاشق جي نظر خالق جي هر تخليق ۾ هوندي

آهي. سندس سر کي ذري پرزي ۾ اثبات ڪندي آ. هر زمان، هر مڪان، هـَرگمان، هر ڏيان، هر اسم، هر جسم ۾ عاشق کي اهوئي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. خدا جي ذات هر خاني، عاشق جي جهات پڻ هر خاني، دم دم ديدارن ۾ مست رهندو آهي. جڏهن عاشق سڀ مشاهدا ماڻي، پنهنجي پاڻ تي نظر ڪندو آهي.

پنهنجي جوڪوچ ڪيڙم ـ پنهنجي پوءِ سوجهه پيڙم

منجهان منجهه تي موج ويڙم ـ منجهان منجهه تي آشنائي

اهڙي طرح صفات مان ذات جو مشاهدو ماڻڻ، اهو مشاهدو پاڻ ۾ ڏسڻ. بس اعجاز سائين جو فلسفہ خيال، سڄاڻپ، تلاش، اداس، حيرت، سمجهه اهائي رهي آهي. سچي زندگي عشق، حسن، فطرت ۽ قدرت جي عميق بحر ۾ غواصن وانگر سرگردان رهيا.

فلسفہ اعجاز ۾ جو ٿيو فنا، سو سڄاڻي ويو فڪر اعجاز جو

آئون خود حيران آهيان تہ اهو مالڪ سائينءَ جو لطف ۽ ڪرم آهي جو مون کي اهڙو رهبر مليو جنهن منهنجي جيءَ کي جياريو.

آئون اڳ ۾ اهڙي ناهيڙس ـ سوز سمجهايو سر سارو

مجني بابت هڪ شاعر پنهنجي شعر ۾ فرمايو آهي تہ مجني الله پاڪ کان عرض ڪري سوال پڇيو تہ:

تو چرا نامم بہ مجنون ڪر دئي

عشق ليليٰ در دلم چون ڪرديئي

معنيٰ: اي الله پاڪ! تو منهنجو نالو مجنون ڇو رکايو ۽ منهنجي دل ۾ ليليٰ جو عشق ڇو پيدا ڪيئي. هاتفي آواز آيو:

ڪارليلي نيست ـ اين ڪار ـ من است

صورت ـ ليليٰ عڪس انوار ـ من است

معنيٰ: اهو ڪم ليليٰ جو نہ آهي، پر اهو ڪم مون ڪيو آهي. ليليٰ جي صورت تي منهنجي نور جو عڪس پيو آهي، ان ڪري تون مست ٿيو آهين.

اهڙي طرح اعجاز سائين پڻ پنهنجي هڪ شعر ۾ فرمايو آهي:

(1) اي ميان پارس پڙهيا ـ تون ڪر پنهنجي پوري پري

پر جن کي مليا وند ورهہ جا ـ تن کي پيا وند ڇا ڪندا

(2) "اعجاز" ڇئي هن دل تي آ ـ ازلي حسن جو اولڙو

شمس شعلا شر بتيون ـ چمڪي ڇهرا چند ڇا ڪندا

هن شعر مان ٻہ نقطا پروڙڻ گهرجن: (1) ورهہ جا وٽد ملڻ (2) ازلي حسن جو عڪس (اولڙو) جن کي قدرت طرفان عشق جو وند ازلي نور جو عڪس مليو تہ اها ذات بي بها ڇئبي.

اعجاز سائينءَ جي فلسفہ فڪر ۽ شعر ۾ محو ٿيڻ سان سندن صورت، سيرت، قول، فعل، سڀ جو مشاهدو ڪيم تہ پاڻ جيڪي لسان سان فرمايو اٿن ۽ روحاني راز پلٽيو اٿن. ان آئينہ ۾ سندن ڪردار جو هوبهو مشاهدو ڪيم تہ جيڪي ڪجهہ شعر چيو اٿن ان تي پاڻ پورا عمل پيرا رهيا آهن:

اڃان بہ اعجاز جي سخن ڪي پرڪي سندن دل ۾ ويهي جيڪي مشاهدو ڪيم اهو هي آهي:

اعجاز هڪ حق جي محبت جو پيغام، سڪ، مجاز محبت، اخلاق ۽ سيرت آهي. اعجاز حق جو مصور، نقاش، تصور آهي. اعجاز بي بها موتي گل آهي، چمن، حسن و جمال آهي، اعجاز ڳجهہ راز رمز و نگاهہ آهي. اعجاز وصال آهي تہ وڇوڙو بہ آهي. ظاهر آهي تہ باطن بہ آهي اعجاز پيار، سخاوت، رحم ٻاجهہ، سمجهہ، آئينو، سوال جواب آهي. اعجاز صبر، خبر نظر، وصل، وصال، اصول، جانب، يار، هادي رهنما، پيشوا آهي. اعجاز رهبر، عقل، حياءُ علم، ايمانِ عشق، سور، زخم، ناسور آهي جو ڇٽڻ جو نہ آهي. اعجاز سچ، سچ جو سنيهو، بي انت رونما جهان، سڄڻ، ساٿي آهي، اعجاز حوصلو، حيرت، ارادو، الهام، اوتالعلم، يسمع، يبصر آهي. اعجاز فطرت، قدرت، تقدير، تدبير آهي. اعجاز سالڪ، شاعر، صابر، اولياءُ، فقير عاشق عارف بالله وارو صاحبِ حال آهي. اعجاز شاڪر، فيض، وفائي سچائي، صفائي، وارو قلب، ڪامل الحياءُ آهي. اعجاز قصد، عقيدو، ويساهہ، علم اليقين، عين اليقين، حق اليقين جتي قدم اتي دم پرڻ وارو محب، حبيب، محبوب، احساس، تجسس، ساس آهي. اعجاز تجلو، طور، نور، ظهور، مخمور، معمور، مذڪور، منصور، رند آهي. اعجاز چند، سيد ابن علي آهي. علام الغيوب سري وانا سره. اعجاز خود شناس، دانا بينا، حق نشينو، حق مبينو، صاحبِ طريقت، حقيقت ۽ معرفت وارو آهي. اعجاز جي رمزونگاه صرف عشق آهي. امر ملڪ جا جوڳي امرُ تي ويا فرمايو اٿن تہ:

نڪا اڄ نہ ڪالهہ ميان - از لئون اڳي چاڻ
سَيم ٻانگ برهہ جي - قلبٿو ڪنن ساڻ
پڙهيم ڪملو پريم جو - پنهنجي پيم پڇاڻ
ڇڏائي ويم آڻ - عبديت جي اعجاز چئي

اروپ ننگر جو پکي، روپ ننگر ۾ ڪايا ۾ تنَ حصن ۾ جسمي طرح رهي پيغام ڏيندو راهي ٿي ويو. اڄ اسان وٽ سندس محبت ۽ پچار رهي آهي.

تلهہ: ٻيلهہ ٻڳهن سان ٻهي وويار - پرت پکٽڙو پاري هليو ويو
(1) سال ساڪن هو هن ٿي سر ۾ سرُ نہ ڪيس ڪنهن سهي وويار - پرت.
(2) لاتيون سهاجهيون لنوندولوندو - ڪالهہ هتان ويو ڪهي وويار - پرت
(3) آدم اولي سمجهہ "اعجاز" - روپ انهي ۾ رهي وويار - پرت ...

اسان دعاگو آهيون تہ کين الله پاڪ پنهنجي فضل و ڪرم سان مغفرت فرمائي ۽ سندن فرزندن (1) سجاد الرسول شاه "سجاده نشين" ۽ (2) ظهور احمد شاه، ٻنهي ڀائرن کي اتحاد ۽ محبت عطا فرمائي. جيئن حقيقت ۽ حق جي واٽ وٺي، سچائي ۽ وفائي سان منزلِ مقصو تي پهچن.

انهيءَ کان علاوه سائين جن جي وڏي فرزنده امان الله شاهہ راشدي جن جو ڪلام جنهن جو تعداد ست آهي. پڻ شامل آهي جنهن مان پڻ ناظرين مستفيض ٿيندا.

دعاگو

صوفي صابن خاڪي

پنج مورو

پاره ٢٢ سورة الاحزاب ٣٣ رکوع ٩ آيت کريمه ٧٢

مولوي احمد ملاح:

امانت آين کي ـ آچيسون عيان
زمين ۽ جبلن کي ـ جاڙا منجهه جهان
اُنائڻ کان ان جي ـ کيائون ناهه نڌان
ڏيا تنهنکان ڏيل ۾ ـ اُنايس انسان
ظالم منجهه زمان ـ آهي نسورو نادان سو

حضرت شاهه عبداللطيف:

اول لوهه قلم ۾ ـ پيئي پرت پچار
ملکن ۾ ماتام پيو ـ عرش ڏني اوچنگار
سندو برهه بار ـ هن خاڪي ۽ کنيو سر تي

حضرت سچل سائين:

اديون آدم ناهيان ـ فلڪ نه کي فلکن
خيالئون اچي اوچتي ـ خلل وڌم خلقن
ناهي مُيسر ملکن ـ اِها امانت عشق جي

حضرت پير سائين رشيد الدين شاهه (بيعت ڏٺي):

ڪلام

ٿلهه: عشق ته آهي اکيچار ـ انڏن لاءِ ته به آهي اونداهي
١ـ وان من شيءِ عشق جي آهي ـ پن پن منجهه پچار يار

ڪلام

ٿلهه: اچ آپ عشق گهر آيا ـ ٿيا ساڏڙا بخت سوايا
١ـ مُئي دل جياريس ميڏي ـ قم باذني فرمايا
٢ـ سوجيا مول نه مرسي ـ جنهن نون جوش جڳايا
٣ـ اها امانت چاوڻ مشڪل ـ چم باري سر چايا
٤ـ رشيد الدين آکے لاشک آکے ـ رانجهن رُخ وکلايا

وضاحت: قرآن پاڪ جي مٿين آيت ڪريمه مان ثابت ٿيو ته عارفن عاشقن ان جي تصديق ڪئي ته اها امانت عشق آهي. تفسير محمد عثمان نورنگزاده جن پڻ مٿين آيت ڪريمه جي آخري معنيٰ ۾ قبول ڪيو آهي ته صوفين جي عقيدي موجب اها امانت عشق ئي آهي جيڪا ابد ۾ ڏاڏي آدم عليه السلام ڪئي. ڇو نه ڪٿندو؟ ان ڪي پيدا ئي ان لاءِ ڪيو ويو هو.

حضرت قبله اعجاز علي شاهه:

عشق عشق اسان ڪيو- اول آخر تا
اتائڻ وقت ان جي- ڪئيسون ڪانه پُڇا
اسان ڏنس "اعجاز" چئي- مٿوريءَ چون چرا
نه ته هيءَ اُهائي بلا- جنهن فرشتا فرار ڪيا

*****

عشق عشق اسان ڪيو- عشق نه ڪيو ڪنهن ٻئي
اسان اهي ئي آهيون- جن تڪڻ تورڻ ري
امانت سمجهي اعجاز چئي- اُنايس اکين تي
عشق نه آڪرو ٿئي- اڳيان اسان جي ڪڏهين

*****

عشق نه هو دانا- دانائي سيڪاريس اسان
ڪتاب ڪيوسون حسن ڪي- عشق نقطي نماءِ
مڪتب ڪيوسون جهان ڪي- عاشق تنهن ۾ طلباءِ
پڙهندي ڪتاب حسن جو- عجب ڏنائين لڪاءِ
نه جهڙو "ن" نقطي سان- تهڙو نين بناءِ
ڪاري لڳيس ڪو قلب ۾- اعجاز اتائين گهاءِ
پيس پوءِ سماءِ- استاد سڏيائين عشق ڪي

*****

عشق عشق اسان ڪيو- عشق اسان جي خلقت

اسين مالڪ عشق جا۔ عشق اسان جي ملڪيت
ائين سمجهه اعجاز چئي۔ هيءَ آ حقيقت
عشق اسان جي رعيت۔ اسين راجا عشق جا

پاڻ سڃاڻ

حضرت شاهه لطيف:

پيهي جان پاڻ ۾۔ ڪيم روح رهاڻ
تہ نڪو ڏونگر ڏيهه ۾۔ نڪا ڪيچن ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ۔ سسئي تان سورهئا

خوش خير محمد سائين:

رب سڃاڻڻ سهنجو اٿئي۔ پاڻ پروڙڻ اهنجو اٿئي
دم دم دلبر وسي ٿو دل ۾۔ و نحن اقرب ساهه رڳن ۾
وچئون پردو پنهنجو اٿئي

حضرت مولانا تاج محمود شاهه امروٽي:

پرين توکان پاسي ناهين۔ هيڏي هوڏي ڇو ٿو ڪاهين
ناحق سختيون سِر سهائين۔ تنهنجو توئي سان
جي تون پروڙين پاڻ

حمل فقير:

ٻئي ڪون ٻهون سڃاڻڻ سوکا۔ اوکا آپ سڃاڻڻ
آپ سڃاڻڻ آپ وڃاوڻ۔ ول وچ آپ نہ آڻڻ
من عرف نفسه فقد عرف ربه۔ سمجهه اهو سمجهاوڻ
حمل حق سڃاڻڻ ٻاجهون۔ ابتر عمر وڃاوڻ

صوفي دلپت:

ٻَر سڃاڻڻ سُترو۔ پاڻ سڃاڻڻ ڏک
اڪيون ڏِسن ٻَرَ ڪي۔ پنهنجو ڏِسن نہ مُک

بنا ڏئي پنهنجي- ڪڏهن ملي نہ سڪ
دلپت التي ڏسين آڪ- تہ دوست مليئي دل ۾

حضرت پير سائين بيعت ڏني:

ربوبيت رهبر تي- اُعرف لئہ آئي
من عرف نفسہ فقد عرف ربہ- واہ واڈائي
تفکروفي صفات الله ولا تتفکروا في ذات الله- سونهين سُڻائي
صفت سُهائي- ظاهر ڪندڙ ذات کي

اعجاز سائين:

کونہ پانيو پيو کير- سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان

پاڻان وجي پراهون- الله کي وڙولڻ
ڪِل جهڙي ڳالهہ آهي- جيئن ڇوکر کلهي ۾ ڳولڻ
وري پئي هنڌ فرمائن ٿا:
درشن دروني ڌرجي- دل ڏانهن ڌيان ڌرجي
سڀ ڪجهہ دلان ٿو سرجي- جهاتي اها سجائي

*****

خود جو مان دانا بينا- خود جو شناس آهيان
خود جي تلاش ورتيم- تہ خود جي مان پاس آهيان

*****

ٿلهہ: پاڻ کي ڪين سُڃاڻئي ڪڏهن- رب جي سڃاڻئي تہ ڇيهہ ٿي پيو
چاڻ جهڙو چاڻ نہ چاڻئي- چاڻ پيو چاڻئي تہ ڇيهہ ٿي پيو
۱- دم دمائڻ، دم ڪمائڻ- دم سڃاڻڻ، دم کي چاڻڻ
دم نہ سڃاڻئي تہ ڪجهہ نہ سڃاڻئي- دم جي چاڻئي تہ ڇيهہ ٿي پيو
۲- صورت سڀ ۾ سير الاهي- صورت سڀ کي ساجد ٿي
صورت آڏو ڪنڌ نہ نائئي- ڪعبي نائئي تہ ڇيهہ ٿي پيو

*****

خود پاڻ کي وسارڻ - جڳ کي وچي جُھارڻ
ڳڻ ۾ نہ پاڻ سارڻ - وڻ وڻ ناحق ڏنتولڻ

*****

تلھ: خود جي ٿيم اچانڪ - خود ساڻ آشنائي
پنھنجي مون پاڻ منزل - پاڻان پري نہ پائي
(۱) مَن عرف مام حق حق - حق جو پيغام حق حق
آئون تمام حق حق - پوڙيم اتي پيائي
(۲) مون ۾ ئي حق نشينو - مون ۾ ئي حق مبينو
مون ۾ ئي حق جو جينو (حق سان جيان ٿو جائي

*****

کوھ ٿو گنگا جمنا پيٽين - کھڙو مکي ڏي ضرور اٿئي
تو ۾ ڪاشي تو ۾ تکيو - تو ۾ تجلو طور اٿئي
ھٿ کر حال خيال اعجازا - ھردي منجھ حضور اٿئي

حديث پاڪ:

القلب عشق الله عظيم

ترجمو: دل الله تعاليٰ جو وڏي ۾ وڏو عرش آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ منھنجو خزانو عرش کان وڏو، کرسي کان وڌيک طاقت وارو، جنت کان وڌ پاڪيزه آهي. ان جي زمين معرفت آهي، ان جو آسمان ايمان آهي، ان جو سج شوق آهي، ان جو چنڊ محبت آهي، ان جون پتيون يقين، ان جو مکان همت، ان جا چار کم توکل، فکر، انس، ذکر، ان جا چار دروازا: علم، حلم، صبر، رضا، اها دل آهي.

پهریون باب

توحید، صفت، ثناء

تلھ: جو لَيْسَ كَمِثْلِهٖ(١) آهي پرين سو آ پَسڻ جھڙو
بِنا ڪَنهن مَرد ڪامل جي نہ آهئي ڪي ڏَسڻ جھڙو

١- ڇوان آئون ڪِيئن آهي ڪَهڙو ڏنس جنهن جيئن تنهن سان تهڙو
اَصُل ڪان ئي اَصُل آهڙو دِليون ڪِلندي ڪَسڻ جھڙو

٢- ڪِتي مَحبوب سو پيارو ڪِتي عاشق آنا وارو
ڪِتي نيڙو ڪِتي نيارو ڪِتي گهَرو گَسڻ جھڙو

٣- سوئي مشرق سوئي مغرب، سوئي سو آنَحنِ اقرب
سوئي رهبر سندم سو رَبُ سوئي جت ڪٿ وَسڻ جھڙو

٤- لاَلڻ جي لِڪَ لقاء ڪي ڪو ماٺيندو بڻ بقا ڪي ڪو
اَعجاز اِرتقا(٢) ڪي ڪو رَسي عاشق رَسڻ جھڙو

تلھ: مالڪ موليٰ هادي الله، پاڻ ٿو ڄاڻي پَنهنجي قُدرت.

١- ڄا لاءِ ٿي آدم داڻو کاڌائين، ڄا لاءِ ٿي يُوسف آئينو ڏنائين،
ڄا لاءِ ٿي مُوسيٰ وَري بہ سِکيائين، سبق خِضري صَبر ساڃاھہ.

٢- ابراهيم ٿي آڙاهہ تي آيو، عِيسيٰ ٿي بي والد ڄايو،
يُونس ٿي شِڪم ماهي وسايو، ڪير هو مُجرم ڪَنهنجو گُناهہ.

٣- اَحد مَنجهان ٿي سَڏايئين اَحمد، بات اها آهي بالا بيحد،
پاڻ ئي حَميدُ هو ڪَيائين ڪَنهنجو ٿي حَمد، وَرُ رکيائين وَڏو اِت وَاهہ.

٤- اَعجاز عَليؑ ٿي جَلال وَارو، مُلحدن تي ڪَيائين مارو،
شاهہ حُسينؑ ٿي سورهہ سوپارو، سَجدي ۾ ڏنائين سِر ۽ ساهہ.

(١) لَيْسَ كَمِثْلِهٖ: جنهن جو مثال نہ هجي (٢) اِرتقا: ترقي، اعليٰ، اونچائي، بلندي

ٿلهه: هر ساڄ آهي هر رَنگَ ۾ هُو، هن سِر ۾ هُو هن سُنگ ۾ هُو.

١- وَحدَتَ ۾ هُو، ڪَثرَتَ ۾ هُو، مَاتمَ ۾ هُو، مُسرَت ۾ هُو،
جَوَانَنِ واري جنگ ۾ هُو.

٢- مومنَ ۾ هُو، ڪَافرَ ۾ هُو، مَسجِد ۾ هُو، مَندر ۾ هُو،
مُلين مَشائخَ مَلنگ ۾ هُو.

٣- وَڻ ٽِڻ واهڻ وادِيءَ ۾ هُو، شور شُغل شَمعُ شَادِيءَ ۾ هُو،
روهَ جَبلَ جَهر جهَنگ ۾ هُو.

٤- سَاز آوازَ سَرگَم ۾ هُو، تَان تَرانِي تَرنَم ۾ هُو،
اُپنگ چنگ مِردَنگ(١) ۾ هُو.

٥- حُسن حَسِين حَرڪَت ۾ هُو، نازَ نيازَ نَزاڪَت ۾ هو،
زُلفَن جي وَر وَنگ ۾ هُو.

٦- آحد مَنجهان تِي آحمد آيو، سِرُ اَعجَاز ا تِيءَ س سَجايو،
رنگ ۾ رهي بيرَنگ ۾ هُو.

(١) مِردَنگ: ڍولڪ جو قسم (نقاره)

تلھ: ھَميشه حمدَ ۾ ھُوندا - حَقيقي حالَ جا طالب،
خُمَرِخاصي خُمارِيا سي - خُدائي خيالَ جا طالب

۱- نَفيءَ جي سَيرَ مان نِکِري - وِيا اِثبَاتَ ڏي اُسِري
نِسنگ نِروار ٿيا نِسري - عَجَبُ اَحوالَ جا طالب

۲- ڇاڻُو سَڀ ڇاڻ ڇاڻَنتا - ٿِندو ڀيو ڪين ٿانءَ ٿا
عَجَبُ اَحوالَ آٿَن ٿا - اَمُرَ اَعمالَ جا طالب

۳- برھ جو بارِ ڇايو جَنِ - اَنَا الحَقُ گيت ڳَايو ٿَنِ
اُتاھُون عِشقَ آيو آٿَنِ - نَاھِن آڄ ڪالھ جا طالب

۴- مُشاهدي وَارِي مَحفل جو - مَزو ماڻيو مَرِي جي جَنِ
مَھيِسي مَرِدَ سي مَاهِر - نہ ٿيندا مَالَ جا طالب

۵- مُلاقي روزِ مَحشرَ ۾ - سيئي مَحبُوبَ سان ٿيندا
جيڪي هوندا مُحبَت جي - ذَرَي مشقالَ جا طالب

۶- گُھمي هنڌُ سنڌُ هَرِ پَارا - ڏٺم اَعجاز سڪَ وارا
وڏي ھُئا مَرِتَبي وَارا - عَلي جي آلِ جا طالب

تلھ: هتي آئين پَلي آئين پَلا ڇئُو چِوِلڪي آئين،
اِنهي اِسرار جي سُڌ ڏي عَدم ۾ ڪِيئَن نِکي آئين.

۱- غُلامي جي غِلافن ۾ طَبل شاهي طَوافن ۾،
ڪِشالن ڪوه ڪَافن ۾ ڪَنهنجي ڪَارڻ سِکي آئين.

۲- ڇَڏي ٿُون تخت کي ٽُرتئون، پُڇائي رَنگپور پرتئون،
نياز وناز سان نرتئون، ڪَهڙي ڇَاهئُون ڇِکي آئين.

۳- ڪَنُورا نينِ ڪَج ڪالا، اهي بَنجون اهي پَالا،
هَتي ڪيئي مَست مَتوالا، عَجب ڇالا سِکي آئين.

۴- مَچيو اَعجاز ميڇڻ جي لاءِ - پَرم جِسمي پَڇڻ جي لاءِ
وَري وَاپس وَڃڻ جي لاءِ - ڪَري ٻولي پَکي آئين.

(۱) مشقال: ذرڙو (۲) غِلافن: لڪل، پردي ۾

تلھ: آسين جَھڙن گُذارن ۾- آسان جي ٿار ٿُون ھين ٿُون
خِزائن ۾ بَھارن ۾- آسان جي ٿار ٿُون ھين ٿُون

۱- بَحر بَر بَن بَيابانن- خُلاصن خُوش خَيابانن
اِرم جھڙن نظارن ۾- آسان جي ٿار ٿُون ھين ٿُون

۲- حَسِينَن ڪي قَبِيحن ۾- حَبِيبن ڪي رَقِيبن ۾
هُجون جن جن پِيارن ۾- آسان جي ٿار ٿُون ھين ٿُون

۳- جيڪا مَوسم اَچي سامھون- اُنھي کي ڏيون ٿا ھي نَامون
اُونھارن ۾ سِيارن ۾- آسان جي ٿار ٿُون ھين ٿُون

۴- آسين ڏُک سُک ۾ ھڪ جَھڙا- آسين اُڃ بُک ۾ ھڪ جَھڙا
ڏُکارن ۾ سُکارن ۾- آسان جي ٿار ٿُون ھين ٿُون

۵- جُھڙن جھولن تَتَن ڪاڙھن- گھيڙن گھارن چِڪن چاڙھن
اُونَھن غَارن آنڌارن ۾- آسان جي ٿار ٿُون ھين ٿُون

۶- آسان جو دَم قَدم آ شُد- آسان جي حَال تي شَاھد
اورارن ۾ پَرارن ۾- آسان جي ٿار ٿُون ھين ٿُون

۷- رَوزن ۾ چَئين جي عيدن ۾- غَمن دَردن شَديدن ۾
گُلن ۾ چَئين جي خَارن ۾- آسان جي ٿار ٿُون ھين ٿُون

۸- آسين توڙي خُمارن ۾- عَجب عيشي قَرارن ۾
نگارن مَاھ پارن ۾- آسان جي ٿار ٿُون ھين ٿُون

۹- آسان جي جَھات ھَر خاني- خُدا جي ذَات ھَر خاني
آسين دَم دَم دِيدارن ۾- آسان جي ٿار ٿُون ھين ٿُون

۱۰- ڪَثر ڪَس جي خَبر ڪانھي- اِنھي پَاسي نَظر ڪَانھي
ڪَٿن ڪاسَن خرارن ۾- آسان جي ٿار ٿُون ھين ٿُون

۱۱- وساريون يار ڪي جو دم- ڪفر ۾ غار ٿيون سو دم
انھي آھيون اوتارن ۾- آسان جي ٿار ٿُون ھين ٿُون

۱۲- آسان جي ٿار اِثباتي- چوي اعجاز آ ذَاتي
مَجيل مَنصور پَارن ۾- آسان جي ٿار ٿُون ھين ٿُون

ٿلهه: وَاهه مَوليٰ سائين وَاهه، جيئن جَنهن کي وَاهين، تيئن سو وَهي ٿو.

١- اُبتــو وَاهين سُبتــو واهين، کُپتــيــو واهين سُپتــيــو واهين، تُنهن جي اڳيان نہ ڪَنهن جي ناهه، جيئن جَنهن کي وَاهين، تيئن سو وَهي ٿو.

٢- اڪڙو وَاهين جي مــڪــڙو وَاهين، ڏيــو وَاهين جي چَڪــڙو واهين، توکي سُونهي تُنهن جي صَلاح، جيئن جَنهن کي وَاهين، تيئن سو وَهي ٿو.

٣- اُڄ سَان وَاهين جي بُک سان واهين، اوسَر لائي جي سُک سان وَاهين، تو هَٿ هَادي سَيئي ساهه، جيئن جَنهن کي وَاهين، تيئن سو وَهي ٿو.

٤- وَهُو بہ واهين جڙا بہ واهين، ڇوٽا بہ وَاهين ٻڙا بہ وَاهين، توکي آهي اِها آگاهه، جيئن جَنهن کي وَاهين، تيئن سو وَهي ٿو.

٥- ڏائي وَاهين جي سَائي واهين، ٿَائي وَاهين جي لاَئي وَاهين، ڪُل سُوڌي مٿي تنهنجي نگاهه، جيئن جَنهن کي وَاهين، تيئن سو وَهي ٿو.

٦- اَعجاز ڇَوي مُنهن جو وَهڻ ڇاهي، آئُون تہ وَهان ٿو توکي نگاهي، ڪِيئن نہ ڇَرخو ڇلائين ٿو هَر گاهه، جيئن جَنهن کي وَاهين، تيئن سو وَهي ٿو.

ٿلهه: اَول آخر نُور مُقرب لاَ اِلا الا هو- ظَاهر بَاطن ونحن اَقرب لاَ اِلا الا هو

١- غَائب حَاضُر قَائم قادر مَشــرق تــوڙي مَغرب لاَ اِلا الا هــو

٢- قَانع مَانع صَاب صَانع نَافع رَافع هــڪــڙوئــي رَب لاَ اِلا الا هــو

٣- هَر رَنگ اولي ٻوليُون ٻولي ڪَڏهن مُلون ڪڏهن مُطرب لاَ اِلا الا هو

٤- هِند سِند ايران قابل ڪِنعان يُورپ يُونان يثرب لاَ اِلا الا هــو

٥- هَر رَاز انهي ۾ جو اَعجاز اُنهي جو مَئخار رندي مُشرب لاَ اِلا الا هو

تلھ: ڪَرِ خيال خَتَمِ پيا لِڪَ ۾ ٿُون، وَڃُ پيهي آللهَ آلڪَ ۾ ٿُون.

١- رِيءِ آللهَ جي نَا ڪُجھ نَاهي، جيڪِي آهي اُهوئِي آهي،
پاءِ تنهنکي هَرمَڪَ ۾ ٿُون.

٢- ڳَامَ ڪِروڙُ ڪِينو ڳَنِي ڇڏ، موهَ مَمَت ڪان مُنهن مَٽي ڇڏ،
ٻَجهُ نہ ٻيائيءِ ٻِڪ ۾ ٿُون.

٣- وَانداِ الاهي عِشقَ سان وَاڳِجُ جُڳ جُڳ جيئِن لاءِ جَاڳِي جَاڳِجُ،
پَئُ نہ پَرائِي پَرڪ ۾ ٿُون.

٤- لاءِ آعجازا لاهوتي لولِي، لا اِلا هُو هُو ٻُولي،
نِت سدا ڏُڪ سُڪ ۾ ٿُون.

تلھ: جيڪو دِليُون لُٽي ٿو لُٽير، ڪَر ٿُون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

١- نَالو اُنهي جو رَنگي آهي، بي آنتُ بازِيگَرُ آنگِي آهي، سَڀَ ۾ سَندسُ سِر سَيرُ،
ڪَر ٿُون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

٢- جِنهن جو مُلڪ مَڪَانَ نہ هڪڙو، پار پَتو رَند نيشان نہ هِڪڙو، هڪڙو سندس مُنهن نہ پَيرُ،
ڪَر ٿُون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

٣- لامڪاني لا ريبُ سوئي، حاضرُ غَائِبُ بي عيبُ سوئي، ٿندُ نہ ونسُ ڪو ٿيرُ،
ڪَر ٿُون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

٤- ڏِسَڻ وَارِن ڏي هُو بہ ڏِسي پيو، حَال مَحرَمَ ٿيو خُوبُ هَسِي پيو، مَن جو مَنائي مِيرُ،
ڪَر ٿُون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

٥- نَڪُ اکيُون سِر صُورَتَ رکي ٿو، لوڪُ اڄَان تِنهنکي ڪِين لکي ٿو، اِهو بہ آعجاز ڏِسُ آنڌيرُ،
ڪَر ٿُون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

موهُ مَمت: دنيا جي لالچ، حرص

شانِ رسول

تلهہ: آوهين ڪَا نَظر فرمايو- خُدارا خَاتمِ الآنبياء
خَطائون دَرگُذر پَانيو- خُدارا خَاتمِ الآنبياء
١- آوهان جو دَر خُدا جو دَر- خُدا جو دَر آوهان جو دَر
بيگانہ دَر نہ ٺُڪرايو- خُدارا خَاتمِ الآنبياء
٢- آگها عاصي آڙيا عاجز- ڏيهان ٿڙيل ڏُکيا ڏُٺڙيل
پُورا پُليل سگر[1] لآيو- خُدارا خَاتمِ الآنبياء
٣- نگاهہِ ڪَرم سان آقا- ڪَريو آسان مُشڪل سَڀ
اوسيڙن ۾ نہ الجهايو- خُدارا خَاتمِ الآنبياء
٤- مُونجهارا غمِ زماني جا- تُوڙِي دَارُ البقا وَارا
ميئي ڪُل مُنهڙو مرڪايو- خُدارا خَاتمِ الآنبياء
٥- آسان جو سُوال نِيارو آ- آسان مَان ٿي آسانڪي ڏيو
سيني وارو تہ سَرمايو- خُدارا خَاتمِ الآنبياء
٦- گُناهن جي سِياهي ڪان- سَجي دَامن سِياهہ آهي
اُجاريون ڪيئن سو سَمجهايو- خُدارا خَاتمِ الآنبياء
٧- نڪارن نَاقصن جي هت- اوهان ريءَ ڪَا پَوا ڪَانهي
آوهين سَدَّ ٿن جا اونَايو- خُدارا خَاتمِ الآنبياء
٨- نَڪي زَر مال گهُرجي سُون- نہ ڪا نَاداري گهُرجي سون
پنهي ذِلتن ڪان ڇَڏرايو- خُدارا خَاتمِ الآنبياء
٩- آوهان جي پَاسباني سَان- آسان جي سِندُ سَائي آ
مَٿان ٿنهن مهر بَرسايو- خُدارا خَاتمِ الآنبياء
١٠- وَاَمَّا السَّآئِلَ[2] فَلَا تَنۡهَرۡ- ڪَيُوَهي قَول قُرآني
نہ هن سَائل تي ڏُرمايو- خُدارا خَاتمِ الآنبياء
١١- آوهين مَولىٰ آوهين مَلجا[3]- آوهين مُختار ڪُل آهيو
آوهين آعجاز بَرسايو- خُدارا خَاتمِ الآنبياء

(١) سگر: راهہ سان، گس سان (٢) وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنۡهَرۡ: سوالي ءَ کي نہ جهڙڪيو، رنج نہ ڪريو
(٣) مَلجا: پناهہ ڏيندڙ

تلھ: مَديني جو مَنظر شَھر آلله آلله - انھي مُلڪ جو ھَر بَشر آلله آلله

١- اُتي وَاري ھَل چَل جُھڪيل ڪندنَظرون - ذِڪر ھَر زبان تي شُڪر آلله آلله
٢- اُتي وَاريون شامُون اُتي وَاريون صُبُحون - اُتي واريون گھڙيون گُذر آلله آلله
٣- عَطُر اُوٺون ذي اُت اُپارا آچَن ڪَئين - حِنا مُشڪ موتيو عَنبر آلله آلله
٤- سي مَاڙيون سي چَاڙھيون گھٽيون چَونڪ غُنچ - سِي شَاخون شَجر با ثَمر آلله آلله
٥- وَٺي قلب اُت تو صِفت بيخوديءَ جي، وَڃي جَرس جِيئن تو جِگر آلله آلله
٦- ڪِروڙن لکن جُون وَڃڻ سان اُتي سَڀ خَطائون ٿين دَرگُذر آلله آلله
٧- ماٺون جِنّ ملائڪ چُمن مِڙيو چَاھئون، گُنبذ سَبز آطھر جو دَر آلله آلله
٨- لَڳو رَنگ اُتي جو اُنھن عَاشقن کي، عُمر يَر ڪَيو جن صَبر آلله آلله
٩- اُنھي يَارجي سِڪ ۾ سَعيو سَجايو - اُنھي يَار وَارو سَفر آلله آلله
١٠- اُھي وَاديون نَھرون اُھي دَشت صَحرا - اُھي چشمہ پَاڻي اوڪر آلله آلله
١١- اُھي جبل جُھونا اُھي غَار جَايُون - اُھي ٽَاڪ بِيتڪ ٿُوھر آلله آلله
١٢- پَسي اِيءَ نَظارو مَٿس رَشڪ ڪَن ٿا - مِھر و مَاھہ ڪَامل بَدر آلله آلله
١٣- سُنبل سَرو نَرگس صَنوبر ھَزارا - نخل نَاز ڪَن ڪَيِيو ڪَر آلله آلله
١٤- حَرمَ بيت حُجرا صِحن صَاف اُجرا - سُونھَن پياسي سَر بَسر آلله آلله
١٥- مَديني مَڪي جا مُنور منارا - مَٿان تَن جي چَانيل آبُر آلله آلله
١٦- اُنھي ڏيھہ پَسڻ لاءِ ٿا ھَر سال ڪَئين ڪَن - صَدق سَاھہ سِر زَر زَيور آلله آلله
١٧- اگھن مَن کي اَعجاز مُنھنجون بہ آھون - پَسان مُلڪ سو دَر سَگر آلله آلله

نخل: کجيءَ جو وڻ

تلھ: مِٺي مُربي موھيو عَربي - مُلڪ مَلڪوت وَارن ڪي،
عَجب شُعلا نَظر آيا - آئي جَبروت وَارن ڪي.

١- کُليون ڊِيدار جون دَريون - حُورون پَريون ٿِيون ڇَريون،
تَجليون ٿاب ِتڪَ پَريون - لڳيون لاَھوت وَارن ڪي.

٢- جَنتِ فِردوس جون جَايون - گُھمي مَحبوب سَڀ گھايون،
حَضُوري حَال جُون لاَيون - ھُونگون ھَاھوت وَارن ڪي.

٣- نَعرا نينھن جا لڳا نيارا - عَيانِ اسرار ٿيا سَارا،
اُتان بَحِرا[1] بِرھ وارا - مِليا بَاھوت وَارن ڪي.

٤- ڪَما حَق سَير قوسيني - ڪَيو سَردار ڪَونيني،
رِنديءِ جي رَاز رَنگ رَيني - نَايو نَاسوت وَارن ڪي.

٥- سَيّد سَرتاج وَجدت جو - صَاحب اَعجاز صَمَديَت[2] جو،
لاَئي تو رَنگ مَعرفت جو - صَبر ثَابوت وَارن ڪي.

تلھ: آچي آسان مُشڪل ڪَر، حَبيبِ ڪِبريا ھَادي.

١- رَحمَت اللعالمين سِر تون - نَبي روح الاَمين[3] سِر تون،
شَفيعُ المُذنِبين[4] سر تون - تُنھنجي ھَر ڪنھن تي اِمدادي.

٢- ڪنا ڪوجھا تُنھنجا آھيون - وِچي ٻي دَر نَٿا دَانھيون،
اُميدون ڪِينڪي لاَھيون - آھيون لاءِ فَيض فَريادي.

٣- بَرابر آھيون بي سَمرا - ڏوھاري ڏَاڍا ڏُڏ ڏُيرا،
آسان جا قلب ڪر اُجرا - وَھائي نُورِ جي وَادِي.

٤- ڏي بيواھن ڪي پَرواسو - دَمادم دَاد دِلاسو
آھي اَعجاز آرداسو[5] - ٿِين وَيرانا آبَادي

(١) بَحِرا: ونڊ، حصا (٢) صَمَديت: بي نيازي (٣) رُوح الامين: اھو روح جيڪو جبرائيل عليه السلام تي نازل ٿيو
(٤) شفيع المذنبين: گنھگارن لاءِ بخشش ڪندڙ (٥) ارداسو: عرض ڪندڙ التجا ڪندڙ

تلھ: قائمِ قُدسي کُلاھ۔ سَجڻ سِر کَلنگي کَلنگي
لَولاکَ لَما گواھ۔ سَجڻ سِر کَلنگي کَلنگي

١۔ آنا آحمد سَمجھ اِشارو۔ چَئي ٿو آھيان آلله
سَجڻ سِر کَلنگي کَلنگي

٢۔ مُرصَع[١] جامون تاج مُبارک۔ وَھوا جَلوو جاھ
سَجڻ سِر کَلنگي کَلنگي

٣۔ لاَ تُدْرِکُهُ[٢] آل چئي تہ لِکو آ۔ صورت آدم ۾ واھ
سَجڻ سِر کَلنگي کَلنگي

٤۔ ڪِين ڏِسي اِھو ڪَڏھن نظارو۔ ڪَور نَظر[٣] جو ڪَوتاھ
سَجڻ سِر کَلنگي کَلنگي

٥۔ سَير ڪَرڻ لاءِ سُھٽل سائين۔ ٿاھي آيو ڪَھڙو ٺاھ
سَجڻ سِر کَلنگي کَلنگي

٦۔ حُسن جو ساٿس ھَرھَميشه۔ سِلح[٤] سامان سِپاھ
سَجڻ سِر کَلنگي کَلنگي

٧۔ عِشق آعجاز! عاشقن کني۔ مِلي ڪَيائين مُباحُ
سَجڻ سِر کَلنگي کَلنگي

(١) مُرصع: جڙاوت ٿيل (٢) لاَ تُدْرِکُهُ ال: نہ ڏسي سگھندين
(٣) ڪور نظر: گھٽ نظر وارو، انڌو (٤) سِلح: ھٿيار

تلهه: مِٺا مَحبوب مَوليٰ جا، آوهان کي هي صَدا آهي،
نَاڪامن نَاقصن تي نِت، ڪَرم ڪَامل ڪَريو ڪاهي.

١- آوهين آهيو شَاهَ شَافي، آوهان جو اسم آ ڪَافي،
آوهين هِت هُت ڏيندؤ مَعافي، آوهان رِيءِ ڪَا يوا نَاهي.

٢- آسان جا ڪَئي ڪَمائي آ، آوهانڪي روشنائي آ،
عُمر گُذري آجائي آ، گُناهن ۾ گَاهي گَاهي.

٣- ڪَريو عَاصين مَٿي مروت، سَاجها بَاجهه ۽ شَفقت،
هَلايو آهڙي ڪا حِڪمت، آمارو نَفس سَاجاهي.

٤- وَٽي "لا تقنطوا"[1] وَارو، سَهارو آسرو چَارو،
سَليوسون حَال سَپ سَارو، ڇَڏيو رڻ ڪِيمَرڪي راهي.

٥- اِجابت[2] ٿئي عِنايت ٿئي، هِدايت ٿئي حِمايت ٿئي،
حَاصل ڪو حَال حَق جو ٿئي، اِئين اَعجاز ٿو چَاهي.

(١) لا تقنطوا: نا اميد نہ ٿيو (٢) اجابت: قبوليت

تلھ: رَسولُ الله جھڙو رَھبر- نَکو پيو ٿيو نَکي ٿيندو،
سَيّد جو ھَم قَدم ھَمسر- نَکو پيو ٿيو نَکي ٿيندو.

١- شَفيعُ المذنبين [1] ٿيندو- بَرابر ڏينھن مَحشر جي،
سوئي آصاحبِ کَوثر- نَکو پيو ٿيو نَکي ٿيندو.

٢- امامُ المُرسَلين آھي- مِٺو مُربي اُمي عَربي،
اَحمد جَام جَان آطھر- نَکو پيو ٿيو نَکي ٿيندو.

٣- ھَلي جيئن ھَاشمي ھَر ھَر- لَڌيون سَارون سَقيمن جُون،
يَتيمن جو ائين يَاور- نَکو پيو ٿيو نَکي ٿيندو.

٤- لواءِ الحمد جو حَامل [2] - سَدائين دَادگر سَڀ جو،
اَھڙو عَادل دُنيا اندر- نَکو پيو ٿيو نَکي ٿيندو.

٥- کَلام الله نَازل شُد- اُمَم جي شان مِ يَارو
وَڏي اُن کان پِلو بَرتر- نَکو پيو ٿيو نَکي ٿيندو.

٦- لَکين آحسان لک لائق- کَيئين اَعجاز لاَغر [3] تي،
مُنھنجو مُحب سو مُنور- نَکو پيو ٿيو نَکي ٿيندو.

تلھ: نَظر آيون آيون ھُو پَاڪِ نيلون- آگھيون دَر عَجيبن آھون آپيلون.

١- اُکنڊ سِک کي آھي لکين کوھ لَحظو- جُھوٽي عِشق سان پُڇي کون پَھُ کو،
اِنھي پُور ٽوڙيون، زَنجيرون کَئين ڍِيلون.

٢- لَٽو پَنڌ پيرن ٿَان مَعافي مَنزلون ٿيون- مُرادون بہ پُوريون مَن گُھريون ٿيون،
وِکان ويجھيون پَانيان، سَھل [4] سَڀ سَبيلون.

٣- ھِتي کولي ھَلندا جي دِل وَاريون ديدون- ھِتي ٿَن لاءِ حَجؒ آھتي ٿَن لاءِ عِيدون،
مُبارک جا مُستحق اُھي بي دِيلُون.

٤- ڏِسڻ ھن اکين کي اِھو نت ڏنائون- کَرم پَاڃھ اَعجاز کوجَھن تي کِيائون،
حَاصل حَال تيڙن چُنيُون ڦَالُون قيلُون.

(١) شفيع المذنبين: گنھگارن تي شفاعت کندڙ (٢) حَامل: مددگار (٣) لاَغر: کمزور ھيٺو (٤) سھل: آسان، سولو

شانِ علي عَلَيْهِ السَّلَامُ

سي حرفي

در شان حضرت علي عَلَيْهِ السَّلَام

الف۔ اعليٰ سِرِ الاهي اَلاَصل اَوَل عليءَ،
اِبتدا کان اِنتها تائين اَفضل و اَکمل[1] عليءَ.

ب۔ برابر بُت شِکن ۽ بَربَري بَرسِر بَبَر،
بَي بَها بانکو بَهادر بي ريا بلکل عليءَ.

ت۔ تَوحيد حَقِ سَندي، تَحقيق تَنهن تَبليغ کَئي،
تعريف لائق تاجدار و تَخت جو تَجمُل[2] عليءَ.

ث۔ ثُبوتن سان ثابت، سَڀ نَبين کَئي ثَنا،
صَاحب آهي ثَقلين[3] جو، آخر توڙي اَول عليءَ.

ج۔ جَابر جُوان جَنگي، جَل جَلالي جَوش سان،
جَابجا جَلوه نُما، جَاني جَڏن پَر جَهل عليءَ.

ح۔ حَقاني حَال سان، حَاکم حقيقي حَق ڪَندڙ
حَق حَقيقت کي وَٺي، ڪيو هَر مَسئلو حَل عليءَ.

خ۔ خَلق جي خَير وَارو، خَاص خَاصو خُوش خُلق،
خُود خُدائي خَصلتُن سان، خُوبرُو کُليل عليءَ.

(۱) اَکمل: وڏي ڪمال وارو، ڪامل
(۲) تَجمل: شان شوڪت وارو
۸۸(۳) ثقلين: ٻئي جهان

د- دَامـادِ مُحـمّدؐ، دَسـتگـيـر و دَسـت رَس،
دَردمـنـدن جي تـہ دِل جو دَمُ بَدم دَرمَل عـلـيؑ.

ذ- ذَاتـي ذِكـر ڏِيـنـدڙ ذُوالـذّكـائـي [۱] ذِي وقـار [۲]،
ذُو الضِيا [۳] رَابـر ذَهـين و ذُو المَنَن [۴] ضُودِل عـلـيؑ.

ر- رُوحـانـي رَاسـت رَهـبـر، رَاز مَحـرم روزُ شَب،
رَاشـدي جي رُوح سَان ٿِيـو رَمـز ۾ رَكـمـل عـلـيؑ.

ز- زمـانـي پَر كـان زيـادهـ، زور ۾ زوجِ بَتُول،
زنـگ بـازي زيـادتـي زَر مـال كـيـو زَائِل عـلـيؑ.

س- سـاقـي سـو سـدا، ڏي سُرت جو سـاغر سـڏي،
سُونهن سِيرت ۾ سَرس سڀ كان سندم سُهڻل عليؑ.

ش- شَاهـي شـان وارو، شـافـي شـفـاعـت جو ڏٺي،
شِر شيطاني كان پَلي، شام و سحر شَاغِل [۵] عليؑ.

ص- صـاحـب صـاف دل، صـوفـي صـفـا صـائـم صَبُور،
صبح و مَسَا سو ياد كر، سيني جي آ صَيقَل [٦] عليؑ.

ض- ضـايَع كَيـئـين ڏِيـلَن كي تـہ ضـربِ تـيـغ سـان،
ضَابِطي سان ذِبح كِيا بي پير كَئين پلپل عـلـيؑ.

(۱) ذوالذكائي: داناء، ماهر
(۲) ذي وقار: صاحبِ عزت
(۳) ذوالضيا: روشن كندڙ
(۴) ذوالمنن ضودل: احسان كندڙ روشني ڏيندڙ
(۵) شاغل: شغل، كم
(٦) صيقل: قلعي

ط- طَريقت دار طاهِر، طالبن تي مهربان،
تن طمع کي ترڪ ڪَيَڙو، جن ڏنو تهدِل عليءَ.

ظ- ظفر مَند ڪيو ظهورو، ظلم ظالم تيو زَبُون،
ظاهر ضعيفن جي مدد ۾، آهِ ڏس اچ ڪَلم عليءَ.

ع- عاشق عارفِ بِالله ۽ عالي ھِمّت،
عِلم لُدني جو آکابر، عالِم وعادِل عليءَ.

غ- غازي غَضنَفَر، غُندِن غَدارن لَئي غضب،
غم زدن ۽ هِن غريبن جو سچن گُهربل عليءَ.

ف- فقيرُ الحال فاقئي مست فَائِز ذي فهم،
فوج فالم(١) سان فَتيٰ(٢) فرمان رَوا فاضِل عليءَ.

ق- قائم ڪُل متي، ڪُل جو قديمي ڪارساز،
قُل ڪمائي ڪُل ڪيائين ڪُل ڪَنان قابل عليءَ.

ڪ- ڪَاشف ڪبريا، ڪاتِب ڪلام الله جو،
ڪَعبي کي ڪَعبو ڪِتنهن ڪيو، ڪعبو چوان ڪامل عليءَ.

ل- لاثاني لِقاءِ آلا فتح الاعليءَ،
لا طمع سو لاڏلو لالچ ڪنان لڙيل عليءَ.

م- مُحيّ الدين جو مالڪ مُحافظ مختيار،
مِيم جي معنيٰ جو ماهر، ميم ڏي مائِل عليءَ.

ن- نوري نور پَروَن نور جي وادي نَهر،
نور نالو نور نظرون، نور سو نِرمل(٣) عليءَ.

(١) فالم: غيب ڄاڻندڙ (٢) فتيٰ: دلير (٣) نرمل: پاڪ، نج

وـ وَاللهواهـــــ واهـــــ، وَرِولهـــن جو واه واه،
وِرهـ وارن کي وِکـان، ويجهـو آهـي واصل عـليؑ.

هـ- حَرامين ۽ حَلالين جي هَمـيـشـ ڪَسـوِٽي[1]،
هَاشـمـي هَادي آسـان جو آجڪـو اَجمـل[2] عـليؑ.

لـ- لاَهـي لِڱ لاَڳاپـا، لـوچ آهـڙو لَعـل تـون،
قبر قيامت ۾ ڪَنڌءِ، ميان معاف سڀ مشڪل عليؑ.

أـ اَعجازا اُنـهـي کـي، ڪـونـه هُونـدو ڪو اِحـتـيـاج،
اَزل کان آ نام جَنهن جي قَلب تي اُڪريل عليؑ.

يـ يـڳـانـو يـار آهـي، يـار مـنـهـنـجو يـا عليؑ،
ياوريءَ لاءِ سـو يـقـيـنًـا ياد ڪيم يـڪـدل عـليؑ.

(۱) ڪسوٽي: پرک، سچائپ (۲) اَجمل: جَميل و حَسين

تلم: ڪَراهو ڪينو ڦِٽو ءِ پَنهنجو تُون ڪوڙو قصد،
حَيدري بَندن ڪَي حاسد، ڇا ڪندو تُنهنجو حسد.

١- هر گهڙي جن جي حِمايت آهي آسد الله ڪئي،
تن اڳيان ڪُهڙو ٻڌين تو ڪانئرا تون پَنهنجو قَد.

٢- تُون پَارڪو پُورو نه آهين، پَٽ اڪيون وَاري پرک،
بُو تُرابِيُن سَان نه پيتج، بي بقا بُنياد بَد.

٣- ري ءِ سَيّد جي رَهبري، ناهي رَوا ناهي رَوا،
رَک نَصيحت دِل تي تُون، روڳي اَجايو ڏي نه رَدُ.

٤- دَرُ دَاماد مُرسل جو، آئون نه ڇَڏيان اعجاز ڇَئي،
ويو ءِ ويندو وَاتِ اِن سان، ورهه وارن جو وَفد.

تلم: هَر سُو هَمه هُو هُو هُلي- هُو حق عليؑ هُو حق عليؑ.
جلوي(١) نُما تَيو جَل جَلي- هُو حق عليؑ هُو حق عليؑ.

١- مَخفي(٢) مَتي اثبات(٣) جي- وجي مام معنيٰ اِت ملي،
مَردن چيو مَرڪي مَلهي- هُو حق عليؑ هُو حق عليؑ.

٢- سر سان سِري ساهئون پَساهئون- سو صحي سوجهي لڌم،
سُڌ سَلُوني تِنهن سَلي- هُو حق عليؑ هُو حق عليؑ.

٣- چشمان چشمي چاڙهه چاڙهي- چوٽان چوٽي چِٽ چڙهي،
چَو طرف نِس چوڪس چلي- هُو حق عليؑ هُو حق عليؑ.

٤- وَجَهُ الله وير وارث- وحدتي ويڙهي وَندو،
واقف وَسيلو وَر ولي- هُو حق عليؑ هُو حق عليؑ.

٥- عشق آر ڏي آرَسان- اِرشاد ڪيو اعتبار ڪر،
اعجاز اولي سِر عليؑ- هُو حق عليؑ هُو حق عليؑ.

(١) جلوي نما: ظاهري ديدار　(٢) مخفي: ڳجهو، لڪل　(٣) اثبات: اقرار، ثابت

ٿلهه: اٿئي جي دل جگر ۾ دم عليءَ الله ڇئو ڇئي ڏي،
انهيءَ دعويٰ تي رهه محڪم عليءَ الله ڇئو ڇئي ڏي.

۱- زمانـي دَهَر هَر ڪِنهن ۾ بَحَر بَرَ شـهـر هَرَ ڪـنـهـن ۾،
همـيـشـه هر گـهـڙي هردم عليءَ الله ڇئـــو ڇئـي ڏي.

۲- هُجين سـيـچو انـدر جو جي هُجين نِرتـو نـظر جو جي،
هُجين جي نـيـنـهـن ۾ نـاظـم عليءَ الله ڇئـــو ڇئـي ڏي.

۳- عـلـيءَ ۽ الـعـلـيءَ ڪـي تـو جي آ آڳُ ۾ جُدا ڇاتـو،
تـه هاٺي بي ڏاڙڪ همـدم عليءَ الله ڇئـــو ڇئـي ڏي.

۴- نـڪي درمـان پُڇُ دارون نَڪِي ڪَرِ ڪِنهن پِئي دَرِ ڪارُون،
سـنـدءِ زخمـن سـنـدو مَرهَمُ عليءَ الله ڇئـــو ڇئـي ڏي.

۵- نـه جيـسين صاحبِ دل تـون نـه تيـسين مـردِ ڪامل تـون،
اچي تـي راز جو مـحـرم عليءَ الله ڇئـــو ڇئـي ڏي.

۶- جي تـون مُطرِبُ تـه ترنم سان جي تـون گـويـو تـه سرگـم سان
ڪـري هـٿ لِئِہ تـي لِئِہ ۾ گُمُ عليءَ الله ڇئـــو ڇئـي ڏي.

۷- نَفـيِ اِثـبـات ڪَرِ حَقّ ڪي وڃائـي ڇڏ شُبَهـه شَڪ ڪي،
تـي صـوفي بي سـر و بالـم عليءَ الله ڇئـــو ڇئـي ڏي.

٨- اُهائي ذات آڪ ڪَ ۾ اُهائي ذات آڪ ڪَ ۾،
اُهائي ذات آ پَيهَر عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٩- عليءَ جو سِرُ آگاهُون آ آگاهُون آ مستاهون آ،
اوري آ ڏاڏهين آدم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

١٠- ڪيسين ڪَذاب تي گهمندين ڪيسين ڪنهن ڪان ڪَنِبي ڪنبدين،
ڪَنبڻ نا عاشقن جو ڪم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

١١- اجان واعظ تون بيچارو پالين پيو نَفس اُمّارو
اُتائي عشق جو پرچم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

١٢- مخالف آسمان تي پئي جي مارو جڳ جهان تي پئي،
چوي اعجاز تون تاهم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

تلھ: اٿئي جي دل جگر ۾ دم عليءِ الله چئو چئي ڏي،
انھيءَ دعويٰ تي رھ محڪم عليءِ الله چئو چئي ڏي.

١- ڏسڻ حَق جو ڏنو جي ٿئي، مرشد ڪامل ڪنو جي ٿئي،
نہ سِرُ پنھن جو مِنو جي ٿئي، عليءِ الله چئو چئي ڏي.

٢- مَئي پي جي مَتَلَ آھين، انھيءَ رنگ جي رتل آھين،
عليءَ در جي ڪتَلُ آھين، عليءِ الله چئو چئي ڏي.

٣- عجب تنھن جو عقل آھي، مَحَوُخبرن تي ڪُلُ آھي،
اصل توٽ نقل آھي، عليءِ الله چئو چئي ڏي.

٤- جِتي ھن دم جا اِنڪاري، اٿئي سي عِشق کان عاري،
اُتي عاشق تي اقراري، عليءِ الله چئو چئي ڏي.

٥- توکي ماٺو ڪندا مَنَعُون، مگر تون ڪيم ٿج ماعون،
طبل تاڪيد سان بس تون، عليءِ الله چئو چئي ڏي.

٦- نالي خاطر نہ تي نانگو، لنگھي وج لاجو لَڪُ لانگھو،
ھجي جي تارجي تانگھو، عليءِ الله چئو چئي ڏي.

٧- مَچڏ ميدان منصوري، اندر جي آس ڪَر پُوري،
سنياھي سِر متي سُوري، عليءِ الله چئو چئي ڏي.

٨- اُتي اعجاز تي اظھر، ھٽي نعرو اھو اڪبر،
ٽپي منصور کان دم ير، عليءِ الله چئو چئي ڏي.

ٿلهه: جنِ کي عشقَ آهي پَنجتَن پاڪ جو، تن کي خوف ڪِھڙو قبرَ خاڪ جو،
اِهو ڪيو اَعتبار انهي دَرجا پيِنار، هُوندا باغُ بهار سارِي سَڀ ڇَمارَ.

١- آدم صَفِيُ الله، موسيٰ ڪَليمَ الله، ابراهيمُ خَليل الله)، عِيسيٰ روحُ الله،
سانِڍي سوز صاحبِ لولاڪَ جو، پاتَئُون اِنعامُ عَبدِي اِملاڪ جو.

٢- عَاشِق عَالِم سَالڪَ سالمَ فَاتِحَ فَالمَ مُعارفَ مُعلِم،
اِتان سَبَقُ سِکيا اِخلاقَ جو، اعليٰ عِلمَ عَقلِ اِدراڪَ جو.

٣- عَدنِي، عَرفَاتي، مِصري، گجراتي، هِندي، هَراتي، سِندي، سَواتي،
پَڙهي پَنُوڙسو آلهلاڪُ جو، ڪَم نَاهي ڊاڙ پِتاڪُ جو.

٤- ڳاءِ اعجاز ڳُڻَ پنجن جا، هَردَمُ هر جاءِ تَنِ هَنجھن جَا،
اُهي ڪَکُرُ آهن هن ڪاڪ جو، ڪندا غور سي سَڀ غمناڪَ جو.

ٿلهه: مَوليٰ تُون مَوليٰ تُون، مَوليٰ تُون مَوليٰ،
عَليءَ نام تُنهنجو، لَاهين تُون اولا.

١- بَشر جي تي آولي ۾ آئين بَرابر، مگر آهين سِر تون اِلاهي سراسر،
سُجاڻي وِيا توکي هي تُنهنجا ٽُناگر، وَهم غم وِيڙا پيڳاپوَ پولا.

٢- مُهردار تُنهنجا مَلڪ جِنَّ ماٿهو، ڳائيندا ويا ڪئين تُنهنجا ڳُڻ ڳاٿو،
حَقانو تون هَادي، حَاذق حَال ڄاتُو، آسين آهيون تُنهنجي گولن جا گولا.

٣- پَريندي ڏنو جَن تُنهنجو دَر آچي، پِياريئي تَني کي سَڏي سُرڪ سَچي،
مَري تِيا سي مَنصور مَهل ۾ مَچي، پِيَن قُرب تُنهنجي جَا قابو ڪَڙولا.

٤- هَلياسُون هَاهُوت ڏي حَيدر جي حُڪم سان، آٿئون عِشق اعجاز اُنهي جي اِسم سان،
رَنگي رُوح ڇَڏيئين رِندي رِيت رَسَم سَان، لَنگھياسون لُڙ لَهريون جَهڪُون جُهڙ جَهولا.

ٽلهه: هَر هَر گداگر آهيان حيدر حُسينءَ جو،
پينو پياسي پينان پڇري پاڪ چمنءَ جو.

١- ڪنگڻ ڪولابو ڪنڌ ۾، ڪنئو ڪستو ڪين مان لاهيان،
هڪ عشق اندر ۾ انگ تي اَلفي پرت منجهان پيو پايان،
شاهِ نجف ڏي ڪاهيان، اٿم تانگهو تنهن پيڻءَ جو.

٢- گودڙيو آهين گولو تن جو، هل لانگوٽيا لاهوت،
ٽُرت طمع کي ترڪ ڏيئي، تون ڪر نَفي نابود،
تُنهنجو پنج گِٽي آ قوت، هاٺي هوڪو ڏي هلڻ جو.

٣- حُر وانگر تي حُر حقيقي، ڪر ڪليجو قربان،
نانگو ٿي تون ڪڻ نقارو، چوڪي ڏي تنهن چوگان،
اعجاز! عليءَ ڪان دان، گُهر تون محب ملڻ جو.

ٽلهه: جَنهنجو مَوليٰ عليءَ سان پيار نه آ، تنهنجي ڪَلمي تي اَعتبار نه آ.

١- عليءَ آهلِ خُدا، عليءَ آهلِ شَفا، عليءَ آهلِ سخا، عليءَ آهلِ وفا،
ڪَئي جَنهن به صَدا، عليءَ دَر تي گدا، اِهو خَالي ڪَڏهن وِيو يَار نه آ.

٢- جَنهنکي پياس پَنجن جي هُوندي گَهٽي، تَنهنکي مَحشر ۾ مَرهيندو ڏَٽي،
جِيڪو مُنڪر ٿيندو سَمجهي سٽي، سو چئبو حَلالي يَار نه آ.

٣- مُنهنجي شير جَلي جَهڙو بيو ڪو ڏس، آهڙو بَانڪو بَهادر ٿيو ڪو ڏس،
سَواءِ حَيدر خَيبر کَنهن کَنيو ڏس، جِتي آهي عليءَ اُتي هَار نه آ.

٤- جَهلي دَامن جَنهن به حَيدر جي اَچي، رَنگي رَنگ ۾ ويو هِت هُت سو رَچي،
اِها ڳالهه اعجاز! آهي سَچي، هن ۾ ذات ذَرو ڦير ڦار نه آ.

تلھ: يَا عَلي ؑ مُشڪل ڪُشائي ڪَر اچي - رهه رُڪين جي رَهنمائي ڪَرِ آچي.
حَق رَسيدا حَق رَسائي ڪَر اچي - بيواهن جي وَاهه ڪائي ڪَرِ اچي.

١- حَق ۽ بَاطل جي وِچان، پئي سَيّدا - صِف شِڪن تي سَڀ صَفائي ڪَر آچي.

٢- تُون سَلُوني سِر سليندڙ سِر رِبّي - فَاش آج هـي گُـجهه گُجهائي ڪَرَ آچي.

٣- تُـون وِلَـهن جـو وَاهرو مُلجا موليٰ - عَاجـزن آڙيـن جي آجائي ڪَر اچي.

٤- تُنهنجا توکي ئي سَڏيندا جَابَجا - سَـڏ سُـڻي تَـن جي سڻائي ڪر آچي.

٥- نَابـرن جو تو مَـتي آ ننگ نَنگي - بَـد بُـرن سان تُـون ڀَلائي ڪَر آچي.

٦- نَام تُنهنجي سَان آجان اعجَازَ چَئي - جو حَسد آهيءُ آجائـي ڪَـر اچي.

ٿلهہ: دِل عَلي المُرتَضيٰ جي ڳَالهہ ڪَر- شَهنشاهہ شيرِ خدا جي ڳالهہ ڪَر،
هَادي حَيدر حق نما جي ڳَالهہ ڪَر- مومن جي مَهہ لقا جي ڳَالهہ ڪَر.

۱- صَد سَلامن سَاڻ صَلواتون پڙهي- پوءِ وَصيءِ مُصطفيٰ جي ڳَالهہ ڪَر.

۲- شَان ۾ جَنهن جي ٿي نَازل هَل آتيٰ- تَنهن بَهادر بي بَها جي ڳَالهہ ڪَر.

۳- پِيا پين جي ڪَن پِلي پر تُون سَدا- سَاقيءِ ڪَوثر ڪَفيٰ جي ڳَالهہ ڪَر.

۴- دَم اَٿئي جيسين تہ تيسين دَم بَدم- جَا بجا مُشڪل ڪُشا جي ڳَالهہ ڪَر.

۵- سَڀ طَريقن سِلسِلَن جي مور مُنڍَ- پر پُرپائتي پيشوا جي ڳَالهہ ڪَر.

۶- لاَ فتيٰ اِلا عَلي ؑ لا سَيف ڇَئي- فَاتحِ خَيبر فَتيٰ جي ڳَالهہ ڪَر.

۷- مُشڪ عِطر سان مَلي هَر هَر دهَن- تُون مُحمّد ؐ جي مَوليٰ جي ڳَالهہ ڪَر.

۸- بَا ادب ٿي نِياز نئڙت عِجز سَان- زُهرا جي شوهر بَاوفا جي ڳَالهہ ڪَر.

۹- بُو الحَسن ؑ بَابُ العِلم پدرِ حُسين ؑ- صف شِڪن صَفدر صَفا جي ڳَالهہ ڪَر.

۱۰- نِت نَواز يا نَاتوان، اعجاز جَنهن- سَر بَسر تنهنجي سَخا جي ڳَالهہ ڪَر.

تلهه: آسان جو تہ سَاقي عليءَ آ عليءَ آ- ڏِيندو پَتَ عُشاقي عليءَ آ عليءَ آ.

۱- ڪَلا دار ڪَامِل ڪَما حَق ڪَلالي،
قَائم سِر قديمي ڪَده وَر ڪمالي،
موڪي مَد ميشاقي عليءَ آ عليءَ آ.

۲- سُهٽي سَانگ سُونهاري سُبحاني سِر سان،
بَبر خيز پيالي فَياضي نَظر سَان،
مَتِيءَ تي مُلاقي عليءَ آ عليءَ آ.

۳- سَيّدجي سَري وَٽ مَتا مئي ڪَشن جا،
سَوين سُنگ ميرٽ اسَتا مئي ڪَشن جا،
سَندن يَار ياقي عليءَ آ عليءَ آ.

۴- رُومي شَمس مَنصور قَلندر بَلاول،
بُلا شاھ پِنائي سَچل مِصري بِيدل،
سَين وٽ اوطاقي عليءَ آ عليءَ آ.

۵- دَارون دَرماندن جو عَليءَ دَست دَر آ،
اُهوئي اعجازا نَسِيمُ الڪَوثر آ،
بَقا بِالله بَاقي عليءَ آ عليءَ آ.

ٿلهه: آسان جو شاهه ٿان حيدر- سر سُبحان تي آيو،
سَخا واريءَ صِفت ۾ سو- سُخنِ سلطان تي آيو.

۱- شهنشاهه شير شُجاعت لاءِ- اول آخر امامت لاءِ،
مُصافحي ميل مَحبت لاءِ- يَدِ يَزدان تي آيو.

۲- مُحقق مُک مُغان ماهر- طَبعي فِطري تِقي طاهر،
اصل باطن توڙي ظاهر- لالڻ لاٿان تي آيو.

۳- علي گُر پير مَلَڪن جو- سُونهون فرشن فلڪن جو،
وَاقف سِر سير وَنحن جو- سگهر سرواڻ تي آيو.

۴- چوڻ وارن چيو حق آ- شُبهه تنهن ۾ نڪو شڪ آ،
مُحمّد ﷺ ۽ عَلي ءَ هڪ آ- نرِبي جِندجان تي آيو.

۵- ڪَعبي واري وِلادت سان- سُجودِ حَق شَهادت سان،
عَجائب اِن عِبادت سان- بَري بُرهان تي آيو.

۶- اعجازا عَاشقن جي لاءِ- اوليائن عارفن جي لاءِ،
پَنهنجي شَهه شَائقن جي لاءِ- بَدل بَاران تي آيو.

هَٿُ حَيدر جي دَامن ۾ پَاتو آسان ـ صَحي پَنهنجو سَهارو سُجاتو آسان

١ـ ڏٺو سُون نہ ڏِسندا سُون ٻي ڪَنهن جو دَر
آهـي پَاڻ شَاهـد عَلـي مَولـيٰ سـر
جَپيـو نام تَنهنجو ڏِينهان رَاتـو آسان

٢ـ جَهـڙا آهيـون تَهـڙا وَجيـو پيش پَئُون
پَايـو پَانـد ڊِگهي ء نَيـو اُت نئُـون
ڪَري ڪَعبـو قبلـو سـو جَاتـو اسـان

٣ـ ڏينـدو ڏَڏ ڏوهين کي مُغان پِيـر معـافي
آسـان ڪَاڻ آهـي سـو ڪَافي سـو شَافي
تَڏهـن آهـي تَنهـن کـي تہ ڳاتـو آسـان

٤ـ آهـي هُو آسـان جو آسين هُن جا آهيـون
چَاهي هُو اسانکي آسين هُن کي چاهيون
اِئـين نِت نـبـاهيـو آ نَاتـو آسـان

٥ـ ڏِنـي سُرڪ سَاقـي سَچائـي سَنـدي
وِرهـہ عِشـق اعجاز وَفـائـي سـندي
وَرتـو پِيـر پَارس پُريـاتـو آسـان

تلم: يَا علي ؑ مُشکل کُشا - هَادي هِمّت قُوّت ڏِجان،
بينَوا بَدبَختَ تي - ڪَامل ڪَرم ڪَاهي ڪَجان.

١- هي رکيو رهدار روڳي - تُنهن جي آهي آسري،
آءُ آچي ڪَر تُنهنکي آجو - غَير پيائي جي پِجان.

٢- رَهنمائي سَاڻ ڪَريو - رَاه آسان عِشق جي،
پَند آپر آ ڏور مَنزل - سَيّدا سَاٿي ٿجان.

٣- جي آوهان جي ٿِئي نَظر تان - خَاڪ ڪِيميا ٿِي پَوي،
دِيد لائي پيچ پَائي - نَاقصن کي هُت نِجان.

٤- عَينُ ڏوهي آهيان - اعجاز چئي سُڻ سَاقيا،
آئون سَمَرُ آڳئين سَفر جو - ڪونہ ٿو سِرَ ۾ سجهان.

تلھ: حَيدرپير خَيبر گِير وَارث وِير وَسيلا،
وَاھر وَاھر تِي وي شَاھ رَھبر رَاھ رَسيلا.

١- جَمندي جَام تُون اِمام، تُنھنجو نام عَلي ؑ آ،
پَاڪيزا پير، بَبر شَير، پَري هير ھلي آ،
پَون ثاب، ھي شتاب، مھٽي هاب چا حيلا.

٢- حَاسد ھون ڳن تا شَون ڳُزا ڪور ڪَتورا،
تِيا نِفاق مَنجھان عَاق، آھن تَاڪ آتورا،
تُون رَسين، نَڪَ ڪَپين، قڪا تِين قَسيلا.

٣- تُنھنجي پَيش، نَيھي نيش، ڪَئين دَرويش ديوانا،
پِي پَينار تِيا سَرشار پرت دَار پَيمانا،
سَندءِ جُود، سگِرسُود، ڪَيا خُوشنودَ تَسِيلا.

٤- جَھڙو شَان، آتئي مَانُ، تھڙو دَان ڏي دَاتا،
آھيون ڏڏ، اَپَري لَڏ، هِيٽا ھَڏ ھَيھَاتا،
توڪان رَاڄ سَريا ڪَاڄ، ڏَجائي ڏَاڄَ ڏجيلا.

٥- چَئي اعجازؔ بُلند آواز ڪوليو رَازُ رَبّي تو،
آھين رند، اَصلي چِندُ، تُون دِلبندُ نبيءَ جو،
تُنھنجو پُورءِ حُضُور پَسن نُور ڦليلا.

ثاب: قبول

ٿلهه: مَوليٰ نام ٿُنهنجو- ڇَڏائي ڇِپَن ڪان،
هِتي جَن هُتي جَن- سمورن سِيَن ڪان.

١- ٿُنهنجي نام جي نِت، مُهابي آ معافي،
آڙيائِتَن عَاصين لاءِ، آ ڪيڏو نہ ڪَافي،
عِفت مغفرت ۾، پِيٽو آپِين ڪان.

٢- مُون هَر حَال رَنگ ۾، ڏٺو اوري ڏوري،
مَٿئين مَن واري ڪي، هَٽيو ڇُوٽ ڇوري،
ٿَڏهن ٿِيو وَتان آئون، ڪِيو وَڏ ڪِيَن ڪان.

٣- بِرهه عِشق وارو، اُوليٰ بَا آٿر آ،
بي پَرڪَاڻ پَر آ، سِپر آ سَمر آ،
اِها پَئي خَبر آ، تہ جوڳين جِيَن ڪان.

٤- سَارا هيو سو اعجاز، هَردَم هِجي سان،
آهي آشڪارو، اَڪر عَين جي سَان،
ڪَري خَاص وَاقف لَقائي لِيَن ڪان.

عفت: پارسائي، پاڪائي

تلهه: عَليءَ مَرد ڪامل يگانو يگانو- ڳُجهي راز ڳُجهه جو خزانو خزانو.

۱- خفي سو جَلي سو وَلين وَلي سو- حقان حَقّ حقّ جي آ رَهبر ڳلي سو
سوئي علم جو دَر سُهانو سُهانو.

۲- هُو شمع رِسالت جو پَهريون پَتنگ آ- جُوانن جي صِف جو پَهريون جُوان جنگ آ
اَصل چند عاشق رِندانو رِندانو.

۳- دِلين جو هو دَاتا دِليون هو سُجاڻي- اُين آسمانن جو هو حَال ڄاڻي
رکو خِيال تنهن سان رُوحانو رُوحانو.

۴- پَنهن جا پَاڻ پَازي سَچا مَرد غازي- بَبر خيز پيارو ڪري سَرفرازي
سَخي آهڙو سَاقي روزانو روزانو.

۵- عَليءَ جي نَظر ۾ اِشاري آثر ۾- آهي ڏس اعجازا آحاطي آمُر ۾
قبل حَال مَاضي زَمانو زَمانو.

تلهه: اي اِمامُ العاشقين ساقي سَيرِ مُشڪل ڪُشا،
ڪر سُوالين جون صَدائون پوريون پِر مُشڪل ڪُشا.

١- صُبح دَم جي التجا آگا اُونائڻ توکي،
هَر دو جَڳ جاڏي سَڏي آچ سَڀ سَمر مُشڪل ڪُشا.

٢- شَانَ تُنهنجو هيئن نہ شَاها، ڪِيئن ايڏيون ديريون ڪَرين،
بَر مُرادون مَنَ جُون ڪر، هي جهولي پَر مُشڪل ڪُشا.

٣- قَافلن جا قَافِلا ڪَئين ڍول تو ڏائي ڏِيا،
جَاءِ بَجا تُنهنجا وَسن تا نِت نَنگر مُشڪل ڪُشا.

٤- مَن طَلب شَيءِ چَيو تو، قَول پَنهنجو پار تون،
ڪَر نَنگيتا ڪَا نَظر نَر نَامور مُشڪل ڪُشا.

٥- مئي تُنهنجي مَئيخان جي ؑ پَٽ تُنهنجا پَندار يَان
جِن پِيتاسي مُون ڏِنا سُونهارا سِر مُشڪل ڪُشا.

٦- دَرندا پَرندا جِنّ مَلڪ، جَر جيت ؑ وَڻ ڏڻ جَبل،
سَڀ سَلامي تو سَندا، جڳ وڳ وڳر مُشڪل ڪُشا.

٧- هَڪل هَيبت دَاب دَڙڪي تُنهنجي ڪَيا پَاهڻ پَڻي،
تو ڪَنان ٿا ڪُل ڪَنبن ڪَافر گَبر مُشڪل ڪُشا.

٨- عَرض لڳ حَسنين ؑ جي اعجاز جا سُڻ يا عليؑ،
مَغفرت سَان مَعافُ ڪُل ڪر ڏوهه ڏمر مُشڪل ڪُشا.

ٿلهه: دل ٿي ڇَوي ڇَوان ڇَوان - دَم دَم عَلي عَلي ع.
لک لک دَفعا لکان لکان - دَم دَم عَلي عَلي ع.

۱- جيڏهن ڏيان جي ڪَن - تہ صَدائي عَلي ع هُجي،
هِن هُن وِتان ٻُڌان ٻُڌان - دَم دَم عَلي عَلي ع.

۲- جيڪا نظر ڪَجي تہ - اُنهي ذات تي پَوي،
هِت هُت پَسي پسان پسان - دَم دَم عَلي عَلي ع.

۳- اثبات واري دَم ۾ - عقيدي ويساهہ سان،
آلله جيئن مَڃان مَڃان - دَم دَم عَلي عَلي ع.

۴- اي مُحتسب تُون مَنعُون - گَندين مُونکي ڪيتريون،
نِڪريوڃي ڇِتان ڇِتان - دَم دَم عَلي عَلي ع.

۵- جَنهن طرف جي وَڃان تہ - ويسارو نہ ٿي وَڃان،
ڇَوندو آوڏهن وَڃان وَڃان - دَم دَم عَلي عَلي ع.

۶- دُنيا جا عَجب عَيش - ۾ سک مانَ سَڀ ڇڏي،
مَنگتو ٿي نت گُهران گُهران - دَم دَم عَلي عَلي ع.

۷- آئون تہ ڪَريان مَاٺ ڪَٿي - ٿُنهنجي ڇَئي مگر،
ٻُڌندين آڙي ڇِتان ڪِتان - دَم دَم عَلي عَلي ع.

۸- دِل جي پَٽيءِ تان غَين اڪر - ميٽي عَين لک،
ڪَر پوءِ هجي رَوان رَوان - دَم دَم عَلي عَلي ع.

۹- اعجاز جو بہ سوئي، تہ اُستاد پير آ،
پوءِ ڇو نہ آئون ٻُڇان ٻُڇان - دَم دَم عَلي عَلي ع.

تلھ: مُنھنجو آقا عَلي ؑ عَلي ؑ - مَوليٰ مَظھر العَجائب.

١- آسد الله سو عَين الله سو- وَجَهُ الله سو، يَدُ الله سو،
جَنَبُ الله سو جَلي جَلي - غَير جي اک ۾ دِل کان غائب.

٢- مَا سوِيَ الله تَرڪ وارو- سَاقيءُ ڪَوثر سچارو،
وَاھہ وَارث وَلي وَلي - وَصي نَبيءَ جو نيڪ نَائب.

٣- شَاھہِ مَردان شير يزدان - مُثل دِل لاءِ آبِ حَيوان،
ھيءَ تہ وَصف يَلي يَلي - آھي عَجائِب ۾ غرائِب.

٤- لا فَتيٰ آ لا جَوابي - بَاب علم جو بُو تُرابي،
گُول نہ پي کا گَلي گَلي - تِي عَلي ؑ دَر توبھہ تَائب.

٥- آھي اعجازؔ! شَاھہ حَيدر- بيَواھن جي وَاھہ حَيدر،
آيو ھَکل ۾ ھَلي ھَلي، وِيو ميٽي مُشڪل مَصائب.

تلھ: مَن عَرف وَاري مَام جو- مَالک عَلي ؑ عَلي ؑ.
جَوھر جَلالي جَام جو- مَالک عَلي ؑ عَلي ؑ.

١- آبي شُبھہ بَرابر- بَانکو بَبَر بَري،
بَرسر بَقائي بَام جو- مَالک عَلي ؑ عَلي ؑ.

٢- هَردم حُضوري حَال سَان- هَسوار هَاشمي،
حَملي حُسيني هَام جو- مَالک عَلي ؑ عَلي ؑ.

٣- سَرخيل صوبو ثَابت- صَاحب صُورت سَندو،
صَلوات ۾ سَيَام جو- مَالک عَلي ؑ عَلي ؑ.

٤- اعجازؔ سرُ سَلوني - مَان معلوم ٿي وِيو،
مَعنيٰ آ آلف لام جو- مَالک عَلي ؑ عَلي ؑ.

مصائب: مصيبت، ڏک، تڪليف

ٿلهه: سوچھ وڃي سنسار- جوڙ نہ ڏسندين جڳ ۾ عليءَ جو.

١- دل ۽ دليري صبر سخا ۾- جنگ جدال ۽ جبر جفا ۾،
آهي عالم آشڪار- ناليو نمايان شير جليءَ جو.

٢- يدالله جي يلغار آڏو- وڃ ڪيان تکڙي وار جي آڏو،
ڪير ٽِيندو تڪرار- جگرئي ناهي ڪنهن جنجليءَ جو.

٣- جھڙپ هڪ سان هزارين جُھڪائيين- پيل پربت بُونب پچائيين،
ڏهرين آڏهڪار ببر بانڪي مرد مکيءَ جو.

٤- مک مغان ميخان متيءَ جو- ساقي موکي ورهه وتيءَ جو،
قطرو ڏي تہ قرار- قلب وٺي هر ڪنول کُليءَ جو.

٥- اعجاز عليءَ جو مقام اعليٰ- عشاقن سندو سو امام اعليٰ،
مسند نشين مهندار- رهبر ربوبي راهه ڳليءَ جو.

ٿلھ: ڇاتيءَ جي چير چَمر چَمر سان - نَچي جَپ نام حَيدر جو.
ٿنــاگَــرتِي گَداگَر تــي - صُبــح ۽ شَام حــيــدر جو.

۱- ڇَڏي غفلت ۽ گُمــراهي - نَاچو تــي نَچ نَانگا نَاهي،
عَجب تــي پَئُو تُون آگــاهي - تہ گَام و گام حَيــدر جو.

۲- ملنگ مولئ عَلي ؑ جو تــي - شَيدا شيرِ جَلي جو تــي،
وَاصف وارث ولي ؑ جو تــي - پَائين اِنعام حَيدر جو.

۳- ڪَسا ڪُوڙا ڪَچا پيا ڪُل - دُنيا ۾ رَنگ آئــي بِلڪل،
پَکــو پُختــو پَانئج پَلپل - فَقــرفَن فَام حَيــدر جو.

۴- حَقيــقن ڪي مِجازين ڪي - غَوغائِن مــرد غَازين ڪي،
پَلئہ پيــو پَتــنگ پَازِين ڪي - پُران پُر جَام حَيــدر جو.

۵- آصل عَرشن ۽ ڪُرشن تــي - فَلکِ فردوس فَرشن تــي،
جِنَن مَلڪن ۽ بُرجن تــي - آئــي آقدام حَيــدر جو.

۶- بَلاغَت[1] آ فَصــاحــت آ- شُجاعــت آ سَخاوت آ،
عِنــايــت آ اِمــامــت آ- اُئمِ اِســلام حَيــدر جو.

۷- مُحبتِ عِشق مَحــڪُم سَان - مُدامي دِل مُسلم سان،
صِدق ۽ مَچ سِر خَم[2] سان - حُڪم آحڪام حَيدر جو.

۸- ٿوتــي اعجاز هَر گــاهي - اِهوئــي فَرض بَس آهــي،
ٿهي جِيئن ٿو تُون تِيئن ٿَاهي - ڏِجان پَيغام حَيدر جو.

(۱) بلاغت فصاحت: خوش ڪلامي، ڳالهائڻ جي قابليت (۲) سِر خم: عاجزي، سِر جُهڪائڻ

ٿلهه: عَلي ؑ جي نَام آطهر ڪان- مُلان ڇو ٿو ڪَرين موشو،
آتٺي مَحشر سَندو موڳا- اِهو تُحفو اهو توشو[١].

١- جي ڪَلمي گوسڏائين ٿو- تہ پوءِ ڪيئن ٿو ڪَرين پِيائي،
مُحمد کير مَوليٰ کير- ڪَري ڏِس غير ڪان گوشو.

٢- بِنا دَروازي جي پَورا- ڪِٿان ويندين شَهر ۾ تُون،
هَيا[٢] ڪجهہ هَوش ڪَر هَاڻي- نَہ ٿِي ايڏو تون بيهوشو.

٣- جيڪو يَدُ الله آهي ؑ- ڪري پيو ڪم الاهي نِت،
عِنايت جَاڻ سڀ اُن ڪان- ڦِريل ناٿي فِراموشو.

٤- ڪُڙي ڪَنٺور ڪَافر لاءِ- اِهوئي نَام ڪَافي آ،
اَڳيان اَعجاز وٽ اُن جي- جَلالي ٿي تون سَرجوشو.

ٿلهه: عَلي ؑ موليٰ مُنهنجو مَددگار آهي،
مُون کي هَاڻ ڪَنهنجي ذَروڪَاڻ نَاهي.

١- ڇَوان آئون سَچ ٿو، هو ڄَاڻن نہ ڄَاڻن- ڏِنا ڏُک جي مُونکي زَماني جي ماڻهن
سَيّدساقي سَڀ سي، وِيو لِک ۾ لاهي.

٢- عَلي ؑ شَاهہ جو آئون ٿو اَحسان مَڃيان- هي سِر ساهہ گهر ٽَڙ نَذر ٿنهنکي سَڃيان
ڇَڏيئين حَاسِدن جا ڍِيا ڍوهہ ڍَاهي.

٣- مُون اِثبات دِل سان ڪَيو سِر عَلي ؑ جو- مُبّري[٣] مَرد مَانجهي مِٺي مُنجَلي[٤] جو
وَڏا فَيض جَا ٿنهن وِڏا وَاهہ وَاهي.

٤- حَيدر جي حُڪم سان هَنيم نينهن نَعرو- ڏَسيائين اَعجاز رِندي رَاهہ چَارو
وَٺيو سو وَڃان ٿو، عَدم ڏانهن ڪَاهي.

(١) توشو: ڏڍ، آسرو (٢) هَيا: بيعقل، بي سمجھ (٣) مُبري: آزاد (٤) منجلي: روشن، ظاهر، آشڪارو

ٿلهه: ايندو مَرد مانجهي - جَڏهن مَوليٰ عليؑ
وِيندا دُشمن ڏُڪن جا - جِگر جَلي........

۱- جَنهن جي هَڪل هَيبت کان ڪسريٰ ڪَنبن، جنهن جي نَعري کان ويري وَنڃُن ڀڄي وڃن،
جَنهن جي ڳَدم ڳدم کان ڏُوار ڏُهن، اهڙو شيرِ خُدا آهي جوان جَلي.

۲- جَڏهن مَوليٰ جَلال مان وَار ڪَندو، ڪَئين ڌَڙ سِر ڇيري ڌار ڪَندو،
پَٽي ڪوٽ قِلعا ڏُوبار ڪَندو، ٽوڙي ڪَٽڪ مُجن ڪيڏا ڪُرپ پَلي.

۳- اي دِل ٿُون خُدشو خِيال نہ ڪَر، ڪَنهن جي ظُلمِ ستم جي ڳالهہ نہ ڪر،
حَاضر حَال جو ڪَنهن سان حَال نہ ڪَر، وَٺي ويهہ صَبر جي واڳ ڳلي.

۴- جَنهن جو حَامي حَيدر شَاهہ ٿِئي، تنهنجي پَڪرو پاسي الله ٿئي،
تنهن کي لهر لوڏو نہ ڪا لاهہ ٿئي، اَها پڪ آ اعجازا ناهي ڳاهہ ڳلهي.

ٿلهه: آسين ڳالهہ پَنجن جي ڳائيندا سون ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.
آسين حق کي ڪين ڇپائيندا سون ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

۱- اُهي ڪهڙا آهن اُهي ڪيئن آهن اُهي ڪنهن جا آهن؟
اُهي ڪنهن سَان آهن اُهي پارن پَٽن سان سُڻائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

۲- هڪ خَيرالوَريٰ ٻيو عَلي المُرتضيٰ ٽيون حسن المُجتبيٰ،
چوٿون شاهِ ڪربلا پنجين پاڪن پاڪ پائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

۳- اُهي نورٌ اعليٰ نور پَنجتني اهي عشق وَارن جا اِمام پنجتني،
اُهي پنجتني آمُل ٻوٽي گُل پائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

۴- جن جي حُضور ۾ حاضر هَردَم خُدا جن حور و ملڪ ساجد سدا،
آسين سِر ٻُہ اُنهيءَ دَرِ نائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

۵- اُن جو رَبُ رَبي رَنگ رَاز سچو ان جو عشق سچو آعجاز سَچو،
اُن جو دين ملت چمي چائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

تلھ: آسان تي عِشق مَحبت جي، عِنايت ڪَئي تہ حَيدر ڪَئي،
هِيٺن سَان حَامي تي هَرهَڻ حِمايت ڪئي تہ حَيدر ڪَئي.

١- بَرابـر تـيـو آچي پـيـڙو پَچي زِنـدان بَاطـل جا،
ڪَري ڪاهن ڪُفر پَارا ڪَرامت ڪئي تہ حَيـدر ڪَئي.

٢- مُنهنجي مَوليٰ عَليؑ جي هِيءَ مُنادِي مُلڪ ۾ ڦيريو،
ماري ملعون مُلحد تي، مَلامت ڪئي تہ حَيدر ڪَئي.

٣- پَڙهو صَلوات لَـک وَاري، سَنياري سِک مان سَيّد تي،
هَلي شاهِ نَجف ڪان هت، شفاعت ڪئي تہ حَيدر ڪَئي.

٤- ڪَڏي غِفلت مَنجهان غَازي غَضنفر ويو تہ غَافل ڪي،
اَول آخر اَعجَازَا ڏِس، اِمامَت ڪئي تہ حَيـدر ڪَئي.

تلھ: سَين سَائل جي سُڻ يا عَليؑ، سَردار سَخي لَجپال لکي، دَامادِ مُحمّدﷺ.

١- شَاهہ مَردان تُون شيـرِ يَزدان، شَان آعـليٰ تُنهنجو شَيـرِ جَلي سُڻ يا علـيؑ.

٢- هِيـٺن سـان تُون آهين حِمـايتي، حَامي تـيـنـدين هت هُت هلي سُڻ يا علـيؑ.

٣- سُرڪ سَوائـي پِيـار سَاقـي، سَيّد سَچي مُون ڳالـهہ سَلي سُڻ يـا عـلـيؑ.

٤- عَدُون حَاسـدن آهـيـان سَتـايـو، دِل جي ڪُومـاٺي تَڪهن ڪَلي سُڻ يا عـلـيؑ.

٥- آدب اِيمان ڏي صَبر صَداقت، جهولي آعجَاز تُنهنجي دَر تي جَهلي سُڻ يا عليؑ.

عدون: دشمن

ٿلھ: حَضرت حَسن ؑ حُسين ؑ اَزل کان اِمام ٿئي،
اَعليٰ نَسل نَسب سَان عَالي مَقام ٿئي.

١- مَهــنــدار مک مَتــيــر، گلادار گاپــڙي،
عَاشق! عَجب اَصيــل جَائي جَمر کــان جَام ٿئي.

٢- تَطــهــيــر جا ڏٺي ۾ اُجارا تــوحــيــد جَا،
مَســنَدِ مِنبــر جا مَالــڪ حَاڪم حُڪــام ٿئي.

٣- لَختِ جگــر بَتُول جا، نــورِ چشــم چشــم،
مَوليٰ علي ؑ نــبي ﷺ جا، پيــارا تَمــام ٿئي.

٤- شَاڪــر شَهــيــد شَاهد، شَاها شُجاع شــيــر،
شَمشير حَق سان حَاضر، سي صُبح و شَام ٿئي.

٥- ڪَامــل ڪَلالــي قَاتــل مَقــتــول پــڻ اُهــي،
مَئي خانــي مَرد مَاهــر، مَئي ڪَش مُدام ٿئي.

٦- جَليــلُ الــقــدر جُوان جَلالــي جَنــگــي جوڙا،
اَعجاز جي اکــين جا ســي آهــن آرام ٿئي.

ٿلھ: ھَنيون جن صَدائون ھَلي دَرعَليءِ جي،
پُران پُر ڪَياسي پَھت پَرعليءِ جي.

١- گھريَٺُون جُوئي واٺون اُٺون سوئي پَاٺون،
نہ پوءِ ڪَنھنکي ڄاٺون بَرابَر عليءِ جي.

٢- مَلنگ مَست ٽانگا بيخود بِرَھي بَانگا،
لَنگھيا ٽار ٽانگھا، ٿي آھر عليءِ جي.

٣- سِڪندر ڪِي نَادر ڪِي حَاتم ڪِي سَنجر،
قَنبر ڪِي قَلندر پَريا پَر عليءِ جي.

٤- ڪَري سڪ مان سَعيا، عليءِ درجي آيا،
سي اَعجاز ڏَايسا، سَراسر عليءِ جي.

ٿلھ: ھَٽي ھَام نَانگا ويٺا دَر عليءِ جي - پُران پُرِ ٿيا سي آھر عليءِ جي.

١- مَوليٰ واري مَحبت نَاتي نينھن نِسبت - رَتا راز رَغبت سَراسر عليءِ جي.

٢- عَليءِ جو ٿا ڪائن عليءِ ڪي ٿا ڳَائن - ڪَنھن ڪي ڪين ڀَانِئن بَرابر عليءِ جي.

٣- ڪَئين قَنبر قَلندر ڪَئين حاتمءِ سَنجر - ڪَيا ٽار تونگر پَھت پَر عليءِ جي.

٤- مَلنگ مَست نانگا بيخود بِرِھي بَانگا - لنگھيا ”لَا“ جالانگھا تہ آڌر عليءِ جي.

٥- اَعجاز جَھڙا عَاصي ڪَئين مَڱٽا ميراثي - وَاسي ڪَيڙا واسي پَرم پَر عليءِ جي.

رغبت: واسطو، لاڙو، توجھ

ٽلمه: اُهو ڪهڙو سِتمگرُ هو، ڪيو جنهن پي سِتم هيڏو،
ڪُٽائين ڪَربلا ۾ ڪُل، هَلائي ڪِيئن حُڪم هيڏو.

١- اِنهي لاَغرض لاغمَرَجي، اڳيان چو ڪين ڪُڇيو ڪو،
سَبب ڇا مَاجرا ڇَا هي، ڪِٿي دوسِتي ۾ دَمُ هيڏو.

٢- ويا ڪيڏهن اُهي اُن دَمُ، وڏو هو پيروسو جَن ۾،
حِمايَت ڪَئي نہ تَنِ ڇا ڪان، ڏَنئُون ويٺي ظُلم هيڏو.

٣- اِها قُدرت قَضَا ڪَهڙي، اِها رَمز و رَضا ڪهڙي،
اِهو اِنصاف حَقُ ڪَهڙو، قَريبَن سِر قَدمُ هيڏو.

٤- ويساهي سِر سَندي سُنهن سَان، بينو قَاتِل تي پئي مُنهن سان،
ڪَري پُورِيُون ڇَڏيَئين پِڙَ تي، رکي آزلئون عَزم هيڏو.

٥- چوي اَعجاز عُشاقَن سَان، جَڏهن تَڏهن ڪَيَئين اِهڙيُون،
ڪيڏو بي پير ظَالِمُ آ، مٿس ٿيو ڪو جرم هيڏو.

ٿلهه: يَا شَهيد ڪَربلا- يَا شاهِ شَاهان شَهنشاهه،
سَيّدا مَن تُون سٽي - مُون دردمَندي جي صَدا.

۱- ٻن ٻڳن سان تُون ٻاڳارو- تُون مٺيارو هَاشمي،
تُون ڏٽي تَطهير جو- تُون پَاڪِ پيارو هَاشمي،
تُون ٻَلارو تُون سچارو- تُون ٻاجهارو هَاشمي،
تُون نِيارو نَاميارو- بُردبارو هَاشمي،
تُون بَتولي لاَڏلو- تُون فَرزندِ شيرِ خُدا.

۲- آئُون نِبَر نَاقص نِتر- عَاجز نماڻو آهيان،
وِرهه جو وِڪ تي وَڍيل- واءِ ويڳاڻو آهيان،
آَلو ٻولو سُڌ نه ٻُڌ ڪا- جَڻ غيباڻو آهيان،
سَت سڳر جو ناهه مُون ۾- ساڻو سَاڻو آهيان،
آَڄ ڏُکويل ڏِيل ڪُي ڪي- ڏَڍِ سُڏيرون ڏي ٻلا.

۳- دَراصل دِيوانگي ڪان- دَر نهاريا مُون گهڻا،
سَڏَ ۾ سَڏَ تي جن ڏِنا- سي سَڀ پُڪاريا مُون گهڻا،
جَل هِجر جي جَوش ۾- ٻِئي جڳ جُهاريا مُون گهڻا،
لاَل لاهوتين اڳيان ٻڻ- لُڙڪ هَاريا مُون گهڻا،
پَر نه پوري ڪَنهن ڪئي- اي پِير پارس مَن مُدعا.

۴- برهه ۾ تيو بي زبَانُو- تَنها تَن هِڪ هِي مُنُو،
تَلخ طَعن جو نِشَانُو- تَنها تَن هِڪ هِي مُنُو،
حَال خَستهِ سَان حيرانُو- تَنها تَن هِڪ هِي مُنُو،
يارُ ڇاجو ڇا يَارانُو- تَنها تَن هِڪ هِي مُنُو،
دَمُ نه ڇَاٽي ڪو سُڄاٽي- ڳالهه مَاري ٿي اِها.

(هلندڙ)

٥- لاَيَمُوتـي مَاٿ تُنهـنجو- تُنهـنجو مَلڪُوتـي مَقـامُ،
تـون هَڪـيـو حـاضِرُ هَمِيـشـہ- عِشق وارن جو امـامُ،
تـو نَوازِيَا ڪَئـين سَڏي- راهِبَ جهـڙا يَانـيَنِ دَوَامَ،
تُون سُٽي تو ڪارُون زَارون- پنهنجي پَازِين جون تَمامُ،
ڪر سنـدءِ اَعجاز سَان گڏُ- جو يـــارُ تي وِيَڙس جُدا.

تلـﮧ: ڪَربلا جي شَاهہ لاءِ يُون آسمان رئـندي ڏٺم،
چَنڊ سِج تارا نِوا ڙا- ڪَهڪشان رُئـندي ڏٺم.

١- شَاهہ مَديـنـي مـان رَمـيـو- جَاراهہ وٺـي رَنجور ٿـي،
سَا سُونـهـاري رَاهہ ۾ سي- رَنـد نِيشـان رُئـنـدي ڏٺـم.

٢- ڏيـهـہ رُنـا ڏُونـگـر رُنـا- وَڻ ٽڻ بَحـر بَر تَر رُنـا،
گُل رنـا گُلـشـن رُنـا- گهـر دَر مَڪـان رُئـنـدي ڏٺـم.

٣- پَئي پکُون جَنهن تي هُيون- سوئـي سَيـن مَهندار هو،
تَنهن ڪَري هَرڪو نَبي- مُرسل مِيـان رُئـنـدي ڏٺم.

٤- هڪ يَزيـدي طَرفـدارن- جي سَواءِ پِيـا سَڀ سَدا،
جِنّ مَلڪ حُورون مَاٺهون- پَرندا حَيوان رُئـندي ڏٺم.

٥- غَم حُسيـنـي ڪـان مُتـاثـر ٿـي چَيـو اَعـجاز سَچ،
مُحـتـسـب رَوئـي نـہ روئـي- پَر گهـٽا رُئـنـدي ڏٺـم.

ٽلهه: وَرهن قَديمن کَان اُڃُون هُو، وِرهه جي وَڻ جو سَلو،
اِبنِ عليؑ لائق کَري، لاڳِس آڇي اُڄ جو گَلو[1].

١- مِيثاق کان هُئس جان ۾، مُورهَئُون مَرڻ جو ٿَرٿلو،
جَڙ کان کَيڏڻ لاءِ غَير واقفَ، کَئين ويٺس هَٽي وَروکو.

٢- هردوجهان مان کونہ ٿيو، پيو عشق جو کو پر جَهلو،
لوئي لُڙائي لکَ ويس، النو ڏيئي جِي ۾ جَلو.

٣- رَت مَاهه مَاٺون جي تي، ٿِيو ٿي سَبزُ سَائو سَرهَلو،
اِها پَالنا اوکي سُٺي، کَنهن کين کَيُس حَاضر گلو[2].

٤- چَوٽيءَ ۾ جِيئن هو تيئن هي کَانِهلو وَڻ هيڪلو،
سيّد سُڃاڻ ٿاڻ پاڻُس ڇيهه ياريءَ جو ڇَلو.

٥- اَعجاز مُشڪل کَربلا ۾ آخري هُوَسِ مَرَحَلو،
پَر شاهه حسينؑ جي سَرپَرستي ۾ بِلو ٿِيَڙُس پَلو.

ڪلو: پياس، تاس، اڄ جي اوسات

گَلو: ڏڻ، ٽولو، ڪٽنب، قطار

ٿلهه: تُنهنجو نينهن سَيّد يَلي نَاز ڪَري - سِرِ عِشق جو وئين سَرفراز ڪري.

١- تُنهنجي صَبر ڪَمال جو جَواب نہ ڪو - تُنهنجي جَلال جَمال جو حساب نہ ڪو،
تُنهنجو هَمسر جوڙ جَواب نہ ڪو - تُنهنجي عُظمت جو ڪير اَنداز ڪري.

٢- آئين ڪَوڙئون ڪَربل مَنجهہ ڪُڏي - ڏسي قُرب رَبوبي ڪَات آڏي،
هَٿي هَام وَڏي ڪَري مَنزل مَڏي - ڪَئيِئي ڏينهن ڏهِئي ڪَٽن ڪَواز[1] ڪري.

٣- ٿئين عَالَم تي اَحسان بہ ٿُون - ٿئين شَانِ الاهي جو شَان بہ ٿُون،
ٿِئين زِنده نَاطق[2] قُرآن بہ ٿُون - سُبحَانَ الذي اَسرا آواز ڪري.

٤- تُوڪي ڪَعبو قبلو امام چَوان - تَوتي صَلوات دُرود سَلام چَوان،
تنهنجو وَاجب سوڳ مَاتَام چَوان - تُنهنجي سُوءَ[3] ۾ شَل دَم پَرواز ڪري.

٥- تُنهنجي سَرس سَوائي خِلت[4] رَهي، تُنهنجي مِڙنئون نياري مِلت رهي،
تُنهنجي اڳين پوين تي حُجت رَهي - تُنهنجي صِفت ثَنا چا اَعجاز ڪري.

ٿلهه: ڪَمايو عِشق حُسين ؑ بهادر ٿي - غَمِ ڪَرب و بَلا تي قَادر ٿي.

١- هِمت اِمام حُسين ؑ جي، سُورهيائي سَان صَادر[5] ٿي.

٢- مُنهن مرڪايَئين سَڀ نَبين جا، نينهن ۾ نيارو نَادر ٿي.

٣- دَشتِ بَلا جي دَنگل ۾، ذَات صِفات مان ظَاهر ٿي.

٤- اِنهي جَهانن جي رِهائي لاءِ، رضا حُسين ؑ جي رَهبر ٿي.

٥- حُريَت حُسَينِيَت وَارِي معنيٰ - سَمجهي مَرد ڪو مَاهر ٿي.

٦- سِرن وَڍائڻ ڪان پوءِ خَبر پَئي، ڪيڏو فَرض بَچائڻ چَادر ٿي.

٧- شَهادت اِها آ اَعجاز جيڪا، عَام جي آڏو آخر ٿي.

(١) ڪواز: دشوار دارتي (٢) ناطق: ڳالهائيندڙ (٣) سوءِ: غَمُ ڏک
(٤) خلت: دوستي، محبت (٥) صادر: ظاهر ٿي، پڌرو ٿي

ٽلهه: حُرّ جي هزار بار حُرّيت کي ڪر سلام،
هن شير دل شهيد جي همت کي ڪر سلام.

١- ملندو نه اهڙو ڪٿ ڪو حُريت سندو مثال،
مٽيو پوي ٿو مرد جي جُرئت کي ڪر سلام.

٢- سيّد لاءِ سِر فدا ڪري ڏنو حُرّ هي سبق،
سيّد جي ذات نيات ۽ عظمت کي ڪر سلام.

٣- حاضر ڪي حُرّ مٽيو چڻ غائب کي حُرّ مٽيو،
حُرّ جي اَدَبَ نگاه عقيدت کي ڪر سلام.

٤- جنهن تي حُسين ؑ آقا پوي مهربان ٿي،
ان کي نوازي بخشي ٿو حضرت کي ڪر سلام.

٥- اَڪبرؑ، عباس، قاسم، اصغر جو پانهو حُرّ،
وهوا انهي عباد جي طاعت کي ڪر سلام.

٦- جيئن پَٽ پَتائي حُرّ پَئي پيش سيّد جي،
تيئن جو پَتائي پَٽِ ته اُن جي پَٽ کي ڪر سلام.

٧- دولت ڪان دور ٿيو ۽ حڪمراني ٻُٽ ڇڏيئين،
اِهڙي جوان جي ته جسارت کي ڪر سلام.

٨- جانباز جان نثار سپاهي حُسين ؑ جا،
مٽني جي شغل شوق شهادت کي ڪر سلام.

٩- پيو جي نه ٿو پڇئي ته پڇئي ايترو ضرور،
حق جي امام کي ۽ حقيقت کي ڪر سلام.

١٠- اَعجاز حُبّ آلِ محمّد ﷺ جي جور ڪي،
اُن مُحَبّ کي ۽ ان جي محبت کي ڪر سلام.

تلهه: نينوا ننگري آندر..... اُلٽو عجب اسرار ڏٺم،
جيءَ کي جهوريندڙ جاودان، جلوي پرِيو جنسار ڏٺم.

١- وِسري ويون سَڀ حرفتون، حَملو ڪيو جنهن دَم حُسن،
وِيُس حال ڪان بي حال ٿي، آهڙو دَرس دَم ديدار ڏٺم.

٢- ٿيون ڏُوبَڏُو ديدون جڏهن، پوءِ ٿان هَنڻ ڏُشوار ٿيو،
ٿي عاشقن لاءِ عيد اُضحيٰ، اُت ڪوس قبولڻ ڪار ڏٺم.

٣- ٿيغ اَبرو تير ترڇا، هو ٿيز اَعجاز ا تَجلو تَجل،
پي ڪئي ڪَشش ڪاري ڪَجل، جَنهن جي نيم نڪتل ڏار ڏٺم.

تلهه: ٿي عيد قتل گاهه ۾، مُڪمل حُسين جي،
موليٰ سان هُئي مُنهان مُنهن، مَحفل حُسين جي.

١- پَرور ٿو پاڻ چاٿي، انهيءَ راز رنگ کي،
نہ ٿہ ڇا مَجال خَلق ٿئي، قاتل حُسين جي.

٢- قُرباني راهِ حق ۾، ويا ڪئين ڪَري مگر،
قُرباني آسارا هَ جي، قابل حُسين جي.

٣- مَردانگي دليريءَ، سَچائيءَ جي پيٽ ۾،
اِنصاف واري آڪ سان، ڏسو دِل حُسين جي.

٤- اِنساني سِر سُبحاني، اُتي ٿيو پَڌَر جڏهن،
نيزي سِري سُوار هئي، بسمل حُسين جي.

٥- "اَعجاز" چئي گواهي، آهي عِشق جي اِها،
مِڙنيئُون مٿي ڏسان ٿو، آئون مَنزل حُسين جي.

جاودان: هميشه

تلهه: اَڄ تہ عَجِيبَن وَيجهو وَيِهي - پَان پَسائِي پِيَار ڪَيو.

١- هَهڙِي حَال خزان ۾ مونکي - بَهَارِ پرين جي بَهار ڪيو.

٢- نَيڻ نَيڻَن کي پِرتئُون پَسَنِ پِيَا - آهين هَانِ قَرَار ڪيو.

٣- پَيئِي پَليدَن مُنهَن ۾ چَائِي - دوڻ ڪري جن ڏار ڪيو.

٤- بهلول[1] [2] بَرابر مُنهنجي محبوبن - پِرتِ نِيَائي پَار ڪيو.

تلهه: اُها رات مِنا ڳَا رات هُئي - اُهين رَات مُهٽي مُلاقات هُئي.

١- نِرت نِياري، پِرت پِياري - جِي ءَ جِياري جَهات هُئي.

٢- نيڻ نيڻن سَان پيچ پيچن سان - دِل جي دِل سان بَات هُئي.

٣- حُسن مَشهودي مَلڪ سُجودي - هِردي هِردي هُوهات هُئي.

٤- آعجاز عَلي ؑ جي صُورت مُورت - هيٺ مَتي اِثبات هُئي.

---

(١) بهلول: قبله سائين حضرت احسان الله شاه سائين سنت ڏٺي جن جو نندي هوندي ڏنل خطاب.
(٢) بهلول: اعجاز سائين جن جي زباني تہ اسان کي پير سائين جن نندي هوندي کان بهلول سڏيندا هئا.

تلفہ: سچڻ سانگ تُنهنجو سَراسر سَبق آ- سَبق آ سو حَقّ آ- سو حقّ آ سو حَقّ آ.

١- ڏِٺو جن ڏسڻ سان تُنهنجو رَنگ رَبوبي - بِيٺا تُنهن جي دَر تي ٿي بَردا بَخُوبي
تــوتــان جَان قُربــان، تَن سِر صَدق آ

٢- مُطيعُ[1] مُلڪ تُنهنجا مِرزئي جڳ مُدامي - طَلب ساڻ تَهدل تَابع ڪَئين تَمامي
سَلامـــي بـــہ هَرهـــڪ طَرف هَر طَبــق آ

٣- آسين سيـڪڙو تُنهنجا سائل بہ تُنهنجا - خَصائل[2] بہ ڳَايون فَضائل بہ تُنهنجا
وَڏي وَٿ اســان لاءِ تُنـهـنـجو خُلــق آ

٤- توسان سَرُو سُوسَن سُنبل ڪِيئن پِيٽيان - ڪيتڪ ڪيوڙو گل ڪنول ڪِيئن پِيٽيان
تـوڪـان سُهـٽـو چا مِ زَنـگي[3] ءِ زَنـــبَقُ آ

٥- عَجب آهــ شَقُ الــقَمَر واري عِبــرت - ڪَري تــو ڏيــڪـاري اِهـا عَين قُدرت
شَڪِين واري شَڪ کي ڪَيــو تـوئـي شِق آ

٦- تُنهـنجو نَام نـعـرو اُتـاهون اُتـاهون - قَدم دَم مُبارڪ مَتـانـهـون مَتـانـهـون
فَلـڪ فَرطِ[4] اُلـفـت ڪـان تُوتـي عَاشـق آ

٧- دُنيا هي ءَ آ قَائم تُنهنجي دَاوري ءَ سان - تُنهنجي رَهبري ءَ سان تُنهنجي يَاوري ءَ سان
تُنهنجي دَم سان اَعجاز چَئي سپ رَونق آ

(١) مطيع: تابعدار (٢) خصائل: خصلتون، گڻ، وصفون
(٣) زنگي زنبق: گلن جا نالا (٤) فرط: گهٽو، زياده

تلھ: يَار مُنھنجو بي مَيار- مُون ڪَميني ءَ ڪِين ڄَاتو.

١- آئُون آوائِي آوَڳُڻي- بي آنت بَد آڳلي آپار
مُون تي ڳڻ آحسان وَڏ- تُورا سَچڻ جا بَار بَار
تَن مَان مُون لاٿو نہ ڳاتو.

٢- ڇا سُڻايان پَاڻ پَنھنجا- پَاپ پَھرِ پرڪار پَار
حَرف ڏورا پيا حَقي- حَق جا مَتم وَاجب وِيچار
ڏَنڊ ڏمر ڏُک ڏِينھان رَاتو.

٣- مُونکي آيا مُنھنجا آڏو- ڏوھہ تي نِت مِثل مَار
تَن ڏيکاريو ڏَنگ ھَئي- حَاضرِ ھتي دَوزخِ في النار
تِيو سَقرنِ سَاھہ آتو.

٤- آصل ڪَان آعجاز ڇَئي آ- ذَات مُنھنجي عَيبدار
مِن نُطفَة نَسب نِسبت- نَام نِيسانِي نِڪار
پَاڻ مُون پَنھنجو سُڃاتو.

تلھ: پرين جي پَار جَا مَاٿو- آچا ڳَارا ٻہ مُون پيارا،
اُنھن جا نَاز مَاٺا ۽- آنگل آرا ٻہ مُون پيارا.

١- جَڏھن تو آئون ڏسان جوئي- ڳَڙو نَاھي مَنجھن ڪوئي،
پيان ھَٽ پير سَندن ڌوئي- مِٺا ڪارا ٻہ مُون پيارا.

٢- سَين سان دل مُنھنجي ڳَھري- ھُجن مسلم توڙي دَھِري،
قِياسي يا صَفا قَھري- ظُلم وَارا ٻہ مُون پيارا.

٣- پَچي سَيئي سَتر سِيلا- ڪندُس آئون يَار لَئہ حِيلا،
ڪُھِر ڪَنَ مَارَ زَھريلا- ڏنگڻ ھَارا ٻہ مُون پيارا.

٤- ھُجن توڙي ٽَڪر توڙھا- رُڃُون رِڻ ۽ روھَنِ روڙھا،
ڏِنگا ڏوڙا سَنھا سوڙھا- چِڪڻ چَارا ٻہ مُون پيارا.

٥- مِٺا مَاڪي جَھڙا مِصري- ڏِٺي جَن ڏُک وَڃن وِسِري
نَئين سِڄ سِڪ نَئين نِسري- بِرھ بَارا ٻہ مُون پيارا.

٦- چَوي اَعجاز مِلي ھيڪر- دُوئي ڪَيم دُور جَڏھن دلبر
مُونکي تَڏھين لڳا ھَر ھَر- مُنھنجا مَارا ٻہ مُون پيارا.

سَتر سيلا: حجاب پردا

ٿلهه: هينئر هن زندگانيءَ جو- اَجهو آڌار تُون آهين،
ڏُکن دَرَدن جي مَاريل جو- دِلاسيدار تُون آهين.

١- نَظر پَنهنجي نہ ڦيرج تُون- خُدا نَالي مُون نَاقص تَان،
اَکين مُنهنجن جو آسابَند- اکين جو ٺَار تُون آهين.

٢- جُدائي جَا ڏيئي صَدمَان- جَلائيندين تہ جَلندس پيو،
جي مُورهُون مُنهن مَٽايُئي تہ بہ- مِٺو مَنٺار تُون آهين.

٣- سُوالي کونہ وِيو خَالي- کَڏهن تُنهنجي وَري دَر تَان،
شَفَا تُو وَٽ سَخا تُو وَٽ- سَدا ڏَاتار تُون آهين.

٤- هَميشه تو کَيُون- هِيٺن سَان هَمراهيون هَلي هَر جاءِ،
ضَعيفن ۽ نَحيفن(١) جو- صحيح غم خُوار تُون آهين.

٥- گهڙي پَل جا گهٽئي تِيا هِت- اَچي اَعجاز جا سَاٿي،
مگر قيامت قَبر ٿَائين- حَقيقي يَار تُون آهين.

ٿلهه: هَادي جَا هَر وار- پَال هَزارين پَورن تي.

١- ڳَائي ڳَائجن ڪَهڙا ڪَهڙا- آهن ڳُڻ اَپار- لک لک ٿُورا ٿُورن تي.
٢- پوءِ پِين جي پَوءِ واري- پَاڻ ڪَيائين پنهنجي آچار- اَچي اُنهن جي اَجهورن تي.
٣- هَاديءَ جي هَٿ سَاٿ ري- ڪُل اَڌُوري ڪَار- ذَرو نہ بَنجي زَورن تي.
٤- جَن کي چَاهي ٿَن سان لائي- لَنئُڙي لَيل نِهار- ڪَانهي ڪَارن ڳَورن تي.
٥- آول آخر اَعجاز اُهوئي- آهي سو آڌار- چَانو چَپر چَٽ چَورن تي.

(١) نحيفن: ڪمزورن

ٿلهه: سَيّد سَاقي ڪَعبو قبلو- پريمي پَٽ پِياري ٿو،
مِلايو مَام مَرداني - مُيون دِليون ڇِياري ٿو.

١- وِيا جي دَر سَندس هيڪر- سُوالي ٿي تہ سُرڪيءَ جَا،
ٿَني کي دُنگ مئي داري- پِياري ٿو سَنياري ٿو.

٢- نہ رَهندو مير مَن دل تي - رَتي رائي مُوافق مِيان،
نيڻن ۾ نيڻ نِت پَائي - آندر سوجهو اُجاري ٿو.

٣- سُبحاني سِر ڇَوان سَوئي - نہ تنهن ۾ پَئو نَڪي پولو،
ڏِيو هَٿ روز هِمت جا- اَڙيا هُن پر اُڪاري ٿو.

٤- وَڄي نَوبت[1] نغارو پِيو- نيهي نَر نَاميَاري جو،
نِشا نبَرتي نِسنگ هَرجا- ڏِسڻ جا ڏِيهہ ڏِيکاري ٿو.

٥- شُبُهہ شَڪ جي سَواءِ گُم ٿِي - صَفاسِر شَاهہ مَردان ۾،
اَعجاز اِعشق حَيدر جو- سبق رِندي سيکاري ٿو.

ٿلهه: آئون تہ سَڄڻ سَائين ٿُنهنجي ٿَاريءَ پِئي ٿِڳان،
پِيو اَڄهو نَڪي آٿم آسرو، لاري ڪَنهن جي لِڳان.

١- آهڙو نہ هُوندو نَظر ڪنهن جو- سَعيو سَاٿ سِگر ڪَنهن جو،
پَري نہ ڪَندس هي سِر پَنهنجو- پِريمَ ٿُنهن جي[2] پڳان.

٢- آئون نِهايت نِبَر نِڪٽي - ڪَمڪَميٽي ۽ ڪَنيزَڪٽي،
ٿُنهن جي سُونهن جي سَاڙيل سِڪٽي - تو لاءِ وِيٺي[3] ڏڳان.

٣- ٿُنهن جي توهَن ٿَاري آهيان- اوڙاهَن مَان اُڪاري آهيان،
توئي پَاري سَنياري آهيان- هيڏي سَاري جِڳان.

٤- ڪَامل ميٺي ڪُل ڪَچايون- اَعجاز پَاران وِجهہ ڪي ڏَايون،
هِمتون مَدتُون پَال پَلايون- ڪَر تہ وِيرِيُن وِچ وِڳان.

(١) نوبت نغارو: ڍُهل جو قسم پيڙ جو وڄڻ (٢) پڳان: پيرن ڪان (٣) ڏڳان: جلان، ٻران

ٿلهه: ڄاڻي ڄاڻان آئون تہ سڄڻ سائين ٿُنهنجي آهيان،
دَرُ نہ ڇڏيندِيَسِ دوست ٿُنهنجو.

۱- سُور سَختيون سِر تي سَهنديس- قول ڪَيل تي قابو رَهنديس،
آهي اِهو اِقرار آئون تہ سڄڻ سائين تنهنجي آهيان.

۲- توريءَ مُنهنجي وَاهہ نہ ڪائي - وَارِ وَصل جي سُهڻا وَائي،
جَانب جِيءَ جِيان آئون تہ سڄڻ سائين تنهنجي آهيان.

۳- تَوڙئون ٿُنهنجي ڪَنيزڪ آهِيان، اَڄ ڪَلهہ جي آئون نَوڪَرِ ناهيان،
ڍولڻ ڪَر اَعتبار آئون تہ سڄڻ سائين تنهنجي آهيان.

۴- عَرض اَعجاز جو ساجن سُڻ تون، رُخ تان نِقابو نازڪ ڪَڻ تون،
صَدقَ وَڃان صَدِبار آئون تہ سڄڻ سائين تنهنجي آهيان.

ٿلهہ: سَڄڻ سَڀ حَال ڄاڻين ٿو، ڪولي توکي سُڻايان ڇا،
سَڄوئي ڏوهہ آهيان آئون، وَاتئون پِيو ڪي وَرايان ڇا.

۱- مُنهنجي تَوبه مُنهن جي زاري، مُنهنجي تَقويٰ طَاعت وَاري،
مُنهنجي سَڀ بَندگي سَاري، ڳَڻي ڀَئي ٿِئي ڳڻايان ڇا.

۲- نہ مون ۾ ڪَا پَاڪائي آ، نہ مُونکي سَا ڄڳائي آ،
اِها هِڪ تو سُونهائي آ، ڪُلهو توسان لاَيان ڇا.

۳- نَظر جيئن ڪَئي آٿئي ڏُر ڪان، اَزل جي روز آطهر ڪان،
مَتان مُنهن موڙين ٿنهن پِر ڪان، ٿُنهنجو اَعجاز ناهيان ڇا.

ٿلهہ: توسَان ڪَانهي ڪُڇڻ جي يَار ڳَلي - جِيئن ڪُهڻو هُجئي تيئن ڪُهہ پيو ڀَلي.

١- اي لَولاڪَ لَمــا جا دَاتــا ڏَٺــي - جيــڪـا ٿوڪـي وَٺـي سَا مُونـڪـي وَٺـي،
ڇو تہ دَوسِتـي جو وَيــنُس دَمُ هَٿـي - هَاٿـي ڊِيــنـمِ همّت ڪَريـان تـوڙ هَلـي.

٢- ڪِتـي وَصـل جا وَاريـو وَنـگ وجهين - ڪِتـي وِرهہ وَڇوڙي جا ڏَنـگ وِجهين،
ڪِتـي نَام سَندءِ جَا نـنـگ وِجهين - ڪِتـي آبـر سَخا جو تـي ٿُون تـو ڪُـلـي.

٣- ٿُنــهــنجو دَرُ ٿو ڇَڏي ڀِيـا در ڇو سَجان - اِهـو هَوش حَيَــاء آهيــم آجان،
تـو مُشــڪـل ڪُشـا رِيءَ ڀِيــو نہ مَجان - اِها آهـي حَقَـيــقـت دَمَ دَمِ دِلـي.

٤- سَڀ ٿُون ٿو بَنائين تون ٿو اُجاڙين - سَڀ ٿُون ٿو ڍَڪائين ٿُون ٿو اُگهاڙين،
سَڀ تـون تـو ڪِلائـين ٿُون تـو رُئـاڙيـن - حَيـران آهيـان ڇَئي اَعجاز علي.

تلهه: هي عَرضِ مَحبت بہ غورِ طَلب آ- پُڏڻ جيئن جي سُهٽا پُڏڻ چاهين چاهين،
مُقدر سَنوَرجي وَڃي مُنهنجو بيشڪ - مِلڻ جيئن جي سُهٽا مِلڻ چاهين چاهين.

٢- رَهيو آ سَدائين اِهو تُنهنجو رَوَيو - نڪي دِل سان چاهين نَڪي دِل تان لاَهين،
اِها رَمز ڪَهڙي اِهو رَاز ڏس تُون - ڏسڻ جيئن جي سُهٽا ڏسڻ چاهين چاهين.

٢- مُدِتُن ڪان آهي تَقاضا اِها ئي - تَمنا اِها ئي تہ دَعويٰ اِها ئي،
سواءِ تو نہ آيو پَسند پِيو ڪو مُونکي، مَڃڻ جيئن جي سُهٽا مَڃڻ چاهين چاهين.

٣- هُجان ياد توکي هَميشه هَميشه - ڪَڏهن حَال ڪَنهن ۾ وَڃَئين ڪونہ وِسري،
آڪين سَان تون اَکڙيون هيئين سان تون هِينئڙو - گَڏڻ جيئن جي سُهٽا گڏڻ چاهين چاهين.

۴- سِڪڻ سِڪ جا سِيني اَندر سَهسين خَانا - خَاني سَڀ ۾ تُنهنجا چِڪن چَاڪ سَڀ پِيا،
پَسايم نہ ڪَنهن کي پَسايان سي توکي - پَسَڻ جيئن جي سُهٽا پَسَڻ چاهين چاهين.

٥- ڏسين مُون ڏي تو پر ڏيدي ڏيدي آک سان - ڏيو پَاند مُنهن تي ڍِهاڙي ڍِهاڙي،
حِجابن مَان نِڪري اَگڻ مُنهنجي اَچ تون - اَچڻ جيئن جي سُهٽا اَچڻ چاهين چاهين.

٦- ڪَجل بَار اکيون عَنبر بار ڪَاڪل - گوهر بَار گُفتا شگفتہ،
وَسائين سي جِن تي وَسن سي وِيرانا - وَسڻ جيئن جي سُهٽا وَسڻ چاهين چاهين.

٧- نَهين ڪِين مُون سان نَلها ڪِيئي دِلاسا - نَنولون تَڏهن ڪَن تا ماٿهو نَنوليا،
آجان وَقت آهي نَهي پَئہ مگر تُون - نَهڻ جيئن جي سُهٽا نَهڻ چاهين چاهين.

٨- رَنگينا ڪريو لَب رَنگين راڄ وينو - رَهيو بَاقي اَعجاز تُنهنڪي بہ رَنگ تون،
پَڪو رَنگ تُنهنجو قِتي ڪونہ ڪَڏهين - رَنگڻ جيئن جي سُهٽا رَنگڻ چاهين چاهين.

ٿلهہ: جَهڙو سَندءِ آشان، تهڙو ڏي کو ڏَان مُونکي.

۱ـ آملهہ مَاڻک هيرا موتي ـ لَعل ٿُنهنجا لاَٿان،
پَرنہ اِهو خَفقان مُونکي.

۲ـ گهوڙن هَاٿين هَنباريِن تي ـ هرکيِ ٿئي جو حَيران،
پَانءِ نہ آهڙو پَان مُونکي.

۳ـ جيڪو ڇُپائي آيس منِ ۾ ـ پُوروِ اهو آرمان،
کَرتہ ٿئيِ ايمان مُونکي.

۴ـ پُڇ مَ مَون کانِ پانَ ئي پَروڙج ـ ٿَند مُنهنجي جو ٿَانُ
چَورِٿي نَاهيِ زِبان مُونکي.

۵ـ آعجازَ عَليِ چَويِ آهين بَرابر ـ سُخن جو سُلطان،
ڏي مَٿانهون مَان مُونکي.

ٿلهہ: کَڏهن صَبا بَنجي ـ کَڏهن گدا بنجي،
دِلبرِ مِنٿا تو دَر سَدا ـ اِيندوئي رَهان ٿو.

۱ـ سک ۾ ٿُنهنجي هَر طَرح جا سُورِ ڏنم
کَڏهن کَهڙا کَڏهن کَهڙا ٿَاب سَنم
تہ بہ دِلربا تو تانِ فدا ٿِيندوئي رَهان ٿو.

۲ـ پِيار پَنهنجوِ بِيگانن لاَءِ وَقف بَنائِيُي،
پَتر جَهڙِي مُنهن جي لاءِ دِل نِپائي،
تنهنجيِ اَها توکيِ گِلا ڏِيندوئي رَهان ٿو.

۳ـ عشق سوداء کان جَهڙو ٿيِ ويس لاَمکاني،
کَٿ نہ قرارِ ٽکاء اَچيِ جَنِ آهيان سَيلاني،
بُتخان ڇا مَئيخان ڇا وِيندوئي رَهان ٿو.

۴ـ ٿي نہ ڳا ٻيِ ٿِينديِ مُونکان کرت کَمائي،
آهيِ تہ آهيِ آعجاز ڇئي ٿَاَت اِهائي،
ٿُنهنجي رضا ٿُنهنجي وَفا گهوليندوئي رَهان ٿو.

ٹلھ: دَرِ نہ آوهان جو ڇَڏيان ـ ڏينهن قيامت ٿائين دِلبر.

١ـ آئُم آس اِها ئـي مَن ۾ ـ آمـهـون سَامهـون آڏيـان آڏيـان،
آيـري سَيـري پُونگـي تـو پَر.

٢ـ ڏِيـو دِلاسـا ڏاڍا ڇَڏيـو ـ سِيـنـو ڪانـہ تـي تَڏيـان تَڏيـان،
نَظـر ڪَريـو ڳا نـاز پَرور.

٣ـ دِلَ آوهان سَان سَانول سَائين ـ ڳولي ٿيو ٿي ڳَڏيان ڳَڏيان،
جِيئري هُونديس جو دَمُ جيتر.

٤ـ اَعجاز چَوي تـو آئـون هِتان شَل ـ لاَت هِن سان لَڏيان لَڏيان،
جَا سـيـڪاريَوَ مُونـکـي رَهـبـر.

ٿلهہ: اَحـوال آنـدر جو آوهان سَان مِـتـا ـ ڪُجھ اوريو آئُم ڪُجھ آوريـنـدس،
ڪَري قُرب وَارا هِتي ڪُلئِي ڪَتا ـ ڪُجھ گهوريو آئم ڪُجھ گهوريـنـدس.

١ـ نِسـري زَمـانـي نَاسـاز مَنجهـان ـ مَنـي مَحـوس خَانـي مِجاز مَنجهـان،
حَقِي نِيـنَهن جو نَاتو نِيـاز مَنجهان ـ ڪُجھ تَوريو آئم ڪُجھ تَوريـنـدس.

٢ـ ڇِڏي مَسـجد مـنـدر چَارئـي مُسـلـيٰ ـ وَتـي پَـنـجن پَارهَن جا نَام نِلا،
سِڪ سَوز سَـنـدو سِڳو صَل عَلـيٰ ـ ڪُجھ سَوريـو آئـم ڪُجھ سَوريـنـدس.

٣ـ سَجي دِيدَ دوناليـون آيـو سُهـٹو صَنَم ـ وِيـو دِلڙي قُري ڏئـي دَرد و اَلَم،
تَنهن جهوريءَ ۾ جيءُ جَان جِسم ـ ڪُجھ جَهوريو آئم ڪُجھ جَهوريـنـدس.

٤ـ سَسئي وَانگي سَراسر تُوکو ڪَري ـ هُجت هَاري اَعجاز ا دُوئي دور ڪري،
ڏُونـگـر هـي ڏُکن جو ڏِسڪـا پَري ـ ڪُجھ ڏوريـو آئـم ڪُجھ ڏوريـنـدس.

ٿلهه: ڳڻي نه پُڄان سي ڳُڻ- مون تي ڪيا جي مُنهنجي سائِن.

١- ڳُڻ سائِن جا شماران ٻاهر- مُنهنجي پچاران پڌاران ٻاهر،
اِهڙا ٻاجهارا ٻهڳڻ- ڏينهن رات ڳُڻن جا مينهن وَسائِن.

٢- ٻَچپڻ کان اڄ تائين منهنجا- مون تي مهربان سائين منهنجا،
مُنهنجي چُڪن[1] جي چُڻَ- ڳَن پاڻ نَڪي پَرڪان ڪرائن.

٣- جن جي ڏسڻ لاءِ ڏيهه ماندا- مون سان پرين سي هِڪ هيڪاندا،
سچا سندن سيِ ڪُڻ[2] - گهر ويٺي مون کي نِت پاڻ پسائِن.

٤- ڏينهن ميثاق جي بخشي خطائون- ڪَيَڱُون جي عطائون تِن لائق نه آئون،
ڏُرِڪَئي ڏَڻُن اهڙا ڏُڻ[3] - پير پريت ۾ مون کي پرائِن.

٥- مُنهن جي سائِن جا ڪرم ڪوجهن تي- ڏُت ڏَڏَن تي جُود[4] جَڏَن تي،
ٻيا ٻال لکين پالڻ- آوکي سَوکي ۾ اَعجاز نيائن.

چُڪن: غلطيون، عيب (٢) ڪُڻ: انجام، واعدا
(٣) ڏُڻ: چونڊ، پسند (۴) جود: سخا

ٺلھ: تُنھنجو ڇڏي وڃان در- مون کان نٿو پُڄي،
قدمين رکي کڻان سِرُ- مون کان نٿو پُڄي.

۱- آئون ٿي تنھنجو عاشق- اھڙو متي قريل،
آمر[۱] ونَھي اورانگھي- ڏٺم تنھنجو منھن آمل[۲]،
پوءِ بہ پوڄان ڪعبو مندر- مون کان نٿو پُڄي.

۲- اُستاد پير مون کي- سيکاريو نہ چنڻ نينھن،
سڀ ڏينھن ٿھڻ سڀ سان- سڀ ڏينھن ڳنڍڻ نينھن،
نينھن کي کو ڇنندو ڪافر- مون کان نٿو پُڄي.

۳- توکان پرين پري رھان- اھڙي دعا نہ ڪر،
فُرقت[۳] جي ڳاھہ ۾ ڳھان- اھڙي دعا نہ ڪر،
ناحقِ ٿيان ڇو مُضطر[۴]- مون کان نٿو پُڄي.

۴- ھي ڀانُھون آ ديوانو- مُٺل عشق حسن جو،
آکلھہ بہ ڪٺل اڄ بہ ڪٺل- عشق حسن جو،
ريءَ عشق رھڻ ڪنھن پَرَ- مون کان نٿو پُڄي.

۵- محبوب توکي روبرو- سجدا ڪندو رھان،
قربت وصال درشن- سيوا[۵] ڪندو رھان،
غائب جو بنجان چاڪر- مون کان نٿو پُڄي.

۶- دَرِ گھر دَيار تنھنجي جو- نقشو نظر اٿم،
اعجاز ڇئي اکين ۾ سو- دل جي وِندر اٿم،
ھن دل اکين تي سَنسر[۶]- مون کان نٿو پُڄي.

(۱) آمر و نَھي: چڱاين جو حڪم ڪرڻ ۽ برائين کان روڪڻ (۲) آمل: ھيرو موتي، جنھن جي قيمت نہ ڏئي سگھجي.
(۳) فرقت: ھجر، فراق (۴) مضطر: پريشان، آزاريل (۵) سيوا: پوڄا (۶) سنسر: پابندي

تلهہ: پَکا پَائي پَائي پيچ - پِرين پَاتا آتُئي،
ڏَاڍا لائق تورا - لک لاتا آتُئي.

۱- رُخ پَاڪ پيشاني پَئي پِياري لڳي - مَنجهس مَعصومي منڌ پَئي موچاري لڳي،
نَظر نَاز وَاري نت نِياري لڳي - هِڪ لَحظي آندر ڏُک لاَتا آتُئي.

۲- مُنهن مُصحفي ڏِٺو ويا آرمان لهي - دَر ڪار کَعبہ جي ڪَانہ رَهي،
سِر تو ۾ ڏِٺو مون سُبحان صَحي - هي وَصف وَسيع آسان سُجاتا آتُئي.

۳- آلف آبرو عَين عِبارت آ- نُقطو نُون نج نِبارت آ،
اِهي پَيڪان پَانيان ڪِ بشارت آ- ايڏيون تيغَ تکيون ڏِنيون ڏَاتا آتُئي.

۴- جِيئن هَاڪ حُسن جي هُوءِ پُڌيم- تِيئن تومان خُوش خُلقي خُوشبوءِ لَڌيم
لَب لاَل رَنگين گُوڙهي رُوءِ ڏِٺيم- آهڙا اَعجاز اکين جا نَاتا آتُئي.

تلهہ: نَام نَنگيءِ جي نَاتي - نِينهن ۾ نشابر ڪَيڙُس،
نِجهرو نِتر جو نُور ٿيو - جيڪس جڳ جِيئڙس.

۱- نَام جَپِيان نَاتَ پَسان هِڪ جيڏن مَنجهہ هَسان،
وَاهي ويراڳي بَنجي - ويڙهي ويڙهي وسان،
مَحبت وَاري مَحويت ۾ - مَست و مَست ٿيڙس.

۲- نَام حُضوري نُوري - دَم ۾ ڪَيو ڏُک دُوري،
قَالئون ڪَيي حَال ڏيئي - مَام ملائي مَنصوري،
بَحر بِرهہ جو پَڪَئِ پيو - لَهر لَقائيءِ نِيڙس.

۳- نَام سَان نَاتو نَام جي مَعنيٰ - نَام سُڃاڻي ڪوڪو،
نَام جي آجيان عِزت آدب - ڄَاڻو ڄَاڻي ڪوڪو،
نَام نِهال سي ڪَيڙا - جي نائي سِر سَام پِيڙس.

۴- نَام اسم اهو آفضل - آڪمل عَين عليؑ،
اوري اَعجازا اوِرج - دِليئون دِن رَين عليؑ،
اِنهي نام پَلي جي بَرڪت سَان - لَنگهي آئون پَار پِيڙس.

نجهرو: ڪڪائون گهر

ٿلهہ: جو ڏٺومون رات جاني - خواب واري خيال ۾،
سو ملايو مون سان سرتيون - ٿان ٿيان ڪنهن حال ۾.

١- يار منهنجي يارجا - آهن عجب هي آشڪار،
دل ڦريندڙ ناز جلوو - آسندس هر چال ۾.

٢- زلف زهري نين قهري - پرون پئي پونر پونر،
ڏند موتي جوتان جوتي - تي سونهيا رخ لال ۾.

٣- تنهن سڄڻ جي سونهن جي - ڪهڙي صفت ڪريان پلاء،
وصف سڀئي سڀ هئس - گهٽ ڪين هو ڪنهن ڳالهہ ۾.

٤- اعجاز پڇيو دلربا - ڇا نام نالو آسندءِ،
ٿان چيائين ڪر صحي تون - مرم دال ۾.

ٿلھ: مِير مَحفل آھ اَڄ ـ مُنھنجو شهِ خُوبان پرِين،
حُسن يُوسف کان حَسِين آ ـ سومَهِ تابان پرِين.

۱ـ کُنت کُنزا مان اُٿي ـ سو سُوءِ مَحفل آيو آ،
سُونھن صُورت جو سَنباھي ـ سَاڻ سَپ سَامان پرِين.

۲ـ شَمعون شَرمائڻ لَڳيون ـ لَعلون به شَرمائڻ لَڳيون،
رُوءِ رَخشان کي عَيان ـ جَنھن دَم ڪَيو پنھان[1] پرِين.

۳ـ مُوءِ[2] دِلبر بَاعثِ ـ خُوشبوءِ ٿي بَاغِ ارم،
جَانِ مَن سوئِي سَندم ـ جَانِ چَمن جَانان پرِين.

۴ـ نَاز پرور نَازنين ـ نَاز و آدا سَان سَروُ نَاز
نِيازکان نا آشنا ـ نَازڪ بَدن نَازان پرِين.

۵ـ خُوشترين خَط خَال وَهوا ـ رَخ رَنگين رُخسار خُوب،
سُرمگين اکين سَان سَارو ـ طُور جَلوي سَان پرِين.

۶ـ آبِ حَيوان حَوضِ ڪَوثر ـ ۽ دمِ عِيسيٰ نه پُڄ،
هِت جياريا جِيءَ لکين ـ ڏِيئي لَبِ مَرجان پرِين.

۷ـ دِيد جي آڪسير سَان ـ ۽ دِيد جي تَاثير سَان،
لاَ دَواءِ درد جو آ ـ تِيو دَوا دَرمان پرِين.

۸ـ جَان و دِل مَال و مَتاع ـ قُربان ڪَيان آعجاز ڪُل،
مِيزبان مُونکي بَنائي ـ تِيو مُون وٽ مَهمان پرِين.

(۱) پنھان: پَردي ۾ لِڪل (۲) مُوءِ: وار، زلف

ٿلهه: آندو اڄ ته عجيبن ڪان خَاطيءَ[1] خط- چمي چشمين لايان سو ڇَاتيءَ خط

۱- آهي ڇِيءَ منهنجي جو جِياپو خط- آهي نينهن وصل جو نياپو خط
ڪري دل تي ڇڏيان ڇو نه ڇاپو خط- هي خط هوندم ساڻ حياتي مَماتيءِ[2] خط

۲- هن ۾ هر ڪا حقيقت حال به آ- معنيٰ مام ملڻ وارو خيال به آ،
بيحد پيار محبت ڀال به آ- ڏاڍو ذوقئون لکيو يار ذاتي خط

۳- ڳَايا مايا اِنهي تان قُرباني ڪيان- سر ساهه نذر مِهماني ڪيان،
خوبان خوب تنهنجي خَاطِر[3] خُواني ڪيان- آئي مونکي ڏنو جنهن ڀاتيءَ خط

۴- خطڙو آهي اعليٰ عِبارت سان- سَرِ نَامون صحي مُهر مَهارت[4] سان،
آيو اَعجاز عليءَ جي مَعرفت سان- پڙهي سو حِفظ ڪيو دل جَذباتيءَ خط

(۱) خاطيءَ: خط آڻيندڙ (۲) مماتي: موت ڪان پوءِ
(۳) خاطر خواني: خدمت ڪرڻ (۴) مَهارت: دانائي، سياڻپ

تلهه: صُحبت انهي سان ڪر- جو قلندر ڪري ڇڏئي،
رَهبر تي سڀ سوراهه جو- رهبر ڪري ڇڏئي.

۱- تون تنهن نظر ڪي ڳول- جا توکي تمام تر،
اک ڇنڀ ۾ هڪ گِران[1] بها- گوهر ڪري ڇڏئي.

۲- اهڙو ڪو ساٿي دوست- سَچو يار ڪر وجي،
جو معرفت ۾ ماورَو- مُعتبر ڪري ڇڏئي.

۳- اُن زلف خوشبوءدار جو- سايو نه ڇڏ ڪڏهن،
دل کي دماغ کي جو- مُعطر[2] ڪري ڇڏئي.

۴- هت ڳالهه آهي عشق جي- هت عشق ڌار سو،
غربت هوندي به دل جو- تونگر ڪري ڇڏئي.

۵- جنهن مان ڪروڙين پي- پُران پُر تي نت وڃن،
ڇئو عشق کي ته اهڙو ڪو- ساغر ڪري ڇڏئي.

۶- صيقل[3] مثال صحبت- سالڪ سچي سندي،
مَن کي ساماهه وانگي- مُنوّر ڪري ڇڏئي.

۷- اَلعشق[4] نَارُ الله جو- اَعجاز تي پتنگ،
بَربَر انهي ۾ هر ته سا- اوجر[5] ڪري ڇڏئي.

(۱) گران بها: گهڻي قيمت (۲) معطر: خوشبودار (۳) صيقل: قلعي
(۴) العِشق نَارُ الله: عشق آهي الله جي ٻاريل باهه (۵) اوجر: پاڪ صاف

ٿلهه: نعرو نظارو نسنگ[1] اسان جو- گُرجي گامرِ گرام سان جمرجام سان.

١- ڪُل[2] شَيءٍ مُحيط ٿياسين- قرب جي قول ڪلام سان جمرجام سان.

٢- ناميا نشانبر آهيون برابر- ذاتي صفاتي نام سان جمرجام سان.

٣- گُلگُون گـلابي اکين واري- گُل بدن گـل فـام سـان جمرجام سـان.

٤- ديـڏن جي دل واري درشـن- دم دم ڏُوم ڏمـام سـان جمرجام سـان.

٥- مَن خدايَم[3] موج ۾ چئون ٿا- معنيٰ معرفت مام سان جمرجام سان.

٦- سِر اسان جي سِهرا سُونهَن- ساقي جي صَمصام[4] سان جمرجام سان.

٧- عِشق جا بانگا آسين آعجازا- عشق واري اسلام سان جمرجام سان.

ٿلهه: باغَ بَهار يا بَن وي سَرتيون- آئي سڪندر شاهه جي.

١- حُوران پريان چِن مـلائڪ- تابع تـيـڙا تُمَن وي سـرتـيـون.

٢- پيچ پاڳارا ڪَلنگي وارا- نَعرا هَٿن ڪک پَن وي سرتـيـون.

٣- دِلبـر دولهـ دادڪي ڪئين- ڏاغي وڏا ڏُشمن وي سـرتـيـون.

٤- ڳائـي آعجاز ڪهڙا ڪهڙا- گُنيءَ جا وَري گُن وي سرتـيـون،

آئي سڪندر شاهه جي.

---

(١) نسنگ: ظاهر (٢) ڪل شيءٍ محيط: هر شيءِ تي منهنجو گهيرو آهي

(٣) من خدايم: آئون الله آهيان (٤) صمصام: تلوار

ٺله: صنم سهڻو ساقي سڄڻ هڪ اٿم- گذاريان ٿو تنهن جي حسن ۾ ٿي گم.

١- اچي جنهن چمن ۾ چمن سو چمن ٿئي- گهمي جنهن صحن تي صحن سو صحن ٿئي،
هلي راهه جنهن سان سا مشڪِ[1] ختن ٿئي- رهي جاءِ جنهن تي سا جنت عدن ٿئي،
منهنجي اک پري ڪيئن پوءِ باغِ ارم[2]

٢- جي مُرڪي ته موتين جو درياءِ وهيو پئي- جي پڙڪي ته بجلي شمع ڏنگ رهيو پئي،
جي ظاهر ذرو ٿئي ته سڄ چنڊ ڀِهيو پئي- اشارو ڪري ته ڀي اڏ تي لهيو پئي،
نِهاري جي نازئون ته ٺهيو پئي نظم.

٣- حَسينن جو حاڪم حسن جو ڏٺي آ- حسن روزِ تنهن جي پيرن جي پٺي آ،
مِلائيندو اکِ ساڻ جڏهن اک ڪِٽي آ- جادوءَ وانگي جِيءَ ۾ ويندو جَڙهٽي آ،
علم سامريءَ[3] جو ڏٺم اٽ عدم[4]

٤- منهن جي دلربا جو حسن ٺٽ سوايو- ڪٿڻ منجهه ڪنهن جي نه اَعجاز آيو،
اچا ڪونه اهڙو ڪو شاعر سامايو- نڪو ڪو مصوّر ڪنهين ماءِ ڄايو،
قلم جي ڪتا سان ڄا هٽندو ڪو دم.

(١) مشڪ ختن: هرڻ جي دن مان نهيل مشڪ، عطر
(٢) باغِ ارم: شداد ڪافر جو ٺهرايل بهشت
(٣) سامري: حضرت موسيٰ جي وقت جو جادوگر (سامري)
(٤) عَدم: لڪل

ٿلهه: هِن ڪَشتي جو نَاکئُوتون - طُوفان ڪونهن ڪَا شئي،
هي گهور انڌيرا ۾ - گهمسان ڪونهن ڪَا شئي.

١- هِن بَحرِ طَلاطُم[1] جا - بي بَند بَرَهَڙا هي،
۾ بادِ مُخالف جا - بُحران ڪونهن ڪَا شئي.

٢- پَوَنَاڪ پَنوَر پيڙيون - جت لَهريون مِثلِ پريت،
اُت توهه تَاريڪ تَنهن جي - طُغيان[2] ڪونهَن ڪَا شئي.

٣- مَاهر تون مَلاح آهين - آتوڪي مَهارت ڪُل،
هَتِ تنهن جي سڪاڻ آهي - شُوبان[3] ڪونهن ڪَا شئي.

٤- جو پَاسو هَٽي هن کي - سو پَاڻ تئي پُرزا،
هِن تنهنجي دَنگيءَ آڏو - دُوران[4] ڪونهن ڪَا شئي.

٥- مَانجهن ۾ تُون مَانجهي مَل - ڪَئين پارِ ڪيئي ڊُونڊَا،
اوڙاهه اُڪارين تون - ڪَپتان ڪونهن ڪَا شئي.

٦- آمُنهنجو يقين مُحڪم - آمنهنجي اِها دعويٰ،
دَرياءَ جَا دَم دڙڪا - دَهمان ڪونهن ڪَا شئي.

٧- پيا بجليون بَدل چمڪن - پَرواهه نٿو پَانيان،
تُون سَاڻ سَجڻ آهين - بَاران ڪونهن ڪَا شئي.

٨- جو بَارِ لَڏيُئي هن تي - سو بار سُجهئي پيو سَيِ،
اعجاز پچاري جَا - آوزان[5] ڪونهن ڪَا شئي.

---

(١) طَلاطُم: لهرون، ڇوليون (٢) طغيان: جوش، سيلاب، ٻوڏ
(٣) شوبان: ڏيکاريا، ڏيکا، نظارا (٤) دوران: گردش، چڪر (٥) اوزان: وزن جو جمع، بَارَ

تلهه: مُونکي نَتو سُجهي تہ کو تُنهنجو بَدل هُجي،
جِيکر هُجي تہ تُنهنجي نَظر جو کُتل هُجي.

١- چَوڏهن طَبق جي چَار سُو، چَارئي مَقام چَئين،
ڪَونهي اُنهن ۾ آهڙو- جو تَنهنجو آهل هُجي.

٢- تُنهن جي سَراپا، تَن ۽ بَدن جَهڙو هُوبَهُو،
نَرم و نَفيس نازڪ، مُشڪل ڪو گُل هُجي.

٣- ڇو زُلف رُخ تي ڇَوڙين ٿو، آهڙا ڇَلا ڇَلا،
هِي هُو جَهان جَن جي، حَيرت ۾ ٻُڏل هُجي.

٤- تُنهن جي اکين ۾ جِيئن- اِهو ٻَهڪي ٻَري پيو،
ٻي ڪَنهن جي اَک ۾ آهڙو- جَڏهن ڪو ڪَجل هُجي.

٥- تَنهن کي هُجي ڇو غَم ۽ فڪر، ڪَنهن بہ ڳالهہ جو،
جَنهن کي جو تُنهن جي صُورت، هِينئڙي ۾ حل هُجي.

٦- نَاصح ضَرور ڪَهڙو، پوءِ تُوکي نِماز جو،
دِل جي پُٽيان جي تُنهنجو، هَلڻ پَل بہ پَل هُجي.

٧- تُنهن جي نِگاهہ جو تہ بہ، آهيان مَان مُنتظر،
توڙي جو نَظر تُنهن جي، مُون تي هَر مَهل هُجي.

٨- جَنهن ۾ بہ تُنهن جي حُسن جي- جَهلڪي نَتو ڏِسان،
مُنهن جي ڪَنن اکين ڪان- پَري سو غَزل هُجي.

٩- وَهسي وِڳي تَڳي ۽- ڪَنهن کي بہ وَٽ نہ ڏي،
اَعجاز کي جي تو جَهڙو، سَاٿي پُنهل هُجي.

ٿلهہ: قُرب ٿُنهنجي جي ڪَچهري - ڪُل ڪتابن جي بَجاءِ،
لَحظو ھِڪ تنهن جي لِقاءَ جو - سَپ ثَوابن جي بَجاءِ.

١- بَشري صُورت بيڪ ٿُنهنجو - آهہ آعليٰ ۽ عَجيب.
نَظر نَاقص لاَءِ آ - سَتَر نقابن جي بَجاءِ.

٢- ڇَو پُڇان ڇَا لاءِ پُڇان - شَاهي شَفَا خانہ وَجي،
لِب لَبن ٿُنهنجَن جي مون لَئہ - لَڪ لُعابن جي بَجاءِ.

٣- خِيال ۾ ڪي خَواب ۾ - ڪِي رُوبَرو توکي ڏِسڻ،
هَڙ حَياتي حَق ٿِيو - سو هَڙ حَقابن جي بَجاءِ.

٤- رَمز ٿُنهنجي رَاز وَاري - رَاز رَاحت رُوح جِي،
رُوح جِي رُون رُون رِڳن ۾ - پَئي رَبابن جي بَجاءِ.

٥- سِڪ جو سِينن ۾ وکر - سِينا صَدين ڪان سِڪ پَريا،
سِڪ سَفينن(١) ڪان ڳري سِينا غَورابن جي بَجاءِ.

٦- ڪَارگر آهن ڪُهڻ جا - ڪِن قَصابن ڪَان وَٺي،
ڪُنڍڙا ڪَارا نيڻ ٿُنهنجا - ٿِيَا ڪَسابن(٢) جي بَجاءِ.

٧- نُوح آدم مُوسيٰ عِيسيٰ - يَحيٰ زَڪريا ڪي خَليل،
لاَجواب آئين ٿي آخر - ان جَنابن جي بَجاءِ.

٨- بَاب سڀ ڀيا بي ڪَما - ۽ بي بقا بلڪل بِنهہ،
باب بَاقي بِرهہ وَارو - اور بَابن جي بَجاءِ.

٩- عَاشقن سِر ٿيندا آهن - پَر اُهي آعجاز ڇئي،
هُل هَنگامہ هَورتَن لاءِ - ڇَڻ حُبابن(٣) جي بَجاءِ.

(١) سفينن: ٻيڙين، جهازن (٢) ڪسابن: ڪاسائي (٣) حبابن: پاڻي جو ڦوڙو، بوگيڙا

ٿلهه: ڪا ڪَيِي ڏينديِ منجهه - ڪِهڙي آهي مَرضِي يَار منهنجي جي.

١- مُرڪِي مِلندو هَاٿي مُون سان - ڪِي آجان بہ ڏيندو ڏنجهه.

٢- هـن نِڏرجي حَالَ حـاضرُتـي - راضِي آهـي يَا رَنـجُ.

٣- مـون ڪاڻِيءِ ڪـان ڪِين ڪُٺي تـو - غَمن سَندوهِي گـنجُ.

٤- عِشقَ جي آيَسَ آبَ اُونـهـي ۾ - واءِ نَہ لڳي تـو وَنجُهـ.

٥- اَعجاز عَلي آچِي مـارِڙ ڪـندو - آهنجُ بہ ٿـيـندو سَهَنجُ.

ٿلهه: آهڙي ڪَا يار تو لاَئي - ڪهان ٿُنهنجو نہ مَٽ جَائي.

١- بِرهہ ٿُنهنجي جِي پَابند ٿِيَسِ - بيخود بي جَان بي جِندُ ٿِيَسِ،
پِريـن تـو سَان پـيـونـد ٿِيس - وِڇا وَاري وِيئـي وَائـي.

٢- لڪـين لـوڙي وِيم ڊوڙي - نَہ ٿِيـس هـيـڏي نہ ٿِيـس هَوڏي،
آڪـيـون اَرواح دل تـوڙي - وَٽـي صُورت نـہ پـي ڪَائـي.

٣- وَتـان ٿـيـو هَانِ مَسـتـانـي - دِيـوانَن ڪـان بہ دِيـوانـي،
لَهي حَيـرت نـہ حَيـرانـي - آهـيـانِ عِبـرت ۾ آئـون آئـي.

٤- چَوي اَعجاز آئـون ذَر ذر - تـوٽَان گـهـورِي گـهـورِيـان گـهـر سِرُ
نَظر مُون تـي ٿُون نُوري ڪَر - آي مُنهـنجي حَال جا پـائـي.

ٿلھ: توکي ڏسيو پئي ٽڳان - ناتہ جڳ ۾ جو نامي ڄياپو.

١- لک هزار کو لائي لُٽائي - لاڙي نہ پئي ڪنهن جي لڳان،
ڏيو مُنهنجو ميثاقان توسان ميلاپو.

٢- جيسين فرڏسان توکي تيسين جانب پئي - درد فراق ۾ ڏڳان،
توري ۽ کَن نہ هي اکڙيون آڇاپو.

٣- سَپ ڪي پرايہ سُهٽل سائين - تُنهن جي دران ۽ تنهن جي دڳان،
صدقي کيم توتان تن ۽ تناپو.

٤- پيالا پرت جا تُنهن جي هٿان پي - وحدت ۾ پئي وڳان،
ويو آندرئون اعجاز ڇئي اڏامي آپو.

ٿلھ: مون تي اهي سَپ ڀال - مُنهن جي سڄڻ جا، مُنهن جي پرين جا.

١- ياد تہ آهيان وسريل ناهيان - دل تان اُنهن جي اُتريل ناهيان،
ڪُتل مون ۾ خيال - مُنهن جي سڄڻ جا.

٢- رنج رُسامان صدمان سَهاپا - طعنا مَهٽا تلخ نياپا،
وين وصال مثال - مُنهن جي سڄڻ جا.

٣- ملندي ڪلندي مُنهڙو مَٽائڻ - گوڏي گڏ ويهي گهونگهٽ پائڻ،
خُوب اهڙا تہ خصال - مُنهن جي سڄڻ جا.

٤- سونڻون مينڻون سيمُون پيارا - آنگل آرا عِشوي اشارا،
گُفتا منجهہ رُومال - مُنهن جي سڄڻ جا.

٥- سِرهي اعجاز اسِک ۾ ساماٽو - ڏکن سکن ۾ ڪين ڪوماٽو،
قُرب اهي بہ ڪمال - مُنهن جي سڄڻ جا.

ٿلهه: مُون سان ڪونه مُنهنجا سَڄڻ ڪَن جدايون،
ڏايون ڏِنگ ڏِسيو تہ بہ وَريو ڪَن وَفايون.

۱- مَتم ڏوهه ثابت آهن ڪَئين ڏِهاڙي - پِرين پاڙَتَن جي مون سان ڪانہ پاڙي،
هَٿئون پَنهن جي هَٿن سان ڏِکن پِيا ڏِلايون.

۲- سَدا حَال سَڀ ۾ آهن رَاضي پَازي - چِنڻ عَيب پَانئن رُسڻ ريب بَازي،
مَاٺهو ڪَن تہ پِيا ڪن، وَٽن لاَيون چَايون.

۳- نَاهيان آئون هڪڙو دِيوانو اُنهن لاَءِ - سَارو مَست آهي زَمانو اُنهن لاَءِ،
ڏَاڍيون دَرگُذر سَان، دِليون ٽَن وَرايون.

۴- آهن جَهڙا سُهڻا تهڙا سي سَہاجَهل - مِلن آهڙا اَعجاز پاڱين ٿا سَانوَلَ،
ڏَڏَن ڪي جي ڏِيندا، وَٽن جِيءَ ۾ جايون.

ٿلهه: مَرحَبا مُنهنجا مٺا، يَاري نِيائي تو يَڪي،
ڪَنهن نہ توجِيئن ڪَئي وَفا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

۱- ڪَئين ڪِشالا پَند ڪَٽي، ۽ سَڀ لَڇون سَانگا سَٽي،
جَان جِند ڪي ڏيئي جَفا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

۲- آئين نَازمان نعرو هَٽي، سَنسار ٻَن سَار وهٽي،
تِي نِسنگ نِسري صَفا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

۳- آئون گهٽو هوس ويسلو، پَر تو نہ ڪَيو نَاتو ڍِلو،
وَاهہ سُهٽايَر وَهوا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

۴- مَام ۾ سَيکي چَيئي، مُونکي مِٺا پَنهنجو ڪَيئي،
يَاد تون رَهندين سَدا، يَاري نِيائي تو يڪي.

۵- پيچ پَاتا تو پَڪا، اَعجاز سان يَاڪي يَڪا،
صَدقي صَدقي مَهہ لقا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

حقیقت

تلھ: ٻن صُورت وارو ٻنايئي چو- اِنھي رُوپ ۾ پاڻ ڇُپايئي چو.

١- مَت ملڪن واري اِنڪار ڪري- پنھنجي خيال جو خاڪو تيار ڪري،
اولو آدم جو اِختيار ڪري، هُل عُبديت وارو هُلايئي چو.

٢- هڪ جاءِ هُئين هڪ پاڻ هُئين- سڀ طرح سڪيو سڪ ساڻ هُئين،
آڳاڻ نہ هُئين تون سڄاڻ هُئين- پوءِ ڏاڻي سان دِل لايئي چو.

٣- ڇڏي وحدت واريءَ واديءَ کي- ويءَ جُوءِ وسيع ڪُشاديءَ کي،
ڇڏي الوداع آزاديءَ کي- ڪُنج قفس ۾ قيد ڪمايئي چو.

٤- پنھنجي نقش جو پاڻ نگارو تون- مٿان تنھنجي جان نثارو ٿُون،
وري نيٺ بہ تنھن لاءِ مارو ٿُون- ٺلھو ٺڪر آجل تي ٻڃايئي چو.

٥- اعجاز چوي چوان ڇا آئون ڏٺي- تُنھنجي ڏانائيءَ جي آهي ڳالھ گھٽي،
هُتي نعرو اِٿي آنا الله هٿي- هِتي احمد نام سڏايئي چو.

تلھ: جاڳي جاڳي جاڳ ڙي- او پوري وريو آئي ڀاڳ ڙي.

١- اِسم ربّ جي اُٿ سويرو- پل پليرو پيرِج پيرو،
ٿان لِھين کو لاڳ ڙي.

٢- ڪُوڙي دُنيا جي ڪُوڙي گشي کي- ڪُوڙي ننڊ ۾ ڪوڙي نشي کي،
ڇڏ تہ ماڻين سُھاڳ ڙي.

٣- پرين آڏو پاڻ نہ آڻج- ڄاڻ تون پنھنجو اوري ڄاڻج،
آڻئي مِنت جو ماڳ ڙي.

٤- ساٿي سنگتي سڏي صلاحي- سڀ سمورا ساز سنباهي،
ڪر روحاني راڳ ڙي.

٥- عِشق اعجازا آيو الاهي- مُرشد هادي ڪئي همراهي،
ويھ وٺي ويراڳ ڙي.

تلھ: هَستي مَستي مَوج مَري وَئي - آهيون هِت ويچارا بيحد بيڪس بيڪارا.

١- هَر ڪَنهن آڏو نياز آسان جو- سَڀ ڪَنهن سان سَچائي،
مَحبت مَن ۾ دَغا نہ دِل ۾- گِلا نہ ڪَنهن جي ڪَائي،
قِسمت قُدرت ڏني آ غربت- سُور سَيئي سَارا.

٢- سَاٿي هُئا پَر سَاٿ ڇِنائون- ڪونهي حَال ڪو پَائي،
خَفا ٿيا پَر وَفا نہ ڪَيائون- جَفا ڏيئي وِيا جُدائي،
دَرد جا دَفتر ڪوليان ڇا هَر هَر- ٿيندا بَنديون ڪَاغذ ڪَارا.

٣- حَسرت دِل جي دِل ۾ رَهي- نَاڪام عُمر ٿي آجائي،
اعجاز جِني سان نَاز هُئا- پَرواز ڪري وِيا جَائي،
موٽي نہ ملندءِ تولاءِ نہ ڪجندءَ- ڪَٿي سَاهہ ڏئين سَو وَارا.

تلھ: منصب منصوري ءَ ذاران نعرو ان الحق ماري ڪير،
مام مسيحي جيسين مخفي مٿا جسم وري جياري ڪير.

١- وِرد وَظيفا نَفل نِمازون زُهد عِبادت جي ڪَٿي ٿين،
تو ڏَ تَڪبر سِينا ٿَاني ترڪ ڪري سرواري ڪير.

٢- ظَاهر بَاطن سَمجهہ سري ءِ ۾ اُو تي العلم اِشارو يَان،
قَالوا بَلىٰ جي قَول ڪَيل ڪي مَردن ري ءِ پيو پَاري ڪير.

٣- سيل صبر سڻ مردن وارو سولي ءَ سر ڪيئن ساهئيون ٿي،
اعجاز حَقاني هوڪو حق ؟؟ و سيّدري ءَ سيڪاري ڪير.

ڪجندءَ: پريشان ٿيڻ، الڪو ڪرڻ، ياد ڪرڻ، هڏ ڏوکي

تُلهہ: حَقيقت جي آئيني ۾ - سَچو اِسرار تُون آهين،
نَظر کان پَاڪ جو آهي - اُهو اَبرار(١) تون آهين.

١- خَزانو سر خُوديءَ وارو - بَحر مَعنيٰ جو بسيارو(٢)،
کُنت کُنزا نِهان نيارو - رُخ اَنوار تون آهين.

٢- بَشر جي بيک بَازي جو - کُلئي کَم کَارسَازيءَ جو،
حَقيقي ۽ مجازي جو - اَصل مُعمار(٣) تون آهين.

٣- شَاهد مَشهود سِر تُنهنجو - عابد معبود سر تُنهنجو،
سَدا مَوجود سِر تُنهنجو - سُوري هَسوار تون آهين.

٥- پَنهنجي پَاپن جو گهر دَر تون - پَنهنجي نيڪين جو پَرور تون،
پَنهنجي هَر ڪم تي قَادر تون - يَلو بَدڪار تون آهين.

٦- گگن گُلزار گُل ڦُل سان - شَمع پَروان بُلبل سَان،
هَمہ هَروار هُل غُل سان - بِرهہ بَردار تون آهين.

٧- دوزَخ جَنت جو جَوڙيندڙ - خِيمون هَر جاءِ کوڙيندڙ،
ٿَاريندڙ پَاڻ ٻَوڙيندڙ - کَپر پَاتار تون آهين.

٨- هَئي اعجاز مَنجهہ جَهاتي - حَقيقت جو تہ ڏِس هَاتي،
توسان تُنهنجو سَچو سَاتي - نہ هَڏ بي يار تون آهين.

(١) ابرار: نيڪوڪار، اولياء الله (٢) بسيارو: زياده، گهڻو، وڌيڪ
(٣) معمار: اڏيندڙ، ٺاهيندڙ، رازو

تلم: ماٺهن ۾ آ موليٰ پَڌرو- اِئين تہ ڪو اِثبات ڪري.

١- مَن عَرَفَ وَاري مام معنيٰ سان- پِير عَلي ؑ توبات ڪري.

٢- نورٌ اعليٰ نُورُنيارو- تَن من ۾ تجلات ڪري.

٣- صاف وهابي صوفي تي سيپ- صورت ۾ ڏس جهات ڪري.

۴- وهڪري وحدت واري مان تو- عشق عطا هر ذات ڪري.

۵- اعجاز علي ؑ جو سِر سَچاٺو- تِي ظاهر ذاتِ ڪي ذَات ڪري.

تلم: شَل خُوش وَسين سَندي سَانگ- ڪَانهي ڪَاڻ مِلڻ جي آسانڪي.

١- چَورنہ مُون سان ڳالهہ اِهائي- ڪَهڙي سُتايَئين ڪَانگ.

٢- نَڪي آئون تولاءِ ٽانگهيان- نَڪي تُون ئي مون لاءِ ٽانگهہ.

٣- ڪِروڙين ڪَوهہ پَري هُجون- ناوانُڦن وَانگ.

۴- اعجاز جُدائي قبول ڪَئي- توڪي ڏِسي بي دَانگ.

تلھ: ڏڏرمَندن کان پُڇو- ڪيئن ٿا گُذارن ڏينھڙا،
مُنھن پايو مُونن ۾- وِيتا وَسائين مينھڙا.

١- سُور جو ساٿو ھٽن- سَودو نہ ڪَن سک جو ڪَڏھن،
اي سُکيا ساوا اُنھن جا- سُڻ اھي ٿُون سَنيھڙا.

٢- نت پيارن ۾ پين ٿا- پُر پيالا پرت جا،
اِئين نباھيو ٿا وَڃن- نيھي ھتان ڏس نينھڙا.

٣- مَوت کان اڳ ۾ مَري- مُوتُو قبل جيڪي ٿيا،
ڇاڪندا تَن کي پَلا ھي- شاھي شوريل شينھڙا.

٤- عشق ۾ اَعجاز ڇَئي- وَڏ ماٺيي کان ٿيا پَري،
حَال ھيٺي تي سَدا- ھيري ڇِڏيا تن ھينئڙا.

تلھ: جيئَن تَقويٰ رکي اَٿئي- تيئَن توڙ نِباءِ،
نہ تہ نَاٿِن سَان ويھي- نِينُھن نَہ لاءِ.

١- توڙي ڪيڏو ھُجين تونگرُ پَلي- تہ بہ سِڪ سَچي سَواءِ نہ صُحبَت ملي،
جُھدئون جِيءَ کي جَفا ڏي تہ مُحب ملي- نہ تہ سَڏڙيو تي نہ سَائِل سَڏاءِ.

٢- ڪِرت ڪاپڙين آ قُرب ۾ ڪُسڻ- نڪي ڪَرڻ ڪَات اڳيان وَري ڪا کُرڪ ڪَرڻ،
نَکي ڏَڙڪ رَکڻ نُڪي چِڙڪ پَرڻ- اِنھي اُھجاڻي پوءِ عارف چواءِ.

٣- ڏِسي وَضحيٰ وَليل کي کَرِ ويچار ويھي- توڪلت عَلَي الله جِي ڇا صِفت آصَحي،
جنھن اِيّاڪ نَعبُدُ وَاِيّاڪ چَئي- اِھو سَبَقُ سِکي پَنھنجو پاڻ پَچاءِ.

٤- عجب اَعجاز زَماني ۾ رَنگ رَازُ ڏنئي- گھڙي دَم جو سوز گداز ڏنئي،
مارڻ مين کان سَواءِ پيو کُوڙُ کُلئي- نئڙت نِيازَ ۾ پيو سِر ڙو نَماءِ.

تلهہ: مَچي مَيدان ۾ بيهڻ- مَانجهي مَردان جو ڪَم آ،
جلڻ مَنجهه عِشق جي چيري- جَلالي جُوان جو ڪَم آ.

١- اَچڻ پونري مِثل بُلبل- پَسڻ حَاضر حُسن گُل ڦُل،
پَچڻ پَروان جِيئن پَلپل- موهيل مَستان جو ڪَم آ.

٢- تِيرن جي تَاب ۾ تَرسڻ- وَتي وَندُورهه جا وَرسڻ،
بِنا مُند اوچتو بَرسڻ- بَدل بَاران جو ڪَم آ.

٣- نَڪي پَالا نَڪي نَشتر- نَڪي هَاٿي نَڪي اُشتر،
ٿِيڻ فَتحياب بِن لشڪر- سورُهه سُلطان جو ڪَم آ.

٤- ڦِٽي اَعجاز ڪَر آزي- گهاٽي سِر ڏي تہ ٿِين غَازي،
لِڳائڻ جَان جي بَازي- قَويءِ ايمان جو ڪَم آ.

تلهہ: يَاد جي جَن کي ڪَندا- ڪَندا ياد سي تَن کي سَدا،
دَم ويسارو نَاهه جَن وٽ- ڪير ڇَئي تن کي جُدا.

١- سَارِ دل جي سِلِ سان- پَهہ عَاشقاٺي پَارسان،
وِيا مَلي اِئين يَارسان- ڪَئين سَوز سَاڙيل سِڪ وَندا.

٢- جن وَسان ڪَيون ويسريون- ۽ غافلايون گيسريون،
نِيٽان ٿَني جي نَيسريون- آرمان جُون وَهنديون آدا.

٣- فَاذڪُرُوني جي فَهم- اوڏا ڪَيا سَاهئون صَنم،
اکڙين ڏِٺا وِيا غَم وَهم- تَن مَن ڪَريان تِن تَان فدا.

٤- هِت جُون سَارون هُت سُڄن- هي ڪَارون زَارون هُت سُڄن،
پِيون سَپ پَچارون هُت سُڄن- آهڙا پرين آتم سُنهن خُدا.

٥- ڳالهيون تہ پِيون آفراديون- اَعجاز بِي بُنياديون،
ياد ڪَرسي يَاديون- جِن سان ڪُلن در آنحدا.

ٿلهه: جَن يَار نہ ڪَيو- تَن جِي ڇَا ڪَيو،
يَار سوا ۽ پيار سَوا- هن دُنيا ۾ تَن ٿي ڇَا ڪَيو.

١- پيار ۾ اُتجي پيار ۾ ويهجي- پيار جو صَدمون پيار ۾ سَهجي،
پِيار ۾ سِر ڏيئي پِيار لِ پَسجي- پِيار سَواءِ سِر ڏيئي ڇَا ڪيو.

٢- مَئيخوار آچي مَئيخان آندر- مَئي جَام پِين تا شَام و سَحر،
سُهٽي صُورت وَندَسَاقي بِگر- تَن مَئي جو پيالو پِي ڇَا ڪيو.

٣- مَر تہ اَعجازا مَر مَحبت ۾- غَم غُربت ۾ سِڪ صُحبت ۾،
نَہ تہ ٿاب طَبل سَان تُربت ۾- پُڄندا تو ڪَان تو هِي ڇَا ڪيو.

ٿله: جَيڪو غَير کي سَمَائي- اُهو خَيَالُ ڪِيئَن ڪَمَايَان،
جَڏي حَالَ جي حَقيقَت- وَرِي قَالُ ڪِيئَن ڪَمَايَان.

١- مُون گُذارِي عُمر سَيُ آ- پَنهنجو پَاڻ نت کُهائي،
جو کُهي کُهائي پِين کي- سو ڪَمالُ ڪِيئَن ڪَمَايَان.

٢- مُنهنجي دِل جي ڏِس تہ ڇَاهَت- مُنهنجي دل جو بُڌ تہ رَايو،
جو مِثالِ ٿئي نہ جڳ لاءِ- سو وِصالُ ڪِيئَن ڪَمَايَان.

٣- بُڌي قَالَ وَاريون دَانهون- آچوکَنِ تہ عَاشقن جُون،
پَنهنجو عِشقُ آئُون بہ رِتن جان- تِي بَتَالُ ڪِيئَن ڪَمَايَان.

٤- پيئڙي خُونِ هَرِ بَشَر جو- ڪري قَطرو قَطرو ميڙيَان،
آچي پوءِ ڪَمُ پونين کي- اهڙو مَالُ ڪِيئَن ڪَمَايَان.

٥- نہ خُوشي ۾ پَائيداري- نہ جَتاءِ غَمن ۾ يَارو،
تہ خُوشي مَلهَايَان کهڙي- ۽ مَلالُ ڪِيئَن ڪَمَايَان.

٦- جَڏهن ڏسي ڪَسي دِل- جَڏهن کلي تہ موهي،
اعجاز سَامهون اُن جي- پوءِ جلالُ ڪِيئَن ڪَمَايَان.

ٿلهه: آهي رازِ الاهي سِر آدم ۾- هي بيرنگ بيک ڪيو آئي ھن عالم ۾.

١- هِي اَرض و سَمٰوات تـو ٺاهيـو آ- هـي وليـل وَالـضحـيٰ تـو بَنـايـو آ،
تـو شَمـس قَمـر ۾ نُور پَايـو آ- ٿُنهـنجو تَجلـو آهـي صُورت سَالـم ۾.

٢- لِڪ ڪَربل ۾ ڪـٽي ڪيـڏي ڪَيَئِي- اُتي پَاڻ بيـٺي پَنھنجو پَاڻ ڪُٺئي،
سِر عَاشق ٿيـو ڏَاڍا ڏُک ٿي ڏِٺئي- ڳُجهـا رَازِ رَتيـئي اسم اَعظم ۾.

٣- ڪَنهن کي عِشق لَايو آڪسير ڪَرين- ڪَنهن سان وَاءَ وصاليءَ جي وِير ڪَرين،
ڪِٿي سَمـنـڊ دَرياهان پِيـو سَيـر ڪَريـن- ڪِٿ اَعجاز وِڌئي غمـن آگـم ۾.

ٿلهه: سُور ۾ رَهه تان سُور سُڃاڻي- سُور جي صُورت سُور آئي،
سَمجهه اهو سَچ سَالڪ چَئِي وِيا- سُورن ڪان پوءِ سُرُور آئي.

١- جِيـئري وَڃ هي جَهـان ڇڏي- پَلا شَرط اهو مَنظور آئي،
پَک سَان پَسندين پوءِ پرين جي- پِرت سَندو پَهه پُور آئي.

٢- دِلبـر جو دِيـدار ۽ دَرشن- دِل کـان نـه هَرگـز دُور آئـي،
دَردمَندن جو سُڻ اي سَڏڙيـا- دَائم اهو دَسـتور آئـي.

٣- ڪوهه ٿو گَنگا جَمنا ڳَاهين- ڪَمڙو مَکي ڏي ضَرور آئي،
تـو ۾ ڪَاشـي تـو ۾ تيـرٿ- تـو ۾ تَجلـو طُور آئـي.

٤- نِرمـل وَارو نَقش نِظارو- نَظر اڳيـان سـو نُور آئـي،
هَٿ ڪَر حَال خِيـال اَعجازا- هِردي مَنجهه حُضور آئـي.

هِردي: دل

ٿلهه: نَڪي آيم هَتِ آلله ميان، نَڪي دور دُنيا جو چاهه مِيان،
غَمزي حُسن جي آهڙو ڪيڙم، ڳهائي گُهڻي گُمراهه مِيان.

١- نَڪي شُمار آهيان شاهوڪارن ۾، نَڪي زُهد عبادت ڪارن ۾،
نَڪي چورن ۾ نہ چڪارن ۾، آهيان بَرزخ ۾ بيراهه ميان.

٢- نَڪي ڪَنهن سان نهي ڪو ناهه ڪيم، نَڪي ڪَنهن سان ڪَهي ڪو ڪاهه ڪيم،
نَڪي دل گهريو ڪو گُناهه ڪيم، اَرمانِ اهوئي آهه مِيان.

٣- هَردو جَهانئون عاري ٿيڙس، عَيش آرامئون بيزاري ٿيڙس،
هِڪ جيڏن ۾ مَياري ٿيڙس، ٿون مُون تي ويئي تَباهه مِيان.

٤- حُسن سواءِ هَاٿي هلي نہ چاٿان- حُسن جي ڪاڻ ٿيا حَال نماڻا،
حُسن جا آرا ناز ۽ ماڻان- چايم سِر تي ڏيئي ساهه مِيان.

٥- ڪُل شيءِ مُحيط جو ڏس مِليو، پَلي هِيئَن وتان شَل عُمر پُليو،
رلين پُلين سان رَهي هو ٿو رليو، اهو وار اَعجاز ويساهه مِيان.

ٿلهه: ڪونہ پِيو ٿو سُجهي- سَڀ سَان آهي صَاحب سَاٿي.

١- مَن عَرَفَ جي مَعنيٰ ڪَئي سون- پَڪي پيرائتي سُڌ پَئي سُون،
لوڪ هُونهَين پيو مُنجهي- سَالڪ ڏيئي وِيا سَڀ سَمجهاڻيْ.

٢- خَلق آدم علىٰ صُورته - موڳا پَانئِن هيء مُورت ٻي،
عِشق نہ ائين اُجهي- رَمز انهي ڪي پِرت رَساٽي.

٣- ڳهتَ آندر ۾ هيء گهوڙا گهوڙا- ڪِين ٻُڌين ٿو ڪوهه تون ٻوڙا،
ٻول هيء جيڪو ٻُجهي- سُرت رکي سو پَاڻ سُڃاٽي.

٤- ڪي چَون ڪِيئن ڪي چون ڪِيئن- عَاشق چون تا هَر گهڙي هيئن،
ڳُجهه پرين جي ڳُجهي- پَس اَعجازا ڪَئي پُڃاٽي.

بَرزخ: وچ

تلهہ: آهي يَار آسانجي اولي - آسين وِياسون ڳولي ڳولي.

١- ڪير نہ سگھندو هَاڻ آسانکي - بيشڪ ٻولي ٻَولي.

٢- آنا آحمد بِلا مِيمي - ڀَهڳڻ ڀَولي ڀَولي.

٣- مِليو مَاهي مُزمّل مون سان - گُھونگھٽ کولي کولي.

٤- رَاڄ چَڏيا هِنِ رَندن تي - اِنهن مُلن رولي رولي.

٥- ڪَڏهن عَاشقن ڪَڏهن حَسينن - جي آتولي تولي.

٦- آعجَاز ٻَلا ڇو ڇَپر ڏونگر - نَاحق ڇولي ڇولي.

تلهہ: مَرد تي مَنصور مَانَند - مَام سَمجهي مَن عَرف،
پَڙهہ آنا الحق جي پَٽي - ڪَر ترڪ تُون نَحو(١) و صَرف.

١- خُود خُدائي خِيال پَس - دُوئي وَارو تہ دَجال دَس،
پي جَلالي جَام رَس - حَق ڇَاڻ حَاضر هَر طَرف.

٢- تو وَسي تو ۾ بہ رَبّ - ان ڳالهہ ۾ ڪونهي عَجب،
ڇَڏ لَذت لَهو(٢) ولَعب - شَاهي ڇَوَن تُنهنجو شَرف.

٣- تِي تُون پيوند پَاڻ سَان - مُحڪم مَتي مَئي مَاڻ سان،
کَر نہ ڇَتڪي ڇَاڻ سَان - ڪَنهن قول ٻِئي ڪَنهن تي حَرف.

٤- سَبِ آعجَازا تول تُون - بَردو نَاهين ڇَڏ ٻول تُون،
دَر دِلين جا کول تُون - تو وَٽ ڪُنجي تو وٽ ڪُرف.

(١) نحو و صرف: عربيءَ جو قائدو گرامر
(٢) لهو لَعبُ: دنيا جي راند روند، لذت

ٿلهہ: مُنهنجي جاءِ نہ توسان جَائي، او هَرجائي،
تُنهنجو عِشق نَٿو مُون کان پَاليو پُڄي.

١- بيڪِي بَسني بَهانا تُنهنجا- ڏاڍو آهين دلبائي، او هَرجائي.

٢- هِڪ نہ نَالو هِڪ نہ صُورت، تو هِڪ نہ ٻولي ٻُڌائي، او هَرجائي.

٣- ڪَڏهن مَوالي ڪَڏهن قَوالي- ڪَڏهن مُلون مَسلائي، او هَرجائي.

٤- ڪَنهن دَم سَائل ڪَنهن دَم سَخي- ڪَنهن دَم تون ڪَنجُوسائي، او هَرجائي.

٥- تُون ئي چَورُ تہ تُون ئي پَاڳيو- تُون ئي پيري وَڙولائي، او هَرجائي.

٦- هيڏهن هَوڏهن پُورو آهين- وَاهہ تُنهنجي هيڪڙائي، او هَرجائي،

٧- پَنهنجي مَرضي مُطابق هَرهند- تو آوَسائي تو ڦِٽائي، او هَرجائي.

٨- سَالم سِياڻو توکي سَمجهان- کي سَمجهان توکي سَودائي، او هَرجائي.

٩- توکي ڳَانهي تہ آسان کي بہ ڳَانهي- ڳَالهہ اَعجازَا ڳَائي، او هَرجائي.
تُنهنجو عِشق نَٿو مون کان پَاليو پُڄي!!!

تلهہ: آسين وَاقف تُنهنجا آهيون، ڏسون تُنهنجي الاهيت ڇا،
خُدا ڪونهي ٻيو ڪو نہ تہ۔ لِيڪيون تُنهنجي لِلاّهيت ڇا.

۱۔ حَوا آدم مَتّي ڇَا لاءِ ڏَرِيُئي الزام ڏاٿي جو،
سَندءِ آهڙي عَجب جَهڙي، نَتا سمجهون سِياست ڇا؟

۲۔ رَاڄن جا رَاڄ تو رولِيا، خالي دَڙڪن دِلاسن سَان،
ڪِروڙين وِيا ڪندا دَانهون، اِها آهي ڪَماليت ڇا؟

۳۔ صَبر ۽ مَاٽ ڏي مُونکي، اَچان نہ تہ آئون پَتر پَوندس،
سَڏايئي پَاڻ ڪي ڇَا ڇا، ڪَرين ٻِيو ڏس عِنايت ڇا.

۴۔ خُدا يا خَير ۽ شر جو، ڪونهي خالق ٻِيو توري ۽،
چَوي اَعجاز مُون ڪَئي، پوءِ خَطا ڪَهڙي خِيانت ڇا.

تلهہ: تُون تہ مُلڪ وَحدت جو مَالڪ آهين،
تُون دِين ڌَرم ڪي ڇَا ڪندين.

۱۔ عَاشق اِتي آختيار تُون، وَجي پَس نہ ٻِئي ڪَنهن پَار تُون،
آهين سَچو اِسرار تُون، دير و حَرم ڪي ڇَا ڪَندين.

۲۔ تو لاءِ سِڪي لَالا سَمن، تو ڪي سَدا نَرگس نَمن،
تُنهنجو بَدن آهي چَمن، باغِ ارم ڪي ڇَا ڪَندين.

۳۔ خَالي نہ رَهہ پَنهنجي خِيال کان، هن عِشق جي آحوال کان،
وَاقف نَاهي جو هِن حَال کان، تنهن بيشَرم ڪي ڇَا ڪَندين.

۴۔ هَڻ اَعجاز نَعرو هَمہ، پَروان تون تُون ئي شمع،
تُون لامَڪاني لَاطمع، تُون ڄَم ڄَرم ڪي ڇَا ڪَندين.

ڄرم: حياتي، ڄمار

تلہ: هنيون حَاضر ڪَريِ هت ٿُون، ڪوليِ نَظرون نظارو ڪَر،
بَاطل حَق تي پَڌر پوَندو، مُلڪ هَتِ مات وَارو ڪَر.

۱- حُضُوري دِل قلب وَاري، ڪَندو حَاصل وجي ڪوڪو،
آجان چَاڙهي آئي چڙهٽي، چَڙهي پَنهنجو ڪو چَارو ڪَر.

۲- مُوتُو قبلل وارو لاَنگهو، لَنگهي مُشتاق تي مُحڪم
آجل سَامهون اُوچي سِر آچ، عَدم آسَن آوتارو ڪَر.

۳- مَتَان هِت غير ڪو يَانئين، نَاهي ڪو غير هت هَرگز،
ڏِسڻ سَان ڏِس هُمَه حَق آ، گُمَان گُم تي گُذارو ڪَر.

۴- هنيون حَاضر نَاهي جِن جو، جيئڻ تَن جو آجايو آ،
سَچا سَالڪ وِيا سَچ چَئي، سَندي سِر جو سَنيارو ڪَر.

۵- پير مُغَان مُحقق جِي، صُورت آهو بهو رَبي،
اِئين اَعجاز چَئي سَمجهي، هُو هُو وارو اِشارو ڪَر.

تلہ: خُوددار تي ڳولج خُود ڪي تون - سوجھ سَندِيءَ سُڌ ٻُڌ ڪي ٿُون.

۱- تُنهنجي آولي تُنهنجي چوليِ - ڪَير ٻُڌي تو ڪير تو ٻوليِ،
سَمجھ پَنهنجي سُر شُدُ[1] ڪي ٿُون.

۲- اوري وَاريون اورِيَن اوريون - حد اندر تَن ڏِسيون ڏوريون،
لَوچ ”لا“ سَان لاَحد ڪي ٿُون.

۳- مَسجد ڪَعبي مَئيخانِ مَندر ۾ - آندر ٻَاهر ڪوجهي سُندر ۾،
ڪَر اثبات اَحد ڪي ٿُون.

۴- گُهم اَعجاز اِ گُرَ ۾ گُم تي حَقّ حَقيقت سَان هَمدم تي،
پَس فَهم فِي[2] ڪَبَد ڪي ٿُون.

(۱) شد: خود (۲) فِي ڪَبَد: ڏکن ۾

تلھ: اِسم ذَاتي اور- عَين عِبادت آھي اِھائي.

١- وَهُوَ مَعَكُمْ وَعدا ڪَيائين- گُرمتان سِر گھور.

٢- ٻَن ڏيئي پِيا نَاتا سَيئي- نَاتو حَقيقي تور.

٣- مَن عَرف جي مَام پَروڙي- ڏِيل پَنهنجي ۾ ڏور.

٤- ڏينهن سَمهڻ جا پَوءِ ڏَاڍا اِيندءِ- دل ۾ اِھو ڪَردَور.

٥- ھُو آڻ گھريو ۽ آڻ ڪُٽ ڏِي پِيو- تَڪ مَرڪي تُون تور.

٦- آنڪل وَاري عِبادت ڇَڏ تون- مَن جو مَٽيون سور.

٧- ڪَوڏئون قُرب ڪَمائي قُدسي- ڪِينو قَلب تان ڪَور.

٨- آعجاز چَوي ڳَالھ پِرين جِي- وِينو چور پَچور.

تلهہ: اِئين پُڄندي آسان ڪَان هَرگز ڪَانہ - جِيئَن سَائين تو آيا آڙيو پِينگ تي.

١- سيجون سڪَ ۽ ڪَاچ سَلُوٽا، طَعام طَلِبين تان نَہ،
وَتين چو سَينو سَاڙيو پِينگ تي.

٢- جُڳ تِيَئِي اِنهي حَال سان، پَاڻ بُکيو پِيا سُلطانَ،
ڪِيئَن تو چِت ڪٿي چَاڙيو پِينگ تي.

٣- جِيڪي ڏِنئي سو تہ گهوريو، پَر وِيتر ڪَسيو سڪ مان،
پُڏيو چيو وَچين لاَڙيو پِينگ تي.

٤- مَسجد مَندر بہ گهر مِيان تُنهنجو، تَنهن ۾ ڪَهڙو آتَئِي سامان،
وِيتو آهين وَلر وَاڙيو پِينگ تي.

٥- مَعاف گُستاخي اَعجاز چَئِي، نَان ۽ وَڏو شَهر وِيران،
آتَئِي مُون بہ ڦَڪڙ ڦَاڙيو پِينگ تي.

تلهہ: وَٽ وَاٽ بَصيرت وَارن جي، حَق سَاڻ هِڪان هڪ پَارن جي.

١- اِن واٽ سواءِ بِيون وَاٽون وِنگيون - آٽپوريون آڏوريون ڪوڪيون ڪُنگهيون،
ڪِن تي نَنگ نَنگيون ۽ چَوڪيون چُنگيون - ڪِن تي دَعويٰ دَڙ دُزدَارن جي.

٢- جَا وَاٽ وَما تغيٰ وَاري آ - سَا نِيارين ڪان بہ نِياري آ،
اِها جُڳ جُڳ جَاري سَاري آ - اُهَا وِٽيل آوِينجهارن جي.

٣- جيڪا نِرتن سُرتن صِراط چَئِي - وَجي طَالبن سَائي تَلاش ڪَئي،
وَني وِيا سا صُورت جي سَام پَئِي - جَڏي چِنتا بِين سَپ چَارن جي.

٤- جِن بِينا بَصيرت وَاري مِلي - تَن اڳيان حَقيقت سَاري کُلي،
حَق آهي خَفي حَق آهي جَلي - هُجي نَظر ڪَا اَهلِ نظارن جي.

٥- هِن رَاهہ جا راهي رِند ڏِٺم - اَعجاز اُهي دِيدمَند ڏِٺم،
سَردار بہ سي خُورسَند ڏِٺم - اِها پَرڪ آتَئِي پِرتيارن جي.

خورسند: سرها، خوشي

تـلـھـ: جي پَاڻ سُجاڻـي تـہ اُھـو پَاڻ آھـين ٿُون،
حَيران پَريشان جَنهن جي ڳَاڻ آھين تون.

١- وَحـدت جي وَجي وَوڙنـ کر جَھنگ جَبل ۾،
جِيءُ جَان جَلائـين چو عَبث جِهلَ جَنجل ۾،
پنهنجي ئـي حقيقت جو پِرياڻ آھين تون.

٢- وَھمن جي وَھيو وَھـ ۾ وِتين پاڻ وِساريو،
نَاھي کو جَتاءَ جِن ۾ نَشا پِين سي پيتاريو،
مَڻ جَنهن ۾ مَئي مَستي جا سو مَاڻ آھين تون.

٣- لَشکر کِي خَزاني جو، توکي خِيال فکر چو،
تَلوار کَپي تير توکي، ڍَال سِپَر چو،
سَامان سِلح سَاري سَمر سَاڻ آھين تون.

٤- مَعمار مَکاني ۽ مَکان لامَکاني ٿُون،
مَستان گگن مَينگھـ آبر آسماني تون،
مَعنيٰ واري موتين جو بہ مَهراڻ آھين تون.

٥- آعجاز چوي عِشق کي اُستاد آچي کَر،
آلَمست عُشاقن سان اِتحاد آچي کَر،
سَيِ سُخن وَارن جو پوءِ سَرواڻ آھين تون.

ٿلهہ: هِن خَاڪي ڇِتڙي چولي - هِي ٻوليون ٿو ڪير ٻولي.

١- ٻَوليون صَحي ۾ سَاڪي - مِنٽريون مِثال مَاڪي،
لَاَريب رُوحي رَاڪي - بَاطوني ٻِغر ٻولي.

٢- ڇَا ٿو چَوي ٻُڌائي - ڪو گوش ڪَن تہ لَائي،
ڇَا وِيٺو آ وِڃائي - ۾ ڪَنهن ڪي پِيو وَڙولي.

٣- هَٽي عَاشقي جو نَعرو - ڪَنيائين بِرهہ جو بَارو،
سَرمست ٿي سَچارو - خَبرون خفي جون کولي.

٤- اَعجازِ اهوئي حق آ - سُڻ سمجهہ تو سَبق آ،
پِيو ڪونہ ڪَو نَاطق آ - اَللہ ريء تو آولي.

ٿلهہ: پَنهن جي ظَهوري ڪَاڻ - پَاڻ کي آدم پَاڻ ڇَپائين.

١- مَعنيٰ سَان مَعبود ٿي وَيٺو - مَلڪن جو مَسجود ٿي ويٺو،
لَائي عجب لَالاڻ ٻَهگڻ ٿي ٻَنگ ٻَاڻ هَنيائين.

٢- شَاهہ گداٿي گَشت ڪَرڻ لاءِ - ڏُکن سکن جي لَذت وَٺڻ لاءِ،
آصُلئون توڙي هَاڻ - پَسند رَنگي پَهراڻ ڪَيائين.

٣- هَرسُو هَمہ ٿيو هڪڙو هَادي - حَاضر غَائب ٿَنهن جي مَنادي،
طَرف وَحدت جي ٿَاڻ - سَمند دَرياء هڪ مَاڻ مَيائين..

٤- صِفت ۾ پَنهنجي ذَات ڇُپائي - اِسم اَعجاز آيو مَٿائي،
وَهم گُمان نہ آڻ - عِشق حُسن ٻَئي سَاڻ ڪَنيائين.

ناطق: ڳالهائيندڙ

ٿلهہ: اِنسان سِرُ الاهي - اِسرار سَڀ اِنهي ۾،
دِل ڪش حُسن نظارو - ديدار سَڀ اِنهي ۾.

١- انسان آهي اَڪمل - اَعليٰ عَجيب اَجمل،
ذَاتي صفاتي تجمّل - چِنسار سَڀ اِنهي ۾.

٢- بَشري بَناء بَهانو - بيحد آ بي گُمانو،
خَفي خِيال جو خَزانو - خُمار سَڀ اِنهي ۾.

٣- عُشاقي آر آگم - تَرنگي تَرانو ترنم،
سُر ساز سوز سَرگم - گُرتار سَڀ اِنهي ۾.

٤- نيشان سان نَاميارو - نَاطق سو نُور نيارو،
رَاسخ رَبوبي وارو - رَنگ پَار سَڀ اِنهي ۾.

٥- اَعجاز وَاري اولي - بَهگن تو پَاڻ بولي،
ڳُجھ ۾ ڏِنوسون ڳولي - اَعتبار سَڀ اِنهي ۾.

ٿلهہ: آڏي ۽ ڪَات جي سَڏ تي - ايندا ڪي مَرد مَردانا،
مَحبت ۾ مُوتُوا قبْلِلَ - تِيندا ڪي مَرد مَردانا.

١- سر و ساغر صُراحي مئِ - تِڪي آ تيغ هَٿ جَنهن جي،
زَخم تَنهن جا ڪِلي هَر هَر - ڪِيندا ڪي مَرد مَردانا.

٢- مَوڪي مُغان جي مَحفل جِت - وَهن اُت ڪوس جا وَاهڙ،
مَتا تنهن پَٽ پَٽر پِڙتي - ڏِيندا ڪي مَرد مَردانا.

٣- وَدِائي سِر جي عَاشق ٿِيا - اُنهن آهڙيون ڪَيون خَبرون،
ڪَڇن جي جَاءِ نَاهي هِت - وِيندا ڪي مَرد مَردانا.

٤- اَچان اَعجاز چئي آهين - رڳو ڳَالهين ڳَگاٽيو ٿُون،
نِباهي نِينهن جو نَاتو - نِيندا ڪي مَرد مَردانا.

تلهه: ڀَاڻان وَچي ڀَراهون - اَلله کي وَڙولڻ،
ڪِل جهڙي ڳالھ آهي - ڇَوڪر ڪُلهي ۾ ڳولڻ.

١- نَڪا عَالمن خَبر هيءَ - نَڪا عَاقلن خبر هيءَ،
ڪَئي عَارفن خَبر هيءَ - تو مُون مُهاندي ڍَولڻ.

٢- خُود ڀَاڻ ڪي وِسارڻ - جڳ ڪي وَچي جُهارڻ،
ڳَڻ ۾ نہ ڀاڻ سَارڻ - وَڻ وڻ نَاحق ڏَنڌولڻ.

٣- سُڌ جا سَچن سُڻائي - ڪَنهن ڪَنهن هِيئين ڪَنائي،
آن آن ٻولي آنائي - ٻَولڻ تہ سِر بہ گهولڻ.

٤- آڪئين ڏِنو ڇَڏائن - رَندن تي نِيو رُلائن،
ڀولا وِجهن ڀُلائن - ڪَم آ مُلن جو ڀولڻ.

٥- آدم جي نانءَ آيو - آدم ۾ ڻَانءِ ڀَانيو،
ڪَنهن ڪي نہ ڏانءُ آيو - صُوفيءَ جان رَاز ڪولڻ.

٦- ووڙِن وُجود جيڪر - عِلم و عَقل جا ڀَيڪر،
بَرحقّ چون ڀَوءِ هَر هَر - اَعجاز وارو ٻَولڻ.

جُهارڻ: پوڇڻ، ڳولڻ

تلھ: ٺُنھنجو ”پاڻُ“ تو لاءِ وڏي پِت آ- نَہ تہ يارُ تو سان ٺُنھنجو نِتُ آ.

۱- مَت سالِڪَن وارِي مَچ ٺُون، پِيو نہ ڪيڏِھن ووڙڻ وَڃُ تون،
پِت پاڻَ واري پوري پَچُ ٺُون، پاڻھي پاڻ چَوَنديِن ھُوھِت آ.

۲- وَفِیٓ اَنۡفُسِکُمۡ فرمائڻ، جَھاتِي جِيءَ آندر پارائِڻُ،
پَنھنجي پاڻ کي پاڻُ پَسائِڻُ، اِھا مَحبوبَن جي گَتِ آ.

۳- ٺُنھنجو يار جُدا توکان ڪَونھي، ٺُون نِھار جُدا توکان ڪونھي،
وِتي وارِ جُدا توکان ڪَونھي، ڪَر چَڪاس تہ ٺُنھنجي چِت آ.

۴- آلانسانُ سِرِي سِر سارو، آٿئي خاصُ خُدا جو اُتارو،
اوڙي پاڙي لاءِ تي نہ آزارو، جِت پير ٺُنھنجا پرين تِت آ.

۵- آکيُون پِيائي ءِ جَن بوڙِيُون، وِچان ڏِٺيون تَن ڪَئِين وِچوڙِيُون،
آٽَن تَڏھن جُدايون لوڙِيون، کِھڙِي چَاڻ اِھا کِھڙِي مَت آ.

۶- توکي اِسمَ جِسمَ جو آيو لو، آھي اِسمَ جِسمَ ئي اولو،
اِھو اولو آرَاچَن رولو، اَعجاز کيو ثابِت آ.

ہمۂ اوست

تلهه: نَفي اَثبات سَان هَردم - عَجب اِسرار آهيون ٿيا،
نِظاري نِينهن نَعري سان - نِسنگ نِروار آهيون ٿيا.

۱- ڪِٿي دلدار ڪِٿي اغيار - ڪِٿي گُم غار آشڪارا،
ڪِٿي آبشار ڪِٿي گُلزار - ڪِٿي خَسِ خار آهيون ٿيا.

۲- ڪِٿي سَاجد ڪِٿي مَسجود - ڪِٿي شَاهد ڪِٿي مَشهود،
ڪِٿي آياز ڪِٿي مَحمود - ڪِٿي نَادار آهيون ٿيا.

۳- ڪِٿي تہ گمان ڪِٿي نِيشان - ڪِٿي دَردا ڪِٿي دَرمان،
ڪِٿي مَروان ڪِٿي شَيطان - ڪِٿي ڏَاتار آهيون ٿيا.

۴- ڪِٿي خُود خيال جا خَالق - ڪِٿي صُوفي سَچا سَالڪ،
ڪِٿي اَعجاز جا مَالڪ - ڪِٿي سردار آهيون ٿيا.

تلهه: لاَ مَذهب ڄاڻ - مَذهب جي مُون ۾ يَاڻ ۽ نہ بُوءِ ڪَا.

۱- دِين ڪُفر کَان دُور آڪيرو - وَحدانيت مُنهنجو وَاهيرو،
عِشق سَوا آئُون اَڄاڻ - ڏَاهپ جي مُون ۾ جَاء نہ جُوءِ ڪَا.

۲- وَصل وِصال جو واءِ بہ سَنيران - هِجر فِراق جو گهاء بہ سَنيران،
صَبر جو مُون ۾ سَنباڻ - وِقلڻ جي مُون ۾ وَاءِ نہ وُوءِ ڪَا.

۳- برهہ بَهار سَان بَاهم آهيان - لاَجي لاَرسان لاَغم آهيان،
سُخن مَنجهان ئي سُڃاڻ - حِرفت جي مُون ۾ هاءِ نہ هُوءِ ڪَا.

۴- ريءِ مَحبت جي ڪُوڙا ڪَاذب - قَاعِد عَقائد مِڙئي مَذاهب،
پَل تُون اعجازا پَاڻ - رَسمن جي وَٽ راءِ نہ رُوءِ ڪَا.

ٿلهہ: ڪَريِ هر سَانگ هَر صورت، آسين هر جاءِ آياسين،
نَوَن رُوپَنِ رَنگَنِ سان نت، نوان ڪي نينهن لاياسين.

١- پَسَڻُ پنهنجو پَسِي پاڻهي، نہ پنهنجي پَٽَ ۾ ماياسين،
ظهوري ڪاڻ ذاتيءَ جي، اولاعبدي بناياسين.

٢- ڪٿي ڏئي گهورَ گهايون ڪِئين، ڪٿي خود گهورَ گهاياسين،
ڪٿي بي نيازبي پرواهہ، ڪٿي ڳل پاند پاياسين:

٣- آهيون هر دَور ۾ هر دم، ڪُلَئِي ڪمڙا ڪماياسين،
ڪڏهن ڪيئن ٿي ڪڏهن ڪيئن ٿي، عجب ڪونتل ڪُڏاياسين.

٤- عُرف ”اعجاز“ واري سان، ڪٿان ڪان ڪٿ ڏساياسين،
ڇپايو پاڻ هوسُون پَر، نہ ڪنهن وَلِ ڇَلِ ڇُپاياسين.

ٿلهہ: دلربا جي ديس ۾، مَهمان هُئاسون سَال ڪي،
نَرگسي نيڻن اڳيان، نيشان هُئاسون سَال ڪي.

١- خُوبرُو تنهن خُوش لقا جي، خِيال ئي بَس خيال ۾
مَحوُمَن موهيل مگن، مَستان هُئاسون سَال ڪي.

٢- پَل بہ ڇَاتوسون نَٿي، پَاٿان پِرين پيارل پَري،
يَار سَان يَڪدل يَڪويَڪ، جَان هُئاسون سَال ڪي.

٣- هت بہ مَهمان تَنهن سندا، آسين هُت بہ مَهمان تَنهن سَندا،
مَعنيٰ جت ڪِٿ مُحب لاءِ، مهمان هُئاسون سَال ڪي.

٤- هيئن پَتنگ پَروان ڪو، اَعجاز مُشڪل ٿيو هُجي،
جيئن آسين سِر رُخ شَمع جا، شَان هُئاسون سَال ڪي.

ٿلهه: ڇم ڇم ڇَنَنَن ڇير وَڄايان - ڇم ڇم ڇَنَنَن ڇير.

١- دِيدُن جي دِيدار ۾ وِيهي، لَآيان دَم نہ دير.

٢- پِيرِ مُغان جي پِڙ ۾ پَلپل، پِرت مَان پَائي پير.

٣- وَجَہُ الله جَهاتي پَائي، غَيرِ وِڃايان وير.

٤- آخفائي آحوالِ ڏِيان ٿو، تَازا تير بَتير.

٥- حُسن واري حَلقي آندر، حَاضر ٿي هَر وير.

٦- عَرشين يونئين آعجاز علي جي بِرهہ وَاري پير.

ٿلهه: بيحد آهيان بَهار بَرابر- بيحد آهيان بَهار.

١- بِرهہ بي پَرواهہ بَنايم، هَمئہ کان هَر وار بَرابر.

٢- پَنهنجي پَسڻ سَان پَنهنجو ٿي پِيس، عَجائب اوتار بَرابر.

٣- مَحوِيَت مَستي مَوج چڙهي وَئي، تَڏهن تَار و تَار بَرابر.

٤- آعجاز چوي آئون سارو سَراپا، آيس ٿي اِسرار بَرابر.

تلھ: عَاشق مَان آزاد برابر عَاشق مَان آزاد.

١- ڪَنھنجي قَيدوَھيٺو ناھيان، آڻ اھو اعتقاد بَرابر.

٢- دڪيا ڏوکا طَعنا مَھٽا، مُونکي ناھن يَاد بَرابر.

٣- شُد[1] آھيان سو شُدي ڪَندس، شُدي ڪيو اٿم شَاد بَرابر.

٤- آھيان پَنھنجو پَاڻ اَعجازا، اَصل کان اُستاد بَرابر.

تلھ: آسين سَانگي سَڄڻ يَار جي، ھَر رنگ ۾ رَھون ٿا،
ھَر رُوپ شڪل ڏول ۾، ھَر ڍنگ ۾ رَھون ٿا.

١- آدم کان آھي پوءِ، آسان جوئي آنعرو،
آسين قَديم آسين جَديد، رَنگ بَيرنگ ۾ رَھون ٿا.

٢- آسين دل ۾ آسين دِماغ ۾، آسين جَان جِگر ۾،
آسين وَار وَار ۾، آسين آنگ آنگ ۾ رَھون ٿا.

٣- ھَر سَاز ھَر آواز ۾، آسين آھيون سَمَايل،
آسين طَبل آسين طَنبور ۾، آسين چَنگ ۾ رَھون ٿا.

٤- خَيابان[2] ۾ ڪَڏھن، تہ بَيابان ۾ ڪَڏھن،
ڪَڏھن شَھر ڪَڏھن بَحر، ڪَڏھن جَھنگ ۾ رَھون ٿا.

٥- ڪَڏھن حُسن تي عَاشق، تہ ڪَڏھن حُسن خُود اسين،
ڪَڏھن پاڻ ھَٿون پاڻ، ڪَڏھن ٻَنگ ۾ رَھون ٿا.

٦- ڪَڏھن قُرب وَاري سيج، جَا قَرار وَٺون ٿا،
ڪَڏھن وِرھہ وِڇوڙي جي، وَڪڙ وَنگ ۾ رَھون ٿا.

٧- اَعجاز بِنا عشق جي، ملڻ مَحال آسان جو،
آسين نِينھن وَارن جي تہ، نَاتي نَنگ ۾ رَھون ٿا.

(١) شُد: خود (٢) خَيابان: گلشن

ٿلهہ: پَس تہ مُنهنجو پَہ پور- عَجب عَجائب شَوق رکان ٿو.

١- يَار پرينِ ٻي پَار نہ ڄَاڻان- سِر صُورت ۾ تَنهن کي سُڃاڻان،
حَال ۾ سَوئي حُضور- فَهمِ اِهو فِي الفوق[١] رکان ٿو.

٢- مُنهنجو پَلپل پيچ پَسارو- حُسن حَاضر سان نينهن نظارو،
آتَمِ اِهو دَستور- ذَاتي صِفاتي ذَوق رکان ٿو.

٣- مهڻا طَعنا آئون مَاڙيَانيان- مُنهڙو مَلامت کان نہ مَٽايان،
ڏيهہ پَڇي جَنهن کان ڏُور- ڳل ڳچي سو طَوق[٢] رکان ٿو.

٤- نينهن ۾ ڏُک سُک ڏِنمِ نيارا- آتَم آعجاز سي ڏَاڍا پيارا،
کَيَمِ ميثاقان مَنظور- رُوح تَنهن کان رَوک رکان ٿو.

ٿلهہ: نِتَ نينهن سان آئون نَاٿ[٣] کي، نَميو نمايو ٿو وچان،
کُل ۾ ڏسي کعبو قرب، کُل سان کَمايو ٿو وچان.

١- سِر ساقيءَ کوثر[٤] هٿان، هڪ سِرڪ پي سرمست ٿي،
سِڪ سوز جا هن سَرَ سُکل ۾ وڻ سمايو ٿو وچان.

٢- غَير گمراهي ڇڏي، گُم غَرق ٿي غَمزي[٥] اندر،
هيءُ گُرمتان گهر سِر سدا، گهوريو گُهمايو ٿو وچان.

٣- جوڳون ڏيئي جاڳر کيي، جِندڙي جَلائي جاڪسي،
جيئرا مُئا جهونگار سان، جملي جهمايو ٿو وچان.

٤- کن کن[٦] ۾ نَوَ کند طئي کري، خبرون ڏيان ٿو کِينئن سنديون،
کوٽا کَرا اِن کام ۾ کانيو کَمايو ٿو وچان.

٥- هر ڄاڻ کي ڄاڻي پُجهي، اڻ ڄاڻ ٿيس آعجاز ڇئي،
تنهن عشق جي ڇيري ۾ چَلِکي[٧] ڇَم ڇَمايو ٿو وچان.

(١) في الفوق: مٿانهون، اعليٰ (٢) طوق: ڳچي ۾ ڳٽ، ڦاهو (٣) ناٿ: مالڪ، اڳواڻ، وڏو (٤) ساقي کوثر، حضرت علي کرم الله وجهه جو لقب (٥) غمزي: ناز انداز اشارو (٦) کِن کِن: پَل پَل (٧) چلکي: ٺهڪڻ، سڙڻ

تلم: ڪير آهيان آئون ڪِيئن ِهت آيس - ڄاتمِ اهوئي ڄاڻ ِميان،
پَنهنجي پاڻ پسڻ لاءِ پاڻهي - پَٽرو ڪَيَڙم پَاڻ ِميان.

١- ڪَئين قصاب تہ گھر هو مُنهنجو - کُنت ڪَنزا مَهراڻ ميان،
عِشق اُتاهين آڇي اُتايم، سِڪڻ جو ڏيئي سَنباڻ ِميان.

٢- وَحـدت مَان ِتي ڪَثـرت ۾، ويهـي ڪَيـم وٽـاڻ ِميـان،
يَلـيٰ بُري ڪُل ڪَاڄ ڪَمَ جو، آهيـان آئـون اڳواڻ ِميـان.

٣- مَخفِي رَائي رَاز مَنجهئُون، ڪَري چَار عَناصر ساڻ ميان،
اِسـمِ جِسـمِ جو اَعجاز چَوي، پَهـريم سِر پَهـراڻ ِميـان.

تلم: ڪونہ پَانيو ٻِيو ڪير - سَڀ صُورت ۾ سَاڳيو آهيان.

١- پَاڻ ڪـي آئـون پَاڻ تـو ڄاڻـان - پَاڻ ڄَاتـي ڪَان ڪَهـڙا پُڇاڻـان،
پُرجهـي ڪَٿـي ڪـو پـيـر - سَڀ صُورت ۾ سَاڳيـو آهيـان.

٢- ٻُڌڻ ۾ آهيــان آڪـڳ نِيـارو - ڏِسڻ ۾ آهيـان وَنَحـن وارو،
قـريـا ڄَاڻـن تـا ڦِيـر - سَڀ صُورت ۾ سَاڳيـو آهيـان.

٣- ِپرت ڪـي پَنهـنجو پَاڻ پَسـايم - ڏَاهـ عَقـل ڪـان ڏُور ڏُسـايم،
سِڪ آمُنهـنجو سَيـر - سَڀ صُورت ۾ سَاڳيـو آهيـان.

٤- سَاڳيوئي سَاڳيو سَڀ هَنڌ هُوندس - ڪَات ڪِتي تہ ڪِتي ڪَنڌ هُوندس،
پُل نہ ِوجهي تـو پيـر - سَڀ صُورت ۾ سَاڳيـو آهيـان.

٥- غَيـر اَعجاز ڪـي غَيـر تـو ڄاڻـي - پَاڻ پَروڙي تہ رَمـز پَڇاڻـي،
مُون ۾ آصـل نہ مـيـر - سَڀ صُورت ۾ سَاڳيـو آهيـان.

قصاب: جڳ، زمانہ

تلھہ: عَجب سَير مُنھنجو- آبُرقعي بَشر ۾،
آچان اِن کَري ٿو- آئون مُشکل نَظر ۾.

١- مُنھنجو اولو چولو نِھايت نيارو،
سَچو رَنگ بَرنگي قُبح[1] حُسن وارو،
سو مَتيان بہ ٿو نِت، جو آھيان سَفر ۾.

٢- کَڏھن کير آھيان کَڏھن کير آھيان،
نہ ھِک پير آھيان، نہ ھِک پير آھيان،
رکان رُوپ سَھسين گُھمان ھَر نَنگر ۾.

٣- مُنھنجي ذَات مُنھنجي ئي لَقبن لکائي،
تَحت[2] فَوق[3] واري بہ طَبقن لکائي،
کِتي تَاج شَاھي کِتي لِيڙ لَير ۾.

٤- آچي ويڙھہ وَحدت مان کَثرت کمايم،
مَحبت جي سَانگي مَحبت کَمايم،
ھَميشه سَا ھَر کَنھن رَھي وِڳ وَکر ۾.

٥- ھي آھلِ نَظر کَان ڳُجھو رَاز نَاھي،
خُدا ڇا خُدي ڇا خُدائي ۾ ڇاھي،
ڇَا اَعجاز ڇَئي تو، آٿس ڇَا آندر ۾.

---

(١) قبح: سانولو، ڪوجھو (٢) تحت: ھيٺ (٣) فوق: مٿي

تلھ: جَلوو جَوش جَلال - هَستي مَستي شَان آسانجو.

١- ڪَنهنجي مَيخ مَيائڻ جَا ناهيون - آهڙا آهيون لا اُبال[1]،
آرڏو دَم عرفان آسانجو.

٢- سَڀ صُورت ۾ عَاشق آهيون - بيحد بِرهئون بَحال،
قُرب ۾ سِر قُربان آسانجو.

٣- جَنهنڪي تَنهنڪي ويجها وَسون ٿا - آهي اِهوئي ڪَمال،
نَاهي آنت نِڌان[2] آسانجو.

٣- نَاسوتي مَلڪوتي مُلڪ مَاٿيوسون - جَبروتي لاَهوتي حَال،
هَاهُوتي بَاهوتي بَيان آسانجو.

۴- عِشق اِلاهي وَاري اَعجاز ا - خُودي خوءِ حَلال،
حُڪم حَقانو اَعلان آسانجو.

تلھ: جَنهن ۾ پَاڻ اَچي تہ سَمايو - تَنهن ڪي ڃَا تِيون آوسين سَمجهايو.

١- حَاصل عَين حُضور جَنهنڪي - حَال وِصال سَوايو.

٢- بي گُماني هِن تہ بُوتِ سي مَان - الله پَاڻ آلايو.

٣- هِتان هُتان هَر جاءِ کَان هَردم - لاَڪڻ ليئڙو پَايو.

۴- مَنْ رَاٰنِيْ[3] فَقَدْ رَاَى الْحَقَّ - پِرت پَڙهو هي گُهمايو.

۵- سَمجهي شَراڪت کي شِرڪ شَامت - سِر تِيون سُورِيءَ کَان بَچايو.

٦- اَعجاز عَلي چَوي ڏِسيو وَائِسيو - حَق کي حَق نَتيون پَانيو.

---

(١) لا اُبال: بيپرواھ (٢) نڌان: ڇيھ (٣) مَنْ رَاٰنِيْ فَقَدْ رَاَى الْحَقَّ: جنهن مون کي ڏٺو تنهن تحقيق الله کي ڏٺو

تلهه: جِت آڙيو زَاهد وَٽي - آزاد اُت آهيون آسين،
جيڪي پڙهي هو پَانَ ٿو - اُستاد اُت آهيون آسين.

١- زَاهد پُري جَنهن پَار ڏي - تَنهن پَار جَا آسين پَاتَڻي،
هُو مُنهن مَٿو موٽيو پِٽي - خُوش شَاد اُت آهيون آسين.

٢- هُو دَاد ٿو جَنهن کَان گُهري - اُت دَادگر دَائم آسين،
بي سَمجه جَاٿي ڪِينڪي - اِمداد اُت آهيون آسين.

٣- جي پڙهي ۽ پيو پڙهائي - تَه بہ اِجا مَنزل پَري،
پيچ پَائي ٿَان پَسي - عَين صَاد اُت آهيون آسين.

٤- مُنهن پائي مَحبوب ۾ - تُون حَق اِهو اَعجاز چئُو،
جِت لوڪ بَربادي ڏِٺي - آباد اُت آهيون آسين.

تلهه: آئم اِهو آختيار - حَاڪم مَحڪوم بَنجي سگهان ٿو.

١- حَاجي نَاجي [1] نيڪ نِمازي - عَاشق عَارف آرڏو آوازي،
ڪُوڙو سَچو ڪَلدار - مَاهر مَحروم بَنجي سگهان ٿو.

٢- خَالق مَخلوق خَاوند خِيالي - ٿَانگو نَاهي عَيشي عَيالي،
پِيادو ٿوڙي سُوار - خَادم مَخدوم بَنجي سگهان ٿو.

٣- ڀَلائي بُرائي هَٿ آ مُنهنجي - نِهٺائي وَڏائي هَٿ آ مُنهنجي،
هَر هنڌ آهيان مُڪيار - ظَالم مَظلوم بَنجي سگهان ٿو.

٤- اَعجاز علي چَئي مُريد مُرشد - مومن مُطمئن منڪر مُرتد [2]،
بُلبل گُل ۽ خَار پَٿر - ۽ مَوم بَنجي سگهان ٿو.

(١) ناجي: نجات مليل، ڇوٽڪارو مليل (٢) مرتد: ڪافر، دين کان ڦريل

تلھ: هَر وَيس ديس ۾ وَاسي هِڪڙو- جلوي جوڙ جمال سَان جَلال سَان.

١- پَنهنجو پَاڻ ڪَيائين پَڌرو- پَنهنجي قُرب ڪَمال سَان، خُود خِيال سَان.

٢- هِندو مومن مَظهر تنهنجو- سَوئي جَنگ جَدال[1] سَان ۽ قتال سَان.

٣- ڪِٿ پَنبت پوتي وَارو تي- ڪِٿ عَالِم تي اَعمال سَان اَقوال سَان.

٤- ڪِٿ وانيو[2] وِڙواند سَدا- ڪِٿ عيش خَويش عَيال سان زَرمال سَان.

٥- حَال وَارن کي حَال ڏنائين- پنهنجي سَار سَنيال سان ۽ پَال سَان.

٦- پَاڻ لکايئين سَمجھ اَعجازا- مَرڻ جِيئڻ جي مِثال سَان ۽ مَقال سَان.

تلھ: نُورٌ عَلىٰ نُورٌ تياسين- نُورٌ عَلىٰ نُورٌ.

١- اِنّي اِنَّ اللهَ اَرِنِيُ تَرَانِيُ- عَصائي[3] موسىٰ طُور تياسين.

٢- مَام مَسِيحِي وَارا اسين- آسين سو معمور تياسين.

٣- آڌ ڪُرِ ڪُم جي اِشاري سَان- حَاضر مَنجھ حُضور تياسين.

٤- خِيال خُدائي خُودي ۽ وَاري- خُودي ۽ مَان خَستُور[4] تياسين.

٥- اَعجاز علي جي مَئي ۽ تان- پَتن[5] پي مَخمور تياسين.

---

(١) جدال: جَنگ (٢) وانيو: چڙو، ڪنوارو (٣) عَصائي: لَٺ، لَڪڻ
(٤) خَستور: خوشبوداں رتل (٥) پتن: پيالا

تلھ: ڪَڏھن ڪير آهيان ڪَڏھن ڪير آهيان،
ڪَڏھن زَبر آهيان ڪَڏھن زير آهيان.

١- ڪَڏھن مَالڪ مَراري وارو آهيان - ڪَڏھن سُوار هَنباري وَارو آهيان،
ڪَڏھن پَتر پيادي پير آهيان.

٢- ڪَڏھن حَد اَندر اَسير آهيان - ڪَڏھن بيحد ۾ بي نَظير آهيان،
ڪَڏھن پاءُ آهيان ڪَڏھن سير آهيان.

٣- ڪَڏھن ڪَات آڏيءَ ڪان ڏُور آهيان - ڪَڏھن ڇهڪن سان سَچو چُور آهيان،
ڪَڏھن ڪُجھ نہ سَمان ڪَڏھن ڍير آهيان.

۴- ڪَڏھن ڪَنهنجو آعجازا يَار آهيان - ڪَڏھن ڪَنهجو ضِدُ تَڪرار آهيان،
ڪَڏھن شِر آهيان ڪڏھن خَير آهيان.

تلھ: هي سِر ذَاتي سَوغاتي آهي - سَالڪ بَنجي سُجاتي ڪير،
اَلۡاِنۡسَانُ سِرِّيۡ وَاَنَا سِرُّهٗ - اِتي اِيمان ڪي آٿي ڪير.

١- صُورت وَارو سَانگ ڍَڪيائين - سَير صِفاتي سَارو ڪَيائين،
وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ چئو چَيائين - جَانِ اِنهي ڪي جَاٿي ڪير.

٢- وَفِيۡ اَنۡفُسِكُمۡ اشارو - فَاذۡكُرُوۡنِيۡ سڏڻ وارو،
فَثَمَّ وَجۡهُ اللّٰهِ نظارو - هَر طرف ڏِيو هَاٿي ڪير.

٣- حرص حَيواني هَستي هَٽائي - وَهم خُودي جَا ڳَائي ڳَهائي،
دَائم دَروني جَهاتي پَائي - پُرجهي پَاڻ ڪي پَاٿي ڪير.

۴- لا الٰـہ سان انڪاري ٿي - الا الله سان اقراري ٿي،
آعجاز شرع ڪان عاري ٿي - مَوج عَطاري مَاٿي ڪير.

تلـھ: دَارين ۾ نہ مَاپـنـدي دِيـوانـگـي مُـنـھـنجي،
مَيدان بي پَايان پُڇي مَستانگي مُنھنجي.

١- مُنـھـنجي جُـنـون كـي كِـپـي مَـنـزل نَـكـو مَـقَـام،
آ بـيـقـرار بِيَـحـد خَـفـقـانـگـي مُـنـھـنـجي.

٢- نَاصح نَصيحَتون كَيون مُونكي تہ كَيُن مگر،
آئِي نـہ بـازِ عـشـق كـان نَادانـگـي مُـنـھـنجي.

٣- هـڪ طَرف جي صَنَـمر هـجي ٻـي طَرف خُدا،
سَجدو صَنَمر كي ئي كَندي عِرفانگي مُنھنجي.

٤- دِيـوانـہ وار تـي چُـمَـان ديـوارِ حـرم كـي،
پَر ڏي نَـتـي اِجازت خُدگَانـگـي مُـنـھـنـجي.

٥- جَڏهـن بـہ حَال وَجد ۾ مُون رَقـص آ كـيـو،
وَڻ ٽِڻ لـڳا نَچڻ ڏِسـي وَجدانـگـي مُـنـھـنجي.

٦- سَاقـي بـہ پِـيـاري پِـيـاري، حَيـرت ۾ پَئي ويـو،
مَستي كي گُمر كَري وَئِي مَردانگي مُنھنجي.

٧- اِسـرارِ جسـم كـان ٿِـيـس اَعجاز آشـنـا،
بِيكـار ٿـي پوءِ پَاڻ كـان بَيگـانگـي مُـنـھـنجي.

عرفانگي: شناس، سڃاڻپ، چاڻ

تلھ: هَر جاءِ جَلوا مُون کيا- غَائب بہِ تي حَاضر بہِ تي،
آول بہ تي آخر بہ تي- بَاطن بہِ تي ظَاهر بہِ تي.

١- خُوش خِيال پَنهنجي کي کَيمُ- مَسجد مَندر مَئيخان ۾،
موکي بہِ تي مَئي کَش بہِ تي- مومنُ بہِ تي کَافر بہِ تي.

٢- آلعشق واري آنور سَان- آعليٰ آلولايون کَيمَ
آدم بہِ تي حَوا بہِ تي- شَجر بہِ تي شَرر بہِ تي.

٣- آڙهہ بہ تي گُلشن بہ تي- خَليل تي آذر بہ تي،
کوهہ طُور تي تَجلو بہ تي- مُوسيٰ بہ تي سَاحِر بہِ تي.

٤- کَئين رُنَّا ڙيم کَئين کِلايم- کَئين پُلايم کَئين مِلايم،
ظَالم بہ تي سَالم بہ تي- رَهزن بہ تي رَهبر بہِ تي.

٥- هَر سَنَ ۾ هَر سُو هَر طَرح- هَرکا خَبر هر هَر ڏنيم،
آنبياء بہ تي آولياء بہ تي- سَالک بہ تي شَاعر بہِ تي.

٦- بَرسرِ خزان بَهار جا- ڏَاڍا ڏٺا ڏک سُور مُون،
بَاغبان بہ تي بُستان بہ تي- بُلبل بہ تي گُل بَر بہِ تي.

٧- گُمسان آگم گوڙ سَان- آيس اوپارو عَرش کان،
طُوفان بہ تي بَادل بہ تي- بِجلي بہ تي جَل جَر بہِ تي.

٨- هوِلي حُسن جِيءَ ۾ وَجي- سَپ رَنگ ۾ رَچي وَيُس،
قِرمز[1] بہ تي زَردو بہ تي- آحمَر بہ تي آخضَر[2] بہِ تي.

٩- آعجاز واري بَيکَ سَان- پَنهنجو پَروڙيو پَاڻ مُون،
پَاگل بہِ تي سِياڻو بہِ تي- بي زَر بہ تي بَا زَر بہِ تي.

(١) قِرمز: ڳاڙهو گهرو (٢) اخضر: سائو

تلمہ: ٻَچي حَد اَدبِيَت وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ،
سُورَيءَ جي سوڀ سَت وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

١- تَبت يَدا اَبي لَهب اِشاري اِن مَان سَمجهي وَڃ،
ڦيڪَارِي ڇَڏِ ڦِتت وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

٢- آڙي نَاصِح نَصِيحَت مَند آڙي وَاعِظَ وَسيّت مَند،
حَقِيقت ۾ هِمَت وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

٣- وَڃي ڇَا تو تُنهنجو وِچ ۾، تُون ڇو تو پوسِرِين پَڇِرِين،
پِرِينءَ سان پِرِت پَت وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

٤- جِتي ڦِيُون هِيڪڙا يُون ڦِين، اُتي حُجَتُون بہ ڪَئين ڦِينديُون،
سِڪي سِڪ گُتِ(١) سَنگت وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

٥- حِجابَت جا تَڪَر ٿاڪي، ڪَري اَدبِيَت پَاره پَاره،
حَرِيفن تي حيرت وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

٦- هُيم اَڳ ڪَان ڪَا هَرگز، مگر هَاڻي پِيم پُورِي،
خَبر تُنهنجي نِيّت وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

٧- سَچَل جهڙَن سچَارن تي، تُنهن جي تَنقيد آ بيجَا،
تَڏهن تُنهن جي سيکَتِ وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

٨- عُشاقي رَمز جي ڄَاڻين - عُشاقَن سان نَہ ٿين عَاقِي(٢)،
نہ اَٿئي مَتِ مَعرِفت وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

٩- وِصالِ يار کَان آهن، جيڪي اَعجاز نَاوَاقِفَ،
اُنهن جي لاءِ دِقَتِ(٣) وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

(١) گت: عادت (٢) عاقي: مخالفت ڪرڻ، باغي (٣) دقت: ذڪيائي، رنڊ، روڪ

تلہ: مَست مَان سرمَست مان - هَر حال هَست و هَست مَان،
دَمِ ديوانـي دوستـانـي - سَاڻ آهيـان دُرست مَان.

١- شَاڪي پَل پيو شَڪ ڪري - پَر ڳالھ هن ۾ ڪونهي شَڪ،
رَاهبـر جي رَهـبـري سَان - رَهـبـرانـو دَسـت مَان.

٢- ڳالـھ مُنهن جي تَلخ هُونـدي - پَر نہ هونـدي ڪَم ڪَچي،
سَچ سَچائـي سَان سَچو - صُوفـي صَفـا سَربَسـت مَان.

٣- حَال جو قَائـل هَمـيـشہ - خِيـال جو خَادم خَريد،
خُود پَرسـتـو،خُود پَرستـو - خُود پَرسـتـو آست مَان.

٤- جَامِ پيـان تـو جَامِ پيئنـدس - جَام پيـاسـو آهيـان،
جِيئنِ پِيان تـو تِيئنِ تِيان تـو - چَاڪ چَوڪس چُست مَان.

٥- پَاڻ ۾ ڇَا تـيـن آدم ۽ خُدا ڪَهـڙي خَبـر!!
جو جَلـي آسـو خَفـي آ- بِيـو نہ ڪُجهہ دَانست مَان.

٦- پَاڻ تـي حَيـرت آتـم جو- پَاڻ ڪـي سَـمـجهـان بہ ڇَا،
ڪَنهن نَظر ۾ سَون آهيـان - ڪَنهن نَظر ۾ جست مَان.

٧- ڪيـر تـو مُونڪي سُجاڻي - ڪيـر تـو مُونڪي ڏِسي،
هِجر جو ۽ وَصـل جو- اَعجاز چَئـي دِل خَسـت مَان.

تلهہ: خُود جو مَان دَانا بِينا - خُود جو شَناس آهيان،
خُود جي تَلاش ورتم - خُود جي مَان پَاس آهيان.

١- خُود كـار خُود بَخُود مَان - خُود دَار خُود خُوديءَ كَان،
كَنهن جي نہ كَاڻ مُونكي - كَنهنجو نہ دَاس[1] آهيان.

٢- خُودئِي غَواص[2] خُود جو - خُودئـي خَوديءَ ۾ غَارت،
خُودئـي خُود كي پَائيـنـدو - بَشرِي لبـاس آهيـان.

٣- خُود كـان بيگـانو نَاهيـان - آهيـان يگـانو خُود كَان،
خُود كـان حَيـرانو خُود مـان - سـراپا وِمـاس[3] آهيـان.

٤- مُنهنجو سَانگ آصِفـاتي - مُنهنجو پير يَاتو يَاتي،
آصِـلان مَان ذَاتـو ذَاتـي - سَاسَن جو سَاس[4] آهيـان.

٥- خُود كي مَان سَر بَخَم خُود - خُود جو مَان خُود پُوڄاري،
خُود كـي پِيـاس خُود جي - خُود جو پِيـاس آهيـان.

٦- خُود مُختـيـار پَنهـنجي - مَرضـيءَ تـي پَاڻ قَائـم،
پَر يَارَرِيءَ تـہ آڄ پِـي - دِل جو اُداس آهيـان.

٧- اَلعشـق جِي خَلَش[5] كـان - پَردو عَدم جو چِيـري،
اَعجاز جي صِفـات ۾ - حَاضر حَسـاس آهيـان.

(١) داس: نوكر، غلام، ٻانهو (٢) غواص: ٽوٻو (٣) وِماس: حيران (٤) سَاسُ: ساهہ (٥) خَلش: باهہ

تلهه: خُود جي ٿيم آچانڪ- خُود ساڻ آشنائي،
پَنهن جي مُون پَاڻ مَنزل- پَاڻا پَري نہ پَائي.

١- پَنهنجي جو ڪوچ ڪَيڙَم- پَنهنجي پوءِ سوجهہ پيڙَم،
مَنجهان مَنجهہ ٿي مَوج وَيڙَم- مَنجهان مَنجهہ ٿي هَيڪڙائي.

٢- مُون ۾ ئي حَق نَشينو- مُون ۾ ئي حَق مُبينو[١]،
مُون ۾ ئي حَق جو جِينو- حق سان جِيان ٿو جائي.

٣- خُود ڪان جو آشنا ٿيو- خود ڪان سو خود خدا ٿيو،
خُود ڪان جو لاپتا ٿيو- ڪوئِي[٢] پنهن جي تنهن خُدائي.

٤- مَنْ عَرَفَ مام حق حق- حق جو پيغام حق حق،
آئون تمام حق حق- پوڙيم اتي پيائي.

٥- سو ڏينهن ميثاقي سَمجهان- سَاقي مُلاقي سَمجهان،
ٿيوسَير بُراقي سَمجهان- مَعراج مَنجهہ مَنجهائي.

٦- دَرشن دَروني ڪَرجي- دِل ڏانهن ڌِيان ڌَرجي،
سَڀ ڪُجهہ دِلان ٿو سِرجي[٣]- جَهاتي اها سَجائي.

٧- آئون اِهائي هَستي- جَا پاڪ آڪان پَستي[٤]،
مَشهور مُنهن جي مَستي- پيتم جو مَد آنائي.

٨- جي وَحدة الوُجودي- سي سَڀ ڪي سَڀ سُجودي،
هَر طرف هِڪ نَمودي- هَر طَرف هِڪ هِڪائي.

٩- اَعجاز رکج ڄاٽپ- پَنهنجي صَحي سڃاٽپ،
ڇا لاءِ وِساري پاٽپ- در در ڪرين گدائي.

(١) مبينو: ظاهر، پڌرو (٢) ڪوئِي: وِڃائِي (٣) سِرجي: پيدا ٿئي (٤) پَستي: هيٺ

ٿلهه: مَخمور تہ سڀ کو آ اَلستئون اڳي، پرمئي جام پيئڻ کان پوءِ ٿون ٿون نہ هُوندين،
اِها بَزمِ رِندان جي اُلٽي چَال آٿئي، سرمست ٿيڻ کان پوءِ ٿون ٿون نہ هُوندين.

١- آک آک سان آڙائي پيئَندي جَامُ، جَڏهن پَسندي پَاڻ نکي پَنهنجو نَام کڏهن،
اِيندُئي اُلٽو نَظر سَاروعام تَڏهن، عقل هوش نيڻ کان پوءِ ٿون ٿون نہ هُوندين.

٢- مَئي نوشيءَ کي سَمجهي چا تو يَلا، نَاجائز جَائز يا پي کا بَلا،
جي تون رِند هُجين تہ وجي پيءِ پيار سَدا، اُتي خطا کيڻ کان پوءِ ٿون ٿون نہ هُوندين.

٣- سَاقي جام قَدح اَڏي کات جتي، آهي اَلنفس سندو مَوتُ مَات جتي،
سِر تي سِر کي منڻ بازي بات جتي، اتي سِرڙي ڏيڻ کان پوءِ ٿون ٿون نہ هُوندين.

٤- پرين پيالو ڏِين بَار بار پري، سَچو عاشق هَڏ نہ انکار کري،
آچي اَعجاز عليءَ جي آراري، مري يار جيڻ کان پوءِ ٿون ٿون نہ هُوندين.

پيو باب

سونهن صورت

ٽلهہ: مَس مَس نَصيب ٿيو آ دَرشن تو دِلربا جو،
بيحد آهيان بَس ابر مَمنون اَڄ مَوليٰ جو.

١- صُورت ڏِٺي مون تُنهنجي، ڏُک سُور سَڀ لهي ويا،
هَاڻي ضَرور ڪَهڙو دَرمان ٻِي دَوا جو.

٢- مَاڻهن پَڪن ٻُڌائي تَعريف مُونکي تُنهنجي،
هوهُل وَٽن ٽِڻن ۾، لاڪن تُنهنجي لَقاء جو.

٣- آهڙو وَٽين وَئين دِل کي جو هُوندين تون يَاد هَردم،
عَاشق وِڌُي بَنائي پَنهنجي عَجب اَدا جو.

٤- تَاثير يَانيان هي يا تعبير يانيان هي،
ڪَنهن مَرد حق رسيد دَرويش جي دُعا جو.

٥- مُنهنجي مُشاهدي ۾ مُنهنجي فِڪر مُطابق،
آهين حُسن ۾ سُهڻا مَظهر تہ تون خُدا جو.

٦- اَعجاز سان مِلئين تون مَاڀي نَتو خُوشيءَ ۾،
اَڄ آ بُلند سِتارو هن خَاڪ پَا گدا جو.

ٿلهه: جيئن سڄڻ آڄ سئون نهاريئي - مُلهه وَٽي سُهٽا ڇڏيئي،
سِڪ جو ساڙيل هنياءُ ٺاريئي - مُلهه وَٽي سُهٽا ڇڏيئي.

١- سِڪ مِلڻ جي پيءُ سِڪايو - سِڪ جهليو سِيني وَتيس،
مَس مِلي جو منهن ڏيکاريئي - مُلهه وَٽي سُهٽا ڇڏيئي.

٢- سَاهه ۾ ويو سَاهه پئجي - وَرتي بَدن ٿن تازگي،
ڪَنهن اهو جادو سيکاريئي - مُلهه وَٽي سُهٽا ڇڏيئي.

٣- هُونئن ته توکي ايندي ويندي - گُهنڊ مُنهن ۾ هوئي هو،
آڄ جو مُرڪي گُهنڊ اُتاريئي - مُلهه وَٽي سُهٽا ڇڏيئي.

۴- نَخل طُوبيٰ نَاحَقي ٿيا - تُنهن جي قد سَان قدبَدن،
قَد ۾ تن کي هيچ ڪاريئي - مُلهه وَٽي سُهٽا ڇڏيئي.

۵- نينهن پريا نيڻ پئي - جَنهن دم ڪلي مون ڏي ڪنيئي،
جڻ ته آبِ حيوان پياريئي - مُلهه وَٽي سُهٽا ڇڏيئي.

٦- نيڻ مُنهنجا خيره خيره - نَازوَارا تو ڪيا،
پَاڻ کي اهڙو سَنواريئي - مُلهه وَٽي سُهٽا ڇڏيئي.

٧- مُلهه ته مُنهنجو ڪونه آ پر - تو اڳيان مُورهن نه ملهه،
بي مُلهومونکي مُهاريئي - مُلهه وَٽي سُهٽا ڇڏيئي.

٨- اِئين چَاهيو مُون بہ ٿي - اَعجاز چَئي پَر اي پرين،
پَهه مِلڻ جو خُود پَچاريئي - مُلهه وَٽي سُهٽا ڇڏيئي.

ٿلهه: تنهن جي جاء نَاهي ڪَا خالي - سُهڻا رَهندو ڪٿي هي سُوالي،
مُشڪ مينڍن ۾ ڪَجل اکين ۾ - سُرخي لَبن تي لاڳي.

١- جهڙو سهڻو سينگار ٿه تهڙو - جوڀن جوت نرالي،
بينسر بينن ۾ جهومر ڪنن ۾ - هار ڳلي برحالي.

٢- جَامون جَان تي جهرمر وارو - چُنڙي سِر تي چٽالي،
ڦُل چوٽن ۾ چلڙا هٿن ۾ - چُوڙ ٻانهن چمڪالي.

٣- بِرهه ٻچڻ جو قابل بلڪل - چست چالاڪئون چالي
لچڪ لڱن ۾ چير پيرن ۾ - جوڙ جتي بيمثالي.

٤- اَعجاز لاءِ تُنهن جو آ ٻٽيو - آنگ آنگ دَام دُوالي،
نَاز آمن ۾ غُماز حُسن ۾ دَم ۾ دَم ڪمالي.

ٿلهه: تنهنجي حُسن تجلي حَيران ڪيو - هي جهان جدا هو جهان جدا.

١- تنهنجا مون کي لڱن ٿا تير سِدا - ائين ته هزارين تو ماري وڌا،
تنهنجي زُلفن واري زنجير ٻڌا - انسان جدا حيوان جدا.

٢- تو لاءِ سوسن سنبل سروو سڪن - تو لاءِ پايو لياڪا حورون لهن،
توکي نياز منجهان ٿا روز نمن - رضوان جدا غلمان جدا.

٣- ڇا آئون ٻڌايان ڳالهائي ڳٽي - تنهنجي صورت سراپا دل کي وٽي،
تنهنجي عشق ۾ تڙپي تو تان هَٽي - مهراڻ جدا باران جدا.

٤- اَعجاز چوي دل عبرت ۾ وئي - ڇا توکي ٻڌايان سهڻا ڇئي،
تنهنجي مرڪ سڄڻ مجروح ڪئي - منهنجي جان جدا مرجان جدا.

رضوان: بهشت جو دربان

تلهه: جتي تُنهن جي صُورت جي جهلڪ ڏٺم،
اُتي جُهڪندي فرشتا فلڪ ڏٺم.

١- ائين آهي، آهي آهي صَنم- مُونکي ڪُوڙ جو ڪَرئي ناهي صَنم،
توکي هَر دوجَهان تو چاهي صَنم- تنهنجا ڪوڙ مَدح خان مَلڪ ڏٺم.

٢- تُنهنجا قدم پرين جَنهن جاءِ پيا- اُتي مُشڪ عنبر جا هَڳاءِ تيا،
لَڳي لقائن لاءِ ڪَئين لَقاءِ ويا- تُنهنجا روپ ڪَئين ڪَئين دَلق ڏٺم.

٣- توسان حُسن ۾ حَاجت ڳانهي ڪَنهن جي- آهڙي سُونهن ۽ صُورت ڳانهي ڪَنهنجي،
تُنهن جي قَامت جيئن قَامت ڳانهي ڪَنهن جي- توکي سِدرة المنتهيٰ تَلک ڏٺم.

٤- جن ڪي عِشق تُنهنجي جو ڪَمند پيو- لَئون لَئون ۾ لَغام لَوند پيو،
تن جو پيچ توسان پِيوند پيو- تنهن جي پُوچا ۾ هَر پَلک ڏٺم.

٥- تُنهن جي صُورت سَتائش جَهڙي آ- سِينگار آرائش جهڙي آ،
چَئي آعجاز يادائش جَهڙي آ- آهڙي صُورت پرين تُنهن جي يڪ ڏٺم.

ٿلهه: سُبحان ٿُنهنجي صُورت قُربان حُسن وَارا،
الله ياد ڏياريئي احسان حُسن وَارا.

١- حُسن بشر ۾ همسر تنهن جو نه کو برابر،
تون حُسن جو سراسر سلطان حُسن وَارا.

٢- سڀ ويس ۾ سونهين تون سڀ کي سڄڻ موهين تون،
سڀ پار تنهنجا تون هين تون سبحان حُسن وَارا.

٣- سَرُ سَرُ تو سينڌ سينگارين درپن کي منهن ڏيکارين،
عاشق کان شرم ڌارين، ارمان حُسن وَارا.

٤- صورت پسائيندو کر مون کي سڪائيندو کر،
سڪ سوز لائيندو کر شڪران حُسن وَارا.

٥- سهڻا شباب تيزئي پرلا جواب تيزئي،
رنگ ڍنگ ناياب تيزئي قدکان حُسن وَارا.

٦- مَحبوب تنهن جي چاهه غب غب ۾ غَرق آهي،
گاهه ٻه گاهه ماهه ڪنعان حُسن وَارا.

٧- ثاني نه تو سان جاني هي ء ساري راڄڌاني،
مرقُوم تو پيشاني قُرآن حُسن وَارا.

هلنڊڙ

مرقوم: لکيل

٨- تنهنجي ڏني طبيعت نوڙيو ونئي ٿي نوڙت،
تـــو ۾ ِ اهـــا بـــ قُدرت لاثـــان حُســـن وَارا.

٩- عـارض لـڪـايـو زلـفـن ڪـعـبـو سـجـايـو زلـفـن،
تـوڏي جهـڪـايـو زلـفـن صُنـعـان حُسـن وَارا.

١٠- نـڪ نيـڻ ابـرو تـوڪـي رُخسـار رُخ رُو تـوڪـي،
تـــون ذات هُو هُو تـــوڪـــي هَر آن حُســـن وَارا.

١١- آعجاز ڪـي نظـارو نت نِت نـظـر تـو وارو،
تـون هڪ سَدا بـهـارو بُسـتـان حُسـن وَارا.

ٿلهه: سَجدو ڪر صُورت ڪي، صورت ري ء نہ نَمُ ميان،

صـــورت ري ء نـہ نم مـيـــان، ٿـي مُورت ۾ گـم مـيـــان.

١- رِندن واري رسـمـات سان، راهه انهي تي رم ميان.

٢- غرض ڇڏي لاغرض ٿـي ءُ، غرضن ۾ اٿـئي غم مـيـان.

٣- ڪعبي ڪاشي ء ڇو وڃين، کهڙو اٿئي اُتي ڪم ميان.

٤- اڙو تـــي آعجاز چئي، مـار منصوري دم مـيـان.

تلهه: ڪانهه پسان ٿو ٻي ڪا صُورت- هر جاءِ آهي هيڪ الله.

۱- فَثَمَّ وَجْهُ[1] اللهِ ثابت ٿيڙو- فرض پڙهان ٿو فنا في الله.

۲- ما يُسعِنِي[2] قلبُ المومن- بيشڪ بڻيو بيت الله.

۳- وَحدت ڪثرت وارو مشاهدو- بيخود ٿي مون ڏٺو بالله.

۴- ڪُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِي شَانٍ سان- ظاهر آهي ذات الله.

۵- اِنهي راز رنگ جو شاهد- اَعجاز علي آ ولّيُ الله.

تلهه: صُورت ۾ سير ربّي- سِر سُالڪن سُڃاتو،
ٻيا ڄاڻ سڀ وڃائي- هِڪ ڄاڻ تن هي ڄاتو.

۱- ڍولڻ جو سِر آ ڍنگي- آنگ اُلٽي سان آنگي،
پَھريان رَنگ بَرنگي- پيِاري پرينءَ پاتو.

۲- ڪَڏي قلب مان ڪدورت- صَحي سوجهيائون صُورت،
مَخفي چون جا مُورت- سا سانڍ ڏينهان راتو.

۳- مَسلڪ هي معنيٰ وارو- مِلي مَعنيٰ ويو مُونجهارو،
ٿيو راز فاش سارو- نيٽڻ سان لائي ناتو.

۴- عالم اديب اوري- سگهندا نه چپ ڪو چوري،
اَعجاز ڏيل ڏوري- ڳُجهه عاشقن آڳاتو.

---

(۱) فَثَمَّ وَجْهُ اللهِ: جيڏهن به نظر ڪيم الله جي سامهائين آهي.

(۲) ما يسعني قلب المومن: الله جي رهڻ جي جاءِ مومن جو قلب (دل) آهي.

ٿلهه: سُهڻا سامهون آ سُهڻي صُورت پَسا، مُنهنجا سَجدا ٿين بَجا.
آکيون توکي ڏِسن، تنهنجا جَلوا پَسن، غم وَهم وَڃن دِل جا.

۱- مُونکي مُنهڙو پَسائي پوءِ جَدائي نه کَجان، مُون سان کَڏهن کِٿي مُنهن گُهنجائي نه کَجان،
جيڪي واعدا هُجن پَاري پُورا کَجن کُوڙا کين ڏجن عَرصا.

۲- توسان يَار يَاريءَ جي يَاس اٿم اِها آس پِياس اُداس اٿم
رکي لَب تي لبن پائي پيچ پيچن، کِلي سان ڳِلن ڳَل لاَ.

۳- جيئن ٿو لاَلڻ مون کان لِڪ کَرين، تيئن ٿو سَرس سَوائي سِڪ کَرين،
چَنڊ ڪارئين ڪِيئن لڪن، رَاهي راهه ڪيئن رَمن، ڏِنا اُهيج سَچن آهڙا.

۴- سَچيون رُوءِ بَرُوءِ جون ڳالهيون چون، بَرجاليون اُهي بي مِثاليون چَون،
مُنهان مُنهن جا سُخن، وَانگي سون کُندن، پِيا سُخن چَون بَڪ ٿا.

۵- هِيءَ ڳالهه سَچڻ مُنهنجي کَن هُجئي، هَر وقت هئين ۽ مَن هُجئي،
سَچا ساٿ ڏِين مَنجهه ڏکن سکن، وِٿي ڪانه وجهن وِچ ڪا.

۶- اعجاز سان ملڻو ضرور اٿئي، گهڻئي ٿي گُذاريو دُور اٿئي،
مُنهنجا مَن موهَن آچ مُنهن جي صِحن، پَجي چُغل چَکن پَهرا.

ٿلهه: مُونکي سُهڻا موهي وَيئي، صُورت ٿُنهنجي سَانوري،
بِرهه لَڳي ويو بَدن جَلي ويو، بيوس ٿي دِل بَانوري.

۱- نَاز ڏسي نت ٿُنهنجو نِرالو- چَال عَجب ۽ چشمن چَالو،
عَقل سَندم کي لَڳي ويو تَالو- وَهوا ٿُنهنجي عِشوه گِري.

۲- ڪيئن تون آڄ جي دل کَڙي وِئين- جاني جگر جِندُجان جَڙي وِئين،
جَهٽ پُٽ سُهڻا مونکي سَڙهي وئين- سگهان نه ڪِيڏهن آئون سِري.

۳- جَاني جُدائي ۾ چَئُو چاهي- قُرب منجهان مِل کَامل کَاهي،
آس اندر ۾ اِهائي آهي- مُنهن جي آڱڻ تي آءُ وَري.

۴- ٿُنهنجي نظر جا ٿِياسون نِشانا- نکري وياسون پِنهي جَهانا،
آعجاز چوي اي يَار يگانا- يَاڪي ٿي کَر يَاوري.

تلھ: يَا تہ صُورت وَج ڏيکاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد،
يَاد سَان مِل يَاد ڏاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

۱- يَاد ٿـو جنھن دَمِ اَچين- تـنھن دَمِ وَچن ٿـيو نـيڻ نَم،
وَر سِگھـو وَرَ وَاڳ وَاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

۲- ٿَار ٿَن مـن يـار تُنـھنجي- سَار سِک آ بَار بَار،
تُون بہ کَڏھين ڍِس تہ سَاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

۳- يَا تہ نَاتي کي سَچو کر- يَا تہ چَئو نَاتو نہ ھو،
کنھن تہ کر مُونکي کِناري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

۴- کِيئن گُذارين پيو تون پَنھنجي- حَال مُحرم کَان پري،
جَس هُجئي جَس چَڏيئي مَاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

۵- پَنھنجي مُنھن سان پَاڻ پَنھنجي- پِرت وَج مُون کان وَتي،
پَنھنجي رَک وَٽ پَاڻ ڏاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

۶- لَب زُبان خَاموش مُنھنجا- دِل مگر آ نَاصَبُور،
دِل چوي اَچ دَرَ دُواري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

۷- جي اٿئي کا عشق جي- آعجاز چئي من ۾ رَتي،
پوءِ تہ اچ ڏونگر بہ ڏاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

ٿلھ: وَضُحيٰ[1] صُورت پيشاني - زُلف وَکيل ٻہ ٽُنهنجا جاني.

١- آبرو ٻہ ڳرائين پانيان ٿو - جيئن قوس قزح[2] آسماني،
آکڙيون ٽُنهنجون جَنهن سان مِلن - دنيا تنهن لاءِ ديواني.

٢- رُخسار ٿا رَشڪِ گُلاب لڳن - آنف تي طوطو حَيراني،
لَعلُن کان وَڌ لَبڙن جي - لاڳي لَطافت لاثاني.

٣- چَمڪ ڏندن جي مُرڪ سان ڪَئي - وِڄ جي حَالت وَجداني،
غَب غَب وَاري غوطي سان - سِر ۾ گُم سِرِ سُبحاني.

٤- وارن جي هِڪ هِڪ تَند ۾ - مَن موهيٽي مُشڪ دَاني،
رُخ ۾ ڪَئين آنٽي رَعنايون - ڪَهڙيون لکان ڏي ڪَاغذ ڪَاني.

٥- سُهڻا ٽُنهن جي صُورت جو - مَٽ نہ آ ماهِ ڪِنعاني،
تصوير ٽُنهن جيءَ جو تَصوّر - آعشق جي خَاص نيشاني.

٦- عِشق نہ ٽُنهنجو جَنهن دل ۾ - سا خُود کان دِل بيگاني،
اَعجاز تہ ڇا پَر توتان - ڦونين صَنم قُرباني.

(١) وَضُحيٰ: چمڪندڙ روشن (٢) قوس قزح: انڌلٺ

ٿلهہ: صُورت جا سَائين سُهڻا - مُنهنجو سَلام تُوکي،
سَڀ حُسن سَاڻ حَاضر - سَمجهان تَمام تُوکي.

١- مَسجود عَاشقان تُون - مَقصود دوجهان تُون،
مَوجود هَر زَمان تُون - سَڀ آعَلام[1] تُوکي.

٢- مَستور[2] تُون مَاڻهن ۾ - مَعمور[3] تُون مَاڻهن ۾؛
مَشهور تُون مَاڻهن ۾ - آدم جو نَام تُوکي.

٣- شَاهِ خُوبان تُون بيشڪ - فَخر بُتان تُون بَيشڪ،
پيرِ مُغان تُون بيشڪ - هَٿ ۾ ٻہ جَام تُوکي.

٤- پُرجهڻ سَان توکي پُرجهيم - سَمجهڻ سان توکي سَمجهيم،
پوءِ پيچ توسان پَيچيم - پَرتو غُلام تُوکي.

٥- تو سَيڪڙو سُجاتا - تو پَيچ ٿن سان پَاتا،
توئي نِيايا نَاتا - سَمجهي ڇَاعَام تُوکي.

٦- تُوڙي جو عَيب دارو - تہ ٻہ تُنهن جي پيار وَارو،
سُجهندو ٻہ آهيان سَارو - هَر صُبح شَام تُوکي.

٧- خُود جي خُودي ٻہ تو ۾ - نَرمي نمي ٻہ تو ۾؛
ڪَانفي ڪَمي ٻہ تو ۾ - سَجدو دَوام تُوکي.

٨- وَعدي جو دَام مُونکي - وَعدي جو دَام تُوکي،
ويسر حَرام مُونکي - وَيسر حَرام تُوکي.

٩- آعجاز چَئي عُشاقن - مَستن ۽ مَدِ پياڪن،
ڳولي ڳوڙهن ڳولاڪن - چونديو اِمام تُوکي.

(١) علام: ڄاڻ (٢) مَستُور: پردي ۾ لڪل (٣) مَعمُور: ڀريل، آباد، سمايل

تلھ: ڇا سُونھن تُنھنجي صُورت- سِينگار ڇا نہ ڇا،
دِيدن ڪَيا وَري اَچ- دِيدار ڇا نہ ڇا.

١- پاتم جو نَظر تُنھن جي- وَري مُنھن مليح تي،
مَشعال مُنھن ۾ چَشمن- چَمڪار ڇا نہ ڇا.

٢- تُون سَروناز آھين- توڪي سَرو چو چَوان،
قامت سَنڌ جا آھن- ھُل يار ڇا نہ ڇا.

٣- مَخمل بَدن تي مَخمل -زَر بَفتہ زَرفشان (١)،
جھرمر جَڃھيري جھم جھم- جھلڪار ڇا نہ ڇا.

٤- اي پيارا پر آپارا- ڏيان پار تُنھنجا ڪيئن،
ڪئين ڏَول تنھنجا ڍولڻ- ڪئين پار ڇا نہ ڇا.

٥- دِلڪش ۽ دِلفريب ھي- خُوشبويون خُنڪ (٢) دار،
مَن تَن تي وُ مُعطر- ھُبڪار ڇا نہ ڇا.

٦- مسواڪ ۽ مَشاط (٣)- ڪَجل سُرمان سُرخيون،
اختيار ڪَيئي پاڻ لاءِ- سِينگار ڇا نہ ڇا.

٧- وَھنوار وَصل دار- ۽ ھي پيار وَارا پَٽ،
خُمار ھِن پَٽن ۾- ۽ اسرار ڇا نہ ڇا.

٨- ھن سر ۾ سَڄڻ ڇاھي- آھڙا سِر تہ لک ڏيئين،
اَعجاز ڇَئي ڪَجن توتان- بَلھار ڇا نہ ڇا.

(١) زرفشان: زري وارو، چمڪدار (٢) خنڪ دار: ھبڪار (٣) مشاط: ڦڻي

ٿلهہ: صُورت سينگاري هَر هَر ـ حَيران ڪَر نہ سُهٽا،
مَستان دل کي موهي ـ مَستان ڪَر نہ سُهٽا.

١ـ ڪيڏو حَسين آهين تہ بہ پاڻ ٿو سنوارين،
تابان رخ کي ايڏو تابان ڪَر نہ سُهٽا.

٢ـ مون ڏي نِگاهون ڪر تون، ناحق ٿو آيَندَ مارين،
ناز و ادا سان جِت ڪِٿ، نيشان ڪَر نہ سُهٽا.

٣ـ دل ڏَهلجيو وڃي ٿي، ٽڙڪي بدن ٿو سارو،
تلوار ابرو ذر ذر، عُريان ڪَر نہ سُهٽا.

٤ـ تنهنجي لبن جي لالي، هر لال رنگ کان چڙهي،
سرخي مساڳ لب سِر، پَن پَان ڪَر نہ سُهٽا.

٥ـ ماهِ بَدر کان سهٽي، پيشاني تي آي پيارا،
زُلفن کي کولي هٽ سان، گهمسان ڪَر نہ سُهٽا.

٦ـ هَر هند آهي مجيُم، پر آهي عيش خاطر،
ايڏو بہ عشق کي تون، آرزان ڪَر نہ سُهٽا.

٧ـ مُنهن آرسيءَ ۾ پنهنجو، ڏسندو تہ ڪرپلي پر،
خود پاڻ تي تہ خود کي، حيران ڪَر نہ سُهٽا.

هلندڙ

۸- عاشق ڪندو ڪو تنهن جي، صورت جو نِت نظارو،
سڀ ڪنهن جي دل تي تاري، وَجدان ڪَر نہ سُهٽا.

۹- مَستي ۾ تنهن جي آئون، روزِ ازل ڪان آهيان،
مون تي بہ مست ٿي ڏس، جولان[1] ڪَر نہ سُهٽا.

۱۰- سُرمون ڪَجل بہ آهي، محبوب مَرڪ تنهنجو،
پرپائي ڪجل ڳاني، پوءِ زبان ڪَر نہ سُهٽا.

۱۱- پلپل ۾ پاڻ پنهنجو، سينگاري منهن ڏيڪاري،
اَعجاز ڪي تہ پوءِ، سرِگردان[2] ڪَر نہ سُهٽا.

ٿلهہ: جيڪي جَهاتي صُورت ۾ پائِن ٿا، ڪُڏيو ڪُوپا اُهي ڪَنڌ ڪَپائن ٿا.

۱- ڪَن ڪَعبو قبلو صُورت ڪي، مَن مُهٽي مَليح مُورت ڪي،
ڪَڍي سيني مَان ڪيني ڪَدُورت ڪي، دِل جَان سان سِر ڙو جُهڪائن ٿا.

۲- جيڪي آهن عَاشق دَرسن جا، تِن ترڪ ڪَيا مقصد ٿن مَن جا،
وَاري وَرق ڏٺائون وَنحن جا، اُهي پوئٽي پير نہ هَٽائن ٿا.

۳- اُنٽي عَاشق جَهاتي پَائي دَم دَم، تِيا يَار يگاني سان هَمدم،
مُرڪي جَام پِين تا اُهي جَم جَم، اُهي ڪَونتل ڪَونت ڪُڏائن ٿا.

۴- آهي عِشق عُشاقن اِنعام مِليو، موجان موج مَحمودي مَقام مِليو،
تن سان ساقي ڪوثر صبح شَام مِليو، تِنهنجا عَاشق اَعجاز اَ ڳُم ڳَائن ٿا.

---

(۱) جولان: ڪاوڙ (۲) سرِگردان: حَيران پَريشان

ٿلهه: ڏِس جَلوا حُسن مند جوين جا ـ هن عَين اکين رُخ روشن جا.

١ـ ڪَج ڪيس ڪُلهين ڇَلا ڇُوٽ ڇڙيل ـ ٽڙ تيل آٿن کي ٽازا ڪَيل،
جِيئن ڳارا پنل بَرساتَ بَدل، تِيئن پونر پَنيا مَن موهن جا.

٢ـ نَڪ نينِ پِرون پيڪاني پَلَڪ، رُخ رُخسارن جا آفشاني جَهلڪ،
لاَلڻُون لاَل لَبن جي لآٿاني چمڪ، سالم هوش ڪَري مَدهوشن جا.

٣ـ گُل لوءِ هزار و لاَلا سَمن، اِنهي حُسن اڳيان ڪيو نياز نَمَن،
پَسي جوت جواني رَشڪ چَمن، چِڪيا چاڪَ سُنبل سَرو وَسُوسن جا.

٤ـ اَعجاز عُشاقن خَاص اِها، ڪَئي پَاس پَسند آ پِياس اِها،
رَڪ شوق طَلب ۽ شَناس اِها، مَن مِلنئي ڪَڏهن بُل بَوسن جا.

تلهه: وَري سُهڻا ڪَر سينگار - ڏسان آچ ڪِيئن ٿو لڳين،
سينگار جي چهرو ڏيکار - ڏسان آچ ڪِيئن ٿو لڳين.
آئون حُسن ڳوليندو آهيان - ڏسي حُسن ٻَوليندو آهيان،
ڏي حُسن پنهنجي کي نِکار - ڏسان آچ ڪِيئن ٿو لڳين.

۱- وَاهه جو نَهين ٿو ويس اِنهيءَ سَان - لِبيس اِنهيءَ سان هُبيس اِنهيءَ سان،
ٿُون گُلن ڦُلن کان سُرهو - ٿُون مُشڪ خَتن کان سُرهو،
تنهنجو وَٽو آتم هُبڪار - ڏسان آچ ڪِيئن ٿو لڳين.

۲- پَاڻ کي سُهڻا پَاڻ سَجائڻ - سُهڻو بَنائڻ برهه بَچائڻ،
فِطرت ۾ آ سُهڻا ٿُنهن جي - قُدرت ۾ آ سُهڻا ٿُنهن جي،
تَڏهن ته ڪَيم هي آر - ڏسان آچ ڪِيئن ٿو لڳين.

۳- جِيئن ٻه لڳين ٿو خُوب لڳين ٿو - مَحبوب صَفا مَحبوب لڳين ٿو،
پوءِ ڇونه پايئين آچ پاڪر - اي پَردي حَياء جا پَيڪر،
لَڳ سيني سان ڏئي پِيار - ڏسان آچ ڪِيئن ٿو لڳين.

۴- ٿُنهن جي سِينگار جا ته لک نَمونا - مُنهن جي نَظر ۾ سَڀ بَرڪ نَمونا،
ڪِيئن ته زُلفن کي آتئي سَنواريو - گُل دَستن کي آتئي مَاريو،
اَعجاز توتان بَلهار - ڏسان آچ ڪِيئن ٿو لڳين.

ٿلهه: وِسريم سَبق سُونهپ سَندا - مَحبوب کي هَمدم ڏٺم،
دِلبر دِلاور دِلربا - دِل جو ڏَٺي دَم دَم ڏٺم.

١- اي بي بَصيرت بيخبر - بي دَرد وَاعظ مُحتسب،
ڇيڙين ڇو تو مُون مَست کي - ڪَر پَٽ پِرين پيهم ڏٺم.

٢- سَارو جَنم سم ٿي رَهيس - ٿَيدي نرالي ٿَيدسان،
آهڙا بَنيل پيچي پَڪا - ڪَاڪُل ڪُنيدا خَم خَم ڏٺم.

٣- جَنهن يَار جي دَرشن جو هِڪ - لَحظو لَهي ٿو لک پَدم،
سو سِڄ رَبّي ساقي صَنَم - پُر جَام پي جَم جَم ڏٺم.

٤- هَر آڏو هَر ڪائنَي شئي - هر سُو همہ هَر دو جهان،
اَعجاز حَضرت حُسن جي - غَمزي ۾ هَردم گُم ڏٺم.

ٿلهه: جَڏهن مُرڪيو نِهارين ٿو - تَڏهن مُونکي تون مَارين ٿو،
تولاءِ دِل اَڄ دِيواني آ - تَنهن کي ويتر تُون ڪَارين ٿو.

١- تُنهنجا مُرڪڻ بہ مُونکي وَڻن - تُنهنجا گُهورڻ بہ مُونکي وَڻن،
تُنهنجي هَر گهتِ وَڻڻ وَاري - سِکڻ تون ئي سَيکارين ٿو.

٢- تُنهنجي چَاهه ڪَئي دِل چَري - مُونکي ويجهو ٿي ويہ وَرِي،
نَريو نَاهه اِنهي پيو نَران - جِيئن گهرو ٿي گهَارين ٿو.

٣- تو وَٽ هَر ناز هَر هَر نَهي - ڪِيئن هَوش پوءِ مُون وَٽ رَهي،
وَجان آپي ڪان آئون نِڪريو - آهڙو جَادو ڪو ڏَارين ٿو.

٤- هُونئن تہ اَعجاز اَعجاز آ - پر اڳيان تو بَا نياز آ،
تَنهنکي حُسن تون پَنهنجي سان - سُهٽا مَارين ۽ جِيارين ٿو.

پيهم: پاڻ ۾ گڏ

ٽلهه: مُرڪ سَڄڻ جي غم سَڀ گنوايا- حُسن چَوان يا بَهار چَوان.

۱- مُرڪ اکين ۾ مُرڪ لبن ۾- مُرڪ اِهائي آهيس مَن ۾،
مُرڪ سَڄڻ جي سَاري بَدن ۾- مُرڪ چَوان يا وِڄ جَا وَار چَوان.

۲- ڦَيد ڪَيائون ڪَهڙا نه ڪَهڙا- ڦَيس صُنعان مَنصور جَهڙا،
پيچي وَار پِرين جا آهڙا- ڪَمند چَوان يا زُنار چَوان.

۳- آڪ جي نِهار جِيارڻ وَارِي- دِل اَندر جي ٺَارڻ وَاري،
سُرت سُتير ڏِيارڻ وَارِي- آڪ چَوان يَا آڌار چَوان.

۴- سُهڻو سُهڻن کان هَٿين پيرين- مَن موهيندڙ پيرين پيرين،
ٺَنهنڪي اَعجاز چئي آئون هَر ويرين- سُهڻو چَوان يا سُهڻن سَردار چَوان.

ٽلهه: مُنهنجو پِريمي جِيءُ- حَسين بَتن جو پَڪو پُوڄاري.

۱- جيءُ پِريمي ءَ جَا پُور پِريمي- پَهه پَتا مَذڪور پِريمي،
سُٽندي لَهيو وَڃي سِيءُ- هِن هُن جڳ جو هَر هَر واري.

۲- سُهڻا سُهڻا بُتڙا سيني- نَاز آدائون ٿَن جون ٽيني،
ڪَم نه ڪَري پِيو هِيءُ- حُسن وَارن جي رِڱو ٽَات ٽَاري.

۳- پَري رُخن جي پَاڇي هَاٽو- ڪَڏهن پَاڳل ڪَڏهن سِياڻو،
ڪَڏهن تہ جِيءُ قَويءُ- ڪَڏهن مُصوّر نَقش نِگاري.

۴- بُت گَرَ بہ جَن جي حَاضريءَ ۾- سَت گُر بہ جن جي حَاضريءَ ۾،
ٿَن جي اڳيان جيءُ جيءُ- ڪِيئن نہ ڪندو اَعجاز اَئي مَاري.

ٿلهہ: مُنهنجي يَار جا سِينگار، رُوپ نکار نت نِيارا،
ڳَل حَسين جا مان رَنگين، موتي مَهين زيب آرا.

۱- حُسن شَباب لاَجواب مُنهن مَهتاب عِزّ عالي،
جَلوو جاهہ ڪَلنگي ڪُلاهہ نَظرِ نگاهہ لاَاُبالي،
اَبرو عَين سي دِن رَين قاب قوسين جَا وَالي،
چِشم چُنڊ گُهنڊ گُهنڊ ڪَاڪل ڪُنڊ ڪُل ڪَارا.

۲- صُورت رَنگ وَهوا ڍَنگ دِلبر دَنگ تيو آهي،
بَان پيڪان سَاڻ نيشان چُڻ چنان چِت چَاهي،
تَڪ جَا تِير بَا تڪبير ثابت سير تو وَاهي،
ڪَجل ڪَات اڳيان مات عَاشق ذَات بَلهارا.

۳- مَستن جُهوم هُل هُجوم دَرشن ڏُوم دَربَاري،
مَئي جي موج آوجان اوج صُحبت سوجهہ سَرداري،
بِرهہ بَحال بيمثال قُرب ڪَمال ڪَلتاري(۱)،
نُوري نُماء بَرڪ بَناء مُشڪ حِنا هُيڪارا.

۴- مُغانان پير مُ سُ ها سَير ڍِولڻ جا،
ڪِل مڪ ڪيل سيل ڳُڻ آلبيل ٻَهڳڻ جا،
عَجب اَعجاز رَمزون راز اُلٽ آنداز ٻولڻ جا،
قَائم قول گُفتا ٻول پُرس پِرول پِرتيارا.

(۱) ڪلتاري: ڏاتاري، شَهنشاهي (۲) مُبرّا: آزاد، صاف

ٿلهہ: حُسن جي غمزي، نَاز نِظاري، ڪُفر قبول ڪَرايو آ.

١- دِين مَذهب وَارو دفتر، دِيدُن دُور ڏَرايو آ.

٢- زُلفن جي وَرَ وَرَ وَنگي، وَحدت ڏَانهن وَرايو آ.

٣- عِشق حُسن جي آتشبازيءَ، دَمِ اهوئي پَرايو آ.

٤- اِثباتي جَوش جُنون اَعجاز ا، پُور عَجيب پِرايو آ.

ٿلهہ: ويهہ مُنهن جي ويجهو ٿي - تہ پِيار ڪي ڪَيَئين،
ڳِچي ڳَل ڳِراٽين جا - هَار ڪي ڪَيَئين.

١- مِلين مُونکي يَار ٿُون - ڪٿي مَن نويڪلو،
چُمين جَا پوءِ اڻ وَارائتا - وَار ڪي ڪَيَئين.

٢- دِيد پَائي دِيد ۾ - پوءِ دِيد نہ چَوراءِ ٿُون،
دِيد ڏي تہ دِلربا - دِيدار ڪي ڪَيَئين.

٣- شَرط اِهو آ تہ رکو - مُنهنجو ٿي رَهندين،
اِقرار ڪَرين ٿُون بہ تہ - اِقرار ڪي ڪَيَئين.

٤- تو بہ ڪَيا مُون سان پِرين - بَار بَار ڪَئين،
آڄ آئون بہ سَچڻ چو نہ - آنگل آر ڪي ڪَيَئين.

٥- اَعجاز چَوي مِلڻ جي - مَرضي جي ڏيڪارين،
سَايا اڪين جا بہ سَو - هَزار ڪي ڪَيَئين.

ٺلهه: مُنهنجا جَانِ مَن - موهيس ٽُنهنجي مُرڪن.

١- سَنهڙا سُهڻا ڏَند مُصفا، لاڳ مُساڳ لَبن،
لَعل بَدخشان ڪَوثر مَرجان، مِصري نباتِ منجهن،
شَهد شَڪر ڪي شَهه ڏني آ تُنهنجي شَفتين.

٢- نِيور ڪارا وارِ يَنيا، پَونڳي پير پِرنُ،
چِشمن چَالا اُلٽا آويڙا، مُڙگان مَارو ڪَن،
گُجهڙيون مَيچون مَامُون تن جون سَالڪ کي سَمجهن.

٣- تُنهنجي بَدن جي بيهڪ سُونهڪ، لَيي نَہ مَنجهہ لکن،
جيڪي پَوشاڪون پَائين تو، سي سَيئي توکي سُونهن،
جَلوي تُنهن جي جَاني جُهڪايو، شَمس قمر ڪَتيُن.

٤- اَعجاز کي تُنهنجي عِشق نِظاري آندو مَنجهہ اوجن،
نَين مِلائي مَست بَنائي، مَوج چڙهائي مَن،
دَم دَمن سان پيوند ٿِيڙا، قيامت سِينءَ نہ ٽُٽن.

تلمـ: ڪيـر آ جو هَوش ڏاري ٿُنهن جي جَلوَن ۾،
ٿُنهن جي تابش حُسن ۾ ۽ تنهن جي عِشوَن ۾.

١- حُسن پَنهنجي ڪان آجان ٿُون بيخبر آهين،
پَنهن جي عَاشق ڪان تہ پڇ ٿُون ڇا ٿَهر آهين،
عُمر جنهن جي آڏو تنهن جي گُذري سَهوَن ۾.

٢- جيئن ڪَيا هت ٿُنهن جي جَلون پِيا بہ ديوانا،
آئون بہ تن وَانگر قِران تو ڳل پَڏيو ڳانا،
لِڪ مُونڪي ۽ ليڪ ٿن مَستن ۽ مَحوَن ۾.

٣- ايندو ڪِيئن آرام ٿَنهنڪي، ٿُنهن جي مَحفل ۾،
ٿُنهن جي اکڙين جا چُين پِيا تير جَنهن دِل ۾،
ڇا حَشر هُوندو انهي جو لَعب ولَحوَن ۾.

٤- هَوش ڪان فَارغ ڪيو اکڙيون مِلائي تو،
آهيان مَدهوش آئون اَعجاز چئي هِت پوءِ،
ڪيف ٿُنهن جي جو کُتل، ڪِيئن خوش ٿئي ٿهوَن ۾.

(١) سهو: چڪ، پِل، غلطي

تلھ: سَڄڻ سُونهن ڀَريا سَاھ کي سِيباٽا،
موهيو ٽَن آمَنڙو ڪَري مُرڪون مَاٽا.

١- ڪُنڊا وار ڪَاڪُل ڪُنڊا آبرو ڪَارا - ڪُنڊا نيڻ ڪَجلا ڪُنڊيو نڪ ڪَاپارا،
سَنهان سُرخ لَبڙا ڏَند موتي دَاٽا.

٢- سِيڻو ڪَر صنم جو ڪبوتر ڪان سُهڻو - سِڌو قَد سَرُوءُ صَنوبر ڪان سُهڻو،
ٽِلڻ تور ٿَهلڻ ڏِسي هَنجَھ لَڄاٽا.

٣- ڀَري پاڪ پوشاڪ صَفا با صَبُوحي - هِٽي غَمزُون رَمزون رکي رَاز روحي،
آچي جِيءُ اکين ۾ آڏيا تن آڏاٽا.

٤- نيٽن جا نِظارا نَوان نِت لَاَياسون - آنگل آر اَعجاز اکين تي چَاياسون،
بِنان نَاٽي حُسن دَر وَتَعُون تا وِڪاٽا.

ٿلهه: گُل گُلابي گُل ڪَنول - گُل موتيو گُل آفتاب،
هي ته گُل پَرِپيا به گُل - اَڄ ڪونه سَهندا تُنهنجو تاب.

۱- گُل نافرمان نَسرين نَرگس - گُل نيلوفر گُل نَسيم،
گُل شاهُو گُل عِشق پيچو - گُل شَرم ۽ گُل شَميم،
رَات جي راڻي هُجي - توڙي هُجي آرنو عُنّاب.

۲- گل چَندن چوگِرد چَمپا - گُل چَنبيلي گُل چُنار،
گُل ايلاچي آمون آرزن - گُل آنوپر گُل آنار،
رَشڪ ۾ رَيحان رابيلو - جَل ۾ پَئي ويو جاءِ آب.

۳- گُل بِنَفشو گُل بَادامون - گُل برگ گُل مُشڪ بَيدُ،
گُل سَنياسي سَرُوسُوسن - گُل سُنبل گُل سَر سُفيد،
سَمن لاڪر ٿئي سَلامي - جي ذَرو کولين نقاب.

۴- گُل گولاڙو ڇاهي گُوني - گُل گينبو گُل گِلاس،
گُل دائودي ڇاهي دوسر - گُل دو پَهرو ڇاهي داس،
ڇا هَزارو ڇا حِنائي - ڇا سَندءِ شعلو شَباب.

۵- هِن گُلن غُنچن ۽ گُلشن - ڪي سَڄڻ گهايُئي گهڻو،
لَعلون شَمعون قَمر ڪَتيون - شَمس شَرمايُئي گهڻو،
پاڻ پَنهنجي حُسن جو - اَعجاز ڇئي ڪَر ٿون حِساب.

ٿلهہ: رُخ تنهن جو آ رَشڪِ (١) چَمن متا - گُل گُلاب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس،
آفتاب (٢) هجي ڪٿي ڪيئن بہ پلا - آفتاب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

١- هي لال شَمع هي لَال آگن (٣) - هي لَعل مَوتي هي لَال ڪُندن (٤)،
هن حَسينن جو جَلوو تاب تہ ڇا - پر ڪو تاب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

٢- رخ آئيني اڳيان نِروار تہ ڪَر - پنهنجي ديد سان پنهنجو ديدار تہ ڪر،
پرين پنهنجو آهين مَٽ پاڻ سَدا - ڪنهن جو آب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

٣- ڪَهڙو ضرور مونکي جو مئيخان پڇان - ڪاهي دُور ڪَلالڪا (٥) دُڪانِ پُڇان،
تنهن جي نيڻن ۾ مستي ئي مستي آ - پوءِ شراب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

٤- گُل نار چُنار انار ڪنول - سدا بهار سَرُو سينگار سنبل،
لالا، ليارِي، هزاري، هَرنو حِنا - ۽ عُناب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

٥- اَعجاز چوي پوٿي (٦) پران هجي - توڙي توريت انجيل قران هجي،
تہ بہ تنهنجو قسم اي ماهہ لقا - ڪو ڪتاب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

(١) رشڪ: ريس، حسد (٢) آفتاب: سورج، سج (٣) لال اگن: ڳاڙهي باهہ
(٤) لال ڪندن: ڳاڙهو سون، اصل، نج (٥) ڪلالڪا: شراب وڪڻندڙ
(٦) پوٿي پران: هندن جي عقيدي جا ڪتاب

ٺلھ: جَھالرءِ جُھومڪ- پَاتم ٽُنهن جي پِيار لاءِ.

۱- بُولو ٻَينسر آلي عَجائب- نَٿ نِجي مَنجھہ نَڪ- پَاتم ٽُنهن جي پِيار لاءِ.

۲- پَيش جي ڏُهري پُتلي وَاري- هَس ڳُلي نَازڪ- پَاتم ٽُنهن جي پِيار لاءِ.

۳- جَھاپا جُھوڙا هِن تہ سڳِن ۾- ڦُل ڪَنول ڪيتَڪ- پَاتم ٽُنهن جي پِيار لاءِ.

۴- ڇَلا مُنڊيون وَيڙھہ وِينبو ڏِس- ٻَانهينءَ لائي ٻَهَڪ- پَاتم ٽُنهن جي پِيار لاءِ.

۵- ٻَندڙا نُورا پَونچي ڇيريون- پيرين پَلپل پَڪ- پَاتم ٽُنهن جي پِيار لاءِ.

۶- گهرو گُلابي وَيس وڳو هي- سِر سِنڌي اَجرڪ- پَاتم ٽُنهن جي پِيار لاءِ.

۷- هَار سِينگار سُونهن ٿوسان- تو ۾ ئي آهيم ٽڪ- پَاتم ٽُنهن جي پِيار لاءِ.

۸- حَق اَعجاز چَئي حَق آهين تون- ڪَھڙا ڪَرين تو شَڪ- پَاتم ٽُنهن جي پِيار لاءِ.

ٺلھ: دِلربا دِلبر ڏنم بلڪل ڏِنم- ڪونہ ٽَنهن ڪان ڪوبہ سُھٹو گُل ڏِنم.

۱- حُسن جي آهَر خِطي جو هو نَواب- حُسن ۾ هُن سان نہ ڪو ٽُل مُل ڏِنم.

۲- عَاشقيءَ جي ڏَانءَ جَھڙو آحَسين- سَانوليءَ صُورت وَارو سَانول ڏِنم.

۳- هُت تِلي هو چَال چَنچل مَوهِٹي- هِت سَندم دل قُربان قُربان ڪُل ڏِنم.

۴- دِيد دِلبر جيءَ ۾ ڪَاجا دِل ڪَشي- دِيد تنهن لاءِ ڪَئين، دليون بي ڪَل ڏِنم.

۵- عَاشقن جي رَاءِ ڪي تَسليم ڪر- مَن رُبا مَحبوب جو نَامُلھہ ڏِنم.

۶- رَمز هِڪ ئي سَان ڇَڏايئين جڳ ٻئي- پَاڻ ڪي پَت ڪان پَري پَھتل ڏِنم.

۷- ڪَالھہ نِيو منصور ڪي جنهن دَار تي- آڄ بہ سو اَعجاز چئي ڪَاڪُل ڏِنم.

ٽُل مُل: مَٽ برابر

تلم: سَيني سُهڻن کَان - تُون سُهڻا سُبک[1]،
ٻين جي سَاري عُمر - تُنهنجو هِکڙو پَلک.

١- اِهي نيڻ کَٽي جن ڏي نِهارين تُون - مُنهنجا مُحب مِٺا تَن کي مَارين تون،
چوِ سِلح[2] سِپاهه کو ڏارين تُون - توسان حُسن تُنهن جي جو آشَاهي کَٽک.

٢- سُهڻا تُنهنجي سُهڻائي جو ڇيهه نه کو - وَاندو تَنهن جي وَاکاڻ کان ڏيهه نَه کو،
آيو توچِيئن لائي رَنگ رَيهه نه کو - پَهريو سِر تي عَجب تو پوش دلق[3].

٣- تُوسان هِکڙي گهڙي جي گهارينداـ توکي کين وري سي وِساريندا،
سَاريو سُونهن تنهنجيءَ کي سَاريندا - آهڙو جَاني آتئي کو جَلوو جَهلک.

٤- نَه گُلاب نه نَرگس پَارن ۾ - نَه کي شَمس قَمر نه سِتارن ۾،
نه کَنهن جَام نَکي مَئي خُوارن ۾ - تُنهن جي نيڻن جيئن نَشو نُور نَمک.

٥- تولاءِ سِکن تا بَلخ بُخارا جا - ايران عَجم اِسمارا جاءِ،
توکي سَارين سِند سُڌارا جا - توتان آهي فِدا هَر ماڳ مُلک.

٦- تُون حَاکم حُسن جَمال سَندو - تُون صَاحب قُرب کَمال سَندو،
تُون حَاذق مَحرم حَال سَندو - تُون لَعل لکن جو لکن ۾ هک.

٧- جَڏهن نينهئون نظر تونِگاهه کَئي - تَڏهن لَئون لَئون ۾ تُنهن جي چَاهه پَئي،
تي هک هيکڙائي پوءِ وَهواهه وَئي - آئون تُنهنجو اَعجاز چَئي تُون مُنهنجو ڍَک.

(١) سبک: نفيس، نازک (٢) سِلح: هٿيار (٣) دلق: پوش

تلھ: بُوالعَجب بَهتر صَنم آعجاز جو- خُوبرو خُوشتر صَنم آعجاز جو.

١- يَا فَرشتو يَا فَشونگر[1] يا وري، آ پَري پَيڪر صَنم آعجاز جو.

٢- بِرھ وَاري بَانگ تي بَاغ و بَهار بِرھ ۾ بَرسر صَنم آعجاز جو.

٣- سُونهن صُورت سَانوليءَ سان سَر بَسر، سَرَوُقد ڪُونتر صَنم آعجاز جو.

٤- مَست نَظرن سان رکي تو مُرڪيو، موھ جو مَنتر صَنم آعجاز جو.

٥- چَندَ چوڏهينءَ جو نه تَنهنکي چَئو چَريا، چَندَ کان بَرتر صَنم آعجاز جو.

٦- دِل ڦُريندڙ نَاز وَارو دِلربا، دِلنشين دِلبر صَنم آعجاز جو.

٧- زُلف جي زَنجير سان ظَاهر ظَهور- زَور آ ذَر ذَر صَنم آعجاز جو.

٨- پيچ پَائڻ ۾ به آسو پَيش پَيش، هَر لمحه هَر هَر صَنم آعجاز جو.

تلھ: مُنهنجو يَار سچڻ سَدا وَسٽو- هَر حَال هَميشه هَسٽو.

١- رَنج رُسامي کان پَاڪ پَاڪيزو- نَاھ ڪَڏهن ڪَنهن کان نَسٽو[2].

٢- نَيڪ بَدڪي هِڪ نَظر سان- جَهاتي پَائي پَسٽو.

٣- بَس بَس وَاري بَات نه ڄَاڻي- حَد بيحد ۾ بَسٽو.

٤- آهي آعجاز ڪَهڙو ڪِتي سو- نَاهي اِهو ڏَس ڏَسٽو.

(١) فَشونگر: جادوگر (٢) نسٽو: ڀڄڻ، لڪڻ

تلهه: اسيـن حُسن تُنهنجي جا نَـقاش- آسان ڪان حِجاب نہ ڪَر،
جِيئن جَلوہ نما تون ٿِيندين- تِيئن نَقش ٿي دِل تي وِيندين،
آهيـون رَشڪِ بُت تَراش- آسـان ڪـان حِجاب نـہ ڪَر.

١- رُخ تـان نـقـاب ڪـي ٿـورو مَٿـي ڪَر- نَظرون مِلائـي ڪَرڪـو مُرڪـڻ،
پَلـي آهـڙي نَازو اَدا ٿئـي- پَلـي شَورش بِرهـہ بَپـا ٿئـي،
آٿـئـون طَلـب اِهـائـي تَلاش- آسـان ڪـان حِجاب نـہ ڪَر.

٢- آسين نہ ڪيـميـا گَر آسين نہ هِيـرا گـر- آسين نہ سيـم و سـون سَوداگـر،
آسين حُسـن پَرسـت دِيـوانـہ- آسـين نـيـڻ ڏَاريـون عَاشـقـانـہ،
وَٺـون پِرت ۾ ٿـيـو پَاش پَاش- آسـان ڪـان حِجاب نـہ ڪَر.

٣- زُلـف ڏِٺـاسـون آبـرو ڏٺـاسـون- نـيـڻ تـو وَارا ڏئين رُوءِ ڏٺـاسـون،
رُخسـار گُلابـي گُلابـي- لَب لاَل لُعـابـي لُعـابـي،
تُنهـن جي ذَقـن[1] ڪَيـو پُرباش- آسـان ڪـان حِجاب نـہ ڪَر.

٤- پيـريـن هَٿين تـون مـوتـي دَاٿـو- تَڏهن تہ نَهي ٿـو تُنهنجو مـاٿـو،
تـوسـان حُسـن جو لَشـڪـر شَاهـي- تـوسـان حُسن جي آهَمـراهـي،
تـوتـي مَسـت آسـين بـي تَحـاش- آسـان ڪـان حِجاب نـہ ڪَر.

٥- تُنهنجي شَبـاحـت حُسن و مَلاحـت- روز اَعجاز جي رُوح جي رَاحـت،
توڪي سَيئي ٿا سينگار سُونهن- توڪي مُنهن تي مُنگهـٽ[2] مَلهار سُونهَن،
ڪـيـڏو سُهـڻـو آهـين تـون ڪَاش- آسـان ڪـان حِجاب نـہ ڪَر.

(١) ذقن: ڪاڏي جو گهپ (٢) مُنگهـٽ: موڙ سهرو

ٿلهه: ذَر ذَر نه پَاءِ جَهاتيون، ظَاهر نه ٿي پَوان،
جَلون ڪان ٿُنهن جي هَر هَر- حَاضر نه ٿي پَوان.

۱- رَمزون آدائون ٿُنهنجون، ڏسي ڪَافرانيون،
ڪَعبي ڪان مُنهن مَٽي ڪِٿ ڪَافر نه ٿي پَوان.

۲- صُورت سِينگاري سَاري، سَراپا نه بِيهُ ڪُلي،
مَتان دِل مُنهن جي ڪُلي پَوي، شَاعر نه ٿي پَوان.

۳- جَنهن ڪَنهن جَهروڪ جَاري، دَري دَر مان ڏسجين پِيو،
صُوفي جي خِيال وَانگي، مُتاثر نه ٿي پَوان.

۴- لَوڪئون لِڪاءِ پاڻ ڪي، مُونکي ٻه ڏي لِڪڻ،
نَاتي تنهن جي سَان جڳ ۾ نِشانبر نه ٿي پَوان.

۵- توسان آچي آلاجي، اکيون ڪِيئن آڙيون هِتي،
دِلبر وساري ديس، مُسافر نه ٿي پَوان.

۶- ڪَر ڪِين ايڏو مَائل، مُونکي ٿُون پَاڻ ڏي،
دَر دَر تنهن جي ڏِسڻ لاءِ، گدَاگَر نه ٿي پَوان.

۷- سُهٽا سَچڻ ٿُون مُون ۾ سَچو جي سَمائبين،
ڪَنهن دِيدور عُشاق جو، دِلبر نه ٿي پَوان.

۸- هَر هَند پَنهنجي حُضور جو، شاهد مُونکي نه ڪَر،
وَاعظ جي حَد حِساب جو، مُنڪر نه ٿي پَوان.

۹- جيئن جِيئن مون ڏي نِهارين ٿو، تيئن تِيئن ٿيان ٿو مَست،
مَستي ۾ ٿُنهنجي مَئي سَندو، سَاغر نه ٿي پوان.

۱۰- هَر بَات ٿَات جَهات ۾ اَعجاز چَئي ملي،
ٿُون مُنهنجو آئون ٿُنهنجو، سَچڻ سِر نه ٿي پَوان.

ٿلهه: آءُ ته يَاڪر پَايون - دِل چو سِڪايون، سِڪ چو لڪايون.

١- مَوج مِلڻ جي مُحب مِٺا من - مِل تہ مِلي هِت مَلهايون،
رُوح چو رُلايون، تَن چو جَلايون.

٢- جو سيني ۾ ڪين رَچي سو - سيني لَڳي رَنگ رَچايون،
پَهه چو پَچايون، بُل چو بَچايون.

٣- گُل ڳُراٽيون پَائي ڏاڍيون - پَلپل پيار وَڌايون،
هُجن چو جُدايون، ڪَجن چو گدايون.

٤- جَذب تي هِڪ ٻئي جي جيءَ ۾ - هڪڙي جَان سَڏايون،
ڪَر چو گَڏايون، پَر چو پَڏايون.

٥- ٻِڪ ٻيٽا ۽ يَاڪر پَريون - ڏَچ مٿين جا ڏَچايون،
لَئون چو لَڄايون، هِنيون چو هَچايون.

٦- ڳَالهه اَعجاز چَئي حَال جي ڳَايون - مَاضي قِبل مِٽايون،
مُنهن چو مَٽايون، حُب چو هَٽايون.

تلهه: ڻُنهنجي رَمز عَجب مَت وَاري آ،
نِت نئين سِج نئين سَانياري آ.

١- ڻُنهنجي رَمز رکي سڀ مَعنيٰ تي،
جن مَعنيٰ کيڍي وِيا سي دِيوانه تي،
رَهيا عَام نَظر ۾ بيگانه تي، نه ته سُڌ اُنهن سڀ سَاري آ.

٢- ڻُنهن جي مَخفي اِشارن کي مَخفي رکڻ،
سِک صَبر جي سَراپا آلفي ڍکڻ،
حَق سَچ نه ڇوڻ حَق تَلفي کرڻ، اِها پَاڻ سَان پَاڻ غَداري آ.

٣- بي عَيب کي عَيب وَارو کيئي،
ڻَنهن کان پوءِ تنهن کي رَاز دارو کيئي،
سَچو فعل خِضر جو سَارو کيئي، سُرکي آبِ حَيوان پوءِ تو پِياري آ.

٤- ڻُنهنجي رَمزن غمزن کي سَمجهي سو،
جَنهن پيچ پاتو هُجي توسان پَکو،
سو تيو پاڻ مَدينو پَاڻ مَکو، اُهو پَنهنجو پَاڻ پُوڄاري آ.

٥- جُداگانه اَعجاز سان نَاز ڻُنهنجا،
جُداگانه رَاز نياز ڻُنهنجا،
مَحبوب مِٺا آهماز ڻُنهنجا، دِل عَاشق لاءِ دِلداري آ.

تلھ: ٻَانُھونِ ٽيئين اي دِلبر - هَر هَر ٻِنا ڇَئي،
جيڪر مُون سان ڪِلين مِلين - هيڪر ٻِنا ڇَئي.

١- ڇَورائين پيار ۾ تو - تُون ٻَاٽھي نَٽو ملين،
مِل مَھہ لَقَا مِنا تُون تہ - آڪثر ٻِنا ڇَئي.

٢- مَرغوب مُونکي توکَيو - مَاٽا ڪَري ڪَري،
تُنھنجو تَڏھن ٽِيس تہ - او دِلبر ٻِنا ڇَئي.

٣- يَاريءَ ۾ دوستيءَ ۾ - مَحبت ۾ هيئن بہ ڪَر،
ڪَنھن جو ڇَيو ڪَرين تہ - ڇَيو ڪَر ٻِنا ڇَئي.

٤- جي ٻِرھہ آٽئون پيڙو - تہ پوءِ ڪَنھن جو ٻَئو ۾ ڪَئو،
ٻَرٽا پَون تہ ٻَرجن - ٻَاڪر ٻِنا ڇَئي.

٥- عَاشق آول آول تُون - مُناسب تَڏھن ٽيم،
تَوسان ئي پيچ پَايان - پَايان ٻَر ٻِنا ڇَئي.

٦- چورين نَڪي تُون چيڙين - تہ بہ زُلف تُنھنجا ڏس،
وَاسينگ جيئن وِجھن - ڇِڙيو وَر وَر ٻِنا ڇَئي.

٧- آ مُنھنجو ڇِڙھيل شَوق - آجان تُنھن جي مِلڻ تي،
مِلندين تہ مِلندو سَئين - گھوري گھر دَر ٻِنا ڇَئي.

٨- دِل ڪي آچي تون آوٽيون - آھڙو جو ڇَا چَوان،
پِيو موھہ موھہ - تَا مَحشر ٻِنا ڇَئي.

٩- جويَن ڪي حُسن جوت ڪي - مَوسم بَھار ڪي،
آ بي حِجاب ٽيٽو تہ - آخر ٻِنا ڇَئي:

١٠- پيو ڪِل سَدا ۾ ڪَڻ سَدا - آعجاز ڏي آڪيون،
جيتر ھُجي حَيات تہ - تيتر ٻِنا ڇَئي.

(١) مرغوب: دل کي وڻندڙ، رغبت، موهيندڙ

تلھ: مُنھنجي مَارڻ خَاطر پُاتيون - سَڄڻ جَھاتيون چوري چوري،
ڪَيائين ڪَارڪَاسائِڪي - ڪَئي ڪَاتيون چوري چوري.

١- بَنائي بيخبر مُونکي - ڍَکي نِتُ بُوالعجب بُرقعو،
بِرھه بَاھيون لکي لاڳَڻ - آچِي لاتيون چوري چوري.

٢- ڪَناريون پَرِپرن وَاريون - سَڄڻ ڏَاريون ڏَاڙي خَاطر،
چُرِن ڪان سي وَهن چوھيون چِنن چاتيون چوري چوري.

٣- ڪَتي آھي ڏسيو مُونکي - مُنھنجي دِل جو ٿَھري قَاتل،
ڳوليُم تَنھن کي سَارا ڏينھڙا - سَاريون رَاتيون چوري چوري.

٤- پَسائي پَاڻ پَھرين پوءِ - ڪَيَئين پَرھيز ۽ پَاسو،
ڪَري آعجاز مَن وَاريون - مُلاقَاتيون چوري چوري.

تلھ: تُنھنجي جوبَن جادو لَايو - لَڳي حَيرت حَيرت حَيرت.

١- تُون يَار سَراپا سُھڻو - آھين ڳُلِ ڳچيءَ جو ڳھڻو،
اَصل عوشاقن کُھڻو - سُھڻي صُورت صُورت صُورت.

٢- تُنھنجا زُلف زور اور زَنگي - آھن آبرو ڪَاتِ فرنگي،
تُنھنجا نين نِھايت نَنگي - وَاھ خَصلت خَصلت خَصلت.

٣- لَب ڪَوثر مَرجان آحمر - ڏَند ھيرا موتي گوھر،
ڪِلي گھايُئي تِن سان دلبر - وَڏي مَحبت مَحبت مَحبت.

٤- آعجاز عَلي سان يَاڪي - ٿي مَخفي مُحب مُلاقي،
سَردار سُونھارا سَاقي - وَند صُحبت صُحبت صُحبت.

ٿلهه: پيار وارا پيار تُنهنجا وِيا وَٽي. بَا وَصل وَهنوار تُنهنجا وِيا وَٽي.

١- پيچ تو وانگي نه پاتا ڪنهن وَري. پيچ پُختا يار تُنهنجا وِيا وَٽي.

٢- جي آچيو پانهن جو پائين سي ڪمند. دِل گُهريا دِلدار تُنهنجا وِيا وَٽي.

٣- وَنگ وِجهين تو وَصل جا واريو ڪِتان. واهه هِي آختيار تُنهنجا وِيا وَٽي.

٤- قُرب ۾ اِنڪار ڪُجهه اِقرار ڪُجهه. ڪُجهه نه ڪي تڪرار تُنهنجا وِيا وَٽي.

٥- بِرهه تُنهنجي سان آهيان بَاغ بَاغ. بِرهه ۾ سَڀ بَار تُنهنجا وِيا وَٽي.

٦- حُسن ۾ تو پارين ڪو مُشڪل هُجي. وَصف سَڀ وِينجهار تُنهنجا وِيا وَٽي.

٧- ڪُنڍڙا ڪُنڍڙا ۽ سڳنڌڙا مُشڪ بَار. ڪارا ڪارا وار تُنهنجا وِيا وَٽي.

٨- مُند شَبابي مَند گُلابي توسان گڏ. توسان گڏ هُڪار تُنهنجا وِيا وَٽي.

٩- سُهٽا جن سان ٽِين تو ويتر سُهٽو ٿُون. سي صَنم سِينگار تُنهنجا وِيا وَٽي.

١٠- رُخ ۽ رُخسارن مَٿان عرقِ بهار. حُسن ۾ مَعيار تُنهنجا وِيا وَٽي.

١١- سَنهڙا سَنهڙا نَرم نَازڪ ۽ لَذيذ. سُرخ لَب سَرڪار تُنهنجا وِيا وَٽي.

١٢- اي خِرامِ نَاز دِلبر دِلربا. پُرسڪون پَلتار تُنهنجا وِيا وَٽي.

١٣- آلڙپاڻي عِشق ۽ آنداز سان. آلڙپانا آر تُنهنجا وِيا وَٽي.

١٤- رَمز ڏاڍي ٿا رکن آعجاز چئي. گُفتا گوهر بَار تُنهنجا وِيا وَٽي.

(١) وينجهار: سياڻو، چالاڪ

تلھ: رُخ تہ سَجڻ جو رَنگين - رُوح پَتنگ پَروان مُنھنجو.

١- سُونھن صُورت جو سَلامي آھيان، ذَرم نہ ڇاڻان دِين، دِيد طرف آڏيان مُنھنجو.

٢- غَمزي حُسن جي مَست بَنايو، موھيو مَاھ جَبين، سِر تہ ڪَيئين نِيشان مُنھنجو.

٣- ڪَجل سُرمان ڪَوڏئون پَايو، ڪوني ڪَنڌجي ڪَپين، تَن اکين ۾ آستان مُنھنجو.

۴- سَير پَسند سَيلاني بَنجي، وَاريم عِشق آمين، اَعجاز اھو ايمان مُنھنجو.

تلھ: دلبر دِلبر، پِيارو پِيارو، يَار مُنھنجو دِل وَارو تُون،
سُھڻو سَاٿي سَھارو تُون.

١- حُسن جو پَرون عِشق جو پَيڪر، سُخن وَفا جو سَائين،
نِينھن نَئين سِڄ مُون سان نَئون تو نَازڪ لَائين نِيائين،
مُرڪڻي مُک سان، وَصل جي وِک سان، ھَلڻ ڏيکارين ھَزارو تُون.

٢- عَجب آدائون تُنھنجون سُھڻا، عَجب اشارا عِشوا،
جوين وَاري جَادوء سان وَري، جِيء بَند تُنھنجا جَلوا،
ويس رَنگينا، ڳَل نگينا، پَايو لڳين تو پِيارو تُون.

٣- مَست نِگاھون تُنھنجون مُونکي ٿيون، مَست و مَست بَنائن،
حَال حَقيقت وَاري مُلڪ تي، رَمزن سَاڻ رَسائن،
پَاڻ پَسان تو، تُوکي ڏِسان تو، مُون ۾ سَمايل سَارو تُون.

۴- حُسن وَارا تہ ھَزار ھتي پر، تُنھنجو آنداز نرالو،
مَعنيٰ مَام رکي تو منتڙا، تُنھنجو ھَرھڪ ڇَالو،
اَعجاز جي آنگ ۾، رُوپ ۽ رَنگ ۾، جڳ کان آھين نِيارو تُون.

ٺلهه: ڪيم دِلدار دِلبر جا۔ عَجب دِيدار دَم دَم،
رُخِ انوار جا جَلوا ۔ ڏِٺم جَهلڪار جَهم جَهم.

۱۔ سَنواريل وَار سُهٽل جا، عَجائب رُوپ رَنگ ڍَنگ سَان،
وِڇهڻ هَر وار وَر وَرسي، تہ خُوشبوءِ دَار خَم خَم.

۲۔ جنبش سَان آبرو جَانب جا، رڱيو ميدان ڪَن ڳاڙها،
اُتي ٿي ڏَار ڏَڙ سِر ڪان، رِندي رَفتار رَم رَم رَم.

۳۔ نِهارڻ سَاڻ نَازڪ جي، چَڙهيا نيٽن نَشا نِينهن جا،
جَا لارا جَام پِياريئون پُر، تہ جَهڪ مڱدار جَم جَم جَم.

۴۔ سَڄڻ جي حُسن صُورت جو، نِظارو آڪبري حَج آ،
ڏِٺم مَنٺار مَن مُهٽو پيتم ڇَڻ يَار زَم زَم زَم.

۵۔ سَندي مَحبوب جا ثَابت، ڳَايان ڳُڻ سَاز گُرسُر سَان،
مِلائي تَار تَن مَن جي، ڪَريان ڇَمڪار ڇَم ڇَم ڇَم.

۶۔ هَميشہ هيڪڙائيءَ سَان، نَظر اَعجاز ڪَر هَر جَاءِ،
پرين اِظهار آ جِت ڪِٿ، نَميو هَروَار نَم نَم نَم.

تلھ: آھيان آئون تہ ھَر ھَر - مَوھيو دَم مِجازي،
لِڪان چو چُپان چو - ڪَندو ڇا مُون قاضي.

۱- سَچن سَالڪن آ - ڪَئي آھڙي دَعويٰ،
عُشاقن جي آھي - اِھا عَين شَيوا،
مِجازي سَوَاءِ آ - ڪَٿن حَقيقي بَازي.

۲- پَسڻ سُونهن خَاطر - پَسان سُونهن وَارا،
اَصل ڪان سي آھن - وِندر ورونهن وَارا،
ڏِسو جانچي جيڏيون - قَبل حَال مَاضي.

۳- مَتان مُنهنجو پَانيو - ھي فَاحِش فَسانو،
ڏِسڻ سَان ڏِسي مُون - ڏِنو ڏَس رِندانو،
حُسن سَاقي سَمجھو - مُلڪ سَارو پَازي.

۴- اَدب عِجز اَعجاز - ڪَري سَاڻ ھَردم،
پريمي پَٽ پِرينءَ سَان - پَائي پيچ پِيتم،
وَراڪي وَصل ۾ - ڪَيم رُوح رَاضي.

تلھ: دوست پرين دلدار يار- مَاٽا ڪَري ڪين مَار مُين کي.

١- مَن تہ اڳيئي آهي موهيو تُنهن جي - صُورت سُونهن سينگار يار.

٢- مَام ملڻ جي مُرڪي ملائج - جَانب جيءُ جيار يار.

٣- قُرب ڪمائڻ ڏي تُون ڪُنل کي - قُرب ڪَري قُربدار يار.

۴- سراڏيءَ تي اصلئُون آهي - پيالو وصل جو وَار يار.

۵- آندر اَعجاز جو نَاري تارج- جَلوا ڪَري جنسار يار.

تلھ: لڳين تو پيار جي قابل، يَلي مَحبوب مَاٽا ڪَر،
موهي آتو ڪيو مَائل، يَلي مَحبوب مَاٽا ڪَر.

١- ستمگر تي بلاشڪ تي، اڪين تي سَپ ستم تُنهنجا،
ڪَانهي ڪَا ڳَالھ هي مُشڪل، يَلي مَحبوب مَاٽا ڪَر.

٢- لڳائي جَان جي بَازي، سَهَائي سر بہ اي سُهٽا،
هَميشہ لاءِ ڪَبُئي حَاصل، يَلي مَحبوب مَاٽا ڪَر.

٣- آڙي هَا پَاند ڪپڙي جو، چني ڦَاڙي ڇَڏايان ها،
مگر تو سان آڙي آدل، يَلي مَحبوب مَاٽا ڪَر.

۴- سَيئي نياريون آتئي رَمزون، سَيئي تو نَاز تون ڄاڻين،
سَراپا آهين بَس قَاتل، يَلي مَحبوب مَاٽا ڪَر.

۵- تُنهنجو آهيان تُنهنجو آهيان، نہ ٻي ڪَنهن جو ڪَڏهن آهيان،
گهڙيءَ پَل ۾ آئون گهائل، يَلي مَحبوب مَاٽا ڪَر.

٦- چَوي اَعجاز هت آهن، هَزارين پيا بہ سُهٽا پَر،
هَتان تُنهنجي تيس بسمل، يَلي مَحبوب مَاٽا ڪَر.

تلھ: نماڻن سان مِنٿا محبوب ماٽا ڪيم ڪر،
گُهنڊ ۽ گهورون وجهي، مجبور سياٽا ڪيم ڪر.

١- اي سُونهن جا سردار تو، لڪين آهن سزاوار ڪيا،
مِصر وارو مثال ڏس، بِن مُلھ وڪاڻا ڪيم ڪر.

٢- ڪنهن نہ ڪنهن وجھ سان پرين، قُرب وارا پيو ڪُهين،
گھر ڇڏائي تن سندا، ٿر بر وتاڻا ڪيم ڪر.

٣- رمز ٽُنهن جي روز نئين، اعجاز توکي چا چوي،
رندن پُنيان رڻ رُلائي، سند ساٿا ڪيم ڪر.

تلھ: هيئن نہ ڪر محبوب ٿون هيڏا حجابڙا - نينهن نتو مُنهنجو سهي نيٽين نقابڙا.

١- دل تي چوي دلدار ٽُنهنجو رُخ وري پسان - نامِ مولىٰ نروار تي هي مچ مُحابڙا.

٢- گُڏ گُلابي نيڻ ٻئي، گُهونگهٽ گُهنڊ ڪئي - ڪهڙا ڪرين تو مُنهن ڍڪي آڙنگ عتابڙا.

٣- هي جيرا جِگر جاني جِند جان ٽُنهن جي آ - ماس هَڏ کوري ڪپي ڪر قيمان ڪبابڙا.

٤- اعجاز چئي آئون آهيان گهايل تہ تو سندو - مل تہ مڙئي غم لهن منڙا مهتابڙا.

تلھ: ٻَھانہ نہ ڳــول - ٻَھانہ نہ ڳول،
آٿئي مُون سان - مِلڻ جو قول.

١- وَڇَنُ وسارڻ آوَڙ نہ وَڙيتن - سَمن تي سَهڙڻ، کَم آ سُڇيتن،
کَر پُورو پَتل پَنهنجو ٻول.

٢- اِنهن ئي ٻَهانن ڇَريو ٻَنايو - اَڄ نہ سُيان جي عَرصن مُنجهايو،
وَڌي هينئڙي ۾ ويو تُنهنجو حَول.

٣- ايڏو پَلا ڇو دور رَهين ٿو - مُنهڙو ڏيکاري مَستُور رَهين ٿو،
ويجهو ويهي وَري گهونگهٽ کَولُ.

۴- پيچُ اَعجاز سان پَاٿو پُوندءِ - نيٺ تہ ناتو نيائٿو پُوندءِ،
ڇڏ تُون پلجڻ وارو پَول.

تلھ: انڪار وَاري ڇڏ نَاز و آدا - ڪَر هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آ تُون ڪَئي،
هَٿي نَعرو نسنگ اَڄ نسري صَفا - ڪَر هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آ تُون ڪَئي.

١- هڪ پيرو مُونسان مل مَاٺا ڇَڏي، دل سَاڻ دلارا دل تون گَڏي،
وَتون ميل مَيلاپ جا ڪي تہ مَزا - ڪَر هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آ تُون ڪَئي.

٢- هن دِل جي بيتابي حَد ڪان وَڌي، وَڃي بيحد ۾ پرين پَهتي آ،
هَر خيال مُون سان تي هَاڻ پَلا - ڪَر هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آ تُون ڪَئي.

٣- جي جَذبہ عشق آٿئي جيئرو، دُوريءَ جو پوءِ جَواز ڪَهڙو،
رَهين دُور ڇو تَو تُون ايڏو مِنا - ڪَر هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آ تُون ڪَئي.

۴- مَان بيڪ وَفا جي ڪَنهن ڪان پنان، هي لَوڪ سَارو آ وَفا ڪان سُڃو،
تُون ئي تہ آهين پَندارِ وَفا - ڪَر هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آ تُون ڪَئي.

۵- مُنهن جي عشق مُحبت کي تُون مِنا، مَحبوب نہ سَمجھ مَذاق ڪَري،
آ برھ مُنهنجو ميثاقان ٻيا - ڪَرَ هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آ تُون ڪَئي.

٦- ذَر مَحبوباٺا پيار تُنهنجا، ذَر مَعصوماٺا آر تُنهنجا،
اَعجاز ڪي ڪَن ٿا مَست سَدا - ڪَر هَا تُون ڪَئي، مُون ڏي آ تُون ڪَئي.

تلم: ڪيترو آي دِلربا شَرمائيندين- ڪِيستائين چَئُہ آجان تَڙپائيندين.

١- چُپ چُپان ۾ چَاهتن ڪي پِيوچِپين- ڪِيئن ڪِتي مُون سان ٻَلا ڳَالهائيندين.

٢- ڪِيئن سَهين پيو هي جُدايون هيتريون- مُون ٻَانيوتہ مِلندين ٻَاڪر پَائيندين.

٣- ڪُهندين مَاريندين مُونکي پيو ڇَا ڪَندين- ڪُهڻ لاءِ مُنهن جي ڪَجل جو پَائيندين.

٤- آج ڏسان تو تُون بہ آهين بيقرار- بيقراريءَ کي گهٽو ترسائيندين.

٥- سيڪڙو تُنهنجا سَوين پِيا هِت ڦرن- ڪَنهن کي ڪَنهن کي پيو گهورن سَان گهائيندين.

٦- بَعضي چاهيان ويڙهجي وَل جيئن وَڃئين- پَر اَلائي يَار ڇَا ڇَا پَائيندين.

٧- مُون وَٽان جَنهن دَم مَٽين پر مُنهن مَٽيو- ائين تہ بَاهيون بِرهہ جون پڙڪائيندين.

٨- ڇَا لڳي سِڪ ڇَا لڳي لِڪ ۾ لَڇڻ- جي آتئي پوءِ تہ پَڪ ڳل لائيندين.

٩- ڪَر مِلڻ جو وَاعدو اَعجاز سَان- مَن گهريا ڪَڏهن مِلڻ فرمائيندين.

تلهہ: بي آنت ناز مُنهنجي دِلدار يار کي آ،
سڀ کان حُسن ڪَثر ۾ سينگار يار کي آ.

۱- شوخي ۾ شور ڏاري گڏ جو نتو گُذاري،
ڏورئون پيو ڏيل ڏاري جيئري پيو جان ڳاري،
مُشتاق هيئن نہ ماري پوڪار يار کي آ.

۲- صُورت سندس سُبحاني، پُرنُور سا پيشاني،
جوين پسي جُواني، دِلڙي تي پئي دِيواني،
اک ۾ ڪجل جي ڪاني، هَروار يار کي آ.

۳- رُخ رنگ آ عُنابي، گهريون اکيون گُلابي،
لب لال لاجوابي، صُورت آ نيم خُوابي،
پوشاڪ ڪيم خُوابي پڳدار يار کي آ.

۴- لنوڙي جَهين سان لاتم لاغرض تيو سو لاغم،
مُون لاءِ آهي ماتم سارو ڪلي تو عالم،
اعجاز جي نہ ڪنهن دم ڪاسار يار کي آ.

ڪيم خوابي: بخمل، مخمل

ٽلهه: موقعا مِلن ٿا پيار جا، پيارا ڪَڏهن ڪَڏهن،
ميلا مِلڻ به ٿا ٿين، نيارا ڪَڏهن ڪَڏهن.

۱- وسرن نَٿا ڪي مُور، وسارڻ سان وَس وَڏي،
آهڙا نَظر اَچن ٿا، نظارا ڪَڏهن ڪَڏهن.

۲- ٿيندءِ خَتم خُمار، جَوانيءَ سَندا جَڏهن،
پَل پَل پوءِ پَرٿا پَوندءِ، شُوڪارا ڪَڏهن ڪَڏهن.

۳- سَيڪا نه مُند بَهار جي، سَيڪا نه مُند خزان،
فِطرت ڏنا اُنهن کي به، وَارا ڪَڏهن ڪَڏهن.

۴- هِن جڳ سَچي کي پَاڻ ڏي، رَاغب ڪَيو وڃهن،
بي سَوزا بي سُرا ۽ بي تَارا ڪَڏهن ڪَڏهن.

۵- آهُن سان پَنهن جي آخر، لوڏيو ڇَڏين ٿا،
عَرشِ عَظيم جگر فگارا ڪَڏهن ڪَڏهن.

۶- دِل ۾ دَبائي رکجي نه، دِل وَاري شَوق کي،
پُورا ڪَجن ڪي دِل جا، تہ آرا ڪَڏهن ڪَڏهن.

۷- سِڪ تُنهن جي سَهندي سَهندي وَحشت چَڙهيو وڃي،
اُلٽا وَٺيو اَچان ٿوڏي چَارا ڪَڏهن ڪَڏهن.

۸- آهڙا ته موقعا ڇڏ نه تون، اَعجاز ڇَئي هتان،
سُبتا پَون ٿا عِشق جا، ڍَارا ڪَڏهن ڪَڏهن.

ٿلهه: چو نہ نَاز ڪَرين تُون حَسين جو ٿئين - نينهن بہ توسان ڪجي نازنين جو ٿئين.

١- نَڪا عَرشينِ ٽڪي، نَڪا فَرشينِ ٽڪي، مُنهنجي نَظر وَريو وَريو تو ۾ ٽڪي،
ڪَري تُنهنجو نظارو تو لاءِ سِڪي، تُون خُوب ڪان خُوب تَرين جو ٿئين.

٢- جي تُون جَلوا ڪَرين جي تُون پَردا ڪَرين، سَڀ طَرح سان تو سِڪ بَرپا ڪَرين،
سِڪ بَرپا ڪَيو ڪَئين دڪبا ڪَرين، ڪِٿي سَهل ڪِٿي تون سَنگين جو ٿئين.

٣- تُنهنجا ڏَنگ نَمونا ڊول گهٽا، تُنهنجا مَارِڳ مَاڳ مَاحول گهٽا،
اِت پُلجو ڳائن پَول گهٽا، رُخ رُوپ ۾ رَنگ بِرَنگين جو ٿئين.

٤- نہ صرافن وَٽ نہ غَواصن[1] وَٽ، نہ تون عَقل وارن جي قِياسن وَٽ،
تون آهين تُنهنجي شَناسن وَٽ، مُلهہ جَنهين جو نہ آسو نگين[2] جو ٿئين.

٥- يَا چاتيءَ مَنجهہ چُپائي ڇَڏيان، يَا پَائي اکين ۾ لڪائي ڇَڏيان،
يا هوڪا ڏيئي هَر جاءِ هُلائي ڇَڏيان، سَرمائي حُسن جو خَزين جو ٿئين.

٦- تُون تو نَاز ڪَرين دِل ٿي جهومي صَنم، ڪَري نَاز ڪَندين نيٺ مُون سان سَنگم،
اَعجاز چَوي هي يَقين آتم دِل ڏيندين مُونکي دِل نَشين جو ٿئين.

(١) غواصن: ٽوبا (٢) ننگين: هيرو، پڙو

تلھ: گھونگھٽ لاھُ گُلزارا وي- شوق اٿم تُنھن جي مُنھڙي ڏِسڻ جو.

۱- مارين ٿو مُسافر مُنھڙو ڍَڪي- اھڙو ماٺو نہ ڪَر مَنٺارا وي،
پياسن ڪان پَنھنجو پاڻ لڪائڻ- وَاجب نَاھي پِيارا وي،
ڪَڏھن تہ موقعو ڏي تُون پَسڻ جو.

۲- نيڻ سَپاچھا مُون ڏي ڪَني سَج- ھيڪر ھوت ھزارا وي،
ھي سِر سَارو ساھہ صَدق ٿيو- توتان سَڄڻ سَردارا وي،
ڏي نہ ڏنجھو ھَاٺي ڏُور وَسڻ جو.

۳- نُوري نِگاھُن نَاز نَزاڪت- سُھڻي صُورت وَارا وي،
ٿھري قاتل ڪيفي ڪارا- ڪٽي آءُ آبرو ڪٽارا وي،
تنھن جي ھٿان اٿم ڪاڍو ڪُسڻ جو.

۴- ديدار سواءِ آئون ھرگز تنھن جي- در تان اُٿان نہ دُلارا وي،
اَعجاز چوي اچي يَار عَجيبا- دَرشن ڪَراءِ دُبارا وي،
ھِتان ھي چَريو نہ تہ نَاھي چِسڻ جو.

تلھ: آئون تہ ايندس پيو پيارا- تون اچڻ ڏين يا نہ ڏين،
درجھلي بيھندس مان تنھنجو- تون بيھڻ ڏين يا نہ ڏين.

۱- جي تڙين لوڏين ڌڪارين- دَر چڏائين تہ بہ منا،
ڏور ڪان ڏسندس پيو- تون ڏِسڻ ڏين يا نہ ڏين.

۲- ھڪ دفعو ديدار موٽڪي- دلربا مُرڪي ڪراءِ،
ديس پنھنجي ۾ منا پوءِ- تون رَھڻ ڏين يا نہ ڏين.

۳- توسان ياقي يار بنجي- چير يڪتارو ڪٽي،
ناچو ٿي نچندس اڳيان تو- تون نَچڻ ڏين يا نہ ڏين.

۴- سڻ صدا ھيء آخري- اَعجاز جي سھٽا سَڄڻ،
رخ چمڻ چاھيان ٿو تنھنجو- تُون چُمڻ ڏين يا نہ ڏين.

ٿلهه: ٽُنهن جي گُهور تان گهوري وَڃان، گهائل ڪَري ڇَڏيُئي،
گـــهــــائـل ڪَري ڪَري وَري، مَائــل ڪَري ڇَڏيُئـــي.

١- آبــرن جي تــيــغ کــي تـــ ڏاڍو آب تــاب ڏيــئـــي،
شَايــد شــهـيــدِ شَوق ۾ شــامــل ڪَري ڇَڏيـئـي.

٢- وَاســيـنــگ جِيـئـن وَارن جا، پِريـن پـيـچ وَرِ وجهـي،
ڪَج ڪَاڪُـلـن جي قـــيــد جو قَائـل ڪَري ڇَڏيُئـي.

٣- ٻَلـپَل ۾ پَائـــي پَائـي ڪَجل واريــون ڪَانــيـــون،
اکــڙيــن کــي عَاشــقـن جي لاءِ قَاتــل ڪَري ڇَڏيُئـي.

٤- مُـڙگــن جا تـيـر مُنهن جي ڪَيئي سِيني سِر سَنوان،
قـــربــانِ ٿيـــان وَري وَري خُوش دِل ڪَري ڇَڏيُئـــي.

٥- قَد سَرو کـــــان رَوان ۽ صُورت سَانـــولـــي رکــي،
ديــوانــگـــيءَ جي دَائــري دَاخل ڪَري ڇَڏيُئـــي.

٦- ڪَعـبـو ڇَاٽـان ٿـو تـوکـي ڪَعـبـو نـہ ڇَاٽـان ٻـيـو،
دنــيـــا جي نَمـڻ نــيـــاز کـــان غَافـل ڪَري ڇَڏيُئـي.

٧- هـڪ مَن ۾ گـَهـاٽـو گهُـور جو ٻيـو آڙاهـ عِشقَ جو،
اَعجاز کـــي تــ قُرب جي قَابـــل ڪَري ڇَڏيُئـــي.

ٿلهہ: گھور مَٿان سِر گھور ڪَيوسين۔ گھور مَٿان سِر گھور ڪَيوسين.

١۔ ذاتــي ذَوق زَوراوَر وَاري۔ زَور مَٿـــان سِر زَور ڪَيـــوســين.

٢۔ شَوريل شَوران شَور آهيون۔ شَور مَٿان سِر شَور ڪَيوسين.

٣۔ اوري اوڙون آور عَجائـب۔ آور مـــٿـــان سِر آور ڪَيـــوسين.

۴۔ اَعجاز عليءَ جي حُڪم سان۔ هور مٿان سر هَور ڪَيوسين

ٿلهہ: چـو يـَلا آچ وَري اِهـو گـُهـنـڊُ۔ اِهو گـُهـنـڊِ ۾ نـاز گـُهـمـنـڊُ،
ڪَلي مِل تہ تِيون ڪير ڪُنڊِ۔ مُنهن جي سِڪ جو نہ ٿانگهہ سَمنڊ.

١۔ ڪِل تہ مَن ٿان مُونجهہ لهي پئي۔ پِيـار جو پِيـارا گـيت ٿهي پئي.

٢۔ حُســن جوبـن جي پُور ۾ پـيـــارا۔ سِتـم آرائـي جا سَوچ نـہ چارا.

٣۔ تِيـر اکين جا سَجي سِڌا ڪَر۔ ٿاهـي نيـشــانـو اچ تـہ نـڪـا ڪَر.

۴۔ گهنڊ گهمنڊ آتنهنجو نرالو۔ ڪِهڙو رکان آئون تنهن تي نالو.

۵۔ ڪُجهہ تہ سَبب کو سَچن سَمجهايو۔ اِئين نہ اَعجاز کي سُٺا آزمايو.

تلهه: پَائي پيچ ڪَيو جِن مُونکي پَسند، تَن زُلفن جو آئون بَند بَند چُمان،
آ خُوشبو اُنهن جي رَشڪِ اِرم، چو نه وَر وَر تن جي تَند تَند چُمان.

١- چُمي زُلف وَري پيشاني چُمان، ٻئي آبرو اکيون نَک نُوراني چُمان،
خَدو خَال چُمان، خَط جَاني چُمان، لَب لَال چمان ڏند ڏند چُمان.

٢- گهه جنهن تہ گهچيءَ سان ڪين پڙن، ڪَرُ تنهنجو قبوليو ڪاريهرن،
آهي سَارو بدن جنهن جو نَاز چَمن، سُرهو سگند سَجو سو سَند سَند چُمان.

٣- قَد ڊول ڊولڻ جو ڊِلياريءَ ڪان، سُهٽو هَلڻ ڪبڪ رفتاريءَ ڪان،
هَتين پيرين عَجب هَر ناريءَ ڪان، تنهن جي رَاهه چُمان رَند رَند چُمان.

٤- پرين مُنهنجو آ منهنجي دِل پَسند، دِلدار "اَعجاز" سو دِلبند،
پاتئين جن تہ ٻانُهن سَان قرب ڪَمند، اهي ٻَانهون سَندس ٻئي جِند جِند چُمان.

تلھ: زُلف چَوان يا وَاسينگ، ڦَين سان جيکي ڦيون وِجهن تا.

١- ڪَرڪنيو ڪَنچِير ڪَنبائن، هِنيان جگر ۾ هردا گائن،
وَرن ڳاري سان واسينگ، ڏاڍا وَانگوڙا وَٽيون وِجهن تا.

٢- مَجرجي جَلايا مُلڪ مَنيارن، ڦُوڪ برھ جي سَاڻ ڦَنيارن،
موهيَ ڪَيا مَرٽينگ، سَرواهيون سوگهِيون سِرڪٽيون[1] وِجهن تا.

٣- وِھ ۾ وَسيهر ڳان بہ ڪَٽر تيا، جهَاڙا پَاڙا سَپ بي آٿر تيا،
پَرم پَچايو ڳَن پِينگ، آهڙيون تہ ڪي اوِتٽيون وِجهن تا.

۴- وَار وَجيو اهي جَنهن ڪي وَچڙن، حِيلا وَسيلا تنهن ڪان وِچڙن،
شَهپال جهڙا شَاهينگ، عِشق واريون ڳَل جٽيون وِجهن تا.

٥- زُلف بہ ظُلمي نَين بہ ظُلمي، سُهٽل جا آبرو عَين بہ ظُلمي،
پِيا تہ سيلا سر سِينگ، گهَٽ اندر ۾ گهَاٽيون وِجهن تا.

٦- لَٽ خَمدار لُٽن، خَانقاهيون، ٿَن جو اَعجازا نَذر شَهنشاهِيون،
نِيلا چَڏيو نِسينگ[2]، پَتر پَئي سِر پَٽيون[3] وِجهن تا.

(١) سِرڪٽيون: ڦاهيون
(٢) نَسينگ: نواب، بادشاھ، امرا
(٣) سر پٽيون، مٿي ۾ مٽي

تلھ: ھوُجي زُلف دَراز گُلي پَوندا - پوءِ تہ لِکل بہ رَاز گُلي پَوندا.

١- ھُن گُنڊڙن زُلفن گَارن ۾ - آھي تَاب ڏاڍو تَابڪارن ۾،
وِيندو مَحَو ٿي عَاشق وَارن ۾ - پوءِ تہ بِرھہ جا بَاز گُلي پَوندا.

٢- نَازان نَازڪ ٿي ڪَيِين نَاز ڪندو - تَنھنجو عَاشق تَنھنڪي نِياز ڪندو،
جگ تَنازَۃ ڪَندو اعتراض ڪَندو - پوءِ تہ سُرندا سَاز گُلي پَوندا.

٣- عَاشَق دَام ۾ عُمر گُذاريندو - مَستو مَست ٿي عشق اُجاريندو،
مَحبوب مَاري تنھن کي جِياريندو - پوءِ تہ سَوز گُداز گُلي پَوندا.

٤- ائين عَاشق جي پَرچار ٿِيندي - پَاڙي پَاڙي اھائي پچار ٿِيندي،
سَت سُھڻن جي ۾ سَار ٿيندي - پوءِ تہ سُھڻا اَعجاز گُلي پَوندا.

تلھ: ڪَر زُلف رُخ تَان پَاسي - ھڪڙي گھَڙي خُدارا
پُورو مِتبا پَسڻ ڏي - مُنھڙو پِرين پِيارا

١- ڇڏ نَاز ڏي نظارو - صُورت سَندو سَھارو
مَاڻن سَان ڪَر نہ مَارو - آي حُسن ھَاڪ وارا

٢- ھَت ۾ مَشَاطَ ڪَئي تو - سِجُ بيِٺي رَات ڪَئي تو
مُنھن جِي ذَات نِياتِ ڪَئي تَو - حَيران جِيءَ جِيارا

٣- ھڪ لَحظو وَانڊڪائي - جِيڪر مِلئي تہ جَائي
جَلوَن سَان ڪَر سُھائي - اَولادُھن اَنڌارا

٤- اُوناءِ ڪي تہ آھون - دَر ماندي دِل جون دَانھون
رَوڪي نہ بيھہ رَاھون - رَاھي رَمن ويچارا

٥- ويٺو وَڃايان وَنجھليون - رُخ وَاريون پَاءِ تَجليون
اَڪِڙيون مَلاءِ کَجليون - اَعجاز چَئي دُبارا

ٿلهہ: ظالم زُلف تُنهنجا زاري يار زاري،
ڪاريهر جان ڪاهيو ڇهڻ تا ڇوڏاري.

١- وڏا وار واڏو، سُنبل سِياهہ ساڏو،
مَڇين مَنڊ نہ جادو منيا مار(١) ماري.

٢- خُوشبوءِ دار ڪُليا، پَسِي پَونر پُليا،
هَنڌو ماڳ هُليا، ڪاڪُل ڪارُونياري.

٣- ڪيبَر نينڻ ڳڙڪن، دِليون ڪيئن نہ ڏڙڪن،
بِرهہ باهيون ڀڙڪن، جَلي جان ساري.

٤- آڇڻ سان اڙياسون، ڦابُو ٿي ڦڙياسون،
چولون ڪائي چڙهياسون، چاڙهي عِشق واري.

٥- اعجازا اُداسي، ڪَيئي خَبر خاصي،
ويئي دِلڙي ڦاسِي عُمر لاءِ ويچاري.

(١) مار: نانگ

ٿلھ: رُخ مُنور تي جَڏهن سُھڻا زُلف ڇوڙيو ڇڏين،
هِن مَاندي مُشتاق لاءِ، ويتر جَنجل جوڙيو ڇڏين.

١- آئون آزاريل آڳ آهيان، تُنهنجي تير مُژگانن سَندو،
وَر ڏيو سِر تي وريو، آبرُو خَنجر کوڙيو ڇڏين.

٢- تُنهنجون اکيون خُون خُونان، تُنهنجا غَمزا فتني گَر،
زَاهدانا زُهد نِيتُون، لِکَ اندر لوڙهيو ڇڏين.

٣- تِئي اچان مَس مَس وَچيو، هيءَ دل رُجُوع کَعبي طَرف،
مُنهن مبارڪ جي جهَلڪ سان، تنهنکي تون موڙيو ڇڏين.

۴- جن جي توسان آشنائي، سِي ڏٺا مون دَر بَدر،
ڇا سبب تن کي سِتمگر، ڇو ڦٽيو ڦوڙيو ڇڏين.

۵- توکي سِيبائي آ سُھڻا، خُوءِ آرڏائي خُودي،
تُون تَڏهن اَعجاز چئي، عِجزي ٽڳا لوڙيو ڇڏين.

ٿلھ: هن زُلف جي ڪَاري ڪَمند، زَاهد ڪئين زندان ڪَيا،
زَاهد ڪئين زِندان ڪَيا، تَن جا عَملِ ايمانِ نيا.

١- سوداءِ مُشڪين مُوءِ ڪان، هَر سَن ۾ سَوَ صُنعانِ ٿيا،
مَذهب ڌَرم ڇا دِين ڇا، پوڙي پئي تہ جهان ويا.

٢- ان قيد جا قيدي ڏٺم، تَن جا آهن آرڪان ٿيا،
پَنهنجيءَ رَضا سان پَاڻ کي، پَايا انهن نِقصان ڇِيا.

٣- زُلف جي آور اچي دانهہ بہ تي ديوان پيا،
بيحد ۾ پئي بيخود اُهي بيسر بَنيا بِي جَان جِيا.

۴- سُوريءَ مثل گَردن گهُٽن مَورهئُون نہ ڪَن کو ڏيان ريا،
اَعجاز ڦاٽين هَنڌ هَتيڪي، ڪَر نہ پوءِ آرمان رِيا.

ٽلم: جَن جَا وار گهُنڊيون، اکيون ڪَاريون ڪُنڍيون، گُل گُلابي جهلڪ رُخسارن جا،
تن جي عِشوه گِري تَن جي چَالِ چَري، لُٽيا دِين ڌرم تہ هَزارن جا.

١- ڪَن جِيڏهن نَظر، تِين پَاٽي پَتن، جهڄن جِيءَ جگس، پَون سِڪ جا سَنگهر،
آٽن اهڙا آٽس، چَالا چَرخ چَڪر، ٿريو ٿرڪا وجن ڪلا دارن جا.

٢- ڪوليو زُلف چَلا، ڏِيو گَارا گَلا، هَنيو وَرَ ۽ وَلا، لاٿن نينهن نِلا،
تِين پوءِ نہ آلا، ڪَڏهن پَرجهلا، اهي بہ پَار اَٿوَ حُسن وَارن جا.

٣- ڏِٺا جي نہ آوهان تہ پُڇو مُون ڪان ٿوهان، جيئن سَرَوَ رَوان، تيئن قد اٿن سَنوان،
تِي قُربان پَوان، سِينا چَٽي جا چوان، جهڙا ٿمر پَريا وَڻ انارن جا.

٤- ڳَرِڻ مَاٿا چَاڳ حَسينن مَرڪ، بَچِڻ برهہ بينرا ڳ حَسينن مَرڪ،
سُرمان ڪَجل مُساڳ حَسينن مَرڪ، ڏَاڍا چَاٿو سَمجهہ سِينگارن جَا.

٥- ڪِن جون شَرم حَياء ڪان شَرميليون اکيون، ڪِن جون نِينهن نشي ڪان نَشيليون اکيون،
ڪِن جون سَوزِ فراق ڪان پِيليون اکيون، نِيلا رَنگ ڏِٺم تن جي نظارن جَا.

٦- اِنڪار بہ ڪَن اِقرار بہ ڪَن، تَڪرار بہ ڪَن ۽ پيار بہ ڪَن،
وَري آرا آعجازِ انتظار بہ ڪَن، آهن پَاڻ بہ گهَايل دِيدارن جا.

عشوه گري: ناز نخره، اشاره

ٿلهه: ڪوليو زُلفن ڪي تو جَڏهين - تہ نَانگن گَرَ ڳَڍِڻ ڇَڏيا،
تَليـهر تي بِيـٺا تَابـع - وَاسينگـن وَرَ ڳڍِڻ ڇَڏيا.

١- تُنهنجي زُلفن جُون ڪَج ڪَڙيون - زَنجيرن کان بہ زَوريون ٿيون،
خَبر هي تُنهنجي قيدين ڪِئي - آسان سَنگهر ڀُڃڻ ڇَڏيا.

٢- وَاسَـيا تو وَار ڇڻـو ڇَاسـان - جو وَارن جي وَٽي خُوشبو،
چَمَـن ڀَونـرن گـهُمـڻ ڇَڏيو - گُلن ڪَنڌ ڪَرَ ڳَڍِڻ ڇَڏيا.

٣- ڀـولي نَانگن جي تـي ڀُلجي - آچي ڪئين ڪَاپڙي مِڙيا،
چَڙهيا گيسُوئن[1] جي وَرِ جڏهين - جوڳين مَنتر پڙهڻ ڇَڏيا.

٤- چيري ظُلمات[2] وَارن جِي - ظَاهر رخ کي ڪَيُئي جَنهن دَم،
حُورن جا حَوصلا گـم ٿـيا - پَريُن ڀَوءِ پَرَ ڪَرڻ ڇَڏيا.

٥- گَڏيـا جن نَاز نـيـنن کـي - وَري جو نـيـڻ تـو وَارا،
سَندي نَيـڻن سَندا نـشـتـر - تَنـي خَنجر هَڻڻ ڇَڏيا.

٦- مِٺي مُنهن تُنهنجي مَان مِٺڙا - گُنـن ڀَريا ٻُڌي گُفتا،
طَوطن مـيـوا ٽَڪڻ ڇَڏيـا - هَنجهن گـوهَر چُڳڻ ڇَڏيا.

٧- ٻَـڌا جـي پـيچ ڪَاڪـل ۾ - اُنـهن آعجاز ڇَـڪي ٻيهر،
دُنـيا عُقـبيٰ جا اي دِلـبـر - دُوارا دَر چمـڻ ڇَـڏيـا.

گيسوئَن: وارن، زلفن   ظلمات: ڪاريرات، اونداهي

تــلـھـ: ڳاڳل ڪيس ڇلڙا، مُسَلسَل زيبا وَن
رَنگي رُخ تي لَٽڪيو مَاندا ڪَن مُسافر.

١- تَلھـڙ وَار تَاتيل وانگُوڙن وَرن سَان،
ملائِم مُعَنبر[1] تَران تَر تَڙن سان،
سَدائين سي سُرھا سِينگاريل سَراسر.

٢- اِھي زُلف آھڙا ڪوليا تو خَلَل[2] لاَءِ،
مُشتاقن جي مَارڻ مَچائڻ جَنجل[3] لاَءِ،
دُنا دکبي وارا، دِلين جا سودا گر.

٣- وَاسينگن وَانگي وِھـ يَريا مُنھَن اُنھن جا،
ھَٽن ڏنگ جِن ڪي، قِرن رَنگ تِن جا،
آھن نَعُوذ بِالله ظَالم زور زَابر.

٤- خَتن چين مَا چين خاقان وارا،
سَمرقَند مَروَند مَڪران وارا،
اُنھن ڪَاڪُلَن لاءِ سِڪي تيا ٿنا گر.

٥- گِرھـ گير گيسُن سَندا پيچ پيڙا،
عَقل ھَوش وارا سَتُر سِيل وِيڙا،
اَڙيا اِت اَعجازا عَاقل ڪَئين آڪابر.

---

(١) مُعنبر: خوشبودار
(٢) خلل: فتنو، فساد
(٣) جنجل: آزار

تلھ: لَٽ زُلف ظالم بي پيرا - گھُنڊي دار ڀَنيا ڳرھ ڳيرا،
حَلقه ھَئي تَن نُنھن تي نَچايا - ڪَاپڙي ڪَئين ڪَن چيرا.

١- نَانگ وَسِيھر وَانگي آھن - نِس پِس نِسنگا نِيرا،
وِھ وِھائيل مُنھن تَني جا - ڏَنگ تَلخ تاثِيرا.

٢- چَوسِرا چَوتا چَابُڪ چَنبيلا - عَنبر بار عَنبيرا،
تِن جي خوني خَفقان سَوداڪي - ڪِين لَڳن تا خَميرا.

٣- وَري سَرڪش نَين سنگينا - قَاتل شوريا شَم شَھ تِيرا،
سَانگو ڪَنھن جو ڪِين تا ڪَن سي - صِف شِڪن صِف چِيرا.

٤- تَاب حُسن جي ھِيچ ڪيا - زُخرف[1] زُمرد[2] ھِيرا،
گُلن گَنوايا ھَوش سَندا - مُوتي ٿِيا نه سُڌيرا.

٥- جَنات عَدِني ويس مَٿن سِر - حَيرت مَند حَرِيرا[3]،
جَلوي جھَلڪ آعجاز اُنھن جي - ڪوليا بِرھ بَھيرا.

(١) زخرف: سون

(٢) زمرد: سائي رنگ جو پٿر

(٣) حريرا: ريشم پٽ جھڙا

تلهه: ڪاڪُلين گُل ڦُل لڳا- وَاهه وَارِ بيوٽي ڦُل لڳا،
سُهڻا فَيشن بُل لڳا- چَرچي ڪَرڻ جا بُل لڳا.

١- سهج جا سِينگار سُهڻن- سَڀ طَرح سُونهَن سَدا،
تن جا سَنوَرَڻ ۽ سَجڻ- تن ساڻ ڏس تُل مُل لڳا.

٢- سِرڪٽا سيلا ڪرڻ سِر- هيءُ بہ سُهڻن ناز آ،
نَاز اُنهيءَ تان تَرِنت- بَل بل ڦين بُلبل لڳا.

٣- زُلف گهُنڊيون ڳَنڍيون- ۽ اڪيون ڪُومل ڪُنڍيون،
نَڪ پِرون لَب وَاهوا- پَر ڏَند آملهه جِيئَن آنمُل لڳا.

٤- حُسن واري ميڙ ۾ هو- هَر حَسينن کان حَسين،
پَار تُنهنجا جي مِليم- ڪُل پَارسي بِلڪل لڳا.

٥- خَال ڪِلندي پيا ڳلين- تَن ڪي ڏسي تِيس ڳَگَ ڳَڙا
آئون گُم آهيان انهن ۾- هِت هُلڻ پيا هُل لڳا.

٦- مُند گلابي مُند شَبابي- ٻَئي مُندون مِليون اچي،
جَام مِينا پَاڻ ۾- تَڏهن ڪَرڻ ڦُل ڦُل لڳا.

٧- چَوسري چوٽي تي چِٽُهه- اَعجاز کَهڙا گُل لڳا،
ڪِيوڙا ڪِيتڪ لڳا ڪِين- سوسنا سُنبل لڳا.

تلھ: تُنھنجي زُلفن جي وَر وَنگ، وَنگي اَڙٻنگ وِدا،
آڙٻنگ وِدا، جھلي جُنگ وِدا.

١- وَرڙا وَاسِينگَن وَارا پائي، ڏَاڍا ھَٺي تَن ڏَنگ، ڊَاھي ڊَس ڊِنگ وِدا.

٢- جا ڦِٽُون کاٽُون وَتي ويتين، مُرغِ دلين جا لنگھ، آھڙا تو وَنگ وِدا.

٣- اُکَنيون لائي عَاشقن کي، ڏيئي زَردا رَنگ، وِچان تو ڏنگ وِدا.

٤- شَاھ اَعجاز چَئي شُعلي تُنھنجي، پَوھي پَچائي پَتنگ، کانئي[1] کئين خَتنگ[2] وِدا.

تلھ: اِھي زُلف کِ نَانگ کُنڊيرا کَن الفيون چيرا چيرا،
رکن لحاظ نہ سانگو کَنھن جو آھن کِ بي پيرا.

١- نَانگ وَسيھر وَانگي آھن ويڙھا نَام کَنيرا،
ڏَنگ تنين جي سَان رَنگ قُريو تين زردا سَاوا نيرا.

٢- ھَر ھَر آھن تَن سَان وَري شَامل نين شَريرا،
فِتنا کڙا تين قَتل کَرا کَن سَاڙن خون سَريرا.

٣- ھُماجي رُوءِ زَمين جا فَاتح بَانکا بينظيرا،
وَرن وَانگوڙن سَان کَيائون اھڙا جُوان آسيرا.

٤- ننھن تي نچائي ڏس تہ چِڏيائون کئين کاپڙي کن چيرا،
تَن جي تَاب حُسن اَعجاز چَوي کوليا بِرھ بَھيرا[3].

---

(١) کانئي: ساڙي (٢) ختنگ بھادر، سورھيہ (٣) بھيرا: انبوھ، ميڙ

تلهه: دل نہ ڪلهي پئي دِيوانِي - آهڙا جلوا ڪِيم ڪَر،
زَرقا بَرقا ويس پائي - شُعلا پڙڪا ڪِيم ڪَر.

١- حُسن جي عاشق اگيان - بُت حُسن جو بنجي حَسين،
دام دڪبا ڪِيم ڪَر - ۽ نازِ عشوئ ڪِيم ڪَر.

٢- چَند چهري ڪان بہ چهري - تُنهن جي چهري جي چمڪ،
چوطرف ڪان چشمان چَشمي - چمڪي چمڪا ڪِيم ڪَر.

٣- جِيءَ پتنگن جا جلايا - تُنهنجي جهلڪن جا بجا،
روز شب اِيئين تہ رُخ جا - تُون تجلا ڪيم ڪَر.

٤- سَيڪو چئي مُون سان لڙيون - ۽ سَيڪو چئي مُونکي لگا،
تِير اڪيون آهڙيون ڏاري - هِيئن تہ حملا ڪِيم ڪَر.

٥- پئي نظر توتي تہ جهڙيون - پِي چڏيم مئي جون نديون،
هاڻ جيڪي پِيو چوان - مُون تي ڪا فتويٰ ڪِيم ڪَر.

٦- حُسن جا جي پارکو - تن حُسن تُنهنجو چوندِيو،
ڏاٿو آهين ڏاٿو دِلبر - ڪُجهہ بہ ڪُنڪا ڪِيم ڪَر.

٧- ڳالهہ هيءَ ڪانهي ڪرڻ جي - پر ڪرايو تو چڏين،
بيڪ صُورت جو بنائي - بِرهہ بَرپا ڪِيم ڪَر.

٨- پهرين ڪلمون عشق تي - سَيني ڪان آگ ۾ تو پريو،
عِشق وارن تي پوءِ سُڻنا - ڏاپ ڏرڪا ڪِيم ڪَر.

٩- ڏاڍو آڄ اعجاز چئي - دِلبر لگين تو دِيده زيب،
پاڻ ڪي آهڙو سجائي - هوشُ آغوا ڪِيم ڪَر.

ٿلهه: مُنهنجي دِل جي حَالت جي ڏسين، مُون ڪان دَم نه هڪ تُون جُدا رهين،
ڪَري بيوفائي ڪي تَرڪ، مُون سان بَاوَفا ٿي مِتبا رهين.

١- ڪَهڙي آلاجي گُڻ ڳِنيو، مُنهن جي دِل مَري تو لاءِ ٿيو،
پرين تُون ته بيپرواهه بڻيو، بيگناهُ تو بيوفا رهين.

٢- مُنهن جي آ دُعا تون وَفا سِڪين، تُون وَفا جي سُهڻي صِلا[1] سِڪين،
تُون صِلا جي عَجب آدا سِڪين، مَحبت ۾ ٿي بِي بَها رهين.

٣- لڳيُي عِشق شَل پَڃڻي شَرم، وَڃڻي هوش شَل وسرڻي ڌَرم،
مَن پوءِ اي مُنهنجا صَنم، مُنهن جي دَرد ڪان آشنا رهين.

٤- جيڪا عِشق ڪان دِل دُور هُوندي، سَڀ جاءِ سَا مَجبور هُوندي،
آڪثر اُها بي حُضور هُوندي، آهڙي دِل ڪان شَل مَاوَرا[2] رهين.

٥- مُنهنجي دِل جي چَاهه جو خِيال ڪَر، موڙي مُنهن نه تَنهنڪي پَائمال ڪَر،
نِگاهُن سان دِل ڪي نهال ڪَر، ايڏو سَخت ڇَا لاءِ تو مُون لاءِ رهين.

٦- تُنهنجي ڪَجل جي ڪَاڻي ءِ جو قَسم، تُنهنجي آڪ مَستاني ءِ جو قَسم،
تُنهن جي حُسن جَواني جو قَسم، مُونکي ڪُهندو تون ئي تو سَدا رهين.

٧- اَعجاز ڪي ته آدب به آ، ۽ عَجيب تُنهنجو عَجب به آ،
تو وَٽ پيار لاءِ قَلب به آ، ڪيئن تو پيار جي پوءِ سَوا رهين.

(١) صِلا: عيوض (٢) ماورا: آزاد، بري

تلهه: دِل هَٿ ۾ ڪَري مُنهن جي، پوءِ سُهڻا سَتائين ٿو،
ڪُجهه سوچ تي آيَ ظالم ڪِيئن سَاٿ نِيائين ٿو.

١- جيـــڏو جي زَوراوَر ٿُون- ايــڏو نـــ زَوراور ٿِي،
دُوريءَ جا ڏيئي ڏَڙڪا، دِل مُنهن جي ڏَڪائين ٿو.

٢- جو ڪَنهن جو هَميشه لاءِ، سَاٿي نـ بَنيو ڪَڏهين،
تَنهن حُسن جي بَانور تي، ڪيڏو ظُلم ڪَمائين ٿو.

٣- مُون جيڪي وَفا وَاريون، تو لاءِ وِڪون پَريون،
تَن مُنهن جي وِڪن تي ٿُون، ڇَو نَظر نـ پَائين ٿو.

٤- تُنهنجون تـ مَيارون سَڀ، هن سر ۽ اکين تي پَر،
تون ئي تـ بيگانو ٿي، بيگانو بنائين ٿو.

٥- هِن دِل ۾ تُنهن جي چَاهت، هِن دِل ۾ وَسين ٿُون ٿو،
هِيءَ دِل جي جَلائين ٿو، ڇَو خُود کي جَلائين ٿو.

٦- آعجاز سِتم تُنهنجا، سِر تي تـ سَهي وِيندو،
پَرشَان وَڪَان پَنهن جي، پَٽ ڪين پَتائين ٿو.

ٺلهه: دِل حُسن جي تير ڦٽي آ- ڦٽي هَر لحظي لُٽي آ.

١- هِڪ حُسن جون ظُلمي نِگاهون، نَٽ ناز ڳنڍ ۽ ڳاهون،
پِيو زُلف جي دَم دَم دام، صُبح ۽ شام گهائل دِل گهٽي آ.

٢- ڏِسي حُسن جون اُلبيلايون، تَعجب ۾ اکڙيون آيون،
تَڏهن هَر هَنڌ حُسن شَباب، مُنهن مَهتاب جَهلڪ دِل جَهٽي آ.

٣- لڳو تير حُسن جو ڪاري، اِنهي گهاء تہ دِل آزاري،
اُلٽو عِشق بہ آٽي يار، غَمن جا هَزار گولي هِٽ هٽي آ.

٤- جِتي حُسن جي فوج آچي ٿي، اُتي عُضحيٰ عيد بہ ٿِئي ٿي،
ڏاڍي شَوق شُغل شادمان، سان هَر مَيدان حُسن جَنگ ڳٽي آ.

٥- ڏِٺي جُنبش تير وَڪمان ڪي، لُٽيو حُسن آ هَر دوجَهان ڪي،
ٻُڌي هَر هَر آهڙا مِثال، اَعجازا ڪَمال نہ دِل تَہ بہ هٽي آ.

جنبش: حرڪت

تلهه: دل تہ پنهنجي ڳاٺ ڏٺيئي - دل وِئين مُنهن جي ڦري،
دِل بِنا دِلبر مِٺا جِند جان پئي مُنهن جي جهري.

١- هِک تہ ڏاڍين کاڻ تون ڏاڍو، سخت دِل سرڪش صفا،
بِيو تہ تُنهن جي حُسن جي پئي، تيغ سِر مُنهن جي ٽُري.

٢- هٿ ڏيئي هٿ ۾ مونکي، تو هٿ ڪيو هٿڙي هٿي،
آئون تہ ڦرجي ائين وينس، هاڻ ڇا هي چپ چُري.

٣- تُنهن جي ليکي عام ۾، تُنهن جي نگي ويندي لڪي،
پر پرين هيءَ ڳالهہ پلپل، اوڙي پاڙي پئي پُري.

٤- دانهن ۽ فرياد جي، فطرت نڪا فُرصت اٿم،
ڪير مُنهن جي پاران تو ڪان، دِل پلا مُنهن جي گُهري.

٥- هِيءَ مِٺان ڪا پُل هُجئي، وِسريل ناهين اعجاز کي،
سِک سڄڻ تُنهن جي آجان، سَچ ساهہ سان گڏ پئي سُري.

تلهه: ڪِٿان آٿيان اُها دِل جا، سڄوئي سُور بنجي پئي،
پريمي پِيار جو ساغر، بحر پرپور بنجي پئي.

١- صبر سِک سوز سان ثابت، سدائين ساهہ سِر واري،
سهي سِر مينهن مهٽن جا، مچي مسرور بنجي پئي.

٢- هُجي هردم حقي حاضر، آڏي ۽ ڪات جي وِچ ۾،
هزارين ٿي ڳيا ٽُڪرا، چِچرجي چُور بنجي پئي.

٣- پري گُهٽڪا غمن وارا، مُدامي موج محويت سان،
مولى جي مُلک ماٺهن ۾، مگن مخمور بنجي پئي.

٤- عجيبن جي اکين ۾ هيءَ، تڏهين اعجاز پوندي دل،
جڏهن ڪنهن تاب تجلي ڳان، سڙي ڪوهہ طُور بنجي پئي.

تيغ: تلوار

ٿلھ: هِيءَ دِل ڇري بيحد ڇَري، جيئن جَهل تہ تيئن ويتر ڇَري،
هِن جي آدا هِن جي صَدا، جڳ کـــان جُدا ظاهــر ڇَري.

١- هِن دِل ڇَريءَ جي حَق ۾ ٿيون، هت ڪَئين چُمِيگويون[1] هَلن،
ڪِي ٿــا چَون سَچ کــانَ ڇَري، ڪـي ٿـا چَون ڏُک پَر ڇَري.

٢- هِن تــي مِيــارون سـيـئـي ڪَن، مَحـــدود آهِن جي نَظر،
جيڪي وَسيعُ العين[2] آهـــن، تِن چَيـــو هِيءَ يَر ڇَري.

٣- يَومِ آزل کـــان مُنـقـطـع[3]، هن جا ڪَيـــائـون رَابــطـا،
هَر دوجهـــان جي تَعـلـقـن کَـــان، هِيءَ بَري بَرتَر ڇَري.

٤- هيءَ نہ ڪَنهن جي غم شَريڪ آ، ۽ نہ شَامل مَنجهہ خُوشي،
پَڪَي تہ بہ نِيائي چَا آلائي، سوچيو سَمجهيو ڇَر ڇَري.

٥- هِن کــان ٿَهن ڇِرکن ٿَا سَپ، شَايد تہ هن ئي خِيــال کــان،
هِن جي وَفـــائـــي سِرِ فدائـــي، آ سچَائـــي پـــر ڇَري.

٦- هِيءَ جَڏهـن تـي ڳَوڙهـا وَهـائـي، تــو تَڏهـن لَرزي سَمُونـڊ،
۽ جَڏهــن تــي تَڙپــي تَپــي، صَحَـــرا چَوي ٺَر ٺَر ڇَري.

٧- هِن جي وَحشت جو سَبب، آ ڪنهن نہ ڪَنهن جي سَنگدلي،
هَــيءَ آ صُمُ بکـم[4] مگـر، هِن جي جو آ هُونـــگـــر ڇَري.

٨- تَہ بہ پَئَي هَئـي تـن لاءِ سَنُـون، جن ڪـين سَڏ ۾ سَڏُ ڏُنس،
هِيءَ آڳ تہ هـئـي لِڪ ۾ ڇري، تــي هــاڻ پَڌريءَ پَر ڇَري.

٩- هِن جو خُدا ۽ نَاخُدا، هِن جي خُدائـــــي آ الــــڳ،
هِن کـــان ٿُون مَذهـب کـونہ پُڇ، جو هـيءَ تہ آهَر هَر ڇَري.

١٠- رِيءَ ڇَريائـي جي اَعجَازا، ڪٿ نہ سنئين وَائـي ڪَيئين،
گــــهـــــر ۾ ڇَري پَر ۾ ڇَري، آنـــدر ڇَري ٻاهَر ڇَري.

(١) چميگويون: چوپچو، گهٽيون ڳالهيون (٢) وسيعُ العين: ڪشادي نظر، وڏي نظر
(٣) منقطع: ختم، ڪٽيل (٤) صُمُ بکم: ٻوڙا گونگا

ٿلھ: جيء ۾ آيان جيئي پئي - محبوب سِڪ آوھان جي،
رِيھان اُٿان سُمھان ٿَہ بہ - ڇاتيء ۾ ڇِڪ آوھان جي.

۱- ڀيو ڪنھن جي ٿوھ ٿاري - سِڪڙي تڳي وَيچاري،
وَرھن ڳان آ اُڃاري - پَايوس پِڪ آوھان جي.

۲- ڪَڏھن تہ ڪُجھہ نھاريو - نيٽن ڪي نين ڏيڪاريو،
مُنھن تي نہ پَاند ڏاريو - مَاري ٿي لِڪ آوھان جي.

۳- وِيئو دِل ڳني جَڏھن ڪان - سِڪ سِر جي آ تَڏھن ڪان،
ھَلندي رَھي ڪَڏھن ڪان، ھِت ڳَالھہ ھِڪ آوھان جي.

۴- مُون سان ڳني ڳني آ - سُورن سَني سَني آ،
ويڄن ڏِني ڏِني آ - چِڪندي چِيٽڪ آوھان جي.

۵- جَن ڪي نَصيب ٿِيندي - تَن لاءِ ٿي عِيد ويندي،
ڏَيھن ڪي ريس ڏِيندي - يَر پيٽي پِڪ آوھان جي.

۶- اِئين آوھان جو ٿاني - پَانيان نہ زِندگاني،
جِيئن آھ جَڙيل جَاني - جِند جو ٽُڪ آوھان جي.

۷- دَولت دُنيا تہ ڇَاھي - تَڪ سَاھہ سر تي نَاھي،
اَعجاز وَٽ جو آھي - آھي مِلڪ آوھان جي.

ٿلهه: مُونکي مَست رَهڻو پئي ٿو، توڙي دِل مُنهنجي ڦٽيل آ،
ڪئين زَخمَ پِيا چِڪن پَر، هَر زَخم چَڻ چُنُل آ.

١- هِتي مَرهمن جي حَاجت، نَڪا ڪَنهن جي دَم دُعا جي
مُنَهن جي دَرد غَم جي صُورت، غَمِ عَام ڪان مَٿيل آ.

٢- هَئي دَم دِيوانگيءَ جو، دَانهيان آئون وَجي جي دَر دَر،
مَستانگي مُنهن جيءَ جو، پوءِ ته مَرتبو گهٽيل آ.

٣- جيڪي دَاغ ڦٽ هِجر جا، اهي وَصل ڇَهوريا ويتر،
تو فِراق ڀَانيان ڦَرحت، حُب مِلڻ ڪان هَٽيل آ.

٤- مُون سان حَال پُرسي گهڙي، مُنهنجي پَاس خاطري ڇو،
مُنهن جي شخصيت ٻه ڇَاهي، مُنهنجو ڳٽ ٻه ڇَا ڳنيل آ.

٥- ڪِل مڪ هُجڻ آعجاز ا، مُنهن جي طَبع ۾ آ شَامل،
ڪِٿي ڪَنهن سَان مُنهن ڳُهنجائڻ، اِهو لَڇڻ هِٽ لَٽيل آ.

ٿلهه: توسان دِل جي آئم تہ پريت صنم، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي،
مَن مُنهنجي جو بہ تہ تون مُحرم، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي.

١- تُنهنجي پُرس صُورت جو پُوڄاري آهيان، اِنهي ذَوق ۾ ٿيو تہ زُناري آهيان،
ديدار ئي تُنهنجو بَندگي آئم، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي.

٢- تُنهنجي نَاز و آدا تي نِثار آئون، تُنهنجي جور و جَفا تي بَهار آئون،
تُنهنجي سَنگ دِليءَ جو مُونکي قَسم، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي.

٣- مُون هجرِ فراق جا صدما سَٺا، مُون وَصل وِصال جا ڇَلوا ڏٺا،
مَعنيٰ خيز تَڏهن آ منهنجو نَظم، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي.

٤- جو مُنهنجو قَدم سو آ تُنهنجو قَدم، جو آ مُنهنجو دَم سو آ تنهنجو دَم،
هَر مُنهنجي گُمان سَان آهين بَهم، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي.

٥- مُنهنجي جان بہ تُون مُنهنجو جِيءُ بہ تُون، مُنهنجي شَعر و سُخن جو قِويءُ بہ تُون،
وَاللہ سَچو آ مُنهنجو وَهم، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي.

٦- نکي پَلُ تون پري نکي پَلُ مَان پَري، نَکي تُنهنجي سَري نَکي مُنهنجي سَري،
هِڪ ٻئي جي سَواءِ جَڏ آهيون عَدم، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي.

٧- هِن پَاڳل دِل جا پُور نہ پُڇ، جي سَلٽا ڳونهن سي سُور نہ پُڇ،
اَعجازؔ جو پوءِ ڇَا رَهندو ڀَرم، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي.

تلھ: ھِيءَ دِل ڳانھِ ڦرندي ڳانھ- توڙي لک ڏيو تہ بيان.

١- يار ڪيوسون يار يگانو- ياد ھوندو دِل جان.

٢- فَاذْكُرُونِيْ اَذْكُرْكُمْ- آڻ آيت تي اِيمان.

٣- مسجد ۾ جن مِٺيا ڦيريا- تن صحي نہ ڪيو سبحان.

٤- مُلن جا مسئلا مطلب وارا- مطلب جا مروان.

٥- مُوڙھيل مت جا ڪِين ٿا ڄاڻن- اعجاز عليؑ جو شان.

تلھ: اِنھي سُھٽل ڪي آھي دِل ڦرڻ جي مرضي،
دِيد ۾ وِيئو دِيد ھَئي، ڪين ڇڏيندو خود غرضي.

١- ڏھہ ڏھہ پيرا ڏينھن ۾، ڪئين ٿو ويس ڪري،
سِينڌ ڪڍي سُرمون وِجھي، درسني سامھون ڏري،
پھريو پوي ٿو ڪِيس ڪرڻ، ڪم اٽس اِھو فرضي.

٢- بِرھہ ٻچڻ لاءِ ھر ھر، ھيرا ڦيرا ڏي ٿو،
ڇو ھئون ڇنييو ٻئي آڪڙيون، ڇرڪ ۾ ڇيرا ڏي ٿو،
نِت نيون تجويزون سِٽي، ناز ڪري طرحين طِرزي.

٣- ڪوليو رُخ تي بيھي، کلتي زُلف خم خم،
مُرغِ دِلين مرڪيو، دام پايو ٿئي دم دم،
لاڪڻ جو اِھو لاڏ پسي، لئون لئون مُنھن جي لرزي.

٤- اعجاز چوي آئون ڄاھيان، آھڙي فسونگر اڳيان،
مَنڊ اِنھي جي محبت جو، ماٿو پانيو مَتان،
ڪوڙئين ڪوپا ڦلندس ڦُرب ڏيئي ڪيئين ڦرضي.

فسونگر: جادوگر، ساحر

ٿلهه: جَنهن دِلبر سَان دِل مُنهن جي لڳي، تَنهن سَڄڻ ڏني ڪيئي سَال ٿيم،
ساري ساري آنهي ڪي رَاتو ڏينهان، روئي روئي اکڙيون لاَل ٿيم.

۱- ڏسان آئون جڏهن تو آئينو ڪٿي، پَنهن جي پَاڻ سُڃاڻي نہ صُورت سگهان،
ڦري رُخ جو وَرق رَنگ رُوپ ويم، سِڪي هئي هَڙا حَال ٿيم.

۲- سَواءِ پياري پرينءَ پَرديسي جي، هت مَن پر پائڻ لاءِ هينئَر،
هِڪ نَام سَندس ٿيو وِرونهہ وِندرِ بِي وَات نہ ڪَائي مَقال ٿيم.

۳- اِهو ڇَاڻي ٿو جَنهن سَاڻ لڳي، نہ تہ دِل جي لڳيءَ ڪي ڇَاڻي نہ ڪو،
تَنهن کي ظَاهر ڪَرڻ بہ مَحال ٿيم، تَنهن کي مَخفي رکڻ بہ مَحال ٿيم.

۴- هِن جَرح جُدائيءَ وَاري لاءِ، اعجاز چئي ڏس ڪَنهن ڪَان پُڇان،
جيڪي دَرمان دَرمل دَارون ڪَيم سي تہ ويتر جِيءَ لاءِ جَنجال ٿيم.

ٿلهه: ڪَيوسُون دِل گُهريو دِيدار- وَٽيوسُون سُهٽي جو سِينگار،

۱- مُحب جو تَجلو طُور مِثل هو، مُنهن مَحفوظي مَنيادَار،

۲- آبرو تير، تَرار تِکيرا، ظَاهر زور کُهن ذُوالفقار،

۳- اکڙيون عَجيب جون ڪَيف ڪَجل سَان، آور عَجب اِسرار،

۴- زُلف اعجازا ذَر ذَر زِيادهہ، ٿي چَمڪيا چَهبڪ چَلتيدار،

جَرح: ڦَٽُ: زَخم

تلم: دِل چوٽ چَري ڪَئي چِشمن جي، آئون نہ سگهان سَاسَنيوري.

۱- ويـچن تـہ وَيـتـر وَهـلـور ڪَئـي آ، چَاڪ چَريءَ جا تـہ چوري.

۲- پيـار وَهـيـٽـيءَ ڪـي پيـار ڏئـي ڪـو، چَاهـي چتـاري چتـوري.

۳- چَار گَهـڙيـون چَار چشـمـي ڪَري ڪَنـهـن، زَخمـي ڪَيس ظُلـمـي زوري.

۴- جَن ڪَئـي دِيـوانـي تَن جي پَسـڻ لِئہ، پـيـر پَئـي پَر مَنجهـہ سـوري.

۵- اُها ڪيئن اَعجَاز اِتئي سَال سَئين دِل، جنهن ڪي هَر روز جهوري ڪا جهوري.

تلم: ڪَر وَيس وڳا مُون ڪي وَڻ وَڻ وَڻ- ڪَسي دِل تہ مُنهن جي اِئين ڪَڻ ڪَڻ ڪَڻ.

۱- تـوڪـي وَيـس هُجن تـہ وِصـالـي هُجن، مَن مُهـٽـا سُهـٽـا مِثـالـي هُجن،
لئہ دَار لَقـائـي لاَ اُبالـي هُجن، ڏسي چَپَي پوءِ ڏيئين مُنهنجو بَڻ بَڻ بَڻ.

۲- تَوتـي نَظـر پـوي دِل بَهـار تئـي، مُونـتـي طَاري وَجد ويـرو تَار تئـي،
تُنـهـنجو آهڙو سُهـٽـا سِينـگـار تئـي، لگين شَاهُ حُسـن جو چَڻ چَڻ چَڻ.

۳- چا چَوان تـہ سچي تـيـو چا آهين آچ، سِڪُون سَهسين سچڻ پيـو لاهين آچ،
ڪَنهن ثَمر پَڪل جيئن آهين آچ، آچي مُنهن جي جَهوليءَ ۾ چَڻ چَڻ چَڻ.

۴- هِيـئـن چَونـدس آئـون حِجاب بِنـان، مَهـڪـايـا چَمـن تـو نِقـاب بِنـان،
موتيو مُشڪ عَنبر گُلاب حِنا، تُنهن جي رُخ جي پَسيني جو ڪَڻ ڪَڻ ڪَڻ.

۵- مُنهن جي دِل جو آهين تُون ئـي ڏُٽيل، چِت چَاهہ سَان چَاهيل چُونڊ چُٽيل،
اَعجَاز ڪي ڪَونهي پِيـو ڪو وَٽيل، وَٽيـو تَنـهن ڪي وَريـو وَريو وَڻ وَڻ.

تلھ: لڳم دل کي لکن مان ھڪ- ڪيم سو منتخب سھڻو،
صنم صورت ۾ من مھڻو، عجب سھڻو غضب سھڻو.

۱- ھزارن ۾ ٻــــہ ھو پڌرو- تـــــ پارن ۾ ٻــــہ ھو پڌرو،
سونــھـارن ۾ ٻہ ھو پڌرو- سينـگـاريـل روز شب سھـڻـو.

۲- پنيا سرکي پيشاني ء پيا- حرم ڪعبو حيراني ۾ ٿيا،
تجلا رخ نھـانـيءَ ڪيـا- ڏنـم چھـرو الـيـپ سھـڻـو.

۳- نخلِ طوبيٰ ٻچائي قد- ڇڏيـو پنـھـنـجو لڄائي قد،
صنم منـھـنجو سوائي قد- صفـا ڇڻ ساڳو رب سھـڻـو.

۴- سچڻ آھـڙو شڪـيـل آھـي- متس ھر بت خجيـل آھـي،
ڏنس جنھن سو عليل آھي- بيمارن جو بہ طب سھڻو.

۵- پريں ء جو حسن جي ڏسنديـن- وڃائي حوصلو ونديـن،
صمٌّ بکمٌ ٿي اُت ڪسندين- اھو جاٽي ڪسب سھڻو.

۶- ڳندو جيڪو طلب جا شيء- اُنھي کي ٿي ملي سا شيء،
ملي جنھن سان نہ ٻي ڪا شيء- ڪيم آھڙو طلب سھڻو.

۷- چشمِ ڪلٽا ڪـٽـي ويـنـو- وٽـيـو اعجاز وٽي ويـنـو،
اندر دل کي ھٽي ويـنـو- نيـٽـن سـان نت نقب سھـڻـو.

نقب: ڏاڙ شگاف

تلھ: مَحبوب تو مَچايو، آچي مَام ۾ آسان ڪي،
دِل ڄَان سَان ڦاسايُئي، ِهن دَام ۾ آسان ڪي.

١- سَھجئون سَچِڻ سَڏائي، سَاغر صُراحي چَائي،
مَدھوش وِئين بَنائي، ِھڪ جَام ۾ آسان ڪي.

٢- وَنخن ۾ پَائي ويڙھو، نيٽن ڪان بَنجي نيڙو،
ڇِيءَ ۾ مَچائي جھيڙو، وِڌُئي گَام ۾ آسان ڪي.

٣- نَانگا ٿِياسون نِسري، نِت نَانھِ ڏانھن نِڪري،
وِيا وَرھيہ ڪيئي گُذري، مَاتام ۾ آسان ڪي.

٤- ڪَيڏا نہ تورا ڪَيا آئي، ڏَس ڪنھن پَلا ڏَسيا آئي،
ڏُک سُور موڪليا آئي، انعام ۾ آسان ڪي.

٥- اُلِتو تو عِشق لآيو، سَمجھڻ ۾ اِئين آيو،
ِھت آھي تو رَھايو، آنجام ۾ آسان ڪي.

٦- آعجاز چَئي چَا ھاٽي، ڇَاٽو ڪو رَاز ڇاٽي،
بيحد ڪَيو آٿئي آٽي، بَدعام ۾ آسان ڪي.

ٺلهہ: يَار جو تَصورّ ڪَندي، تَصوير وَئي دِل تي ٺَهي،
سَا سَدا سَامهون اکين جي، رَاهبر ٿي آ رَهي.

١- ٿو رَهان آئون رَات ڏينهان، مَحو تنهن جي حُسن ۾،
هِجر جي هَيهات حَشَري، مُونجهہ مَن تان وَئي لَهي.

٢- فَاذڪُرُوني ءَ جي فَهم سان، دل اکين مَعراج ڪيو،
حَال هَمذاتي کُليو آ، ويا ٻُڌي آمر وَنَهي.

٣- سُرخ سَاقي سُرخ سَاغر، سُرخ مِينا سُرخ مَئي،
سُرخرو ٿي تَنهن مَنجهان، سُرڪي پيتم سِڪ جي صَحي.

٤- آهي هي اعجاز سَبِ ڪم، عِشق حَضرت جو ڪَيل،
جو ڏِسڻ ڪان هو ڏُوراهون، سو ڏِٺم پَر ۾ پَهي.

ٺلهہ: دِل تي چَوي دِلبر تُنهنجو مرڪڻ ڇُمان - تُنهنجو مُرڪڻ ڇُمان ٻولڻ ٻهڪڻ ڇُمان.

١- رُخ ۽ رُخسار[1] تُنهنجا گُلابي رُوءِ تي - نيڻ مَستانا تنهنجا عُنابي[2] رُوءِ تي،
ڇُمي چِمڪڻ ٻنهي جو وري ڇهڻ ڇُمان.

٢- زُلف ڇوڙي تو تہ دِليون ڪَيون مَانڌڙيون - رَنگا رَنگي رُخ تي سي رَءِ رَءِ ڪَن رَانڌڙيون،
اهو اُلجهڻ انهن جو ۽ سُلجهڻ ڇُمان.

٣- عاشق اَلمست[3] جي منهن ڏي يَلغار[4] ڪي - ڪولي ڍڪ نقاب ۾ نہ ابرو تلوار ڪي،
سيني سِر سا سٽڪاءِ تہ سٽڪڻ ڇُمان.

٤- اعجاز جو آهين سُهٽا چين تون آرام تُون - پري پيارا پيار سان ڏي وصل جو جام تون.
تنهن جي هٿ واري جام جو ڇُلڪڻ ڇُمان.

---

(١) رخسار: ڳل (٢) عنابي: عناب هيءُ ڳاڙهو ٻير جيڏو ٿئي ٿو، ان سان تشبيهہ (ڳاڙهي رنگ جهڙو)
(٣) المست: مدهوش، محو (٤) يلغار: ڪاهہ ڪرڻ

ٿلهه: مُونکي تو وَٽان پِيو سَڀ مِليو- مِليو نہ هڪ دِل جو قرار،
اِن دَرد غَم سَوداءَ ۾- رُئـنـدو رَهـيـس آئـون زَار و زَار.

١- شَمـلا شَهـنـشـاهـي مِـلـيـا- اَلقـاب بَرِ الاهـي مِـلـيـا،
وَهـوا وَارا بہ وَاهـي مِـلـيـا- پَر ڪونہ مِلـيـو غَمـگـسـار.

٢- ڪَئين طَعام تَازا تَر بَتـر- ڪَئين سَبز مـيـوا سَر بَسر،
ڪَئين پَٽ پَٽيهر زَر زيور- سيجون پَلنگ تَڪيا هَزار.

٣- مِٺـا ۽ طَعنا ڏُک ڏنئي- تِن سان دُنـيائي سُک ڏِنئي،
سُهڻا سَلوٽا مَڪ ڏنئي- ڏِنئي نہ اهو پَهريون پيار.

٤- حَاضـر مَـنـبَل مَـئـيـخان آ- سَاز و سُرود سَامـان آ،
اَفــسـوس هـي اَرمـان آ- نَاهـي فَقـط دِلـدار يَار.

٥- اَعـجاز چَئي جَاهـل هُـئُس، نَاسـمـجهہ نَاقـابـل هُـئُس،
تُنهنجو مگر گهائل هُـئُس، ذَاتي صِفاتي جَهاتي سَنيار.

ٿلهه: توکي اَٿم دِل ڏني ڏِني اِظهار ٿي- سَارو سَڄڻ هي لوڪ سِڪائي.

١- سُـنـگ سَـنـگـت ۽ سَاٿ تُـنـهـنـجو، وَٺُم پيـرن کـان پِني پِنيِ- اِظـهـار ٿي.

٢- لَگ لاڳاپا لِحــاظ لَڙا سَڀ، ڇَڏيم تـو لاءِ ڇِنـي ڇِنـي- اِظـهــار ٿـي.

٣- رَمزون پَنهنجون پَاڻ تا ڄَاڻون، ٻول ٻُڌاسـون ٻِنهي ٻِنهي- اِظهار ٿي.

٤- وَقت مِلڻ جي مُنهن جي مَنهين، ٻُوند ٻَهار جي پِني پِني- اِظهار ٿي.

٥- وَصل تُنهن جي مان سُهٽل سَائين، دل آ اَعجاز جي وَني وَني- اِظهار ٿي.

وَني وَني: رڱي رڱي، ڪنوار

تلھ: دِل مَن پُڇي جي نينھن لآيان ھا تہ ھو چگو،
پَرديسيءَ سان نہ پيچ پَايان ھا تہ ھو چگو.

١- پَنھنجو تي جَنھنکي چاتم، سو تان پَرايو ھو،
ان بيوفا سان پيار کَرڻ ئي آجايو ھو،
پَنھنجو نہ آئون تنھنکي، پَانيان ھا تہ ھو چگو.

٢- گُذري تو وقت کيئن سو، بُڌايان ڇا آئون چئي،
پَڇتايان ھاڻ پيو مان، خَبر ڪانہ اڳ پئي،
سِر برھہ جو نہ بارِ چايان ھا تہ ھو چگو.

٣- ھي آھون دانھون ۽ ھي، حَشر آھي ھَر گھڙي،
ھِن زندگيءَ جي ساٿيءَ، سَواءِ تي زِندگي ڪَڙي،
ھَڙي جيئڻ کان زَھر کايان ھا تہ ھو چگو.

٤- دِلبر ويو تہ دِل بہ وئي، ڪَنھنکي چَوان وَڃي،
مُون ڏي مِڙئي مَيار، مُون آھي خَطا مَڃي،
سَمجھي جي دِل جو سودو، ڏايان ھا تہ ھو چگو.

٥- اَعجاز ڪيڏو عشق ۾، ڏس آئون عَليل تيس،
ڪولي آندر جو راز، خوار و ذَليل تيس،
گُجھہ ھي گھيلو تي، نَہ گَايان ھا تہ ھو چگو.

ٿلهه: مُنهن جي دِل جو آهي دارون مٿا تُنهن جي دِيد تنهنجو ديدار ڙو،
پَنهن جي نام لڳ مُون سان لاَيو اَڄ پَنهن جي نَين جو تہ نظار ڙو.

١- مُون ڏي ڪَنهن بہ طَور نهار پيو مُنهن جي جُنون ڪي تون چِيار پيو،
جيڪو ناز ڏارين سو ڏار پيو، آهي ناز هَر تنهنجو پيار ڙو.

٢- سَواءِ تو آمُونکي پَوا نہ پِي، پَانيان آئون پَوا بہ رَوا نہ پِي،
مُون لاءِ سوچ لوچ دَوا نہ پِي، آهيان بِرهہ جو آئون بيمار ڙو.

٣- مُنهنجو تُون سَڄڻ مُنهنجو تُون صَنم، مُنهنجو پِير مُغان تون مُحترم،
مُونکي گهرجي دِلبر دَم بدَم، تُنهن جي سُونهن صُورت جو سَهارڙو.

٤- توکي آئون ڏسيو تو خُمار جان، رِيءِ بَهار جي تو بَهار جان،
تُنهن جي مَوهہ ۾ تو مَلهار جان، پَايو پيچ تو سان نيار ڙو.

٥- تُنهن جي حُسن تي تي نَظر پوي، تي ذات ۾ صفت جي خَبر پوي،
دَردن غَمن ۾ تي ڪَر پوي، تو آڙهہ بہ ٿئي گلزار ڙو.

٦- اَعجاز چئي اهو قُرب ڪَر، مِلي مون سان مُنهن جو تي عُمر پَر،
مُدت ڪان آهيان آئون مُنتظر، اَڄ ڪَر تون هي اِقرار ڙو.

ٿلهه: دِل سان دِلبر دِل ملي، اُلڪو جُدائيءَ جو لٿو،
هِڪ حَال ٿيو هِڪ خيال ٿيو، حَق هيڪڙائيءَ جو لٿو.

١- پيچ پَاتاسُون پَڪا، پَڪ پيار پَنهنجو ويو وَڌي،
ڏک ڏُنجهو ۾ گُنڪتو هن ڪَر ڪيتائيءَ جو لٿو.

٢- سُور غَم هڪ پئي سَندا، سِر تي ڪَنياسون سَٽ بُڌي،
پَاڻ تَان اِلزام پيارا، بيوفائيءَ جو لٿو.

٣- بُود ٿيو نَابود بلڪل، بيخوديءَ ۾ ٿا رَهون،
پَنهن جي دامن تَان ٽِڪو، اَڄ خود نُمائيءَ جو لٿو.

٤- دَم بَدم اَعجاز چئي، جَاني آهيون گڏ جَابجا،
تہ بہ نہ هن جڳ ڪي شُبهہ پَنهن جي جُدائيءَ جو لٿو.

تلھ: پيار ڪَيوسون پيارل توسان، پُلجي دِل جي ٿارڻ لاءِ،
پَر توڪان اِهائي يَار پُني، جو ٻَاريُئي دِل ڪي ٻَارڻ لاءِ.

۱- وَاعدا وَرتئي قَسم ڳَنايئي، قَولين پولين بَردو بَنايئي،
هَتَ نہ آسان ريء پيو ڪو آيئي، عِشق جي ڳَهاتَ اُتارڻ لاءِ.

۲- آسان تي سَمجهيو توڪي عَجب تر، نڪري پئين پر تون ستمگر[1]،
دَانهن اِها ڏيون هَاٿي ڪَهڙي دَر، سُهٽو بَنئين ڪَهڙي ڪَارڻ لاءِ.

۳- خَطا آسان ڪان تي بہ اها جو، سُوال ڪيوسون توڪي وَفا جو،
وَفا ڇَڏي ڪَيئي وَس جَفا جو، پَنهن جي ڏاڍِ ڏيڪارڻ لاءِ.

۴- جُوين حُسن جَواني جَاني، مُند اِها مَستاني جَاني،
سُڌ بُڌ ڪان آنجاني جَاني، پَتَلُ نہ آغم ٽَارڻ لاءِ.

۵- سَهوَ[2] بہ ناهي ڏوهہ بہ نَاهي، ويسر پولو آپوجهڻ آهي،
سِينو آپوجهن سان جو سَاهي، چِڱي چَا تنهنڪي مَيارڻ لاءِ.

۶- غَير لاءِ سِينو سَخت ئي ڪونهي، چَڱبو آسان سان رَبط[3] ئي ڪونهي،
پِرت جو آڄ ڪَلهہ وَقت ئي ڪونهي، اَعجاز پُليو پِرت پَارڻ لاءِ.

---

(۱) سِتمگر: پٿر دل، ظلم ڪندڙ (۲) سَهوَ: پُل (۳) رَبط: واسطو

تلهہ: دِل پُـراڻي پـرت گـاري، دِل مَنايان پَر نہ مِيان،
نِينهن ڪَنهن صُورت نئَين جو، يَار لايان پَر نہ مِيان.

١- هڪ يَا ٻـن تـن چئَـن جي، حَاجت هُجي هَا تـہ بـہ چڱو،
هِت تـہ وِيـا هِي سَڀ آچا تِي، ڪـيس لايـان پَر نـہ مِيـان.

٢- جَان ۾ دِل ۾ جگـر ۾، چِنـد سَجيءَ ڪـي جَا لـڳي،
بِرهـہ وَاري بَاهـہ سَا هَئَـي هَئَـي اُجهـايـان پَر نـہ مِيـان.

٣- مُنهن مَٿو جَنهن جو نہ مُورهئُون، چيهہ چيڙو مُون ڏٺو،
ڳَالهہ تَنهن ڳُجهڙيءَ ڪي آئون، ڳچ ڪي ڳَايان پَر نہ مِيان.

٤- نئَينءَ صُورت ڪي آهہ اڄ ڳَلهہ، نئَين صُورت جي نِت تَلاش،
هِي پوءِ سِيڪنڊ هَڪَنڊ صُورت ڪِيئَن وَٽايان پَر نہ مِيان.

٥- مُنهن لَڪيـرون سِيـرون سِيـرون، لَحمِ لِيـڙون چَمر چِهَـٽ،
جوت جويـن جَر جوانـيءَ، جو جوڙايـان پَر نـہ مِيـان.

٦- سَڀ پُراڻـو سَاٺـو گاٺـو، پليـچ پُرزو آ سَنـدم،
ڏَسُ ڪَاپـاڙيءَ جو مِليـم سـو، ڳَس پُڇايان پَر نـہ مِيـان.

٧- جي ڏکـي اِسـتـاتِ تِيـان تـہ بـہ، سُپـر هاءِ وي مَاٽيـان،
ڪئَين سَڏون آهـن اي خَاڪي، سَڏ ڪَا لاهيان پَر نہ مِيان.

نوٽ: هي ڪلام سائين اعجاز جو تاهيل آهي. نالي واري مصرع ۾ استاد محمد صابن ”خاڪي“ جو نالو ڏيئي سندن همت افزائي ڪرڻ فرمائي اٿن.

ٿلهه: قَلب مُنهنجي کي قَريبا، ڇو ڪَپي ڪوري وِڌئي،
چَاڪ ويتَر مُون چَري ۽ جا، چُر ڪري چَوري وِڌئي.

١- ڪِين ٿو ڇَاٿين طَبيبا، مَاٺ ڪَر مُونکي مَرچون
نِينهن جي نَاسور کي، نَاحق وَري جهوري وِڌئي.

٢- جن ڏُکن جي ڏور ڪان، مُنهنجا ڏُکيا ٿي ڏوهه مِيان،
تِن ڏُکن جي ڏور آخر، ڏاهه سان ڏوري وِڌئي.

٣- تو مُون کَيون ٿي مَام ۾، مَحبات وَاريون ٻَاتڙيون،
سي لِڪائِي ڪين مُورهن، عَام سان آوري وِڌئي.

٤- آهي ڇُڪ تُنهنجي اَعجازا، آهون دانهون ڪِيم ڪَر،
جِيئن ڏٺو هوءِ يار تيئن، گهر سر نَٽي گهوري وِڌئي.

ٿلهه: دِل ڪان پَاسي نَاهيان مَان- دِل ۾ ڳَول ته آهيان مَان.

١- دِل سان مِلنديون مِلنداسون- مِلڻ نه دِل ري ۽ چَاهيان مَان.

٢- هِي شَعر نه آ حَقيقت آ- نَاهه نَٽو ڪو نَاهيان مَان.

٣- جيڏهن ڳَاهيان تيڏهن ٿو- دِل جي رَستي ڳَاهيان مَان.

٤- جَنهن ڏي رکان ته ٽوڙِ نيايان- هڪ لحظو سِڪ نه لاهيان مَان.

٥- جوڳُجهه ڇَاٺان دِل ڪان ڇَاٺان- سِينو نه ڳنهن سان سَاهيان مَان.

٦- دِل جو پيياسي دِل جو وَاسي- دِلجو سَاسي آهيان مَان.

٧- جي پيار ڏِينديون ته وَٺنديون پيار- هَاڻ تُون سوچ ته چَاهيان مَان.

٨- مُنهنجون مَوجون ڇَا ڏسنديون- ويرون عِشق جون وَاهيان مَان.

٩- پِيا سَڀ ڏاهيان ڪَعبه مگر- دِل جو ڪَعبو نه ڏاهيان مَان.

١٠- آڪين جي به ته دِل سَان اَعجازا- رَاند رَهان ۽ رَاهيان مَان.

تلمه: آي دِل گُهريا دِلبر مُنهنجا، آهن عَجب آرا تُنهنجا،
تَعريف جي لائق ڏِنم لک لاڏ ڪَئين لاَرا تُنهنجا.

١- چَقمق چِشم چَهرو غَضب، پِنبٽين جو تت پَهرو غَضب،
آهن وَري قهرو غضب، ڪَاڪُل ڪُنيدا ڪَارا تُنهنجا.

٢- اي حُسن جا تابُوتڙا، خُوبين سان سَنوريل خُوبڙا،
مُون تي تيا مَحبوبڙا، مَاٺا اِهي مَارا تُنهنجا.

٣- مِرگهن[١] ۾ تنهنجي ڳالهه آ، هنڌوَن[٢] ۾ حيرت حال آ،
ڪُونجن ڪي سِڪ اڄ ڪالهه آ، ڪَبڪُن[٣] تَڪِيا چَارا تُنهنجا.

٤- مُرڪي نَظر مُون ڏي تون ڪَن، ۽ ڪَامِلن جي ميچ هَڻُ،
چَاهيان ٿو آئون چپڙا چُمڻ، مِٺڙا مِٺين وَارا تُنهنجا.

٥- اَعجاز چَئي توسان وَري، مَتَ ڪِيئن ٿِيندا بُت مَرمَري،
توکي ڏِسي جيڪا پَري، بيشڪ هُئي نَعرا تُنهنجا.

(١) مرگهن: هرڻ (٢) هنڌون: ميهن وساڙا (٣) ڪَبڪ: تتر، چَڪور

ٺلھ: سَنگ دل کي دِل ڏنيَم ھي ڇا ڪيَم- پيار پٿر کان پِنيَم ھي ڇا ڪيَم.

١- سِڪ ڀَري جَنھن دِل سُڃاتي ڪانہ ڪا- ڇا نہ ڇا تنھن لاءِ ڪيَم ھي ڇا ڪيَم.

٢- جو صَنَم خَاني فَقط سُونھي صَنَم- تَنھن ڪي جَانِ مَن ڇَيَم ھي ڇا ڪَيم.

٣- مُنھنجي ليکي مُنھنجو آھين تُون مگر- پاڻ کي دوکو ڏنَم ھي ڇا ڪَيم.

٤- مُلحظو ظاھر جي روئڻ کان ڪَيم- ڇَو نہ ماٺھن جيئن رُنَم ھي ڇا ڪَيم.

٥- بيوفا جي بيوفائيءَ کي ڏسي- صَبر جو روزو ڀڳم ھي ڇا ڪَيم.

٦- جي نِجانا پيدا ھئا ناتا عَجب- سي ڇِنم ڪنھن لاءِ ڇِنم ھي ڇا ڪَيم.

٧- رَشڪ ٿي بس رَشڪ ۾ جَلندو وَتان- دَم مِجازي جو ھَنيم ھي ڇا ڪَيم.

٨- آڄ تَنّھن ھَرھڪ تَمنا تَڙپي پَئي- جو مُقدر کي تَڪيم ھي ڇا ڪَيم.

٩- عِشق جي ۽ حُسن جي آعجاز ڇَئي- عُمر ڀَر عِزت رَکيہ ھي ڇا ڪَيم.

تلھ: دِل وَاڻ ويندي تَو جَهتي، وَھ دِلبر تُنھنجي جَهاتي،
هيءَ هَاڻ نہ وسري گَهتي، وَھ دِلبر تُنھنجي جَهاتي.

١- عَجب اِھو آ ڪيئن آچانڪ، اڪيون اڪين سَان آڙيون،
آڙيون تہ آڙيون اهڙيون تي، جو جَان جِگر ۾ جَڙيون،
لئون تو سان لڳي لڄ لٿي، وَھ دِلبر تُنھنجي جَهاتي.

٢- تَڪي ديد دُنالي شَايد، پوءِ دَري تو ڪولي،
دَريءَ ڪُلڻ سان عَاشق هِن لاءِ، حَال تہ تي وَئي هولي،
رَنگ خُوب لڳو اڪ پَٽي، وَھ دِلبر تُنھنجي جَهاتي.

٣- دُنيا تي ڳولي دَولت ڪي، تُون تو ڳولين دِل وارا،
پِيار سَچي ۾ ڪُوڙي جي، پَرک پئي آج پيارا،
دِل مُنهن جي ڪَيئي ڪَسوٽي، وَھ دِلبر تُنھنجي جَهاتي.

٤- صُورت پِياري پيارا تُنھن جي، نَظر نِيائڻ وَاري،
لَک لَک وَاري تو تان صَدقي، جَاني چِند هيءَ سَاري،
تو حُسن ۾ بَازي گَٽي، وَھ دِلبر تُنھنجي جَهاتي.

٥- اڪيون تُنھنجون قَهر اهِيئي، وَري شوق ڪَجل فَرمائئي،
اَعجاز جي موهڻ لاءِ اهو، ڏاڍو ڍَنگ بَنائيي،
هِت ڪَيڏي پَٽيسُون هَٽي، وَھ دِلبر تُنھنجي جَهاتي.

ٿلهه: دل گهرئي دِلدار جو- دِيدار ڏيو اَچ اوچتو،
نَاز پَريو نَاز مَان- نِروار ڏيو اَچ اوچتو.

١- سک وِچان پَردو ڪَنيو- نَازڪ بَدن آيو نظر،
آمهون سامهون اک اَڙي- اِقرار ڏيو اَچ اوچتو.

٢- حُسن تَابش سان نرمل- نينهن جون نَوڪون سَچي،
عَاشقن آڏو اَچي- اِظهار ڏيو اَچ اوچتو.

٣- جيئن جَهٽي تو بَاز جهرڪي- تيئن جَهٽي ويو مُحب دِل،
هي ۽ تهر مون سان آهي- يَار ڏيو اَچ اوچتو.

٤- جَان پَري جَاني قدم- مُرڪي هَليو تَان مُون ڏٺو،
طُور جي تَجلي مِثل- چَمڪار ڏيو اَچ اوچتو.

٥- تير پَالي جي بَجاءِ- اَچ گهور گهنڊ سان گڏوَري،
سيف آبروءَ جو سَندم- سِروار ڏيو اَچ اوچتو.

٦- دل وَٺي ۽ دِل ڏيئي هيئن- دلربا دلبر چَيو،
وَاهه جو اَعجاز هي- وَاپار ڏيو اَچ اوچتو.

ٿلهه: دم دم توکي ياد ڪيو دل- واٽون تنهنجون واجهائي.

١- آهي سچو تنهنجو عشق اويڙو- پَريي نه مونکان اٿس مونسان جهيڙو،
ڪير تنهن کي پرچائي.

٢- ڪيئن آ الائجي توسان اڙي دل- جادوءَ کهڙي سان تو آجڙي دل،
ڏسڻ نه ڏئي ڪنهن ڏي پائي.

٣- پيار ڏئي وئين دل منهنجي کاري- صحبت تنهنجي سارَيو ساري،
پر ٻڌ تو لاءِ فالون پائي.

٤- دل کي اَعجاز ڇٽي گهڻون سمجهاير- ياد تنهنجيءَ کان روکي رهاير،
تہ بہ چاهه نٿي تونان چائي.

تلهه: ملايو ساز ڇَڏيو ڪِل ڪِل - مَچايو مَحبت جي مَحفل.

١- ڪُلفت مان ڪُجهه ڪِين ڪمائبو، ناتو نيائبو رَس نه ڦنائبو،
فَيض رَبوبي تَنهن پرائبو، جَنهن ٿبو بسمل.

٢- نئِرت نياز سَچائي ڌاريو، وَهم پيائيءَ وارا وساريو،
حَق جو نَعرو هَر هَر مَاريو، ڪُوڙ جا ٿيو قاتل.

٣- پيرِ مُغان جي پرت ۾ پَچجي، چڙهي نِظاري نينهن جي نَچجي،
عِشق واريءَ آڌيءَ تي آچجي، سِڪڙي رکي مُڪمل.

٤- ڪير ملون آ ڪير مَوالي، ڪير صوفي آ ڪير ڪلالي،
سَيڪو آهڪ درجو سوالي، پَر پنهنجيءَ ۾ پَلپل.

٥- لَوڪ ڪَري پَلي تُوڪون رَوڪون، پَر نه ڦنائبيون پيارجون جَهوڪون،
جِيءَ جِيءَ ڪَري ڏبيون جڳ سان جَوڳون، اعجاز ڇَوي تَهدل.

تلهه: مَحبت آوکر آهڙو، سَوداڻيندين ڪمائيندين،
هِيئَين سان جي مَحبت ڪي، هَنداڻيندين ڪمائيندين.

١- مَحبت ۾ سَچائي جو وَفائي جو وچن وَنندئي،
وَچن ڏئي سو وَچن پَاري پُڄائيندين ڪمائيندين.

٢- مَحبت ريءَ وکر پيا سَڀ، وَجن آخر پُراڻا ٿيو،
مَحبت آ فقط نِت نئين، وِهائيندين ڪمائيندين.

٣- ڏَڃائُون ڏَن خَزانا ڪيَين، لُٽائيندين ويندا لُٽجي،
مَحبت جِيئن لُٽائيندي وَڌائيندين ڪمائيندين.

٤- مَحبت ڪي حڪايت چئي، حَقيقت ڪان نه غافل ٿي،
سَچيءَ دِل سان مَحبت گرچ لائيندين ڪمائيندين.

٥- مَحبت ٿيو وَڃي اعجاز مَحبت ڪئي نه ويندي آ،
مَحبت چيز نَاياب آ، جي پَائيندين ڪمائيندين.

تلھ: آھي مَحبت چِيز عَجيب۔ پَر ڪَنھن ڪَنھن تئي تي نَصيب.

۱- مَحبت غَرض عَرض ڪان آجي، مَحبت قَرض فَرض ڪان آجي،
مَحبت دَرد مَرض ڪان آجي، آ مَحبت پاڻ طَبيب.

۲- مَحبت اَنبيائن ميراث، مَحبت اوليائن ميراث،
مَحبت غُربائن ميراث، مَحبت مُربن جي تَرغيب.

۳- مَحبت ۾ سپ ڪاڄ تين تا، مَحبت ۾ ڏَڄ ڏاڄ تين تا،
مَحبت ۾ مَعراج تين تا، مَحبت جي آھَنج حَبيب.

۴- مَحبت غَير رِيائيءَ ڪان پاڪ، مَحبت بي حَيائيءَ ڪان پاڪ،
مَحبت روڳ رِيائيءَ ڪان پاڪ، خَفا مَحبت ڪان چو خَطيب.

۵- مَحبت ۾ ڪو جِھيڙو نہ جَنگ، مَحبت ۾ ڪو ضِد نہ زَنگ،
مَحبت ۾ ڪو ڪَنھن ڪان نہ تَنگ، مَحبت وُسعت ۾ بي حَسيب.

٦- مَحبت ھيري تيري نہ چاٿي، مَحبت تيري ميري نہ چاٿي،
مَحبت وير ءِ ويري نہ چاٿي، مَحبت جي نہ نَظر رَقيب.

۷- مَحبت سوئي آھہ ثَمر، سُرو اڏوھي نہ جَنھن ڪي گُھنگھر،
ذات مَحبت جي آ اَمر، توڙي چاڙھيوس نيئي صَليب.

۸- مَحبت چئوس جي اُلفت چئوس، اُنس چئوس جي چاھت چئوس،
پِرت پِريت جي پاھت چئوس، چئوس اَعجازا چئوس وَري ب۔.

تلھ: مَحبت ۾ جيڪي مُيون مُيون - سي ٻئي جڳ جِيئنديون،
ٻئي جڳ جِيئنديون پَنڙا پيئنديون.

١- هَوت جي هَردم حُضور ۾ - جَيڪي هُونديون ۽ هُيون.

٢- سِڪ سَان ثَابت سِريون جن جون - سُوريءَ تي توسُيون.

٣- پَنهنجي آندر مان پَاڻ کي لوڏي - دُور ڪَيون جن دُيون.

٤- آچي آعجازؔ تَرارين وِچ ۾ - تَڪبيرون چِن چَيُون.

تلهہ: اک ۾ ڳاني عِشق جي ڳَر، پَاڻ سَينگارڻ ڳان پوءِ،
دَرسَني دِل وَاري ڏِس ڏُون، ديد دِل ڏارڻ ڳان پوءِ.

۱- ڳنهن به عَاشق ڳانه ڳَئي آ، ڳَڏهن آزادي قبول،
زُلف جي ڳاري ڪَمند بَند ۾، ڳهڙي ڳهارڻ ڳان پوءِ.

۲- نَاز بَرداريءَ ۾ آهي، قيس مَجنِي جو ڪَمال،
بَاغ تي بَرسِر بَهاريو، بَر ۾ بِيهارڻ ڳان پوءِ.

۳- دِل پَسند ڪو هڪ ڏُٺي، دِلبر پَلي پَنهنجو بَناءِ،
ڪَرنه تَنهن جِي ڪَا شِڪايت، تَنهن جي آزارڻ ڳان پوءِ.

۴- سُو بَسُو سَنسار سَپ، تُنهنجو ڪَندا سَر سَر سَلام،
واعدي قَالُوا بَلَيٰ تي سَاهه سِر وَارڻ ڳان پوءِ.

۵- مَعرفت واري ڦَاماڻن، مَوج مَت عَارف عُشاق،
مُوتُوا قبلل آنتَ مُوتُو، پَر انهيءَ پَارڻ ڳان پوءِ.

۶- پَاڻ سِينگارڻ سَنوارڻ، مَرڪ مُشتاقن جو نَاهه،
سُونهي سُهڻن ڪي سَجاوٽ، سَابه سِڪ ڏارڻ ڳان پوءِ.

۷- مُنهنجي خَطا سَهو غَلطي، ڳَابه سَاقي ڪِيم ليڪ،
پَنهنجي پِڪ پِيالي ۾ پَائي، پِيالي تَنهن پيارڻ ڳان پوءِ.

۸- بَارُ آ آزار آ، بَيڪَارُ آ اعجاز هَاڻ،
جَان جِند جي ڳَنڍ ۾ ڳَٽيتي جَان جِند ڳارڻ ڳان پوءِ.

تلھ: آسين ڀَار سَڄڻ جي اکڙين لاءِ، آهيون ڪيل تَماشو ڏَري ڏَري،
ڀَريو ڏُناليون ڊِيدن وَاريون، ڇڪي ٿو مَاشو [1] ڏَري ڏَري.

١- شَوقُ سَڄڻ جو شَاهہ شَاهاٺو- حُسن جو هَٽ ۾ مُلڪ ۾ مَاٺو،
بِرهہ وَارن لاءِ وَتي بيرَاٺو [2]- بَڇي ٿو بَاشو [3] ڏَري ڏَري.

٢- ڪُوپا ڪُونٽر تَڪي تَاڙي- بَانڪا بَهادر وَنگي وَاڙي،
سُوريءَ چَاڙهي گهاٽي چَاڙهي- رَت تَلاشو ڏَري ڏَري.

٣- ڪَڏهن قَهر جو ڪَجل اکين ۾- ڪَڏهن سحر جو ڪَنول اکين ۾،
ڪَڏهن مَهر جو مَشعل اکين ۾- خُوب ۾ خَاشو ڏَري ڏَري.

٤- بِرهہ جون بَاهيون لاڳڻ لاَيرن- واءِ آعجاز ٿيون وِلِيُون [4] وَايون،
جَان جِسم کان جُدا ٿا ڀَانيون- بُت ٿيو لاشو ڏَري ڏَري.

تلھ: تُنهنجي اکين جا تيرَ، نيٺ چڙهي ڀِيا جَاني جگر ۾.

١- وَهوا نَازڪ تُنهنجو نهارڻ، مُرڪي اُمالڪ گزڙو مَارڻ،
سيگهہ ڪَري وِجهہ سِيرَ، ٿِٿڪي لُڇي پِيو سَاسِي ڀَڌر ۾.

٢- نَالي خُدا جي يَار پِيارا، ٿِئي ڦُري دِل ڪَر نہ ڪِنارا،
سُرت آتم نہ سُڌير، پَريشان آهيان فِراقِ فڪر ۾.

٣- سُرمون پَائي سُهٽين اکين ۾، ڪَئين تہ ڪُنا تو گُهمندي گَهٽين ۾،
پَنڊت پير فَقير، دِلگير ڪَيا اٿئي سَاري دَهر ۾.

٤- آعجاز چَوي پَرديسي آهيون، هتي هَميشہ رَهڻ وَارا نَاهيون،
اوچتو ٿيا سُون آسير، سَختي نہ ڏِي سُهٽا ايڏِي سَفر ۾.

---

(١) ماشو: بندوق جو گهوڙو (٢) بيراٺو: شڪار جي تلاش ۾ حملو ڪرڻ
(٣) بَاشو: باز (٤) وِلِيُون: جُنوني، ديوانگي

تلھ: ٽَنھن جي مَست اکين تي مُلڪ ڇَڪن- ڇاتن جي اڳيان آهو نين لڳن.

١- مُلڪان مُلڪ تنهنجي اکڙين جا مُتل، ڪئين عاشق کُوپا کُونڌ کُتل،
مَاٿهو تہ مَاٿهو پَر مُحب مِتل، جي پهاڙ پَسن تہ پَاڻي ٿي پَون.

٢- آفغان عَمان ايران چوان، خَرطُوم خَتن خَاڪان چَوان،
هِندُ پَاڪ پشن پَرستان چَوان، يُونان چَوان يَثرب ڪي يَمن.

٣- مَديَريون اکيون مَتواليون اِهي، آئئي پِرت وَارن لاءِ پَاليون اِهي،
لا باليون اِهي بَرحاليون اِهي، ڪَوڙئين ڪَيف پِيالا ڪَڌهہ لَهن.

٤- آهڙي ڪجل ۾ آڪاراڻ ڪِٿي، آهڙي لَعلُن ۾ لَالاڻ ڪِٿي،
آهڙي عام اکين ۾ آڇاڻ ڪِٿي، جيئن تنهنجون اکيون ٿيون رَمزڪن.

٥- لِيئَن سَاڻ لُٽيئُون لَاهوت وَڃي، جڙ حُسن جيءَ سان جَبروت وَڃي،
هَئي بَاڻ بَڌئُون مَلڪوت وَڃي، نَاسوت نَمايو نَاز ٿيون ڪَن.

٦- تُنهنجي اکڙين جي جَلون عِشوَن کان، تُنهنجي اکين جي غَلبَن دلبن کان،
تُنهنجي اکين جي عَرصن صَدمن کان، دِل وارا سَڄڻ ٿا دِيوان ٿهن.

٧- جن اکين مَوهيو سَپ جَهان سَڄڻ، آئون تِن تان ٿِيان قُربان سَڄڻ،
نَڪَان وارو فَرمان سَڄڻ، اعجاز چَوي صَحي صَاف اٿن.

آهونين: هرڻ جون اکيون

تلھ: اکين وَاري نَاتي - ڏَاڍي چوٽ چَاڙهي،
اِهو دَرد لاَشڪ - ڪَندو نَئِي پَچاڙي.

١- ڪَيم وَس هَزارين تہ هي خيال مَنجي - چڙهي وِيو جو دِل تي نَشو حال مَنجي،
دَارون ڍَب تہ هِن لاءِ آهن چڻ اُماڙي.

٢- اکين سَان اکين جو مِلڻ ٿيو آچانڪ - ٻِنهي طَرفين مُرڪڻ ڪلڻ ٿيو آچانڪ،
لڳي جِيءَ ڪي اُن دم اُنان جَڙ ڪا جَاڙي.

٣- چَڏيو عِشق ظَالم رَتي رَت نہ مُون ۾ - جوين جوڀ وَارو بہ سَت آت نہ مُون ۾،
صُورت سُونهن سَاري سِڪڻ سِڪ اُجاڙي.

٤- مَزو مَوج چَاجي، اَمن عيش چَاهي - لڳي جيڪا لَئُون سا ٿوري ڳَالهہ نَاهي،
مُون لاءِ هَرڪا مَحفل سَواء يَار ٻَاڙي.

٥- جِتي سَاهہ سِر جي آ اَعجاز بَازي - اُتي عَاشقن رِيءَ ٿيندو ڪير غَازي،
ڏِسڻ ڏُک اُنهن جو آهي ڪَم ڏهاڙي.

تلھ: آئين سُٺا سِينگاري اکيُون اکيون - ڪَجل وَاري ڪَج رِيہَ سَان.

١- اکين سِينگارڻ جو قَابل آهِين - ڏَاڍو سِياڻو قَاتل آهِين،
جَهڙيون تيغُون نَاهي تو رکيُون رکيُون.

٢- هِڪ تہ سَارو سَچ مَنجهن آ - ٻيو تہ مجازي مَچ مَنجهن آ،
پِيَڙ لاَئي سي ٻکيُون ٻکيُون.

٣- ٻئي ٻَاجهاريُون مُرڪ وَاريُون - لَئُون لَئُون لڳيُون پيچي پِياريُون،
ٻَاڻ هَڻي سي ٻکيُون ٻکيُون.

٤- هَر هَر مُونکي شَهيد ڪَن ٿيون - سڪ سِڪڻ ڏيو خَريد ڪَن ٿيون،
لوڪَ آ اَعجاز آ نہ لڪيُون لڪيُون.

ٿلھ: ڏسي ڏسي تو لاءِ سُھٹا - اکيون وھيون نار ٿي نار ٿي،
آئين ڪونہ ٿون، ڪَري دانھون دل يار پٿي.

١- نَڪي گام وَٽي نَڪي طَعام وَٽي، نَڪي صُبح وَٽي نَڪي شام وَٽي،
آنئي پَھر عشق ۾ پيارا، تُنھنجو نام وَٽي،
نامِ خُدا جي وَج ھڪ وار ٿي ھِڪ وار ٿي.

٢- مُون کي تہ اوھان ڏنا سُور نَوان، سِي ڪَھڙا چئي وري ڪَھڙا چَوان،
ڏُکيو گُذران ڏينھن راتو ڏينھان بيو مَان رُنان،
مَري نہ وڃان ڪٿي بيمار ٿي بيمار ٿي.

٣- آھِ يار سَچا دِلدار سَچا، مُنھن جي مَحبت جا منتار سَچا،
ڪر اعجاز علي سان اقرار سَچا،
مُنھن جو دوست دلي دِلدار ٿي دِلدار ٿي.

ٿلھ: آڙي تہ اکيُون مُنھنجون پَتيون پَتيون - لَئون نہ ڪِٿي وري لائن لائن.

١- آرُ اکين اُن يار جو ڪيڙو، ڪڙي خِيال اُنھيءَ ۾ ڪُتيون ڪُتيون.

٢- جِھجِھ جھوري نِنڊ نہ نيٿين، پَئي نکت نِھاريان ڪَتيون ڪَتيون.

٣- وِرھہ واري ويٿي وَسايان - چوڙي چَڪيم سِر چَتيون چَتيون.

٤- عِشق وَارن تان آعجاز علي چئي، لوڪ مَيارون لَٿيون لَٿيون.

تلم: تُنهنجون مَست مُغانيون مورُ اکيونَ، ڏاڍي حُسن وَاريون گهنگهور اکيون.

۱- جاهي جوت حُسن سان جَلال پَريُون- خاصي خُوءِ خُنک سان خَصال پريون،
کَج آبرو کَمان سان کَمال پَريون- سَدا قَتل کوڙيون تہ ڪَنور اکيون.

۲- آهي سُرمون ڪَجل بہ تہ شَانُ سَندُن- بنا سُرمي ڪَجل بہ تہ مانُ لَهن،
هَر طَرحِ دليون حَيران رکن- اِهي گَاريون گَاريون پَنيور اکيون.

۳- تُنهنجي اکڙين جَا جَلوا بہ سُونَهَن- تُهنجي اکڙين جا پَردا بہ سُونهَن،
تُنهنجي اکڙين جا دکبا بہ سُونهَن- آهن ٻيون بہ مگر تُنهنجون آور اکيون.

۴- اهي آگَمَ آڙنگَ سَاڻُ ٻَئي- اِهي سَانوڻَ سَارنگ سَاڻ ٻَئي،
اِهي رُوپ عَجب رَنگ سَاڻ ٻَئي- بيباڪَ ٻَري باشور اکيون.

۵- نَکا نَرگس گُلاب ۾ آهڙي وَفا- نَکا مَشعل چَراغ ۾ آهڙي سَخا،
نَکا الماسن ۾ آهڙي کَلا- آهڙيون ڏاريون اتئي شَهزور اکيون.

٦- ڏني جَن جي قَلب تو قَرار وَٺي- رِيءِ پيتي خُمر جي خُمار وَٺي،
اعجاز جيسين دِيدار وٺي- تيسِين تُون نہ کيڏهن اِهي چور اکيون.

تلم: جَن اُکين آئون آهيان مَاري، تَن اکين رِيءِ جِيئنديس ڪَانہ.

۱- يَاد پَون جَنهن دَم اُهيئي، وسريو وَڃن پِيا ڪَم سَيئي،
نِيرُ وَهايو وَسايان وَاري.

۲- پَاپي اکيون سي پَردي واريون، مُون جَهڙيون تن لکين مَاريون،
هَني قَهرِ جي کَيف ڪَناري.

۳- سڄ لِهي وِيا ڪَئين سَاريندي، رَينُون گُذريون هَنجهون هَاريندي،
ڪَانہ ڏنائون وَري ڪَا ڏيکاري.

۴- عِشق اکين جي ڪَئي آ پچاڻي، ويئي جَلي مُنهنجي جوت جُواڻي،
ڦرجي اعجازا تيس ويچاري.

ٿلھ: چَقمق اکيون ڇھنّي وَيون، گَھٽئي موڙيم پَر نا مُڙيون،
سُرمان پَائي سينگارجي، دِل جي کَسڻ لاءِ ٿيون گَڙيون.

۱- کُنڌيون کَکوريل کَارڙيون، مرگھن کَنان مُوچارڙيون،
لَغڙن وَانگي ٿي وَارڙيون، کَاھون کَري کَوڏئون کَڙيون.

۲- نت تُير مژگن جا تَکي، ايندي ويندي وِڏئون ڏَکي،
اُستاد کَنھن پَاڙھيون پَکي لوکان لِکي تَڏھين لَڙيون.

۳- مَارڻ لِئہ آيون ٿيون رَھن، ان آر تَان مُشکل لَھن،
مَيچُون ڏِيو مُرکيو کُھن، چِتريون اٿن کي چَالڙيون.

۴- وَئي لَڳي سِر سَاھ سان، اُڏمان اُٿيا ھَر آھ سان،
اعجاز چَئي الله سان، آھن اھي جِت ڪِت رَڙيون.

ٿلھ: دلبر کَشيا اکين جا - پَيکان اِيندي وِيندي،
مَاريو وَريو ٿو مَاري - مَھمان اِيندي وِيندي.

۱- خُوني خَنجر کَنيائين - عَاشق قَتل کَيائين،
حَملا کَري ھَنيائين - سَربان اِيندي وِيندي.

۲- نَازک سڄو نَاز پَرور - کُونسٽر پريَن قَداور،
گُھورن سَان گَھائي ھَر ھَر - جُنگ جُوان اِيندي وِيندي.

۳- سُھڻي جَا زُلف خَم خَم - ڏَس دَام وَانگي دَم دَم،
کَن ٿا ھَزارين حَاکم - زِندان اِيندي وِيندي.

۴- ظَالم زَورآور ٿئي ٿو - اعجاز جي دِل نئي ٿو،
سُورن سَندا ڏئي ٿو - سَامان اِيندي وِيندي.

زندان: قيد

ٺلهه: ڪلي جو اکڙيون ڪنيئي- جهڙو جادو ڪو ڪيئي،
ٿي ويس هوش کان بيهوش صنم والله.

١- پهرين نظر سان عقل هوشُ ڇڏايئي،
بيخود بہ بنايئي مونکي بيوس بہ بنايئي.

٢- هڪ پل بہ ڪيئن هان نہ ٿيئر نگاهون،
ترساءِ نڪي هان هي تڙپاءِ نگاهون.

٣- تُنهن جي نہ برابر پانيان جنت جا نظارا،
صُورت مِڙئي تنهن جي آهي حُسنِ نگارا.

٤- پيتم تہ پيا بہ مئي جا پيمان هزارين،
پر تُنهن جي اکين وارو نشو آهي ئي پارين.

٥- اعجاز چوي مون ڏي نهاري تون وري ڪلُ،
محبوب آهڙيءَ ريت مون سان روز پيو تون مِل.

ٺلهه: هڪ منڙيون منڙيون ڳالهيون تُنهنجون، پيو ناز پريون اکيون مارن ٿيون،
اسين عاشق آهڙيون وصفون ڏسي، پوءِ ڪيئن نہ سچ سِر سان ڏيون.

١- تُون چاٿين نہ چاٿين يار منا، ساري جان اسان جي تُنهنجي آ،
محروم نہ ڪر پنهنجي پيار ڪان تُون، پري پيالو وصل جو ڏي تہ پيون.

٢- پاٿهي پاڻ سينگاري پاڻ آئين، پنهنجو پاڻ ڏيکارڻ ناز ڪري،
انهي چال تُنهنجيءَ جي پئي نہ خبر، دلدار لُٽي ڪيئن دلڙي ويون.

٣- ٿي ساٿي دل ٿيد ويئي، تُنهن جي دام زلفن منجهہ سدا،
تُون تہ ٿيو آهين هرجائي منا، ڪيئن توريءَ جانب هان جيون.

٤- ڏاڍي عشق تُنهن جي جي ڳالهہ هلي، هر جاءِ آهي اعجاز ڪئي،
ڏينهن رات اٿس تاري تات تُنهن جي، ڇڏي يار ڏنئين بس ڳالهيون پيون.

ٿلهه: ڇيئن وَٽئي تيئن ياں مُون ڏي تون نهار- گهنڊ پائي يا ڪلي اکڙيون ڏيکار.

١- مُنهنجي نيڻن تُنهنجي نيڻن جو ملڻ- ٿو هزارن ڪي بنائي حرص وَار.

٢- تُون ۽ تُنهنجا ناز ٿا مُونکي وَڻن- ٿو وَڻايو پاڻ پنهنجو بار بار.

٣- تُون نهاريندين تہ ٿو ڪي ڪنهن جو خَوف- عَاشقن جو آهين عَاشق آشڪار.

٤- ڪَر پيارڻ ڳان نہ بَس اي سَاقيا- نَظر سان يا جَام سان پَر پيو پيار.

٥- دِل جي چيري هيءِ ڏسين آ دَاغ دَاغ- ڪَئي نہ بي ڪَنهن تو ڪئي آ دَاغدار.

٦- ڪولي مُنهن مُون سان مِلين يا مُنهن ڍڪين- هَر آدا تُنهنجي تي دِل مُنهنجي بَهار.

٧- جَهڙو سُهٽو پاڻ تون تهڙيون اکيون- مَوت مُنهنجو بَخش ٿئي پيو موهه مَار.

٨- جَا نظر تُنهنجي ڏنم سا لاجواب- هَر نَظر ۾ راز پَوشيده هزار.

٩- آهين ڪُل مُختيار تُون اعجاز چئي- يَا محبت يَا تُون نَفرت اختيار.

ٿلهه: گول گِلولا اکين وَارا- چائين ٿو تہ چُٽين ٿو يَار.

١- ڪونہ ڪُسين ٿو ڪَڏهين ڪَنهن مَان- سَيڪنهن ڏانهن سَٽين ٿو يَار.

٢- تُون نشاني بَاز نرالو- دليون تَڏهن تہ لُٽين ٿو يَار.

٣- زور يَريا هَٽيو زَاريون ڪَرائين- هَٽندي ڪَونہ ڪُٽين ٿو يَار.

٤- زُلفن وَاريءَ سُوريءَ سان- نِڙ ڳهٽ نڙيون گهُٽين ٿو يَار.

٥- چَا ڪٽين ٿو چَا وٽين ٿو، ڪيڏا نہ پَاپ ڪُٽين ٿو يَار.

٦- ٿَووٽ گِلول رَتول رَنگينا- پيايون ٿَن سان ٻُٽين ٿو يَار.

٧- اِنهيءَ ڪَري اعجاز عَلي چئي- هينئڙي تَان نہ هٽين ٿو يَار.

قلمہ: مُحب سان اکڙيون تہ نت مَلنديون رَهيون،
پَر اُميدون دِل سَنديون جَلنديون رَهيون.

۱- ڪِيئن وَفا جو هَاڻ ڪَنهن سان پَرجي دَم،
لک وَفائون جَابجا لُڙهنديون رَهيون.

۲- آسرو رکجي پوءِ اُت ڇو پيار جو،
گُلفتون جِت پيار کي گُهنديون رَهيون.

۳- دوستيءَ جي ناتي کان دِل ٿي ڳَني،
دوستيون اَڄ ڪَلهہ گُنڊيون ٿينديون رَهيون.

۴- هَيڪڙائي ڇَا ڪندي پيائيءَ اَڳيان،
هَستيون پيائي کي جَڏهن، جُهڪنديون رَهيون.

۵- ڪُوڙ جو جِن وَٽ قَدر سَچ جو نہ مُون،
سَڀ اُنهن کي ڳالهيون ڦبنديون رَهيون.

۶- ڪي تہ تِتک ۾ تار مان تريو وَڃن،
ڪي تہ ڪَشتيون پَر ڪِپَر ٻُڏنديون رَهيون.

۷- ڇَا اکين جي آس هُئي اَعجاز ڏِس،
ڇَا اکيون هي دَم بَدم ڏِسنديون رَهيون.

ٺلھ: ھِن تہ اکين جا آڙنگ آگھ ڪير پُسي.

١- گوڙن ۽ گھمسانن سان مَست گگن وَانگي،
اگھڻ عَجيبن وَاري بَرسن اوڙڪ اورَانگي،
اُت اوِھيرن سَاڻ سندن چوِھي چاڻ وَسي.

٢- نِينھن نِظارا آوسر، نئين سِڄ ڪَن نَوان،
سَارنگ سَانوڻ سَدائين، مَنجھ مَلھار چَوان،
ھَٿن بُوند بَھار جا، گَسن گَاھ پُسي.

٣- سِڪ اُڪَند اڪڙين جي، ڪِين اُڪاٿي ڪَڏھين،
سائي سَوائي آٿھي، ڪِين ڪُوماٿي ڪَڏھين،
خُوءِ خُماري تِنھن جي، تَارين ٿُنرِين ھَسي.

٤- اکيون عُشاقن وَاريون ڪَن توحيدي وَسون،
ڪَڪر ڪَاپاري تَن جا، لاھِن قَلبن ڪَسُون،
ڪَون اَعجازا ڪو تَڙُ، رڪن مَنجھ تَسي.

ٿلهه: سَچڻ ٿُنهنجون سُهٽيون - آهن دَنگُ اکيون،
ڪِٿان لائي آيون - اِهو رَنگ اکيون.

١- اُٿن چَڻ ڪي پيتل - نَديون مئي جون نِياريون،
مگر مُحب آهن - خُمرِي ءِ خُمَاريون،
رکيو رَمز وَارو - وَتن رنگ اکيون.

٢- حُسن سَاڻ هَر هَر - دِليون دَست ڪَن ٿيون،
سَچو مُلڪ سَارو - موهيو مَست ڪَن ٿيون،
مِجازي حَقيقي - هُئن ڏَنگ اکيون.

٣- جَڏهين ٿيون تہ جَن سَان - پُورو پيچُ پَائن،
تَوڙان توڙ تَن سَان - نَيهي ٿيو نِيائن،
اَڙڻ جو بہ چَاڻن - اِهو اَنگ اکيون.

٤- پَلي لڪ پيو ڪو - جَهاڙا پَاڙها آٿي،
ڏَرو ڪونہ وَرندس - مَوليٰ پَاڪ ڄَاٿي،
رکيو وَصل وَارو - وَتن ڍَنگ اکيون.

٥- گهوريان گَهورَ گَهڙي - اِنهن آئون اکين تَان،
اکين جي اَعجازا - وِصالي وِڪُن تان،
مِليو جي مِلن ٿيون - ڪَريو نَنگ اکيون.

تلھ: اکڙيون آڙايون جن، سي تہ ڦُربئون ڪاف ڪَين،
صُمٌ بُڪمٌ (١) عُمُيٌ تي، ڪَنهن جي ڪانہ پُڏن.

١- ڪَن دُور دَرازي پـنـد پـهـاڙي، پرين پَارپُڇن،
پَانُ پَتوڙيو پَتـرن سان ڪَيو، پگهر پَاڻي پِين،
لُڇي لَڪن ۾ لَهُو (٢) لَهُو تي، وِندر منجهہ وَڙڪن.

٢- فَرض فَرمـودا (٣) فَائق جا، سُني فراقي ڦَرڪن،
صُورت سُجاتي سَاهي سِر ڙو، سُوري ءلاءِ سَنبرن،
عَاشق اڳيان معشوقن جي، اُت موت مَچيو مُرڪن.

٣- نِينهن نَقارا نَوبت سُنيو، نرت رکيو نوڙن،
تَن اندر ڪي طَبل وَڃايو، طَلبئون طَلب مِلن،
طَواف ڪَن تا تابع ٿيو، ڳايو ڳنو مِثل ڳونرن.

٤- چارئي پَهر چُور اُتي تيا، ڪَنهي ڦُرب ڪَڙهن،
چَوٽ چڙهيو تي چَاهہ ڪَيائون، چُر پُر ڏِسيو چشمَن
اعجاز اُتيئي عَاشق ويهي، نِڪري نَانگا وِيا نَنگن.

(١) صُمٌ بُڪمٌ عُمُيٌ: ٻوڙا، گونگا، انڌا (٢) لَهُو لَهُو: رتو رَت
(٣) فَرمودا: حُڪم، فرمان

ٿلهه: ايڏو اکين ۾ خُمار- آندو ڪٿان تو يارِ پيارا.

١- جَنهن ڏي ڏِسين ٿو تَنهن کي ڪَرين ٿو- رِيءَ نشي سَرشار
عَجب لڳو سون اهوئي دلارا.

٢- انهن اکين جو مُلهه ڙو نه ڪوئي، وَري بهِ ڪلي ٿو نِهار
رُخ تان نِقاب وڳ ٿو خُدارا.

٣- عاشق ڪَن پيا آزيون نيزاريون- بي سِر ٿيو بار بار
لاڳن ٿو ڪي ليل نِهارا.

۴- نَين نندا ڪا تُنهنجا ڏسي نت- نَرگس ٿِيا تهِ نثار
تُنهن جو قَسم مُونکي جِيءَ جا جِيارا.

۵- مَست نَظر سان مُنهن جو گسيو ٿو- صَبر چَين قرار
پَلپل پُچان پِيو تَڏهن مَنتارا.

٦- اعجاز چَوي آئون آهيان اَصل کان- پِياسي تُنهنجو پيار
مُنهن جي صَدا سُڻ يَثرب وارا.

تلھ: مَست اکيون ڏَار مُنھن ۾- چو ھُجن رَت روئٽيون،
سِر گَنوائڻ جي نہ سِکيون- کيئن چَوان سي گوئِٽيون.

۱- ھُت تہ مَا زَاغَ البَصَرَ[1] سَان- تو نظارو ٿئي سَچو،
چِرڪَيون چِنيٽيون ڦِنيون ڪَر- ڪُرڪَيون ڪَنڏ کوئٽيون.

۲- سر جي بَازي جت لڳي- اُت سُورھيَن جي سوپ ٿئي،
جَلوا جوھر ڪَن نہ پِڙ ۾- ڳَوريون ڳوڙھن پُوئٽيون.

۳- عَاشقن جون عشق آتش- ڳَان سَڙي اکڙيون سُکيون،
رِيج پَاٽيءَ کَان چَڙھي تِيون- پَاڻ پَاٽي چُوئٽيون.

۴- مُون مجازاٽيون ڏِٺيون- اَعجاز چئي اکيون اُھي،
حَال ھَر ڪَنھن مَنجھہ مَرڪن- خِيال خَاصي ڊِوئٽيون.

تلھ: ھِي ڏئي نَازڪ نندا اکيون- وَٽ اکيون کي جَاڳٽيون،
وَصل وَحدت وَاٽ کان- وَاقف ھُجن ويرا ڳٽيون.

۱- تَن سڪيون عَيشن بڪيون- مَعراج کيئن مَاٽيندِيون،
مَا سِوَ اِليٰ[2] مَحبوب جي- تَھدل ڳپن ھُت تِياڳٽيون[3].

۲- سُکَ سمھڻ جو ساءُ ڪَٿھين- ڪِين آديسين چکيو،
بِرھہ سَان رَاتيون سَڄيون- بِيتا ڪوڙي بيرا ڳٽيون.

۳- ڏِي آوجاڳا کي اکين- نَہ تَہ رَنگ پَسنديون ڪونَہ کو،
لَيڪُون جَاڳي ڪر مُنين کي- لَاَل لاڳي لاڳٽيون.

۴- پُورجڻ پَنجڻ پَسڻ- آ پِرت وَارن جو پَکو،
چَار ٿيندِيون يَار سان پوءِ- چِلوليون کِيئن چَاڳٽيون.

۵- نَازَ ڪَن جون نِت تُہ سُونھَن- اَعجاز خوابيده اکيون،
عَاشقن جون اوجِھرا ٿيءَ- ڳان اکگ اوجَاڳٽيون.

(۱) مَا زَاغ البَصر: اک نہ لڙي نہ ڇنيي (۲) تياڳٽيون: ترک ڪرڻ واريون (۳) مَا سِوَ اِليٰ: محبوب کان سواءِ

ٽلهه: ڪافر اکيون مَحبوب جون - رُخنا وِجهن ايمان ۾،
جِلوا ڪَري ڪجلين ڪَيا - فتنا ڪڙا جِيءَ جَان ۾.

١- دَعويٰ مُسلمانيءَ سَندي - تَقويٰ ڦٽي صُنعان ڪَئي،
هِندو صِفت ظالم اکين - وِڌو غُلغُلو گيلان ۾.

٢- لَيليٰ جي لَهَ لاَري لڳي - ٿيو قَيس مَان مَجنون ڦري،
اَٽڪائي دِل عَاشق ويٺو - ڪَيبَر ڪَجل جي ڪَان ۾.

٣- بَانڪيون ڪَناريون بانَ چا - ڪِرپان خُود آڪڙيون اُهي،
ڪَئين جَهڙپ ڪ سان ڪيترا - ڪَن جَهاٽڪا جولان ۾.

٤- لاٽن نِياٽن نينهڙو - آهي وَري تن جو عَجب،
مَنصور سان ڏِس ڪيئن مِلي - مَٽڪا نوڙيئون مَيدان ۾،

٥- تَڪ سان هَٽن رِيءَ تَڪ هَٽن - ڳُٽيون نَڪي ڪَڏهين ڳُسن،
چُستي چَالاڪيءَ سَان چُٽن - گَهٽ ڪان ڪَن نِيشان ۾.

٦- جيڏهن وَجان تِيڏهن سَدا - سَامهون اُهيئي سَانوليون،
ڪَاشي وَجان ڪَعبي وَجان - تُوڙي وَجان خُمخان[1] ۾.

٧- مَحبت جي ڪ مِلت سَوا - ٻِيا دِين سَڀ ٻِيائي دُوئي،
آهڙا نِسنگ نَعرا اٿن - نِت نِت عَلي الاعلان ۾.

٨- هَر پَل ٻَهر اَعجاز چئي - جَن سِر اکين جو مَامرو،
ڪيئن تَن مُنن تَنهن آڏ ڪُٺن - جو جِيءُ لڳي قُرآن ۾.

(١) خُمخان: مئي خانو، شراب خانو

تلهه: آهن کي کي اکيونِ اسرار مثل - آڪسير علاج اوتار مثل.

١- اهي اکڙيون جيءِ جيارن تيون - اُهي پاڪ پيالا پيارن تيون،
تاثير عجب ڏيکارن تيون - کُن⁽¹⁾ واري امر ڪردار مثل.

٢- آهڙيون ته اهي وٺيو تيون وٺن - تي نيشان بيهان يڪي بان هٽن،
مَن مَاري مُونکي هَٿ پائي کٽن - ڪلي خُوش تي شوق شڪار مثل.

٣- بَا نقطي اکر جيئن "ن" بڻيو - تيئن نقش اکين گوناگُون بڻيو،
بيچونِ اتي اچي چُون بڻيو - صفا "ن" صورت جي سينگار مثل.

٤- مُون جهڙا وٺن ته هزار آڙيا - ڪڙي قُرب واري منجه تي قطار ڪڙيا،
ڪن پاتا زُنار⁽²⁾ کي دار چڙهيا - کي برم بهار يا بهار مثل.

٥- جهڙيون ئي پُڻيم تهڙيون ئي ڏٺيم - وسي وتحن ۾ اعجاز ويٺيم،
سِر برهه تني جو برسي ٻيٺم مُند سانون مينگهه مکهار مثل.

تلهه: ويني ويني آچ وري - اکڙين ساريا پنهنجا سجڻ،
پيا ڳڙي ڳوڙها ڳلن تان - جيءَ لڳو مُنهنجو جلڻ.

١- مُنهن لڳي مُرڪي ڪيا - انجام اڌ ڪُرڪُم جني،
سي پرين ويتا وساري - ڪين آيا سُڌ لهڻ.

٢- هت مُنيءَ جو حال هي آ - هُت پرين پرواهه ناهه،
سُورهن ساڙي آهيان - ۾ ساهه نيو هئي سِڪڻ.

٣- ور ڪريو واري ولهيءَ ڏي - اي وسيلا واهرو،
ورهه منيءَ کي آ وڪوڙيو - ويا چُکي سيئي چلڻ.

٤- ريءِ عجيبن جي اعجاز ا - رُوح کي راحت نه آهه،
گڏ پَون هي گاڏا پيتا - گڏ پون خُوشيون ڪلڻ.

---

(١) کُن: تي پؤ (٢) زُنار: هندن جي مالها

ٿلهہ: پيارا پرين ٿُون مُنهنجي اکين کان پَري نہ ٿي،
تُنهن جي سَري بہ ويندي، مُنهنجي سَري نَٿي.

١- ٿُون ئي حَبيب آهين مُنهنجو، ٿُون طَبيب بَس،
توريء دَوا تہ مُونکي، آثر ٻي ڪَري نٿي.

٢- گهٽيئي چَوان ٿو دِل کي، سَين سان ٿي سُرخرو،
پَر تو سَواءِ ٻئي کَنهنجي، غُلامي پَري نٿي.

٣- سَجدو سَلام توکي، سَدائين ڪَيو ڪَندي،
وَالله غَير ڏانهن آصل، دِل وَري نٿي.

٤- جَا برهہ جي بَدن ۾، ٻَني يَار ٻَاري تو،
سَا هَاڻ ٺَاري ڪير، ٻَري پئي ٺَري نٿي،

٥- رُوئندو ڏسي آعجاز کي، ويتر رُئاڙين ٿو،
هن من مَان پوءِ بہ تنهنجي محبت مَري نٿي.

ٿلهہ: اکڙيُون اکين کي کُرنشون کَن، ٿُرب وَاري ڪَاڻ ۾،
گُجهڙا ڳِرا ڳَارا ڏِيو، پُر پيچ پَائن پَاڻ ۾.

١- مُرکن مِلن مَستان ٿِين، هِڪ ٻئي ڏي دَم دَم ڏِيان ڏِين،
سِڪ سوز جو پَيمان پِين، تَڙپن تڳن تِڪ تَاڻ ۾.

٢- ورچن نَتيون سِينگار مان، دَرشن وَصل دِيدار مَان،
وَاعدا وَچن کَن پِيار مان، وِندريون وَتن وَاڪاڻ ۾.

٣- نہ آهين سَانگو سَاهہ جو، ٻِي راهہ جو اوڙاهہ جو،
ڏَانوڻ چِنئي ڏَنگ ڏَاهہ جو، آڙيون وَجي آوڳاڻ ۾.

٤- مَحبت مَنجهان جيڪي مِليون، عَاشق اهي دِيدون دليون،
آهن آزل کان واڳليون، آعجاز ڏُک سُک مَاڻ ۾.

کُرنشون: آزيون نيازيون

ٿلهه: توکي ڀَائي اکين ۾ توکي ڀَسان - تُنهنجي پُوڄا ڪَيان توسان پيار ڪَيان،
تُنهنجي جَلون ۾ ٿي مَحو وَڃان - دِل دِلجاءِ ڪَيان دِيدار ڪَيان.

۱- مَهراڻ ٿي تُنهنجي مَحبت ۾ - ڀَرپُور مُدامي موجن سَان،
سَيراب[1] بَنايان سَارو جَهان - گُل غُنچ ڪَيان گُلزار ڪَيان.

۲- وَرِي بِرههَ تُنهنجي ۾ بَادل ٿي - بَرخَيز بَهارا ويس ڪَيان،
جِتي حُڪم ڪَرين اُتي پَلٽي پَوان - ڏاڍا جَلوا ڪيان جَهلڪار ڪَيان.

۳- سيني سَوز رکي تو سَانول جو - خود ساز پوان ٿي سوز ڀريو،
جڏهن بہ وَڃان وَڃي وَجُد[2] وِجهان - سِڪ بَرپا ڪَيان نين نَار ڪَيان.

۴- تُنهنجي عِشق ۾ تُنهنجي آمر سَندو - ٻَڌي ٻَانهُون ٿيان تُنهنجو بَردو بَندو،
تُنهنجي صُورت آڏو اي حُسنِ بُتان - سَوَ سَجدا ڪَيان آذڪار ڪَيان.

۵- تُنهنجي قَدم قَدم تي وِڇايان اکيون - تُون لَتاڙي لَنگهين لکين لُطف پَائيان،
تُنهنجا پير پَيزار[3] چَوڏار چُمان - لَب تَازا ڪَيان مُشڪ بَار ڪَيان.

۶- مُنهنجا صَنم مُون لِئہ تُون آهين ڪَنوَل - آئون ڀَونري مِثل توتي مَست سَدا،
آغوش ۾ تُنهنجي شَام ڪَٽيان، پيچ پُختا ڪَيان رَد خَار ڪَيان.

۷- جِيئن شَمع جي ڀَڙڪن شُعلن ۾، پَروان پَتنگ جو حَال پرين،
تِيئن تَاب سَهان ۽ عَذاب سَهان، چِيري چَلهڪا ڪَيان ۽ چَلهڪار ڪَيان.

۸- تُنهن جي شَوق ۾ اکڙيون شَاميانہ ڪَري - اِنتظار تُنهنجو ڪَئين زَمانہ ڪَيم،
اَعجاز چَوي آچ جانِ جَان - تُو لاءِ ڪَجلا ڪَيان سِينگار ڪَيان.

(۱) سيراب: سائو آباد (۲) وَجدُ: مستي (۳) پيزار: جُتي

ٿلهه: اکيون رَت رَت رُنيون زَار و زَار- آيو نہ اَڄ ياں ڪَرڻ مُونسان پيار
اکيون رَت رَت رُنيون زَار و زَار.

۱- اَڄ سَاهه مُنهن جي جَا سَاٿي- دِل دوست توسان مُنهن جي ڦاٿي،
ايڏي دير آ تو ڇَا ڪَان لاَتي- ڀَلا ڪَهڙي آ مون ڪان خَطا ٿي،
آهين يَاد سَڄڻ هَروان لِڱل تُنهن جي تَان هِيئين جَا هَار
اکيون رَت رَت رُنيون زَار و زَار.

۲- تُنهن جي مُحب مَيجي مون غُلامي- هَر مَاهه مَهيني مُدامي،
بي آنت آهي بي آرامي- وَيجي روح ۾ رَات وِهامي،
ٿي خَتم وَيجي نہ بَهان گَهڙيون ڪي گهان گلِ گلزار
اکيون رَت رَت رُنيون زَار و زَار.

۳- غَمگين سَدا مَان گُذاريان- تُنهنجون رَاهون مان روز نهاريان،
ڏيو دل کي دلاسا ڏُتاريان- ڳُجهہ ڳوڙها ۾ ڳوڙها ڳاڙيان،
پَرائين نہ اَعجاز کي مان مِلي ڪَرِ پيار تنهن جي آ دَرڪار
اکيون رَت رَت رُنيون زَار و زَار.

ٿلهه: اکيون هَنڌ آڙانگي آڙجي وَيون، ڪَانهي جَاءِ ڪُجهہ جي ڦَابو ڪَڙجي وَيون.

۱- اکيون جَاڻي آڙيون ٿَاڻي رَحم نہ آ، سَواءِ ڪَار ڦَتل جي پِيو ڪَم نہ آ،
سُک چَين آرام کو دَم نہ آ، گَهٽ گَهاٽ گهُورن جي ۾ گَهڙجي وَيون.

۲- اکيون ڪيئن اِتهين آزاد ٿينديون، ڪَڏهن دَاد پائي خُوش شَاد ٿينديون،
رَاتو ڏينهان وَتن فَرياد ڪَنديون، جيءَ جان سُوڏيون جيڪس جَڙجي وَيون.

۳- اکيون سَوز سِڪڻ سَڄ سَاڙي وِڌيون، سُک سَتر وِڃائي ڇٽ ڇَاڙهي وِڌيون،
جيڏهن لوڪ نہ وَڃڻو آوڏهن لاَڙي وِڌيون، مَتن ڪيئي مَلامتون مڙهجي وَيون.

۴- آهي عشق آهڙو ڪو آوڪو آديون، وَاهي لاَشک مَرنديس نيٽين نير نَديون،
اَعجاز عليءَ جي برهہ بَنديون، پيون ڳالهيون تَڏهان ڪَر دل مان تَڙجي وَيون.

ٺلھ: چُست چَتُر چَالاڪ اکيون، چوري زوري وَتن لڙنديون.

١- آهون وَاهون رَاهون بَنديو- ٽَالا ٽَاڙيون تَاڪ اکيون،
چوري زوري وَتن لڙنديون.

٢- چَرغن⁽¹⁾ وَانگي چُنگل پَايو ڪَن- چِت چيهاڙيون چَاڪ اکيون،
چوري زوري وَتن لڙنديون.

٣- بِرھ وَارين بَڇين سَان سي- بي ڏَرڪ بي بَاڪ اکيون،
چوري زوري وَتن لڙنديون.

۴- حُسن جي جَلوي سَان هَميشه- هَر جاءِ گَدائن هَاڪ اکيون،
چوري زوري وَتن لڙنديون.

۵- خُون عُشاقن وَارو پَسند ڪَن- خَاطر پَنهن جي خَوراڪ اکيون،
چوري زوري وَتن لڙنديون.

٦- آرڏايـن سَان اَعجاز اُڏائن- هَوش عَقل ادراڪ⁽²⁾ اکيون،
چوري زوري وَتن لڙنديون.

(١) چَرغن: شڪري يا باز جو قسم شڪاري پکي (٢) ادراڪ: عقل، سمجھ

ٿلهه: ڪَرُڪاريهر جان ڪنيو ٿو، آچ تہ اڪڙين سان ڏنگين،
رِيو تہ ڀَڳِڻ يَار ڀَڪيو، ڀَنگ ڀَاٽِڻ سان ڀَنگين.

١-تِير ٿُنهن جي ڪان اتفاقًا، جو ٻَچي ٿو تَنهن کي ٿُون،
وَرِ ڏيو وَارن گُهنڊڙيدارن، ڪيس ڪَارن سَان وَنگين.

٢-مَرد مَانجهي موهيو مَارين، ڳَاڪ مُومل جي مِثال،
هِڪ تہ آنگ تن جا آنگين، رِيو سَردرَن سِرڙا ٽَنگين.

٣-سوڙهي گُهٽ سَپ ڪَنهن سان ڪَن، لاَيو چِڏن سِر سَاهہ جي،
تِيئن سِڪيون ٿُنهن جون اڪيون، جِيئن ٿُون نَٿو ڪنهن ڪان سَنگين.

٤-جِيئن نِهاريو هيٺ ڍَارين، تِيئن ٿو مَاريو نِهوڙين،
ڍَار آهڙي ٿو اڪين جي، ڍَنگ ڪَهڙي لاءِ ڍَنگين.

٥-هِيري پَارس ڪان بہ وَڌ، پِيارا پرين ٿُنهنجو پَسڻ،
رَاضپي سَان رُوح ڏئي، جَنهن ڏي ڏِسين تَنهنکي رَنگين.

٦-ڪئين ڏِٺم اعجاز چئي، تَنهن جي مِلڻ لاءِ مُنتظر،
خُوش نَصيب آهي اُهو آچ، مُحب جَنهن کي تون مَنگين.

سُوڙهي: سختي، تڪليف

تلھ: مُنھن جي چئي نہ اکيون ھي مُنھنجون مُڙيون - پَنھنجو ديس ڇڏي پَرديس آڙيون.

١- پَاڻ مُرادو پَاڻ وچي سي، لاَخبر تي ڏِس تہ لڙيون.

٢- پيچ اکڙين پَاتو اُتي آ، ڏَاڍ کريو جِت ڏين تڙيون.

٣- آڻ مَيو وَتي وِرھہ ويتيون، سير نَکي کي وَرتئون ڏَڙيون.

٤- درد انھيءَ ۾ دلڙي ويچاري، روز کري تي ريھون رڙيون.

٥- گُھورن ۾ جي گھارڻ آيون، کِيئن سي گُذر تين ھَاڻ گھڙيون.

٦- سُور پِرايئون کِيڏا تہ آعجازا، تَرِبہ نَہ آجان تيون سَمجھن سڙيون.

تلھ: اکڙيون عَجيب جون آچ- جَھڙيون چُريون چُريون،
ھک جَھلک سَاڻ کيَين ھِت- جَانيون جُھريون جُھريون.

١- کِن عَاشقن تہ آسرو- سِر تان گني ڇڏيو،
کِن سِر بَخَم تي نيت- پَناھون گُھريون گُھريون.

٢- پَرپُٺ حواس تي وِيا- تَن جا ٿَتان پَٽان،
جَنکي اکيون آچي اَھي- ھِينئڙي ھُريون ھُريون.

٣- ھک ڀِن جي ڳَالھہ کَانھي- دَانھون ٿا کَن ھَزار،
قَوروتا جِيئن ڦُريون کَن- تِيئن کَن ڦُريون ڦُريون.

٤- ھَرکَنھن جي ھُج ۾ حَاجَت- ھَرگز نہ ھن اکين سَان،
مَانجھي مَٿير گُھرجن- ھِت کي ڏُريون ڏُريون.

٥- کُھندي نہ قياس کو کَن- کَجليون کُنڍيون کُنڍيون،
کَنھن جا پُڇڻ نہ ڇَاٽن- پاڙاپُريون پُريون.

٦- آعجاز سَاڻ ھَردم- لڙنديون آچن آجان،
ڇَٿجن تہ اکيون پَر- آھن زُريون زُريون.

زُريون: شکاري پکي

ٺلھ: ڏاڍو نينھن نيڻن جو لڳو، لاھي ڇڏيم سانگو سِر ساھ جو.

١- نيڻ پَسي هُو نت نرالا- پي پريمي پاڪ پيالا،
سوز جو پاتم سڳو- وَڃي مُشرب ٿيس عِشق شاھ جو.

٢- ڪاڏي وئي تسبيح ڪاڏي وئي طاعت- ڪاڏي وئي لڄ ڪاڏي لياقت،
ياد صنم آھي رڳو، مونکي قسم آھي تہ الله جو.

٣- نَڪي مَسجد نَڪي بُتخاني- يار مليو سون مَنجھ مئيخاني،
تو ڙي دين ڪُفر جو نڳو- آسان دَرشن ڪيو دلخواھ جو.

٤- عِشق اعجازؔ آيو الستي- ماڻ حُلاجي مَوج ۾ مَستي،
سيڙھو سنڌو سِڪ پڳو- وِرھ وڏو وَنگ واھ جو.

ٺلھ: مُون سي ڏٺا نيڻ او جيڏيون ڙي، ڏٺي جن جي لُون لُون نريو نري پئي.

١- گُهريا مون جيئي، مليا مُون سيئي، اکيان اکين جي اٿم اُهيئي،
وِسريم ڪاڏا ڪين، او جيڏيون ڙي، مُنهنجي ديد دَرشن ڪَريو ڪري پئي.

٢- نظاري نيڻن جي برھ بَچايم، پريم تَنگر جو گشت ڪرايم،
مَن ٿيم وَانگي مين، او جيڏيون ڙي، آھڙي جوت نيڻن ۾ ٻَريو ٻري پئي.

٣- اُنهن نيڻن کي وِساري نہ وِهنديس، ڏسڻ ري ۽ تن جي گهڙي پَل نہ سَهنديس،
سَهنديس سَوين ويڻ او جيڏيون ڙي، وڏي ۽ سِڪ سان دل تَن گُهريو گُهري پئي.

٤- ٻال ڄَتي ۽ گان لڳم ٻاڻ جَن جو، اٿم اڄ ٻہ اعجازؔ سوز ساڻ تَن جو،
سي نيڻ سڄڻ سيڻ او جيڏيون ڙي، ڏسڻ تَن جو دِل هِيءَ سَريو سَري پئي.

تلهه: ڳني سُڻا مُٺا ڳُڻا نين قابل، آچي ويٺين مَحفل ۾ مُون لاءِ تي قاتل.

١- هاسيڪار آئين سَينگاري نيٽن ڪي- موهڻ ناز مرڪڻ سيڪاري نيٽن ڪي،
ڪشش ساڻ تن جي ڪيئي موهي مائل.

٢- ڪُهڻ ڳاڻ مُنهنجي آٽن ساڻ سَيڪي- چاٽن چاڻ ٻُنگ[1] ٻاڻ[2] گُهندِ ماڻ سَيڪي،
ٻڃي تن ڪي هَر هَر جهٽيئي جَان هيءِ دِل.

٣- حُسن جو ٻَيڙ مَچ ڪَجل ڪَيف ڳارو- ٻَندي چَارا بلڪل سو ٻيٽو تي مَارو،
چُرڻ اڳتي چُڪيو وَرڻ پوئتي مُشڪل.

٤- بيشڪ پِيا ٻه تُنهن جي سِڪڻ ساڙيا هُوندا- خَوابن خِيالن چوٽئين چاڙهيا هُونداْ،
مگر مُونکي گهاٻِئي ويهي مُنهن مُقابل.

٥- چَريا نين مُنهنجا، تُنهنجا سَخت سِياٽا- ڦقط ايترو تو آنهن ڪي سُڃاٽا،
چَريو آئون نہ چَوندس چَوَن ڪي پِيا پل.

٦- پِرِيءِ هن بَزم مَان وِدئي مُون ۾ اڪيون- چڏي ڏيهہ سَارو اچي مُونسان ٻکيون،
رِتتر باز جيئن تورکيو توڙان تاڙلُ.

٧- ڏِسڻ سَان سُهٽا ٻاتي سيرتوئي- ڪُهي ڪُل اَعجاز چَئي ڏِنا جِهير توئي،
عَجب جهڙو ڪيڙئي اهو شوق شَامل.

ٻنگ: ٻاڪر ٻاڻ: تير

ٿلهه: ڪِيئن نه هي نين اُجارا ٿيندا - ياد جو پيار تو وارا ايندا.

١- پيار ڪجن ٿا پيار ڪرڻ لاءِ - پيار وساريا نه پيارا ويندا.

٢- ياديون ٿنهنجون يار مونکي نت - سڀ هي سارا نظارا ڏيندا.

٣- هاڻ ته ڦاٽن آنن ٿا هي - ڳوڙهن پريا مون وارا ڳيندا.

٤- ڪئي تو جدائي پر ڪانهي جدائي - سچ چوڻ وارا سچيارا چيندا.

٥- تو ڏي ٿنهنجا چارا وَنائي - اَعجاز ڪي ٿنهنجا اِشارا نيندا.

ٿلهه: مستانا نين ٿنهنجا ڪارا ڪارا سُرمه سا - ڪارا ڪارا سُرمه سا - پيارا پيارا نرگسا.

١- نازڪ نقاب وارا - شرم و حجاب وارا،
حُسن و شباب سان نت - خاصي خطاب وارا.

٢- تن جو ديدار وهوا - جهاتي جهلڪار وهوا،
ڪڏهن ڪجل ته ڪڏهن - سُرمون سينگار وهوا.

٣- جاٽن ٿا ناز ڏاڍا - رمزون ۽ راز ڏاڍا،
تکڙا تمام آهن - تيرن انداز ڏاڍا.

٤- مونکي مخمور ڪن ٿا - مليو مسرور ڪن ٿا،
مُنهن جي ته موهڻ لاءِ سي - جلوا پرپور ڪن ٿا.

٥- دل کي پسند پيڙا - تن سان پيوند پيڙا،
اکڙين اعجاز جي - سي ڏسي آنند ڪيڙا.

ٿلهه: مُحب مِلو نہ مَلوالا - نينهن ڳني ٿہ کِلوالا - هَام حُجت ۾ي نَاهي.

١- آئُون تہ آوهانجو آهيان - نَوکَرُ نَالي نِلو.

٢- حُسن جَوانيءَ جي صَدقي - لَاهي حِجاب هلو.

٣- پَنهنجو پَاڻ سُجاٿي ڳريو - نَاتو ڪِيم ڊِلو.

٤- مَحشر ڏينهن اَعجاز چَوي - مُنهنجو ڳجو ڪو ٻلو.

ٿلهه: تُنهن جي تہ نِيڻن ڪَيا اوِنرمل، نت نِشانا نَوان نَوان،
سي دِل نِشينا نَاز سِکيا، دِلبَرانا نَوان نَوان.

١- نيڻن مَان تُنهنجي جو تيرِ نکتا، تَن ۾ مَن تن ٿُنيا ٿُنيا،
نِشَار ٿين تہ بہ ٿُوتَان هَزَارين خَان خَانَان نَوان نَوان.

٢- رَمزڪَهڙي سَان قُرين ٿو، هَوشمندن جا حَوصلا،
تُنهن جي ڏِسڻ لاءِ ڏنم جو تُنهن جي دَرِ ديوانا نَوان نَوان.

٣- هڪ تہ مَاڻن تُنهن جي موهيا، ڪَيا حُسن ۾يا هٿي پٺي،
مَوهڻ لاءِ تن جي وَري بَنايئي مِنهَن بَهانا نَوان نَوان.

٤- آبرو بہ قَاتل اکيون بہ قَاتل، غَمزا بہ قَاتل تُنهنجا ڏنم
ٻَرين اڳيان تُنهن جي پِيا تَڏهن جُوان جَانا نَوان نَوان.

٥- تُنهن جي نِگاهِ شوق جي آخر ڪِٿي ٿيندي انتها،
ٿُون روز شَب جو ڪَرين ٿو پَنهنجا رَازدانا نَوان نَوان.

٦- بيتاب تُنهن جي ديدار ڪان ٿي، آندر مان اُدمان ڳائي اُٿيا،
آعجاز جا هي عِجيب گُفتا عَاشقانا نَوان نَوان.

غمزه: ناز نَخرا

ٺلهه: سُهڻي جا نيڻ نينهن ۾ ـ ڏُوپار ٿو ڏِسان،
۽ ڏار ڪَجل جا ٻـ ڏَنـڏا ـ ڏار ٿـو ڏِسـان.

١ـ نينهن جي نِياڻ[1] مـان ـ ڪڙي آيا نَشا نِبار[2]،
خُمـار ٿَن نـيـڻـن جَا ـ خُنـڪ[3] دَار ٿـو ڏِسـان.

٢ـ ٻَانـڪـا ٻـ ٻَانـورا ٻـ ـ ٻَهـادر ٻـ نيـڻ هُو،
ڇِرڪڻ ڇِپڻ نـ ٿَن وَٽ ـ ڪَنهـن وَار ٿـو ڏِسـان.

٣ـ جَنهن سَان مِليا تـ ـ زِنـدگـي ڀَر لاءِ مِليا ڪِليا،
چَقمق سي چَشم ڀَاڻ سَان ـ آئون چَار ٿو ڏِسان.

٤ـ رَت عَاشـقـن جي سَاڻ ـ اِهـا ڏَار ڪَجل جي،
لَيـل و نِهـار ڀَار سـا ـ لَعـلِ زار ٿـو ڏِسـان.

٥ـ صُورت ۾ سُونـهـن ۾ ـ ۽ صِفـت ذَات ۾ سَچڻ،
پِرڪارين پَارين حُسن سان ـ پَيڪار ٿو ڏِسان.

٦ـ تَرڪَش[4] اکيون ٻَنيون تـ ـ ٻَنيا تير پِنبڻيون،
مُرچا مُچا انـهـن جا ـ جِگـر پَار ٿـو ڏِسـان.

٧ـ ڪـولـيـا جو عَنـبـر ٻَار ـ ٺَلهـڙ وَار دِلـربـا،
پَونـرا مَتـن نِثـار ـ پَتـنـگ وَار ٿـو ڏِسـان.

٨ـ قَد آورو هـو آهـڙو ـ جو هُن جي اکِيـان اکِيـان،
شَمـشـاد نَخِل طُوبـيٰ ـ شَرم سَار ٿـو ڏِسـان.

٩ـ آهـڙي تـ سُهـڻـي ٿَان ـ سِر اعجاز گهـورجي،
ويا گهـوري ايتـرا جو ـ نـ شُمـار ٿـو ڏِسـان.

(١) نياڻ: ندي، تلاءُ (٢) نِبار: پاڪ (٣) خُنڪ دار: مستي موج (٤) ترڪش: تيرن جي رکڻ جو ٿيلهو

تلهہ: مِنا مُنهن نہ آسان سان گُهنجائي مِلو۔ مُرڪي نيڻ نيڻن سان مِلائي مِلو.

۱۔ آسان جو آوهان سان قُرب آهي ڪُل۔ نا تو نينهن نظارو بيحد حُب آصل،
پنهن جي پياسن سان ياڪُر پائي مِلو.

۲۔ مِنا مُحب ايڏا نہ ماٺا ڪجن۔ مهٽا طَعنا مِٺڙا نہ مُنهن تي ڏجن،
رِيجهي رَنج غُصو غم مِٺائي مِلو.

۳۔ آوهين شَل اي سُٺا خُوشايا هُجو۔ حُسن ناز سان نت سَوايا هُجو،
مگر سوزُ سِيني سَمائي مِلو.

۴۔ چئي آعجاز آسين اِهڙا قَابِلُ نَاهيُون۔ آهيون جَاهِل گهٽا پَر غَافل نَاهيُون،
پَلي رَمزَن سان رَمزُون رَلائي مِلو.

تلهہ: نيڻن جي نَٽ نَاٽ لُٽي دِل۔ نيڻن جي نَٽ نَاٽ.

۱۔ وَسان وَهسان وَنيُن ۾۔ وَنيُن جي وَٽ وَاٽ لُٽي دِل،
نيڻن جي نَٽ نَاٽ.

۲۔ گَهاٽ گهڙيو ڪَنهن گُهورن وَارو۔ گُهورن جي گَهٽ گَهاٽ لُٽي دِل،
نيڻن جي نَٽ نَاٽ.

۳۔ چَندن وَارو چِڪو وَهوا۔ چَندن جي چَٽ چَاٽ لُٽي دِل،
نيڻن جي نَٽ نَاٽ.

۴۔ آسن مُنهنجو آهہ اکين ۾۔ اکين جي آٽ آٽ لُٽي دِل،
نيڻن جي نَٽ نَاٽ.

۵۔ آعجاز علىء جي آڏيء تي۔ آڏيء جي ڪَٽ ڪَاٽ لُٽي دِل،
نيڻن جي نَٽ نَاٽ.

تلمه: ڏٺاسون نيٺن اڳيان اڳيان ڪنهن - نِقابي رُخ جا تہ جَهلڪا جَهلڪا،
شَباب ڪامل سَان تَابان تَابان - شَبَابي رُخ جا تہ جَهلڪا جَهلڪا.

١- گهٽن ٿي نَازن گان پوءِ نَازڪ - نقاب ڪوليو حِجاب ڪوليو،
جَهلياسون جهوليون جَهلي جَهلي اُن - حِجابي رُخ جا تہ جَهلڪا جَهلڪا.

٢- لَقاءِ مَحبوب مَهہ لَقا جو - ڏِسي لَقائي لَقاءِ ٿي وِيا،
نَظر اُنهن ڪي نمايان آيا - نجابي[1] رُخ جا تہ جَهلڪا جَهلڪا.

٣- شَمع ۾ اگني[2] جُدا پَئي تَڙپي - بَدل ۾ بِجلي جُدا پَئي تَڙپي،
اِنهي ڪي شَايد نَصيب ٿِيا - لاَجوابي رُخ جا تہ جَهلڪا جَهلڪا.

۴- گُلابي موسم سَواءِ بہ جَهڙي - گُلابي موسَم لَڳي پَئي آ،
گُلابي هَر شيء گُلابي مَحفل - گُلابي رُخ جا تہ جَهلڪا جَهلڪا.

٥- نَہ ماهتابي نَہ آفتابي - جَمال صُورت بَشر نَايابي،
صَنم جي اَعجاز سَامهون ٿِيا هِن - شُهابي[3] رُخ جا تہ جَهلڪا جَهلڪا.

(١) نجابي: اعليٰ، اُتم (٢) آگني: بَاهہ (٣) شهابي: چمڪندڙ

ٿلهه: نيڻن جي ناز نينهن نچايا نواب ڪيئن،
هن عشق حُسن آهڙا گنيا هِت ثواب ڪيئن.

۱- آبرن جي هڪ اِشاري آڏو آڏ ڪيا اُهي،
جن تي هُما شهنشاهي جا خاصا خِطاب ڪيئن.

۲- سَرمد عَطار قيس بِلاول حُلاجِ ڏس،
آچي عِشق جي آري ۾ ڏناتن عَذاب ڪيئن.

۳- فرهاد فَرض پاريو شِيرين جي شَوق ۾،
رانجهن تي هِير ڪارڻ سَنا سِر عِتاب ڪيئن.

۴- رَنگريز ٿيو پُنهل ۽ نماچيءَ ڪنيون ڪُڙهيون،
گهانگها گِلا جا پائي، ٿيا ڪاميابُ ڪيئن.

۵- ڪُنڌڙين جي قُوت لاءِ قتل ڪاڪ ۾ ٿيا،
مُومَل ڏيو تي ميچ ڪَرايا ڪَباب ڪيئن.

۶- چاليهئي ٿيون تہ چَريون ٿو قُرآن پاڪ چئي،
باتيون مِصر ۾ بُيون زُليخان جي باب ڪيئن.

۷- يَثرب ۾ آيو يار يَڪايڪ تي روشني،
جَلوي نما تي عَربي، جُهڪايا جَناب ڪيئن.

۸- اَعجاز پَنهن جي اَصلي چِڏي ڪِرت ڪار ڪي،
صُنعان وانگي سِڪ ۾ بِٽيامهٽي هاب ڪيئن.

تلهہ: نيٽن ڪيا نيٽن سان - نظارا نوان نوان،
اِقرار خُوب خُوب - اِشارا نوان نوان.

۱- سينگار نت نُوان ڪن - ديدار نت نوان،
ڪن پيار نت قُرار - نيارا نوان نوان.

۲- پرچن رُسن بہ ٿا - تہ هي برسن وَسن بہ ٿا،
آپت ۾ آٿن ناز - ۽ آرا نوان نوان.

۳- نظرن جي ميل ڪيل - دليون هڪ ڪري ڇڏيون،
ڏريا نصيب پاڳ جا - ڏارا نوان نوان.

۴- کوليا خُمار خُوب - نشا نينهن جا نيڻن،
جاڳيا جُنون جيءَ - جيارا نوان نوان.

۵- رمزن جي رنگ تماشي - رزم ربط[۲] ۾ رهي،
ماٽيئون معراج ڪاج - معيارا نوان نوان.

۶- اعجاز هر اوقات ۾ - هر هر ملي ڪلي،
اکڙين ڏنا اکين کي - سهارا نوان نوان.

(۲) ربط: واسطو، تعلق

تلھ: ڪئين تہ ڪَيون تو ڇَريون ڇَريون - سُھٹا ناز نيٹن سان.

١- چَشم تُنھنجا ڇالاڪ چَترا - سُھٹا سَلوٹا پاڪيزہ سُترا،
ڪَھڙي شَراڪت ڪَريون ڪَريون - سُھٹا ناز نيٹن سان.

٢- سَعيو ڪَري جي تَوڪي پَسنديون - رَفيعُ الدرجَات(١) ڪي سيئي رَسنديون،
اَڳليون عيبن پَريون پَريون - سُھٹا ناز نيٹن سان.

٣- جَڏھين نَازن سان نقاب اُٿائين - نَوڪنڊ نمائي نَاتَ نَچائين،
پارين عَجب تو پَريون پَريون - سُھٹا ناز نيٹن سان.

۴- مُومَل وَاري بَازي بَنائي - سُورن سڪن جون سيجون وِڇائي،
پَرڪيئي گوئيون گريون گريون - سُھٹا ناز نيٹن سان.

۵- آهين اَعجاز جو وَالي وَارث - مَحبوب سَاقي پريتم پَارس،
ڪوليئي دَروني(٢) دَريون دَريون - سُھٹا ناز نيٹن سان.

تلھ: نھارين تو جي تہ نھاريندو رَھ - نَظر جُھڪائي مَار نہ تُون،
نَيٹَن ڪي نيٹ ڏَسٹ تہ ڏي - سِڪ ۾ سِڪائي مَار نہ تُون.

١- نَظرون نِگاھون مُون ڏي ڳَي - ڪَرمون تي نَوازش نھارڻ جي،
نِقاب ۾ ڍَڪي نَازيَريا پنھنجا - نيڻ لڪائي مَار نہ تُون.

٢- چَاڪ ڏنا آئي تہ چيٹ بہ تُون ئي - چَشم وَري مُون سان چار ڪَري،
آپيارَوارن جو اُصول اِھو - نہ تہ چَاڪ چڪائي مَار نہ تُون.

٣- ھيئن تہ نہ ڪَر تُون پَاڻ پرين - رک پَنھن جي وَقار جو پَاڻ پَرم،
دِل وَاعدي اُداري تي مُون ڪان وَني - اَڄ وَاعدو ڪُسائي مَار نہ تُون.

۴- جَان ۾ جَان تَڏھن تو پَانيان - جَاني جَڏھن تو مُون ڏي ڏسين،
ڏِسڻ پَسڻ ۾ اَعجاز ڇَوي - پوءِ وَقفا پَائي مَار نہ تُون.

(١) رفيع درجات: مٿاھون درجو (٢) دروني: اندر واري

تلهه: نيڻن ڪَرايو نِيازيَان، نَازن واريءَ نَوڪ نَظر جو.

١- سَاڙيو سَاڙي سَوين سَرِيرُون- سِڪ سَوز گُداز يَان
نَازن واريءَ نَوڪ نَظر جو.

٢- نَامِيا نَاتَ نسنگ نَچائي- غَمز و حُسن غَماز يَان
نَازن واريءَ نَوڪ نَظر جو.

٣- وِيرُون وَهائي ويو ڪَيي دل- ڀَهري بانورو بَاز يَان
نَازن واريءَ نَوڪ نَظر جو.

٤- گهايل گهائو ۽ گهٽيرو آهي- اَصلئُون آعجَاز يَان
نَازن واريءَ نَوڪ نَظر جو.

تلهه: حُسن جي لَڳي جن نظر نَوڪ نِياري،
بزرگي ۽ شيخي پَرهيزي تَن وِساري.

١- حُسن جي تہ حَلقن جَهاتيءَ ۽ تہ جَهلڪن،
اکين پيچ پَلڪن چَريا ڪيا چَوداري.

٢- حُسن مَاري گَاري، تہ هَلندا بيهَاري،
نِهاري ڏُتاري، جهُڪائي جُونجهاري[1].

٣- حُسن ديد ڪوڙي، صُنعان شيخي ڇَوڙي،
رِدا[2] لَاهي لَوڙهي، ڌرم دِين وَاري.

٤- پَسڻ سُونهن ڏاران، پريِن جي پَچاران،
لَڳي لئُون لَغاران، نہ ٿيا عَاشق عَاري.

٥- آعجَازا حَسِينن، اُنهن ناز نِينن،
مُرڪي مَهہ جَبِينن، ڪَئي غم گُساري.

(١) جونجهاري: بهادر (٢) ردا: چَادر

تلهه: مُنهنجو تہ متا مَن تُون، مَنظور نَظر آهين،
مَحبوب مُغان سَاقي ۽ جانِ جِگر آهين.

١- سُهڻن جي نمائش ۾ آ سَيني تُون سُهڻن کان،
غَمزن ۾ آدائُن ۾، جَلون ۾ گَثر آهين.

٢- تَڏهن تہ نَتُو ليکيان، غَمر دَرد زَماني جا،
هَر روز مُون لاءِ چڻ کين، تُون نِويد سَحر آهين.

٣- مُون حُسن تُنهنجي جو بَس، هيئن لآتو حِساب آهي،
پِيا رُوءِ قَمر سُهڻا، تُون رَشڪِ قَمر آهين.

٤- هڪ دَمر بہ جُدا هَاڻي، مَحبوب نہ رَهہ مُون کان،
مُون سَاڻ سَچو دلبر سورهان آنا اگر آهين.

٥- دُنيا سان دُنيا جَاڻي، دُنيا ۾ جَا پَنهنجو وَجي،
دُنيا کان بَدر آئون ۽ تُون بہ بَدر آهين.

٦- هن دِل جي رِياست جو، تُون مير سَچڻ آهين،
هِڪ ڏينهن لاءِ تُون نَاهين، سَڀ ڏِينهن مگر آهين.

٧- مُنهن جي لاءِ تَلخ طَعنا، ۽ عُذر بَهانا کَئين،
غَيرن لاءِ ڏنمر توکي، تُون شَهد و شکر آهين.

٨- آعجاز چوي مُون تان، تُون کَڻ نہ دلارا دِل،
هَمر رَاز جي مُنهنجو تُون، هَمر دوش سَفر آهين.

دوش: گڏ

تـلـهـ: هُـو مَـست نَظر سُهـٽـو، سَامـهـون جو ويـٺـو آهـي،
سِر مُنهنجي تي صَاحب سو پَلِ مُرڪي خَنجر وَاهي.

١- دِل هُن وَٽ مُـنـهـنـجي وَئي، ڪَنهن رَمـز ۾ قَابـو تـي،
هو جيئن به هَلي مُونسان، مُنهنجو ڪوبہ عَذر نَاهي.

٢- بَردار آهـيـان بـيـشـڪ، هَر نَاز سَـنـدس جو آئـون،
مُون اک آڙائي تَنهن سَان، پِيا سَانگا سَيئي لَاهي.

٣- جيـڪـو حُسن جو سَرگـرو آ، آختـيـار آ سَـڀ اُن ڪي،
جَـنـهـن حَال ۾ عَاشق ڪـي، رَاهـي تـہ پـلـي رَاهـي.

٤- هُو مُونـکـي ڏِسي ويـٺـو، آئـون هُن ڪي ڏِسان ويـٺـو،
اِهـا قَاب قَوسـيـنـي مَنزل، نَاهـي تـہ پِـيـو چَاهـي.

٥- آعجاز عَجب حَالـت، تِـي آهـي مُـنـهـنـجي دِل جي،
اُن يَار جي مُنهن رِيءَ پِيو، مُنهن ڪِين ڏِسڻ چَاهي.

عَذر: بهانو

ٿلهه: دِلبر جي دِيد ڏاران - تُون دِل جي دَوا نہ ڳول،
عِيلاج تُنهنجو آ اهو - عيلاڄ پيا نہ ڳول.

١- ڪَنهن رِند مَست عَاشق - بيباڪ هيئن چَيم،
جي تُون مَريضِ عِشق تہ - شَفقت شِفا نہ ڳول.

٢- پَاتار جا غَواصي - تُون پَاتار وَڃ پِڱي،
دُر بي بَها جي ڪَارڻ - ٻَهريان ٻَنا نہ ڳول.

٣- صُوفيءِ سَندو تَصوّر - تَحقيق مَڃ تَمام،
خُود ڪَان پَري تہ خُود تُون - خُدارا خُدا نہ ڳول.

۴- ڪَم سورهيَن جو آهي - مَتو عِشق ڪي ڏِيڻ،
بُزدل ڪي چِئہ تہ پاڻ لِئہ - آهڙي بَلا نہ ڳول.

۵- آزار عِشق جي ڪي - سيني ساهہ ساڻ سانڍ،
اِن سَوز سَودا دَرد لاءِ - ڏاڍو دُعا نہ ڳول.

٦- منٿون ڪَري جو تَوڪي - ڏَئي سِڪ جي سُرڪ وِيو،
تَنهن يَار جي سَواءِ تہ - ٻي پيٽي پَوا نہ ڳول.

٧- تُون پَنهنجو پَاڻ دَرمان - تُون پَنهنجو پَاڻ دَرد،
ويسَهہ ڪَرين جي پَاڻ تي - مَندر مڪا نہ ڳول.

٨- دَرمان دَردمَندن - دِيدار ديدئہ يَار،
اَعجاز چَئي بي فَائدا - پوءِ آنسَتا نہ ڳول.

بيباڪ: سُورهيہ بهادر

ٿلهه: هِن دل کي دِيد سان- ڏُٺارڻ ڇَڏي ڏِنئي،
ڦَهرين نهاري پوءِ- نِهارڻ ڇَڏي ڏِنئي.

۱- وَرتيءَ مُون کان جي مُنهنجي، اُڌاري جي طور دِل،
وَاپس وَرائي وَارڻ، سَارڻ ڇَڏي ڏِنئي.

۲- مُونکي صَلاح ڇَاهه ڏِني، عِشق جي ته تو،
هڪ پَل به هَاڻ عِشق، پَچارڻ ڇَڏي ڏِنئي.

۳- هَيرائي هَٿ هِنيون کَري، هيرِيَن جي پَچ مَ هَير،
کِيڏهن وَڃن اِهو ته وِيچارڻ ڇَڏي ڏِنئي.

۴- کَمڙي قُصور کَان اَچ، کُجهه نَا کُچين پُڇين،
خَصلت اگهين مَٺائي، کِيکارڻ ڇَڏي ڏِنئي.

۵- مَئي جا مَنگل مَلهائڻ، مَئي جَا وَسائڻ ميِنهن،
پَاڙن پِياري پِيارڻ، پِيارڻ ڇَڏي ڏِنئي.

۶- کشتيءَ تي چَاڙهي تَختو، کَيڏڻ کَم اِهو کَرين،
مُوسيٰ خِضر جي گَالهه، وِسارڻ ڇَڏي ڏِنئي.

۷- جَنهن آگ کي تون ٻَارين، اُها آگ نِت ٻَري،
اَعجاز ڇَئي ٻَريءَ کي، ٻَارڻ ڇَڏي ڏِنئي.

ٻَاڙي: پِياسي، پِيئڻ واري

ٹلم: دِيد مُنهنجيءَ آ پَسند هڪ بُو العجب دِلبر ڪَيو،
تنهن نگاهہ ناز آ، دِل ۾ بَپا مَحشر ڪَيو.

١- صُورتون پيون دِل آندر تان، سَڀ وَيون ميسارجي،
دِل ۾ صُورت سَا رَهي، جَنهن دِل کي پَنهنجو گهر ڪَيو.

٢- ڪا ڪُلِ مُشڪين ڏسي، مون آبر بَاران کان پُڇيو،
شَاعرن ڪيئن زُلف دِلبر سان توکي هَمسر ڪَيو.

٣- مُرڪ سان هِن رَشڪِ گُل، هي ڪِرشمُون ڏيکاريو،
غَم آلم جو مُنتشر[1] لَحظي آندر لَشڪر ڪَيو.

٤- پَئي ضَرورت يَار کي، رنگِ حِنا جي لِئہ هَٿن،
مُون چَيو آچ ٿورو ظَاهر آبُروءِ خَنجر ڪَيو.

٥- ڳَافرانہ عِشوا جَنهن جا، ڳَافرانہ عَزم ڪُل،
پُرزا پُرزا پَارسائيءَ، جو تہ تَنهن زيور ڪَيو.

٦- لَب بَدخشان لَعل کان، لاَلان ۾ وڌ لاَل هُئا،
جي دَهن[2] هن ۾ دَيَڻ[3]، سِي وِچ چُمي ٿي وَر ڪَيو.

٧- هِجرجي ڏَنگ ڏُک جو، زَائِل[4] زَهر تيو لَٺُون نَري،
مَهہ جَبين مَحبوب آهڙو، ڪو مِلي مَنتر ڪَيو.

٨- ڪِيئن تيو ڪَڏهن تيو ۽ ڪِٿ تيو ميلو مِلڻ،
حَال هَر ڪَنهن ۾ وَتان، حَاضر اُهو مَنظر ڪَيو.

٩- ڇَا سِکي سِکندو اُهو ۽ ڇَا پَڙهي پَڙهندو اُهو،
حِفظ قُرآن جِيئن حِفظ ۾، جنهن رخ دِلبر ڪَيو.

١٠- تو سَچڻ سَاقي آڇي، اي مَست تيو ڪُجهہ سُرت ۾،
گل گُلابي مَئي سِان سَپ، هي گَس گهٽيون آحمر[٥] ڪَيو.

١١- ڪَنڌ صُراحنِ جا جُهڪي پيا، سِر بَخم تيا جَام سَپ،
مَئيڪدھ ۾ صَنم مُنهنجي، جيئن مَٿي اچ ڪَر ڪَيو.

١٢- يَار جَانان جي جُنون ۾، مُلحظو[٦] حَد جو پِڄُم،
شيخ تَڏهين شور مُنهنجي شَعر تي آڪثر ڪَيو.

١٣- تُون ئي تو هِڪ تِين آي وَاعظ ضد هميشه عِشق جو،
توئي آهڪ عِشق اڳيان پَاڻ کي پَرڏر[٧] ڪَيو.

١٤- ڪَيِ ۾ تَوڪي قَاضيا، جِيڪر نهي دِيوانِ عشق،
پرچگو تيو تو مطعل، ڪونہ هي دَفتر ڪَيو.

١٥- عِشق جي شَاهين آڏو، دَام اڪرن جا آڏي،
ڪَنهن وِيچاري لاَخبر، ڪيڏو نہ آباوِر ڪَيو.

١٦- ڪَاتــبن قَاريـــن نِڪـــي ڪـــو عَالمـــن ۾ عَاقـــلـــن،
نــعـــرئـہ مَوجود حَق ھِت، عَاشـــقـــن اَظـــھــر ڪَيـــو.

١٧- پَاڻ ڪـــان پَر ڏور ھـو، مُونـڪـي پـريـن ۽ جو انــتـظـار،
پَر ھُو مُنھن جي مَن ۾ ھو، مُون مَن عَبث(٨) مُضطر(٩) ڪَيو.

١٨- ڪئـين نَوازيـا نـظـر سـان، اَعجاز مُنـھـنجي دِلـربـا،
ڪِن کي تنھن ڪُندَن(١٠) ڪَيو، ڪِن کي گِران(١١) گوھر(١٢) ڪَيو.

---

(١) منتشر: ٽڙيل، ختم (٢) دَهن: وَات (٣) دَچن: ڏَند
(٤) زائل: خَتم (٥) احمر: ڳاڙھو (٦) مَلحظو: لحاظ، خيال
(٧) پَرڏر: بھادر، بي ڊَپو (٨) عبث: اجايو (٩) مضطر: بي آرام
(١٠) ڪُندن: سون (١١) گِران: مھانگو (١٢) گوھر: موتي

ٿلهه: دِيدون دِلبر يَار جون - جِيئَن ڪَن ڏُوناليون ڏُو تہ ڏُو،
هُو بهو بَس آهڙيون ظَالم - حُسن وَاريون هُو تہ هُو.

١- رَاز جون راٽيون ٻَئي - سُرمي ڪَجل هَاٽيون ٻَئي،
جوڙ جُٽُ سِياٽيون ٻَئي - نَظرون اُنهن جون ضُو[1] تہ ضُو.

٢- هوَش هَڙ تَنهن دمِ نِيَن - ٽِيون رُو بَرو جَنهن دَمِ ٽِين،
رَنگ هَالارو[2] ڏِين - جَنهن ڏي بہ ڪَن رُخ رُو تہ رُو[3].

٣- بَانڪپن سَان بَالاتَر - آعليٰ ڪان آهن آعليٰ تَر،
جن ڪَيا پِڙَ پالها تر - ڏِس تُن اڪين جي خُو تہ خُو.

٤- عِشق جِي آتش مَنجهن - ۽ حسن جِي تَابش مَنجهن،
قرب جِي ڪاوش مَنجهن - ڪَاميَاب سي هَر سُو تہ سُو.

٥- هِن اکين جِي حَاضري - نِت ٿَا پِرَن ڪئين مَنتَرِي،
جوتشي ڪي جَنتَري - وِسرِي سَين ڪان چُو تہ چُو.

٦- تو بِچين گَان جي تِڪيون - سَانگو[4] سَنگَڻ نَا جي سِڪيون،
عَاشقن آهڙيون ڏِڪيون - آعجَاز آلله هُو تہ هُو.

(١) ضُو تہ ضُو: چمڪ واريون، چمڪندڙ (٢) هالارو: ڳاڙهو
(٣) رو: مُنهن، رخ (۴) سانگو سَنگڻ: واسطو، ناتو

تلمر: آچ ڏامر پيا دِل کي وَري، دِلبر آوهان جي دِيد جَا.

١- دِيدُن مُنهنجي دِل دَست ڪَئي، ٻي سَڀ وِچا مُون کان وَئي،
ويتُو وَرايان وَرق نَئي، هَر هَر حَبل[1] الوَرِيد جَا.

٢- مَحبُوب تو مَاٺا مَنڊيا، ڳَچ گَات کي کُهنا[2] ڪَڍيا،
آنگڙا اُنهن سين تو وَڍيا، هِن شَوق جي تہ شَهيد جَا.

٣- تُنهنجي تَاب کان بيتاب ٿي- رڳ رڳ وَڄئي رَباب ٿي،
تَڏهين هِتي ٻي حِجاب ٿي، نَعرا هَنيم تَوحيد جَا.

٤- اَعجاز چَئي وَڃ ويا وَڃي، حَيرت ۾ ويو هينئڙو هَڃي،
رَنگي لَٽا آيا ڳَڃي، ڏِس عَاشقن جي عِيد جَا.

تلمر: عيد تہ ڀَانيا هِيءَ مِيان، دِيد ڏِنيم هوءِ دِيد مِيان.

١- ڀَاڻ ڀَلائي پِرينءَ ڀَسايو، مُنهن مُصحاف مَجيد مِيان.

٢- تيغ آبروءَ جو وَهڻ وَٽيو آ، هَر هَر ٿِياسون شَهيد مِيان.

٣- حَسن حَضرت هَاديءَ جو آئون، ازلئون آهيان مُرِيد مِيان.

٤- يَار خَريدار دلين وَاري، هيءَ بہ ڪَئي دِل خَريد مِيان.

٥- اَعجاز علي حَسنينؑ مِليا، غَم دَرد ٿيا تہ بَعيد مِيان.

(١) حبل الوريد: ساھ جي رڳ کان ويجھو (٢) کُھنا: پراڻا، قديمي

ٿلهہ: آسان عِيد تُنهن جي دِيد، ڏسي ڪئي او سُهڻا.
اُٿئون مَوج دَر مَوج، لڳي پئي او سُهڻا.

١- آسين آهيون ڪِيئن ڇئون نَاهيون، بيشڪ روزِ آزل کَان،
تُنهن جي پيرڳس سيرَ، سَندِي رَئي او سُهڻا.

٢- نَظر مِلي جَڏهن دِلي، تَڏهن کَان ئي مَن ۾،
سُهڻي صُورت تُنهن جي مُورت، وَسي وَئي او سُهڻا.

٣- هِيءَ جا مَست دِل دَست، ڪَري يَار هَليو وِئين،
لِکي عَام کَان کَا مَام، ڳُجهي ڏَئي او سُهڻا.

٤- آسمان پِيار جي بَهار، ڏِني تُنهن جي اکين ۾،
مِلڻ وَاري دِلداري، ڏني ٿَئي او سُهڻا.

٥- پِي پِيالا مَتوالا، ڇَئي اَعجاز آسان ئي،
هِيئين هِڪ تُنهن جي سِڪ، کلي کَنئي او سُهڻا.

تلمه: نگاهہِ دلبر تہ مهربان آ، هَل هَلون دِل حُضور ۾،
صَدائِ آرني قبول پئي مَن، پَنهن جي پَهرئين ئي پُور ۾.

١- دِيدار دِلبر گان تہ اڳ ۾ پَهہ نظاري جو پُڄ تہ تُون،
نَظر جَمائي نياز سَان رَک، دِل سَندي کوهہ طُور ۾.

٢- نَصيب وَارن نَصيب ٿئي ٿو، عَجيب دَرشن عَجيب جو،
مِثال جَنهن جو مِلي نہ مُورهِن، کَنهن بہ حُور و قُصور ۾.

٣- وِصال جَانان نہ دُور آ پَر، خيال عَاشق رَوان هُجي،
قريب کان سو قَريب تَر آ، شَوق وَاري شعور ۾.

٤- مَقام عَاشق جو دَرحقيقت، سِدرةُ المُنتهائي آ،
پَروڙي مَعنيٰ پَتنگ وَانگر، عِشق جي پَڄ تون نُور ۾.

٥- نِقاب کُلندو خِطاب ٿيندو، نَاز وَاري جو نَاز سَان،
صَنم جا ڏِيندئي سَا گُهور سَهجئين، رَمز آ اِنهي گُهور ۾.

٦- هَزارين جَلوا هَزارين شعلا، ڏِسندين حُسن و شَباب جا،
خَطانہ هَوش و حَواس ٿئي، جِيئن کيف و مَستي سُرُور ۾.

٧- گَواز[1] آهي کَمال آهي، عَاشقن لاءِ وَما تَغيٰ،
پَوي نہ تر جو فَرق آعجازؔ، حَد بيحد جي عُبور ۾.

---

(١) گَواز: دارتي

تلهه: تُنهن جي حُسن نَازِ نگاهه سَان، تہ بَهار آ مُنهنجي عَاشقي،
تُنهن جي ذَوق شوق ۾ بَار بَارِ نثار آ مُنهنجي عَاشقي.

١- تُنهن جي زُلف جي تہ زَنجير سَان، تُنهن جي ترڇي سَامهين تير سان،
تُنهن جي رَمز رَمزجي ڏيرَسان، تي شُمار آ مُنهنجي عَاشقي.

٢- رَهي تُنهن جي روزِ ديدار ۾، ڏسي توکي هَار سِينگار ۾،
توتان سِر گهوريان تنهن جي پيار ۾، جو بَيدار آ مُنهنجي عَاشقي.

٣- مُنهن جي عَاشقيءَ جي اي دِلربا، تُون ئي اِبتدا تُون ئي انتها،
تُون ئي بَحرِ عشق جو نَاخدا، تَوسان پَار آ مُنهنجي عَاشقي.

٤- نَکي پَنهن جي نيڪيءَ نَام لاءِ، نَکي پَنهن جي عَيش آرام لاءِ،
رکو تُنهن جي سَجدي سَلام لاءِ، ذميوار آ مُنهنجي عَاشقي.

٥- ڪِنهي ڪنهن لاءِ چَين قَرار آ، ڪنهي ڪنهن لاءِ عبن شعار آ،
ڪِنهي ڪَنهن لاءِ بوجهہ ۽ بَار آ، يا بُخار آ مُنهنجي عَاشقي.

٦- تُنهن جي مرڪ سان جيڪي تا ٺهن، اِهي موتي دُرجي وِڪامجن،
تہ آول آول آي جَان مَن، خَريدار آ مُنهنجي عَاشقي.

٧- اَعجاز چئي توکي بَاخبر، ڪَيان حَال پَنهن جي ڳَان آئون مگر،
مَازَاغَ البَصَر تنهن جي آنظر، سرِدار آ مُنهنجي عَاشقي.

مَازَاغَ البَصَر: جتي نظر هئي، اک نہ لڙي نہ ڇنيي، ڦرکي

ٿلهہ: ڏسي توڏيِ ڏسن پئي ڏي - نگاهون سي ڪٿان آئيان،
آڳيان سَڀ ڪَنهن ڪَجن اظهارُ - آهون سي ڪٿان آئيان.

١- پُلائڻ لاءِ مَاڻهن جي - پَلاروِتي پَوان ليڪن،
قُبائون[1] بُزرگانيون ۽ - ڪُلاهون سي ڪِٿان آٿيان.

٢- فَقيرِ الحَال مان فُقَراء - مُون وَٽ فَاقہ مَستي آ،
زَماني کي ڪپڻ جي - خَانقاهون[2] سي ڪِٿان آٿيان.

٣- صَحيح ثَابت ڏِين توکي - نِياپا نِينهن جَا سَاري،
سَڄڻ سَائين تُون ئي سَچ چئو تہ وَاهون سي ڪِٿان آٿيان.

٤- ڪَڏهن ڪَنهن سَان ڪَڏهن ڪَنهن سان - آڙائيندو وَتان اکيون،
مگر چَلپل وَاريون چَاليون - ۽ چَاهون سي ڪِٿان آٿيان.

٥- سِپر سينو ڪَريو سُهٽا - سَهان پيو تِير سَڀ تُنهن جا،
ڪَجن جي آنڪلن وَاريون - پَناهون سي ڪِٿان آٿيان.

٦- وَفا جي جَوش ۾ مُون کان - وِکون وَاڌيون وَيون پَرجي،
وَري پُرتي وَرَان پَاهون[3] - تہ رَاهون سي ڪِٿان آٿيان.

٧- دُعائُون جي گُهرن تَوکان - دُنيا عُقبيٰ جي مَاٺڻ جُون،
چَوي اَعجازَ آهڙا پُک ڪِ - پَانهون سي ڪِٿان آٿيان.

(١) قبائون: جامون، جُبو، ڪُڙتو (١) خَانقاهون: ننگر جي جاءِ، درگاهون

(٣) پاهون: رستو، راهہ، واپسي وارو

تلھ: نرمل آلاجي ڇاهي تُنھنجي نِگاھ ۾،
مَارين پيو مُسافر روڪيو تُون رَاھ ۾.

١- هيڪر ڏِٺو تو جَنھن ڏي، سو هُوندو نہ هَوش ۾،
آھڙو آثر آتَئي ڪو چشمِ سِياھ ۾.

٢- دِلڙي ڦُريو اُمالڪ، رُوپَوش ٿِيو وَڃين،
هَرڪو ڪَري تو دَانھون اِنھي سَرد آھ ۾.

٣- سُھڻا سُوال هِن جو ڏي مُونکي جَواب تُون،
ذَر ذَر تو گھائين گھايل، گھڙي گُناھ ۾.

٤- اَعجاز ڇٽي نہ پٽي ڪَل، تُنھن جي فريب جي،
سُنھن ساڪ سَاڻ آهي، اِھو سُور ساھ ۾.

تلھ: مَدمست چِشم مُژگانا - ڏسي دَانھ ٿيا تہ ديوانا.

١- گھورون پَائن گھايل گھائن - بيحد پَرائن جَانا.

٢- نازئون نِھارن ميچون مَارن - پيارِن پُر پَيمانا.

٣- عَين اُهي دِن رين نَظر ۾ - نَين آهن ذِيشَانا.

٤- اَعجاز رِنداني انداز سان - بي نياز رَهن روزَانا.

ٿلهه: نِگاهون خَنجر، نِگاهون نَشتر۔ نِگاهون دَرمل دَوا دَوا هُو،
ڪَڏهن سَراپا جَفا جَفا هُو۔ ڪَڏهن سَراپا وَفا وَفا هُو.

١۔ مَتان پِيون ڪِي ڪٽاريون سَمجهو۔ اَکيون ئي سَمجهو ڪٽاريون قاتل،
ڪُٺا ڪٽارين نہ جيڪي ڪَڏهن۔ اکين سي ڪُونتر ڪُٺا ڪُٺا هُو.

٢۔ نِظارا نظرون نيڻن جون نَوڪون۔ نيهي کي لائن نيهي نِپائن
نِيڻَن جي نِينهن جا نِسنگ عَاشق۔ نَيڻن تان سِرڪن فِدا فِدا هو.

٣۔ نِگاهون اَول نِگاهون آخر۔ نِگاهون ظَاهر نِگاهون بَاطن،
نِگاهون ڪَامل سَدائين شَامل۔ نِگاهون مَنزل رَسا رَسا هُو.

۴۔ جَڏهن نِقابئُون ڪُليو ڪَرَيون ٿِين۔ حَشر ڪَرا ٿين نَشر پَڙها ٿين،
ڦُٽيو وَجن ٿِيون لُٽيو وَجن ٿِيون۔ مگر وٽن ٿيون تہ آها آها هُو.

۵۔ نَصيب جَن کي قَريب تَن کي۔ وَنَحن اَقرَب اُهي نِگاهون،
عَجيب نَازن عَجيب رَازن۔ پَريون تہ آهن سَدا سَدا هُو.

٦۔ خُدا بہ هو نَاخُدا بہ هو ۽۔ جُدا بہ هو گَڏ سَدا بہ هُو حق،
نِگاهون اَعجاز مُنهنجي سَڄڻ جون۔ مون لاءِ آهن لَقا لَقا هُو.

ڪٽاريون: ترواريون

ٿلھ: ڪَج تيغ ڪَجل جي بَناء وري - مُنهنجي مَرضي آمُونکي گهاءِ وَري.

١- هَتان تُنهنجي يَلي تہ فگار هُجان - تُنهنجي شوخ نَظر جو شِڪار هُجان،
هڪ وَار نہ پَر هَر وار هُجان - آزمايو آتئي آزماءِ وَري.

٢- جِيئن گهائين ٿو تڙپائين ٿو - تيئن شوق مُنهنجي کي وَڌائين ٿو،
تہ بہ ٿورو لکن جو لاکڻ لائين ٿو - مَونسان ڪَجليون اکيون تہ مِلاءِ وَري.

٣- ڪارِي ڪَجل وارِي ڪُنڊِي تيغَ تکي - تو وانگي وَهائڻ ڪَنهن نہ سِکي،
مُنهنجي گهور ٿَوتان هِيءَ سونِي سِسي - يَلي قتل سُهٽا تہ ڪَماءِ وَري.

٤- نازڪ ناز بہ رک پَر نينهن بہ رک - عَاشق سَاڻ مِلڻ جو ڏينهن بہ رک،
اَعجاز چوي پِيالو شِينهُن بَرَک - پوءِ جَام تي جَام هَلاءِ وَري.

ٿلھ: گهوڙا ڪَجل جي گهاءَ، آئون گهايس - نَا تہ مَران ٿي، نَا تہ جِيان ٿي.

١- لاَعِلاج آهيان جيڏيون، رِيءِ وِصالي وَاء.

٢- گهاءِ اِهو ڪو آهڙو آهي - سَڀ وِجاءِين ساء.

٣- نِير نيڻن ۾ جَان لَبن تي - بَر زبان بُڪاء.

٤- آهن اَعجاز اُون سِر هَر هَر - تيغ ابروءَ جا تاء.

بڪاءُ: روئڻ، آھ زاري

تلھ: رُخ سُرخ چشم مَئي گُونا ـ ڏس نَازنينن جا نَمونا،
سي بينا مَارڻ موھڻ لاءِ ـ تَي بي نقاب بي اُونا.

١ـ عَينا اَبرو انف[1] عَجائب ـ اَحمر لَب اَفزُونا[2]،
دُرعَدن كان دَند دَرخشان ـ سُھڻا صَاف سَنُونا.

٢ـ نيرَنگي جا مان جَان مَتي ـ ۽ چَنچل چَال چگُونا،
گيسو[3] گِرھ گيرَتني جا ـ گِرفت کَن گِردونا.

٣ـ مَحبوبن جي مُنھن ڏسڻ لاءِ ـ ٿِيا مَلک فَلک مَفتونا[4]،
پِيا عَاشق اُن جي كَاڻ تي بينا ـ بَادل بُو كِلمونا.

٤ـ قُلزم واري کُن ۾ ھڻا اڳ ـ قائم كُن فَيكونا،
جَلوه نِما ٿيا جَابجا پوءِ ـ بُوالعَجَبُ بِي چونا.

٥ـ اِن دَرشن دَرپن رُخ پرين جي ـ كوليا دَر دَرُونا،
لَائي نِينھن عُشاق اَعجاز ـ ٿيڙا لَايحزنُونا.

تلھ: ويھي سَامھون سُھٽل چوري چِشم چَنچل مُركي مُحب مِثل اَچ مَچائي وِڌئي.
كري كَنگاكَجل چوٽا مُشك رَتل وَھوا يَار سَانول دِل ڦَاسائي وِڌئي.

١ـ سُھڻا اچ تو سَنيون كِلي آكڙيون كَنيون وَسي رُوح ۾ وَيون، پَسٽيون پكپل پِيون،
لَڳيون نَوكون نَيون رَمزون تومُون ھَنيون كَششون تَن تہ كَيون سِک سَامائي وِڌئي

٢ـ اَھڙا زُلف دُتا تُنھنجا توئي ڳُتا، جَھڙا سَپ تي سُتا تَن ۾ خيال كُتا،
جُنبي جِيءَ ۾ جُتا، وڳا مَن ۾ مُتا، تَن طَبق تَتا مَچ مَچائي وِڌئي.

٣ـ ڦُري دِل تو نِيم خُوشي ڏاڍي ٿِيم اِھا آس ھُيم پُوري توئي كَيم،
توسان پيچ پِيم جَذبا جوش جِيم لَڳي لنھر ويم جِنّ جَاڳائي وِڌئي.

٤ـ توكي اَعجاز ڏنا ڇَانئي مَن ۾ ڇَنا ـ اَچي دير بنان ويھي پول آٽا،
دَامن تُنھنجي ڳِنھان توكان پِرت پِنان، لِكي لوک كنان لَئون جي لَائي وِڌئي.

---

(١) اَنف: نَكُ (٢) افزونا: زياده، وڌيک (٣) گيسو: وَار (٤) مفتونا: فدا، عاشق

ٿلهه: ڪَجل ڪَنوريون ڪَيف ڪَڪورِيُون- قَتل گهورِيُون توؤاريون اکيون.

١- خُون عُشاقَن جي تي پَالي- گَاري ڀَر تو گَاريون اکيون.

٢- ڪَنهنجو لحاظ ڪَرڻ نه ڄَاڻن- اهڙيون آئَي ڪي سيڪاريون اکيون.

٣- ڪَجل پَائن قَتل ڪَمائن- ڪَونت ڪُڏائن ڪَاريون اکيون.

٤- سُهٽا سَدائين سَيِ هَند تُنهنجون- سُورهه ٿيو ڪَن سَاريون اکيون.

٥- ڏَاڙَادِلين جا وَتن هَٽنديون- ڏَاڙِيليون تو ڏَاريون اکيون.

٦- رَائي پَنهنجي سَان رُخ ڪَن جيڏهن- رَنگ لائن رَنگ وَاريُون اکيون.

٧- تِکن تَراريِن جَهڙا آبرو- سَانپ رکن سويَاريون اکيون.

٨- ڪَڏهن اعجَاز ڇَئي ڪِلي گَنديِن- پَيار ڀَريون مُون ڏي پيِاريون اکيون.

ٿلهه: ڪَجل وَاري ڪَاري لڳي ڪَج ڪَناري،
پُڳي ڪَانه هڪ پَل پوءِ پَرهيزگاري.

١- اکين پيچ پَلڪن جَهاتين تَاب جَهلڪُن،
مِلڻ مَام مُرڪن لُٽي دِل هَزاري.

٢- ڪَجل ڪَيفي ڪَاري ڏِني بَاهه ٻَاري،
نِهاري تَه مَاري هَئي ڏَڪ ڪَاپاري.

٣- طَاعت تَسبيح تَقويٰ ڇَاجي دُنيا عُقبيٰ،
ڪَئي عِشق دَعويٰ ٿِياسون زُناري.

٤- اعجَازا عَجيبن نگيٽن نَجيبن،
موهي مَن مُجيبَن ڪَئي پنهنجي سَاري.

تلهہ: ڪَجل وَاري ڪَاري - لَڳي جَن ڪَٽاري،
بُزرگي ۽ شيخي - پَرهيز تَن وِساري.

١- حُسن وَاري حَلقن - جَهاتين ۽ تہ جَهلڪن،
اکين پيچ پَلڪن - لُٽي سُرت سَاري.

٢- حُسن مَاري ڪَاري - تو هَلندا بيهَاري،
نِهاري ڏُٽاري - جُهڪائي جُهونجهارِي.

٣- حُسن ديد ڪوڙي - صُنعان شيخي چوڙي،
رِدا لاَهي لوڙهي - ڌَرم دِين وَاري.

۴- پَسڻ سُونهن ڏاران - پرين جي پَچاران،
لَڳي لَٺُون لَغاران - نہ تَيا عَاشق عَاري.

۵- آعجازا حَسِينن - اِنهن نَازنينن،
مُرڪي مَہ جَبِينن - چَريا ڪَيا چوڌَاري.

تلهہ: يَار جي آبرن جي بِيهڪ - سُونهن سُهٽي دَنگ آ،
خُوب خَنجر ڪي بہ خَم آ - پَر هُتي بِيو رَنگ آ.

١- جي ڏِسان تو زُلف اُن جا، تَہ بہ لَڳي تو مُون عَجب،
هَر ڏِسڻ وَاري ڪي تَن، هَر هَر پَاتو وَر وَنگ آ.

٢- نيڻ بَازيگر اهي، شَرطون هَئيو بَازيون گَن،
ڇَا چَوان ڇَاهي وَٺن، ڇَا ڪيڏ جَادو ڍَنگ آ.

٣- لاَل لَعلون لاَل هِندوا، لاَل گُلڙا لاَل لاَک،
سَپ سَين ڪي لَعلَ هُن، لَبڙن لَڳايو رَنگ آ.

۴- ڪِيئَن نہ بِجليون مَنجهہ بَدل، پَڙڪن پِچن بيتاب تين،
عِشق سُهٽي جي ڪَيو آچ، هَر طَرف آڙنگ آ.

۵- نَرم نَازڪ ڪَنول ڪان، سُهٽو سَدا سَارو بَدن،
الف قَد آعجاز اُن جو، اِسرار هَر آنگ آ.

ٿلهه: تُنهن جا آبرو سِياهه خَم خَم- آسان ڪَاڻ سَجڻ سَجدي گَاهه ٿِيا.

١- رُخ آوهان جو ڪَعبو آطهر- رَوز رَوشن نُور مُنوّر،
تَنهن کي طَواف گَيوسون بَرابر- دِل جي ڏِيان سان دِلبر دَم دَم،
فَرض دُوگانه آداهه ٿِيا.

٢- لاَئي اندر ۾ عِشق جي هَلچل- رَهيا مُشتاقَن سان ٿِي رَلمل،
چِشم تُنهن جا پِيارا پَلپل- پَائي ڪَجل ڪَري ڏاڍي رِم جِهم،
چَمڪي اُونداهيءَ ۾ رَاهه ٿِيا.

٣- دِيد ۾ دِيد مِلي مَس آهي- هَاڻ نَظر هيءَ ڦِرٽي نَاهي،
دوزَخ ڇَاهي بِهشت ڇَاهي- ڪَهڙو اُنهن سان مُنهن جو ڪَم،
تُوکان نه وَڌ سي بِالله ٿِيا.

٤- آبرو مُژگان تُنِرا تَارا- چَمڪيو چَمڪن لَيل نِهارا،
ڏَند مُبارڪ هِيرا هَزارا- لَب حِجر آسود قَسم،
چُمڻ اَعجازا مُباح ٿِيا.

ٽلهه: اڳيان هن سيف ابرو جي، لڪين ڌڙ سر جدا ٿي ويا.
حواس و هوش پسپا ڪئين، هنر حيلا خطا ٿي ويا.

١- تيغ ابرو جي تابش ڪان، پهاڙ به ٿيو پون پاڻي،
جُنبش ڪان تنهن جي قيامت خيز، سِينن سِيءَ ٻَيا ٿي ويا.

٢- اهائي فاتحِ عالم، اهائي غالب شاهان،
انهي تلوار جي آڏو، اُپن جا هَٿ اُپا ٿي ويا.

٣- قُوّتِ بَازو ڪان پالهو، اهو جانباز آخر ٿيو،
جَرح ٿٽ حسن جي صَمصَام جا، جنهن سر عطا ٿي ويا.

٤- خفا سارو جهان تن ڪان، ۽ خائف سڀ شفاخانه،
بنايل برهه جا بيمار، لاشڪ لادوا ٿي ويا.

٥- ڪيا جي زلفِ جانان جي، ڪمند ڪاري سڏي قيدي،
چون ٿا هر دو جڳ وارا، انهن تان بَندِ بدا ٿي ويا.

٦- ڪَيا مَحصور سَڀ ميدان، حسينن جي ته ئي ماڻن،
صفِ اول جا پڻ سوره، اتي ازخود سِڌا ٿي ويا.

٧- رُخ دلبر جو جلوو چن، نصيب آ بزمِ حاضر ۾،
انهن جا فرض ۽ واجب، اهم سجدا آدا ٿي ويا.

هلندڙ

مَحصور: حراست ۾، قيد ۾

۸- پرون ئي قوس کج رنگي، پرون ئي خوش نما خنجر،
پرون ئي صورتِ محراب، وکعبہ جي بجاء ٿي ويا.

۹- ڏنم جو سيم گُون محبوب جي اچ چشم مئيگون کي،
سراپا جان تي طاري نشا بي انتها ٿي ويا.

۱۰- نہ مُنهن جي اُت نہ تُنهن جي اُت، نہ کنهن جي اُت هلي حجت،
مقابل ٿيا جي وحشت کان، اُهي آخر فدا ٿي ويا.

۱۱- نکا ٿو شاعري چاٽان، نکي ٿو شعر سمجهان پر،
جنونِ عشق ۾ جيکي، چيم گفتا سچا ٿي ويا.

۱۲- سچن جي عشق جو سودو، مَتو ماٺو نہ ٿيو کڏهين،
کچائيءَ کان کچن جا کئين، ڏٺم سودا کچا ٿي ويا.

۱۳- رهيا زيرِ کمان اعجازؔ جن جي آسمان وارا،
انهن ابرن انهن اکڙين جا، عاشق چا نہ چا ٿي ويا.

سيم گون: چهرڪندڙ شفاف

تلھ: مُک مُژگان[1] آبرو عَينا ـ نِروار نِظارا لڳا لڳا،
وَھ چشمان چِقمَق چِئينا ـ ڪَج[2] ڏار ڪَنارا لڳا لڳا.

١- غمزي ڏار بي پَرواھ بَالم ـ پِرمَل پردي نشينا،
گھُونگھٽ کولي ويٺا اولي ـ لاَئـَي ديد ڏُبينا،
ناز نئينا دِن رينا ـ خوءِ دَار خُومارا لڳا لڳا.

٢- آڄ دوش ُبَدوش ُآغوش ۾ آھن ـ پِڳهيون مَن مُدائُون،
پُر پيمانن لُعاب لَبن سان ـ دِل جا دَاغ ڌَوتائُون،
گھوريا سِر گھر سِينا ـ سِينگار سُونھارا لڳا لڳا.

٣- حُسُن تني جو ڳاني ڪَرامت ـ حُسن تَني جو جَادو،
حُسن سَان مَارن حُسن سان جِيارِن ـ حُسن سان ڪَن تا قابو،
تنھن حسن سازيو طور سينا ـ آرنيءِ جا نعرا لڳا لڳا.

٤- ھوش جو نالو ھوش جو خانو ـ ھوش ھِنيان چَڏھاٽي،
مُنھِڙو ڏيکاريو اَعجازَ پرين ـ مَدھوشيءِ ۾ پَس ُپاٺھي،
ٻَولي ٻَولِ اي من جي مَينا ـ ديدا ر ڏُبارا لڳا لڳا.

(١) مژگان: پنبڻيون (٢) ڪَج ڏار: ڪجل جي ڏَار

ٿلهه:عِشق وَارن جا عَجب ڏِناسون - مَاڳ مَنَهَن مَئيخانه،

مَاڳ مَنـهـن مَئـيـخانـہ - رَاڳ ويـراڳ رِنـدانـہ.

١- وَسندا رَهن ٿـا، وَسـندا رَهـندا - عَاشـقن جا آسـتانـہ.

٢- پَالـوٿ پِريمـي رَس جي اُن وٽ - پُرفـيـاض پَيـمـانـہ.

٣- صُحبت مُحبت ڪَري انهن جي - قَلب آئينو روزانہ.

٤- سَاهہ بَرابـر سَمجهي سَانيج - گُفتـا اُنهن جا گِيـانـہ.

٥- اُتـي اَعجازا آهن سَلامـي - ڪَئين جـڳ ڪَئين زَمـانـہ.

گِيانہ: معنيٰ خيز، علم وارا

ٿلهه: آهيان حَضرتِ عِشق جَناب آئون - جِتي چاهيان ڪَيان اُتي خِطاب آئون.

١- پيرن آميرن ۾ ميرن ۾، شَاهن بَادشاهن وزيرن ۾
ڪَن چيرن جوڳين فقيرن ۾، آئيان عَاشقي وارو انقلاب آئون.

٢- جِتي چاهيان اُتي ٿيان مَنزل نَشين، هجي اَرض و سَما توڙي عرشِ بَرين،
سَڀ جاءِ سگهان ٿو آچي ۽ وَڃي، هلايو حڪم سگهان هَر باب آئون.

٣- جَنهن ڏِي خيال ڪيان تنهنکي لَعل ڪَيان، جَنهنتي پالُ ڪيان تَنهنجو وِصال ڪَيان،
جو قدم پَريان تنهن ۾ ڪَمالُ ڪَريان، نچايان ناٿ به ڪولي نقاب آئون.

٤- مُونسان آبِ خضر به ڪونه لڳي، مُونسان شَهد و شَڪر به ڪونه لڳي،
مُونسان قاتل زهر به ڪونه لڳي، لاَفاني آهيان هِڪ شَراب آئون.

٥- مُون ڪان ڪوبه نه قَد ۾ دَراز ڪونهي، مُون ڪان ڪنهنجو اوچو آواز ڪونهي،
مون ڪان ڪوبه ڳجهو رنگ راز ڪونهي، جَاڳان خُوابن جو خُوب حساب آئون.

٦- ڪڏهن جُنونن(١) واري جَهان اندر، ڪَڏهن مَردن واري مئيخان اندر،
ڪَڏهن طبلي تنبوري تان اندر، ڪڏهن شاعر مصوّر نَاياب(٢) آئون.

٧- اڳيان مُنهنجي نه پَنهنجي جَاڻ رکو، نَڪي عِلم عَقل جا مَاڻ رکو،
مُنهن جي سِر جي اَعجازا سڃاڻ رکو، ماضي حال قبل جو ڪتاب آئون.

(١) جنونن: چريا (٢) ناياب: اڻ لڀ

ٿلهه: قدم پَر عِشق ۾ آهڙو- عدم کان جِيئن ڏِسئين اڳتي،
قضا ڪاتب جي مَس ڪاغذ- قَلم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي.

۱- جيڪو سمجهي اُنهي ڏي آ- سَنيهو سالڪاڻو هي،
ڪِراما ڪاتبينَن جي- رَقم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي.

۲- تَوڪي عُشاق پوءِ چَوندس- تَوڪي مُشاق[1] پُوءِ چَوندس،
خُدا ۽ ناخُدا جي پَر- پَرم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي.

۳- چَلانگ آ عِشق جو اهڙو- نِهايت نَاهه جَنهنجي ڪا،
اُهو ڪو عِشق رَک وِت ۾- وِتَم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي.

۴- رِندانِي راهه تي رَمندي- نه مَنزل جو تَلاشو تي،
لِوائل[2] عشق سان وِيندو- اِرَم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي.

۵- اوراهان فن فَهم ڪهڙا- آوراهان دَم قَدم ڪهڙا،
اوراهين دَرد دعويٰ دَم- قَدم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي.

۶- عَقل اِمڪان ڪان اڳتي- وِيندو عُشاق پَر ڪو ڪو،
عَقل جي حَد اِحاطي خَط- خَتم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي.

۷- نَه جَنهن ۾ يار جَائز آ- نه جَنهن ۾ پيار جَائز آ،
اِنهي دين و دَرم رِيت و- رَسم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي.

۸- اِهي آهن زَماني جا- سَڀئي آسباب آعجازا،
جَلال و بُزرگي جَاهه و- حَشم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي.

(۱) مشاق: ماهر (۲) لوائل: جهنڊو، عَلم

تلهہ: ڪونهي آمر لِکئي سان عِشق ُبَدَل- تَقدير تي قَادر عِشق ُئي آ،
ڪُل شئي تي قَدم آ عِشقَ سَندو- ڪُل شئي تي مُسخِر[1] عِشق ُئي آ.

١- اُهو پهريون ڪَافر ڪير هُيو، ڪَنهن پنهن جي پُوڄا پِئي پَاڻ ڪَئي،
جنهن تَخيل[2] آدم پيش ُڪَيو، اُهو پهريون ڪَافر عِشق ُئي آ.

٢- تَقدير لِکي تَقدير پيچي، تَقدير جي قَيد ۾ راڄ ڪَڙي،
قَلَم ُڪَار کِتي مدد گار کِتي، هَر ڪار جو مَاهِر عِشق ُئي آ.

٣- چو عشق جُون ڳَالهيون تو مُون ڪان پُڇين، چَا عِشق جُون ڳَالهيون ٻُڌندين تون،
ڪُن حرف چَيَئين ڪَائنات تي پَئي، اهڙو صانع[3] نَادر عِشق ُئي آ.

٤- نَڪا عِشق اڳيان تَدبير هَلي، نَڪا قَاضيءَ جي تَحرير هَلي،
نَڪا لوحي ليڪ لَکير هَلي، اِهو شَاهي شَاطِر[4] عِشق ُئي آ.

٥- فِرعون موسيٰ مُتضاد ٿِئي، نَعرو نَام ٻنهي جو الگ الگ،
پَر مُوسيٰ فرعون جي پَس پَرده، آداڪار آڪابُر عِشق ُئي آ.

٦- ڪِنهن بہ بَند جو پَابندُ عِشق ُنہ ٿِيو، آزاداني خيالُ جو خَالق ُآ،
حُريت جو عَلم بَردار ُاَصل، حُريت سان نِشا نَبر عِشق ُئي آ.

٧- مردن جي نِگاهن ۾ عِشق رهيو، مَردن جي نگاهن لکيون ميٽيون،
اَعجاز اَلئي جي عشق تہ پوءِ، تنهنجو حَامي نَاصر عِشق ُئي آ.

---

(١) مسخر: فتح ٿيل قبضي ۾ (٢) تخيل: خيال
(٣) صانع: ڪاريگر ناهيندڙ (٤) شاطر: چالاڪ سياڻو

تلهہ: عاشق جي نظر هر جاءِ۔ توکي جهات ڳنڌي آ،
تنهن جي سِر کي ذري پُرزي ۾۔ اثبات ڳنڌي آ.

١۔ جَنهن جاءِ هجين جيئن بہ۔ جهڙي رَنگ ۽ ڍنگ ۾،
عاشق کان لِکي ڪين سگهندين۔ ڪِنهن بہ آنگ ۾،
بِينائي برهہ واري۔ عَجب ڳهات ڳنڌي آ.

٢۔ ڪوجيءُ نہ جُدا تنهنجي۔ ۽ ڪوتن نہ سواءِ تو،
تَحقيق عشاقن آ توکي۔ خُوب سُڃاتو،
ٻي ڪانہ هستي سير۔ مَنجهہ صِفات ڳنڌي آ.

٣۔ هَر زمان هَر مڪان۔ هَر جَهان ۾ آهين،
هَر ڳيان هَر ڌيان۔ هر ڳُمان ۾ آهين،
دُنيا تہ تنهنجي موجودگي کي۔ مَات ڳنڌي آ.

٤۔ عَاشق جي سَواءِ ڪير۔ تُنهنجي مَام کي ڄاڻي،
تنهن جي مام الٽي ڳام۔ ڏاٽي ڏام کي ڄاٽي،
حسن دار روپ هزار۔ تنهنجي ذات ڳنڌي آ.

٥۔ جي اولو اِسم جو ڳَرين۔ جي چولو جِسم جو،
اَعجاز جي ناهي ڊِيد کي۔ ڪو پولو قسم جو،
هَر هَات تنهن جي سان تہ۔ هِيءَ بہ هَات ڳنڌي آ.

قلم: عَاشق جي تُون آهين تہ پَوءِ هيئن تَوکي بَجا چو،
سُهٹن جي سِتم تي تو کرين دَانهن پَلا چو.

١- سکَ جن سان ڍڻبي سَاڻ تي، ڏس ڏک بہ انهن سان،
رِندن جي اِها رَمز نتو سَمجهين رَوا چو.

٢- توکي تو ڦٻي تير مُژگان[1] سان جي هُو سُهٹو،
آچَر[2] تي اگهيان اُن جي، تون بيهين نہ پَلا چو.

٣- سِر پاڻ ڏنيو عشق کي تو پَنهنجي خُوشي سان،
پوءِ تولاءِ بَنيو عشق اچي هاڻ بَلا چو.

٤- کَڏهن بہ مروّت جو حَسينن کي نہ کَر سُوال،
راضي هو رهن جنهن تي، رکين سا نہ رَضا چو.

٥- دَامان صبر ساڻ سَندو دَم بہ جَهلي ويهہ،
دَر دَر تو کرين دَانهون دَردن جون سدا چو.

٦- دلبر تہ وفائون بہ کندا، جورا جفائون بہ،
وَاقف تُون رکُو تن جي وفائن جو آدا چو.

٧- آعجاز اکيون چار کجن، پيار پَکي سان،
کمزور هجن پيار جا، کي سودا سَستا چو.

(١) مُژگان: پنبڻيون (٢) آچر: نيشان

تلهه: عَاشقي جو دَم هَئي رُسوا ٿياسون خَواهه مَخواهه،
پَاڻ پَنهنجي جَان جا بَدخواهِ ٿياسون خَواهه مَخواهه.

۱- آ ظَلُومًا (۱) ۽ جَهُولاً (۲) قول قُرآني سَچو،
پَنهنجي بي سَمجهائي کان تَڪڙا ٿياسون خَواهه مخواهه.

۲- وَقت آدم کان وَٺي آچ تائين آهيون بَيقرار،
آلوداع چئي بهشت کي ڏُکيا ٿياسون خَواهه مَخواهه.

۳- ڪُجهه نه وَريو ڪُجهه نه سَريو، عشق جي وَاپار مَان،
پُل ۾ هي سودو ڪَري، سَستا ٿياسون خَواهه مَخواهه.

۴- حُسن جي هَر جَهلڪ تي، حَيران ٿي هَر هَنڌ آسين،
رِي ۽ قَدر قيمت ذَرا پُرزا ٿياسون خَواهه مَخواهه.

۵- عشق ٿا جَنهن کي چَون، چَائيءِ جو سوهڪ ڍير آ،
مَنهن بَدن تَنهن مان مَلي ميرا ٿياسون خَواهه مَخواهه.

۶- سک سچائي لاءِ ڪَري وَعدي وَفائي لاءِ ڪَري،
عَيش سُک آرام کان آرها ٿياسون خَواهه مَخواهه.

۷- جوبه آهي بُت حَسين سوفِي الحقيقت آفريب،
تہ بہ نَٿا سمجهون آسين چَريا ٿياسون خَواهه مَخواهه.

۸- نيچ ڪَارن جي بہ اڳيان نيچ ٿيٽو ٿو پَوي،
آبروءِ عشق لاءِ نيچا ٿياسون خَواهه مَخواهه.

۹- دَامنِ بي دَاغ کي دَم دَم بَنائي دَاغدار،
غَير وَٽ نَاغير وَٽ هَلڪا ٿياسون خَواهه مَخواهه.

۱۰- جِسم جَانِ ڳَاري ڳَري، لَحم و لَهُو ٻَاري ٻَري،
عِشق جا اعجاز چئي چَمچا ٿياسون خَواهه مَخواهه.

(۱) ظَلُومًا: ظالم (۲) جَهُولاً: جاهل

تلھ: ھڪ عِشق وَارا ڳَنڍِ ڪيرِ ڏنم پيو مُلڪ تَفرقي گيرِ ڏنم.

۱- حَقي عِشق جتي هِيڪڙائي اُتي، ڪَنھن وَار جُدائي نہ پيائي اُتي، تَفريق جي واهہ نہ وَائي اُتي، اُتي فرقا بَندي ناگَذير ڏنم.

۲- هِن نَظر مان گُذريا زمانہ ڪَئين، هَر زماني جا فَن فَسانہ ڪَئين، هَر فَساني جا تَرجمانہ ڪَئين، بِنا بِرهہ سي سڀ بِي بَصيرِ ڏنم.

۳- چَوڦير چوڏاري چڪاسيو سون، وِچ وچور ڏسي مَن ومِاسيو سون، بي پير زَمانو آباسيو سُون، هت نينهن وَارن کي نَصير[1] ڏنم.

۴- ڪِتي ڦُوندِ ڦَڏش ڪان ڦوٽ ڦُٽت، ڪِتي ڪيني ڪِروڌ ڪان قُرب قلت، ڪِتي تُون ڇاتُون ڇا ڪان تَار تَپت، ڪِتي وِڙهندي ڪَبير وصَغيرِ ڏنم.

۵- پيو ڪُلجڳ ڳَاهي ڪُلفت ۾، هَر حرص هَوَس ۾ حرفت ۾، پَري پير نہ ڪير ڪو اُلفت ۾، آهنڪار[2] ۾ هَر ڪو آسير ڏنم.

۶- جن عِشق جو نَعرو نَمود[3] ڪَيو، تن پهرين ترڪ وجود ڪيو، پَاري پَاڻ ڪي عِشق جو دُود[4] ڪَيو، تَن جي آهُن ۾ تاثيرِ ڏنم.

۷- ڪَڏهن تڪر تَاڪيندڙ عشق ئي آ، ڪَڏهن تَار تَانگهيندڙ عِشق ئي آ، ڪَڏهن فَلڪ اورانگهيندڙ عِشق ئي آ، عِشق ڪَعبہ مَندر جو پيرِ ڏنم.

۸- سَواءِ عِشق جي ڪَنهن کي ڪَير وٽيو، سَواءِ عِشق جي ڪَنهن جو ڪَير ٻَٽيو، سَواءِ عِشق جي پائي ڪير جَٽيو، جَٽيون عشق وارو آڪسيرِ ڏنم.

۹- جيڪي مَحبت جا مَتوال سَدا، هَر حَال ۾ اُهي هَم خيال سَدا، هي مِثال اُٿن هي ڪَمال سَدا، ڪَس رَس تي انهن کي قَدير ڏنم.

۱۰- آجهي عِشق واري اَعجاز وَجي، مُون مِلت عُشاقن وَاري مَجي، دِل هُنَي جو مَحبت لاءِ اُجي، مِلي مَحبت دِل تي سڌير[5] ڏنم.

(۱) نصير: فتحياب (۲) اهنڪار: تڪبر (۳) نمود: ظاهر (۴) دود: مَچ (۵) سڌير: خوش

تلهه: جي زهر ملي ته به ڪُجهه نه ڪَري، آسين زَهر کي آمرت ڀَانيون ٿا،
جَڏهن عَاشق نَام سَڏايوسون، تَڏهن قَاتل ڪَثرت ڀَانيون ٿا.

١- اهو عَاشق پين ٿا پُرپيالو، نيڻهن نَشي وَارو نت نرالو،
اُج آهي آجان ڏي سَرس سُنوالو، آسين موت کي حَسرت ڀَانيون ٿا.

٢- جِن قيد ڪمايو قُرب مَنجهان، تَن چَاتو مَحبت مَام مَنجهان،
جَن سِر ساهه مِتو ڪيو نَام مَنجهان، آسين تَن کان نَفرت ڀَانيون ٿا.

٣- چوي اعجاز عَلي آءُ وَج نه هڻي، هت ويهي پيءُ تُون وِهه جي وڻي،
ڳاري هُجي ڀَا تورڙي ڪِني، آسين شافي شَربت ڀَانيون ٿا.

تلهه: حُسن ڀَائي ٿو جَهاتي - ڪَاتي عِشق وَهائي ٿو.

١- عِشق وَني ٿو اولو حُسن جو- ڳَالهه اها ڳُجهه ذَاتي - ڪَاتي عِشق وَهائي ٿو.

٢- حُسن کي شَوق شِڪار جو تيڙو- تير ڪَمان تَنهن چَاتي - ڪَاتي عِشق وَهائي ٿو.

٣- حُسن هو ڪَاريو عَاشق کي - ڪَيي عَاشق بيٺو چَاتي - ڪَاتي عِشق وَهائي ٿو.

٤- عَاشق ٿي ويو مُرغ بريان - کو ڪَائڻ وارو هُجي ڀَاتي - ڪَاتي عِشق وَهائي ٿو.

٥- مَحبت جي مَيدان آندر آ - ڪُوڙن لاءِ مَماتي - ڪَاتي عِشق وَهائي ٿو.

٦- مُوتو قبلل تِيءُ ته رتئي ٿو- حَاصل آمر حَياتي - ڪَاتي عِشق وَهائي ٿو.

٧- عِشق اعجاز آهڙي شَخصيت - مُنهن نه مَلائڪن لاتي - ڪَاتي عِشق وَهائي ٿو.

تلھ: ھن عشق جي اَلمست کي قيٽا چَندا مَندچا ڪَندا،
رَاڪا رَکون پَھڙا پُڙيون جھٽڪا جَھلا جُھند چا ڪَندا.

۱- جَوھر تَڳيِ فرقئون ٽُٽي ويو عشق جي چوھہ ۾ چُٽي،
تَنھن لاَغم لاَغرض تي ڏُک ۽ ڏَمر ڏَند چا ڪَندا.

۲- جِت جِت مَلڪ وَيٺا نہ رَھٺا اُت لَڳا آھن نيڻ ھي،
تَنھن پَار پُھچڻ لاۓ ٿُرھا سيٺھيون سَند چا ڪَندا.

۳- اي ميان پَارس پَڙھيا ٿُون ڪَر پَنھنجي پُوري پَري،
جَن مليا وَندِ ورھہ جَا تن کي پيا وَند چا ڪَندا.

۴- آعجاز چَئي ھن دل تي آ آزلي حُسن جو اولڙو،
شمس شعلا شَمر بَتيون چَمکي چَھرا چَند چا ڪَندا.

تلھ: عِشق ڪَيم انسان، نَہ تہ آلاجي چَا چَا ھُيڙس.

۱- پريم ننگر ۾ پيرڙو پائي، پَنھنجو اُتي نت پاڻ وِڃائي،
پِرت جو ڏيئي پيمان، مُوتوقبلل ھَر ھَر تيڙس.

۲- عِشق جا اُلٽا آرا اويڙا، رَحماني شيطاني رَايا جھيڙا،
سَمجھي تيس سُجان، وَحدت جي جڏھن ويڙھي ويڙس.

۳- پَنھنجي خُوشي ۽ پَنھنجي رَضا سان، پَنھنجي قَلم ۽ پَنھنجي قَضا سان،
سُورن وَارو سَامان، سَاڻ ڪٽي ھن پيري ۾ پيمڙس.

۴- دَرد آندر ۾ آزلي ڏڳي تو، آعجاز علي شاھ عَجب لڳي تو،
جِيڏھن ھو نہ گُمان، نينھن اوڏاھين نَالي نيڙس.

ٿلهہ: عَاشق سَدائين ٿا رَهن- خُود خِيال پَنهنجي، تي مگن،
بِيو مُلڪ مَايا تي مگن- هِي حَال پَنهنجي تي مگن.

١- ڪَنهن جي سُڻَن سَمجهن نَڪو- ڪَنهن جي پَون شَش پَنج ۾،
آتُئي پَهر آهن عَجب- آحوال پَنهنجي تي مگن.

٢- هڪ چَال سان هِڪ پَل آندر- حَق سَان وَجي جي هِڪ ٿيا،
سيئي ڏِٺم بِلڪل ڏِٺم- تَنهن چَال پَنهنجي تي مگن.

٣- آفاق ۾ آهن تہ ڪَئين- عبرت پَريا آشغال سَڀ،
پَرهِي تہ وِيا تي پَاڻ سِر- آشغال پَنهنجي تي مگن.

٤- ڪي غَرض پَنهن جي تي مگن- ڪَي قَرض ڪَنهن جي تي مگن؛
ڪي فَرض سُنت ۽ عَمل- آعمال پَنهنجي تي مگن.

٥- هِڪڙا اُڏارا پَر وَنيو- پَرواز ڪن پَر ڏُور جا،
هِڪڙا تہ آهن فِطرتي- پَر بَال پَنهنجي تي مگن.

٦- جڳ ڪي مُباح آ سيڪي بِيو- ۽ عَاشقن ڪي عَاشقي،
آعجاز آ هَر آدمي- تہ ڪَمال پَنهنجي تي مگن.

اشغال: شغل

تلھ: عَاشق کي ڪَڏھن ڪَات ڳَان ڪَنڌ ڪَوئٽو ڳَونھي،
وَقَــارِ ائـين عِشــق وَارو ڪَوئـٽـــو ڳَونــھـي.

١- دَعـويٰ جي ڪَجي عِشق جي دَانـھـون پوءِ ڪجن ڇو؟
لِيلائـي آڳيــان لَوڪ، لَٽُون ڪي لَوٽـٽــو ڳَونھـي.

٢- جي چاڪ اٿــئي چِتِ ۾، اُھــي ڇڏ تــہ چِڪـن پيــا،
دِيــدُن جي دُنــالـين جو، زَخم ڏوئـٽـــو ڳَونــھــي.

٣- دِل ڏَار مـــتــي دَانِ آڪـيـــون نَم نــہ ڪــڏھــن ڪَرِ،
رنـــدن جي رَسُــومـــات ۾، ڪــو رَوئـٽـــو ڳَونــھــي.

٤- مَعنيٰ سـان حَقـيـقـت سَان، مَعـرفت سـان ھُجي پُرِ،
بــي نِيـتـــو ۽ بــي رِيـتـــو، نَظم پُوئـٽـــو ڳَونـھـي.

٥- سُـھـــٽــن جا سِتـم سَھـــ ۽ نِگــاھــن ۾ ســنــدن رَھـــ،
ڪَرچون نــہ چُرا تُون، تَوڪـي ڪُجھـ چوئـٽــو ڳَونـھـي.

٦- تـــي ڪُوپـــو ڪُڏي آ، اچي ڪُس تـــون اڏيءِ تـــي،
ھــت يــار بُزدلـيءِ جو، ڀِڄ بــوئـٽـــو(١) ڳَونـھـي.

٧- آعجازَ مِلـــي وَار اٿـــــئـــي، مُور نـــہ مُڙ تـــون،
جُنڊ عشق جو ٻئي ڪنھن ڪي ڪڏھن جوئٽو(٢) ڳَونھي.

(١) بوئٽو ڳونھي: پوڪٽو ڳونھي (٢) جوئٽو: پيھٽو

ٿلھ: ڇڏِلياڪا لوڪ جا - ڇا عاشقن جو عام سان،
ڀاڻ آجو ڪر اٿاھين - عشق جي احڪام سان.

١- ھي ھتي جا حال ڀائي - حاڪماڻا حِرص ڏيئي،
ھَٿ وٺي حاوي ۾ ھئنديءَ - ھُل وڏي ھاڱام سان.

٢- پُور پوري پيا پٽرءِ - پور پرين جو پچاءِ،
پاڻ مُاري لاءِ دلڙي - پرت جي پيغام سان.

٣- مَذھبن جي مَامري ڪان - مُنھن مَٽي موشو ڪري،
من مڙھي مضبوط ڪر - مَحبوب واريءَ مَام سان.

٥- گُر منجھان جي گرٽئين - گم نام ٿي گوشي گُذار،
گاءِ گيرب[1] کي گنوائي - گھم گياني گام سان.

٥- فَرض فَرمودا وساري - فِتنتي فاسد بڻئين،
فيض فاسق[2] ٿئي نہ توکي - فن فريبي فام سان.

٦- ڪور ڪينو قلب تان - ڪاميات ٿيندين قرب ۾،
ڪر اچو پنھنجي اندر کي - لا لاھوتي لام سان.

٧- آھ واجب تو آعجازا - نند آرس کي ڇڏي،
عشق جو ارشاد مڃ - اقرار با انجام سان.

(١) گيرب: پيائي، دوکو (٢) فاسق: فتنو ڪندڙ، جھيڙو ڪندڙ

تلهه: عِشق ظالم جي اِشاري طور اُلٽا توريا،
سَيف آبرو کي سِينگاري سِر ڳُلهن ڪان ڳوريا.

١- وَرَ سور تواري لاءِ ويهي، چنگ ڪنهن پئي چوريا،
ڪنهن ڏِنو سر ڪنهن رُنو چو داس داسيون دوريا.

٢- قيس ڪي چرئي ڪرڻ لاءِ، نيڻ ڪَهڙا ڪَڪوريا،
ڪيف ڪهڙي مَست ڪيو، ڪهڙا متس وَل مَوريا[1].

٣- دَار تي منصور کي نِيو ڪنهن ڪري هُل هَوريا،
آڪ پَائي انصاف ڪر هي ڪنهن جا هٿ ڳُل پورهيا.

٤- شيخ کي وچڙي ويا لٽ زلف هو شهزوريا،
دين مذهب ڀَن ڏيئي وڃي خُوڪ[2] تنهن ڏس توريا.

٥- ڪَربلا ۾ قرب هو کي شوم ناحق شوريا،
ڇا اهو هو ڇا تي گذريو ڇو گهوٽن سر گهوريا.

٦- سُک ڇَڏي ڪنهن جي ڪَري، وَڃي سُور سسئي سَنيوريا،
هيڪلي سِرسَٽ ُپڏي، ڏينهن رات ڏونگر ڏوريا.

٧- عِشق هن جا عاشقن اَعجاز چئي ڏُک اوريا،
هي اُهو آهي ستمگر جنهن وڏا جُنگ جهوريا.

(١) موريا: ولين جو ڦٽڻ (٢) خُوڪ: سوئر

تلهه: آسان آپُڻ ۾، آسان عِشق نَاهي،
سَڀ ڳنهنجي سودي سڌ جو، سَامان عِشق نَاهي.

۱- جَن آڏو وِهايو، تِن آصحي سُڃايو،
آرزان چيز پِيا سَڀ، آرزان[1] عِشق نَاهي.

۲- سُوريءَ جو سُونهون وَاقف، ٻي رَهبري نه ڄَاڻي،
زَاهد جي زُهد وارو، خَفقان عِشق نَاهي.

۳- مَسجد مَڙهيءَ مَندر ۾، مَهندار مک تي ويٺو،
ڳنهن قيد "لا" قَلم ۾، زِندان عِشق نَاهي.

۴- جَنهن عشق کي آ ڄاتو، آرام عَيش جِيءَ جو،
تَنهن لاَخبر جي لاَشک، مَنجهه جَان عِشق نَاهي.

۵- جِند جَان جِيءَ جِسم سَان، حَيّ القَيُوم[2] آهي،
بي جَان چئو نه تنهنکي، بي جان عِشق نَاهي.

٦- دَانهه کري دِيوانا، دِيوانا بي زُبانا،
حَيران حَال تن جو، حَيران عِشق نَاهي.

۷- آعجازا آ يقينًا، هَر ڳالهه عِشق جي حَق،
ڪڏهن ڪِٿي به بَکندو، هِذيان[3] عِشق نَاهي.

(۱) ارزان: سستو، سهانگو، جام (۲) حي القيوم: سدا حيات، قائم (۳) هذيان: ٻڪِلڻ

تلهه: اِها عَام کي نَاهي پَروڙ- عَاشق عِشق مَعشوق ڄَاهي.

١- ڳَالهه ڪِيئن آ ڪِيئن پَئي پُڇجي- ڪيڏا ٻَڌا آٿن ڪُوڙ،
ڪير ڪُوڙن کي سَچ ڏي ڳاهي.

٢- ڪيڏهن جا ڪيڏهن پيا ڳانگ اُڏائن- مَاٿهون مُورک مُوڙهه،
وَهم ويا تَن کي ڪِيڏهن وَاهي.

٣- عَاشق عِشق مَعشوق سوئي- سَمجهن کي ڳُوڙها ڳُوڙهه،
ڳَاٽو چاٽو شُبهه شَڪ لاهي.

۴- سِڪ ۾ سِيڪڙُو سَچُڻ سَاندهه- سَيئي سَانپ سَنيُوڙ،
دَم ٻه جُدائي دُوري نَاهي.

٥- حَق حَقيقت حَال اَعجازا- هَڏ نه ڄَاڻن هُوڙهه،
آڪ ڏسڻ وَاري ڏِسندي آهي.

تلهه: آهي عِشق جو آڙهه جِتي جِتي، آسين اُتي اُتي.

١- ٻِيو نه ڪيڏهن ڪو يار آسانکي، رُوح پَنهنجي ۾ رِتي رِتي،
آسين اُتي اُتي.

٢- چِت سان چَاهيو ڏِسن چِتابو، چشمن چَڏيا چِت چِتي چِتي،
آسين اُتي اُتي.

٣- نَار خليل الله وِسري ڳانهي، وِسري اُها تي ڪِتي ڪِتي،
آسين اُتي اُتي.

۴- هِت ڪو مُلاٽو ڪونهي مُشاهدو، عشق جي مَنزل مَتي مَتي،
آسين اُتي اُتي.

٥- جَهاتي آسان ڏي جَانب پَاتي، مَنجهان ڳُجهي ڳَنهن ڳِتي ڳِتي،
آسين اُتي اُتي.

٦- جِتي اَعجاز چَئي حُسن جا جَهلڪا، تَن مَن عشاقن جو تِتي تِتي،
آسين اُتي اُتي.

ڳِتي: سوراخ، ڪڙڪي، دري

تلهہ: عِشق ۾ تي اِظهار- اَنڪل وَارو آولو ڇڏي ڏي.

١- ڏُورنگيءَ ۾ اچي دُوئي هٽ ڪئي تو، ڪُوڙي سچي جي پَرڪ نہ پئي تو،
وَحدت ڪِيم وِسان، پَورو نہ تِي اِهو پولو ڇڏي ڏي.

٢- مُخنث[١] مونث[٢] مرن دنيا لاءِ، مَرد موليٰ جا مرن موليٰ لاءِ،
قَالو بَليٰ ڏي نِهار، تو تِين وارو تولو ڇڏي ڏي.

٣- پرت پَنو پڙهي ڪَڙهہ تون قَلب ۾، وِجهہ نہ وِٿي ويچو حق جي طلب ۾،
مَحَبت جا مَڻ ڏاں رَتي مَاسو تَولو ڇڏي ڏي.

٤- ويس ويرا ڳي سراپا پائي، اڪڙيون اَعجاز ا يار سان لائي،
سورهہ تي سروان ڇرڪ ڇُپڻ جو ڇولو ڇڏي ڏي.

تلهہ: چڙهيا عَاشق چاڙهي صَبر جي سَهاري،
رَسيا رَاز رَنگ ڪي سُوريءَ سِرَ سِينگاري.

١- آصل هونِ جيڏهن دِلي خيال رايو- قَدم قُرب مان تن اوڏاهين چايو،
توڙي تال طلسم وِيا پِرت پَاري.

٢- نہ هُنيا نہ هُنندا، هَليا راهہ حَق تي- مَچي مَست تُيڙا مَحويت مُلڪ تي،
دنيائي دَور دڪبو نہ سگهندن ڏُتاري.

٣- پَچائي پَاڻ پاٺي پتڻ پَار اُڪريا- آويسي[٣] عَجائب عِشق سَان اُڪريا،
پُنيان جڳ انهن جي پَلي جڪَ پيو مَاري.

٤- اَعجاز عليءَ سان آئن نِينهن لاتو- تَنا مُنهڙو موڙن تنهن ڪان ڏِينهن راتو،
ڪَيئون سَانگ سُرهو نظر جي نِظاري.

(١) مخنث: ڪدڙو (٢) مونث: عورت، مادي (٣) اويسي: اويسي حال وارو (اويس قرني)

تلھ: سر عشق ۾ وَاري پوءِ- ارمان وري کھڙا،
سَارين تہ نفعا نينھن ۾- نقصان وري کھڙا.

١- ڀَاتيھي خوشيان پنھن جي- آ عشق اُتايو تہ،
ھر ڀَار چشم ھاٽي- گريان[1] وري کھڙا.

٢- تہ عشق جتان اُيري- عَاشق تي اتي بيھجي،
مَيدان ملھائڻ ۾- آنجان وري کھڙا.

٣- تآ عشق چَون جنھن کي- سا آگ الاھي آ،
تَنھن آگ الاھي تي- بُھتان وري کھڙا.

٤- پيمان تي پيمانو- ساقيءَ کان وٺي پيتئي،
اچ ڪِيئن تہ چَوين آھن- پيمان وري کھڙا.

٥- ڳَڏھن بہ مَعرفت جو- بُرھان[2] اِھو ڳَونھي،
پيتين تہ پيلا مَندر- بُتخان وري کھڙا.

٦- وَحدت ۾ وڃائي وَڃ- وِيچا جي پِيائي جا،
حَق جَھڙي حَقيقت ۾- فُرقان وري کھڙا.

٧- جي ھَاڻ تہ ڏارين سي- اگ ۾ ٿي ٿُون ڏارين ھا،
ھي ھوش ھينئر وارا- دَم ڏِيان وري کھڙا.

٨- وٽ ماٽ کان ڳم عَاشق- ڏانھُن مان نہ ڪجھ وَرندي،
جن آھ و ٺغان ڳئي سي- جُنگ جوان وري کھڙا.

٩- تَوِ عشق کي ڳونہ لُٽيو- وِيو عشق لُٽي تو کي،
سو جھين تہ سمر اگ لاءِ- سَامان وري کھڙا.

١٠- اَعجاز وساري ڇڏ- انسانہ بَعيدانہ[3]،
گذريءَ جا ھڏائين پيو- گُذران وريءَ کھڙا.

(١) گريان: آلاڻ، روئڻ (٢) برھان: دليل، ثبوت (٣) بعيدانہ: گذريل، پراڻا

تـلـھ: عَاشق قَلندر مَست تي - ھُبڪار ھا حُسنات جا،
بِجليون بَدل بيحد ڏنمر - اُت برھ جي برسات جا.

۱- چوگان[1] ۾ باشان ھا، شَمعدان شَمر شُغلات جا،
لوبان[2] سرڪند ڌُوپ سان، دونھان اگر دِن رات جا.

۲- اوچو عَلم اعليٰ عجب، بَيرق مٿس برڪات جا،
مَستن اُتي مَستا ھَنيا، جذبي منجھان جذبات جا.

۳- ماٺھو مُلڪ ھِند سِند جا، حاضر ڏنمر ھر ذات جا،
ڪي سانولا ڪي سِيم وتن[3]، ڪي گل رُخن گُجرات جا.

۴- مَد مَئي ڪَشا مَن موھنا، مُشتاقڙا تجلات جا،
سي سَر بَسر سينگاريل، سي سُرخُرو سُخنات جا.

۵- جلوي نما جانب ھئا، جھلڪا لڳا شش جھات جا،
پَچندي رھيا نچندي رھيا، نانگا رِندي رسمات جا.

۶- دُرسا ڌَمالي دائما، ڏُن ڏيان جي درجات جا،
نيھي نَقارا نُوبتي، اَعجاز ھا اِثبات[4] جا.

(۱) چوگان: ميدان. چوديواري (۲) لوبان: خوشبوءِ دار ٻوٽي
(۳) سيم وتن: چانديءَ جھڙو بدن (۴) اِثبات: ثبوت سان

ٿلهه: تُنهنجي عشق وَفا تان گهوريان هَر هَر گهور- عَرش بَرين گهوريان آسمان گهوريان،
سِر ساهه صَدق ڪَري توتان وَري، دُنيا دين گهوريان هِڪي جهان گهوريان.

١- تُنهنجي جمال مَٿان پَنهنجو جَلال گهوريان- جيڪي حَاضر آٿم سو حَالِ گهوريان،
مَڏيون مَال گهوريان هِيرا لعل گهوريان- سون مين گهوريان سَڀ سَامان گهوريان.

٢- حُورون بَاغِ بهشت رضوان گهوريان- گُل گون گُل بدن غُلمان گهوريان،
شَمس و قمر گهوريان شَمع شمعدان گهوريان- مَاهِ جَبين گهوريان جِن وِ انسان گهوريان.

٣- توتَان هَر شيءِ آئون هر وار گهوريان- نيلُون آرب پَدم لک هَزار گهوريان،
سَارا شَهر بَحر دَهر دَيار گهوريان- رُوءِ زَمين گهوريان رُوءِ زَمان گهوريان.

٤- توجي دَم قَدم مِلي مُون سان يَريا- ڍَارا بَخت وَارا خُوبان خُوب ڍَريا،
تو آئي اعجاز چَئي ڪُل ئي ڪَاڄ سَريا- شَاهي خَزين گهوريان شَاهي شَان گهوريان.

ٿلهه: جَني ڪي سِڪ سَچي ثَابت- تَني لاءِ تَار تَانگهو آ،
اُڪنڊءِ عِشق جي آڳيان- نه ڪو وَرُوڪُ آٽانگو آ.

١- ڇَڏي ڪُوڙا بَهانا مِنهَن- جي هَليا سي وَڃي رَسيا،
اُنهن هُن پَار جو پُرجهي- لنگهيو گَهٽ گَهاٽ لَانگهو آ.

٢- عَهَدُ قَالُوا بَليٰ پَارڻ- ڏَاڍو مُشڪل آهي تَن لاءِ،
آ دُنيا جو آجا جَن ڪي- لَارو لهرُءِ آسانگو آ.

٣- نه هُنيا هيج حُب وارا- مَلامت هُوسَ مهڻن ڪان،
ڳچيءَ ڳَل عَاشقن مرڪي- ڳِلا جو پَاتو ڳَانگهو آ.

٤- مَماتي موت نَاهي هَڏ- حَقيقي حَال وَارن تي،
آهڙو اعجاز ڪو اُن جو- اويارو ٻُل اُچانگو آ.

رضوان: جنت جا دربان، داروغو

تلهہ: عِشق جو اُلٽو پَنڌ پَسارو، پيرِ ايڏاهين پَائيندو ڪير،
پيرِ تڪائڻ مُشڪل آ جِت، پير اُتي پوءِ تڪائيندو ڪير.

١- عِشق جي رَاهہ سان جيڪو رَمندو، آرض و سَما تنهن جا پيرا چُمندو،
رَاز بِرهہ جو رِند ڪو ڏمندو، آڙهہ سيني ڇپائيندو ڪير.

٢- دوستيءَ جي دَستور سواءِ، پيچ پَڪي پَهہ پُور سَواءِ،
مَرد مگن مَنصور سواءِ، سِر ڏيئي سُورِي سَجائيندو ڪير.

٣- عِشق جي اُلٽي ٻولي چَالي، عِشق جي اُلٽي بَازي بَنوالي،
عِشق جي اُلٽي دَام دُوالي، قيد ڪُريز ڪَمائيندو ڪير.

٤- لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰى سان، عَاشق چَوندءِ اِنهي آدا سان،
گهر سِر گهورڻ واري وَفا سان، مَقام خَليل مَلهائيندو ڪير.

٥- عِشق حَقيقي عِشق مِجازي، مَعنيٰ ۾ ٻئي سَوزي گُدازي،
مَشق ٻنهي جي مُشڪل بازي، مَشق ٻنهي جي پَچائيندو ڪير.

٦- پَنڌ پَسارو عِشق جو اُلٽو، نَظر نظارو عِشق جو اُلٽو،
رَمز اِشارو عِشق جو اُلٽو، اُلٽي اَک آڙائيندو ڪير.

٧- ڪُوائان وَاٽ بَنائيندو عَاشق، وَاٽ سان پير نہ پَائيندو عَاشق،
لَاشڪ اُلٽ ڳَالهائيندو عَاشق، ٻيو اُلٽ اعجاز ڳَالهائيندو ڪير.

لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰى: پياري ۾ پياري شيءِ قُربان ڪرڻ (سر ڏيڻ)

تلھ: اُھوئي عِشق آھين تُون - جيڪو آدم تي آيو ھو،
آثرِ اثبات وَاري سَان - آمر رَبي پَچايو ھو.

۱- چِيرايو جَنھن تہ زَڪريا ڪي - قَتل يَحيٰ ڪَرايو ھو،
يُوسف يَعقوب ڪان تُوڙي - مِصر ۾ مَچ مَچايو ھو.

۲- مَڇي جي پيٽ جَنھن يُونس - خَليل آڙھ ڏَرايو ھو،
اِنّي اِنّ الله مُوسيٰ سان - عِيسيٰ سان قُم آلايو ھو.

۳- آڇي جَنھن اولي احمد جي - رَسولي رَنگ رَچايو ھو،
شيرِ يَزدان سَان تي شامل - آڏو شِرڪي اُڏايو ھو.

۴- حُسيني حَال ھِمّت سان - حقي جَنھن ھُل ھُلايو ھو،
حَاشو ڏئي حُڪم جو حُر کي - بَبر بَرسر بَنايو ھو.

۵- شَمس مَنصور مَجني جو - جَنھين ڦرڪو ڦيرايو ھو،
عَالم صُنعان ڪي اعجازؔ - چئي بُت تي پُلايو ھو.

ٽلهه: تنهنجي عشق کان ڪريان ڇو آئون زاري، توسان ياري آياري آياري.
تُنهن جوبرهه ته مون لاءِ آ بهاري، توسان ياري آياري آياري.

١- ڪر تون جفا يلي ڪر تون جفا، تنهنجي جور و جفا سان پيار اٿم،
تنهنجا ظلم ستم سنگ دلانا قدم، پانيان قرب ڪرم جي بجا ٿو صنم،
تنهنجو زخم زخم ڇڻ دلداري.

٢- روهه جبل جي آ دل تنهنجي، اٿل منهنجا به ارادا،
بي نياز حسن جي آ تنهنجو، پهه پور منهنجا بي باڪا،
آئون ڇاٿان نه سچاٿان انڪساري.

٣- دور رهين جي نفور[1] رهين جي مورهئون تون مغرور رهين،
تاب ڪرين جي عتاب ڪرين، جي حساب ڪتاب شتاب ڪرين،
آهيان عشق جو ته به اقراري.

٤- عشق جي صف ميدان ۾ آئون، تنهنجو شريڪِ شان آهيان،
عقل واري ايوان ۾ آئون، اعجاز چوي عصيان[2] آهيان،
آهيون هڪ ئي شجر جي نه ته تاري.

(١) نفور: نفرت ڪندڙ ٿهندڙ (٢) عصيان: گنهگار

تلھ: ڪَيا عِشق وَارن نِظارا نِيارا - آئن آشڪارا تہ نَعرا سوپارا.

١- سَچو عِشق جَن ڪي، خَبر سَڀ اُنھن ڪي، مِلي نرت واري نَظر سڀ اُنھن ڪي،
سُوريءَ سر ڏِين سي، سَچارا سُڏيارا.

٢- نَڪي عام سَمجھي نَڪي خَام سمجھي، عجب عشق وَارو ڪو اِسلام سَمجھي،
مُلن جا مَذاهب مُونجھارا اُونڌرا.

٣- پَسن حَق ڪي هَرجاءِ، پُوريءَ منجھ پرجا، پُڄن ڪونہ مَسجد پُڄن ڪونہ گِرجا،
صُورت جا سَدا سي پُوڄارا اُجارا.

٤- ڪِلي عِشق جن ڪيو، نِيائڻ بہ تَن پيو، بِرھ بَار بَاري مُدامي مَٿن ٿيو،
پَڄي وِيا بِرھ ڪان بِي تَارا بِي چَارا.

٥- ٻُڌم عِشق وَارن جون ڳَالھيون نِراليون - ڏٺم تن جون جڳ ڪان تہ چَاليون نِراليون،
سُبت جڳ اُبت عِشق وَارا اِشارا.

٦- اعجازا عَلحدا تنھنجا قول گُفتا - نہ سَمجھن بي ڏيانا نہ نَادان بي بَختا،
سَچو تون سو سَچ چَئہُ سَو وارا اي يَارا.

تلھ: بَدِ نَام ٿيو آئم عَام ۾ - جَڏھن عِشق جي آيس آري.

١- اڪر عشق جو آھڙوئي آھي، پَاڪ پوتيءَ ۾ لَڄ لَاھي،
رَت رُئا ڙي رِڻ راھي، روز گُذري مَاتام ۾ زيب وِچايم ذَوق ذَري.

٢- ورھ وَڍيون ڪَڏھن سُک نہ سَنيرن، نِينھن جي نوڙيءَ مَنجھ نجھرن،
نَاھ ڪان نَا نگيون ٿِيون نِڪرن، ڏوريو ڏِسن ان گام ۾ ھڪ سڄڻ جي پَڪ ڪري.

٣- پيرين پِيادي ڪيچ ڏي ڳَاھيم، سُورن ۾ سَختيون سِر تي سَاھيم،
بَار بِرھ جو اوڪو آيم دِل ڦاٽي آدَام ۾، تڏھن موت ڪَان اڳ تي مَري.

٤- پَئي ڪَڙي جَن ڪَاڻ آھيان، تہ بہ آجان تن ڪي ٿي چَاھيان،
اعجاز اُميدون لک ٿي پانيان، موٽي مِلندا مام ۾، ڪِين اٿن پَنڌ ڪو پري.

تلهه: عشقِ انهي ۾ آڙيل- ڦابو آهيان ڪڙيل،
ڇاهيان پُوڇيان حُسن- ڳالهه نه ڀي ڪا ڳڙهيل.

١- سُونهن جيڏهن ٿي سُنجي- ته رُوح تيڏهن ٿو تُنجي،
بِرهه اِتانهين بُنجي- بار و بار بڙهيل.

٢- قَبلِ نماءِ ڀانيان حُسن- رَاهه نما ڀانيان حُسن،
ڪَعبة الله ڀانيان حُسن- خِيالِ اتي آڪڙيل[1].

٣- چِشمن وَاري ڇاڙهي- عِشق ڏَسي عِشق پاڙهي،
عِشق مِلائي تاڙي- چَوٽان چوٽ آئون چڙهيل.

٤- شَمس عَطارِ جُنيدي- رُومي شيرازي سَعدي،
ڪاڪُل ڀار جا قيدي- مَن تَن مِينِدن مڙهيل.

٥- جن لاتو تَن ڄاتو- نيتن وَارو نَاتو
ليليٰ مَجني لاَتو- نَاتو نَانءِ چڙهيل.

٦- طَعنا بُهتانا بَرسر- سَڀ سُور سَورهن آنا بَرسر،
آوڪا زمانا بَرسر- ته به سَمن[2] تي ٿيان سَهڙيل[3].

٧- عَاشق دِل اعجازا- ڪِرت ڄاڻي ڀي نَاڪا،
پُڄڻ حسن جا پاڇا- پَاڇي[4] حُسن جي پڙيل[5] [1].

(١) ڪڙيل: بيٺل (٢) سمن: انجام، مقرر ٿائيم تي پهچڻ (٣) سَهڙيل: پهتل
(٤) پاڇي: ڇانو، سايو (٥) پڙيل: پِيل

تلھ: بَازار عشق جيءَ ۾، وَاپار آھي حَق جو،
سِر ڏين تہ عَاشق سَڏجين، وَھنوار آھي حَق جو.

١- ڪَچ ڪُوڙ دوڪو دڪيو، ڪَڏھن نہ اُت ھَليو آ،
ھوڪو صَريح ثَابت، ھَروار آھي حَق جو.

٢- نَاڻي ۽ مَال زَر جي، نَاھي ذَرو ضَرورت،
دِل پَاڪ صَاف گُھرجي، ھي آر آھي حَق جو.

٣- گُن چور ڪور جُوٺا، جَالي اُتي نہ سگھندا،
ھُت پَارکو پَڪو ھِڪ، پڳدار آھي حَق جو.

٤- اعجاز عجز وارو، پِي جَام رَھ آدب ۾،
دِيدون آڙائي گُم تي، دِيدار آھي حَق جو.

تلھ: عشق جو احسان آ- جِنھن پَاڻ کان پَالھو ڪَيم،
مَوج مَستي مَام ڏئي- مَخمُور مَتوالو ڪَيم.

١- عِشق جو بَردو بَندو- پَازي پِياسي آھيان،
نيڪ نَامي وارو نَقشو- گُم نِشان نَالو ڪَيم.

٢- عِشق مُنھنجو ھَادي مولىٰ- عشق مُنھنجو رَھنما،
عِشق جي دَم بَانوري- بَيخوف بِي خِيالو ڪَيم.

٣- عَاشقن جي مُنڪرن کان- عشق ڪَيڙو آشنا،
تَن اَکِيان ھِن دِل زُبان تي- صَبر جو تَالو ڪَيم.

٤- عَام ظَاھر ڏي اعجَازا- عِشق بَاطن ڏي ڇِڪي،
عَام کان اُلٽو تَڏھن- پَنھنجو چَلڻ چَالو ڪَيم.

ٿلهه: ڏسي عِشق وَارا آختيار- عَقل لاَچار ٿيو.

١- هَڙئي ڦنا هَتيار ڪَري مِيان- عِشق آڳيان ڪائي هَار وِيو، لاَچار ٿيو.

٢- وَايون عَقل جون ويون تہ مُنهجي مِيان- حَيرت ۾ هَروار پِيو، لاَچار ٿيو.

٣- عِشق جي ذَات نِيات نسب ۾- پَاتئين جِنهن وَار لِيو، لاَچار ٿيو.

٤- عِشق ائين آ جيئن ڪي سجُ آ- عَقل ائين جيئن يَار ڏيو، لاَچار ٿيو.

٥- جُهوٽي عِشق جي اُڏائي عَقل ڪي- نت نت اُلٽي پَار نيو، لاَچار ٿيو.

٦- عِشق سَواءِ اعجاز چوي- ڇيهہ عَقل جو ڇَار ٿيو، لاَچار ٿيو.

ٿلهہ: شُعلي شَمع جو شَوقين، رُوح پَتنگ پَروان مُنهنجو.

١- سُونهن صُورت جو سيڪڙو آهيان، ڌَرم نہ ڇَاڻان دِين،
حُسن طَرف هَردم ڏِيان مُنهنجو.

٢- حُسن جا غَمزا سِر وِڃائُو، سُوريءِ جا ڏَس ڏِين،
سِر نيو ڪَن نِيشان مُنهنجو.

٣- ڪَجل سُرمان ڪوڏئون پَايو، ڪوٽيو ڪَنڌ جي ڪَپين،
سي آڪيون آٿو عَنوان مُنهنجو.

٤- شُعلي شَمع سَان آتم پِيار پُراڻو، سَمجهو سُڄو سَامعين،
آئون شَمع جو شَمع شَان مُنهنجو.

٥- ڏِينهن ازل واري آڇ اعجاز ا، آمين ڪَيم آمين،
عِشق حُسن ٻَئي گُذران مُنهنجو.

تلھ: عاشق ٿياسون، عشق ڪيوسون - لڄ شرم ڪي لوڙهي، ٻئي جڳ ٻوڙي.

١- سرڪش هو پر سوار ٿي وياسون - عشق جي آهنبي گهوڙي، ڪُڏ ڪُڏوڙي.

٢- عُمر وڃائي جي عشق ۾ وئيسون - ووڙ ووڙي سون ووڙي، آوڙڪ آوڙي.

٣- حُسن آسانجي جيءَ جو جياپو - حُسن آسان ڪان توڙي، مُنهڙو موڙي.

٤- ڪج ڪمند جيئن زلف ڪي ظالم - وچڙي ويا تہ وڪوڙي، ڪنڌ اُڪوڙي.

٥- نيڪي ناموس ڪي ناس ڪيوسون - نينهن جي نوڙ ۾ نوڙي، نپٽ نهوڙي.

٦- علم عقل جي. گهران اُتاري - عشق ڇڏيو تہ وچوڙي، توڙي ڦوڙي،

٧- دين ڪفر جون حدون لتاڙي - آعجاز ڪو عاشق ويوڙي، پار پيوڙي.

تلھ: عشق تہ پئي ٿو رت، ڪير ميان تنهن ڪي ڏاري ۽ پاري.

١- عشق ڪان پنهنجو پاڻ لڪايو - پري پري پيو وت،
نالو ڇڏينس ناري وساري.

٢- ڪونہ ڇڏيندو تنهنجو تو وٽ - هوش عقل ۽ اتُ،
دڪبن سان ڇڏيندءُ ڪاري ٻُهاري.

٣- آدم ذات جي رت جو قطرو - عشق لاءِ آهي امرت،
انهي غذا تي ٿو گهاري گذاري.

٤- جان جگر جيءُ جوت ڪائي - سوئي سمورو ست،
نست ڪري پوءِ ڳاري ۽ ماري.

٥- شينهن مثل آهي شور تنهن جو - چيري آعجاز ا چت،
ڏيل ڍهائي ڏاري ڊيڄاري.

تلھ: آيا عِشق آري ۾ کير کير، جن چِڏي جي مَايا، سيئي سي آيا.

۱- جيئري چِڏيائون جيءَ جِيا پا، لَبُ لالچ ۾ لڳ لاڳاپا،
پِيا قَندِ قَنا کَري قير قير، جَن چِڏي جي مَايا، سيئي سي آيا.

۲- قُرب وَارا وِيا قُرب کَمائي، کُرِم قبيلو کُل کُھائي،
مَچي مَرد ٿيا سي مٿير مٿير، جَن چِڏي جي مَايا، سيئي سي آيا.

۳- نَاتا نينھن جا جِن سُجاتا، پيچ پرينءَ سان تَن ئي پَاتا،
ويھي وِچايئون نه وَير وَير، جَن چِڏي جي مَايا، سيئي سي آيا.

۴- کَن پَرائي کين جي پِيڙا، صُمٌّ بُکمٌ عُميٌ تِيڙا،
اَعجاز عِشق جا اُھي آئي پير پير، جَن چِڏي جي مَايا، سيئي سي آيا.

تلھ: عِشق جا آگم آچيو مُون مَٿي بَادل جيئن وَسن،
وَاھ واچولا وِرھ جا، لُوھيو لُٽيو لھسيو وِجھن.

۱- نه سک صَبر رِھن ساھ کي، نه پِر پيٽين ھي ڏکيون ڏسن،
پَئي طَلب تَاٿي تِيئن تَن، پوءِ پَار پَنڌ پِرجا پُڇن.

۲- غَم غُبارا دِل مَٿان، دَرد ٿيو دُونھان دُکن،
سي سُور سيني کي سَٽيو، سَنگھرون کَيو سر تي آچن.

۳- عشق آتش جا اُلان، آندرئُون اُٿيو اُپ ڏي اُڏن،
اَعجاز تَنھن سَببئُون سَيئي، تا جِيءَ جِگر جيرا جَلن.

تلھ: ڏنون ڏوين وِيا عشق سر، پَر عشق جي ڏَڙ ڏُوم سا،
کانھ پَنھن جي ھَڏَ مَنيائين، جَھانءِ مَستي جُھوم سا.

۱- دَم اُپارا آشکارا، کَم گلارا عشق ۾،
عَيب سارا پَانڌ تنھن جي، ڳَالھ کَر مَعلُوم سا.

۲- بَرعَکس دُنيا جي بِلکل، آھي چَاڙھي عَاشقن،
حَال وَارن کي خَبر آ، نا ڏِسن مَحروم سا.

۳- ڏُم ڏَڙي ھي عشق جي، ميثاق کان آھي اڳي،
ھَاڻ سگھندا ڇَا مَنائي، ڏَڙ ڏَڙي شِر شُوم سا.

۴- دل وِڃان اَعجاز ڇئي، جا ڳَالھ نکريو تي وَڃي،
لَوح وَاري وَرق ۾ آ، سمجھ اڳ مَرقُوم سا.

تلھ: آچي ھن عِشق کَرايَا ھي- آسان کي سَير سُبحاني،
اڳي ھِڪاسون نہ ھِن رَنگ ۾- نَکا صُورت ھُئي اِنساني.

۱- ٻَڌاسون ٻول پَھرين پوءِ- پَھريوسون پَوش آدم جو،
بي رَنگيءَ مان آچي رَنگ ۾- بَنياسون بَاوفا بَاني.

۲- کِتي وَامق کِتي عَذرا- کِتي مَجنون کِتي لَيلان،
کِتي فَرھاد کِتي شِيرين- کِتي مَنجھ دکَق صَنعاني.

۳- کِني کي سُلطنت حَاصل، کِني کي سَائلي وَاصل،
کِني کي تَار توحيدي، کِني کي ڳَار کُفراني.

۴- آچي ٿيو عِشق جَڏھن رَھبر، تَڏھن کان ٿي آسان يَارو،
اول لا الله پوءِ الا الله، پڙھي ڪئي سون ثَنا خُواني.

۵- اُٿي نَاسوت مَان آخر وَڃي مَلکوت مَاٿيوسون،
اُتان جَبروت ۽ لاَھوت، جَا تي وِياسون سَيلاني.

۶- بَقا بالله جي بَندر تي، ھَئي اَعجاز لنگر جيئري،
لَحد وَارا لوڏا لحظا، لَنگھي ٿياسون پوءِ لاَفاني.

ٺلهہ: پَنهن جي عَاشق مَست کان - پيارا نہ کَر مُنهن پَاندڙا،
نِيڻ نَاحق ڇو کَرين ٿو - هِن مُنّي جَا مَاندڙا.

١- آنگ آزلي جي ارادي - کُل کَيِي ويچا ڇَڏيا،
قُرب جا پَائي کُنيا تيون - هَاڻ ٻئي هيکاندڙا.

٢- لَڄ شَرم پَردي حَياء جو - نَاهہ هي موقعو مٿا،
ويهہ تہ ويهي حَال وَنديون - ورهہ سان ٿي وَاندڙا.

٣- پَيچ جُدائي جو وِچان ڌَر - ڏَنگ دِلبر يَار تُون،
بيوفايون ڪين ڇَاڻن - برهہ جا جي ٻَاندڙا.

٤- مَن ئي مَن ۾ ٿي گُهريا - جيکي آسان تو ڏينهڙا،
ڏِس اُهي آعجاز ڇئي - وَري ڏِينهن مَوليٰ آندڙا.

ٺلهہ: عَاشقن جي سِر بَار - برهہ ڏنا آهن بَاري بَاري.

١- بَار اُهي جي کَنيا نہ مَلکن - نَکي عَرشن نَکي فَرشن،
سي تہ عُشاقن يَار - کلي کَنيا هَر وَاري وَاري.

٢- حَقّ هِدايتون هينئڙي لائن - پَير اُمر کان ٻَاهر نہ پَائن،
سَاري سَپ جَمار - کَاٽ ودائون گهَاري گهَاري.

٣- هَر دوجهان جا سُک ڇَڏيائون - سَوز سِکڻ ۾ سُور سَوديائون،
آهڙا کري وَاپار - نيهي نِيائن يَاري يَاري.

٤- عُسرًا يُسريٰ وَارا دلاسا - عَاشقن مليا خَاص خُلاصا،
کَرنہ آعجاز ا قرار - سُوريء جي کَر تيَاري تيَاري.

عُسرًا يُسريٰ: ڏکن پٺيان سک

تلھ: عَاشقن جا پَنڌ پَري پَري- ڪِين پڳا اُتي عقل وَارا.

١- رَمز رِنديءَ ڪي رِند رَسن ٿا- حَاضر نَاظر حَق پَسن ٿا،
سِرڙا سُوريءَ ڏَري ڏَري- نَعرا هَنيائون اَنل وَارا.

٢- علم عَقل جا ڦرهي پڙهي جن- مَحبت مَن ۾ ڪِين مڙهي تَن،
اَنڪل بَازي ڪَري ڪَري- عَهد پڳائون اَصل وَارا.

٣- اَنت ڪِنارو نَاهي جَنهين جو- سِڪ وَارن ڪَيو سَير تَنهين جو،
سَيڪو سَت نہ سَري سَري- تَار تَرندا توڪل وَارا.

۴- عشق جو عَاشق اوڏي جَامون- وِيا اَعجازؔ اَجل سَامهون،
دوستيءَ جَا دم ڀَري ڀَري- وَنگ وڌائون وَصل وَارا.

تلھ: عَاشق ڏٺاسون دَم بَدم، پَنهنجي گريبانن ۾ گُم،
مَن جي لِياڪن جا سَي مَحرم، مَن جا صاحب مُحترم.

١- خُود جا نظارا ئي اُهي، خَاصا خُمارا ئي اُهي،
ڪُل ڪان ڪِنارا ئي اُهي، ڪُل ڪان جُدا تَن جو جسم.

٢- جند جَان جي جَذبات ۾، شَش جَهات جي شُغلات ۾،
اَثبات جي اَوقات ۾، ڪَن ٿا اَنا الحق جو حُڪم.

٣- رَسمون رَواجي رَابطا، ويجها پَراهان وَاسطا،
ظَاهر وَارا سَڀ ضَابطا، آهن عُشاقن وَٽ عَدم.

۴- مَذهب نہ جَاٽن مُور ڪو، پَاتئون آهڙو بَس پُور ڪو،
دَم جو اَٿن دَستور ڪو، دَم ڪان نَہ ڪَن خَالي ڪو دَم.

۵- سر عَشاقن جا بُو العجب، رَنگين رَتولا روز شَب،
اَعجازؔ چئي سي سَڀ جا سَڀ- سُوريءَ مَٿي ثَابت قَدم.

ٿلهه: عَقل وَاري ڄَار ۾ - عَاشق آڙيا ڪينڪي،
اَلف سَواءِ اکر ٻيو - اَصلئون پڙهيا ڪينڪي.

۱- ب، ”ت“ وَاري بَاب جُون - بَند ڪَري بَنديون هَليا،
تَن قَيد حَرفن جي ۾ پَنهنجا - جِيءَ جڙيا ڪينڪي.

۲- لوڏا لَمان لهريون - جَر اَجهاڳ جَهاڳي وِيا،
ڳَڙڪن ڳَڙڪن ڪُنن جي ڪان - اوري ڳَڙيا ڪينڪي.

۳- سَاڙي سَڏون صِفاتي - ٿِيا سَالڪ صَاف دِل صَفا،
سي لَوپ لاڪَ ڄ ڏي ڪَڏهَن - لَمِي لَڙيا ڪينڪي.

۴- رِيءَ رَاهبر جي رَاشدي - رَنگ نہ رندانو رَچي،
بِن عشق جي اعجاز چئي - ڪَنهن چِيٽا[1] چِڙيا ڪينڪي.

ٿلهه: عشق جتي آ تہ اُت آ عشق ڪي سَلام،
نَمن ۽ نِياز ٻي هَنڌ پَانيان ٿو حَرام.

۱- عِشق ڪي سَلام مُنهنجو، عِشق ڪي سُجود،
عِشق سان قيام مُنهنجو، عشق سان قُعُود[2]،
عِشق آڳم رَهنما، عِشق آڳم اِمام.

۲- عِشق جي ڪِتاب ۾، نَہ ڪنهن ڏي ڪو حِساب،
عِشق جي جِناب ۾، نہ ڏوهہ نہ ثَواب،
عِشق جو دَستور عَجب، عَجب آ نِظام.

۳- آرض و سَما کان بہ ٿِيو، عِشق آ بَسيط[3]،
عَام خَاص پَاڇي تِنهنجي، پَاڪ ۽ پليت،
عِشق خُدا وناخدا ڪي، مُحيط آ تمام.

۴- عشق رَهي جنهن بہ دِل ۾، دِل سا بيپرواهہ،
سَرت اُنهي دِل جي صحي، نرت ۽ نگاهہ،
ڪونہ لِکو تَنهن کان ڪِٿي، اعجاز رَبّ ڪي رام.

(۱) چيٽا چڙيا: تڪليف سان (۲) قُعود: ويهڻ (۳) بسيط: ڪشادو، ڪليل، ويڪرو

ٿلهہ: آهن عِشق جا اُلٽا گيڙا - هَر وقت تہ حَيرت جَهڙا.

١- عِشق صُورت لَيلىٰ ۾ ٿي آيو، ڪَري سَعيو،
مُرڪي قيس کي مَجنون بَنايو، مَن گهايو،
نَيئي نار ۾ ٿَنهنڪي وَهايو، تَڙپايو.
سَنئين جڳ جون جُنيون سِر جهيڙا.

٢- وَري مُنهن ۾ مجوس ڪَيائين، دڪبيائين،
شيخي شيخ صُنعان جي نِيائين، پَرڪيائين،
وَيڙهي مُصلو تَسبيح رکيائين، تَرڪيائين،
پِرين پوءِ آڇي ٿيس پَيڙا.

٣- عِشق مَنصور تي زَور پاتو، رَنگ لاتو،
ٿَنهن گيت آنا الحق ڳاتو، ڏينهان رَاتو،
اُن لائي نِيائي جَاتو، نِينهن نَاتو،
چڙهيو سُوريءَ جَهلي ڪَين ديڙا .

٤- عِشق رَانجهن کي ڏِنو ڦيرو، چيري چيرو،
وِيئو رَنگپور ۾ هَني ديرو، ٿي سَپيرو،
ڪَنئين آنگ بَيوت پَڪيرو، مُنهن ميرو،
لائي نيئن آويڙا نِيڙا.

(هلندڙ)

٥- عشق کِيچان ٻَاهہ ڀڙڪائي، آيو ڇاٽي،
وَاپار ٻَهانو ٻَنائي، لَٿون لاٽي،
وِيو سَتُر سَسئي جو ڇڏائي، ٻَدلائي،
ڪَشي ڳَاهي هليو لَس ليڙا.

٦- عشق کِينجهر ۾ ڪيون هوليون، کي آلوليون،
ڪيڏيون حُسن سان آنک مَچوليون، ڏيئي ڇوليون،
مَئي مَدجون صُراحيون ڳوليون، رَنگ رَتوليون،
تِيا جَهنگل ۾ مَنگل ۽ ميڙا.

٧- عشق جِنهن ڏي اَعجاز ا ايندو، پوءِ نہ ويندو،
لُٽي دين دُنيا سک نيندو، ڏُک ڏيندو،
جِيئن ٻُڌئي ڏني تِيئن تِيندو، خُودي کِيندو،
ٻچي زلف ٻَشِيهر[٢] ويڙها.

(٢) بشيهر: نانگ جو قسم (ڪارو)

تلم: مَحبوب پَاڻ عَاشق- عَاشق عَجب اپارو،
صِفتن سَين جو صَاحب- صُورت ۾ سُونهن وَارو.

١- هَر دُوسري هِڪوئي- سِڪ سَوز سَاڻ سوئي،
جَهڙس نـہ جوڙ ڪوئي- پَنهن جو پَاڻ مَٽ پيارو.

٢- خُود ۾ خُودي ڏنائين- مَحويت ۾ مُنهن وِڌائين،
آختيار عِشق ڪَيائين- خُود سان ڪَري نظارو.

٣- بُوتو سَندس بَهانو- بِلڪل سو بيگمانو،
مَخفي مَنجهس خزانو- نَاياب نُوري نيارو.

٤- چَا سَير سَانگ صُورت- چَا مَام مَعنيٰ مُورت،
چَا ذَات چَا ضَرورت- چَا عَبد چَا اِشارو.

٥- هَر حَال تَنهن ڪي حَاصل- وَحدت وِصال وَاصل،
رِنداني رَنگ سان رَاسيلُ- آعجاز سِر سو سَارو.

تلهہ: عَاشق جي هُجين ها تہ سَارو راز هُجين ها،
الله سَنــــدي ذَات جو، آواز هُجين هـــا.

١- صُورت جي بَجاءِ پَھـريـن، سَنـواريـن ها تُون سِيـرت،
آحــــكـــام آمـــرِان ۾ تُون، آيـاز هُجين هـــا.

٢- وَارن ۾ آڙيـــن هـــا، نَكـــي لارن ۾ آڙيـــن هـــا،
پَرواز جي پَركـــا ۾ تُون، شَهـــبـــاز هُجين هـــا.

٣- هِن لـوڪ سـان جَهـڳ جَهـڳ ۾، سَڄي عُمـر گُذاريئـہ،
آفـــسـوس تُون هِن لـوڪ كـان، بِي نِيـاز هُجين هـا.

٤- ڳنهن جي بہ چُهڻ سان كرين ها، تُون تُونـهين تون،
وَحــدت جي گـــواهـي لاءِ، مِثـل ســاز هُجين هـا.

٥- بَيـــشــڪ تــو ٻُڌو آ، ۽ ڏٺـــو عِشـــق نـہ آ تـــو،
جي عِشـــق ڏِسـين هـــا، تـہ سِران بــاز هُجين هـــا.

٦- جو هڪ ئي نَظر سان تــو ڪَري، قَيـد دِلـيـون ڪَيـن،
اُن چشـــم مُبـــارڪ جو، عَجب نَاز هُجين هـــا.

٧- آڪ تـنـهن جي ڏِسي حَق، ۽ زُبـان تُنـهن جي چَوي حَق،
حَق جو تُون ســـراپـا پــوءِ تـــہ، اَعجاز هُجين هـــا.

ٿلهه: ويهه گهڙي ڪَا يار ٻِلا - سڻ عَاشق جو اَحوالڙو،
مَچ سُوالڙو.

١- ٻَنهن جي هَٿن سَان پَاڻ پيارا - پِيار پريمي پِيالڙو،
مَچ سُوالڙو.

٢- سِگهڙو سِگهڙو آء آڳڻ تي اِهو ٻِلا ڪر ٻَالڙو،
مَچ سُوالڙو.

٣- نَذُر قبول پوي هي مُنهنجو - سِر گهر مال عَيالڙو،
مَچ سُوالڙو.

٤- اَعجاز چوي آسان عَاصين وارو - پَرتو توکي اَنالڙو،
مَچ سُوالڙو.

ٿلهه: عَاشق تِي جي آيس تَولاءِ - تُنهن جو مُون سان مَيل نه ٿيو،
وِيو اَدورو آءُ ۾ رَهجي - عِشق جو پُورو کَيل نه ٿيو.

١- اُٿندي وِهندي هَلندي چَلندي - آهي اهو اَرمان مُونکي،
جَا پيڙ هٿي وئين منهن جي بَدن ۾ - تنهن مان کو کَڙتيل نه ٿيو.

٢- آئون اِبوجهه آڃاڻ اَصل کان، ڳَالهيون لَوڪ جُون آهن لکين،
کو چَوي وِيو وَيل توسان تي - کو چَوي توسان وَيل نه ٿيو.

٣- دَرد دوريءِ جي سُوري وانگي - سَاهه ڇِڪي کَيو قَيد سَچو،
جَهڙو جَيل جُدائي وَارو - تَهڙو پِيو کو جِيل نه ٿيو.

٤- اَعجاز چَوي سَچ چاڻ سَچڻ - اَٿئي سَالڪن وارو قَول سَچو،
عِشق نهِ تيسين عِشق ٿيو - جِيسين کِيت عُقل جو پَيل نه ٿيو.

تلمه: عِشق بُتان کان عِشق جي، جو اِبتدا ڪَري،
هِت سوئي ٿو نمازِ مُحبت آدا ڪري.

١- دُوئي کان دِل صَفا رکي، ۽ پاڪ نَظر جو،
دِل جي سو دِيد سان ٿو، دِيدارِ خُدا ڪري.

٢- سَالڪ بہ آهي سوئي ۽ عَاشق بہ آهي سو،
صُورت کي ڪَعبو سَمجهي جو سَجدو سَدا ڪري.

٣- دراصل آ نماز جي معنيٰ اهائي بس،
هر حال خيال ۾ هل حاضر خدا ڪري.

٤- ڪَنهن کي مَجال ڪَير ٿو، هيئن عِشق ۾ ڪَري،
جيئن وِيو حُسين ؑ حَضرت، گهر سِر فدا ڪري.

٥- سَڀ ڪَنهن کي دِل اِها، نکا سَڀ ڪَنهن کي سوجهہ سوي،
هڪ عَاشقن جي ذَات ٿي، حَق جي نِدا(١) ڪري.

٦- هن هُن جَهان جي، تَعلق رَسم و رواج جا،
ڪو بَانڪو بي رِيا، بَبر بَند بِدا(٢) ڪري.

٧- سُهٽي سَسئي کي مومل، لِيلان کي مَارئي،
سَڀ راز کي رَسا سِيون، سِر رِندي رِدا(٣) ڪري.

٨- جيڪا بہ عِشق ۾ هِت قُرباني جَنهن ڪئي،
ڪَڏهين نَٿو هِتان اُهو ير آلوداع ڪَري.

٩- اَعجازؔ اُن سان ڪَهڙا ٿو ييتين آمير ٿون،
جَنهن کي خُدا ٿو شيرِ خُدا جو گَدا ڪري.

(١) نِدا: سڏ، آواز (٢) بِدا: آزاد (٣) رِدا: پوتي

ٺلھ: ڪڻ ڏارو هڻ پئون - ڇڪو رانداِ عشق جي ۾.

١- قسمت تُون آزمائي ڏس - ساري سڪ سان هلائي ڏس،
نُرخ ڪَڏي وَڃ نئون - پَڪو راند عشق جي ۾.

٢- عارف بَازي آهي هيءَ - جُوا بازي ناهي هيءَ،
سِڌو هَلج سَنئون - يَڪو راند عشق جي ۾.

٣- ڪَڏي غير قلوب مَنجهان - مَن رُچاءِ مَطلوب مَنجهان،
ٿي پاڻ مَدينو تُون - مَڪو راند عشق جي ۾.

٤- ڪيڏ ڪيڏاري توڪل تاٽي - آنا ڇئو اعجاز هاٽي،
نَه ته اسين پيا ڇئون - ٽَڪو راند عشق جي ۾.

ٺلھ: مُون ۾ ويھ مِرلڪي - عِشق مُونکي بَدنام ڪَرڻ لاءِ.

١- اي ڪَنر ظالم عِشق ڪَنورا - شُوم ٿِنا ڪَر شَهر ڏِنيورا،
لَڳ آئي ڇوڪي - مَنهنجي ئي ننڊ حَرام ڪَرڻ لاءِ.

٢- لَوڪ مَچئي جِت لِڪ بہ اُٿيئي - جُوڙ ڪاٽا لِڪ بہ اُٿيئي،
مُون وَٽ ڪنديِن چالڪي - ڪونہ ايندءُ رام رام ڪَرڻ لاءِ.

٣- ڪاٽان تُنهنجا ڪيڏ چاٽان ٿو - ٽاٽا ٽُوٽا ٽيڏ چاٽان ٿو،
چاڪئون تُنهن جي دِل چِڪي - دڪبا چِڏي ڏي ڏام ڪَرڻ لاءِ.

٤- تُنهن جي پلپل پَهن پُورن ۾ - سُورن تَنُورن ڪانيُس ڪُورن ۾،
عُمر ائين مُون ڏِڪي - ڪوته دَم ڏي آرام ڪَرڻ لاءِ.

٥- اعجاز علي چَوي حيران ٿيندين - مُنهن جي جيءَ ۾ رَهي پَشيمان ٿيندين،
سَچ ته مَرنديِن سِڪي - قُرب وَارن جي ڪَلام ڪَرڻ لاءِ.

ٿلھ: سُوريءَ چڙھيا سِر عَاشقن جا، لَڪل لَب مَرجان لاءِ.

١- سِر حُسيني نوڪ نيزي سِر حُلاجي دَار تي،
سِر عَطاري وِيو قتل تي، پرت جي پِڪ پَان لاءِ.

٢- ڳل ڳلائي شَمس شَوقئون سُونھن صُورت کي پَسي،
قَيس مَجنون تي پيو ڪَنھن ديد دَرشن دَان لاءِ.

٣- گُھورجي گھاٽي ۾ پيڙيو، سِر بلاول شَاھ جو،
ڪَنڌ سَرمد هو ڪَپايو، مِيم جي مَيلان لاءِ.

٤- فَرهاد شِيرين جي شُغل ۾، ٽَڪر ٽَاڪي ٽاڪيا،
تَسبيح بَجاءِ جَٽيان جُڙيا پرين وٽان صُنعان لاءِ.

٥- توڙي هو يُوسف نَبي ته به ڪين بچيو بِرھ کان،
ڪِنعان ڪان آيو مِصر ۾، زلف جي زِندان لاءِ.

٦- ڪَئين پَچي وِيا ڪَئين پَچن پيا، ڪَئين آچان پَچندا پَتنگ،
مُڙيا نه مُڙندا مَچ کنان، صَرف نه ڪَن جِندجَان لاءِ.

٧- نَڪي دِين ۽ ايمان لاءِ، نَڪي شَرف شَاهي شَان لاءِ،
عَاشق ڪُٺا اَعجاز چئي، مَحبوب جي خِندان لاءِ.

خِندان: مرڪڻ، کلڻ

تلهه: حَق عشق جو بَس، هيئن جي آدا ٿيو تہ بَجا ٿيو،
سِر يَار جي قدمن ۾ فدا ٿيو تہ بَجا ٿيو.

١- جو عَقل نَٿو عِشق کي تَسليم ڪَري هِت،
سو عَقل وَڃان تو، جي وداع ٿيو تہ بَجا ٿيو.

٢- سر گهور ڪَجي گهور ڪَجي يار تان سَڀ ڪُجهہ،
يَاري ۾ لُٽو جو بہ آدا ٿيو تہ بَجا ٿيو.

٣- دولت سَان نہ طَاقت سَان نہ دَولاب نَڳيءَ سان،
هِت جو بہ مَحبت سان شِدا ٿيو تہ بَجا ٿيو.

٤- هُج بَند ڪَمند[1] زُلف جي ۾ بَند هَميشه،
بَند زُلفِ دُتا جو نہ بِدا[2] ٿيو تہ بَجا ٿيو.

٥- هيئن ٿيندو اچي ٿئي بہ پيو مَحبوب جي دَر تي،
ڪو شَاهي ڇَڏي گولو گدا ٿيو تہ بَجا ٿيو.

٦- عَاشق جي انا الحَقُ چَوين ٿو تہ پَلي چئو،
تو ۾ جي پَتر تُنهنجو خُدا ٿيو تہ بَجا ٿيو.

٧- مَرڪب بہ اٿس عِشق ۾ مَذهب بہ اٿس عِشق،
عَاشق سو دَرم سڀ کان جُدا ٿيو تہ بَجا ٿيو.

٨- اَعجاز کي هِن ڳَالهہ کان اِنڪار ڪَٿهن آ،
سَاقي جي سَندس يَار سَدا ٿيو تہ بَجا ٿيو.

(١) ڪمند: پيچ، وڪڙ (٢) بِدا ٿيو: آزاد ٿيو

تلھ: عِشق سَواءِ تيئن اُوندھ يَار- آک نہ ڏسي جيئن گوڏي کي.

١- سِچ چَنڊ کان جو چٽو سَدائين- سَڀ ھَندَ حَاضر سَڀ کَنھن تائين،
دُوئيءَ کري تا چَاٽُن ڏَار- آوڏن کان بہ تہ اوڏي کي.

٢- ذَات مَغزات جي لُطف لَذت کَان- مَحرومِ ڏناسُون مَعنيٰ جي مَت کان،
عِلم وَارن جا اکر آچار- گَپ ڇَڏيو پيا ڇُھن ڇوڏي کي.

٣- جو دَرد کَنھن جي کَان وَاقف نَاھي- تَنھن جو مِثال تہ ھيئن بہ آھي،
جيئن لِيکڙ جُون جي خَبر نہ چَار- وَارِ بنا سِر روڏي کي.

٤- رَھبري عشق جي جَن کي جوڙي آ- ڪَاڪ جي مُومل تن کي مِلي آ،
توڙي اَعجازا چَندن ڏار- نَايو نايو چارن توڏي کي.

تلھ: آچي مَنجھ عِشق جي مَکتب- دَرس پڙھجي تہ دِلبر جو.

١- پڙھين تَان پڙھ وَجي پُختو، بِرھ جو بَاب بَرجُستو،
پَکو کَر نَين جو نُقطو، پَسي مُنھن مُحب مُنور جو.

٢- پَري کَر پيش زَبر زيريون، ڇَڏي ڏي سَڀ تيريون ميريون،
پِرت پڙھ پَڏي ڇيريون، فَھم کَر يَاد فَاذکُر جو.

٣- مُلان قَاضي نہ پُڇ مُفتي، حَيواني ڇَڏ حرص هُستي،
کَني اُلفت سَندي تَختي، اکر کَر حَل ھِئين پر جو.

٤- آچي اَعجاز جا شُھرت، مَتان پائين تنھنکي پربت،
رکي سيني ۾ ھُوءَ صُورت، وَٺيو ھٽ وَج تُون رَھبر جو.

ٽلھ: ڪانہ ڇُني جند ڪانہ ڇُني، هن عشق مَنجهان جند ڪانہ ڇُني،
سڄ جواني وارو اُلهيو، پيريءَ جي اڇي باڪ ڦُٽي.

١- حيلا هَزارين وَس ڪَيم، ڏاهن جا ڪئين ڏَس ڪَيم
تَعويذ تَڙا آندلس ڪَيم، تہ بہ عشق جي ساڳي لُوهہ لُٽي.

٢- مُلان مُراٿا ڇا سَمجهائن، ڇڏي ڇڏي ڪَهڙو وقت وِڃائن،
ڪئين وينا تَعزير سُڻائن، پَر عشق جي وائي ڪَنهن نہ ٻُڌي.

٣- حُسنَ وَارا آڄ تائين وَٽن، ڪَسيو اُمالڪ دل کي ڪَن،
پَٽ تان ڪَيو عَرشين هَٽن، سا ڏِس بہ تَن جي گُهور گُهٽي.

٤- مَاٺهن ليکي هاڻ لڳو آ، هي ٻال جتيءَ کان ٻاڻ لڳو آ،
جوين کٽي پيريءَ ساڻ لڳو آ، تہ بہ عشق نہ ساڳي سنگت مٽي.

٥- عَقل حَيا پَائمال ڏسي، پُر ڏوهن سان آعمال ڏِسي،
آعجاز جا هَڙا حَالَ ڏِسي، سَالن جا وِيا سَاٿي ٽُٽي.

ٽلھ: حُسن عشق جي جَنگ حَقاني لڳي وئي،
ٻنهي طَرفين آرني تَراني لڳي وئي.

١- حُسن تَجلي هَنيڙي، پٿر جيءَ تي پيڙي- هَڃي سُرت وَيڙي حَيراني لڳي وئي.

٢- هَوڏهن بينيازي، هيڏهن عجز آزي- رِندي رَمز بَازي، رُوحاني لڳي وئي.

٣- مَا زَاغَ البَصَر سَان، نظاري نَظر سان- اِلاهي آبر سان، بَاراني لڳي وئي.

٤- حُسن عشق ڪَئي ڪَٽ مُڳي. مستي مُنو هَٽ- ڏِسڻ جي پوءِ ڏي وَٽ نِڌاني لڳي وئي.

٥- نيارن کان نياري، پيارن کان پياري- ڪَجل ڪَيف وَاري، ڪاڪاني لڳي وئي.

٦- بِرهہ حُسن لاتي، ڇتان بَاهہ ڇُٽانتي- آي اعجاز جَهاتي، جِنداني لڳي وئي.

ما زاغ البصر: نظر جيکي ڏئو نہ لڙي نہ ڇنيي

تلهه: عِشق وِڄايم خطرا خام - خُودِ نمائي خلل خسارا.

١- عِشــق عَجب ڪَي دَم پَرايــا - آڻ لکــيــاڪُل ڪَم ڪَرايـا،
بِرهـ ۾ تِيـاسُون بَام و بَام - پَسـڻ وارا نـت پَسـي پَسـارا.

٢- علم عَقل جا صُفحا سَاڙي - غير غُنود جا گُونگهٽ ڦَاڙي،
ڏُور رَنگا دَفـتر دُوئي ڏَوام - تَرڪ ڪَياسون وَهم وِيسارا.

٣- وَحدت وَاري چَاش چکي سُون - دل دوجهانئون دور رکي سون،
جِت نـاهـي ڪُفـرِ اسـلام - آت اسـان جا نـيـڻ نظارا.

٤- عِشـق جي آهـي اها عـنـايـت - عَين اَعجاز ا همت حمايت،
جَهگ مگ جَوڙي پياريئين جَام - نِينهن ڪَياسُون نِيهي نِيارا.

تـلهـ: عشق سَان عَاشق ٿِي آيس، هَر صُورت جي سَانـگ ۾،
عَرش ۽ اَفـلاڪ سَڀ، آهـن مُنـهنجي آورانـگـهـ ۾.

١- نينهن پَنهنجي جا ٿـو نَامان، پَاڻ ڏِيان پَنهنجي پرين،
هُت رسڻ جو سَتُ سُجهي، قَاصد نکو ڪنهن ڪانگ ۾.

٢- زنـد ٿـي زُنـار پـاتم، صـورت وٺـي صَنـعـان جي،
دِين مذهب کان پَگِس، تَوڙئون حُسن جي تَانگهه ۾.

٣- دَم آنـا الـحـق جو هـنـيـم، مَنصـور جي آولـي آچي،
دَار جي سَواري ڪَيم، محـبـوب جي گُهـر مـانـگ ۾.

٤- ذات آ مُنـهـنجي اُهـا، جا نـاهِ آٿـو جنـهـنجو مـثـو،
جَهـول ۾ پاتم جهـينـگا آچي، هِن ڇچيـري ڇَانـگ ۾.

٥- ڪَانـ هِن اِسـلام جي، اَعجاز چئـي بُڌنـدس ڪَڏهـن،
تـو رَڪـانِ ايمـان مُڪـمـل، بِرهـ وَاري بَانـگ ۾.

ٹلم؛ عِشق مُنهن جي کي لَلڪارين ٿو - صُورت سُهڻي ڏيکاري يار.

١- دلبيدار تُون دِلبر آهين - دِليون ڦُرين ٿو ڏتاري يار.

٢- آئون تُنهن جي اِنهي صُورت تان - وَاري وَاري وَاري يار.

٣- تو سان ناتو رکٽو آ - پاڻ کي مَاري جِياري يار.

٤- جوڳي عَاشق بَنجي تُنهنجو - اِيندس تُنهن جي دُواري يار.

٥- مُنهنجو سَپ جاءِ سَير سَدائين - ڏس نہ ڇڏهي وِساري يار.

٦- ڳالهہ ڪان آج اور عَجائب - آئين زُلف سَنواري يار.

٧- سُرخي لبن تي ڳجل اکين ۾ - چقمق بَاري وَيو هَاري يار.

٨- پيتل پُرِ آئون آهيان تولي - توکي سُجاڻان سَاري يار.

٩- حُسن جو عَاشق پَتنگ شَمع جو - توريٿون تہ ٿيا هڪ ٽُراري يار.

١٠- مِلندو آهين پر آڪ نہ مِلائي - اعجاز توڏي پيو نهاري يار.

ٿلھ: دَم عَاشقي جو ڇَاڻان- دَم عَاشقي جو ڇَاڻان،
دَم "لَا" جو دَم اِلا جو- دَم هُو هُو حَق سُڃاڻان.

١- دَم دَم سان مَعرفت جي- دَم دَم تي مَوج مَاڻيان،
آحـوال آخفيٰ وَارا- آعـليٰ عَجب تـو آڻيـان،
عَارف عُشـاق سَمـجهن- وَحـدت وِصـال ھَاڻان.

٢- هَر حُسن گُل چَمـن جو- هَر سَن ۾ وَاسي آهيـان،
بَلبـل مَثـال پَونـري- پَلپـل پيـاسـي آهيـان،
وَنـيو وَنـانس خُوشبو- چُميو چُمـانس مَاڻان.

٣- وَهوا مَجازي جَهاتيون- وَهوا حَقـيقـي لِيئـڙا،
جَلـوا صِفـاتـي ذَاتـي- رَهـبـر ۾ رَاهـ تِيـڙا،
عَاشـق جي ڪَاڻ ٻَـئـي حـق- دَيـدار دِلـبـر اڻـا.

٤- آعجاز عَاشـقـيءَ ۾- سَرمَسـتـي شَرط آهـي،
حَالـــت حُلاج وَاري- وَالله شِرڪ نـــاهــــي،
مَنصـوري دَم مَان ڇَاڻـن- ڇَاهـي مُلان مُراڻان.

ٿلهه: آورُون عَاشق کَن- اُلٽي رَمز رکن.

١- بهشت دَوزخ جي اُون پَليو- پَٽڙ پڙ پون،
علم عَقل کان اوريون نہ ٿيون جي- ڳَالهيون سي هُو ڪهن،
سوريء سِر سَو سيڪ سهيو- آنا الحق چون.

٢- دُنيا عقبيٰ ڏين ڏرم جو- دَم نہ دَرس وَٺن،
رِيء سجڻ مَحبوب پيو سَيَ- ٻَارهيوئي ٻَن ڏِين،
لا الله الا هو هُو هَر هَر- هُو سان هُو ٿين.

٣- مئي مَتوالا مَست پيالا- مَانجهي مَرد پِين،
ڪَندَ عُشاقن وارا ڪُڏيو- ڪَيفي ڪَات پڇن،
دَم قدم اُنهن جي سَان ٿا- ڪَيفي[1] ڪَدهه وسن.

٤- چشمن سَان چُمن ٿا چَاهئون- مَحبوب جيڪي مُنجن[2]،
سُهما مِهٺا صَدمان سَهاپا- سَختيون سُور سَهن،
جِيئن جِيئن تاءُ پسن سي- تِيئن تِيئن نينهن نِيايو نِين.

٥- اوروِن گهورون سِر چِند جون- وَوڙون وُجودي وِجهن،
بَرق بِجلي کان بہ بَرابر- رَمز تکي تارکن،
اِمڪان کان اڳتي اَعجاز چئي- عَاشق رِند وَڃن.

(١) ڪيفي: مدهوش، نشيلا (٢) مُنجَن: موڪلين

تلهہ: آيَ عِشق تُنهنجا ڏک دَردِ آزار - رَاڄن ڳَايا ڳَلين ڳوٺن ۾.

١- سَسُئي تنهنجا سُور رُنا پي - سُهٽيءَ تَوتي حَرف ڏنا پي،
مَارئي کَيَڙي تنهن جي کُوار - قَيد عُمر جي ڪَڙن ڪَوٺن ۾.
٢- ليلان جي تو مَت مُنجهائي - مُومل جي تو ڪَاڪ اُجهائي،
گَنبدري جي پَٽي پَوي پُڪار - لاءِ تَماچي پَٽن پوٺن ۾.

٣- قَيس ليليٰ جي جَڙ ۾ جَڙائي - شَيخُ مَجُوسڻ سَاڻ آڙايئي،
سِرڙا جَلايئي سَو هَزار - حُسن جي بَاهين بَٽن بوٺن ۾.

٤- اَعجاز چوي ڪئين رُوپ بَنايو - وَرتِ فِريب جا وَتين وِڇايو،
ڳَانهي سَچائي نَسچ ڪنهن وار - تُنهنجي ساڳُن سُنهَن سوٽن ۾.

تلهہ: وَاهِ عِشق اهي تنهنجا آرا - اوڄ ڏيکاري پَهرين پوءِ ٿو بَند ڪَرين دَر ديدارا.

١- آرا آويڙا ڪَريو ڄَاٺين - دَردمَنديون مَاريو موجون مَاٺين،
تيِاس نہ تن تي هرگز آٺين اُلٽا مِٺا ڏٺين مُنهن وارا.

٢- جَيڪي نَيڻ نَيٽن ڪي سِکن سَدائين - تن کي هَرگز ڪين مِلائين،
شَايد ڪَنهن سان ڪِين نِيائين - تُنهنجا پَهہ ڏنم پرڪارا.

٣- آهڙيون آرڏايون جاڙون ۾ جنيون - ظَالم ضِدي ڪَري تو ڪَئين ڪُنيون،
ڪيڏهن وَڃن سي موڳيون مُنيون - ڪَسَيئي جني جا نِظارا.

٤- تُنهن جي آڇڻ تي اَعتبار ڪَهڙو - تُنهن جي وَچڻ تي وِيچار ڪَهڙو،
اَعجاز ڪي آلاچار ڪَهڙو - ڪَري تَرڪ طَرف سَڀ سَارا.

ورت: رسو

ٿلهه: سَڏايو پاڻ کي عَاشق- ڳولين اوٿون آڙون ڇو پيو،
ڪريو پاتار ڪان پاسو- وَٽين ڪِپرا ڪَڙون ڇو پيو.

١- ڪڙي قاتل حِلاهل(١) جا، تہ عَاشقِ پياڪ ٿا ٻُڌجن،
تون ٿاريو وهِ وٽيون مُنهن تان- ٽڪين مصريءَ ٽَڙون ڇو پيو.

٢- هَنيم مَهميز(٢) جا ترڪي، سهي ساٿي سَهُو سُرءِ،
بي سواري وهٽ وانگي تون، هٽين هَر هَر جهڙون ڇو پيو.

٣- نہ تون قائل حقيقي ۾، نہ تون مائلِ مجازيءَ ڏي،
حقيقت ڪان رُوگردان ٿيو، پٽين پَنهنجون جَڙون ڇو پيو.

٤- نٿو جي شعر چئي چاٽين، ڪرين پوءِ شاعري ڇو ٿو،
وِساريو وَضع(٣) داريءَ کي، گهڙين پنهن جون گهڙون ڇو پيو.

٥- حُريت آهي حجت سان، غلامي آهي نئڙت سان،
ٻئي پهلو وچايو تون، جهلين دَر دَر ڏڙون ڇو پيو.

٦- ٻَهانو خوب هٿ آيئي، سُوريءَ ڪان سِر بچائڻ جو،
ٻُڌايو عُذر ٻانهپ جو، لِڪيو حَق سان لڙين ڇو پيو.

٧- حُجائتو سوال آمنهنجو، چوي اَعجاز هر هر هي،
بنايو مُنهن بزرگانو، ڪَٽين ڪِيسا هَڙون ڇو پيو.

---

(١) حلاهل: اهو زهر جنهن جي پيئڻ سان ماڻهو بچي نہ سگهي.

(٢) مهميز: گهوڙي کي پير جي ڪڙي هڻڻ، اشارو ڪرڻ (٣) وضعدار: اصل ڳالهہ تي قائم

ٿلهه: آذان عِشق واري - عَاشق سُٽيو آچن ٿا،
پِرتئون لبيک پڙهيو - صُورت کي سَجدو ڪَن ٿا.

۱- نِيّتي نمازِ نينهن جي - مِيثاق وَاري ڏِينهن جي،
دَردن غَمن جي مِينهن جي - ڪُجھ ڪَاڻ نَا ڪَين ٿا.

۲- سالڪ سَچا سجودي - وَستيون مَنّي وجودي،
نيڪيون ڇڏي نَمودي - تَڪبير پوءِ چَون ٿا.

۳- سُورهه صُبوح سَانجهي - لِچڪي وِجهن نه لاَنجهي،
مَردانگيءِ سان مَانجهي - مَيدان ۾ مَچن ٿا.

۴- طَالب ٿي آيا تَڙ تي - ڪَات ۽ آڏيءِ جي ڪڙ تي،
پِيرِ مُغان جي پِڙ تي - پَروان جِيئن پَچن ٿا.

۵- پورو پَنو هي پَاتئون - صُورت کي ڪَعبو ڄَاتئون،
ٻيو ڪِٿ نه ڪَنڌ نَاتئون - نِر تي نَظر رکن ٿا.

۶- صفِ آول جا عَاشق - شُعلہ شَمع جا شَائق،
رَبي لقاء جا لائق - رَنگ رُوبرو پَسن ٿا.

۷- اَعجاز آهي آحدي - اڳيان امام مهدي ؑ،
لُڙ جُهڙ آورانگهي لَحدي - نيهي نسنگ نَچن ٿا.

تلھ: رَاھِ عشق ۾ ڪِٿ رُسڻ نہ ٺھي ٿو۔ وَفا وَاعدي کان ڳُسڻ نہ ٺھي ٿو.

١- چِنڊ چيھہ ڳنھن سان ڪَرڻ مِھَن بھانا،
رَسم ريت اھڙي نہ ڄَاڻن رِندانا،
ڦُرب رِيءِ اُنھن وَٽ ڪُسڻ نہ ٺھي ٿو.

٢- دِليون نيڻ ھڪ ٿي جيڪي نينھن لائن،
اُھي عِشق وَاري نہ بَازي ھارائن،
ھِڪان ھڪ ٿيڻ سِڪ، نَسڻ نہ ٺھي ٿو.

٣- نَاھي مَاٽ دِل ڪي تہ ٻوءِ مَاٽ چَاجي،
آوريون سُور آچتان ڳَولي جُوءِ آجي،
رڳو مَاٽ ۾ ٿي مُسڻ نہ ٺھي ٿو.

٤- سَچي آ محبت سَچي سوز وائي،
سَچو آ خدا ۽ سَچي آ خُدائي،
سَچي ڳالھ سِڪ تي ھَسڻ نہ ٺھي ٿو.

٥- رُسڻ رَھ آ جنھن جي، رُسڻ ڏي اُنھي کي،
سَارو ڏيھ اَعجاز ڏسڻ ڏي اُنھي کي،
آسانکي تہ جڳ ڏي ڏِسڻ نہ ٺھي ٿو.

نَسڻ: لِکڻ، ڀڄڻ

ٺلهه: جَني جو عِشق رَهبر آ- تَني کي ڪاڻ نا ڪَنهنجي،
پَرائي ڳَالهه پَراهان ٿيا- پَچارن پَاڻ ۾ پَنهنجي.

١- اني اِنا الله جا نعرا- هَڻي نَرِ نيهي نَاميارا،
اُهي مروان جا مَارا- نياڻن ٿا اوکي آهنجي.

٢- پريڻ کي پَرِ ۾ پوڇن پيا- نَظر نَاتي نَاسُوتئون نِيا،
صُمٌ بُکمٌ اُمىٌ ٿيا- ٻُڌن سي ڪِين ٿُنهنجي مُنهنجي.

٣- ڪَري ويساهه وَنحن ۾- مَچائن مَوج ٿا مَن ۾،
ڳهڙيا تنهن بَحر جي ڪُن ۾- نَاهي هِيءُ هُوءَ ڪَنڌي جَنهنجي.

٤- عَدم اوڙاهه ڏي ڳَاهي- ڇَڏيائون ڏاءُ ڏَپ لاَهي،
اِهو اَعجاز سَچ آهي- سِڪڻ سُوري انهن سَهنجي.

ٺلهه: عِشق وَاري شَهباز ڪَيا پَرواز عَجب.

١- عِشق شَهباز جي خُوءِ خُوني- آرڏا آٽا نگا نَاز
آرا آغماز عَجب.

٢- پَنجا پِرت وَارا پَنجئي ڪوڙي- ڪوليئين آندر جا سَاز
آخفائي[1] آواز عَجب.

٣- مَن مشتاقن جا ڳولي ڦولهي، موهيا سَاڻ مِجاز
ڪَرائي ڳَواز[2] عَجب.

٤- عَرش جو ساڪِن فرش جو مالڪ- اَلَس رِندانا رَاز
اَعليٰ اَعجاز عَجب.

---

(١) آخفائي: ڳجهو لڪل (٢) ڳواز: سوري جي تختي تي، ڦاسي تي

تلهه: عشق جي شطرنج اويڙي - هيءَ رندن جي راند آ،
هن ۾ هڪ دم جو نہ ويچو - ۽ نہ وقفو واند آ.

١- هار هن جي جيت آهي - جيت هن جي هار آ،
رمز معنيٰ سمجهہ سالڪ - هي وڏي ڪا ڳانڍ آ.

٢- جن پڙها ڏئي ڪالهہ ڪئي هت - پئي پنڌ هُن پڙ مٿي،
اڄ بہ تن جو بي خبر - سِرُ ساهہ نيزي پاند آ.

٣- هن ۾ هاٿي گهوڙا ناهن - هن ۾ پيادو سوار آ،
بادشاهن ۽ وزيرن - جو عقل اِت باند آ.

٤- شهہ خودي پئي ڪنهنجي چاهي - شهہ خودي ڏس عشق جي،
حق آهي اعجاز حق - حق سان سا هيڪاند آ.

تلهہ: محبوب جي لاءِ عاشقن ڏنا مام ۾ مٿا،
هڪ پئي پنيان پڙ تي هلي سورهہ ٿيا سٿا.

١- قربئون ڪري آيا جيڪا، ميثاق ڪان ڪٿا،
پوري ڪيئون پر جي اڳيان، سا روح جي رٿا.

٢- محبوب جي تہ وصال لاءِ، ڳولي ڳليون ڳٿا،
ڪاهي پيا ڪارونيار، ۾ غازي نہ سي گُٿا.

٣- جڏهن حسن حقاني جو ڏسن، عاشق لقاء ٿا،
تڏهن مريو ٿا مات ٿين، مُورهئون مڙن نٿا.

٤- اعجاز جن جا نين نت، حق در وچي ڪُٺا،
جنڊي عشق جي تان، سرنني جا لال ٿي لٿا.

ڪانڊ: بادشاهي، دائمي

تلهہ: اهي جگر عاشقن جا، توسان عشق تا ڪمائن،
تنهن جي حُسن تاب سامهون، توسان نظر تا مِلائن.

١- خُوني خنجر اکين جا، ڪلندي تو خوب ڳوڙيا،
تہ بہ گھور گھور آهن، توکان منهن نٿا مٽائن.

٢- جيڪو قدم سو اڳتي، پٺتي نہ مور ڏسندين،
هر پل ۾ سو هزارين، توڙي تير تنهنجا گھائن.

٣- تِک تاء شعلا تجلا، اُهي طور تي ڪيا هُئي،
هِتي نيڻ اٿئي نينهن جا، ازخود پيا جِيءَ جلائن.

٤- پرده نشين تون آهين، پر عاشقن جي اڳيان،
بي قابو دل آ تنهن جي، اهڙي رمز تا لڳائن.

٥- اعجاز چئي عُشاقن، صد آفرين سدائين،
توکي ساهہ ۾ سمايو، لوڪئون وينا لِڪائن.

تلهہ: آهي عِشق آهڙو، چڙيئين نہ نچائي،
نِياڻن تا نيهي سِر ڳائي وڃائي.

١- طالب ڪن طبل سان، توحيدي تنوارون - ڪبي ساز سارنگيون ۽ سرندا ستارون،
پهري پيشوازيون، ڇڙيئون مچ مچائي.

٢- ملهي مرڪي سِر تي، ڪنئي جن ملامت - ناهي تن احتياجي، ڇاهي لڄ لياقت،
شرم ۽ حيا جا، ڇرڪ وِين ڇڏائي.

٣- سچڻ ساقي سُهڻو، سدا ساڻ آهي - نفعي ۽ ضرر جي ذرو ڪاڻ ناهي،
چڙهي موج مستي، هُو جا هُل هُلائي.

٤- ڪئي عِشق اعجاز بيشڪ پلائي - منجهان منجهہ آڇي جنهن، جڃهي جوت جاڳائي،
حقيقت هتي جي، هِتي تو بڌائي.

تلهه: سِڪڻ پرِ لاءِ لُڇڻ هَردم - اِنهي کي عِشق چئجي ٿو،
سُمهڻ سُک ٿي نہ سارو سَم - اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

۱- يَرڻ آهون ڪرڻ دانهون - ٻَڌڻ ٻانهون تَڪڻ راهون،
مچائڻ من اندر ماتم - اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

۲- ڪَرائي عرض ۽ آزيون - نهايت نياز نئڙت سان،
اِهو آ قرب جو بَس ڪم - اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

۳- اُمنگون پُور پرين جا - اُٿئي ويٺي اچن اُڌمان،
اُداسي دل اکيون پُر نَم - اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

۴- پَسي شُعلو حسن پڙتي - پَتنگ وَانگي ڪَري پَرڙا،
جَلائڻ جَان ٿي بالَم - اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

۵- نہ ڌَڙڪي دار کان دل ٿي - نہ ديڙن ۽ ڪُسڻ کان ڪي،
چوي الله کي آدم - اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

۶- بيهڻ مجذوب ٿي بَرَ ۾ - پري پيالو ڏيڻ رت جو،
پيئڻ قاتل زهر باغم - اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

۷- وجي جنهن سان لڳي دلڙي، وساري ڪين سو سگهندي،
هجي توڙي لبن تي دم - اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

۸- سسئي وانگي ستي سانگا - پڙهي اعجاز بسم الله،
رَميو اِن راهہ تي پيو رَم - اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

مجذوب: مَدهوش، مَحو

تلهہ: ڪَري عِشق گُذاري مونسان ڙي آديون،
ڏِنئين مُون تہ مُنيءَ تي ڪَئين بَار بَديون.

١- ڇَڏي عِشق نہ مُون ۾ رَتي رَت سَت جي،
سَنبران ڪَانہ گهڙي سُک رَاحت جي،
آهڙي مَيچ هَنيئين ڪا مَحبت جي،
سَهٽيون صَبر سان پيم سِرَتي ڪوسيون تڏيون.

٢- سَاري لوڪ ۾ بُري بَدنام تِيس،
نِڪتي نِندرِ نِبر نَاڪام تيس،
بي چاڪ بي گهر بي آرام تيس،
ويئي وَاهيان بيوس نيٽين نيرنديون.

٣- منهنجون آهون دانهون راهون بَندي،
مُونکي پنهن جي ڪيائين ڪاتي ڪنڌي،
سَاٿا سند تيا، پَند ڪَشالا ڪَندي،
ڪَڏهن پچندم اُميدون رُوح رَچنديون.

٤- آڪڙيون آوجاڳن ۾ ويون آچي،
مَچن ڪِيئن سِي مُنيون لڳين سِڪڙي
سَچي،
آٽيندون يَارُ اعجازاَ پر ۾ پچي،
سڪندي جنهن لاءِ تيا سارا سال صديون.

تـلـهـ: عِشق سَودا جو خَلل جِن جي سَمايو سِيني سِر،
حيف تن تي اي حريفا، دِيني دُنوي ڪِيم ڏر.

١- ڪَانـه سُـٽـندا ڪَابـه تُـنهنجي- بِي نَصيحت نَاصحا،
عِشق وَارن جي اڳيان ڪو- عِشق جو احوال ڪَر.

٢- پِرت جا پَابند پَازي- پِر پـوچاري جي ٿـيـا،
تَن کي حَاڪيماڻي هشمت- ڪِين گُهرجي مَال زَر.

٣- نَيهي نَاسُورين کي تُنهنجا- تِير طَعنا ڇَا ڪَندا،
صَبر جي پَاٽئون زِرهـ- بَنجي ويا بس بي خَطر.

٤- بـنـهي جهانن مـان عُشاقن- عـارفن کي آوٽي،
يار جي سـڪـڙي اعجازا- يَار جي لوري لَهر.

تلھ: برھ جي ڳيڙ تا ٻانڪا ڪيڏن، بي سِر بي مثال تي برحال تي.

۱- صُورت جي سَامان سَمر سان، صُوفي صَاحب حال تي بَاڪمال تي.

۲- نَاتئُون نَاتَ ٿين تا نيھي، نيزَن سِر نھال تي نينھن نَال تي.

۳- حُسن جي ھَادي ھوت ھٿان - ھَر ھَر ھيجئُون حَلال تي ھڪ خيال تي.

۴- ڪَيفيت پَنھنجي پَاڻ پَروڙن، ڪَيف ڪَدَھ ڪَلال تي مَتوال تي.

۵- لاَ اِلٰه سانگي سِر لھرائن، لا اِلٰه سان لا يزال تي لا اُبال تي.

۶- اُلٽي داءُ دم سان اَعجَاز، اُلٽي عُشاقن ڳالھ تي چال تي،

تلھ: ڪير آتيندو الله- عِشق جي آڏو ڪَنڌ نہ ڪَٽندو.

۱- عِشق الله ڪي الله بنايو- آھي پَاڻ گَواھ.

۲- نينھن نَمائي ڪَيس نوڙي - تَخت ڪِبر تيس تَباھ.

۳- عِشق جي آڏو الله ويچارو- جَانا يَري ھَر گاھ.

۴- صُورت وَاري سَانگ ۾ وَرتئين- موجون مَزا سَپ واھ.

۵- اَعجَاز علي چَئي رَاز انھي ڪي- سَمجھي ڪو سِياڻو سَاھ.

لا يزال: دائمي، جنھن تي زوال نہ اچي

تلهه: نينهن لائي پوءِ نازڪ يار- لوڪئون لاڪن لڪڻ ڪَهڙا.

١- آء تہ تيون نروار نچي نت- پرت پنهن جي ۾ پاڻ پچي نت،
برهه ۾ بيهون تي بدل بهار- سواءِ گهمسانن سڪڻ ڪَهڙا.

٢- سُورهه سَدائين سُوري ۽ سامهان- هُل هزارين مٿن هاگامان،
ڏڙڪ نہ ڏارن جوڌا جان نثار- تاهه ڪائي تهي تڪڻ ڪَهڙا.

٣- چاهہ چاهڻ رک چاهڻ وانگي- سُور سهڻ سِڪ صُحبت سانگي،
سَپ ڏينهن هُجي سِڪ سار سنيار- چئن ڏينهن جا چڪڻ ڪَهڙا.

٤- حال وارن ڪان سِڪڻ سِڪجي- عشق جو اعجازا چُٺانڪو چڪجي،
مئي پي ڪجي ڪا محبت پچار- محبت رِيءَ مئي جا تڪڻ ڪَهڙا.

تلهه: نينهن ڪرايو نياز يار- نازن واري نوڪ نظر جو.

١- ساڙيو ساڙي سوين سريرون- سِڪڻ سوز گُداز يار
نازن واري نوڪ نظر جو.

٢- ناميا ناٽ نسنگ نچائي- غمزو حُسن غماز يار
نازن واري نوڪ نظر جو.

٣- ويرون وهائي ويو ڪيدي دِل- بحري بانورو باز يار
نازن واري نوڪ نظر جو.

٤- گهايل گهائو ۽ گهٽيرو آهي- اصلئون اعجاز يار
نازن واري نوڪ نظر جو.

ٺلهه: بنان ڪَنهن پَابندي بَندجي، آهي هن نينهن جو نَعرو،
سَمَايو ڪِين حَدَ آندر، عُشاقي عِشق جو آرو.

١- نَڪا اُپٽار حرفن جي، نَڪا تهذيب طَرفن جي،
نَڪا خواهش شرفن جي، نَڪوئي هَوش سَماء سارو.

٢- ڏوهن جهڙا ڪَري ڪَم ٿو، بڙا بيحد هٽي دَم ٿو،
اُٿائي سِرتي آگم ٿو، بٽيلو بَدنام بپڪارو.

٣- يُڌي نَاپَند نَصيحت ڪي، سُجاڻي ڪِين شَريعت ڪي،
مِجي حَاضر حَقيقت ڪي، رَهي نِيارن ڪَنان نِيارو.

٤- ڪَري ڪَاڄو جَڏهن جيڏهن، پُري تَنهن پَار تَڏهن تيڏهن،
ڪَڏهن ڪيڏهن ڪَڏهن ڪيڏهن، اُٿس هَر جاءِ اوتارو.

٥- عَزم آزلي رکي رَايو، جُهلي اَعجاز تي آيو،
پَنهنجو تُنهن پَاڻ پُرجهايو، سَراسر تي لِوا وَارو.

ٺلهه: برهه بنان نَاهي جَاءِ- لَاحد آندر لِيئڙي پَائڻ جي.

١- ذَات صِفات جو نَاهي سَنڌو هت- نَڪا رِياءَ جي رَاءِ،
حَق هيڪڙائي صَاف سَچائي- صَبر تَنهن ڪان سَواءِ.

٢- نَانهه تي نَانگا تہ نَاتَ نَوازئي- نَام نَاموس وِڃاءِ،
بَار مَلامت بَرسر چَائي- پير پِرت سَان پَاءِ.

٣- يَتيون عَقل جُون بنهن يَجي يَڌ- سڪڙي سيني سَماءِ،
ڊرٽو ساري لوڪ دَهر جو- مَچ مَتي سر مچاءِ.

٤- تَرڪ ڪَري تُون تَهدل طَمع ڪي- تَند توحيدي وَڃاءِ،
عَين اليقين پوءِ اَعجازا- گيت انا الحق ڳاءِ.

لوا: جهنڊو، نشان

تلھ: تُنهن جي نينهن هَٿايا نَعرا، آنا الحق وَارا يَار پيارا.

١- عِشق اَنحدي آواز اُٿاريا، صِفت ثَنا جا سَبَق سَيکاريا،
ڏِيل ۾ تُنهنجا تَجلا ڏيکاريا، لَيل نِهارا لاَئي نظارا.

٢- مَرڻ جيئڻ وَارو مُلک مَٽيوسون، لاَحد ۾ نيئي لوڙهه لَنگهيوسُون،
سِر جو سَانگو صَاف سَٽيوسون، لَٿا مُونجهارا اگ پوءِ وَارا.

٣- آهين يَار سَدا تُون عَين عَياني، نَابينا يَانئن توکي نِهاني،
سَڀ جاءِ تنهنجي صفت سُهاني، ڏيئي ڏيکارا ڇنا چوڏارا.

٤- محب ڏنيوَ جا مونکي مُرکي، سوز گداز جي سَالم سُرکي،
دِلڙي اَعجاز چئي جَڏهن ڳَان چِرکي، قسم قرب وارا ساقي سوپارا.

تلھ: بِرهه کَيو بِي حِجاب- هَنيم صَدا رب آرني وَاري.

١- لَن ترانِي چئي مَحبوبن- رُخ تان لاَٿو نِقاب.

٢- مَا زَاغ البصر جي رَستي- ڏِٺم مُنهن مَهتاب.

٣- جَلوو جَانب يَار جو- بيشک آ لاَجواب.

٤- قَلب وارو کوهه طُور سَارو- سڙي پچي ٿيو کَباب.

٥- شَوق الستي شَور مَچايو- شَائق ٿيڙس شِتاب.

٦- اَعجاز علي چئي اَگن آسان جي- آيو عَربي جَناب.

(١) شتاب: جلدي، ترت

تــلــه: برهه جا جيِ هت بَندا پَابند هئا، سي رِند هئا،
اَڳتي رَف رَف کان تَني جا رَند هئا، سي رِند هئا.

١- پَاڻ کان پَاسي ٿي پَلپل پرتئون پرکي پَسي،
پِرت جا پَاتا جَني پيوند هئا، سي رِند هئا.

٢- خُمر خَاص الخاص پي، خُمار ۾ خاموش ٿي،
خُوءِ سان خُود دار جي خُورسَند[1] هئا، سي رِند هئا.

٣- آنحدي اکڙيون پٽي، اِنصاف ۽ ايمان سان،
چئو تہ حق جي راهه ۾ کي چَند هئا، سي رِند هئا.

٤- عشق جي اسرار کان آگاهہ ٿي اعجاز ڏسُ،
عَاشقن آپي چڏيا آنَند[2] هئا، سي رِند هئا.

تــلــه: برهه بَدل جيئن بَرسي بَرسر- بَارو بَار باران کَيا،
طُور سِينا وَارا تَجلا لائي- تَارا چَنڊ تَالان کَيا.

١- آحسن ٿي آنوار اُپارو- آڙهنگ آگم سان اُجارو،
آيو اُلٽان اُلٽ اوپارو- عَين اُنهيءَ آحسان کَيا.

٢- سُهٽا سَاز سُرود وَڄائي- دَر دَر ڏاڍا ڏَڄ ڏَڄائي،
پاک پَکا پيغام پُڄائي- هَوش حَواس حَيران کَيا.

٣- حُسن وَاري آولي هَر هَر- پَاڻ چُپايو مَاري خَنجر،
گهائي گُر گِياني گوهر- نيزي سِر نيشان کَيا.

٤- ”اعجاز“ ٿي الٽو آرکيِين- وَحدت جو وَسکار کيِين،
نِيِين نِرت ڏيئي نِروار کيِين- تنهن شَائق لک شُکران کَيا.

---

(١) خُورسند: سَرها، خوش (٢) آنند: آرام، فرصت

تلهه: بِرهه ڇوي ٿو بيرنگ آهيان - بازي ڪُل بڻايان ٿو،
پنهنجي رائي راز سان پنهنجو - نالو نينهن سڏايان ٿو.

١- جي ڄاڻي سگهين تان ڄاڻ مُونکي - تو ڄاڻ اِهو ڄاڻايان ٿو،
هر مظهر ۾ جلوو منهنجو - هَر جاءِ حُڪم هلايان ٿو.

٢- اولي اوٽ حُسن جي بيهي - عين اکيون انڪايان ٿو،
اَلتا آر ڪري پوءِ عاشق - آڙهه منجهه آڙايان ٿو.

٣- قُم بِاذني قول ڪري - ڪلڙي خوب ڪلايان ٿو،
آن الحَق جو نعرو هڻي - سُوليءَ سِر چڙهايان ٿو.

٤- لَيليٰ قيس فرهاد شيرين - رانجهن هير رَلايان ٿو،
سُهڻي ميهر سَسئي پُنهون - راڻو مومل رايان ٿو.

٥- مستي حقيقي منجهه رهان ڪٿ - موج مجازي مچايان ٿو،
مَرثيه قصيدا شغل مداحون - صُوفي شبد سُڻايان ٿو.

٦- رند قلندر ترڪ طمع سان - سامي ساڌُ ڇوايان ٿو،
مَلنگ موالي مستانو ٿي - نانگو ناد وڄايان ٿو.

٧- شيخ مَشائخ قاضي بڻجي - شوق شريعت چاهيان ٿو،
ڪلمون پڙهائي ڪُفر سندو - ڪِرشن ڪانُ ڪوٺايان ٿو.

٨- حُر حُسيني هَردم ٿي - قُدسي قُرب ڪمايان ٿو،
طالب ٿي اَعجاز سدا - مطلوب سِڪندر ڳايان ٿو.

تلم: مِلي مَحبوبن کان مَامَ - بِرھ جي دَام پيَئي.

١- نِيڻ نوالا لائي مِلائي - حُسن هَلايا حُڪام،
مَيڇڻ هَر هَام پيَئي.

٢- ڪِين ٽڪيا جِت ڪَڏهن ڪَنهن جا - رِيءَ ڪُسڻ جي ٽَدام،
يَرڻ اُت گام پيَئي.

٣- مَوج مَحبت جي مَاڻن عَاشق - مَستو مَست پي جَام،
سَاقيءَ جي سَام پيَئي.

٤- شَاخ عَجائب عشق شَجر جي - نَاهي ڏِني جا عَام،
لَڙِي سَا لام پيَئي.

٥- مَام اعجازا مَحبوبن جي - دين ڪُفر وَٽ حَرام،
خَبر ڀي ڪَام پيَئي.

تلم: برھ بَازار ۾ هَر وار - مَارو مَار آيارو،
تِير و تَلوار جي چَوڏار - وَارو وَار آيارو.

١- وَسي جيئَن مينهن سَانوڻ جو، ڪُنڊين مان ڪَان تيئن ڪَڙڪن،
جُهڙن جُونجهار وَهن رت نَار هَار و هَار آيارو.

٢- يَلي ڪيڏا ٻـ ڪَن حيلا ٻَچڻ مُورهئون نـ تَن جو ٽِئي،
جنبي ڪي ڏار جو ڏَک وَاں اَروپَار آيارو.

٣- چَلي اُت ڪي چَرِيا تي پيا، ڪني جو دَم ويو دَمجي،
لَڳي تَن تَارءَ او چِنگان زَار و زَار آيارو.

٤- ڪُسڻ ڏاران تَتل گهـ ۾، ڪُهڻ جي وَاھـ ڪا نَاهي،
اَندر آزار سان تمنان تَار و تَار آيارو.

٥- عَجب اعجاز چَئي هي آ، اڪيون سُهٽيون سَيئي پَڻ،
مَنجهن ديدارءِ اسران ڏَار و ڏَار آيارو.

جُونجهار: بهادر، سورمو، دلير

تلهه: ڪي رِند سَهي ڪَن رَاز- آهي عِشق عَجب آوران آور مُنهنجو.

١- نَازوَارن سان نَاز ڪَريان تــو، نِياز وَارن سان نِيان،
آهي آذڪرُڪُم وارو طَور مُنهنجو.

٢- بيحد واري بَحر جو آهيان، بيحد غوطي بَان،
غَواصن وَانگي غور مُنهنجو.

٣- خَالي خيالي پَوش پَرن سان، پَلپل ڪَيان پَرواز،
شَاهي شَهبازي شور مُنهنجو.

٤- وَحدت ڪَثرت مَنجهه مُدامي، سَچ سَان سَنگ سَاز،
آحدي اوتارو آجهور مُنهنجو.

٥- آعجاز عَلي ؑ جي عَين عِنايت، سَدائين ڪَيم سَرفراز،
اِهو پيرِ مُغان آهي زور مُنهنجو.

تلهه: رِند رُوحاني رَاز سان، رَاڳي ويراڳي تي رَتا.

١- مَحوُ ٿِني مَحبوب ۾- ڏس مَوت ڪي گَائي مَتا،
تَند تَوحيدي ڳَني- تَن عِشق ۾ تَائي تَتا.

٢- لَوڪ جا لَارا لياڪا- ”لَا“ سين چن لڪ ۾ لتا،
چَوهه مان چڙجي تني- بَر سِر چڙيا چوڙي چَتا.

٣- جَنهن وِلايت ۾ هٿا- وَجي تنهن وِلايت ۾ ڪتا،
سِر تني جاسون جِيئن- پَرڪيو صَرافن پَي وَتا.

٤- پرت جا آعجاز تُون پُڇ- پرت وارن ڪان پَتا،
آشنا آهن اُهي- سَڀ رَاهه جا سُونهان سَتا.

صرافن: پرک وارا، چاڻ وارا، ماهر

سائين جن جي آخري ٻن ڪلامن مان هڪ ڪلام

تـلـھ: رِنـد تـا رَهـن ٿي مَـاورا - دُنيا جي هَرِ فـڪرات کان،
دُنيا جي هر فڪرات کان - عُقبيٰ جي هَر خَطرات کان.

١- دَيـوانـا حَاضـرِ ديـد جا - طَالـب نـہ وَعـدي وَعـيـد جا،
تَشنا[1] نہ ڪنهن تائيد جا - خوش آيا نہ خُوشامدات کان.

٢- رِنـدن سَنـدي رَمـزات ڪـي - تَن جي سُپَر سُخنـات ڪـي،
رَنـدئـي پَسـن رِنـدات ڪـي - تَارِڪ طَمـعُ طَاعـات ڪـان.

٣- رِنـدَ مَن خُدايم مَن چَون - اِن دَم سـان تـا دَمُ دَمُ رَهـن،
مـوجود حَق مـوجود ڪَن - وَاصِلُ بِلا سَنـدي ذَات ڪـان.

٤- لاَ يَحـزنُون[2] مِلـيُن ٻُڳُر - عُقـبـيٰ جو تَن ڪَهـڙو خَطُرُ،
سُونـهين سُهـاين اِيءَ سڳُر - مُبـرّا رَهيـا آمـوات ڪـان.

٥- فِڪـرِ دُنـيـا ڀَائـن فُضُول - اَعـلـيٰ اُٿـن اِهڙو اُصـول،
ڪيئون وَحدتا سپ ڪجھ وُصول - تيا پاڪ هَرهَر جَات ڪان.

٦- مُوتـو قَبـل جي ٿـي ويـا - جِيـئـنـدا اُهـي جڳ ۾ سَدا،
سَپ فَرض ڪيئون پنهنجا ادا - وِيڙا ٿيي ڪَثرات ڪان.

٧- ”لا“ ڪـان لـنگهي لاڪـا تِيـا - گُرسـان مِلي سـاڪـا تِيـا،
اَعجاز جِيئـن نَاڪـا تِيـا - اُڪريا وَڃي اِنتـهـات ڪـان.

(١) تشنا: اُڃايل (٢) لايحزنون: انهن کي ڪوبہ خوف يا ڊپ نہ آهي.

تلهه: سَمجهين جي رَمز رِندي، دُک دَرد کان ٿين وَاندو،
آرام عيش بَابت ـ ڏسجين نـ مَاندو مَاندو.

١ـ عَاشق اَمُر جو ٿي پَٽُ، قَائل صَبر جو ٿي پَٽُ،
صَاحب نظر جو ٿي پَٽُ، حَق تو سان آ هيڪاندو.

٢ـ حَق جو هَميش بَنجي، سَڀ جو خَويش بَنجي،
وَڃ نيهي نيش بَنجي، ڪير و نڪي ڀِڙاندو.

٣ـ بِيجا بَڪ نـ بَڪجي، پَاٽي لُڙو نـ لَڪجي،
ڪَنهنجو نـ عَيب تڪجي، پَنهنجو تـ پَس پاچاندو.

٤ـ جو مُون چيو سو تون لِک، سَمجهي سُٽي سوئي سِک،
تنهن راز ڪي ڪولي رَک، جو راز ڪَنهن نـ آندو.

٥ـ جَنهن مَاري ڪان ڊِچين پيو، تَنهن سان تـ گڏ هَلين پيو،
پَنهن جي پَاڻ لاءِ مَندين پيو، وِک وِک تي پاڻ ڦاندو.

٦ـ ڪَايا مَايا سَنيـاري، سَانگيا سهيا نهـاري،
وَحدت ڇڏيَئهِ وسـاري، دُوئـي ڪَيئي دُڪـاندو.

٧ـ تُون مُرغ لا اُبـالـي، يَڃ پيرو ڪـڻ بُوالـي[1]،
ڇِن دَام سان دُوالي[2]، جنهن آئِي بنايو بَاندو.

٨ـ اَعجَاز چئـي چَوان ٿا، تـو سان پَـترِ پَوان ٿا،
هَر هَر هجي رَوان ٿا، تي عِشق سان بـي پاندو.

(١) بوالي: پرواڻ بولائي ڪاڻ (٢) دوالي: قيد ۽ ڏوري

ٿلھ: ڀَائين ڇو ٿو فقيرن سان، شِمر شَيطان جي ٻَرِ چَڏ.

١- سَتَايـن کـي سَتـائـين ٿـو، صَبـر تَن جو ڇَا ڀَائينِ ٿـو،
ڏکـويـن کـي ڏکـائـين ٿـو، مُنـي مَروان جي ٻَرِ ڇَڏ.

٢- تـو هَٽ مَارڻ نـہ جِيـارڻ آ، تَو هـٽ ڀَارڻ نـہ ٺَارڻ آ،
تـو هَٽ جِيـتڻ نـہ هَارڻ آ، فِرعـون هَامـان جي ٻَرِ ڇَڏ.

٣- پَراوا عـيـب ڳَولي ڇَاتئي، نہ پَنهنجن تي نَظر ڀَاتئي،
ڀَلارو ڀَاڻ کـي ڇَاتـئـي، نِڏَک نـعـمـان جي ٻَرِ ڇَڏ.

٤- بگهاڙا باھ کيو ڀَونکين، رُليا ڇو راھ ويندا روکين،
اتـي ڳَائين اُتـي اوکـين، ڳِدڙ گُرگـان جي ٻَرِ ڇَڏ.

٥- آسين ڇاڻون الله ڇَاڻي، آسان ۾ ڇَا وَڃي تُنهنجو،
نـہ کـر نَاحـق سَڙيـا سَاڙو، نِنـر نَادان جي ٻَرِ ڇَڏ.

٦- ڇَوي اعجاز ڀـولـو ڀـڄ، مُحـمّد ۽ عَلـي ؑ کـي مَڃ،
حَسـد کـان حَاسـدا وَنـئـن وڃ، آبـوسـفـيـان جي ٻَرِ ڇَڏ.

ٿلھ: فَقيرن تي آکثر کُتا ڀَهندا آهن- مگر رِزق تن جا رَوان رَهندا آهن.

١- فَقـر ۽ فَقـيـري جَا مَاٺـو کـي مُنـکـر- حَسـد بُغض کـان کن هَلاَئـون تـہ ٿـا ڀَر،
تَکـبّر جا آخر تَکـيـا ڍَهـنـدا آهـن.

٢- ٺَٽـا رَمـزِ رِنـدي جي ڇَاڻـن سُڃاڻـن- اُهـي رول آهـن ڇَيـو سَڃ سِيـاڻـن،
کوڙـاکر اُنـهـن سـان ٺَڏهـن ڳهـنـدا آهـن.

٣- کُتـو ۽ گَداگـر ٻـہ مُتضـاد هَسـتـيـون- ڪَڏهن کونـہ کَن هي کوِ اتحاد هَسـتـيـون،
هِنن جا هَنـگـامـان ڏاڍا ٺَهـنـدا آهـن.

٤- کَکڙ ڀَهڙو مَانگر، جي جُهونا تـہ ڇَاهي- ڀَونکڻ ۽ ٺَونکڻ کان تـہ بس تن جي نَاهي،
اٽـن کـمِ اهـوئـي نـہ چُپ ڀَهـنـدا آهـن.

٥- آي اعجاز آچار کَهـڙا کـريـن ٿـو- حَيـوانـنِ تـي ويـچار کَهـڙا کَريـن ٿـو،
سَنـدي ۽ ذَات کـي پِڻ نـہ جي سَهـنـدا آهـن.

ٿلهه: اُو اللعليٰ(١) آعظمت عِزت فَقير جي،
شَاهي ڪان شَان ۾ بَر صِفت فَقير جي.

١- حَقّ اليَقِين سَان حق حُلاج جي نِدا،
ڏِس مَام گام هَام ۾ هِمّت فَقير جي.

٢- ظاهر ۾ زنگ آلُوده، بَاطن ۾ صَاف پَاڪ،
سِيرت ۾ ڪِرت ڪِيرت، نِيّت فَقير جي.

٣- نَوبت نَقاري نِينهن جي، نَعري نِظاري سان،
هَر دوجهان تي قَائم، حُجت فَقير جي.

٤- هَر ماڳ هَر مُقَام تي، هَر وَقت هَر گهڙي،
مَبسُوط(٢) ۽ مُحيط(٣)، مَحبت فَقير جي.

٥- هونئن هِت فَقير ڪوڙ فَقيري جي رُوپ ۾،
پَرڪَات ڪَٿ ته آهن، قلت فَقير جي.

٦- دُنيا ڪَيو تَصوّر دوزخ ڪِر بهشت جِيئن،
بَرعڪس تَنهن جي جَهنم جَنت فَقير جي.

٧- اَعجاز آهي الڳ، جُدا دِين ڪُفر کان،
خَالص خُلوص سَان ته مِلت فَقير جي.

(١) اُواللعليٰ: تمام مٿاهون، اعليٰ (٢) مبسوط: کليل، ويڪرو، ڪشادو (٣) محيط: گهيرو ڪندڙ

تلھ: ڪَندي ڇَا آسانڪي پِيري اَميري - وٽي ويوسُون رُوح کي رَنگڙو فَقيري.

١- حَقيقت ۾ حَق کي ڳولي لَڌوسون - ڇَڏي ڪُوڙ ڪِينُو پَلئہ سَچ ٻَڌوسُون،
مَجي نَا مَجي ڪو، نَاهي دِلگيري.

٢- هَنئي نينهن نَاوڪ نظاري تي چَاڙهي - ڪَاهي پَئي سا ڪَڙڪي جِگر سِينا ڦَاڙي،
عَجَب حَال حَالت بَڻي بي نَظيري.

٣- آصل رِند آهيون ڪي اَڄ ڪَلهہ جَا نَاهيون - قَتل گاهہ پُڄايُون ڪُسڻ ڪَاڻ ڪَاهيون،
چُمي ڪَنئي سُون ڇَشمين رَسم هيءَ شَبيري.

٤- اِهي مِهڻا طَعنا تِيا ڳَل جا ڳانا - اِنهي حَال تي خُوش ڪي رَهندا رِندانا،
باطِن ۾ بَهاريل ظَاهر ۾ ظَهيري.

٥- اِنهي رَنگ رَتيءَ مان تہ ڪوڙئين رَچي ويا - عَاشق تي اَعجاز آئيءَ تي آچي ويا،
آچي سي نَچي ويا، تَوڙي هُين آخيري.

ٿلهه: آسين عَاشق صُوفي ڪَافر- نَٿا مَذهب پِيو ڪو مَڃون مَڃون.

١- دَائم قَائم قبل نُما- ڪعبو اسين سِر آهيون،
جَنهن دَرِ جڳ وَڃي ڏَام سانَ- اُهو آسين دَرِ آهيون،
ڏِسي ڏِسڻ ٿياسون ڏَاتر- ڪونهي آسان تي ڏُڄون ڏُڄون.

٢- ٿبيح حَسين آسان جي نَظر ۾- هَر هَر آهِڪ جَهڙو،
ڦورو ڪَنهن جو ڪَونه ٿا ڦوريون- توڙي هُجي ڪو ڪَهڙو،
وِڄهي پولا پول پلا پَر- وَري پولا پول پڃون پڃُون.

٣- مَستي وَاري مَوج بَحر جا- غوطي بَاز غَواصي،
خَود داريءَ وَاري خُوءِ آسان ۾- خَبر سڻايون خَاصي،
آهيون پَنهنجا پَاڻ پُوڄا گَر- آسين پَاڻهي پَاڻ کي پُڄون پُڄون.

٤- مَدمستن ۾ دل خَستن جو- پَنڌ پُور پَرا هون آهي،
خِيال بَصيرت عَدم آعجازا- اُنم اُتانهون آهي،
سَرمست پيو پُر سَاغر- پَنهن جو سَاقي ڪوثر سَڃُون سَڃُون.

تلھ: صُوفيءَ جي رَمز رَاھ کي - سَمجھڻ نہ سُکيو آ،
اِن سِر ۽ انھيءَ سَاھ کي - سَمجھڻ نہ سُکيو آ.

١- اونھون بہ آندر دل جو - اَتُو صُوفي آصل کان،
صُوفيءَ جي ئي ڳُجھ ڳَاھ کي - سَمجھڻ نہ سکيو آ.

٢- کيڏو نہ بھادر تي - کَيئين جَلوو بَرابر،
کَربل جي شَھنشاھ کي - سَمجھڻ نہ سُکيو آ.

٣- حُلاج سَندي حَال کي - ڇاتو نہ مُلين کَنھن،
اِن مرد خود آگاھ کي - سَمجھڻ نہ سُکيو آ.

٤- لا الہ الا اللہ کان - اڳتي نہ ڇَيئين کجھ،
سَرمد جي ھن ويساھ کي - سَمجھڻ نہ سُکيو آ.

٥- کَعبي ۾ کَليسا ۾ - مَندر ۾ بہ وڃي پيو،
عَاشق جي سَجدي گاھ کي - سَمجھڻ نہ سُکيو آ.

٦- اِثبات نَفي وَاري - تہ ڇَاري کان سَواءِ يَان
اِنسان ۾ اللہ کي - سَمجھڻ نہ سکيو آ.

٧- کير آھ کِتي آھ - کَھڙو آھ سو سُھڻو،
اَعجاز جي دِلخواھ کي - سَمجھڻ نہ سکيو آ.

ٿلهه: آسين صُوفي صَافاً صاف آهيون- آسين ڪَنهنجي ڪِين خِلاف آهيون.

١- آسين آرني تا اظهار ڪريون- آسين لَن تَراني آر ڪريون،
آسينَ ڪَافي عَين ڪَشاف آهيون.

٢- آسين هُود داؤد جي حَال وَارا- آسين مَام مَسيحي مَقال وارا،
آسين سُرتا نِرتا صَراف آهيون.

٣- آسين پَاڻ پَنهنجا مَقصود آهيون- آسين سَاجد خُود مَسجود آهيون،
آسين عَادل با اِنصاف آهيون.

٤- آسين روز الستئون مَست سَدا- آسين دَردمَندا دِل خَست سدا،
آسين بَاطن ظَاهر شَفاف آهيون.

٥- بي مثل مثل ۾ دَوام آسين- اَعجاز جا آهيون اِمام آسين،
آسين نيزي پڙهندا مُصحاف آهيون.

ٿلهه: ڪَري ڪير صَحي سِر صُوفيءَ جو- گهٽ گهٽ ۾ آ گهر صُوفيءَ جو.

١- آحديت وَاريءَ اوڙ عَجب سان- هَر جاءِ هَلي هَر صُوفيءَ جو.

٢- آزل ڪان بہ آهي بَرابر- نَعرو نشابر صُوفيءَ جو.

٣- قُرب وَاري تہ ڪَمال سان- آهي ڪُل ڪان مٿي ڪَر صُوفيءَ جو.

٤- حَق حَق چئي چڙهيو سُوريءَ تي- بِرهُ بَهادر صُوفيءَ جو.

٥- هِن مان اُٿي چڻ هُن گهر ۾ ويو- آهڙو مَرڻ پَر صُوفيءَ جو.

٦- بُلبل وَانگي بَاغ حُسن ۾- سَير گُذر سر صُوفيءَ جو.

٧- ظَاهر ڪَارو ڪُفر وَارو- بَاطن اوجر صُوفيءَ جو.

٨- صُبح شَام مَعمور اَعجازا- سَمجهہ تہ سَاغر صُوفيءَ جو.

تــلــه: جَوڳي جَاڳ لَهه کو لاڳ - مَاڻ سُهاڳ مَلڪوتي،
حَاصل حَال هَٿ ڪَر خِيال - جَاهه وجَلال جَبروتي.

١- يَائــــڻ بُود[١] ڇَڏِ وجود ڪَر تــــون عُود[٢] آصــــل ڏي،
سَيه[٣] نــه سَاڻ سَڳ وِسَــار ڪِيم نِهــار نَســل ڏي،
آنڻ[٤] آٽ رِيءِ اوســـــات ڪَانــــهــي وَاٽ وَصــل ڏي،
وِرهُ وِهاءِ جوڳ ڪَماءِ سِڪ سَماءِ ثَابـوتـي.

٢- تــي آذوت "لا" يَمــوت[٥] آنگ پَيــوتُ اَلفـنيـارو،
پَاڻ سُڃاڻ سُرتــــــيءَ سَاڻ سِر جو ڇَاڻ رک سَارو،
سَيــڪنهن وير مَالـهـا قـيـر مَٽيـون سيـر مَن وَارو،
ڏَارڊِيان گُر جو گِيان پــيــذ بَيـان بَاهوتـي.

٣- پَتنگ جِيئن جوڳي تِيئن مَچ ڪان ڪِيئن مُنهن موڙن،
ڪـوريءَ ڪـام مَنجهـه مُدام خيمـان خَيـام تـا ڪـوڙن،
جوڙان جوڙ تــوڙان تــوڙ آحــدي آوڙ تــا اوڙن،
ڀَڏي سُنگ لِيا سي گُنگ، لاَئي لُنگ لاَهوتـي.

٤- غِفـلـت غَرق تُون ڪَر تـرڪ، تُنـهـنجو مَرڪ نـه آرس،
جَاڳي جِيءِ ثـابـت تـيءِ، وَحــدت وِيءِ جو وَارث،
آهــين ذَات بَالا بَات، پَيــــغامــــات سَان پَارس،
اَعجازؔ آ نـور تَجلو طُور، تو ۾ حُضـور هَاهوتـي.

(١) بود: هئڻ، هستي (٢) عود: واپسي، موت (٣) سيه: لاڳاپو، آسرو
(۴) آنڻ: تڪليفون، سڙڻ، پَچڻ (٥) لا يموت: جنهن تي موت نه آچي.

تلهه: ليا جوڳين جا وَچي لڳا، لاَحدجي تہ لقاءَ ۾،
لاَحدجي تہ لقاء ۾، رَنگ رَبُوبي رچاءَ ۾.

١- نَاسُوت ۾ رَهندي تيا نہ نَاسوتي- لاَحد ويٺا لاَل لاَهوتي،
سُڪوت[1] ماڻيا تن مَلڪوتي- جَبروت ۾جن جا جُهوپا جُهڳا،
آسڻ استغناء[2] ۾.

٢- صُورت سِر پُوڄارا سامي- سَتگر گُر پُوڄارا سامي،
پرتئون پِر پوڄارا سامي- بُت بيائي جا انهن ڀڳا،
صُورت جي تہ سُهاءَ ۾.

٣- هَمہ اوست جا ڪَاپڙي قَائل- خَيال انهي تي ڪُپ ڪُپايل،
مَاضيِ قبل ڏي مُور نہ مَائل- سورين ڪين ايڏهن لاءِ سڳا،
رَهيا ڪِين رِياءَ ۾.

٤- حَاصل جن کي لقاء حُضوري- مَاڻ مُطالع تَن وٽ پُوري،
مَنطق[3] جَاڻن ڪون ضَروري- دِين ڪُفر جا لوڙي لڳا،
پهتا مُلڪ بَقاء ۾.

٥- جوڳي جَاڳي تيا سُماڳي- توڙئون هَردو جڳ جَا تياڳي[4]،
شَبد اُنهن جا مَعنوي مَاڳي- سَنڪ سِڱيون ۽ صُور وڳا،
تَن جي مَست سَماع ۾.

٦- مُلڪ جوڳين جو آهي مَحويت- ايڪ ايڪائي ۽ اُلوهيت،
پُڇ نہ انهن جي اَعجاز مَاهيت- جوڳي ڪَونهن بي دڳا،
پَنڌرا آهن پڙاءَ ۾.

(١) سڪوت: آرام، فرحت (٢) استغناء: بيپرواهي (٣) منطق: ڳالهائڻ، بحث، مناظرو
(٤) تياڳي: تارڪ

تلھ: جوڳي مُلڪ اَمرجا۔ سَامي مُلڪ امرجا،
صُورت مُورت وَاري۔ سُونهان سَانگ سَفر جا.

۱۔ صُورت پيــــــتـي آيا، اُت سِرڙا تـيـڪي آيا،
سَتگر[1] تـيـــتـي آيا، نِرتا نَين نَظـر جا.

۲۔ سَتـي آپـا ڪـا پـا، آرس اُونـگـھـــ آجهـا پـا،
جُڳ جُڳ ڪَن جِيـا پـا، جِيـوا جَاوِي جَر جا.

۳۔ ڪَنگڻ ڪُلاھ ڪَفنيون، پَوش پَوشاڪون بَسنيون،
دُويون نـيـئـي تَن دَفـنيـون، هيـرڪ حَق حَاضـر جا.

۴۔ سِڪ جون تن سَنگهر ڙيون، سَامين هَٿ سَمر ڙيون[2]،
گـيـڙو ڳَل گَبـر ڙيـون، مَاهـر مَخفـي خَبـر جا.

۵۔ هَمر مَري تـہ گُرو مـبـري، ويـتـا اهـو دَم ڏَري،
مَوت مَتـي سـي ذَري ذَري، وِجهـن ڪَرت ڪِينـر جا.

۶۔ سَـامـي چَڏي سُوات[3]، وَتـي وِيـا ڪُوات[4]،
هَٽـي اُلـتـي جَاٽ، پـوريـئـون پُور پَتر جا.

۷۔ وِيـا جي گَنـگـا جَمـنـا، تَرڪـي هَر تمـنّا،
چُمـي پِر جا چـرنـا، آڇا تـيـا آنـدر جا.

۸۔ پَنـدتَنـي جا پُڇن، ڏوري اُهـيـئـي ڏسـجن،
سَامـي اعجازا سَڌجن، صـاحـب سـي صَبـر جا.

(۱) ستگر: مرشد (۲) سمر ڙيون: تسبيحون

(۳) سوات: سڌو رستو (۴) ڪوات: اڻائو رستو

ٿلهه: جوڳين سنجهي جبروت ۾- برحق ڳوڙهيون بيراڳٽيون.

١- ساميئن سُفر سِرتي ڪيو- سورن سندو سڪ سُوز پيئي،
سُج ۾ قراريا سڀ وڃي- سيجون ڇڏي تہ سهاڳٽيون.

٢- وڏيل وڇوڙيل وحدتي- وَٽ تِن وَاسي ويا وِرهہ سان،
وَرورَ مونکي ٿيون سي وٿن، وايون سندن ويراڳٽيون.

٣- لِڳ يڳ ڇڏيائون لوڪ جي- وِيا لوڀ لالچ کان لڙي،
لاهوت ۾ لائُون ليو- لاٿيون لنون تا لاڳٽيون.

٤- ڪنهن تان ڪَکوريا ڪيف ڏئي- پِي ڪرت ناکن ڳاپڙي،
روئن رُناڙن راڄ ڪئين- رانيو رچايو راڳٽيون.

٥- آرامِ آديسين نہ ڪيو- آهي قسم الله جو،
اعجاز آيا علَي الفجر- اکڙيون ڪري اوجاڳٽيون.

ٿلهه: جِيءَ جلائي ويا جوڳيئڙا- سي مَن کو پيرو ڪن،
جيڪي مُورت جا هُمَ مُوتيئڙا- سِي هِن ويل هينئڙِهت هُجن.

١- جڏهن ساٿ سَائين ٿي سَنباهيو- سِيءُ پيمُ ساري جان ۾
ڳاڪِ ڳُومايل ڏِسي- آيس وڏي آرمان ۾
ڳل نہ پَيمِ ڪو ڳوديئڙا- تا مُئيءَ جو جِيئڙو ڇِنن.

٢- لاَل لڙڪن ڪيا لٽا- رنگ رنگي ڳُهنبا رتا،
لوئي ٿِيم ليڙون لڳن- وار وري نہ مون ڳُتا،
هاٺي هوش ۾ هل ڏينئڙا- متان محب ڪي ميرو چون.

٣- مُنهن ڳٽي ڪِنهن ساٿ مُرڪان- مَوج مُئي ءَ کان سڀ وئي،
رويو رڙيو ريهون ڪَريان- رِيجهہ راحت رُوح جي وئي،
اعجاز اُهيئي اوسيئڙا- تا تَن ۾ ڪيو ديرو رَهن.

بيراڳٽيون: ڪُنڊريون

تلهه: اگن(۱) عِشق وَاري لگن لاَئي جَوڳين - کَري بَيک بَازي نَظر پَاتي جَوڳين.

۱- شَما(۲) ۾ دَيا سان چِتائي چِيتاري - هَٿي چَال شَبدي ڊِيئا ڊيل ٻَاري،
گُونگي ٻوڙي ٻاتي کَيس آتي جَوڳين.

۲- سَوزي سَازکولي سَنگمي سُر سُنائي - مَڌم مُرليون مرڌنگ اُپنگ چَنگ ٻُرائي،
ٻُرائي جُهرائي پوءِ دل چَاتي جَوڳين.

۳- نَاهيان هَوش مَت ۾ نہ انحد ۾ حَد ۾ - ويس وت وجود ان لوچڻ لَئہ لاَحد ۾،
پيرائتي پَارايم آيل جَهاتي جَوڳين.

۴- سِڱيون سَنک سَامين کِينر کَر مَنڊِل هُئا - سَي کَنچير کَلداري خُود سَر مَنڊل هُئا،
ڳجهي ڳالهہ اَعجاز تن ڳَاتي جَوڳين.

تلهه: کَهڙا جوڳين جَا مَاڳ سَامي رَهن سَفر ۾.

۱- کَڏهن گَنگا کَڏهن جَمنا - کَڏهن پُورب پَاڳ،
کَڏهن جَاوي جي جَر ۾.

۲- رَاهہ مَٿي روز رَمندا ڏنا سون - جَهاڳِن رِڻ اجهاڳ(۳)،
تَن جا مَانجهاندا مَگر(۴) ۾.

۳- چولا آيو ڳا ميرا مُنهڙا - کين جوڳ ويراڳ،
بَابُو بَيُوتيا بَر ۾.

۴- گهر نہ ٽِڪاڻو هِڪڙو تَن جو - تہ بہ سُلطاني سُهاڳ،
مَاڻن هَرِي هَر ۾.

۵- گُرو مَرٽو نَاهي جَن جو - سي مَرندا کِين مُور هَانگ،
آهن مُلک امر ۾.

۶- اُهي اَعجازا پَار اُنهن جا - وَٽن ڏين سي لاَڳ،
لاَهوتي مَوج لهر ۾.

(۱) اگن: باهہ (۲) شما: پيارسان، محبت سان (۳) اجهاڳ: بي انت، بيحد (۴) مگر: گس ۾، راهہ ۾

ٿلهه: جوڳي هٿي وِيا جڙ- حَال جي ڪولي هڙ.

١- سَادا سُودا ويس اُنهن جا- ڪَفنيون ڪُلاهه ڪپڙ،
گيان گُنن سان هَريا ڀَريا- گَاروڙين[1] گودڙ،
اَهڙين آرين پَارين هُٿا سي- بِرهه بَچن جا پَڙ.

٢- ڪِينر سازي آوازي تَن سان- ڏُومُن واري ڏڙ،
سنک سگيون ۽ صُورن ڦوڪون- نَاد نَفيلون نَڙ،
لِئه لاَهوتين وَاري لڳي- چَاتيءَ ۾ ڀَي چڙ.

٣- مَعنيٰ وَاري مُلڪ جا سَامي- وَاقف سُونهان سُتڙ،
ڪَڙوڪَڙي ۾ ڪَڙيو ڪَنوٽيا- سَاهه هَٽن سَلهَڙ[2]،
شَبد پَچن جي جَادوءَ جڙ سان- ڪَاپڙين جي ڪَڙ.

٤- اَلک پُوڄارا آديسي سي- وَنيو بکيا جي آڙ
نَظر شما ڪَري نام جَپايئون- وَڏا وڏا ڪِيئون وَڙ
اَعجاز "عَلي ؑ" آگُرو- اُنهن جولڳيس تَن جي لڙ.

ٿلهه: جيجل جوڳِن سَاڻ- آيل سَامن سَاڻ،
لاَشڪ مُنهنجي- لُنئُڙي لڳي وَئي.

١- هَاري تَاري تَات تَني جي- تَن مَن تاڻو تاڻ.

٢- رَاتو ڏينهان رُوح سِڪي پيو- صُورت وارن ڪَاڻ.

٣- آئون اُداسڻ جن لاءِ آهيان- مَوليٰ تَن کي آڻ.

٤- مَاري مَهيسي مَونکي هَليا- ٿَاڪ سُڃا ڪَري تاڻ.

٥- رَاحت راوڻ رِيءَ نه آڇي تي- ريجهه وَٽي نه رِهاڻ.

٦- عِشق اُنهن جي مَنجهه " اَعجازا"- پيئي پَتوڙي پاڻ.

(١) گاروڙين: منتر وجهندڙ. ڪاپڙي: نشو پيئندڙ (٢) سلهڙ: گڏ ٻڌو

تـلـه: سَاميئڙن صُورت جو ڏِنو ڏَس صَحي صَحي
ڏوري سو ڏِس تون ڏيہ کَما حَق کَهي کَهي.

۱- جوڳي ويـرا اڳي جُوان کَيـي جوڳ جُهـد کَئـين،
وِيـا مَعـرفـت جي مُـلـک ڏي وَهـوا وَهـي وَهـي.

۲- ٻيـا طَرف سَيـئـي تَرک کَري سَامـيَ کَاپـڙي،
گُر کـي ثَا کـن سَجود گـوڏا سِر گَهـي گَهـي.

۳- اوجَهـڙ گَهـٽـو آٿاوا، ٻيـا گَهـاڙو گَس مِڙئـي،
صُورت جو پَنـڌ سَٽـائـو جي آسِک صَحي صَحي.

۴- پُورب سَنـدا تُون پَار پَتـا پُوريـين کـان پُڇ،
پُورا سـي ڏَسـڙا ڏِيـنـدئـي پَرم پَهـي پَهـي.

۵- جَمنا گَنگا جَاوي جو تَانگهي جر اورانگهي بر،
لَاهـوتـي آيـا لاڳ لَولا کـي لَهـي لَهـي.

۶- اَعجاز جَئـي صُورت جي پُوڄارن جي کَر پُوڄا،
رَب رَام پَس اُنـهـن جي آمـر تـي رَهـي رَهـي.

تـلـه: آيل ڙي آديسين جي- مَاريس خَالي مَڙهين.

۱- کِين ڏَسـان سي ڏيهـ م- جيـکـي ڏِٺـا آکـڙين.

۲- آڏي رات اُٿـي وِيـا- کـو جو پُور چڙهـيـن.

۳- کِين رَهـايـا کَاپـڙي- مُنـهـن جي تـان مِيـڙيـن.

۴- جِيء اَعجاز الستئون- جِيکس مُنهنجو جڙين.

ٿلهه: صُورت سَامين سَناسين جي، سَمايل آسَندم سيني،
دُوريءَ کان دَرد جا دُونهان، دُکن پِيا دَم بَدم سيني.

١- وَٺي وَرتم وکر وِرَهي، وِهايان وِرد جيان ويهي،
اِيندا پَارڻ مُون پَرڏيهي، پَسڻ پِيا پُون پَري ڪِينهي.

٢- مَچائي مَن هي مُرلين سان، مَچائي موج آ ديسين،
مَنڊي مَندِ مُونکي پوءِ مُحبن- بَتايو بَاب بِره بيني.

٣- سَچي سِک سَاڻ ڪَئي آ جن، اُڏوهي آر نہ سِرو سِرتن،
اوکر اوکا سيئي اُکرن، ڪاهي قابل قنڌار ڪيني.

٤- لُنگئون لُنگ پَاڪ لاَنگوٽيا، لَڙي لَنگهيا جي لاڪِچ کان،
ڪَنوٽي ڪُوڙ ڀِگا کَچ کان، اَعجازا عَهد آميني.

ٿلهه: آيو دُور دِس کان سوداگر ڪو سر جو،
هنيوسين سَامي گهري دَان ڏُرجو.

٢- نِڪي ناءُ نيشان نڪي نرم الائي- صفا صاف سودو پيو سر جو سٽائي،
آهي مَرد مَانجهي پُڄائي ٿو پِرَجو.

٢- اٿس بولي ٻي ڪاٺي سٽائي پيو سوائي- پني پئسو نہ پائي ڪندو الوداعي،
وٺي نيٺ ويندو ڇني وَر وڳر جو.

٣- منهنجو ملڪ ملڪوت مُڪومون ڏي مولا- ڪيان ساهه سوڱها ڏيان ڏک ۾ ڏولا،
حڪم ٿيو هليس مان هن ٿي ويل هينئر جو.

٤- پيو سيءَ سين ۾ ڇانيو سِرَ سيالو- رنو رت ٿي راٽين مٿان اپ ٿي ڦاٽو،
وڏائين ورهہ وڇوڙو اَعجازا عُمر جو.

باب ٽيون

سورميون

نوري، ڄام، تماچي، سسئي

تـلـهـ: سَمـا ڄام صُبح شَام آچ مـنـهـن جي اوتـاري،
آهين ڀاڳ تون سُهاڳ نَاميس تُنهنجيِ نظاري.

١- ڀَائـي تَاج سـر سُڪـاج[1] ڪَرتـون رَاڄ ڪـينجهـر تـي،
مَـنـجهـــان جُود ڪَر آسُود[2] آڙيـا آب آحـــمـر تـي،
نَاچيـز هـيءَ ڪَنيـزِ اهوئـي عَرض گـذاري.

٢- عَيبن دَار آئون نِڪار مُنهن جي ڪِرت سَڀ ڪوجهي،
آهـيـــان آنـاڙ؏ آواڙ آصـل ڪـــان ئـي آپـوجهـي،
آهڙي حَال سَان لَچپال پيَس تُنهن جي پَناري.

٣- تُـنـهـن جو عِشق عَطر مُشڪ مُنـهـن جي ڪَانَ تِيـڙو،
حَجِ حُضـــور مَن مَســرور ڏِسـي تَوڪـي مُون ڪَيــڙو،
سَواءِ تو نہ هِتي ڪو نہ مُونڪي پَاري سَنيـاري.

٤- ڇئـــــي آعجاز رڪـي راز نَاتـو نـيـنـهـن نِـيـائـج،
سَچِن سَائـين تُون سَدائـين مُـنـهـن مُرڪي پَسـائـج،
مَحصول مَعاف ڪَر صَاف صُورت آءُ سينگـاري.

(١) سُڪاج: لنحياب، سوڀارو (٢) آسود: سکيا

ٿلهه: تَماچي جي ٽڪٽي ٽڙ تي - حُسن جي هَاڪ هولي هُئي،
پَساري پرت وَاري جي - اُتي پَلپل پرولي هُئي.

١- ڪَليون ۽ ڪَونر ڪينجهر جا - ٽَرار يا ڳُل ٻنهي ڪَنڌئين،
مُعتدل[1] مُشڪ موتئي جي - چَرُن ۾ ڇَاڻ ڇولي هُئي.

٢- آمُلهه آلماس[2] آنواري - الاهي اوج آنَند[3] هُئا،
وائي وَر وَر وَصل وَاري - ٻُڌڻ ۾ ٻي نه ٻولي هُئي.

٣- نگاهون نين پُر ڪَيفي - نِظارا ناز آرايون،
نرالي نينهن نَاتي سان - نُوريءَ جي نُور جهولي هُئي.

٤- سَمي جي سَانگ سُلطاني - سَيئي سَر سَرفرازي[4] ڪيا،
مَتنا مياڻين ۾ مئيخانا - مَنجهن مَئي مَدجي لولي هُئي.

٥- شَاهاڻي شَانِ شَوڪت سان - شِڪاري شُغل شَهسواريون،
عَجب آعجاز مَڏ مَڪڙا - عَجَب اِسرار ڏولي هُئي.

ٿلهه: تَنبو تَماچي ڄَامر جا - آڇي ڪُنا آهن ڪينجهر ڪناري.

١- نسنگ نظارا نين لڳي ويا - هَار سينگار دن رَين لڳي ويا،
ڏورا هَليا مَئي ڄَامر جا - وَڳا نَقارا وَصل جا وَاري.

٢- ڄَاڻي سُڄاڻي ڄَار ڪنيائين - عَيب ڏَارن جا آر ڪنيائين،
هَنئي مَلاحن هَامر جا - پُوري سَمي ڪَئي سَاري سَنياري.

٣- ڪَنيا تي آڳ جَن ڪڪيءَ جا ڪارا - آچن اُنهن مَان عَنبر اوٻارا،
گُل گُلزاريا تَنهن ڳَامر جا - پير گُهمايا جَنهن ۾ پَاڪ پياري.

٤- صُورت سَيّد جي سِيني سَمائي - ڄَانب آسو ڄَاءِ ٻَجائي،
نَعرا هَنياسون تنهن جي نَام جا - پرت آعجازا اُهوئي ٿو پَاري.

---

(١) مُعتدل: دل کي وڻندڙ خوشبوءِ، نارمل (٢) آلماس: هيرو چمڪندڙ
(٣) آنند: سک، آرام (٤) سرفرازي: وڏي شان مان وارا

ٿلهه: آيو چَامر تَماچي آيو ڙي- ڳَايو گيت خُوشيءَ جا ڳَايو ڙي.

۱- صُورت سِيرت مَنجهه سَين کان- چَامر سَمَون آ سوايو ڙي.

۲- پَائي ليا کوپرت مَنجهارئون- پيارل پَاڻ پَسايو ڙي.

۳- سَهسين شُڪرانا سائين جا- لَايو ٿيو آ سَجايو ڙي.

۴- کوجهيون ڪاريون ڪينجهر وَاريون- ڪوٺي پيو سو ڪَنايو ڙي.

۵- رَهيل بَاقي رَنگ هو جيڪو- رَاءَ آچي سو رَچايو ڙي.

۶- ٿي اَعجَاز مَعافي هِت هُت- پَئو نه پيو ڪو پَانيو ڙي.

ٿلهه: تَماچي چَامر جي آئي- لَٿيون ٿوڪون لَڳيون نَوڪون[1]،
سَجَايو سير سَمي جو ٿيو- وَيون روڪون وَسيون جهوڪون.

۱- چَڙهي نُوري نظاري تي- پَسڻ وَاري پَساري تي،
نَچي نَوبت نَقاري تي- ظَاهر ذَوقئون شَاهي شَوقئون.

۲- هيرن جَا هَار پَائڻ ٿيون- لِڳين سِر ڪَند[2] لائن ٿيون،
مَهاڻيون ڏس مَلهائڻ ٿيون- مِليون مَوڪون[3] مَنبل مَوڪُون[4].

۳- حُسن لاَتي هوري ڪوري- هَٽي رَمزون زوري زوري،
چِشمر چَقمَق چوري چوري- ڏِين چوڪُون پائڻ طَوقُون[5].

۴- سَمي جي سَارِ ٿي تَڙ تَڙ- هَڪل هَر وَارِ ٿي تَڙ تَڙ،
اَعجَازا تَارِ ٿي تَڙ تَڙ- پَڪيون پوڪُون سَايون سوڪُون.

---

(۱) نوڪون: ميخون، تير جي چهنب (۲) سر ڪند: سُرهي ڪاٺي
(۳) موڪون: مبارڪون، واڌايون، نذرانو (۴) موڪون: ججهو، گهڻو، جام
(۵) طوقون: ٿاهو، ڳٽ

تـلـھ: جَبل ڏي جَڏيءَ کي - جَنن جو ڪَو ڏسڙو،
وِيا ڪاهي ڪَرها - وَڻي ڪَهڙو گَسڙو.

۱- ڪَيان پُئي جَني ڪاڻ، پَنڌ۽ ڪَشالا،
مِلـن مَن اُهي مُون، اڪين جَا اُجالا،
مَران پـوءِ اڳ ۾، ڪَريان مَن دَرَسِڙو.

۲- جَڏهن کان اکرُ لَا تَقنُطُوا ٻُڌو مُون،
تَڏهن کان ڇَڏي وَر رکيو رُخ سِڌو مُون،
اَٿم هَاڻ پَڪ تَان، ڪَندا هُو تَرسِڙو.

۳- نَتي ماڻ ٿئي هن مُنيءَ بي سَمرِ ڪان،
وَجي دَانهن نِڪريو، اهائي نِٽر ڳَان،
بِنا ڪَنهن سَبَب جي، ٿِنائي وِيا رَسڙو.

۴- لَڳيءَ دِل اَعجَاز ا، روليون ڪَئين رِڻن ۾،
مُيون وَرَ ڪي ووڙي، وِندرجي وَڻن ۾،
وِينيون ڪِين تيسين، پِڱن جيسين وَسڙو.

لَا تَقنُطُوا: منهنجي رحمت مان نا اميد نہ ٿيو

ٿلهه: ڪيچي آوهان تي ناهي مَيان ڳانهي مَيان
آهي مَنهنجي ڳا قسمت مُنهن جي.

۱- ويٺي ويٺي پاڻ تي وڏا ڪيم ويچار
هُوند جاڳان ها جيڏيون، ڪانهه ٿيان ها ڏار.

۲- هُيس نياڳي ننڊ ۾، سُرت نه پيئڙم سار
هاڻي ڪهڙي طرح سان ڪريان ڪيچين جي ڪُوار [1]،

۳- مُنهنجي پنيور ڪان بس آ، ڏاران وَرَ پيتار
ڪندي ويندیس ڪيچ ڏي سَرَتيون هيءَ تنوار.

۴- آهن اهي اعجاز چئي، اَمُرِ لکئي جا پار
هاڙهي مَنجهه هڄان پئي، پائي هَنجُن جا هار.

ٿلهه: آهيان ذات جتن جي ڳولي آديون - ڪئي پال جتيءَ ڪان مون ٻولي آديون.

۱- لڳو عشق ازل ڪان مون ڳڳهيرن جو - ڪونهي ڏوهه اُنَن ۾ ڏيرن جو،
هي ڪَمُ آ قدرتي ڦيرن جو - جِن رَوهن ۾ آٿي رولي آديون.

۲- سُنهن ساک سان آهي هي ڳالهه صحي - مون کي ماڳ وٺن تا هاڻ نه هي،
ويندیس هِڪڙي جتي ڪيچن ڏانهن ڪهي - ڳُهرجي ڪانهه مونکي هَمجولي [2] آديون.

۳- سِڪ سان ڪري ڏُونگر ڏوريندیس - وَيي وَرُ ته ونڊر ۾ ووڙيندیس،
جِند جان جُهري تان جهوريندیس - مرُ تئي ليڙون لڪن ۾ چولي آديون.

۴- مَن مُون ته مُنهنجيءَ جو ٽُرندو ٽڏهن - آري ڄام اڱڻ تي ايندو جڏهن،
اِهو ڏينهن اعجازا ٿيندو ڪڏهن - ڪنديس هوتن سان ڳڏ هولي آديون.

---

(۱) ڪوار: شڪايت، گلا (۲) هم جولي: هڪ جيڏي

تلهه: ڪئي ڪانهه ڪيچين وَري ڪا وَرڻ جي- هَٽي جڙ هَليا ويا مُئيءَ ڪي مرڻ جي.

۱- ٻُچيان تي لُڇيان تي جَلان تي جَتن لاءِ- آديون آئون آيس آتَرِبَن[1] ۾ اُن لاءِ، وِيَم سُرت تذهين صَبر سک ڪرڻ جي.

۲- ڏِينهڱُون ڏينهن ڏُک نئون ڏِنو مُون ڏونگر ۾- آهيان هاڙهي ڪاڙهي ۽ هاڃي حَشر ۾، لڳي ڪانڌ ڪارڻ ڳاروٽي[2] ڳَرڻ جي.

۳- وَاجهايان پَئي وَاٽون نهاريان پَئي نِرمل- پَوي مَن نَظر تي پنهون پاڪ پِرمل، ڪَريان پيٽ اُن دم پيرين سِر ڌَرڻ جي.

۴- ٿَڪيس ڏوري ٿَر بَر وَندر جا هي وَرِ وَرِ- آچي مل آعجاز ڪي هَاٿي هوت رَهبر، هِمت ڏيــنــم هَادي قَدم دَم پَرڻ جي.

تلهه: ڏُونگر ڏَورڻ ڏِينم- وِندر وَوڙڻ ڏِينم- جِيجل جَهل پَل ڪِيم جَڏيءَ ڪي.

۱- هَوت پُنهل تان گَهڙيءَ ۾- گَهر سر گُهورڻ ڏِينم.

۱- جَانب ڪارڻ هِن تہ جَبل ۾- جِيئڙو جُهورڻ ڏِينم.

۳- قُرب اِنهيءَ ۾ ڪَنڌ ڪلهن تان- ڪَپڻ ڪَورڻ ڏِينم.

۴- آريءِ سان اَعجاز عَلي ؔ چئي- اَندر آورڻ ڏِينم.

(۱) اتربن: ڏکن ڏولائن ۾ (۲) ڳاروٽي: جهجهڻ، سڙڻ

ٿلهہ: ياد پَوي ٿـو هَر هَر مُونکي- پَل پَل پِنهنجو آري ڄام،
سِڪ سَڄڻ جي کَيو سَودائي- سُک ڦِٽو ٿي ننڊ حَرام.

١- اَلـف آڌي جو اُٿ اُٿــاري- بي تہ ڪَري ويا پينـگ پَنيــون،
تي تہ تَڪڙ مان تـوڏا ڇڪيائون- ٿي تہ صَفا ٿي مُون کان زون،
جِيم جَتن جي جَاڙ ٿي مَاري- حي تہ کَنديس مان حَشر حَشام.

٢- خي تــہ خُونــي خَفــقــان لڳي وِيــو- دَال دِلاور دُوسـت ڪَاڻ،
ذَال ذَري ذَري نــام آريءِ جو- ري نــہ وَڻِ بــي رِيـجهــہ رِهـاڻ،
زي تہ آهيان مان ظَاهر تَنهنجي- سِين ڪيو دِل جَنهن کي سَلام.

٣- شِين شُڪر ڪَيم صاد سَين کان- ضاد آ منهنجو زور ضَمان،
طي سان طالب ٿِي جا حَق جي- ظَي نہ ذَرو ٿِئي تَنهنجو زِيان،
عَين عَلــي ؑ آهــي عَاصين آوڏو- غَين لاهــينــدو غَم غَمــام.

٤- فَي تہ ڦِٽيءِ کي فَرحت اِينـدي- قـاف قِيامـت تائين ڪانہ،
ڪاف کَنديس پَٺي تيسين کَشالا- لَام لکن ۾ لوئي جَان،
مِيم تہ مِلنـدم مُحَـرم مَن جو- نُون نِجو ٿــي صُبـح شَام.

٥- وَاوُ وَريا ڄڻ وَاءِ وِصالــي- هي نہ هـاٿي دِل هِيٺـي ٻـول،
لَام لَڳل آ جنـهـن جي لَوري- الـف اَعجاز ايـنـدو سـو ڍول،
يي تہ يقـينـًا ياڻي ٿِيندو- يَار پرين سو مُحب مُدام.

تلهه: مُنهنجو نينهن نہ ڳوڙي پير- ترسي ڪيرڙي،
ڀينر شهر ڀنيور ۾.

١- آرڏو عِشق ڪيچن جو- ڏان ڏان ڪَري دِلير.

٢- مُون لئہ لِکيئُون ميثاق ڪان- هاڙهي جو سَفر سَير.

٣- سِڪ جي آڏو آخطو لمحو- سارو سخت سُمير (١).

٤- يَاد پيم ڪو يار پنهل جو- مَن موهيندڙ ڀير.

٥- آئ سُونهن سان آعجاز چئي- حامي آحَيدر شير.

تلهه: هيٺيءِ جو ناهي حال- ٻاجهه ڪجان ڪا يار ٻاروچا.

١- ڏُونگر ڏوريان ڏوريو نَا تئي- آوکو آ پنڌ ڪشال.

٢- ڪُوڙ ڪمايو ڪُوڙ پَئي ڪاوان- آهڙو آتم آفعالُ.

٣- اُپڻين (٢) مَتان مُنهنجا عَيب آڳلا- سَيِ ڏينهن توکي آسوالُ.

٤- جَهڙي تَهڙي حال سان- پَرتيس توکي لَڄپال.

٥- آهين آعجاز جو تُون ئي سَهارو- لاهه هجر جو ڪال.

---

(١) سُمير: جبل (٢) اپڻين: کولين

ٿلهه: هَوت پُنهل آچ هاڻ، ڪَر ڪَا رِهاڻ - رِڻ ۾ رُلي ءِ سان بَر ۾ پِلي ءِ سان.

١- ڪَاف ڪِشـــالا ڏُک ڏولاوا - سِر ڪَيـــم تـــو ڪَاڻ.

٢- آوڳي آجاڻي آئـون آهـيـان - ڪَانـهـيـم ڄَاڻ پڇاڻ.

٣- ونـدر وَوڙيـنـدي ڏُونـگـر ڏوريـنـدي - آيم تُنـهـنجي اولاڻ.

۴- عِجز سـاڻ اَعجاز علي ؑ چَئـي - آوري اُتـڙا آڻ.

ٿلهه: هڪ ڪَئي جَتن جاڙ او جَبلڙا - پِيو تَو نه ڪَيَڙو تَرس مُون مُني ءِ تي.

١- ڏَاڍا ڏَيـر هُـنَـا جَهـل نـه ڪَـنـهـنجي جَهـلـيـا،
ڇَڏي ڇُوري ڪَري چِنـي سـاڻ هـلـيـا،
آئـون ڏِيـان ڇِـاڪـي اوهـاڙ آو جَبـلـڙا.

٢- سَهـســين ڪَيـم سَڏڙا وِيـا سـي نَـتـا وَرن،
اِنـهـي سَـبـب ڪـان نِـت پـيـا چاڪ چڪـن،
رَويـو ڪَريـان رِيـهـاڙ آو جَبـلـڙا.

٣- مُنهن جا مِتا تي مُون سان مـتـڙيون پولـيون پولي،
چَلـي ويـا ڇَورن جِيـئـن لاَئـي چِٽـنـگ چولـي،
دُڪـي تِيـا پـوءِ دُونـهـاڙ آو جَبـلـڙا.

۴- هَٿـنـدي هَاڻ نــه هَڏ هِتـئـون جَڏي هـيءِ،
اَڳي پـوءِ اَعجاز چَئـي مَنـهـنجي آري ءِ رِيءِ،
نَاهـي پُٽ ڪـاپـاڙ آو جَبـلـڙا،
پِيو تَو نه ڪَيَڙو تَرس مُون مُني ءِ تي.

اوهاڙ: وڙول ڳولا

ٿلھ: ساري ڇَو نہ سَڄڻ ڪي- مُٺينءَ تون مُٺي،
جِيئري آهين آڄان- نَاهين ڦُرب ڪُٺي.

١- ڪَر ٽَرڪ سَندو گهرتَر ڙي تَتي- ڳَنڍ هوت پُنهل ۾ پوءِ ٻَتي،
ٻَڌي سَندرو ثابوتي ٿي تُون سَتي- ڏي نہ ياڳ پَنهنجي ڪي پاڻ ٻُني.
٢- تَوتي فَرض آهي هَڻ نَعرو حَقي- نِسري ٿيءُ نِسنگ، دَعويٰ ڪَر نہ لِڪي،
ڪَچي ڳَانہ هَلي رڪ پُرت پَڪي- سَچي آهي اُها جا وَئي اَمُروَني.
٣- هُو پاري نہ پاري تُون پَار اُٿي- هُو ساري نہ سَاري تُون سَار اُٿي،
ڇَڏ آڙ وَڏائي، پيائي ٻار اٿي- وَعدو ڪِيمَ وِسار اَٿئي صَلاح سُٺي.
٤- ڇَوٽي پُنتي پَوين تون ڪُسڪي ڪَنبي- سِر سوريءَ لاءِ ڪَر تيار تنبي،
جِن ناتو نِيايو نَچيءَ پَنِبي- تَن تي مِهر مَوليٰ جي اَعجاز اُٿي.

ٿلھ: سِر جو سَانگو لَاھ- ڪَيچ ڏي ڪَاھ،
سَاھ مِتو نَا ڪَر سَسئي.

١- وَيلا وَيساهِيون ڪَر نہ وِچ تي- وِڪ ڪي اَڳتي وَاھ،
سَاھ مِتو نَا ڪَر سَسئي.
٢- سَاٿ ڏَٺي سَرخيل جي- صُورت سَاڻ سَنباھ،
سَاھ مِتو نَا ڪَر سَسئي.
٣- تُنهنجي بَاب پَنيور ۾- ٻَاري بَلوچن بَاھ،
سَاھ مِتو نَا ڪَر سَسئي.
٤- آريءَ رِيءَ اَعجاز چئي- آسرو ڪَنهنجو نہ چَاھ،
سَاھ مِتو نَا ڪَر سَسئي.

تلھ: وَس ھُليو ڪونہ وَس ُآلا- پَيرين آئون نہ پُڳيس آلا،
وِيندڙ مونکان وِيندي رَهيا.

١- ڪَرها هن تہ ڪَنيز ڪان- لَڪ لَنگهي وِيا لَس آلا،
هَوت پُنهل مُنهنجو نيندي رَهيا.

٢- حَال مُنهنجي هِن هيٺي تي- تِل نہ ڪيائون تَرس آلا،
ڏُک تہ ڏُکيءَ کي ڏِيندي رَهيا.

٣- جَانب چِناڻونم جِيئَري- جَنن کي هُجي جَس آلا،
چَوري چَپر ۾ چَڏيندي رَهيا.

٤- سُڏڪا پَري سَرواڻن کي- سَڏڙا ڪيم سَرس آلا،
مُنهڙو مُونکان مَتيندي رَهيا.

٥- رُلي رَوهن وِچ ۾- رُئندي رَوز رَهيس آلا،
يَکر آنديون اِيندي رَهيا.

٦- آريءَ جو تہ اَعجاز چئي- وَڻ تَڻ ڏيندم ڏَس آلا،
آلت اُهيئي ڏِيندي رَهيا.

تلم: هِيئن نہ هُيس آئون اڳ ڙي اَديون۔ هاڻي ڪَيَس هَڙي نينهن نهوڙي آلا.

١۔ هِن تہ آپالڙي حَال مُنهنجي تي۔ چَتُرون ڪَري پَلي جڳ ڙي آديون،
هَوش وِچايم وِرهہ وِڇوڙي آلا.

٢۔ دَوست ڪَارڻ ٿيس دِيواني۔ وَئي دائم وَيٺيس دڳ ڙي آديون،
لڳ لاڳاپا پِيا سَڀ لَوڙهي آلا.

٣۔ پَڪ ڄاڻو آوهين پَاڙي واريون۔ پُنتي نہ پائينديس پڳ[1] ڙي آديون،
پِرت پارينديس پاڻ پتوڙي آلا.

٤۔ آئم اُميدون شاهہ اَعجاز ا۔ وَاري اِيندِيس وڳ ڙي آديون،
وَروَراڪا وِندر جا وَوڙي آلا.

تلم: هَوت پِرين هِڪ واري، ڏِي دِلداري، باروچا بانهيءَ ڪي.

١۔ آهي تُنهن جي آسري، ويٺي هِتي ويچاري.

٢۔ ڪُونهي ڪَميني جو بِيو، تُوري تَڪيو تاري.

٣۔ ڏَيئي ڏِيڪاري لَاهہ ڏڪيءَ تان، آهنجن جي آنڌاري.

٤۔ پَنهن جي پَسائيي جا پاڻهي پيارا، سَا صُورت مُون نہ وِساري.

٥۔ آئم آجان تائين يَاد تُنهن جي، جَهنبڙي جي جَهلڪاري.

٦۔ بَخش خَطائون بَدڪار ڪي، تو دَر توبَهہ زَاري.

٧۔ سَيّد سائين صاحب سُنت جا۔ سَچن ڪَر سَرداري.

٨۔ بَيراهِي لاءِ بَهلول[2] چَوي۔ مَوٽ مِلا مَهنداري.

(١) پَڳ: پير (٢) بَهلول: سائين اعجاز جو بيو تخلص

تلھ: ڪيڏھن تُنھن جو پَنڌ- ڪيڏھن ڏَس گُس ڪَيچ جو.

۱- سَيِ ڪي ڄاتئي غَير پُنھونءَ جو- اِئين تہ وِڃائِي پير پُنھونءَ جو،
ڏار نہ ايڏو آنڌ.

۲- جِيڏھن مُنھن ۾ مُھاڙ نہ تُنھنجي- طَلب تَلاش ۾ تاڙ نہ تُنھنجي،
وَوڙ وَڃي وري سو ھَنڌ.

۳- واڻ وڃائي ڪُواڻ سان وڄ تون- مام مُنھن جي ھيءَ مَن سان مَڃ تون،
صُورت اڳيان ناءِ ڪَنڌ.

۴- تُبصر واري رَمزسَچي ٿِئي- ڪُل ۾ِي اَعجاز ڇئي ڪَھت ڪچي ٿِئي،
قولھ سَندو سَنڌ سَنڌ.

تلھ: ڪا تہ اَٿم ڙي ڪاڻ، سُھمان سَھان تي ھَوت پُنھونءَ لاءِ.

۱- وَرڻ وَاري وَيل ڄا ويئي- پُٽتي وَران ڇو ھاڻ،
ڪَھيو ڪَھان تي ھَوت پُنھونءَ لاءِ.

۲- ھيڏن وَيرين وِچ ۾- پَرور جي پَھري ساڻ،
جيئري رَھان تي ھَوت پُنھونءَ لاءِ.

۳- حَال سَودائي جَاءِ نہ جِيئڙو- پَلپل پاٺي پاڻ،
دِھان ٺھان تي ھَوت پُنھونءَ لاءِ.

۴- مَانَ لَڳي ڪو لِياڪِڙو- پَسان سِر سَرواڻ،
پُورَ پَھان تي ھَوت پُنھونءَ لاءِ.

۵- الله سَائين اَعجاز ڇئي- آريانيءَ ڪي آڻ،
ڇِرڪ لَھان تي ھَوت پُنھونءَ لاءِ.

ٿلھ: ڪُٽي ھِيءَ جا ڪيچين - مُٺي ڪيئن ڪَري ڙي،
نَڪاٽي جيئي سا - نَڪاٽي مَري ڙِي.

١- آديون آڏ ڪُتَل جو - آهڙو حال آهي،
سُڪن جو سَڙيءَ وَٽ - قَحطُ ڪال آهي،
رُڃُو سُور سَختيون - ڇَريو پَئي ڇَري ڙِي.

٢- وَهائي وِلِهيءَ تي - اِها سِير تقدير،
اَپوجهي اَوڳيءَ جِي - هَلي ڪانہ تدبير،
آئي عِشق ظالم - جي آوَر آري ڙِي.

٣- اُداسڻ سَودائڻ - وِيراڳڻ ويچاري،
رَوئي زار و زَاري - آيس بار باري،
بِنان هوت هاٿي - ڪَهڙي پَر پَري ڙِي.

٤- حِمايت عَليؑ جي - ٽَڪِيءَ سان ٽِيندي،
وَري وَر وَرائي - پُلي پاڻ اِيندي،
اَعجازا آسائتڻ - ائين نا وَري ڙِي.

ٿلهه: ڪيچين وَچي ڪيچ وَسايو- آئون ڪاڙهن ۾ پَئي ڪَڙهان،
سَنجهي سَاجهر مُون نہ سَنياريو- هاڻ سڙيو ٿي سڙان.

۱- ڪَڪرا ڳُوسا ٽَڪر ٽامون- لُڪون جهولا لڳن سامهون،
مِرون هاڙهي جا ڪن هَاڳامون- ڪيڏهن رِڙهي رِڙهان.

۲- جَبل اُوچا پَنڌ اٽائو- سائين ڪَري شَل سَٽائو،
ڏير ڏيئي ويا ڏُک ڏولائو- هَٿئون پَنهنجي هَڙان.

۳- جَهوري اِنهي ڪَيم جُهور- وِرهه هَٿي سي ويا وَهلور،
چَلڻ ڪان آئون ٿيڙس چُور- ڪِيئن چاڙهيڪين چڙهان.

۴- آئون تہ اَعجاز آهون پَريو- مَريو وَجان ٿي ڳَچ ڳَريو،
ياد ڳوهيارل ڪيچي ڪَريو- رَندن مَٿي پَئي رَڙان.

ٿلهه: آءُ آرياڻي اوري- سگهان نہ ڏوري- توريءَ ڏُونگر پَٽيون.

۱- جَهولن جهانڪن جَل جَبل جي- جِيءَ جِگر وڏو جهوري.

۲- پاڻ سُجاڻ پَنهنجو پِيارل- پَنهنجي پَلائي تُوري.

۳- مُون تہ نِٽر ڪان پَنڌ نہ نبري- تُوڙي هَليس سِر گهوري.

۴- آهون ڏانهون هي تہ ڳَرايم- بار بِرهه جي ڳوري.

۵- آندم اَعجاز هاڙهي حَب ۾- ظُلم جَتن جي زوري.

تلم: ٻاروچل لاَيم ٻاڻ- ڪَشي ڪان ڪَماڻ- مَاري مُونکي هَليو، ڊِيد ڏُنالي ساڻ.

۱- پَائـي ڪَجل ڏَاڻ مَوهيـو مِنـڙي يار- هَـٽـي تيـر هَزاڻ چُليـو⁽¹⁾ ڪَري نـــ جَاڻ.

۲- هيٺـا ٿِيـڙم حـال، ڏاڍا ڪَيم ڪَشـال- مِلـي هوت مُون شَال، آئـم تَنهـن جو اولاڻ.

۳- ڏُسـڪـان ڏُونـگـر ڏوريان، چِنڊاڙي پَنهـنجي جهـوريـان- گهـوريـو سِرڙو گهـوريان، پَوي مَن پِرياڻ⁽²⁾.

۴- هَردم ٿِـي هَيـهات، صَبـر نـاهي سـانـت- وِرهـ وائـي وَات، ڪَيچئـيـڙن جي ڪاڻ.

۵- آڪـين ســان اَعـجاز ڏِســان مَحــرم رازَ- ســاڳيـا اُنـڙا ســاز سَرخيل⁽³⁾ سَرواڻ.

(۱) چليو: هليو

(۲) پرياڻ: خيال، يادگيرو، قياس، رحم

(۳) سرخيل: اڳواڻ، رهبر

ٿلھ: دِل تان ڪانڌ ڳوھيارو نہ لاھيندِيس،
ٿَنھن سان نَاتو نينھن نِباھيندِيس،

۱- صُورت ھَوت پُنھل جي سان ڪَري،
وِيندِيس تَرڪ پَنيور جا پان ڪَري،
پٿون پَھٽن سان پَنھنجو پان ڪَري،
قُربئون ڪيچ وَٽن ڏي ڪاھيندِيس.

۲- مُون سان سَرتي ساھيڙِي ڪا ھَلي نہ ھَلي،
ھَلي ٿَنتي جَبل ۾ ڪا جَلي نہ جَلي،
پَنھنجا سانگا سَيِيئي ڪا پَلي نہ پَلي،
آئون تہ لُڙڪ لَڪن ۾ وَاھيندِيس.

۳- ڏِني ڪانہ ڪَنھين، مُونسان جا ٿي آديون،
چاٽي سائين رَبّ، سِر جو ساٿي آديون،
تہ بہ ڏاگھن ڏيرن ڪَريان دُعا ٿِي آديون،
تَن سَان سِينو نہ ڪَڏھين ساھيندِيس.

۴- ڪَندو ڪَرم ڳُوھيارو ڪيچ ڏَٽي،
ھِن چَوري چِني ڏي نين ڪَٽي،
ٽِيندو ساٿي اَعجاز آھيان ھِڪڙِي چَٽي،
ٿَنھنڪي رُوح اَڪين ۾ رَاھيندِيس.

ٿلهہ: وَوڙي وَوڙي ٿڪيس وَڻ واهڻ- او وَري آ پاروچل وَري آ ڙي يار.

١- هَلڻ چَلڻ ڳان ڇُورجو ٿيڙيس، مُنهنجا پير ڇِنا پَپ پاهڻ،
ڪَري ٿـوررو پـَلا ٿُـون سِـري آ ڙي يـار.

٢- مُون ڪان هَوت پُنهل جي مَحبت ۾، وِيو وِسري اَرٿ ۽ آتڻ،
تَڏهن لوڪ چَوي پيـو هيءَ چَري آ ڙي يار.

٣- ڏِٺم نـہ وِينديءَ ڏيرن ڪي، نَہ تہ ڪَرها نـہ ڏِيان هاڪا هڻ،
اِهـا نـنـڊ آڏو مُون ڪـي ڦِـري آ ڙي يـار.

٤- آريءَ سـاڻ اَعجاز چوي، مُون تہ ڇَڏي ڏنو آ سـينـو سـاهڻ،
دِل ڏاڍو ٽوڪ (١) ڪـان ڏَري آ ڙي يـار.

ٿلهہ: مُونکي رُنـاڙي رَتُ آلا- ڪَرها ڪيچن ڪاهيا.

١- ايڏي سِنـاٽي سَفـر جو، مُونـکی نـہ پيـو ڪو آتُ آلا- ڪَرها ڪيـچين ڪاهيـا.

٢- نَڪِي ڏِنائـون مَوت مُون- نَڪي ڏِنائـون مُهت آلا- ڪَرها ڪيـچين ڪاهيـا.

٣- سَرواٽـن جي سُور جو- دِل ۾ سَمـايو دَرخت آلا- ڪَرهـا ڪيـچين ڪـاهيـا.

٤- جَشن مَلهايان جيڏيون- جِيئَري مِليم جي جَت آلا- ڪَرها ڪيچين ڪاهيا.

٥- اِيندو آرياڻي اَعجاز چئي- ڪَري ڏُکيءَ تي ڏَت (٢) آلا- ڪَرها ڪيچين ڪاهيا.

(١) ٽوڪ: هَٽ، وڏائي (٢) ڏَت: مهربانيءَ

ٿلهہ: هوت پنهل توريء، ڪنهن سان ڪنديس آئون روح رهاڻيون.

۱- مون سان لائي دل ۾ ديدون، ڪيچ وڃي ڪَيون توجي عيدون،
ڪيئن گذاريندي هيء، اڪيون ڪٽي هِت ڪُهليون[1] ڪاٺيون[2].

۲- حال ڏسي تون پال ڪرين ها، وانديء وِلهيءَ ڏي وَهلو ورين ها،
پُرس پريمي پيء، پرت ڪيون تنهنجي مون سان پچاڻيون.

۳- لَڪ آويڙا واء ۾ واري، بار بِرهہ جا بَرسر باري،
جُهد ڪيا جڏي جِيء، تُنهن جون سنياري ترب ڪهاڻيون.

۴- سُڻ ڪيچي ڪامل منهنجون پُڪارون، موڙ اعجاز چئي مَين مُهارون،
هيء ڏوهڻ سمجهي ڏيء، ڪر نہ اڪئين وڃي ڪيچ ڪيچاڻيون.

(۱) ڪهليون: اداسيل، ٿڪلون (۲) ڪاٺيون: سڙيلون

ٿلهه: سَرتيون آوهين ڏيو ڏَس مُونکي، آئون ڪيئن رِيجهايان پنهنجي يار کي.

۱- ڪَانڌ ڏِنيون کي مُون ۾ ڪَچايون، جيڪس ڪَري ويو تَڏهن جُدايون،
جهوري اِنهي ۾ پيوجِيءِ جڪي، مَن بَخشي بَديون مُون بَدڪار کي.

۲- پِرين پَرچائڻ لاءِ پَهه پَچايم، هَزارين حِيلا هُنر هَلايم،
ڏُک ڏُهاڳ ۾ پيو ڏِيل ڏکي، نَٿو سَڄڻ سُڻي هن سَڏ تَنوار کي.

۳- يار ڪَري ويٺيس آئون جي رُسٽو، تَنهن اڳيان پيم هَر هَر ڪُسٽو،
دَردِ اهوئي پيو دِل ۾ دکي، وِيو وِرهه وَڪوڙي مُنهنجي وَار وَار کي.

۴- عَبَسَ (۱) وَتَوَلّٰى پَر آعجيبن، ڪير آعجازا چَوي قَريبن،
رَت رُنا ڙيم رُخ رُکي، ڪُجهه چئي نه سگهان آئون سَامهون يُنار کي.

(۱) عَبَسَ وَتَوَلّٰى: اجايو منهن گهنجائڻ، منهن ۾ گهنڊ وجهڻ

تلهہ: خَبرون کاهڙ جُون، کانگل مُون سان کَر،
کَڏهن اِينـدم مـارو، کَڏهـن نيـنـدم ٿَر.

۱- کِتـي مـارو مـال، کِتـي پکـڙا پـال، کِتـي جالـين جال، کِتـي ڦـيـريـن ڦَرَ.

۲- آهيـان آئـون اُداسڻ، پَلر جي پياسڻ، کَيس بَند بيـراڳڻ، پَهچان کَهڙي پَر.

۳- سَرتيون سَڀ سَڳر[1] ۾، وِهسن پنهنجي وڳر ۾، مارو خُوش موهر[2] ۾، آئون قَيد آندر.

۴- ساريو نيڻ سِکن، جهاتيون پَايو جهڃَن، رَاتو ڏينهن رَهن، طَلب اِنهي ۾ تَر.

۵- اَعجازا آوسـاريـان، آنـدر کـي اُجاريـان، وَڃن کين وِسـاريان، پَسـي زِيـور زَر.

تلهہ: سَانگي لَڏي وِيا کَنهن سانگ ڙي- مُونکي ماري مارن جي تانگھ ڙِي.

۱- قَيـد قَضـا جو بَنـد قَرارو- ڇَوڻ ڇَلـڻ جو نـاهـي چارو،
ڦَاٿـيـس هَنـڌ آٿـانـگ ڙِي.

۲- سِکي گُذاريم هيءَ مُند ساري- کَنهن نہ آندي کا دِلداري،
کـيـئـي اُڏايم کَانـگ ڙِي.

۳- سَون مُهـرون هِيـرا جَواهـر- زِمـرد زَريـون زَربَـفـت زِيون،
سَـڀ پـانـيـان تِـي نانـگ ڙِي.

۴- مَاري آهـيـانِ هن مـامـري- اَعجاز آبـاٽـي آسـري،
مُون نہ سِينگاري مَانـگ[3] ڙِي.

---

(۱) سَڳر: راھ گس ، ولر (۲) موهر: ٿر، ملڪ، وطن (۳) مانگ: سينڌ

تلهه: ڪين وَريا وِڪهان ڏاڍا ڏينهڙا وڌائون،
ڏينهڙا وڌائون، ڳل نہ لڳائون.

١- جيڪس عُمر سان صَلاحي تِيڙا، مُنهنجا سانگي سَنگهار،
ڳاري سَاهہ ڳڌائون، ڳل نہ لڳائون.

٢- ڏيئي ٻاٻيسون ٻاروتڻ ڪان، پَرنيئون سان پَنهوار،
پيڙو ٻانهن ٻڌائون، ڳل نہ لڳائون.

٣- مُون ڏي مَيارون مَارن مُڪيون، مُنهنجي بہ آهي مَيار،
مُون سان رُوح نہ رُڌائون، ڳل نہ لڳائون.

٤- آئُـم اعجاز ا جهوري جهانگين، ايندا کهڙي وَار،
مُنهنجون سُٽي صَدائون، ڳل نہ لڳائون.

تلهه: مِينهن وَٺا هُت مَوڪ، مُلڪ مَارن جو ماڪي ماڪي.

١- آئون اُهو ڪيئن مُلڪ وِساريان، نيئر لَوڏي تَنهنڪي اُجاريان،
جِيءُ سان اُهي جر جهوڪ، سَاريو سَاريان ساڪي ساڪي.

٢- پَٽ پَٽيهر هي تہ وَبالي، لَبرِ ليڙون هُولَچ پالي،
لَسَ اُتي جا لوڪ، لويون اوڍين ٿا لاڪي لاڪي.

٣- هينئڙا پيار ۾ هيڪ اُنهن جا- چيلا چَرن چُڙ چِيڪ اُنهن جا،
رَند نڪا ٻي روڪ، رَب آئُن بَس رَاڪي رَاڪي.

٤- سُرها سَاوا پَٽ ۾ پوٺا، مَڪ مانڌاڻا مُڱ ۾ موٺا،
تر جا عَجب سَيٺوڪ، ڳالهہ سَچي مُون آڪي آڪي.

٥- اعجاز چئي آئون آهيان تَن جِي، رِيت رَسم هيءَ آهي جَن جي،
گگهريون گهڙا سِر ٻوڪ، مٿيون پُڪارون ٻاڪي ٻاڪي.

تلم: آئُم تانگھ تَن ۾ آباڻي وَطن جي- وِساريان نَہ وسري ٻَهاري پِٽن جي.

۱- ڪَڙهيو ڪَوٽ هِن ۾ هَنجهون رَوز هاريان- سِڪيو روز سُڏڪيو سَنگهارن ڪي ساريان،
سَندم ساهہ هُت آ، هِتي مُٺ هَڏن جي.

۲- هيُون ڪِين پر ڀي پَسي هند هندورا- نَہ پاتم نہ پَايان جُهومڪ هار جورا،
نہ خُوشبوءِ وَٽي تَنهن جي مُشڪِ خَتن جي.

۳- عُمر آئون ڇا چاڻان مَنجهان اَنب اَنجيرن- پُسي ڪاڄ مُنهنجو پيئڻ ڪي پَنيرن،
پِياسڻ آهيان بَس، پُلر پِس پَڪن جي.

۴- مکڻ تيل سُرها، آڇا عام آوڻ، ڪَنين سَونُ سنگهرون، هتين سِيم[1] و ڪَنگڻ،
اِها پَرِ ڏٺيم هت، آچي مَرد وزَن جي.

۵- ظُلم جي زَنجيرن زَهر زندگي ڪَئي- صَبر سانت[2] نَاهي مَران بَند ۾ پئي،
حَقيقت اِها آهِجر جي حُزن[3] جي.

۶- هُتي وَرُچَڏي هت، وهان سيج تي ڪِيئن- مَٽيان سيڻ پَنهنجا ڪُوڙي هيج تي ڪِيئن،
لِئِي تئي نہ مُون کان، ائين لَڄ لڪڻ جي.

۷- ڪَري غَور حاڪم سَندو ڪَڻ قَدم تُون- حرص ۽ هَوَس ۾ پئي هَڻ نہ دَمُ تُون،
سدائين نہ هُوندي ڪا سارِي سگهڻ جي.

۸- مُندائتا وَسڻ مِينهَن هُت موٽي آيا- ڪاهڙ پَاسي ڪنوٽين ڪِڙي ڪيل لايا،
اُنئي بُوند ٿر بَر، مَٿي رُوءِ بَن جي.

۹- مِلان مان مارُن وَجي بَا امانت- پَسان شال پَنهن جي سگهر ڪي سَلامت،
نُرن نيڻ ٻَئي پوءِ، لَهي مُونجهہ مَن جي.

۱۰- اَچي پوءِ اَعجاز الله آ آڙيءَ جو- سَتر سِيل ثَابت سو رَکندو سَڙيءَ جو،
مُلڪ مَوٽي ڏٺندِيس، مَٿي مَر بَدن جي.

(۱) سيم: چاندي (۲) سانت: صبر، ماٺ (۳) حُزن: ڏک، غم، گهٽتي

تلم: يَلي وَس تُون بادل ويڙهيچن جي ويڙهي،
مَدَم ساز سَرگم، طَبل تان چيڙي.

۱- چيڙي سُر سُريلا - لائي رَس رَسيلا،
ڪَجان بَرسي بيحد - وسن سان جيلا،
ڏجان حال مُنهنجو - مِڙئي مارو ميڙي.

۲- پَلر پاڪ پَلِٽي - پِيا سَن پِيه ارج،
وسي جوءِ جهانگين جي - ساري سينگارج،
سانگي سانگي مَن ڪنهن - آچي ٿين نيڙي.

۳- بَنديا ٺي جو بَندم - بلو ناهم پيو ڪو،
نَڪي ڪانگ قاصد - نَہ هَڏ ڏوڪي ٿيو ڪو،
نَڪي مارو آيا - روڪيا راز ڪَهڙي.

۴- مُنهنجا نج سَنيها - مُنهن جي وَر وَرڪي،
اُتان ڪا آعجاز چئي - آئي خُوش خَبر ڏي،
مُنهنجو جيءُ عُمر جي - جَهوريو جهٽڪ جهيڙي.

تلم: پِرهم آيم پانڌيڙو - پَنهوارن جي پار جو،
ساري ڏنئين سَنيهڙو - سانگي چام سَنگهار جو.

۱- چَيائين آس نہ لاهجان - نيڻرن ۾ ننهن نباهجان،
چَندن مُشڪ نہ چاهجان - رڪجان يَرم اقرار جو.

۲- عُمر ڏک ڪَئين ڏيندئي - پيڙي هَڏ پيڙيندئي،
اُٺئي ويٽي آچيندئي - سَامان هار سينگار جو.

۳- مينهن لايو هُت لَقاءِ - پپون پَڪا پيرون پَڪا،
ڪين آچيم هت نِڪاءِ - پيغام مِلِيُم پيار جو.

۴- قاصد پانڌي آونيءَ تان - سر گهوريان تنهن ڳوٺيءَ تان،
لَهي حَرف مَن لُوٺيءَ تان - آعجاز چئي مَيار جو.

لوڻيءِ: ناقص، عيبدار، سڙيل

تلهه: مَنَهَن مَڏ مَارن جا چَنا مُون نہ وسرن،
پَکيون پَوکون آيون ڳَنا مُون نہ وسرن.

۱- کَريان ڳَالهيون کَهڙيون، عُمر آئون تَر جُون،
عَجب شَاديون آهن، عَجب لانئون تَر جون.
اُتي جون وَنيون ۽ وَنا مُون نہ وسرن.

۲- مُنهنجا مَارو آهن، حَقي حال وارا،
چڱي چال گهورا، خَاصي خِيال وَارا،
اُنهن جَيکي پَاڙهيم پَنان مُون نہ وسرن.

۳- وِهان کِيئن وِساري، وِلوڙن جُون ويرُون،
ٻِہ ٻَاٽ پِيريون، پَکا پاڪ پَيرون،
اُهي مال چَرها، چِنا مُون نہ وسرن.

۴- سَڙي آئون اعجاز، سُجاڻپ کان وِيڙس،
قَفس قَيد آهِڙي، کاڙهي کاري کَيڙس،
عُمر ڏاڍا ڏُک تو، ڏنا مُون نہ وسرن.

تلهه: پَلي ڪنوٽيون ڪنوَن - پَلي بُوندون وَسن،
مُنهنجا مارو ٿيندا تہ بَهاريءَ ۾.

١- آڪئين ڪَڪر ڏسن ڪَنين گوڙيون ٻُڌن
ڄيئو جَهانگي پَون مِڙيو سانگ وِڃهن،
هڪ ٻئي ڪي واڌايون ڏنا وَسَ جون ڏين،
آڏيو پڪڙا ويهن ٿڌڙي وَاريءَ ۾.

٢- رَبُ ڪَرمُ ڪَيُن وَتو ديس سَندن،
چڙا چَنگ وَڄن مَٿي تار تَڙن،
سَر سبز پَٽن چيلا چيڪ چَرن،
لڳي عيد ڏِين وَسڪاريءَ ۾.

٣- مُنهنجو مَارن لاءِ آهي مَاندو مَن،
هُو ياد نہ ڪَن مُونکي ياد آهن،
وڃان ويڙهہ وَطن وَتان وَاس وڪين،
هَردم آهيان انهي تَات تَاريءَ ۾.

٤- گَڏ ڪائن پيَن گَڏ اُٿن ويهن،
گَڏ گُهمن ڦِرن گَڏ ڪِلن کُڏن،
اِها ريت اَعجازؔ آهي سَنديِن،
حَسد هَوڏ نہ ڪن عُمر ساريءَ ۾.

ٿلهه: پوليون پاٻاڻن جون - ٻُڌان هاڻي ڪِين،
مَارو هُت ٿيا هُونئن - آئون هِتي هيئن.

۱- قَيدُ المَاءِ[۱] قَوِيءِ، ويڙهيون ڇڏاير ويءِ[۲]،
نَاهي جَمعيت جِيءِ، لُڇان ڪُرڙي جيئن.

۲- رويو نين هي رُونِ، ڪَنِ سي پوليون نه پُون،
جِيئن ڪَنهن سُيون جي هُونِ، مُونکي سٽائي سو تيئن.

۳- وَرِ پَنهوار ڪاپِير، خُواجه خيبر گير،
آچي توڙ زنجير هادي هَڪل سِينءِ.

۴- آهين تُون ئي حَال، اَعجاز جو لَڇپال،
سُڻندو ڪير پيو سُوال، نَاهيم پيٽي[۳] پِينءِ.

(۱) قَيدُ المَاءِ قويءِ: جسم جو قيد وڏو (۲) ويءِ: جوءِ، آزادي
(۳) پيٽيءِ پينءِ: اڳيان، ڪنارو (آسرو)

ٺـلھہ: مُنھن جي مُلڪ تي اَڄ- مَلھاريون ٿِيون هُونديون،
پِـنيءِ وِيا ٺـي بـادل- ٻَهـاريـون ٿِيـون هُـونـديـون.

۱- ويــڙهــيــچن ڏي وِچڙيــون- وَراڪــا ڏِيــو وَڙڪــن،
ڳاروٺـيـــار لاَيــو ســي- ڳَرنــايــو ڳَڙڪــن،
سَندم خُوش سَيئي اَڄ- سَنگهاريون ٿِيون هُونديون.

۲- سُونـهَنِ گــاهـہ ســاوا- ٿُڻــا ٿوڳ ٿَرڙيــون،
ڪُوڪيون ڳاريون ڪَمريون- ڳامـوريون ۽ ٻَرڙيون،
مَڇي هِن سـي مُنـد ۾- مَٽـاريـون ٿِيـون هُـونـديـون.

۳- سَانــگــين ســاڻ آهــي- سَمَــرُ ســاٽــي ٿَر جو،
ٺــــڏيــون ڇانـئـــون تڙ تڙ- ٺَڏو پاٽـي ٿَرجو،
پِٽــن پَر ياڳين جُون- ٻَازاريـون ٿِيـون هُـونـديـون.

۴- جَنـبو ڏيـئـي جَنـڊي ۾- جالـين ٿا هُو جهــانـگـي،
پُورو ڪَنِ انـهـي پَر- سَفــر ســانـگ ســانـگـي،
پِرهہ ڳَڏ پاٽيءَ تـي- پَهـنواريـون ٿِيـون هُونديـون.

۵- نَڪــي مَحــل ماڙيــون- نَڪــي هَنــڏ هنــدورا،
نَڪي پَلـنـگ پـالـڪـيـون- نَڪـي طُول تَونـرا،
پَلالـي پِيـهـين تـي- پَاٽــاريـون ٿِيـون هُـونـديـون.

۶- اُتم آهــي جيـــــڪـــو- اڳين ڪـــان اڳاهــون،
اُنــهــي در اعجازا- ڪَيـم آهـون دانـهــــون،
قَبـول اُت هي آزيون- نـيـزاريـون ٿِيـون هُـونـديـون.

ٿلهہ: مُنهن جي مُلڪ تي اَڄ - مَلهاريون ٿِيون هُونديون،
پِني ءِ وِيا ٿي بادل - ٻَهاريون ٿِيون هُونديون.

۱- ويڙهيچن ڏي وِچڙيون - وَراڪا ڏِيو وَڙڪن،
ڳارونيار لَڙيو سي - ڳَرنايو ڳَڙڪن،
سَندم خُوش سَيئي اَڄ - سَنگهاريون ٿِيون هُونديون.

۲- سُونهَنِ ڳاهہ ساوا - ٿُنا ٿوڳ ٿَرڙيون،
ڪُوڪيون ڳاريون ڪَمريون - ڳاموريون ۽ ٻَرڙيون،
مَڇي هِن سي مُندَ ۾ - مَتاريون ٿِيون هُونديون.

۳- سَانگين سانڍ آهي - سَمَر سُاٿي ٿَرجو،
ٿَذيون ڇانئون ٿَڙ تَڙ - ٿَذو پَاٽي ٿَرجو،
پِٽن پَر پَاڳين جُون - ٻَازاريون ٿِيون هُونديون.

۴- جَنبو ڏيئي جَنڊي ۾ - جالين ٿا هُو جهانگي،
پُورو ڪَنِ انهي پَر - سَفر سانگ سانگي،
پِرهہ ڳَڏ پَاٽيءَ تي - پَهنواريون ٿِيون هُونديون.

۵- نَڪي مَحل ماڙيون - نَڪي هَندَ هندورا،
نَڪي پَلنگ پالڪيون - نَڪي طُول تَونرا،
پَلالي پِيهين تي - پَاٿاريون ٿِيون هُونديون.

۶- اُتم آهي جيڪو - اُهين ڪان آڳاهون،
اُنهي در اعجازا - ڪَيم آهون دَانهون،
قَبول اُت هي آزيون - نيزاريون ٿِيون هُونديون.

ٿلهه: مُنهنجو رُوح ٿو رِيهون ڪَري- عُمر آباٽي ڀَار لاءِ.

۱- ڇَڏَ تان وَڃي ٿَر ٿِيان، جهانگين سَان گَڏجي جَهڻ پِيان،
اُن ريءِ نه آئون هِت جِيان، ڏِيان ٿي دم وَطن وَڪار لاءِ.

۲- مُون سان ظُلم تو ظالم ڪَيو، مُونکي ڪُوهه تان ڪوٺا گنيو،
نِيئُرن ۾ آٽي تو هَنيو، ڪَهڙي قَصد لاَچار لاءِ.

۳- مُورهئون نه تَوکي آئون مَجان، تُنهن جي پَرم کي پيري پَجان،
ڪُسجي وَڃان وَڃي وَڃان، ته به وائي وَاريندس وکار لاءِ.

۴- اَعجاز چئي ڏي موڪل ڪَٽي، آڙيال جون آهون سُٽي،
ڏاڍو آٽي قادر ڏٽي، جوڙيندين جَواب ڇا جَبار لاءِ.

ٿلهه: وِينديس قيد ڪَٽي، ڪُوٺن ۾ رَهي رَهنديس ڪيترو.

۱- نَظر بَندياٽي سُومرا، آهيان ڏِينهن ٻَٽي.

۲- حُسن ويو تان گهورِيو، حُبڙي شل نه هَٽي.

۳- سَانگين ۾ سَاٽيهه جو، ڦوڙائو ٿو ڦٽي.

۴- لَوئي ڏجانئيم لڳن تي، لَحد منجهه لَٽي.

۵- آزلي اِرادي اَعجاز چئي، مارو ڇَڏيا ته مَٽي.

ٿلهه: قَيد نه ڪَجن سُومرا، نَاحق هيئَن نماٽيون،
لاَهه بَند لِلهِ لَڳ، لوءِ پَسان ڏُنب لاَٿيون.

۱- اهي رَسمون عُمر تُنهنجون، اَڏنگيون آهن آياٽيون،
آٽيو آڙائِن اَڙهه ۾، اڪڙيون پوريون آڄاٽيون.

۲- ڳَوڏن جَهڙيون ڳوٺن ۾، ڪيتريون ڪَڙهي ڳُوماٽيون،
وَتن اهي وَطن لاءِ، ويڏن مَنجهه ويڳاٽيون.

۳- رَهن ڪَن جي رُڄن ۾، رَءِ رَءِ رَس رِهاٽيون،
رووڪ وِجهي سي روڪي تو، روز شَب رَنجاٽيون.

۴- ڏيهه آباٽي اَعجازَ چئي، اُسري وڪيون اُڪاٽيون[1]،
موڪل ڏي ته مَلير وِڃي، عُمر مَوجون مَاٽيون.

ٿلهه: ڪِٿي ڄَائي ڪِٿيٰ آئي- ڪِٿي پَئي قيد اچ ڪَاني،
ڪِٿي وَرتيس ڪِٿي ڦَرتيس- ڪِٿي پَئي آگ ۾ آني.

۱- ڪيو جف القلم[2] ڪَرهي-آچي نه ته ڪير ڪوٺن ۾،
ڪَريو ڪُوڪون هِتي هاٽي- آندر تو آر[3] جِيئَن ڦَاني.

۲- عُمر آزاد ڪَر جيئري- آهيان جِن جي وَجان تَن ڏي،
مُيس جي هِت ته پوندو هي- مُٺيءِ جو خُون تو ڳَاني.

۳- نَڪو سو سَت نڪي صُورت- نڪي سو حُسن اَعجازا،
وِڇوڙي جي لڳي لَک لُوهَ، وڌو تنهن مُٺيءِ ڪي لُوساني.

(۱) اڪاٽيون: ڦٽيون (۲) جف القلم: قلم لکي سڪي ويو
(۳) آر: هي هڪ ننڍو جيت جيڪو وٽن ۾ دانهون ڪندو آهي

ٿلھ: آئون مَاندي ھِت مَران ٿي - مَارن جي مُنھن ڏسڻ لاءِ.

۱- ساٿيم سانگي ساريان - جھاتيون پايان جھونگاريان،
ٻانھون ڳٽان ٻاڪاريان - ٻر ٻر ٻريو ٻران ٿي.

۲- ڪايو ٻُل پيئي ڪامان - پَرڙا ھجن اُڏامان،
اَڄ سُومرا توکان مان - رُخصت رويو گھران ٿي.

۳- ھيءَ لڄ ٻَچائي لوئي - ڳَنگھر ڳَتيم ڳھٽوئي،
ڏُکڙو ڏِنم سَيوئي - سُکڙو نہ ڪو سَران ٿي.

۴- اعجاز ھِن جيئڻ کان - خُوش ٿي ڪِلڻ کِپَڻ کان،
ٿَرکان پري ٿِيڻ کان - ڳَٽيون ڳَريو ڳَران ٿي.

ٿلھ: ڪوٺن ۾ آھيان دَم ڪوئي عُمر - آئون ويندِيس آباٽي ڏيھ ڏاڏاٽي.

۱- ساري سانگ سُھج سانگين جا، مَرنديس روئي روئي؟ عُمر

۲- مَجين نہ مَجين مِيان سومرا، آھم سُور اھوئي؟ عمر

۳- جَن جي جَائي نِپائي آھيان - سيئي ڳَندم دِلجوئي؟ عمر

۴- عَلي مولىٰ نام جَنھين جو، ٿِيندم سَاٿي سوئي؟ عمر

۵- بھلول چئي ھي بَندي بَندياٽي، نَاھي ھٿ ڳا توئي؟ عمر

تلم: عُمر جَام آمين، آئون وَطن ڪيئن وِساريان، سَاريو ٿي سَاريان.

١- حُبُّ الْوَطَنِ[1] مِنَ الْاِيْمَانِ، حَق آ مُونٽي حَمير.

٢- حِلمُ النَّائِم[2] حَال هِتي جو، حِرص نہ رک حَقير.

٣- اَلدُّنْيَا[3] سِجْنُ الْمُؤْمِنُ، عيدون ڪَن نہ آسير.

٤- فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ جي، سُرت ڏنائُونم سُڌير.

٥- مُنگَهتَ[4] مَهارا[4] مورچل مَاڙيون۔ مَرڪ نہ منهنجو مِير.

٦- مُنهنجو اڳي پوءِ ڪَم مَارن سَان، ظُلم جا لاَهہ زَنجير.

٧- آندر اَعجَازَ ا سَارو اُجاريم، اُڪنيد اباٹي اُڪير.

---

(١) حُبُّ الْوَطَنِ مِنَ الْاِيْمَانِ: وطن جي حب منهنجو ايمان آ
(٢) حلمُ النَّائم: خواب واري ننڊ
(٣) اَلدُّنْيَا سِجْنُ الْمُؤْمِنُ: هيءَ دنيا مؤمن لاءِ قيد آهي.
(٤) منگهت: تَاج، ڇٽ
(٥) مهارا: گهوٽ ڪنوار جي سُمهَڻ جي سيج (جاءِ)
(٦) مورچل: مور جي ڪنين جو ٺهيل پکو، ونجڻو

تلهه: جيئن هي سارو گُذاري تو لوڪ عُمر،
اِئين آئون بہ گُذاريان، مُنهنجو بند موڪ عُمر.

۱- مُنهنجو ساهہ بَنديئي، سِرواهہ بَنديئي، مُنهن جي دل بَنديئي دِلخواهہ بَنديئي،
مُنهنجو ڪلڻ خُوشي چَس چاهہ بَنديئي، مُنهن جي وار وار ۾ آ تنهنجو طوق عُمر.

۲- تُنهنجي بَند ڪيو مُونکي مَليران پَري، آباڻي آهل اُڪنڊ اُڪيران پَري،
سُرت سُڌيران پَري سڪ سَريران پَري، ايڏو ڪهر ڪَري نہ اُلٽو ٽوڪ عُمر.

۳- آئون نہ چاٺان تُنهنجي لئون لائڻ مان، پيچ پائڻ مان قُرب ڪمائڻ مان،
نَڪي سَمجهان تُنهن جي سَمجهائڻ مان، هجي نيبَم تُنهنجو توڪي شَوق عُمر.

۴- تُنهنجي جَشن ۾ جيءُ جاءِ نہ ٿيو، توسان رُوح مُنهنجو يڪ راءِ نہ ٿيو،
تُنهنجو اَمُر آعجاز چئي بَرجاءِ نہ ٿيو، ناحق ڪيم رَنجائي مُٺيءَ ڪي رُوڪ عُمر.

تلهه: چَڏ مُونکي عُمر وَڃان مُلڪ هينئر، هن مِينهَن وَاري مَلهاريءَ ۾.

۱- مُنهنجي دِل ٿي چوي هَلان ئي هَلان، هَلي مَارُن سان هن مُند ۾ مِلان،
اُتي ڪيت سان گَڏجي گُهمان ءِ کِلان، هتي ڪونهي لُطف ڪنهنجي ياريءَ ۾.

۲- تُنهن جي بَاغن ڪان مُونکي بَرتا وَٽن، پِنون چونرا ڪکاوان گهر تا وَٽن،
سَندا سَانگين ڏَڻ ڦَرتا وَٽن، پَئي تن جي ڳَران بيسقراريءَ ۾.

۳- جِيئن لائي جُهڙن هُتي جهم جهم آ، تيئن لائي نيٽن هتي ٽِم ٽِم آ،
وَڏي روڪڻ ڪان هيءَ شم شم آ، ڪيو ناحق بَند آٿئي آنڌاريءَ ۾.

۴- آعجاز چَوي خالي جِيءَ نہ جَلاءِ، جِتان آندو آٿئي اُتي مُونکي رَساءِ،
پڪا لَال پهنوارن وارا پَساءِ، نڪري دَم نہ وَڃي غم گهاريءَ ۾.

ٿلهه: مُونکي مُلڪ آباڻو وِسري نَٿو، گهوريو وَقت وِڇوڙي جو گُذري نَٿو.

١- قابو قيد آهيان هاٿي ڪَريان مان ڪِيئن، آچي مُشڪل ۾ وِيَس جِيئن جو ِتيئن،
مَولَيٰ! ڇو ڪيو تو مُونسان هِيئن، سَهان سُور پئي دَم نڪري نٿو.

٢- جَهوري جُهانگين جي اٿئي پَهر اَٺم، ڪاڏا پيتا وِيا ٿي زَهر اَٺم،
لَڳي لوري اِهائي لَهر اٺم، مُون لاءِ تہ سُکن جو سِجُ اُڀري نٿو.

٣- وَسئُون مَاٺ ڪَري ويٺي ڪين آهيان، دَم دَم آڏو عُمر جي پئي دَانهن ڪَيان،
پَرچا ڪَنُون آلاجي اَعجاز آيان، مُنهن جي دَانهُن مان ڪجهہ سِجهري نَٿو.

ٿلهه: عُمر کَهڙي خَطا مُون تُنهنجي ڪَئي- ڇو مَارن ڪان آندئي مُونکي ڇِني.

١- ڇَا هَٿ آيئي جو مُلڪ ڇَڏايئي، او ڇو تو ستائين هي قَيد ڏئي.

٢- آئون کَهڙو وَني مُنهن وِينديس وَطن، مُنهن جي سُونهن سَڙي هِت سَاري وَئي.

٣- ايڏو ظُلم ڪَرين تو ضَعيفن سان، شَايد يومُ القيامُ نہ يَاد آٿئي.

٤- پَنهنجي سَانگين رِيءَ ڇَئي اَعجاز علي، هِڪ سَاعت بہ يَانيان سَال پَئي.

تلهه: مَنڙو مَارن رِيءَ مُور نہ پريي، ڪِيئن پَهنوار پَسان،
ڪِيئن پهنوار پَسان، گهڙي رِيت آئون رَسان.

١- مُنهن پايو مُونن ۾- وَڏ ڦُڙي جِيئن وَسان.

٢- هَسَ ڪڙلا هَار پَائي- حَقّ پَچي ڪِيئن هَسان.

٣- سَاريو سَنياريو سَانگي جَهانگي- نِيَرن کان پَئي نَسان.

۴- اُڪنڊ آباڻي اعجاز نہ ڇڏيان- نَاهي اِها پَرِ آسان.

تلهه: وَطن وَڃان شَل وَري وَري- ڪَڙهيو مَران پئيِ هن ڪوٽن ۾.

١- سَانگين مَان ڪو عُمر پَائو- پويان مُنهنءَ جي ٿيو نہ پُڇائُو،
گَٽتي اِنهي ۾ وِيَس گَري گَري- ڪَڙهيو مَران پئيِ هن ڪوٽن ۾.

٢- مُون نہ وَٽن هي چَمن ڦُوهارا- سَيج پَلنگ ۾ مُنگهٽ مَهَارا،
زَر نہ گَهپي تَنهن جي زَري زَري- ڪَڙهيو مَران پئيِ هن ڪوٽن ۾.

٣- چوڙيلين جي سَاري چَهہ پَهہ- لُڙڪ گَڙي پِيا مُون کان نَهہ پَهہ،
سَرتين سَواءِ ٿِيس چَري چَري- ڪَڙهيو مَران پئيِ هن ڪوٽن ۾.

۴- مِينِدن ۾ مُونکي ڪِيت مِلي وير- پيوند تَنهن سان پِرت جو پَئي وِيو،
سوجي پَسان تہ پَوان ٿَري ٿَري- ڪَڙهيو مَران پئيِ هن ڪوٽن ۾.

٥- قَيد ڪَني تُنهنجو نيت قَهاري- وِينديس وَيڙهيچن هَلي ڪَنهن وَاري،
لوئي ڍَڪي هيءَ ٿَري ٿَري- ڪَڙهيو مَران پئيِ هن ڪوٽن ۾.

٦- جَنهن جي ڪَرم ۾ لکيل هو جِيئن- تَنهن کي اعجازا پوڳڻ پِيو تِيئن،
ڪِين قَضا تَنهن تان ٽَرِي ٽَري- ڪَڙهيو مَران پئيِ هن ڪوٽن ۾.

ٿلهه: مَارو مُنهن جا آئُون مَارن جيءِ، اهو نَاتو نه ٽُٽنو آ،
مُنَّي کان پوءِ به مڙهه مُنَّيءَ جو، لَڏائي لوءِ لَٽنو آ.

١- صُبح سانجهي پِيان ڪانجهي، ناهي لانجهي ڪا سُورن ۾،
ڏِيان ڪنهن کي نه ڏوراپو، ڏُکن جو وَقت ڪَٽنو آ.

٢- پَسيو رُوءِ دَاد، نَاهيان شَاد، عُمر بَرباد ٿي بَند ۾،
لِکيو هيئن ڪَاتبِ تقدير، جَفائن ۾ به جُٽنو آ.

٣- پکا پَهنوار لاٿا ليان، ڏونرن ڏَارِ وساريان ڪِيئن،
هئين مان وَطن جو هورو، نه هَٽيو آ نه هَٽنو آ.

۴- لوئي تِيمِر ليڙ چوٽي چيڙهه، وِچوڙي پيڙ نت لائي،
جُدائي مَوت ٿي آئي، سُوريءَ سِر روز سَٽنو آ.

۵- جَهڪبو ڪَر جَوش ڪَرڪو هوش، رَهه خاموش اعجاز،
هَٿن پَنهنجن سان هِت هَرهَر، گَلو پَنهنجوئي گُهٽنو آ.

لوءِ: وطن، ملڪ

تلهه: وائي وَڻ جي مَوار ـ گهڙي گهاتو آچ گرداڀين.

١ـ گهڙي ڪَپر تي هَاج آ تنهنجي ـ وَچ پيهي مَنجهه پاتار.

٢ـ سَمر سـمـورو سـاڻ تـو آهـي ـ ڪَر الله تـوهَار.

٣ـ نَفس آمـارو مَچ جيئن آهـي ـ تَنهـن مُٿي ڪي مَار.

٤ـ ”لا“ جي ڪَاتي لائي چَائي ـ ڪَر ڪَا سـائـڪي ڪَار.

٥ـ سَمجهي مَعنيٰ مَام اُنهي ڪي ـ ويسَهه ساڻ وِيچار.

٦ـ اعجاز عَلي ؑ جو عَاشق آهـين ـ دِل رِنـدانـي ڏَار.

تلهه: وَچ تَاروچ پَاتار مِ ـ مَتان ڪُن پَسي موتي پوين.

١ـ ڪَر ڪـو نـه سَانـگـو سَاهه جو ـ هِن دَهشـتـي دَريـاهه جو،
پَوءِ دَرس ڪَر دِلخواهه جو ـ لَاتيـون تـون لَاحدجون لَنوين.

٢ـ ”لا“ ڪٌون لَنگهي لَاٿان ٌتي ـ نَانگو نسنگ نيشان ٌتي،
هِت مَرد تـون مَردان تـي ـ جي رَاهه رِنـديءَ سـان رَوين.

٣ـ دَم ڪـي سَنـيـارج دَم بَدَم ـ هِڪ دَم لـهـي تـو لـڪ پَدم،
ڪُل شئي مَٿي تنهنجو قَدم ـ جي نينهن اگهيان تون نَوين.

٤ـ اعجاز چَئي اعتراف[1] سَان ـ دَائم رهج دِل صاف سان،
لَعلُون نه لَهندين لَاف[2] سَان ـ تُون ڪَر ايئين جِيئن تو چَوين.

---

(١) اعتراف: قبولڻ، مڃڻ (٢) لَاف: ٻٽاڪ

تلهہ: آئون تہ گھڙنديس اَڄ دَرياءَ ۾- ڏَڙڪ ذَرو مُنهنجي دِل ڪي نَاهي،
عِشق ڪي هي مَهراڻ ڪَندو ڇا- عِشق اُتاهون هِن کَان آهي.

١- سَمن مِليم چَڏهن ساهڙ جو، تَڏهن سَندرو ٻَڌو اٿم ثابوتي،
نَاسُوتان نِروار تي نِکري، لُنگ چاڙهيو اٿم لاهوتي،
تَوڪَل تُرهو سِڪ جي سيٽهہ، ساڻ ڳَنيم هاڻ مُونکي ڇاهي.

٢- سُرڪ پيئڻ سان سُرت ويئي، ٻي ڪا آڏو شيءِ نہ ڏِسان،
هِڪ صُورت مُورت ميهر جي، جاڏي ڪاڏي پَئي تہ پسان،
لَڄ رکندم لَڄ ڏٺي، مُنهنجو رُوح اِئين پيو چَوي ۽ ڇاهي.

٣- سِير جو سَڙڪو ڪُنَن جو ڪَڙڪو، ڇولين ڇَڪو ڌَري ذَري،
بَحر بَرهڙا بادل بُوندون، بَرسر آيو بِرهہ ڪَري،
نَصَرٌ مِّنَ اللهِ فَتحُون ڏِينديون، نِينهن جو ناتو ويندس نِباهي.

٤- ٻِيلو ٻُري تان ٻُري پوي، مُونکي مُور نہ پوئتي وَرڻو آ،
حَق جي پَاسي نَعرو هڻي، اَڄ سِينو ڪَڍي مُونکي تَرڻو آ،
ٻُڏان تہ پينر ٻُڏي وَڃان، مُون سانگو ڇَڏيو آ سِر جو لاهي.

٥- جَرجي جانارن ڪان هَرگز، مَحبت واريون ڪِين مُڙن،
سيسر وَاڳون ڪُمَ ڪَچائون، لُڏڙا ٻَلي پِيا لانہ گون هَٽن،
ڪانهي پرواهہ ڪابہ اَعجاز ا، مَوت اکئين ڏِسي آيَس ڪَاهي.

ٿلھ: اي دِلا تُنھنجو ڪونھي مُلھ - مَٿي تُنھن جي مُقدس ڪُل،
مُنھنجو توئي ڪَرايو وَصل - مُنھنجو حَال پَائي تُون آصل.

۱- تُنھن جي ئي ٻَھاني ڪَيم نظارو وَقت ٻيگاھ وقت ميھر وارو.

۲- جِيئڻ مَرڻ ۾ ٻہ رَلِمل ھُونداسُون - ٻُڏڻ تَرڻ ۾ ٻہ رلمل ھُونداسون.

۳- ڪَچو جي پَڪو تہ ٻہ مُنھنجو تُون سَاٿي - سَاٿي ٻہ جھڙو مَن پَايو پَاتي.

۴- اُبتا دَرياء جَا آرا تہ ڇَاھي - سِڪ جو آسان سَان سَاٿي آھي.

۵- سَنڌ ٻانڌ سِيٽھ تُرھو تُنبو تُون - واھر وَاھ وَسيلو حِيلو ٻِلو تُون.

۶- وَصل وَنگ وَارو عَجب رَنگ رَيني - ڏِنو تو آعجاز ڇئي دِلا عَينا عَيني.

ٿلھ: تُنھن جو سَاھڙو توئي سَاڻ، وَھ تِڪ وَاھڙ تَار ترين ڇو.

۱- وَنَحْنُ اَقْرَبُ وَصل سَدائين، جَرم وِچيو ڇو جُھوتون پائين،
پُرجھ پَروڙج پَنھنجو پَاڻ، قُرب ڳَاڍو ھِي پار ڪَرين ڇو.

۲- ڇُليو ڇَولين ۾ ڇيڙيو ڇيڙين، پَر جي پَھن تي پر سان ڇھيڙين،
آھي اِھو تان جَنڪو ڄاڻ، ٻِيجا دَم ٻيڪار پَرين ڇو.

۳- مَنجھئي پَاڻ وَڳاڻ ميھر جَا، منجھئي ماڻ مانڊاڻ مَيھر جا،
مَنجھئي وَھي تو مَست مَھراڻ، پيھي پَس پاتار وَرين ڇو.

۴- آورار پَرار جا پَنڌ نہ پُڄ تُون، آعجاز ڇَوي آڳيان لوڪ نہ لُڇ تُون،
سَاڃھ ڪَر پنھنجو پاڻ سُڃاڻ، ڳَالھين جي ڳَٽ ڳار ڳَرين ڇو.

ٿلهه: موٽ ميهر ٿي مران مهراڻ ۾ اڌ رات جو،
دادلي درياهه ۾، دلو وڌم ظلمات جو.

١- آءُ سِگهو اوري آچي ڪَڏُ ڪُنن مان هيءَ ڪِني،
نه ته چوهُ چولين جو چِني ٿو تارُوهي تِڪ تاتِ جو.

٢- هيءُ گهڙو ڪچ ۾ ڪَچو، پينر پيو پيلو پِري،
اوچتا سَپَ سِرڪٽا واڳون هٽن چَڪُ وات جو.

٣- ناهي ٽُنبو ناهي تُرهو، ناهي سَنڌُ سِيٽهه سَڄي،
هاڻ حِيلا سڀ ويا، لهرو چڙهيو لهرات جو.

٤- اي اعجازا وَٽ وَرِي واري عليءَ عه جي تون ڳَلي،
نامُ نالو آهي مون وٽ، پاڪَ سندس ذات جو.

ٿلهه: ساهڙ کي سا ڪيئن نه وڻي جيڪا حب منجهان ٿي هٽ ڀانهون هٽي

١- سڌ ساهڙ جا سڪ سان ٻري ٿي، توڪل تي تڪ تار تري ٿي،
سنڌ نه سيٽهه ٿي ساڻ ڪٽي، اهو بار ڇڏايس عشق گهٽي.

٢- ڏر ڇڏيائين ڏيهه ۾ ڏم جو، اون اوسيڙو ڪري نه ڪنهن ڪم جو،
محبت جا اتس مڻ مَٽي، ميهر ڏي پئي تانگهي تٽي.

٣- حق جي طالب حق سان ملي وئي، رمز پروڙي رنگ ۾ رلي وئي،
ڳالهه اها ڪو ڳاٺو ڳٽي، سهڻيءَ جيئن ڀيو ڪونه ٻٽي.

٤- دور درياء جا دائم دڙڪا، قدم قدم تي ڪنن جا ڪڙڪا،
سٽيو سائر منجهه سٽي، ته به اعجازا دل نه هٽي.

ٿلهہ: ڪَتن هَاڻ مون لاءِ، سَرتيون سُور ٿيڙو،
چيٽڪ عشق واري، چرخو چُور ڪَيَڙو.

۱- اديون ارٽ منهنجو چَندن عاج جو هو،
پوري مُون بَنديءِ جي هَلت هاج جو هو،
پيرڻ تنهنجو وسريو، اچي ڪو پور پيڙو.

۲- آتڻ منهنجي آيو، آري ڄام جيڏيون،
پري گام قربئون، هٽي هام جيڏيون،
ڏسڻ ڏئي سو مونکي، ڏيهان ڏُور ٿيڙو.

۳- پَوان پُٽ پنهون جي، ڪتڻ نا سونهي مون،
ويهڻ وَاندِ پَڻ جو، وتڻ نا سونهي مون،
وڃي هوت ريءِ ٿيو، هي وهلور جيئڙو.

۴- مَرارين جون مارون، مياروں مٿي تن،
ڪتڻ ڪاپي وارو، عقل هوش آ ڃن،
اِهو منهنجو اعجازؔ نينهن شعورِ نيڙو.

ٿلهه: آئون پلان پيا ڪتان، ڪتان ڙي- مُونکي ڪَتڻ آيو ڪِينڪي.

١- مُحبن کي آئون مَامِ ۾ چوندِيس- ڪَيو مَيارون مَتان، مَتان ڙي،
مُونکي ڪَتڻ آيو ڪِينڪي.

٢- ٻي نه اُڇھي تي مُون ته آوڳيءِ ڪان- نام وَتيو هڪ وَتان، وَتان ڙي،
مُونکي ڪَتڻ آيو ڪِينڪي.

٣- سَمجھائڻ خَاطر سَرتيون سِپيئي- ڦري ويئيم هِتان هُتان ڙي،
مُونکي ڪَتڻ آيو ڪِينڪي.

٤- آئي پھر اَعجاز پرين جو- چاهُ نه لاهيان چِتان چِتان ڙي،
مُونکي ڪَتڻ آيو ڪِينڪي.

ٿلهه: ڪَر ڪو سَوداگر يَار ڙِي- ڪَتڻ ڪونه ٿو ڪَنهنجي جوڙي.

١- سُٽ ڪَتڻ جا سَرتيون- طَعنا ڏِينگي توڙي.

٢- آرٽ اتڻ آسري- جا لَڳي سالوڙي.

٣- رَک تون ناتو نَنگيءِ سان- اَکيون اَکين مَنجھه ڪوڙي.

٤- سَچڻ سِباجھو ٻاجھه پَئي- ڪوڻي ڪَندڪي پَنهنجي ڪوڙي.

٥- ڪَاڻ صَرافن جيءِ ۾- ڪير پيو پاڻ پَتوڙي.

٦- سِر ٻه سَٺي ۾ يار ڪي- دِل ٻه ڏجي هُوند چوڙي.

٧- مَنُ اَعجاز چئي ماڻهن جي- چَڏ مَنن ڪان موڙي.

ٿلهه: مِل تہ کَريون مينڌرا - وَرِي ڪاڪ تي ٻهاريون،
ٻاقي حَياتي ڏينهڙا - تِي گوشي گڏ گُذاريون.

۱- ساريو صُحبتون تُنهنجون - پَسيو خالي پاٿاريون،
سڙان پَچان پَرِ ۾ - رُئان راتيون ساريون.

۲- تُنهنجي ڪَري ڪاڪ جون - مُون وٿون[1] سَيِ وساريون،
دَردِ فراق تُنهنجي ڪان - مُون اکيون هيٺ ڍاريون.

۳- لاهينم طَعنا لوڪ جا - ڪَر وايون وَصل واريون،
ساڳيون ڳراٽيون پاءِ پَرچي - تہ ڏيهہ ڪي ڏيکاريون.

۴- آئون تہ تِيَس چَري پر - ڏس پِيون ويچاريون،
تنهنجي رِهاڻ ڪاڻ تيون - ڪيئي سِڪن ڪُنواريون.

۵- اعجاز چئي آئون آيس وَٽي - پَنج پاڪ ميڙيون موچاريون،
پِيو نام تُنهنجو تو وَٽ - آزيون لک نيزاريون[2].

(۱) وٿون: شيون (۲) نيزاريون: توبه تائب، منٿون

ٽلهه: رَاڻا ٽُنهنجا رَس رِهاڻيون - رَمزون رَنگ وِسرن نَٿا،
وَصل واريءَ رَات وَارا - پَيچ وَنگ وِسرن نَٿا.

۱- سي ٻَهاريون ٻَيٺڪُون - سي خُم خُماريون خِلوتون،
سي مِلڻ مُرڪڻ نهارڻ پاڻ ۾ نَنگ وِسرن نَٿا.

۲- بِرهه باتيون ساريون راتيون - جاڳي پرياتيون ڪَرڻ،
آهڙا ويرا ڀَال ڀيرا - سَنگم سُنگ وِسرن نَٿا.

۳- رُوح رَچَنيون رَاڳڻيون - سُر ساز سازيندڙ اُهي،
مَڌم مِردنگ ڏُن ڏُمارا - چَنگ اُپنگ وِسرن نَٿا.

۴- سُرت سِياٽپ ۾ سَين ڪان - آهين سوڊا تون سَرس،
ٽُنهنجا اُلٽا داءَ آنگ ۽ ڍارا ڍنگ وِسرن نٿا.

۵- تو ڪَيا اَعجاز چئي جي ڪاڪِ وارين تي اچي
ٽُنهنجا سي وڙ ٽورا لائق نيهي ننگ وِسرن نٿا.

ٿلهه: پَنڌ کي ڳَرها وَاڪي وَاڪ. مَاڻيون سُڄهندي مُومل ڪَاڪ.

۱- رَات چَانـڊوڪـي راهـ سڱين آ- چا ڪـانِ وِڄهين تـو ڇِرڪي چَاڪ.

۲- ڪـاڪ جا غُنـچا گُل ڦُل ڳَونـتـا - آهـن ٿُنـهـن جي اِمـلاڪ.

۳- وَعَمِلُ الصَّالِحَاتِ سُـي ڪَر پَنـهـنجا - خِيـال تـون پَاڪن پـاڪ.

۴- مَاڳ مَحبوباڻي هَل تہ مَيا هَلي مِيان - چِت آندر جا چيـتيون چاڪ.

۵- اَعجَاز چَوي اُنـهـن پَار پَئـن تـي - حُسـن جي آهـي ڏَاڍِي هـاڪ.

ٿلهه: اي راڻا ڏورڪر ڏمر، ڪيئن ڇڏي وئين ڪانڌ تون گهوٽ پنهنجو گهر.

۱- سُومل سُمـهاريمر سيج تي محـلات کي خالي ڏسي،
ڇو نہ تـو صـفـا ڪيـو هُـئين وکـهـو مـنـهـنجو ور.

۲- ڪِيـئن مـوتـي وئين ڪاڪ تان مـومل کي مـاري وِڌُءِ،
داغ ڏئـــي وئـين داسـتـڙا آهـيـان تـو آڌر.

۳- اَعجَاز چئي اويل ڪيئي تـائيمر تاري تـون آئـين،
مـونـتي مـيار ڪانهي ڪا ايڏو هاچو نہ ڪر حشر.

وَعَمِلُ الصَّالِحَاتِ: عمل صالح، چڱا ڪم

ٿلهہ: جيسين جانب يار نہ ايندو- تيسين دِل کي قرار نہ ايندو،
نير وَهندو پيو جِگر جلندو پيو- جيسين جانب يار نہ آيندو.

۱- ڪَيان ماٺ ڪَهڙي آچي ماٺ نَٿي، وِڃهي دِلبر ويو ايڏي ڇا ڪان وِٿي،
اِهو ويندو ڪونہ غم پيو ٿيندو ڪونہ ڪم جيسين نيڻن ٺار نہ ايندو.

۲- دِل آهڙي سَڃڻ سان وَئي آلڪي، آهي ڳالهہ سَچي ناهي ڪُوڙ ٺڳي،
ڇوتہ هُن ڪان سَواءِ هڪ ڇاٽي ٿو خدا، مُونکي ڪَرڻ سينگار نہ ايندو.

۳- هي مُلڪ مڙئي آ اڪين تي مگر، پَنهنجي يار جَهڙو آچي ڪونہ نَظر،
ڳَائي زَهر مَران جي پيو يار ڪَريان، آهڙو ڏِينهن يا وار نہ ايندو.

۴- ڪَهڙي مَيار ڏبي بي مَيار مَٿي، آهي نيائٽو آعجاز هَر وار توڪي،
هَلي وِچبو وَڃُس دَر چُمبو سَندس، هُو جي لهڻ سَنيار نہ ايندو.

ٿلهہ: جو ڇَاٽي سُچاٽي نہ ڪَنهن جي وَفا،
سو ٿيو جي نہ ٿيو- ڪَنهن جو دِلبر تہ ڇا.

۱- وَفا شُعار نہ جَنهن جو، تَنهنجو ڇا وَقار،
تَنهن سَان پيار ُڪَهڙو، تَنهن جو ڪير يار،
وَفا سان ئي وَاعدا تہ تِين ٿا سَچا.

۲- جَنهن جو آهي ڪَم بيوفائي رُکو،
جَنهن جو آهي دَم خُود نمائي رُکو،
اُهو عِشق وَارن کَان آهي جُدا.

۳- رکي جو نِيائڻ جو سَت نہ پَرم،
کَهڙو دِين تَنهن جو ڪَهڙو آ دَرم،
سَچائيءَ جي اُن ڪان نَہ پڄندي آدا.

۴- عَجب آ ڏِنو مُونکي آعجاز تَن،
مَحبت وَارن سان جي مَحبت ٿا ڪَن،
جَفا جان ڪي ڏِيئي سَدا مُند سَدا.

ٹلھ: جيئري مُون کان جاني، جُدا تون نہ ٿين ها،
ڏسي مُنھنجون خاميون، خَفا تُون نہ ٿين ها.

١- آچي قُرب وارو چو پاتو ڪَمند هُئي،
جي پَردي نَشين هُئين ۽ پَردو پَسند هُئي،
تہ پَھلُو ۾ جلوي نُما تُون نہ ٿين ها.

٢- ڏنم اڳ نہ جيڪي، سي ڏُکڙا ڏيکاريئي،
مَٿي مُنھڙو مَٽرا بنان مَوت ماريئي،
سَچ ايڏو سنگدل صنما تُون نہ ٿين ها.

٣- گِلا ھن ۾ ناهي، هي فريا د آهي،
قَدر ڪونہ ڪيَرُئي ڇَڏيئي دِل تان لاهي،
تَڏھن تو چَوان بيوفا تُون نہ ٿين ها.

٤- نہ پانيو دنيا جي نَوابن تہ ڇا ٿيو،
چنون سات پنھنجن پراون تہ ڇا ٿيو،
مگر هڪ سِتمگر مَنا تُون نہ ٿين ها.

٥- چَوي شاھہ اعجاز پرين پيچ پائي،
ڪلي نينھن لائي ڇُنل ڦٽ ڇڪائي،
پَري پوءِ نالي خُدا تُون نہ ٿين ها.

تلهه: اَڄ پُورِ پرين جو پَرپور آتم- مَن مَست مگن مَخمور آتم.

١- چورُ چوَنِ کي چارِي چوَن، کي زَاهد چوَن کي زُناري چوَن،
کي بَازيگر بازاري چوَنِ، مُونکي چوبہ چوَن مَنظور آتم.

٢- مئي نوشي کري مَدهوش تيس، رَهي خيال جي خَاني خاموش تيس،
سِر رازِ رَبّي جو پوش تيس، کَيو ذَات ۾ گُم تي ظَهور آتم.

٣- ما اَعظم شَاني نَعرو هنيم، کَهڙو قَاضي مُلان جو قُصور کيم،
جيئن عِشق چَيو مُونکي تيئن چَيم، تي رِند رَهڻ دَستور آتم.

٤- مُنهنجو نينهن اَصل کان نرالو آ، پَکو پَاتل پيچ نوالو آ،
جِت چَنچل حسن جو چالو آ، اُتي چاکَن سبان دِل چُور آتم.

٥- اَعجاز عَلي ءَ جو غلام آهيان، تَنهن جي مَام ۾ مَحوُ تمام آهيان،
پِي جام چَپيندو نام آهيان، ڏِٺو مَستيءَ مَنجهہ حُضور آتم.

تلهه: مُون سان رَس کَس ۾ گَڏ گُذاريو نہ تو-مُنهن جي حَال هيٺي ڏي نِهاريو نہ تو.

١- هَر حال ۾ مُون سان رهائٽو هُيئِي- ناتو نينهن وَارو نت نِڀائٽو هُئِي،
مُونتي تَرس مِنتا مَن کائٽو هُيئِي- ويهي پَر ۾ اهو وِيچاريو نہ تو.

٢- مُونکي خُوار خَراب کَاري کَريو کَري- چَٽ چاهہ ڏيئي چوري چَريو کَري،
ڇَڏي پوءِ ڏنئي عَيبن پَريو کَري- آئون تہ مَيرو مَدو هوسِ اُجاريو نہ تو.

٣- تَوکي پَنهنجو کَري پِرين چاتو تي مُون- تُنهنجي پاران گهٽنئي سان پاتو تي مُون،
چا چا نہ تَولِئہ چُمي چاتو تي مُون- پَر مُنهن جو کَڏهن مَن تَاريو نہ ٿو.

٤- هاٿي وَئي وهاٽي آچي چا تون کَندين- پڇي دل سَچي پَلا کيئن تُون کَندين،
کَمڙي اَعجاز چَئي سَئين مُون لاءِ کَندين، جيئن آئون توڏي وَران تيئن وَاريو نہ تو.

ٹلہ: سِک ڏيو سِکندن سِکائين، ڇو پيارا ڇا سَبب،
مُنهن لڳيو مُنهنجو لِڪائين، ڇو پيارا ڇا سَبب.

١- ناز تُنهنجو ناز پَرور- لوڪ ڪان نيارو ڏٺم،
دَرِ سڏيو در تان ڌِڪائين، ڇو پيارا ڇا سَبب.

٢- تُون طَبيب آهين عَجب- تُنهنجي طَبابت آور آ،
ڪي چُنائين ڪي چِڪائين، ڇو پيارا ڇا سَبب.

٣- اک جي عاشق ڪان ڪَندين تون- ڪِيترو اک کي قَرار،
اک نتو اک ۾ ٽِڪائين، ڇو پيارا ڇا سَبب.

٤- قُرب جي ڏاڳي ڪَچي ڪي- ٻين هٿان ٻَهگڻ پرين،
ڇو چِنائين ڇو چِڪائين، ڇو پيارا ڇا سَبب.

٥- سِک جي چِڪ ۾ هڪُ آچي ٿيءَ- لِڪ لِڪوٽي ڇَڏ ڪٽي،
هِڪ ٿيڻ ڪان هَٻڪ ڪائين، ڇو پيارا ڇا سَبب.

٦- لڪ ٻيرا ڪَلمان پَڙهان- جي لڪ ٻيرا لَهرين لُڙهان،
چولِي تہ بہ هيءَ چِڪ چِڪائين، ڇو پيارا ڇا سَبب.

٧- عِشق جي باري ۾ توسان- سَوال آ اَعجاز جو،
مَنجهہ مِصر يُوسف وِڪائين، ڇو پيارا ڇا سَبب.

تلهه: تُنهن جي آچڻ وَاري انتظار ۾- پَانيان مَوج مَزو نہ بَهار ۾.
سِگهو آچ دلبند مُنهنجي رَوح جا پَسند- سَواءِ تُنهنجي هي هَنڌ وَڻن سُرها نہ سگهنڌ.

١- يَاد ۾ تُنهن جي يار پيارا- سُونهن پَريا هي سَيئي نظارا،
نااهِن مُنهن جي نَظر نهار ۾.

٢- تُون جو ايندين آچي هڪ ڏينهن- هڪ هيڪڙائيءَ جو جام بہ ڏيندين،
اِنهي طَلب ۾ آهيان اِنهي تار ۾.

٣- نيڻ هي تُنهن جي نيڻن جا گهورا- نيڻ پَسائين تہ تُنهنجا تورا،
گهايان هَر هَنڌ هَر ڪنهن وار ۾.

٤- آنجام آچڻ جو وَسڱُون نہ وسارج- وَاعدي وَفا ڪي پرتئون پارج،
ڪَجان گهٽ نہ ڪَڏهن اقرار ۾.

٥- آعَجاز چَوي اها پَڪ تو پانيان- توکي بہ ساڃي سِڪ تو پانيان،
هُوندين تُون بہ مُنهن جي سار سَنيار ۾.

تلهه: ڏوري ڪٿي سو ڏسان ڙي ڏسان- اڄ هينئڙي ساريو سڄڻ ڪي.

١- هينئڙو نہ منهنجي ٻڌڻ جو- ڪهڙي ٻنڌڻ سان ٻڌان ڙي ٻڌان.

٢- اکڙيون پرجي آيون- ڳوڙها وينتي اگهان ڙي اگهان.

٣- ڪير ڏيندم اهو ڏس مون- ڏاهي ڪنهن کان پڇان ڙي پڇان.

٤- صورت سونهن پرين جي، ڪيئن بہ ڪري پسان ڙي پسان.

٥- جتي هجي وڃي اتي الا، ڪيئن بہ ڪري سو ڏسان ڙي ڏسان.

٦- اُڏران اڏاهين آعجاز چئي- پرجي پکيئڙو هجان ڙي هجان.

ٿلهه: سِڪ جي تہ ڪَيا سَجدن، پٿر بہ پيٖي پاٽي - پٿر بہ پيٖي پاٽي آخگر [١] بہ پيٖي پاٽي.

١- ڪيئن نارِ خليل الله ڏس مانند گُلشن ٿي،
ڪيئن موسيٰ جي سامهون ٿيا منتر بہ پيٖي پاٽي.

٢- ڪا عِشق جي اڳيان ڪٿ، بربريت ڪانہ رهي،
ٿيا دَورِ هلاڪوءَ جا سَنسر بہ پيٖي پاٽي.

٣- هي عِشق سَوا هھڙو ٻيو ڪير ڪمال ڪري،
جَنهن پَل ۾ ڪَيا ڪَسريٰ قيصر بہ پيٖي پاٽي.

٤- هت شرط سچي سڪ آ، هت رمز رِندي گهرجي،
ٿا رِندلڪ ئي جا ڪَن دفتر بہ پيٖي پاٽي.

٥- ڪَو ڪِيئن بہ گَي ڪيڏو سھٹو جي سِتمگر ٿئي،
پر عشق بنائي ٿو ڏونگر بہ پيٖي پاٽي.

٦- مَردن جي جَسارت [٢] ڏس، مَردن جي حقيقت سُڻ،
ڪيا همتِ حيدرِ ڪيئن خَيبر بہ پيٖي پاٽي.

٧- جن جن بہ ڪمند پاتا، افلاڪ ٿپي اڳتي،
انصاف ڪيا تن جي سَيّر [٣] بہ پيٖي پاٽي.

٨- اعجازؔ اتئي جي سِڪ پرپور برابر پوءِ،
پٿر جو صنم ٿيندو هر هر بہ پيٖي پاٽي.

---

(١) آخگر: ٽانڊا (٢) جسارت: همت، طاقت (٣) سَيّر: سياره، تارا

تلھ: سَلِيان سُورَ توسان - سَچَن کَھڙا کَھڙا،
خَبَرِ وار آھين - پُڇَڻَ کَھڙا کَھڙا.

١- اِھا آ آجائي - ڏاڍائي وڏائي،
ڪِٿي آ جُدائي - جِھڄَڻَ کَھڙا کَھڙا.

٢- تون حاضر تون ناظُر - ذَري پُرزي ظاھر،
اندر توڙي ٻاھر - لِڪَڻَ کَھڙا کَھڙا.

٣- مِٺا مَن جا مُٺا - ڏَئي طعنا مِٺا،
ساڙي ساھ سُٺا - ٺَھَڻَ کَھڙا کَھڙا.

٤- کَڻي کَجُ کَمانا - ٻَترکَشِ پيڪانا،
ھَئي نت نُشانا - ھَسَڻَ کَھڙا کَھڙا.

٥- چوي اَعجاز بيوسِ - ڏِسُڻَ سان تون ڏِس،
مونکي مات آ بَسِ - چُلَڻَ کَھڙا کَھڙا.

جھڄڻ: ڳرڻ، فکر کرڻ، ڳٽني کرڻ

ٿلهه: آهين يَادِ پرين مُونکي ٿُون، هَر پَل ۾ پهر ۾،
هَر پَل ۾ پهر ۾، هَر شَام و سَحر ۾.

١- مُون جاني ٿُنهن جي ڪاڻ، پَنهن جي سِر تي جَفا ڪَئي،
جا مُون ڪان پُڳي تي سا سڄڻ مُون پِي وَفا ڪَئي،
هَر حال ۾ هَر خيال ۾، هَر مَوج لهر ۾.

٢- ٿُنهن جي ته پٺَي مُونکي، اَچان تار تڳائي،
مُنهن جي تي سُتل سَوز کي سا روز جاڳائي،
بَربَن ۾ هُجان توڙي هُجان بَحر شهر ۾.

٣- تو پيار پُڇي ڪونه ڪَڏهن مُنهنجو پُڇايو،
مُنهنجو ته اندر سَارو هي هو تولاءِ اُجايو،
تو قِياس ڪَڍي رُوح مان، پاتو مُنهن ڇو قهر ۾.

٤- مُون توکي ڏِنو دِل سان سو مُون توکي ڏِني دِل،
دِل مون سان ڳَنڍڻ جي ته بَجاءِ وِئين تون ڇني دِل،
آهڙو نه تِين ها حُسن جَواني ءَ جي ڳهر ۾.

٥- آئون نِينهن جي لايان ها، ته ڪِٿ لائي به سگهيس ٿي،
اَعجاز چوي لائي نِيائي به سگهيس ٿي،
پَر ڪونه مِليم تو پارين هن سَاري دَهر ۾.

ٿلهه: توڏي آئم اُهوئي خيال سُهٽا- جيڪو آچ ڪان سَچڻ ڪي سَال اڳي هو هر وار.

۱- جيئن جو تيئن آچان يَاد آ دِل تي- لَب سان لائڻ لَب ُلال سُهٽا،
جيڪو آچ ڪان سَچڻ ڪي سال اڳي هو هر وار.

۲- اڪين آڏو روز ڦري پيو- هُو جو هُتي وَارو حال سُهٽا،
جيڪو آچ ڪان سَچڻ ڪي سال اڳي هو هر وار.

۳- سَاڳيءَ طَرح سَامهون تُنهنجي- مُنهنجو آتو ڪي سُوال سُهٽا،
جيڪو آچ ڪان سَچڻ ڪي سال اڳي هو هر وار:

۴- ڪونه مَنيو مون ڏسڻ قَديمي- ڏِس ته مُنهنجو هي ڪَمال سُهٽا،
جيڪو آچ ڪان سَچڻ ڪي سال اڳي هو هر وار.

۵- اَعجاز چوي آئون عَجب ۾ آهيان- ڪِيئن ٿو وسارين سو وِصال سُهٽا،
جيڪو آچ ڪان سَچڻ ڪي سال اڳي هو هر وار.

تلهه: سِڪ جي هٿن سان سَوزان - پرين پاڻ ويٺو سورِين،
ڪِيئن آگ سا اُجهي پوءِ - جَنهن کي تون سورين ڦورين.

١- پرين لوڪ ڪسانِ لڪايو - مَچ ڪي اَچين مَچايو،
پَهٽن کي تو پَچايو - رُڪ هَاڻ چو ٿو گورين.

٢- مَهِ تابان هُوبَهُو تون - شَمِ خُوبان هُو بَهُو تون،
سِڪ سوزان هُوبَهُو تون - جَلندڻ جَلائين جهورِين.

٣- اچي سيڪ سِڪ جو جَنهن کي - سُجهي سيڪ سِڪ جو تنهن کي،
هيءَ ڳل نه پَئي پي ڪَنهن کي - ڪِيئن تو چُوانتي چورين.

٤- سِڪ جِي اگن چوان هيءَ - لَنئُون ڪِي لگن چَوان هيءَ،
جِيءَ جِي جَلن چَوان هيءَ - تون ئِي ڏين تہ تون سَنيورِين.

٥- ڪَڏهن تہ مُنهن پَسائڻ - ڪَڏهن تہ مُنهنِ لڪائڻ،
ڪَڏهن تہ ڳُجهو ڳالهائڻ - ڪَڏهن ڪُجهہ نہ اورين.

٦- سَواءِ تو نہ هيءَ ڪو ياري - سَواءِ تو نہ هيءَ ڪو نَاري،
سَواءِ تو نہ هيءَ ڪو ڏاري - ڪو ڏاري تہ سِر تون گهورين.

٧- هِن برهہ جي بَيتر سان - مَچ مَحبتي مَمَزَّسَان،
اَلعِشق جي اُمتر سان - کَوهہ طُور تون ڪَورين.

٨- سڪندن لاءِ سِڪ جون بَاهيون - نئين سِر سَچڻ سَنباهيون،
چَيائين اسين تا چَاهيون - اَعجاز چَپ نہ چورين.

تلم: ڪَريان حال چا آحوال- جَرمون جال وَهايا،
بـ-ي نِياز جي نـاز- بِرهه بـاز بَچايا.

١- ڪَري ويس ڪولبيس، هِن ديس تـي آيـو،
بـي حِجاب تـي نِقـاب، مَاهتـاب اُتـايـو،
ڪِلـي ريـب سـان فِريب، بي عـيب پُـلايـو،
تنهن ڏينهن لڳو نينهن، اڪين مينهن وسايا.

٢- ڪُنـيل وَار خَمـدار- چَڏيـا يـار چَوڙي،
ڪَجل ڪَيف واري سَيف، سان تو ضيف[1] نهوڙي،
سُو مَحبوب ۽ مَرغوب[2]، خَنجر خُوب ويو ڪوڙي،
ڏيئي سُور مَنجهه ڪُهور، نَوان سُور تَنهن لايا.

٣- جِـن يَـار پَـڳدار رُهـڪ وَار سُـچاتـو،
تِي هـيچ سَرويچ تـنـي پـيـچ آپـاتـو،
اُهي رِيهـان ڪَن ڪِيهـان رُئـن ڏِينهـان رَاتـو،
اُتن تَانگهه سِپ وَانگ تيندن سَانگ سجايا.

٤- عِشـق شَاهـه جي بَاهـه، پَتـر پَاهـه ڪَيـڙا،
جَلـي مِيـر ڪَئين آمـيـر پَچي وِيـر وِيـڙا،
سَنـدا شـان چَڏي مـان، تِي قُربـان پيـڙا،
اعجاز ا ذَوق اِنهـي شَوق لڪين لـوڪ لُچايـا.

(١) ضَيف: مهمان . (٢) مرغوب: دل پسند

ٿلهه: دِيوانو دلربا ڪيو، دڪيا ڏئي ڏئي- آنجام آسرا ڪئين عَرصا ڏئي ڏئي.

١- مِلندو هو اَڳ تہ هَر هَر، هَٿي لِڪيو لِڪي- گهونگهٽ نقاب رُخ سِر پَردا ڏئي ڏئي.

٢- شُعلا شَرارا شَمع ڪان، سُهٽي جا شوخ شوخ- جِند جَان جِيءَ جَلائين جهلڪا ڏئي ڏئي.

٣- مَحبوبُ مُونکي ذَر ذَر تو اهِ کُٺو ڪَري- تَلوار حُسن جا گَلي گهڪا ڏئي ڏئي.

٤- دِيدن سَنديون دُناليون ڏيڪاري دَم بَدم- دِليون ڦُري تو آڪثر دَڙڪا ڏئي ڏئي.

٥- مِليو نہ پَاڻ ۾ نَکي ڪَنهن سان مِلڻ ڏئين- ڏاڍي ڪئي سِتمگر ڏَنڙا ڏئي ڏئي.

٦- جَنهن دَم بہ آئون بِرهہ ڪان بيزار ٿي پِڳس- تَنهن دم موٽايو دِلبر چَٽڙا ڏئي ڏئي.

٧- مُون مسجدون بہ پِيتيون مَحبوب جي ڪَري- پَر بي مُراد موٽيس سَجدا ڏئي ڏئي.

٨- مُنهن ۾ حَسين مَهربان، ڪِردار ۾ قَصاب- چُريون اکين جون وَاهي تو چِيرا ڏئي ڏئي.

٩- آعجاز جو جُنون، اڳي ڪان بہ اڳيرو- تَسليٰ ڪئي طَبيبن خَاڪا ڏئي ڏئي.

قصاب: ڪاسائي

تلهہ: تُنهنجو سُنهُن تہ سَچڻ تُنهن جي سِر لاءِ، سَڀ عُمر گُذاريم سِڪي سِڪي.

١- وَرهين کَان وَٽي سُهٽل سائين وَڏيل تُنهنجو آهيان،
وَڏِ اهي وَڏي ڦَٽَ نِپٽ ٿيا، چُڻ تو مُشڪل ڀَانيان،
سِڪ جي سَهاري هَلان چَلان پيو، نہ تہ مَران هُوند ڇِڪي ڇِڪي.

٢- رَمز ۾ آهي رَت رُنو مون، تنهن جي دَردِ هجر جو،
جڳ جي اڳيان ڪِلي لِڪايم جاني زَخم جِگر جو،
ڳُجهڙي سُور ڪي ڳجهہ ۾ ڳايم تَاريءَ تَاريءَ تِڪي تِڪي.

٣- لاڪَسڻ تو لاءِ لاَل وَهي، ويهي ويهي وِجايم
ڏيس وارا دِل تان ڀُلائي، تُوکي پَنهنجو ڀَانيم
عُمر حَياتي پَنهنجي سَچي مُون، سَمجهہ تہ تو وَٽ وِڪي وِڪي.

٤- لوڪ تہ سُهٽا لک لهي پَر، تُنهنجي بَجا ڪو ٿيندو،
تو جيئن مُنهن جي مَرض دَرد جي، چَا دَوا ڪو ڏيندو،
تَڏهن توريءَ مُنهنجا مُحب مِٺا، هر مَحفل آمون لاءِ ٿِڪي ٿِڪي.

٥- اَعجاز چَوي هَر حال خِيال ۾، دِلبر دل آ تُوڏي،
سَار سَچي ءِ تَار طَلب سَان آهيون گَڏجڻ ڳوڏي
پَر ظَاهر ۾ بہ جي پيارا مِلين، تَان عَجب ٿئي پَنهن جي اِکي اِکي.

ٿلھ: موٽ مِٺا دِل جاني وي - پِرت سَنديون سٽي يار پُڪارون.

١- مُند بَھار جي موٽي آئي - مَست هَوا مَستاني وي،
موڙ وَصل جون مُحب مَھارون.

٢- هينئڙي مُنھنجي تي حُزن تُنھنجي جي - هَردم آحيراني وي،
حال جا حاذق ڏي ڪو دَارون.

٣- پارس پيارا يار پَسائج - پُونم ماھ پيشاني وي،
پَرم ڪَيان پَٽي تُنھنجون پَچارون.

٤- جَوش جُدائي جي آھ جَلائي - مُنھنجي جَوت جَواني وي،
جَھر جَھنگ ڪَرايم عِشق جُھونگارون.

٥- آچ تہ تين هي مُشڪ عَطر جيئن - چَوڪا ماڳ مَڪاني وي،
اعجاز چَوي مَج اگلي آرون.

ٿلھ: اجان تُون نہ آئين آلائي چو اِيپيارا - تولِئہ نينہ هي هِت آهن انتظارا.

١- اِنھي مُونجھہ سودا، پريشان ڪَيڙو - هنيو حال حَيرت ۾ حَيران ٿيڙو،
وَھم حَول دِل تي، آيَر ڪَئين دِلارا.

٢- تُنھنجا چَارا رَاهون، تَڪيندي تَڪيندي - ڏُکيا ڏينھن رَاتيون ڪَٽيندي ڪَٽيندي،
آيو دَم لَبن تي آچي مِل خُدارا.

٣- هُيم جي اُميدون، اُهي سَب پَسم ٿيون - رِٿون رُوح وَاريون خُوشيون سَب خَتم ٿيون،
زَھر زندگي تي جِيءَ جا جِيارا.

٤- ڪَجل سِيند سُرخي، ڪَيان ڪِيئن سَواءِ تو - وڳا ويس پَائي وِهان ڪيئن سَواءِ تو،
لڳي تُنھن جي لاَري، چِنا سگ مُون سارا.

٥- آچي سُھٽا هيڪر، صُورت وَج ڏيکاري - نَظر پيار وَاري وَري ڪر تون وَاري،
تو اعجاز چَئي تِيَن، نَوان ڪي نِظارا.

حزن: ڏک، گهٽتي، غم

ٿلهه: ڳالهه به موهي مَاري وِئين، تُون اَڄ به موهي ماري وَڃ،
عِشق اکين ۾ پائي پيارا، پارڻ پيهر پاري وَڃ.

۱- پاڻ سِينگاري گُهنڊ اُٿاري، مُنهڙو ڏهاڙي ڏيکاري وڃ،
نيڻ گُلابي نِيم ننڊاکا، ڇائي ڇتائي نِهاري وَڃ.

۲- جان جُدائي مَنجهه جَلي ٿي، ڳا ته گهڙي گڏ گهاري وڃ،
پيار مَنجهان کو پَنهن جي هَٿن سان، پَٽُ پريم جو پِياري وَڃ.

۳- مُحب مِجاز جا مَچ مَچائي، دِلبر دِلڙي اُٿاري وڃ،
بَاز حَقيقت وَارو بَچي پوءِ، عَرشين خِيال اُڏاري وَڃ.

۴- سِکڻ جي مُونکي سُڌ نه پُوري، سِکڻ پِلا تون سيکاري وَڃ،
ڪِيئن سِکان تو لاءِ ڪِيئن سڙان آئون، پَهه اهو ته پَچاري وَڃ.

۵- اکيون مِلائي پَنهنجو بَنائي، وَر ڏئي مُونکي وَالاري وَڃ،
آئون به سَڏجان تُنهنجو اَعجاز چَئي، نالو رکي ننگ پَاري وَڃ.

ٿلهه: جِيئڻ ڪَهڙو آ جَانب ڌاران - وِرهه وِڇوڙو ٿو ماري، هَر هَر ڳَاري.

۱- ساريون راتيون سارا ڏِينهڙا، سَاهه سَڄڻ کي ساري، دَم نه وساري.

۲- سَوز پُرا ٿو سُور نَوان، آڇي پاند پِيا مون پناري، سانوڻ سِياري.

۳- ڏُوهه پِئي جو ڪونهي يارو، لڳاسون جَنهن جي لاري، سو پيو رُئاري.

۴- اَعجاز علي شَاهه مُرشد سائين، اَڳڻ آڇي جي اوتاري، مُئي دِل جِياري.

ٿلهہ: آئون اِئين ڪيئن چوان، جانب تو کا ڪئي آ جُدائي.

١- ٻولي ڪئي مُون ٻانهپ واري- گولي آهيان سا عُمر ساري،
پُوري ڪٿهن نہ پوان پوان- پاڻ ڪري توسان جائي.

٢- صُورت سُهڻي سُونهن اِلاهي- لالي لبن تي سُرمي سِياهي،
نازَ وري نِت نوان نوان- ماڻن ٿُنهنجن دِلڙي چورائي.

٣- حاڪم آهيو حُسن وارا- رُوءِ زمين جا روشن تارا،
جِيئن هلو تيئن سنوان سنوان- ڪانهي آوهان ۾ ڪابہ ڏنگائي.

٤- مُونکي ناهي ٻيو ڪو مُطالعو- نيڻهن پڙهايو ٿُنهنجو نالو،
روز هِجي ۽ روان روان- وات اعجاز جي اِهائي وائي.

ٿلهہ: توسَواءِ تُنهنجي سَجڻ، تَصويرِ خيالي ٿا ڪَندي،
بي حُضوري عاشقي، نَخچير خِيالي ٿا ڪَندي.

١- سال سڪندي ٿيا اٿم، پر مَن نٿو ٿئي مُطمئَن،
غائبانا دوستي دل ڏير خِيالي ٿا ڪَندي.

٢- ڪانگ قاصد ٿا ڪَندا، پَيغام پانڌي ٿا ڪَندا،
خَط و ڪتابت ٿا ڪندي، تَحرير خِيالي ٿا ڪَندي.

٣- ميل مَحبت مُهر و مَروّت، هَم خَيالي جي بَجاءِ،
بي رُخي جَلادگي بي پير خِيالي ٿا ڪَندي.

٤- مُون وَڏائي وَس ڪَيا، پَر نا اُميدي پئي پَلئہ،
تقدير ۾ ناهي وَصل، تَدبير خِيالي ٿا ڪَندي.

٥- هن مُرغ دل دانا ءِ، از خُود الف آزاد ڪي،
زُلفِ دُتاوارو ڪَمند، زَنجير خِيالي ٿا ڪَندي.

٦- تَوڙئُون تَنازع(١) ڪاڻ جو، تَڪرار ضِد ٿي آ بيٺو،
تَنهن بَدُوءَ(٢) بي ڏِيان ڪي، شَمشير خِيالي ٿا ڪَندي.

٧- آءُ آچي اعجازؔ چئي، تُون ٿي مُلاقي رُوبرو،
توسان توري گُفتگو، تَذڪير خِيالي ٿا ڪَندي.

(١) تَنازع: جهڳڙو، تڪرار (٢) تَذڪير: ذڪر

تلهه: بي دَرد بيوفا جي- بَرتاءِ بي رُخيءَ کان،
رَهٽو مُونکي پَري پيو- پَنهن جي غَمي خُوشيءَ کان.

١- بَهتر آهَي هُن کَان- آئُون بہ پاڻ پَليان،
دَامن بَچِي پَوِي مَن- هُن جي مُنهن جي بَدي کان.

٢- اي دِل هَزار ڀيرا- دُوري وَڌيڪ آهي،
کَنهن بي قَدرِ ستمگر- جي پيچ لَئون لَڳيءَ کان.

٣- تُنهنجو ڏِسڻ تَکڻ رُخ- ميلو مِلڻ بہ گهوريو،
جَنهن وَٽ سُڃاڻ دِل جي- نَاهي کَشمَکَشيءَ کان.

۴- نِکريو وَڃن ڏُکاريون- سَنگ دِل جي حَق ۾ هاٺي،
آهون هي بَعضي دانهون- دَر ماندي دل جَليءَ کان.

۵- کَنهن تي مَيار کَهڙي- کَنهن جي خَطا نہ کائي،
مُنهن جي وَفا لُڙهي وَئي- مُنهنجي ئي سادگيءَ کان.

٦- کَهڙي طَرح وَٽايان- دُنيا کي پاڻ پِنهنجو،
آهيان نِکار جَڏهين- دُنيا جي کَم کَميءَ کان.

٧- جَنهن جو جيئڻ وَڃي ٿيو- بَرزخ جي جيئڻ وانگي،
تَنهنکي ڇا هاڻ حاصل- سِڄ جَهڙي صُورتيءَ کان.

٨- اَعجاز جَنهن جي آئون- ڀِيس پيار جي نہ قابل،
مَرٽو بہ دُور پَئي وِيم- تنهن جي شَهر گَهليءَ کان.

ٿلهه: دَم نہ سَهان ٽُنهن جي دُوري آلا - ويجهو ويهي وَري وِڇم مَرِ وڃيون.

۱- تَرسي تو لاءِ ٽُنهنجا نِهاريم، تَڙ تَڪيا سَڀِ تڃيون آلا،
ذوق ۾ ڀَانيم ائهِين ضَروري.

۲- چُستيون چَلاڪيون چَنچل چاليون، عِشق جي چوٽن ڃِڃيون آلا،
ساهه سَدا ڃيم مَڃي سِر سوري.

۳- جُڳ جُڳ جَنهن لاءِ تو در جاني، جُڃيون جڳن جُون ڪُڃيون آلا،
پِرت بَچايئي سا مُونکي پَڪ پُوري.

۴- اَچ تہ اَعجاز چَئي پاڻ ۾ پَنهنجون، پُوريون ڪَيون اَڳِ رِڃيون آلا،
جِن جي مِيثاقان آهي مَنظوري.

ٿلهه: آهيان آئون آجان ٽائين مُنتظر- ڏسان ڪَڏهِن ٽو مُون سان وَفا ڪَرين،
مُون سان وَفا بہ مُنهن جي ئي دِل وَٽان- نہ تہ سَمجهندس تہ ٽو دَغا ڪَرين.

۱- ٽُنهن جي وَاعدن تہ ڪُنم گهٽئي- ٽُنهن جي آسِرن تہ مُنم گهٽئي،
ٽُنهن جي ساڪپڻ ڪي ڏِنم گهٽئي- رڳو عاشق سَان ٽو آنا ڪَرين.

۲- ٽُنهن جي وَفا جو مُونکي ضَرور آ- ٽُنهن جي وَفا ۾ مُنهنجو ظَهور آ،
تيسين ذَات مُنهن جي مَستور آ- جيسين نَٽو تون جَلوي نِما ڪَرين.

۳- جي وَفا نہ پُڄئي تہ جَفا بہ ڪَر- جي نيڪي نہ پُڄئي تہ گلا بہ ڪَر،
آختيار راهه تُون ڪابہ ڪَر- ڇو ٽو خَتم ڀَئي رَستا ڪَرين.

۴- ناهيون پاڻ آچ جا ڪي آشنا- جو نہ سَمجهون هِڪ ٻئي ڪي مِٺا،
ڇَوان سَچ مگر اَعجاز چَئي- ٽُون چوندين تہ ٽو شِڪوا ڪَرين.

مَستُور: پردي ۾ لڪل

تلهه: مُون ڏٺا ھا اڳ ۾ تُنهنجا مُحرمانه آرپيار،
هاڻ ڪيئن پردا سهان، ۽ غير گانه آرپيار.

١- تُون بہ مُنهنجو آشنا، آئُون بہ تُنهنجو آشنا،
پوءِ بہ مُون سان ڪيئن ڪرين جيئن ڪن بيگانہ آرپيار.

٢- تُنهن جي دِل جي تُنهن جي رُخ مان- پئي خبر مُون کي پوي،
دِلربا لاشڪ وساريئي- دوستانہ آرپيار.

٣- بادشاهن ۽ درياءُن- جا بُڌم پهہ پُور جيئن،
هوبهو تُنهنجا ڏٺم تيئن- جانِ جانہ آرپيار.

٤- توڙي چريا مست آهيون- تُنهنجا تہ بہ سمجهيو وڃون،
بي دِلانہ آرپيار ۽ با دِلانہ آرپيار.

٥- ڪين ڪوڙا سمجهہ ڪڏهين- سڀ سچا ثابت آئئي،
عاشقانہ راز نياز ۽ عاشقانہ آرپيار.

٦- مون لئہ مهنگا ٿين لئہ سستا- اي مٺا محبوب چو،
مهربانہ يال ياڪر دِلبرانہ آرپيار.

٧- آئُون وساريان ڪيئن اُهي- اعجاز چئي تُنهنجا عجيب،
لب لبن تي وصل دم ٻانهون سرانہ آرپيار.

ٿلهه: جي هُجئي فُرصت تہ پيارا - پائي وَج ڪا جهاتڙي،
تُنهن جي عاشق جي آتو لئہ - دِل گهٽي اَڄ آتڙي.

۱- طَلب ٿي تَڪرار تُنهن جي - ڪِيئن ڪَيان آئون صَبر،
مُنهن ڏسان مَحبوب تُنهنجو - ٿئيم تَن تَسلاتڙي.

۲- ڇُور مُونکي ڪَيو ڇُرڻ ڪان - تُنهن جي چِشمن هت ڇُني،
ڪانہ مون ڪان هاڻ پُڇندي - تو سواءِ ہِي باتڙي.

۳- حال هاجُون هَڙ وساري - اَڄ مِتا مُنهن جي تَڏي،
باخبر ٿي باوَفا - پوءِ برهہ جِي سُڻ باتڙي.

۴- جو مِلڻ جو ڏِينهن ڏين - يا جا مِلڻ جي رات ڏِين،
ڏِينهن سو سوغات پانيان - رَات سا باراتڙي.

۵- مُنتظر ٿي ٿي آڪيون - هي نيت پَرجي آگميون،
ڏِس مَتان ڪِٿ ڪَن نہ مُنيون - مُند بِنا برساتڙي.

۶- آڳ نہ ڪَڏهين هيڏو ڪَنهن لاءِ - بي آرامون آئون ٿِيس،
تو آلائي آعجاز ڇئي - ڪَئي ڪَهڙي گهائي گهاتڙي.

ٿلھ: زندگي زَهر آ تو بنا، توکان پل نہ پري مان ٿيان،
جلي جان جگر تو هنياءِ، زندگي زهر آ تو بنا.

١- نڪي ننڊ نيڻين ڦٽو آرام آ سڪ تنهنجي تن ۾ تمام آ،
جيءُ ۾ جولان آ موت مهمان آ اهو ارمان آ،
توکان ڌار نہ دلبر جيان.

٢- لڳي آڳ اندر ۾ باهہ ڀڙڪي پئي دل درد اثر کان ڏڙڪي پئي،
هي دل مدهوش آ خوشي خاموش آ برهہ بي هوش آ،
ڳنهن ڪي حال هي دل جو ڏيان.

٣- رات انڌيري آ گهٽجي ٿو هيءُ دم اهو اعجازؔ اندر جو متجي نہ غم،
چپ ڪيئن رهان ويٺو سور سهان ڪٿي گهولي لهان،
تنهن کان قاتل ملي تہ پيان.

ٿلھ: مَاري مَاري نَہ مارِ سُهٽا - ڪَرِ ڪو قياس ڪُنل جو.

١- ڪايا مايا ڪِينَ مَنگان آئون، تُنهن جي آتم دَرِڪارِ سُهٽا.

٢- عِشق آسان سِر آگم لايو، نيڻين وَهن پيا نار سُهٽا.

٣- ڪَر مَسيحائي ماٺا چڏي تون - جاني جَنازا جِيارِ سُهٽا.

٤- مِهر مَنجهان ٿي مُرڪي هيڪر، جَام پريمي پِيارِ سُهٽا.

٥- حُجت جي ڪا حاجت ناهي، حال ڪَريان چا هَروارِ سُهٽا.

٦- دَرد مُنهن جي جِي تُون دَوا ڏِينديِن، آهيان تُنهن جي آڌارِ سُهٽا.

٧- هِيءِ ويل مِلڻ جِي وَاجب آهي، وَائي وَصُل جي وارِ سُهٽا.

٨- ياتي آچي ٿي يار اعجازؔ سان، رَنج رُسا مان وِسارِ سُهٽا.

تلم: تُنهن جي مِلڻ کان وَڌيڪ، تُنهن جي جُدائي بَهتر پَانيان.

١- تُنهن جي وَفا کان تہ تُنهن جي بيوفائي- ڏاڍي لڳي ٿي مُونکي سٺائي،
تــوڙي غَمــن جا آورِيــڪ(١)- تــہ بــہ سَرهــائــي سَر سَر پــانــيــان.

٢- هِجر وصــــال جو راز پَروڙيم- ۽ سِڪ نــــہ سِڪ جو ســـاز پَروڙيم،
سَوز سَواءِ سَڀ تَاريڪ، ڪَانــہ سَهــائــي ڪَنــهــن پَر پــانــيــان.

٣- تُنهن جي ويجهائيءَ وَارا ٿـورا- ڪِين ٿا سَمجهن ماڻهو پورا،
شَوق بِنـا جي شَريـڪ- طَوق تُنـهـنـجا تــوتِن سِر پــانــيــان.

٤- ڏُور جي توکَان تُون تن لاءِ ماندو- وِيجها جي توکي تُون تن لاءِ ويساندو،
تــوکـي نــہ جيــکـي نَزديــڪ، تُنـهــن جي پَلائـي تــن سِر پــانــيــان.

٥- تُنهنجا گهورا ٿِيندا کي پورا- سي بہ صَفا کي بِلڪل ٿورا،
تَن ســان بــہ تُنـهـن جي شِيـڪ(٢)- ۽ مُنهن گُهنجائِي آڪثر پانيان.

٦- چِت ۾ آئـم جا تُنـهـن جي چاهت- شَل سـا اَعجاز چِئي رَهي سَلامت،
سَرس سَدا هِڪ ســاريـڪ(٣)- نــہ تــہ عُمــر آجائـي آبـتـر پــانــيــان.

---

(١) اوريڪ: گهٽو، وڌيڪ، مينهن (٢) شيڪ: ڏاڍائي، ڪاوڙجڻ، نفرت

(٣) ساريڪ: لڳاتار، سدائين

تلهہ: هُو ڏِسي مُون کان هُوِيا۔ هَر دم حُبِ هِڪ جِي رَهي،
لَوڪانِ لڪي جَنهن ليئڙو پاتو۔ رڳو ياد سَنديس لِڪَ جِي رهي.

۱۔ سُونهن جي ساراهہ ۾ پَنهنجو پاڻ مَٽ هو پِيو نہ ڪو،
جوڙ جڪ جو جِنسِسار هو، بَس لوڏ لڪ لڪ جِي رهي.

۲۔ پاڪ پَوشاڪ پائي پرين، ميم سانُ مُرڪيو پئي،
جَواهري داتا آڪ ڏِسي، حَقيقت سچي حَق جِي رهي.

۳۔ مُنهن مَسجد هو مَحراب مثل، مُون ڪٽي ڪَعبو ڪيو،
سامهون کَيمَ سَجدو اُتي، اها ڳالهہ ساري سِڪ جِي رهي.

۴۔ جَو نہ مَجي مَحبوب کي، سو ڪافر چَوان ڪُفران مان،
آعجاز جِيئَن هو مُون ڏِنو، تيئَن ئي تَنهن جي ڇِڪ جِي رهي.

تلهہ: تو سَچِ سِڪڙي ڏِني۔ مُنهنجو تہ ڪو رايو نہ هو،
پَنهنجي پَڌرائيءَ جي لاءِ۔ ڇا پيچ تو پايو نہ هو؟

۱۔ نينهن جي نَاليءَ نَاتي۔ جي پَيَمَ تو کان خَبر،
آئون تہ هُئس نا آشنا۔ اڃ نينهن مُون لايو نہ هو.

۲۔ يَاد ڪَر اُن ڏِينهن کي۔ جَنهن ڏينهن لَبُ، لَبَ تي رکي،
پِيار ڏَئي پَنهنجو مُونکي۔ تو ڪُجهہ کي فَرمايو نہ هو.

۳۔ هُت تو موهيو هُونئَن مِنا۔ ۽ هت تو موهيو هيئَن وَري،
مَهہ جَبين مَحبوب تي۔ تو کُهور سَان گهايو نہ هو.

۴۔ جي آچيئي پَت پرين۔ "آعجاز" چَئي هِن ڳالهہ تي،
تو سَواءِ تُنهنجو قَسمہ۔ هِن دل ۾ ڪو آيو نہ هو.

ٿلهه: هاڻ تہ جُدائِي ڇڏ او سِتمگر، گهڻِئِي سهايو سِڪايو اٿئِي،
نِينهن جو ٿَٽُ بدنامُ نپٽ، ناسُورُ ورِي بہ چِڪايو اٿئِي.

١- سالَ سنيارِ تہ ڪيڏا ظالمَ تسِيا ڏيئِي تسايو اٿئِي،
پَنهن جي چاهيندڙَ عاشِق ڪان، ڪيڏو ڏُور ڏسايو اٿئِي.

٢- ڏُک ڏُکن تي ڏيئِي اُلٽو، ڏکويلُ ڏيل ڏکايو اٿئِي،
ڏاڍُ ڪمائِئي چا هَٿ آيئِي، کِهڙو پگهڙُ پرايو اٿئِي.

٣- ڪيئِي گهٽا پرَهِڪ بہ مون سان، وعدو ڪونہ وفايو اٿئِي،
سَمجهي دِيوانُو پاڳَل مُونکي، لَحظي لَحظي لُيايو اٿئِي.

٤- پَري پَري ڪان جلوا ڪَري ڏِس، ذري ذري تڙپايو اٿئِي،
قرِيب نہ تِين ٿو دِل نہ ڳنڍيِن ٿو، يارُ ڪي يارُ نہ ڀانيو اٿئِي.

٥- دُورِيءَ وارا ڏنگَ وِجهي، تانگهُن ۾ ترسايو اٿئِي،
دَرشنَ ڪاڻ سِڪائِڻُ ڪنهن کي، سانولَ ڪِيئن سيبايو اٿئِي.

٦- جَرحَ ڪريِن ٿو جرحن تي، ٻيو عِلاجُ نظر نہ آيو اٿئِي،
ويڄُ سَڏائِڻُ ٿَٽُ نہ ڇڏائِڻُ، مُنهن تي ڪونہ سُونهايو اٿئِي.

٧- اَلستُ چئي پوءِ وقت اَزلَ جي، پيچ اعجاز سان پايو اٿئِي،
يادِ اٿئِي يا وسرِي وِيئِي، يا ياد نہ ڪنهن ڪرايو اٿئِي.

پگهڙ: سوڀ، ڪاميابي

ٹلهه: مُنهن جي توکان سَواءِ سُھڻا سَرَندي پَئي،
تنهن جي پيار بنان دِل پَرَندي پَئي.

١- هاڻي هيڻن وَجي پَنهنجو هوش ڪَندس- هَر ڳالهه تُنهن جي فراموش ڪَندس،
توتان خيال ڪَٽي خاموش ڪَندس- توڙي جان جُدائيءَ ۾ ڳَرَندي پَئي.

٢- توکان پاڻ پلڻ جي ڳولي ڳَري- ڏيندس دل نہ وَري ويندي پوءِ سَري،
باقي باهہ آزل کان جا آهہ ٻَري- سا باهہ بَدَن ۾ ٻَرَندي پَئي.

٣- تون ڪونہ مُنهنجو رازدانو هُئين- نڪي دَرد مُنهن جي جو دَرمانو هُئين،
تون تہ مُون لاءِ هڪڙو بَهانو هُئين- ڪولي نيٽ اِها ڏيٺي وَرَندي پَئي.

٤- هن ديواني دِل جا ڏوراپا سُٽي- ٽيندِيہ اَعجاز چَئي دِل گرم گهٽي،
ناهيان آئُون بہ نِڌٽکو آئم ڏٽي- ڪندو موليٰ عَلي ٻيڙي تَرَندي پَئي.

ٹلهه: مُنهن نہ آسان کان تُون موڙ سُھڻا آسين اَصل کان آهيون غلام تُنهنجا.

١- عَرض توکي هي ڪَن ٿا عاشق- نينهن نماڻن سان وي نازڪ،
لائيئي تان ڪَر توڙ.

٢- پهريائين سَڏائي پيار ڏيئي پيارا- سِڪ وَندين جي پوءِ سيني سَچارا،
خَنجر جدائي جو نہ کوڙ.

٣- مُنهن موڙڻ جو ڇَڏِ خيال مَٺائي- عِشق تُنهنجو مِڪ ماس تو کائي،
شينهن واري ڏيو گوڙ.

٤- اَعجاز چوي آچ حِجاب لاهي- تو سَواءِ جيءُ جاءِ ناهي،
تيءُ جڏن سان جوڙ.

تلھ: اُھي ابتدا مونکي مِلندا، وڳان جي وِيَمَ وَرَه ويهي.

١- آچي جي حال ھڪ ٿيندا، ٻُڪيون ٻَھڳن ڏسي ڏيندا،
ڪَري ننگ نال نٽر نيندا، ڪاپارِي ڪَرَجلي جلندا،
ڪَيئون جِيھي ٿينديَن تيھي.

٢- ڏِنيون جِن ٿي وِرهه وٺيون، ڪولي جَھڳ مڳ مَٽي مَٽيون،
اُنهن ريءَ پٽي وِيِيون گھٽيون، هُنا ياڳين ٻَختين ٻُلندا،
صِفت تَن جي ڪَريان ڪَيھي.

٣- ڏاڍا ڏُک سُور ڏِنم هَردم- سُھمان صَدمان سَنم هَردم،
آچان تہ ٻہ آس اٿم هَردم، صحن ھن تي سَجڻ تلندا،
سِينگاري نِيڻ نَنگي نِيھي.

٤- ڏِني آفال وَاداٿي، آھي وَڻ وَڻ اهاوائي،
مُنھن جي لٿون ٻہ گاگھائي، مون سان خُوش ٿي وَري ڪِلندا،
پرين اَعجاز پڪي پيھي.

ڪاپاري: مغز ڪوري، ڏنجھو

ٿلھ: گَنڍجي گُذار گُل[1] عَذار اوي - لاَھ مُنيءِ تان لوڪ جون ٽوڪون.

١- ڪِين وَٽن تـا ٽوريءِ دل کـي - هار سـيـنـگـار ويس سـارا وي،
طَعـام ٽَراوتـي طُول وِهاڻا وِهـ تـيـا مـنـگـهـٽ[2] مُهـارا[3] وي،
آهڙيون وِڏيون مُونکي تُنهن جي عِشق طوقون.

٢- ٽَرڪ ڪَيا مـون تُنـهـن جي خاطر- مـاٺـهـو وَطن جا مـوچارا وي،
طَعنن تُنکن سِينو ساڙيو- مَن تي چَڙهياڪئين مُونجهارا وي،
سَورن سَچيـون سِر نَيـون نَيـون نـوڪـون.

٣- سَيئي مُندون تنهنجي سِڪڙي سانڍي- ووڙيم توکي هَر پارا وي،
سَمـنـد دَريـاءِ شَهـر بَاغـيـچا - روهَ رُلـيـس ريـگـڙ يـارا وي،
سَوجهـي سُجهـيـم سَايـون سـوڪـون.

٤- ڪـائـڻ آچن تـا اَعجاز چَوي هـي- آسـڻ خَالـي اوتـارا وي،
سُور اِنـهـي ڪـان پَائـي مُنـهـن مُونـين- نِيـر وَهـايم نـارا وي،
آءِ وَسـاءِ آچـي اُجـڙيـون جـهـوڪـون.

(١) گل عذارا: گل جهڙو چهرو (٢) منگهٽ: تاج ڪلنگي
(٣) مهارا: سيج، پلنگ

تلم: سکندي يَار پيارا، نيٺ وِياسون آڄ مِلي،
هِڪ ئي جا حَال وَارا، خُوب ٿِياسون آڄ مِلي.

١- آسرن آرسن اُميدن انتظارن ۾ مَري،
جڳ اَندر جَاني وَري، جيڪر جِياسون آڄ مِلي.

٢- تَارتَانگها تيز ڏَارا، ٽُرهي توڪل جي تَري،
لُڙ لَنگهي لَس ليٺ لَارا، پَار پِياسون آڄ مِلي.

٣- پيار سَان پَنهنجو مِلڻ، هِت آ عِبادت جي بَجاءِ،
دَرِ خُدا جي آيِ دِلارا، ڇَڻ نَياسون آڄ مِلي.

٤- مَن چَيو چَاهيو ٿي جِيئُن، اَعجاز چئي مَحبوب تيئَن،
ٿِي نِيارا مَن قَرارا، قُرب ڪَياسون آڄ مِلي.

تلم: گُذري وِيا ڪَئين جُڳ مِٺا، موٽي نه مُنهن ڏيکاريئي،
دِل جي ڦَرهي تان پرين، لَاَشڪ مونکي مِيساريئي.

١- ڏُک ڏَنجها مُنهن جي بِلي ڪَري، پَاڻ ٿئين وَڃي سک سَچڻ،
ايڏي ڏَاڍائي ڪَرڻ جو، ڪَنهن سَبق سيکاريئي.

٢- قَبر جَهڙا ڏينهڙا، ۽ قَيامَ جَهڙيون رَاتيون،
پَئي ڪَٽيان آئون صَبر سَان، سَاجن سُخن نَا پَاريئي.

٣- جَل جَنجل ٿي هيءَ حَياتي، تو پُڄاڻان جَانِ مَن،
هُئين جِياپو جان جو، سو ڪِين گَڏجي گهاريئي.

٤- ڪَل هُئي تو کي جَڏهن، هِن مَست جي هَر حَال جي،
پوءِ هجر جي جَاني جِيئڻ کَان، چو نه اڳ ۾ مَاريئي.

٥- دَر بَدر ٿِيس دلربا، تُنهنجي ڏِسڻ ديدار لاءِ،
آءِ آڇي مِل مَاهه رُو، اَعجاز کي ڇو وساريئي.

تلھ: سي ڀَلاڪيئن سکِ سُمهن، جَن کي ِنيئَر پِيو نينهن جو.

۱- عَيش ِعشرت ِدين دنيا، شوق شَاهانا ڇَڏيئون،
اوچتو ويڙن لِڳي، ڏَکُ ِعشق واري ٿِـهنهن جو.

۲- نَاز نينن جي ِنگاهن، ِنيم ِبسمل جَن کي ڪَيو،
نيڻ تن جا تيئن وَسَنِ ٿا، ِجيئن وَسَڻ آ ِمينهن جو.

۳- عَام سان آعجَاز عَاشق، حَال ِدل جو ڪِينَ ڪَن،
ڳُجَهه آندر ٻَرندا وَتن، اُهي رَات توڙِي ڏِينهن جو.

تلھ: سَڄڻ تُنهن جي جُدائيءَ ۾- جَلي پَئي جَان ِجند سَاري،
ِپين ڳَان بَس ڇِني نَاتو- يَڪي تو سان رکيم يَاري.

۱- ِسڪڻ تُنهن جي ِنيو سڪڙو- رُئَان رَاتو ڏِينهان رَتڙو،
حَياتي تَان ڳنيم هَتڙو- ڪَيان ذَر ذَر ِپيو زاري.

۲- ِڪٿان آئين تُون پَرڏيهي- هَڻي رَمزون تو ِدل ريهي،
گهڙي پَل گڏِ ِپرين ويهي- ڏِنِئي پوءِ ڳانہ ڏيڪاري.

۳- چَيو تو ِپرت سان پَرجان- ڏُکن ڪان ِڪيم ڪي ڏَرجان،
ِقران تان هاڻ مان قُرجان- ِهمت ڏي مُونکي هَر واري.

۴- هَنيو ِديدون تُنهن جي دَر ۾- پچان ڪامان پيو پَر ۾،
رکي سَودا ڪي ِهن ِسر ۾- ڳنئي آعجاز ِسر خُواري.

تـلـهـ: بيـوفـا دلـبـر وفـائـيءَ جو قدر ڪٿهن ڪنديـن،
صبر مُنهن جي ۽ سچائيءَ جو قدر ڪٿهن ڪندين.

۱- رَهـ رقـيبن سـان پـلـي، رلمل مگـر محـبـوب تُون،
سوز جي ساڙيل سودائيءَ جو قدر ڪٿهن ڪنديـن.

۲- نام تُنهن جي تان اي دلـبر، ٿيو وٽـي جو نت نشان،
اُن جي اُلفت آشنائيءَ جو قدر ڪٿهن ڪنديـن.

۳- مُنهن جُدائي ۾ وجهي، محروم مُونکي ڪيم ڪر،
همنوائي هيـڪـڙائيءَ جو قدر ڪٿهن ڪنديـن.

۴- دم بدم ديــــدار لاءِ، آهـــون پري اعجاز تـو،
شاهِ خُوبان[1] هن شيدائيءَ جو قدر ڪٿهن ڪنديـن.

تـلـه: من دانهن ڪا مُنهنجي سُڻي- محبوب ڪن مُون تي ڪرم.

۱- آديـون آوهـان ۾ آهـي ڪا، ناناهـ پريـن ڪـي ناهـي ڪا،
پي واهِ مُنيءِ ڪي ناهي ڪا، چت ۾ رکيم جن ڪي چٽي،
شل پـيــڙو ٿـئـي تن جو پرم.

۲- اهي سُور اچي تہ انبوهہ[2] ٿيا، ڏاڍا مون ڪان هت ڏوهہ ٿيا،
سي ڪيئن ٿـيـا ۽ ڪوهہُ ٿـيـا، جن جي سزا پوڳيان پٽي،
ماري ٿـوهي جيـئـري مرم[3].

۳- ريءِ تن جي ڪيئن آرامجان، پئي نالي جن جي نامجان،
ڪاميـو تـنـي لاءِ ڪامجان، دل سان ڪنيا سي مون ڏٺي،
ڏُريان چڏي پنهنجو ڇم ڇرم.

۴- اعجاز ڇا آئون پائـئـيـان، ربّ جي رضا ڪي رائـئـيـان،
هي ڪم قضا جو پائئيان، جنهن ساهُ ساجن سان اُٽي[4]،
ورڏيـئـي وڌو ويـچو ورم[5].

(۱) شاهہِ خوبان: سُهڻن جو سردار (۲) انبوهہ: بيشمار (۳) مرم: پشيماني، پڇتاءُ
(۴) اُٽي: واٽيل ڳنڍيل (۵) ورم: ڦٽ، زخم

تلم: وَهوا سڄڻ مُون سَان خُوب نِڀايُئي، جيئن بہ نِڀايئي پَاڻ پَلايئي.

۱- تــوسَان ئــي تــوسَان نــيــنهــڙو لاتم، تَوکــي ئــي تَوکــي پَــنهــنجو ڄَاتم،
پَاڻ گَڏهن مُونکي پَنهنجو نہ ڀَانيُئي، جِيئن بہ ڀَانيئي پَاڻ پَلايئي.

۲- پــيــچ پراٺــو پِيــار پِيــارا، قرب وفــا اِقــرار پِيــارا،
ڀَانيــان تــو بِلــکل دِل تــان ڀُلايئــي جيئن بہ ڀُلايئــي پَاڻ پَلايئــي.

۳- تُنهنجي تہ سَانگي تُنهنجي تہ خَاطر، بَڻيُس بيراگي مَست مُسافر،
دِيــد آڙائــي ديس ڇَڏايئــي، جِيئــن بہ ڇَڏايئــي پَاڻ پَلايئــي.

۴- حَال پُڇيــن هَامُون کــان آنــدر جو، رَايــو ايــراضــو سَانــگ سَفر جو،
سَخت کِشالــو سُهــٹــا کَرايئــي، جِيئــن بہ کَرايئــي پَاڻ پَلايئــي.

۵- ڄَا آئون ڄَوان ڀِيو ڄَئي نہ سگهان کُجه، ڏُک جو ڏورا پو ڏِيئي نہ سگهان کُجه،
سُور سَلــڻ گَان بہ ڏُور رَهايئــي، جِيئــن بہ رَهايئــي پَاڻ پَلايئــي.

۶- آڄ بہ آعجاز جي آ تــوسَــان يَاري، سِتم جَفــائون تُنهنجا بہ جَاري،
يَاريءَ کــي گُلزار بَنايئــي، جِيئــن بہ بَنايئــي پَاڻ پَلايئــي.

ٿلھ: مُون وِساريُّي ڪِين ڪُونٿر- تو وِساريو ڪِيئن هُوندو،
سِڪ لڳي ٿي سِڪ کي دِلبر- تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

١- سارڻ آهي سارڻ وَٽان- سارڻ سَواءِ سارڻ نہ ٿيئي،
اِن مان ثابت آهي هر هر- تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

٢- آڪ مِلائڻ پَٽ پلائڻ- رُخ رلائڻ پيار سان،
پيچ پائڻ ناز پَرور- تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

٣- وِچ واهڻ وَيرِيُن جي چورَڻ- ۽ پَچورڻ تي لڳي،
اي حُسن جا پيرَ پيڪر- تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

۴- دِل جي ڌَڙڪن دِل جي تَڙپَن- دِل جي پَڙڪن کي ڏسي،
تو چوان تڏهين تہ مُنور- تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

۵- جو وَچن ڏِيئي وَٽي- اَعجاز کي پَنهنجو ڪَيُّي،
سو يگانا يار يَاور- تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

ٿلھ: جَڏهن يَاد پوين ٿو پيارا- وَهيو نيڻين پَون ٿا نَارا.

١- اَڄ ڏانهون ڪَري ٿي دِل تو لاءِ- سَواءِ تُنهنجي مَرڻ آ مون لاءِ،
تِي ڪَاڻ پيئڻ وِيا ڪارا.

٢- لَڳو ڪَهڙو خِزان جو هي جُهوٽو- مِليو پَن نہ پن کي ڪو ٻوٽو،
تِي وِيران گُلشن پيا سَارا.

٣- سُڻ شَاهہ اَعجاز جا سُهٽا- توکي آهي عَرض مَن مُهٽا،
آچي لاهہ مَنهنجا غَم غُبارا.

ٽلم: ڏي ڪَامُون يَارِ ڏيڪاري - ڪَري سُهٽا قُربدارِي.

١- تُنهنجي ديدار لاءِ دلبر - ڏوريا مُون ڏُک ڪٽي ڏُونگر،
ڏِسڻ ۾ آءُ تُون هيڪر - سَجائي ٿِئيم سِک سَارِي.

٢- سَتم تو ڪَان ڪَئين طَعنا - بَديون ۽ بَار بُهتانا،
ڪَيم تَڏهين بہ شُڪرانا - لَحظي لَحظي ۾ لک وَارِي.

٣- رَقيبن جي وِڏا رولا - تُنهنجي مُنهنجي وِچان اررولا،
لاَهي سي مِل نامِ مَوليٰ - جُدائي جَان جِندُ ڳَارِي.

٤- پَلئُ ۾ عَيب لک پَائي - آيو اَعجازؔ تو سَائي،
سَچڻ سيني تَنهن کي لاَئي - وَري وِجهه ڪين هَڏ ڳَارِي.

ٽلم: نَاهي ڪا نَاهي دَوا - دوست اوهين ڏيو ڪا صلاح،
هيٺو حَال ٿي ويو سجڻ سواء.

١- لڳي دل جو دارون ديدار آهي - حڪيمن طبيبن کي خبر چار ڇاهي،
شفا دار ايندو ڏيندو شفا.

٢- آڏو اکين جي آئي انذاري - سَوين سُور سِر جِيا مونجهہ دل آماري،
وڃي هن وڇوڙي وڌو آصفا.

٣- اُها پياري صُورت ڪونہ ڏسان ٿو - جَنهن لاءِ اَعجازؔ ڇَئي رَوز رئان ٿو،
ايندو نيٺ موٽي ماهِ لقا.

سايو، سائي: ڇَانوَ

ٽلهہ: مُنهن جي رِيجَھ وَاري اَدا ٿي نہ توکان،
ڪَيم جا سا پُوري صَدا ٿي نہ توکان.

١- عَجب آهي مونکي اهو يار تُنهنجو،
ڪَري ڪِيئن وِسارِيو تو اقرار پَنهنجو،
ذَري جي بہ مون لاءِ وَفا ٿي نہ توکان.

٢- هيڏي چاڻ هُوندي نہ حِڪمَت هَلائِي،
دِلاسَن ۾ خَالي مُنهنجو جِيءَ جَلائِي،
منهنجي دِل دُکيءَ جي دَوا ٿي نہ توکان.

٣- توسَان نينهن لايم اِها چُڪ ڪئي مون،
توکي پَنهنجو ڀَانيُم اِها چُڪ ڪئي مون،
خَطا مُنهنجي آهي خَطا ٿي نہ توکان.

٤- اَصُل بِرَهہ وا نَ ٿي سَيَ بار آهي،
سُوري سِڪ عُشاقَن جو سِينگار آهي،
چئي اَعجاز چَڱُو جو دَيا ٿي نہ توکان.

تلھ: يَڪي سر يار سان يڪ جا - ملڻ جو ڍَنگ مُشڪل آ،
وصل وارو چئون پيا جو - ورڻ سو ونگ مُشڪل آ.

۱- ڇڏي واٽون اصل اڳ جون - الاهي عشق جي دڳ جون،
وٺي رسمون تہ ھن جڳ جون - ٽپڻ ھُو ڏنگ مُشڪل آ.

۲- مَحو بَنجي مَستاني جيان - رھي دم دم ديواني جيان،
ڪَري دَعويٰ پرواني جيان - پچڻ تي پَتنگ مُشڪل آ.

۳- سچائيءَ سڪ ۽ صحبت سان - مردن جي تہ محبت سان،
سواءِ رندن جي رَغبت سان - ٿيڻ آڙٻنگ مُشڪل آ.

۴- پري پنڌ آ عُشاقيءَ جو - فَنا في الله فراقيءَ جو،
چوي اعجاز مُشتاقيءَ جو - پرڻ نت نَنگ مُشڪل آ.

تلھ: دلبر يلي ملياسون - ٿياسون نوان سوان،
رستو بہ پيار وارو وري ٿيو روان دوان.

۱- سُورن سَلڻ جي موڪل، جيڪر مِلي تہ ڪَريان،
سَاري سَنياري سُر سان چيتاري چوان لَنوان،

۲- توڙي ھُجن ڪي تاءَ ۽ تڙڪا تِکا تبر،
تَہ بہ تُون نہ مُنھڙو موڙجان ڪَنھن جي يَوان تَوان.

۳- سُھٹا تون ڪَر سينگار آئون گھور گھور تيان،
آئين ۽ بنجي تُنھنجو، تو اڳيان پوان ڪنوان.

۴- وَرھن ڪان ھن اکين کي، ھو انتظار تُنھنجو،
ھَاٿي نہ وڃ وڪان مُون - ٿيرن جي يَوان تَوان.

۵- اعجاز دم بدم تُو، ڪَري توکي ھيءَ دُعا،
جوين انھي سَان جَاني، ھُجين شَل آوان جَوان.

رغبت: واسطو، ميل ملاپ، صحبت

تـلـم: دلربا جو جن کي هت- ديدار ڏيو دم دم نصيب،
دم نہ آ دوريءَ جو تن کي- وصل آ پيهم نصيب.

١- دل جي بي تابيءَ ڪئي- ديوانگي جڏهن قبول،
من کي تڏهين ڏيو برابر- من سندو محرم نصيب.

٢- طب طبيبن جي ڪان جيڪو- درد ويو ٿي لاعلاج،
تنهن کي ڏيو محبوب تنهنجي- ديد جو مرهم نصيب.

٣- بس سوئي ڪافي ٿو پائيان- زندگيءَ پَر لاءِ يار،
جو هٿان ساقيءَ جي ڏيڙم- خُمر جو هڪ خُم نصيب.

٤- سخن سوزيده سچوءِ- پيچ پختو پائدار،
سالمن کي ڏيوءِ ڏيندو- سودو هي سالم نصيب.

٥- عارفن ۽ عاشقن کي- هر گهڙيءَ هر جاءِ آهه،
دل جو دُر دل جي حضوري- دل وارو عالم نصيب.

٦- هيئن هجي شل هر هميشه- هيئن هجي شل سو بسو،
عشق جي جيئن اچ اٿم- هي دست در پرچم نصيب.

٧- هردو عالم جو اعجازا- بي شبه حاڪم سو چاڻ،
عاشقيءَ سان جنهن کي آ گڏ- دلبريءَ جو دم نصيب.

تلم: تُون جو چَمن ۾ آئين - تہ هي هُل مَچي ويو،
جَنهن جو هو اِنتظار سو - خُوبان آچي ويو.

١- نِرمل جي نِيم خَواب - آکين کي ڏِسي ڏِسو،
نَرگس کَنول گُلاب - نِيلوفر نَچي ويو.

٢- گُل غُنچہ گِرفتار - تہ تو وَٽ ڏِنم اچي،
پَر جو پَتنگ پَهتو سو - تو وَٽ پَچي ويو.

٣- تُنهنجي تہ دِيد جي هِت - آچ هيءَ بہ ڳالهہ آ،
جَنهن ڏي کَنيئي سو وِيو - کُسي کَهڙو بَچي ويو.

٤- گُلشن ۾ گُهمندي - جِتي تو قَدم دَريو،
سَجدو کَرڻ تي فَرض - اُتي آچ سَچي ويو.

٥- سَجڻن ۾ آ خُوشي - ۽ رَقيبن ۾ غَم اِهو،
اَعجاز تُنهنجي عِشق ۾ - ڏِس کِيئن آ رَچي ويو.

تلهه: پلي يار آئين تُنهنجون لک پلايون، آسان پاڻ تُنهنجون ڳالهيون ويٺي ڳايون.

١- پرين تُنهنجي پَلپل پَچارن ۾ هُئاسون،
اُڪنڊيا اُڪيرُن اوتارن ۾ هُئاسون،
آڃا هَوڪا مَس ٿي، مَتان تون به آيون.

٢- سڄڻ ٿي مُتَوجَهه، خُوش خوش ڪريون ڪا،
بيحد بَندگين سان غُلامي پريون ڪا،
آسين تُنهنجي پيلهَپ عبادت ٿا پَائيون.

٣- تو لاءِ هن ڪَکن ۾ اڪين ۾ به جايون،
تو لاءِ تَن ۽ مَن جي تَهن ۾ به جايون،
تو لاءِ هَنڌ هئين ۾ سيجُون سَوَرِچايون.

٤- آسانکي تو چاهيو، آسان توکي چَاهيو،
آسان سان اعجاز چئي، ريجهي رَس تو راهيو،
فَهُمْ فَاذْكُرُونِيْ كَيون سِپ سٿايون.

تلھ: طَبيعت رَوان ٿِئي ٿي تُوکي ڏِسڻ سان - حَقيقت عَيان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.

١- تُون آھڙو تہ آھين صُورت وَند سُھڻو - مَحبت جَوان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.

٢- گُلستان گُلن ۾ عَجب مَنظرن جي - عَدم دَاستان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.

٣- حُورن ۾ پَرين ۾ حَسينن سَين ۾ - خجالت[1] نھان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.

۴- اُڃُون آب کي جِيئن بِنا دَم پيئي ٿيئن - پِيان ۾ پيان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.

۵- نَظم جي نَموني سَڄڻ يَار تُنھن جي - حِکايت بَيان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.

٦- جَڏھن گُھنڊ پَائي گُھمي ٿو گُلن ۾ - تہ آھہ و فغان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.

٧- بَيان حُسن تُنھنجو ڪَيان ڪيئن سَمورو - گُونگن جيئن زَبان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.

٨- ٿيو ھڪ وَجون ٿا حَيقت جي پڙ ۾ - خَتم تُون ۾ مَان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.

٩- ڪُلي ڪَانہ اَعجاز جي ھُونئن ڪَڏھن دِل - ڪَنول قُول جان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.

تلھ: ڪِليا گُھنڊ کولي سَڄڻ گُل اَندامي - پريمي مِلياسُون پرين خُوش خِرامي.

١- مِلي پيچ پَاتئُون ڪِلي نيڻ لَاتئُون - پَنھنجو نَنگ سُڃاتئُون ٿيا ھَم ڪَلامي.

٢- نيڻا ٿيا نظارا نيھي نَين پيارا - ڪَجل رَيھہ وَارا بَبينہ[2] بَادامي.

٣- عَجب رُوپ رُو سَان، خُمر خُوب خُو سان - عَطر مُشڪ بُو سان زُلف سِيھہ[3] فَامي.

۴- ڏَاڍا نَاز ٿَا ڪَن ڏِسي ڪَھڙا ڏَ ڄن - صَدق سَاھہ لاڪن، ڪَيو مُون مُدامي.

۵- رَقيبن جا رَايا يَڃي پَاڻ آيا - اَعجاز آجايا ڪَيم وَھم خَامي.

---

(١) خجالت: شرمائڻ (٢) ببينہ: نظر وارا (٣) سيھہ فامي: ڪارو رنگ

ٿلهه: ويهه ته حالڙا وَنديون وَنديون، ڍوليا ڪَر نه وَڃڻ جي.
ڪَر نه وَڃڻ جي، ڪَر نه وَڃڻ جي، ويهه ته حالڙا وَنديون.

۱- تِنئي نه تِنئي وري مُحب مِلڻ هيئن- ڏسڻ پَسڻ ۾ رَمزڪڻ هيئن،
ڳوپُون ڏِئي مَن ڳَنديون ڳَنديون، ڍوليا ڪَر نه وَڃڻ جي.

۲- آهڙو آئـي ڪو جادو نَظر ۾، لوڇ لڳي وَئي قلب اَندر ۾،
ڪاهي پَيون تُنهنجون ڪُنديون ڪُنديون، ڍوليا ڪَر نه وَڃڻ جي.

۳- مُند بَهار جي مَست هَوائون، گُل ڦُل بَرسيل گهاٽيون ڇانئون،
مينگهون مَلارُون مَنديون مَنديون، ڍوليا ڪَر نه وَڃڻ جي.

۴- آئون نه اَعجاز چڱي هڪڙو هتي ئي، تُنهن جي مِلڻ ڪَيا مُشرف ڪيئي،
لڪين نوازيون تو لَنديون لَنديون، ڍوليا ڪَر نه وَڃڻ جي.

ٿلهه: پاڻ ملون ٿا ته رَنگ رچن ٿا- آزلي سَچا ڦين آنگ وچن ٿا.

۱- ريس تنئي تي راچن ڪي- وصل جا پاڻ ڪي ڍنگ آچن ٿا.

۲- پَنهن جي حُسن جا جلوا جَهلڪا- پَايو پَلئه ۾ پَتنگ پچن ٿا.

۳- جِت آئون تون ملُون اُت ڌُوم مچي ٿي- آرض وسَماء تو مون سَنگ نچن ٿا.

۴- مئي جا پِياڪ جو پيئندا مئي- مئي جا ڪِتي پوءِ ڏُنگ بچن ٿا.

۵- جي ميلا هُجن ته اَعجاز هَهڙا- عِشق جا جِن ۾ آڙنگ مچن ٿا.

ٿلهه: رَشڪِ نَصيب آهيان، ڪَمتر نَصيب هُوندي،
آغوشِ ۾ صَنم آ رَهزن رَقيب هُوندي.

١- هن مُرغِ دل لاءِ دلبر، پيا قيد ۽ ڪَمند ڇو،
دَڪبا دُوال دَامون ڦَاندا فريب ڦَند ڇو،
آبروءِ خَنجر هُوندي، زُلفِ صَليب هُوندي.

٢- جيڪي مِٺاڻ شِيرين جيڪي لَذيذ ڇيزون،
وِسريا سَواد تَن جا، طَرحون مَزا تَميزون،
هِن لَالَ لالَ لَب ۽ لاڪڻ لَبيب هُوندي.

٣- مُنهن جي نِگاهه ۾ پيو نَقشو نَڪي نِظارو،
مَشغل مُشاهدو آ بَس جَانِ جَانان وارو،
پِيا سَڀ نِظارا گهوريِءَ نِرمل نَجيب هُوندي.

٤- هي بَخت ڪِي سِتارو، ڪي آ ڪَمال مُنهنجو،
مَحنت ڇَوان ڪَي مَشقت ڪِي حَال خِيال مُنهنجو،
تِيس غَيرتِ تَونگر مُفلس غَريب هُوندي.

٥- آئون دَاغِ پَنهن جي دل جا، دِل ڪَان بہ پيو لڪايان،
ڪِيئن عَام ڪي پَوءِ تن جو، وَاقف سَڏي بَنايان،
مَن جي طَبيب مَحرم مَاهر مُجيب هُوندي.

٦- بَرسات بُوند جُهڙ ڦڙ بَن بَاغ نو بَهارا،
مَئي جَام مِينا ساقي خُمار مَن قَرارا،
قُربان جَان دِل هِن مَوسم عَجيب هُوندي.

٧- اڄ ڪَلهه جَا نينهن نَاتا، اَعجاز بي نِويدا،
بِيجا رَواج رَسمون بيجا عَمل عَقيدا،
ڪَن غَائبانہ يَاريون حَاضر حَبيب هُوندي.

تلھ: اَگِ مُنھن جي دِلبر - عَجب تي تُون آئين،
سَچِ سَائين سِڪ جو - سَبب تي تُون آئين.

١- نَازڪ تَن بَدن سَان - حُسن مَن مَگن سَان،
رَنگي رُخ چَمن سَان - مني لَب لَحن سَان،
گُلابي چَمن سَان - غَضب تي تُون آئين.

٢- مُلھ نہ تو آملھ جو - پَارس پَٽ پُنھل جو،
پَاريئي اَنگ اَصل جو - وَاريئي وَنگ وَصل جو،
ٿَنيل جيءَ وَڍيل جو - ترِطب تي تُون آئين.

٣- مِتا مَن آندر ۾ - جَاني جيءَ جِگر ۾،
فَھم ۾ فِڪر ۾ - نظر ۾ خَبر ۾،
مُنھن جي ھَر لَھر ۾ - جَذب تي تُون آئين.

٤- نِسنگ تي نِظاري - صُورت وئين ڏيکاري،
تنمن جي سونھن ساري - اَعجاز جَا پَچاري،
اولي عَين وَاري - عَرب تي تُون آئين.

تلھ: مُحب مِليو وِيو مُونجهارو۔ گُليو چَمن اَڄ سَارو.

١۔ مُون وِيٺي سَرتيون وَاتُون وَاجهايون۔ وَاھ ڍِريو اَٿم ڍَارو.

٢۔ نِرمل نَازئون نقاب اُٿايو۔ لڳو نوري نَين نِظارو.

٣۔ مِلي دِيد ديد سان عِيد ٿي پئي۔ دَرشن ٿيو دِل وَارو.

٤۔ سو ئي آ"اعجاز" صورت سھڻو۔ سَڄڻ ڏنو سون سچارو.

تلھ: ڏسندي پَسندي پيار سَان۔ هِڪ ٿِئي ڪي پيارا ٿياسون ٿَئي،
عِشق مَان ٿي عَاشقي سو۔ عِشق وارا ٿِياسون ٿَئي.

١۔ دلربا ديدون مليون ڏُوري دلين جي ڏُور ٿي،
دَمِ قدم دَمِ دَم مِليا هَمدم دِلارا ٿياسون ٿَئي.

٢۔ تو پياري مُونکي، مُون توکي پياري مَست مَئي،
مَست مَئي جي مَستي ۾ سَرمست سارا ٿياسون ٿَئي.

٣۔ پَاڻ آهيون هِڪ مگر، هي لوڪ ڄَاڻي ڪِين هڪ،
ٻن اکين ٻيائي ڏٺي، ٻيائيءَ جا مَارا ٿياسون ٿَئي.

٤۔ ڇَڏ شَرم ۽ پَيچ پَرم، اَڄ ڳَالھ جَا نَاهيون آشنا،
هُت تہ هُونئن هُنا هُل هِتي هيئن آشڪارا ٿياسون ٿَئي.

٥۔ هيڪڙائي ۾ هُئي، حَالات پَنھن جي حَيرتي،
پَهرين ٻُٽ پوءِ جَان جِيءُ پوءِ سِر پُوڄارا ٿياسون ٿَئي.

تلھ: آئون صنم پنھنجي سان آھيان رُوبرو،
ڪِيئن چوان آئون ناھيان ناھيان رُوبرو.

۱- چاھ ٻيءِ چنتا ڪان آ منھنجو ڇڙھيل- چِتَ سان دِلبر ڪي تو چاھيان روبرو.

۲- ھُونئَن تہ لاھي ھڪ بہ سگھندس ڪِين مان- ڳائي ڳائي تورا لاھيان روبرو.

۳- شَوق ۾ مَحبوب جي شاعر بہ ٿي- شَعر تو ھڪ روز ناھيان روبرو.

۴- ڏانھن مُنھن جي ڪِيئن وَجي پوءِ رائگان- دِلربا وَٽ آئون تو ڏانھيان روبرو.

۵- خِيال يا ھي خواب ناھي خُوب ڏس- ڇا مَنجھان اعجاز ڇاھيان روبرو.

تلھ: آيو يار اڱڻ اَڄ آر ڪري، سُرمون سينڌ ڦٽي سينگار ڪري.

۱- اکڙيون الست ڪيئين. ٻچيون بان ھٽي بي وس ڪيئين،
دل درد مندن جي دست ڪيئين، پنھن جو زور ظلم اختيار ڪري.

۲- ڏسو جوين جلوو جمال سندس، نئون ناز نيارو خيال سندس،
ڪن پيا ابرو ڪھڻ سان ڪمال سندس، تن سان ڪير وري تڪرار ڪري.

۳- پوشاڪ سراپا پشم ميان، ھٿ پير حنائي ھردم ميان،
ڪولي زلف سياھ خم خم ميان، پيو محبوب جلادي ڪار ڪري.

۴- لب لال چُريا لولاڪ لڏي، حُورن پَرين سُڌ سرت ڇڏي،
ڪوڙي ڪاڻ عشاقن ڪات اڏي، پيو دوست سريون ڏڙ ڏار ڪري.

۵- جنگ نيڻن جي تہ نرالي لڳي، سر سيني ديد دنالي لڳي،
جند جان جلڻ لا يزالي لڳي، اھڙ جاڻ اعجازا تون اعتبار ڪري.

تـلـمـ: ڇا ڪيـان قـربـان ھِن دم - ڇا ڪيـان ٻي حـاضـري،
جو اڳڻ منهن جي آلائي ڪيئن - ڪئي تو تشريف آوري.

۱- قُرب جو پـھـريـون قـدم ھـي - ھِن جي ڇا ڇئـجي بَھـا،
ھيءَ نـوازش مـھـربـانـي - ھن جي ڪـھـڙي ڪـئـي ثـنـا،
ڇا وفـائـي ڇا سـچـائـي - ڇا سَنـدءِ آ دلـبـري.

۲- حَمـد تَسـبـيـحـون ھزارين - لَک دوگـانـہ اچ ڪَيـان،
گـھـور سـپ ارض و سَمَـاء - وارا خزانـہ اچ ڪـيـان،
سَر لَڄُون قـربـان ٿِيءَ - ڪَون و مَڪـان ڪُل شـيءِ وري.

۳- بَخت پَنهنجي جي ڪيـان ڇو - بَرتـري آئـون بـيـان،
اڄ نـہ تـيـنـدا ڇا تـيـو - فَردا ۾ تـيـنـدا بِل عَـيـان،
بـخـت مُنـھـن جي جا مَدح خَوان - مِهـر مـاھـ و مُشـتـري.

۴- جا نَہ خواب و خيـال ۾ ھُئـي - سـا وفـا دلـبـر ڪَيئي،
دل وٺـي ٿِيءَ دل ڏيـئـي، وعـدو ادا دِلـبـر ڪَيئي،
وھـم مـنـھـنـجو ڇا ٿِيءَ ڇا - تُنـھـن جي عِنـايـت پَروَري.

۵- سُونهن ڏسان صورت ڏسان - ڪِي سادگي سِيرت ڏسان،
ھَلُ ذَرا ڪجھـ ھـن اڳڻ تـي - تـان قـد و قـامـت ڏسـان،
آھـين بـيـشـڪ سَروُ نَـازو - غَيـرتِ حُور و پَري.

ھلندڙ

٦- باغ بلبل باغبان - بادِ صبا بَرڪا بهار،
۽ عَطار و عطر سڀ تنهنجي هٿان منجهه انتظار،
وڻ هي ڙن واسيئي آچي - جاني ڪري جلوه گري.

٧- روز ڪان اڄ چوالاجي - چشمِ گريان هُنُس گهٽو،
دل پريشان حال حيران - وَيران وَيران هُنُس گهٽو،
شَاهِ خُوبان مُنهن ڏيڪاري - حَج ڪرائِجي اڪبري.

٨- ذَوق پنهنجي جي مان ذري ڪا - ذَوق جي مونڪي ڏِنئِي،
فَرهي آٿي هٿ ۾ فَهمِ الفَوقُ - جي مُونڪي ڏنيئِي،
پَرده پوشي تنهن ڪيم - نہ تہ هي دنيا دَس نمبري.

٩- تي تون ساقي ڏي تون ساغر - صبح تا اعجاز ڪي،
پيچ پائي پنهنجو ڪرهي - حسرت آ اعجاز ڪي،
تُنهن جِي گهرجي دلربا - نِت ياوَري و دَاوري.

تـلـهـ: آڄ يَانـيـان هـي مَـئـيـخـان - بَـرابـر بَـيـت الله،
تُنهنجي دَم قَدم سَان سَاقي - تنهنجي سُنگ سَنگم سان ساقي،
هـن مـئـيـكـده جو شـان، عـجب سـبـحـان الله.

١- قـدم مـبـارڪ تـنـهـنجو قـائـم - قـائـم دائـم بر سـر يـانـيـم،
هـت غـيـر جي جاءِ نـہ جائـي - هـت بـاطـل رتـي نـہ رائـي،
وَإِذَا جَـآءَ الْـحَـقُّ سـنـدو اعـلان كـيـو جي ڪـلام الله.

٢- تـون جِت آيون سي سـڀ جايون - وحدت واريون ڏين واڏايون،
مـئـيـخانـہ هجن بـتـخانـا - صـحـرانـا هجن ويـرانـا،
سـڀ تـنـهـنجو حـمـد دڳـان پـُڙهـن تـا الله الله.

٣- وهوا سـاقـي سـهـڻـا سـانـول پـيـارِ پـلاكي پـرتـئـون پـيـارل،
پـر پـيـالا مـئـي مـتـوالا بَرخيـز بـبـر بـرحـالا،
تـنـهـن جي قـدح تـان تـيـون قـربـان - پـري ڏي بـسـم الله.

٤- تـنـهـن جي پساري، سير سـونـهاري - نظر نظاري صورت واري،
گَس لايا سـيـاڻا آيـاڻا - تـيـا حـال حـقـيـقـت هـاڻـان،
اعـجاز چئـي تـن لاءِ جهـان - سـمـورو وَجَـهُ الله.

وَإِذَا جَآءَ الْحَقُّ: ۽ جنهن حق آيو

تَلَهه: تُنهنجي جام جي تصرف کي ساقي الله الله ڇا چئجي،
جنهن جي پيڻ سان سَير ٿئي بُراقي الله الله ڇا چئجي.

١- هي بي پرواهي بي باڪي - هن ڇاتيءَ جي ڪليل تاڪِي،
هيءُ پرزا تيل دَرُ فيراقي الله الله ڇا چئجي.

٢- ميخانہ تنهنجي ۾ صبح و مَسا - مئي مدجي سخا مستيءَ جي فضاء
مستن جي صدا پر پر ساقي الله الله ڇا چئجي.

٣- آئون آبِ خضر کي سارا هيان ڇو - آئون زم زم جي ڪيڏ ڪاهيان ڇو،
طَهورا بہ پين ڪا آ مشتاقي الله الله ڇا چئجي.

٤- ڇا جلوو آ ڇا جلال سندوءِ - ڇا ڪيف گَدهہ [١] ڇا ڪمال سندوءِ،
ڇا حُسن آ ڇا خُوش اخلاقي الله الله ڇا چئجي.

٥- تنهنجو مست ڪيل هوشيار بہ آ - هِن پار بہ آ هُن پار بہ آ،
ائين ڪير ڪندو پيو الحاقي [٢] الله الله ڇا چئجي.

٦- جي اتئي تہ ساقي آڻ اجان - پُر جام اَعجاز جي ڪاڻ اجان،
آمهل عجيب هيءَ اشراقي [٣] الله الله ڇا چئجي.

---

(١) گَدهہ: ميخانہ (٢) الحاقي: ڳانڍاپو، گڏجاڻي
(٣) اُشراقي: صبح سج ايرڻ ڪان پوءِ

تلھ: پُڏواٿم تنھنجي مَحفل ۾ - خُمر (١) خوري بہ ٿيندي آ،
دليري سان صنم دل جي - چَٻي چوري بہ ٿيندي آ.

١- خوشيءَ سان دل ڏني جي کنھن تہ بھتر آ پنھن تنھن لاءِ،
نگاهِ ناز سان وَرنہ - زوران زوري بہ ٿيندي آ.

٢- گُلِ رخ کي ڏسي عاشق - اُمالڪ گھور سِر کن ٿا،
دلِ مُشتاق بلبل جيئن - چَري پوري بہ ٿيندي آ.

٣- لُٽايون زر وڍايون سِر - رھون بيزر ٿيون بيسر،
مستي ۾ عشق وارن کي - اِها ڦوري (٢) بہ ٿيندي آ.

٤- چون ٿا حُسن وارن وٽ - ماهيگيرن وانگي هردم،
ڪُڙهي ڇَتِ عشق واري ۾ - ڪُنڍي ڏوري بہ ٿيندي آ.

٥- سدائين ڏاڍ ڏاڍائي - سِتم جورو نٿو سُونهي،
حَسينن جي تہ دل ڪٺهين - رحم گھوري بہ ٿيندي آ.

٦- تُنهن جي محفل جي شب ساقي - وڏي ڪنهن رنگ واري آ،
مگر پيائيءَ وارين اکين ۾ - شب ڪوري (٣) بہ ٿيندي آ.

٧- هِجر (٤) جي رات ڪان بلڪل - وصل جي رات آعجاز،
بيحد پُرلطف آهي پَر - اُها ٿوري بہ ٿيندي آ.

---

(١) خُمر خوري: شراب پيئڻ (٢) ڦوري: مڳي مستي
(٣) شب ڪوري: رات جو نہ ڏسڻ (٤) هجر: وڇوڙو

تـلـهہ: اَڄ جَامِ مَئي کي بيحـد۔ گهرو بَناءِ سَاقي،
ڏُک درد غم ۾ ٿيندو۔ نہ تہ جِيءُ نہ جاءِ سَاقي.

١۔ گهاٽي کَان گهاٽو گُهرجي۔ وِهَہ کان وِهانو گهرجي،
سورن ڳمن ۾ اڄ ڪلهہ۔ تو سَرس سَانو گهرجي،
هِت مَٽ، نہ مـانـو گـهـرجي۔ دَرياءَ وَهاءِ سَاقي.

٢۔ دُنـيـا جي دَور ڏي ڏِس۔ دُنـيـا جي دَور آهـر،
دَمَ دَمَ فِراغ[1] دِل سان۔ پِيا کَن کي پيار ساغر،
پنـهـنجو تون پاڻ آخر۔ نـالـو مـلـهاءِ سَاقي.

٣۔ جامِ شـراب سان هي۔ دِلڪش شَباب تُنهنجو،
اکڙيون گلاب وَرنيون۔ مُنهن ماهتاب تنهنجو،
ڪونهي جواب تنهنجو۔ تُنهن جي بَجاءِ سَاقي.

٤۔ ڦِريو ڦِـٽـت جو ڦِرڪو۔ ڇڙو ڇڙو تـي تـوهر ڪو،
ڪنهن جو نہ ڪير آهي۔ اِئين لڳي تو هرڪو،
پِيالـي ۾ اڄ آٿـر ڪـو۔ اُلـفت جو ٻاءِ سَاقي.

٥۔ پَٽَ ۾ نـگـاهہ پـائـي۔ ڇڏعـام خاص ڍائـي،
گُڻ تـورا هرڪو تنهنجا۔ حُمِ خُمَ سان روز ڳائي،
لَڱُون لَڱُون کي رنگ لائي۔ لَڱُون لَڱُون رَچاءِ سَاقي.

(هلندڙ)

٦- تنهن جي سواءِ بہ ساقي- محفل مَدّم[٢] مَدّم آ،
ساغر صراحي مئي جو- قصو ئي چڻ ختم آ،
جي آهين تون بہ حاضر- پوءِ تہ هاءِ هاءِ ساقي.

٧- هر فصل گل ۾ آهيون- خارن سان نت مقابل[٣]،
مَغمُوم ڪر نہ پوءِ تون- ساقي دِل عَنادل[٤]،
آ دَور دنيا نازڪ- ٿت ڪي وڌاءِ ساقي.

٨- ڪِن لاءِ شرابِ عشرت[٥]- مُهيا ڪرين تہ ذَرِ ذَرِ
ڪن لاءِ شرابِ غم پي- تون نہ آ مُيسّر[٦]،
اعجاز چئي نہ هيئن تو- توکي جڳاءِ ساقي.

---

(١) فراغ: ڪشادي دل، خوشي سان (٢) مدّم: آهستہ (٣) مقابل: سامهون
(٤) عَنادل: بُلبلون (٥) عشرت: عيش (٦) ميسر: حاضر، مليو

تلھ: آج تُون توسُھٹا پيارين- پِيئٽو شَراب پَئي ويو،
قاضي مُلان جو ھاٿي- ڇَڏٽو حِجاب پَئي ويو.

١- بَس ھٿ کَنيم توبہ تان- اِج ھن سونھاري سُنھَن تان،
توکي بہ ھاٿي مُنھن تان- کَٽٽو نِقاب[1] پَئي ويو.

٢- اکڙين جو کَيئَي اشارو- چليو نہ پيو کوچارو،
شايد شرابي وارو- مونتي خِطاب[2] پَئي ويو.

٣- ھي پَائي ھَتڙا پيئي- پيتم تہ سُڏ پوء پيئي،
مَحشر وارو ھتيئي- ڏيٽو حِساب پَئي ويو.

٤- مَستاني حال ھن تي- خُودگاني خِيال ھن تي،
پَٽ با کمال ھن تي- نالو خَراب پَئي ويو.

٥- آئون چيلو تون گُروجي- صورت مون تُنھنجي پُوجي،
تُنھنجي عشق جو عُرُوجي[3] - پِير مرِکاب پَئي ويو.

٦- سُرکي لآياسَانون- آعجاز رَنگ ھي راوٹ،
منھنجو عَرض يار لاکن- وَٽ مُستجاب[4] پَئي ويو.

(١) نقاب: پردو (٢) خِطاب: لقب (٣) عُرُوجي: مٿاھون (٤) مستجاب: قبول

تـلـهـ: وَڄ وَڄُ آي وَاعظا - نـہ تـہ هت غَار تـي ويـنـديـن،
ايندين جي مَئيڪده ۾ - تہ مَئي خار تي وِيندين.

۱- مَئـيـخانـي واري مَدجو - مَتـان تـين تـون آشـنـا(۱)،
تـيـنـديـن جي آشنا - تـہ سُوري سُوار تـي وِيـنـديـن.

۲- يَا رَمـــزَ ۾ نـــگـــاهـــ ۾ - يَا زُلـــفِ يار ۾،
يا يـارجي مـنـجهـہ نـاز - گـرفـتـار تـي وِيـنـديـن.

۳- جَنهن دَم اَچي جي گَڏِئي - اَڪيون مَست مُرڪٽيون،
چونـديـن نـہ پيـان نہ پيـان - پَرِ پي تـار تـي وِينـديـن.

۴- پيـتي ڪـان پوءِ پاڻهي - ڪَنديـن پـاڻ سَڀ سَچيون،
اِنــڪـــار جي بَجاءِ - بَا اِقـــرار تـــي وِيـــنـــديـــن.

۵- پَرهـيـــزي پَارسـائـي ڇَڏي - شـيـــخي بُزرگـــي،
پِيــرِ مُغان جي پِڙ جو - پَرســتــار تـي وِيـنـديـن.

۶- دل جانِ ڏيئـي هيـڪـار - چڪيـو هڪ چُڻـاڪو(۲) جَن،
تن سـان گـڏ نـڪـار - نـاحـق خُوار تـي وِيـنـديـن.

۷- آيـــو هتـــي آجو بـہ - ســو ڳاڇـي ضَرور تـــو،
ڪَنهن ڪَنهن گـناهہ لاءِ تـہ - تُون بـہ تيار تـي وِيـنديـن.

۸- هِن جاءِ تــي تـــو شَرم - شَريـعـت ڪـي تَرڪ تـئـي،
هـيـڏهـن نـہ پـيـر پـاءِ - جو سَنـگـسـار تـي وِيـنـديـن.

۹- هـت شـراب هـت ڪـبـاب - هـت رَنـگ چَنـگ رَبـاب،
هِت حُسن هـت شَبـاب - هـتَ شِڪـار تـي وِيـنـديـن.

۱۰- لَعـنـت ڪـان ڇِرڪ ڪِيـم - تـي ڪـافـر سـچو پَچو،
اعجاز چئـي اسـان جو - پـوءِ تـہ يـار تـي وِيـنـديـن.

(۱) آشِنا: واقف (۲) چڻاڪو: ذرو، ڍڪ

تلـهـ: آچُ پُورِ ۾ آساقي، آچ دورِ جام ٿيندو،
مَستن جو مَئي مِئيءَتي تَجَمُّل[1] تمام ٿيندو.

۱- پنهنجي هٿ سان پياري، ساقي ثواب کٽندو،
هَر دو جَهان وارو، دِل تان حِجاب هٽندو،
معراج مَئي کَشن جو، منجهہ مَخفي[2] مام ٿيندو.

۲- گَهري گهاٽي پيئڻ سان، مَستن جا مُکڙا کڙندا،
سُرتار ساڻ بزمي، آواز ساز چڙندا،
رَس راڳ رَقص رِندي کافي کَلام ٿيندو.

۳- مَستي جي موج مَئي ۾، سَودا سِرن جا مَندبا،
وحدت واري وِئيءَ سان، وَندِ وصل وارا وندبا،
اکڙيون اکين سان ملنديون ڏَچ ڏُوم ڏام ٿيندو.

۴- مَئيخاني جا جي واقف، وِيرانا سي پُڇن چو،
مَحبوب جن ڏي مائل، بتخانہ سي پڇن چو،
صورت ۾ ٿاب[3] تن جو سَجدو سلام ٿيندو.

۵- هَر مَست رِند عاشق، هَر دَرشني ديوانو،
هر پَتنگ پَازي[4] غازي، هر سُخن وَر سُهانو،
مُنهنجي پيرِ مُغان وٽ، سُرکي لاءِ سام ٿيندو.

۶- پَالوٽ مَئي جي، پَلپل، ساغر صُبوحي چَل چَل،
جَلوا حسن جا هَل پل، رمزون نگاهون رَل مل،
اعجاز اهڙو مَنظر، بااهتمام ٿيندو.

---

(۱) تَجمُل: شان شوڪت (۲) مخفي: ڳجهو، لڪل
(۳) ٿاب: قبول (۴) پازي: پيئندڙ

ٿلهه: محفل جانان ۾ اي، اوپارسا پيئٽو ٿو پئي،
پاڪ پاڪيزي نه پچ، هت ري پُجا پيئٽو ٿو پئي.

۱- پيئندي پيئندي جو ڪريو- سو ٿيو ٻجا بلڪل ٻجا،
مٿُبڪدهه تنهن تان فدا- ساغر فدا ساقي فدا،
مَرتبا اهڙا ڏسي- اُن مست جان پيئٽو ٿو پئي.

۲- هن مٿي مئيخان اندر- ڏوهه آ انڪار مئي،
ڏوهه آ اندوهه آ- رنج روهه آ انڪار مئي،
هت نفي نفرت ڇڏي- سڪ سان سدا پيئٽو ٿو پئي.

۳- جي حلال آهي تر هت- هر شيءِ حلال آهي هتي،
هوش واروڪم حرام- ۽ دم وبال آهي هتي،
اِن تقابُل هوش لاءِ- اِرشاد آ پيئٽو ٿو پئي.

۴- ما سِوٰي ڪان ٿي جُدا- حرص وهَوا ڪان ٿي جدا،
ڪج ادا ڪان ٿي جدا- شڪوي گلا ڪان ٿي جدا،
هر خطا ڪان ٿي جدا- پوءِ بيخطا پيئٽو ٿو پئي.

۵- برهه جي بيباڪ دم سان- بانورو هڪ جام هي،
موج مستي اوج ۾- آ ماورو هڪ جام هي،
عاشقن تي آ آلستان- ٿيو عطا پيئٽو ٿو پئي.

(هلندڙ)

٦- ڀِي تہ تُنهنجو راز توتي- سڀ سمورو ٿئي عيان،
ڀِي تہ دوزخ بهشت جي- آزاد ٿين خفقان کان،
رندي مَشرب جي تَحت- جاٽي خدا پيئٽو ٿو پئي.

٧- هڪ خمر جو پيو خبر جو، ٿيون نظر جو جام هت،
چوٿون درد و غم الم جي، در گذر جو جام هت،
تنهن مٿان پنجون صبر جو، جابجا پيئٽو ٿو پوي.

٨- حُسن جلوي گر بہ آهت، عشق جلوي گر بہ آ،
روح پرور راڳ رس ۾، دل کُشا ساغر بہ آ،
اُت اُوس اعجاز چئي، بس بارها پيئٽو ٿو پوي.

تلم: تُنهن جي مَئي جي مَئي مَئيخاني تي - مَئي پِياڪ هَزارين مَان نہ رڳو،
تُنهنجي جُود و ڪرم جي آيا سُٽي - نِت هاڪ هزارين مان نہ رڳو.

۱- تُنهنجا جَام ڪِمام[1] دَمام[2] ساقي - پَسي خُوب خِرام گِرام سَاقي،
تيا خان خِدام[3] مُدام ساقي - پئہ خاڪ هزارين مان نہ رڳو.

۲- تُنهنجي جُودي جَرس تنهنجي توهي ترس رُخ واري عڪس رنگ روحي رس،
هر وار نواز يا خارو[4] خَس - خَاشاڪ هَزارين مان نہ رڳو.

۳- مَدمَاڪ تُنهنجي مَئيخان سَندي - پِڪ تِڪ بہ تُنهنجي پرين پان سندي،
تا گھرن ڏيو دل جان سندي - اِملاڪ[5] هَزارين مان نہ رڳو.

۴- هڙا جن ڪي جُرَعَ[6] امداد تيا - سي عقبيٰ دنيا کان آزاد تيا،
تنهنجي شوق شغل ۾ شاد تيا - نَمناڪ هَزارين مان نہ رڳو.

۵- تُنهنجي مَست مَئي جو اَعجاز ڏنم - هر پَيئندڙ کي نَاز و نياز ڏنم
تن ۾ عِشق جو سوز و گُداز ڏنم - چِت چاڪ هَزارين مان نہ رڳو.

(۱) ڪِمام: سامان، پئمانہ (۲) دمام: رونق، نقارا (۳) خدام: نوڪر چاڪر
(۴) خَار و خس: ڪنڊا، ميرامنڊا (۵) املاڪ: ملڪيتون، ملڪ (۶) جُرَعَ: ڍُڪ

تـلـه: محبت عِشق جي مئي پي، عجب مَسـتان ٿي وَڃجي،
همه کي تُنهنجي حَيرت ٿئي، همهٔ حيران ٿي وڃجي.

١- تُنهنجي مَستي ڏسي منصور چوي صَد مَرحبا توکي،
گهوري مَجنون تو تان گهورُون، لقاء لاثان ٿي وڃجي.

٢- تُنهنجا گُفتا هجن گياني- تُنهنجا نُقطا هُجن نيهي،
تُنهنجون رَمزون هُجن رندي، آهزو ديوان ٿي وڃجي.

٣- سِتـارا کَن قدم بوسي، فَلڪ تُنهنجا سلامي ٿين،
ملائڪ کَن توکي سَجدو، اُهو انسـان ٿي وڃجي.

٤- اَمرُ کُن جو سدائين آ، جيکي نيـٺو اَٿئي ٿي پَئُہ،
يا خود کـان بيخبـر يا باخبـر، باشـان ٿي وڃجي.

٥- سُڌائي پاڻ کي عَاشق، مُڙڻ مـوٽـڻ يانئج مـھٽـو،
پَسي صورت، پرين وَاري، پَتنگ پَروان ٿي وڃجي.

٦- اَعجاز! علـم وَارن جو، چوڻ آ عَبـد ٿـي وڃجي،
عُشـاقـن جو اشـارو آ، تـہ سِر سُبحـان ٿـي وڃجي.

گياني: معنيٰ خيز، ڇاڻ وارا

ٺلھ: توکي ڏٺم تہ بَس، پُرخُمار ٿي وِيُس- سَاغر جي ڇا ضرورت، سَرشار ٿي وِيُس.

١- ٿُون ڇو ڪَرين ٿو تَعجب- توئي تہ ھيئن ڪَيم،
جو خَاڪ و خَس مَان گـوھرِ- شَھـوار ٿـي وِيُس.

٢- وِينجھار ڪو ھُجي- جو سُڃاڻي مُونکي صحي،
شِيـشـا گَرن جو واڪ- ٻُڌي ڇَار ٿـي وِيُس.

٣- ٿُنھن جي نگاھ ۾ نہ سَھي- منھن جي عاشقي،
پر آئون تہ ٿُنھنجي عِشق ۾- اِظھار ٿي وِيُس.

٤- ھَمِ جِنس آسَـدم- ۽ جو ھَم فعـل پـڻ ڇَوان،
اُن وٽ ڇو بـيـگُنـاھـ- گُنـھـگـار ٿـي وِيُس.

٥- تـوئـيِ نگـاھـ نـيـمِ سـان- آقـيـمـتـي ڪَيـو،
تـوتـان ٺـي بَار بَارمـان- بَلـھـار ٿـي وِيُس.

٦- مُونـڪـي بـہ چوڙ مَان- صنـم گَڏ شَبـاب سَان،
آئون بـہ ٿُنھن جي پيـر جو- پيـزار ٿـي وِيُس.

٧- آفـسـوس آمـونـڪـي- صَد آفـسـوس آمـونـڪـي،
ٿُنھن جي بـہ اَڄ نـظر ۾- تـہ بـيـڪـار ٿـي وِيُس.

٨- اَعجاز مُنـھنجو عَالمِ- مَستي نـہ پُڇ مُونـڪان،
دُنـيـا و عُقـبـيٰ ڪـان- ڏِس آحـرار ٿـي وِيُس.

احرار: آزاد، بري

تلھ: صُراحِي جَام مَئي مُون وٽ - نيشاني يَار مُنھنجي جي،
مُون تي ھيءَ تي ھَتو ھَٿ - مَھرباني يَار مُنھنجي جي.

١- پيئڻ پيارڻ مَحبت ۾ - ڇيائين صَد حَلال آھي،
پياري وَحدت ۾ پيالا - يَاراني يار منھنجي جي.

٢- ڪَجئين نا تَرڪ نَا توبھ - ڪَٿھن پيالي پريميءَ گان،
مُونکي آھڙي ھدايت آ - روزاني يَار مُنھنجي جي.

٣- نيشاني آعَجب جَھڙي - ڪَتب جَھڙي طَلب جَھڙي،
نيشاني ۾ لکل مَستي - لاثاني يَار مُنھنجي جي.

٤- تَڏھن ھَر ڳالھ مُنھنجي ۾ - رھُو آ مَست مَئي جي بُوءِ،
خُمر ھُئي ڪَا خُودي وَاري - حَقاني يَار مُنھنجي جي.

٥- پيان تو پوءِ اَعجازا - ھئين حَاضر ڪَريان پَھرين،
مُحقق ۾ مگن صُورت - مُغاني يَار مُنھنجي جي.

تـلـم: قَدم قَدم تي بَزم بَهاريون - بَاده خَانہ مَينگهہ مَلهاريون، عشق حُسن مِن جاءِ.
سَاقيا سَاقيا هت مَستي گُهرجي - سَاغر مَست هَلاءِ، عشق حسن مِن جاءِ.

١- هِت دَم دَم ڪَئين دِيدارَ - رُخ آنوار عَجب جَهلڪارا،
هت سَاندهہ سوَسينگار - هَمَہ هُيڪار سَنگم سَي سارا،
نَين نَين جا نَاز نيارا - آرَ آنوڪا عَين اِشارا،
پَل پَل پِيار جي لاءِ.

٢- هِت حُورون هِت غُلمان - چَمن چَوگَان [1] بَندر بُستانا،
هِت پِرت وَارا پَيمان - پڪُون ۽ پَان لَبِ مَرجَانَا،
چَند چَراغ شَمع شَهانا - هِيرا موتي گوهَر گِرانا،
گُل قُل جاءِ بَجاءِ.

٣- هت ذَاتي نُور ظَهُور - تَجلو طُور ۽ ڪعبو ڪاشي،
هِت سُور سُرُور ضَرور - قَهر ڪَلور تہ عَيش عَياشي،
هِت وَاعظ قَاري رِند قَلاشي [2] - تَارڪ طامِع [3] طِرزي تَماشي،
نَيض فَهم فَحشاءِ.

٤- هِت قَبر هتيئي قِيام - جَنت جَا جَام هَتو هَتَ جَاري،
هِت ڪَات آڏيون قَتلام - صَنم گُل فام ڪَونتَل [4] ڪَلتاري [5]،
عَاشق عَارف هِت اِسراري - مِجاز حَقيقت جا اقراري،
اَعجاز جي وَٽ هِت رَاءِ.

(١) چوگان: ميدان (٢) قلاشي: سجو (٣) طامع: لالچ
(٤) ڪونتل: سوار جي بنا وهٽ (٥) ڪلتاري: خالق، رزاق، مالڪ

تلم: ڪُسن قَبولي آيا عُشاق- تُنهن جي مَئي مَئيخان تي سَاقي.

١- ازلتُون هُتا جي توسان انجامي- عِشق سَچي سان عَاشقِ احرامي،
مَئي پِياڪ سي مَست مُدامي- تُنهن جي سَري ۾ سِر جا مُشتاق،
سِر ڏِيندا سَرِ مَيدان تي سَاقي.

٢- آڄ مَتَ اُپَتَ اُهي عُشاقن آئي- جي تو سَنڌيا آهن سِڪون پَائي،
بِسم الله سَان تن مان وَڏائي- پِيار تہ پَري تَئي نَجس(١) نناق،
پُورا رَهون پَيمان تي سَاقي.

٣- مَئي ڪَشَن جا قول ڪرارا- قَالُو بَلائِي برهہ وَارا،
خِيال تني جا نِهايت نِيارا- وِيا اورانگهي عَرش آفلاڪ،
تُنهن جي حُڪم فَرمان تي سَاقي.

٤- تُنهن جي مَئيء مئيخان جَا پَازي- پَتنگن وَانگي آهن پَروازي،
مَوج تني سِر حَقيقي مِجازي- ڏِين ويتا سي وَحدتي وَاڪ،
اَعجازؔ وَاري آبوان تي سَاقي.

(١) نجس: ناپاڪ

ٿلھ: مُون تہ پيتو آپر جو جَام - مَاٺھو چَون تا آھي حرام.

۱- زَم زَم جو نَاھي شَوق مُونکي - آپَٽ پريمي جو شَوق مُونکي،
تَنھن تَرڪ ڪَرايا طَرف تَمام - مَاٺھو چَون تا آھي حَرام.

۲- سُرڪ سَچيءَ جو آھيان عَادي - سَائي سَوائي ڏيندو ھَادي،
ڪِين ھَٽان ٿو ہي ڪا ھَام - مَاٺھو چَون تا آھي حَرام.

۳- مَئي مَد پيالو جوئي پيئندو - ہئي جُڳ جيڏيون سوئي جيئندو،
ڪو گُرد آعجاز پَريندو گَام - مَاٺھو چَون تا آھي حَرام.

ٿلھ: نَدي پَرجا پِي پيمانہ - دَم پر ياسون دوستانہ،
آسان سَاقيءَ ڪي سَجدا ڪَري - ڪيا سِر سَاھ نَذرانہ.

۱- آسين وَحدت جا وَڻجارا - آسين صُحبت جا اُجارا،
آسين صُورت پَرستارا - آسان جا سِينا صَنم خانہ.

۲- ڏسو سَاقيءَ جي عَجب سَخا - ڪَري سَاغر ۾ عِشق عَطا،
ڏِسي سَاقيءَ جي دِلڪش ادا - ٿين دَانھہ بہ دِيوانا.

۳- جتي جام لبالب جُڙن - جتي نين نيڻن ڪي مِڙن،
اُتي سا وصل جا چِڙن - جِن ۾ ڊَنگ مُغرمانہ.

۴- آھيون بيشڪ سَوالا آسين - پريم پِيالي پيالا آسين،
ملھايون مَنگل نِرالا آسين - آسان جا جَشن جُداگانہ.

۵- پِرت پير مُغان جي پَچي - نَعرا نينھن جا ھَنياسون نَچي،
ھَتان آعجاز عَليءَ جي آچي - مِليا پَھ پور عَاشقانہ.

(۱) گُرد: پھلوان، ھمت وارو

ٿلهه: آسين مئي پَرستا مَوالي مَوالي- پَرستِش آسان جي نِرالي نِرالي.

١- صَدائون ۽ نَعرا آسان جا سَدائين- قَدَح سان قائم ڪَمالي ڪَمالي.

٢- شيشي جَام سَاقيءَ اڳيان سر نَمائي- نمازي بَنياسون آوالي آوالي.

٣- آدائن ۾ مَستي صَدائن ۾ مَستي- وَفائن ۾ مَستي مِثالي مِثالي.

٤- ڏهاڙي ڏهاڙي اڳياڙي پُوڄاڙي- ڪَيو ڪَات مئي جي حَلالي حَلالي.

٥- ڪَلين ڪان ونئي جو ڪَليجو ٿو چِيري- ڪَڙو آهڙو پيون ٿا پيالي ءِ تي پيالي.

٦- مُقدر سان مِليو سرَي جو ڏَٽي سِر- سَڏي مئي ڏني تنهن سُنوالي سُنوالي.

٧- پيون ۽ پياريون جِيُون ۽ جِياريون- اِهي ڪَم اِهي دم بَحالي بَحالي.

٨- شَرابي جَشن ۾ اکهوڙي نَشن ۾- تِيون پَاڻ سان پَاڻ حَالي حَوالي.

٩- مَوالَپ جي ڪَارهن مان ڪَارا اسين تيئن- تِي ڪَاري ٿئي جيئن دُنالي دُنالي.

١٠- عَلي ؑ پيو پياري آسين پيا پيون نت- تِين ڏي نه پئي دَر سُوالي سُوالي.

١١- مئيخانه پيمانه موالين جي ميراث- مٿا ڏيئي موالين سنيالي سنيالي.

١٢- صُورت حُسن وَاري ڏسون جت وَسون اُت- رکون عَاشقانه خِيالي خِيالي.

١٣- جَپي جَام سَان نَام اعجاز تياسون- وَٺيءَ وَٽ جا وَارث وِصالي وِصالي.

تلھہ: نَشو ھَٽ نِينھن وَارو کر- نَشا آھن بِيا فَاني،
جَھالت ۾ پَئي جَاھل- وَڃيون ڇو پين تو وَھشاني.

۱- اندر وَارِي مَئي اُپَتي- تکون ڏئي تَنھن مان مَئي پيءُ تون،
تہ حَاصل توکي ھَاٿي ٿِئي- لَاھوتي لَاڳ لَاٿاني.

۲- مَئيان تو ٿِي لڳي مُوڙھل- آٿئي مصلحت ھي موچاري،
رَبوبي رَمز کي سَمجھي- رَمي وٺ راھہ رِنداني.

۳- سَارو سَامان سِري وَارو- سَدا موجود آ توسَان،
پَائي ڏس پَاڻ ۾ جَھاتي- نِھوڙي خِيال نَفساني.

۴- پيالا پِرت جا پَلپل- پَري پِياسي جيکي پِيئندا،
مُوتُوا قَبلِل اُھي ٿِيندا- مَھيسي مَرد مَيدانِي.

۵- وِرھہ ويراڳ ۾ ويھي- وَحدانيت مان تون وَاقف ٿي،
سَواءِ سِک سَوز جي آوڳا- پَلئہ پَوندئہ پَشيماني.

۶- پيرِ مُغان جي پَئي قَدمين- کَيل واعدي تي رَھہ پُورو،
عَھد شِکني کَرڻ اعجاز- نسوري آہ نَاداني.

عھد شکني: وعدو پورو نہ کرڻ

تلھ: مَاري چِياريس جَن- پُر جام پَياريا تَن.

١- خُوبان خُوب سَنيال لَڌي، خُوشنودي سَان سَڄڻ،
شَاهي شَفاعت شَان وَڏي سان، شُڪر ڪئي شاڻِن،
ڪوڙئون بيهو قَبر مَٿان، سي ڦُم بِاڏِني ڪَهن.

٢- گُونا گُوني غَمزا رَمزون، گُهورون گُهنڊ سَندن،
نُوري نين نظارا لآيو، نَاز نِيارا ڪَن،
دَم دَم مِهن ڍِيدن گَيڙو، دُرس اهو دَرشن.

٣- مَحبت مَجلس مَحبوبن جي، موهي پَئي تَن مَن،
سُخن سَچارا سَڄڻ جا، سُٽيو سِڪون سِرجن،
رُوح رِهاڻيون رَس رَچايو، رَاز رَضائون رڪن.

٤- ويجهو ويهي وَصل وَارا، وَنگ وڏا وِينگسن،
پلپل پِيار مَنجهاران پِياريون، پَان پِڪون پِرين،
اِيڏيون عين عِنايتون ڪَن، آهڙا پَاجهارا آهن.

٥- ڪر ڪوتا هي خَبرون سُٽيو، ڪامِيو تا ڪامن،
ڏَنجهه مِڙئي ڏس ڏُور ڪَيا، ڏئي مَعافيون ڏيهه ڏٿين،
آئون تہ آهيان پَانهي، اَعجَازَا اوڻ اُهن.

تـلـهـ: دِلـي دِلـبـر زَهـر قَاتـل، پِـيـاريـنـدو تـہ بِسم الله،
كِلي هن حَلق[1] تي خَنجر، گذاريندو تہ بسم الله.

۱- ڇڏيم پِيا طرف سڀ جنهن لاءِ- اُهو مَحبوب سَاقي سر،
سرِ ميدان سوريءَ لاءِ- هوكاريندو تہ بسم الله.

۲- ڪُهي سو ماهہ[2] رُو مونكي- كري صورت ڪَوابي جان،
برهہ جي باه سيخن سر، ڏياريندو تہ بسم الله.

۳- پرين جي پيار سان پرتئون- پائي كنڌ ۾ كمند[3] بند كي،
پنهنجي زلفن[4] جي قيدين سان- قطاريندو تہ بسم الله.

۴- نہ جِيارڻ كنهن جي سان جيئندس- چوي اعجاز مُئي كان پوءِ،
لبن تي لَب ركي لاكڻ- جِياريندو تہ بسم الله.

---

(۱) حلق: گلو (۲) مَاه رو: چنڊ جهڙو (۳) كَمند: پيچوكڙ
(۴) زُلفن: وارن

تلھہ: پڇ نہ مُون کان وَاري وَاري پِيار جو پيالو،
ڪِيئن چَوان ويو ڪير ڪري، پياري پيار جو پيالو.

١- نِت نئين خُمار سان، آ نَر نشو تنھنجو،
ڳالھہ پيتم اڄ بہ آھي، پُر نشو تنھنجو،
پائداري[1] تو سيکاري پيار جو پيالو.

٢- درد ڇا درمان ڇا ھي، ڇا دوا درمَل،
پرت جي پَيمان ۾ آ، ھر شفا پلپل،
ڇو ويھان اھڙو وِساري پيار جو پيالو.

٣- دَم بہ ڏاري دَم بہ مَاري، دَم بہ جياري سو،
سِک سَنواري، سِر بُہ وَاري قول پَاري سو،
جنھن کي تئي چاڙھي نظاري پيار جو پيالو.

٤- تئي نہ تئي ھت ڪا بہ ھاڻي جي ڪڙي محفل،
مون سان منھنجي يار جي ھر گھڙي محفل،
ھي عجب تو رنگ ڏيکاري پيار جو پيالو.

٥- نام آ اَطھر اُنھي جو، جام جَلوي گر،
صِف شِڪن[2] سو شير اَفگن[3] ساقيءِ ڪوثر،
سالڪن کي ڏي سنياري پيار جو پيالو.

٦- سُو بَسُو تو ساڻ پانيان آئون صنم پنھنجو،
ڪِيئن تِڙي تِڙکي پوءِ يارو دم قدم پنھنجو،
سُرت[4] تو اعجاز ڏياري پيار جو پيالو.

---

(١) پائداري: پڪو پختو قائم (٢) صف شڪن: صفون ڀڃندڙ
(٣) شير افگن: شينھن کي چيريندڙ (٤) سرت: سمجھ، عقل، ھوش

ٽلہ: پيءُ تہ پاسي ٿئي حجاب۔ هُونئَن نہ ٿيندي هيڪڙائي.

١۔ هي حَيا ۽ هي حجاب۔ سِڪ وَندي دل لاءِ عذاب،
ڇو سِڪائين ٿو ڇپايو۔ مُنهن منوّر مَاهتاب.
ڪر ذرا جلوي نُمائي.

٢۔ جَام جَن پيتو ڏنو تن۔ غَير هيائي ڪي جَواب،
ڪو ڏسڻ ۾ ڪونہ آين۔ پوءِ ڪنهن جو ڏوهہ و ثواب،
ڏِس تہ ساغر جي صفائي.

٣۔ هيڪڙائي ريءَ نہ ٿيندي۔ هَمنوائي آي جناب،
تون ۽ مون ويندي نہ وچ مان۔ هر گھڙي رهندو حساب،
ڇَڏ حسابن واري وائي.

٤۔ آئون ٿُنهنجو آشنائيءِ رازُ۔ آهيان هِڪ نَاياب،
۽ ڪتابت قَلب جي سان۔ قرب جو آهيان ڪتاب،
ڪَهت آ منهن جي اِهائي.

٥۔ عِشق تنهنجو آهي تيئن۔ جيئن آهہ بي پير و عُقاب،
مَاس مِڪ روڙي هڏن تان۔ رت پيئي شوقئون شتاب،
تہ بہ اجان تنهن جي جُدائي.

(هلندڙ)

٦- ڪَن ڪروڙين عشق پيا - پرڪو وِجي ٿيو ڪامياب،
ڪي ٿَڏي تي ئي ٿَڪي پيا - ڪي هلي ٿيا مِهٽي هاب،
واٽ وچ تان موٽ ڪائي.

٧- ڪونہ پِيو ڪِٽ هَمُرو ڏِسندين - نيهي پيالو نَاب نَاب،
پيئڻ جنهن جي سان پوي ٿي - سالڪن وٽ ٿَاب ٿاب[1]،
سالڪي ۾ سِر فدائي.

٨- آي دل پَندار[2] آ- آعجاز جو تو سان خطاب،
آڻ پَنهنجي زندگي ۾ - عشق وارو انقلاب،
سَيِ اَٿئي ٻي سَڌ آجائي.

(١) ٿاب: قبول (٢) پندار: نصيحت

ٹلھ: شام جي پيالي ۾ پيارا، تون بہ شامل ٿيءُ شام،
ماهِ ڪامل وانگي اُڀري، مِيرِ محفل ٿيءُ شام.

۱- منهنجي اڄ مهماني هيءَ، ۽ ميزباني ڪر قبول،
شام هڪڙي لاءِ منهنجو، محرمِ دل ٿيءُ شام.

۲- نوش نوشان[۱] موسمِ گل، دوش دوشان[۲] انتظار،
ڪاروانِ عشق سان اچ، اڄ بامنزل ٿيءُ شام.

۳- بِدهم خارن جي بزم جي، تون شمع تون شغل شان،
شاهِ خوبان[۳] شوق پائي، مُنهن مقابل ٿيءُ شام.

۴- دام داٽي حُسن واري، دل موهيندڙ دل فريب،
سا تون پَهِ در پَهِ مَندي، مُسخرِ[۴] دل ٿيءُ شام.

۵- سِير سائر جي برابر، سوز جو سَاغر ڪو پيار،
سو پياري سڄڻ ساقي، سانيَ[۵] ساحِل[۶] ٿيءُ شام.

۶- جِن نگاهن جن آدائُن، سَاڻ پائين پيچ تو،
تن نگاهن تن آدائن، ساڻ مائِل ٿيءُ شام.

۷- عرض آ اعجاز جو، غور طَلب اي حسن مآب،
قرب جي تقريب دَوران، ڪيئن بہ داخل ٿيءُ شام.

(۱) نوش نوشان: پيءُ پيئاڻ (۲) دوش دوشان: گڏ ڪلهو ڪلهي سان
(۲) شاهِ خوبان: سهڻن جو سردار (۳) مسخر: گهيري ۾ قابو، فتح ٿيل
سانيَ: گڏ (۶) ساحل: ڪناري

ٺلهه: پِيالا پريم جا پَٽ - عَاشق پِيَن پِيَن،
سڀ ڪنهن نٺا نصيب هي - سَاغر ٺين ٺين.

۱- دَرياء پَر لبالب - مَستيءِ جا جام پي،
ڪيئي پَن ۾ سِرّ خدائي ڪي - ڪوليو ڪِيَن ڪِيَن.

۲- سيڪو نہ پي سگهي - نڪي سيڪوئي سَدَ ڪري،
عشاق مئي پِيَن پِيو - جُڳ جُڳ جِيَن جِيَن.

۳- ساقي جو هٿ مبارڪ - فَاتح سَخي فَياض،
پَازي پياڪ ڪِيئن نہ پوءِ - سِر ڙا ڏِيَن ڏِيَن.

۴- هَر جام سَان نام - جَپن ڪرت مئي ڪَشن،
مَدهوشي ۾ به نام نہ - وِسري وِيَن وِيَن.

۵- سَاقي ۽ مَد پياڪي - پيئن سان ٺا هڪ ٺين،
تن هيڪڙائي گهرجي - پِيائي پِيَن پِيَن.

۶- آعجاز عاشقن ئي - ڪيا نوش پيالا نيش،
غَالب نَشا انهن جا - مٺان سڀ سِيَن سِيَن.

ٿلھ: سُھٹل آيرِ ٿي سَاقي وي - صِفت ڻنا ٽنهنجي ڪَھڙي سٺايون.

۱- مَحفل ۾ ويٺو مُحب منڙو - مَستن سان ٿي مُلاقي وي،
مُيسّر ٿيو مَحبوبي مشاهدو - قول پريو مِيثاقي وي،
مرسل مرڪي اکڙيون چايون.

۲- هڪَ هَٿ سَاغر ٻي هٿ خَنجر - هي رَوش ڏسو رزّاقي وي،
سرڪي عيوض سر ساھ وٺي ٿو - بوتو چڏي ٿو بَاقي وي،
بَيعَت ڪري اهو ٺَاتو ٿا نيايون.

۳- مَست پِيالو مَحبت وَارو - يار پِياريو ٿي يَاقي وي،
مَحو ٿياسون عَرش وِياسون - آوج ڏٺاسون عُشاقي وي،
احديت ۾ ٿيون اسان جون جايون.

۴- پڪ سان مليوسون پر ۾ آعجازا - پِرمل پاڪ پوشاڪي وي،
وِرھ وَنديوسون تنهن سان - ويهي وَرق وَرائي وَفاقي وي،
وصل سنديون اچ مليون سون وَاڏايون.

تلھ: آسان چاھِ ذنخ[1] مان پيتو زَمزَم - وِسري وِيوسون بَيت حَرم.

۱- چاھہِ ذنخ ۾ مـاري غوطا - داغ اسـانِ نت دل تـان ڌوتـا،
ڏِيان ڏاريوسون اھو دَم دَم.

۲- بِرھہ وَاري هَٿ بَات کَئي سون - جَھاتيءَ سان ڏس جَھات کئي سون،
جَـام جَـلالـي لَڳو جَم جَم[2].

۳- يَل چَوي کـو کَافـر منـکـر - عشق حُسـن جو دَم نـہ ڇڏيـون در،
دين ڌرم اٿئون زُلفِ خَم خَم[3].

۴- اي مـيان نَاصح مُعـلـم[4] - اٿـئي اَعجاز جا ڏوھہ کُلئـي کـم،
رَاھہ وَٺي تون پَنھنجي رَم رَم.

تلھ: پُر جام پيار سَاقي - پياڪن کي پيار سان،
پَلٽاءِ آب احـمـر - پَلپل پُکـار سـان.

۱- ميٺي مڙئي مَيارون - سَيني جون لھ سَنيارون،
رَبَ لـڳ ڏيـئـي ڄَمـارون - بَر سِر بَھـار سـان.

۲- گُلفام وِجھہ نہ گھاري - آھي دِل اَجان اُجاري،
وِيـراڳِ وِرھہ واري - وَٺـي قِيـر وَار سـان.

۳- سِڪ سـوز جنھن ۾ آھي - سـاڪا پيار نـاھي،
نـيـنـھـڙو ويـون نِباھي - ٿُو نـامـدار سـان.

۴- دَر ڪين تـنـھـنـجو ڇڏبو - اٿيـئـي اوتارو اڏبو،
لالـڻ ھتـان جي لـڏبو - تـہ بـہ ھن پچار سـان.

۵- اَعجاز ڇئي ٿي راضي - مج مـيڙ مـنـت آزي،
ڏي فـيـض ڪر فـيـاضي - ھن دل فـگـار[5] سـان.

---

(۱) چاھہ ذنخ: کاڏيءَ جو گھب (۲) جم جم: لڳاتار سدا (۳) خَم خَم: گول ڇلي وانگر
(۴) معلم: اُستاد (۵) دل فگار: دل ڦٽيل

ٿلهہ: جَام ھي پيئندا رَهون- هيئن روزُ هت مِلندا رَهون،
پيـار وَارو وَاعـدو- هَردم سَچو رکـنـدا رَهـون.

۱- پيار پنهنجو تُئي تہ ٿئي، دُنيا جي آڏو هِڪ مِثال،
سِر غمن جا هَڙهہ ٽُٽَن، تہ بہ هر گـهـڙي هَسـنـدا رَهون.

۲- هـن زَمـانـي جي هَنگـامـن کي، رکي بـالائـي[1] تَاڪ،
پَاڻ پنهنجي لئون لڳيءَ جا، پور پَهہ پَهندا رَهون.

۳- هِي اُهـوئـي جَام آ- جو احـتـرامـاً آي صَنـم،
جام هـن جي هـر جُرَعَ[2] تـي، بِسم الله پَڙهـندا رَهون.

۴- قُرب واري قَاعـدي، قـانـون سـان ئـي قُرب ۾،
ايترو ويجها هجون، جِيئن چِشم لَب چُمندا رَهون.

۵- ڇَا بہ ڇَئي دُنيا مگر- دُنيا جي ڇَئي تـيندو بہ ڇَا،
سـاک جي آهيـون بـرابـر، سَاک سـان ڇَونـدا رَهـون.

۶- هِت جا هِي ميلا ملڻ ۾، هت جُون هي هَم صُحبتون،
سَر بَسر اَعجازؔ ڇئي سي، دل تـي سـپ لکـنـدا رَهون.

(۱) بالائي تاڪ: مٿي، پاسي تي (۲) جُرع: ڍُڪ، سُرڪي

ٺلھ: ڏاڍو ٿا پيُون پيُون، تڏھن ٿا جيُون جيُون،
نَشِيلا نيڻ گَڏيا، نَشا ڏَئي تَن تہ چَڏيا.

١- انھي ديدار ۾، انھي خُمار ۾- ڪياسون تَن مَن فدا، انھي تات تار ۾،
هَوائي ھوش لَڏيا نَشيلا نيڻ گڏيا- نشا ڏئي تن تہ چڏيا.

٢- ڪجل ڪاني ڪري، اک مستاني ڪري- ملڻ واري سدا مهرباني ڪري،
سڪايل ساقي سڏيا، نَشيلا نيڻ گڏيا- نشا ڏئي تن تہ چڏيا.

٣- جام هلندو رھيو، خيال ڪُلندو رھيو- ساقي راز محبت سَلندو رھيو،
اوتارا عشق اڏيا، نَشيلا نيڻ گڏيا- نَشا ڏئي تن تہ چڏيا.

٤- اسان جو مَرڪ آ پيئڻ، اَعجاز ا مست ٿيڻ- گھوري گھوري پيمان تي سرڙو ڏيڻ،
تڪبّرِھت نہ پَڏيا، نَشيلا نيڻ گڏيا- نشا ڏئي تن تہ چڏيا.

ٺلھ: ڏس دور شَور سَاقي سَاغر جو جُود[1] ڪر،
ڏي پَٽ الاحِسابي، اُجن آسود ڪر.

١- تون نيھي نام وارو، تون ڪل ڪمام وارو،
تون جام مام وارو، نعرو نمُود[2] ڪر.

٢- تُنھنجو ھٽ آ ياڳ پَريو، پيو پيار وريو وريو،
پِياڪن جو توڪان گُھريو، سوئي موجود ڪر.

٣- ٿئي حال اِستغنائِي[3]، وِجي ھوش ما سِوائي،
وسري ٻي سيئي وائي، وِرھئُون ورود ڪر.

٤- ڪلي لاءِ نيڻ نظارا، ڪجلا ڪَبودي[4] ڪارا،
شُعُلاتي شَمَ شَرارا، شُعلا شھود ڪر.

٥- ھن سَن ۾ سارو عَالم بيدرد زور ظالم،
اعجاز چئي ٿي فالم دردن جو دُود ڪر.

(١) جود: سخا (٢) نمود: ظاهر (٣) استغنائي: بيپرواهي (٤) ڪبودي: آسماني نيلو

ٿلهہ: هي نَشو هِن مَئي ۾ آ، ڪِي ٿنهنجي پِڪ پيالي ۾ آ،
عُمر ٻَر لاءِ مَست ٿي وِيس، دِل عَجب چَالي ۾ آ.

۱- هَوش ۾ آهيان ڪِي ناهيان، پَر ڇُپايان آئون نہ حق،
هَرمزو هر لطف حاصل، حال لا اُبالي[1] ۾ آ.

۲- خِيال منهنجي تي وَري، ٻيو خيال غَالب ٿِئي ڪٿان،
خِيال منهنجو بَند ٿنهنجي، خِيال جي تَالي ۾ آ.

۳- تو هٿان هَر هَر ڪُسڻ جي، سَدَ عشاقن کي ڏٿيم،
ڪَا تہ وٺندڙ ڳالهہ ٿنهنجي، بِرهہ جي ٻالي ۾ آ.

۴- ناهہ سو اَعجاز ڇئي ڪِٿ، گهاتَ تَڙَ گهُمِيُس گهٽا،
جو تَصرّف[2] ساقي ٿنهنجي، دَم جَپڻ نَالي ۾ آ.

ٿلهہ: پِياريو جَام پرين پِيان ٿَو پيان ٿو- پيئڻ سان جُڳ جُڳ جِيان ٿو جِيان ٿو.

۱- بِرهہ سِر تي بَاسي، چَارا سَڀ چَڪاسي- نَفس نَانهہ پَاسي نِيان ٿو نِيان ٿو.

۲- جَپي نَام ذَاتي، پَائي جِيءَ ۾ جَهاتي- آئا آن اِثباتي ٿِيان ٿو ٿِيان ٿو.

۳- نہ ڇاڻان مَدِي کي نہ نِيڪي بَدي کي- خُمر سان خودي کي ڪِيان ٿو ڪِيان ٿو.

۴- اَعجاز اِظهارو هَٽي نينهن نَعرو- حَقي حال سارو ڏِيان ٿو ڏِيان ٿو.

---

(۱) لا اُبالي: بي پرواهي (۲) تصرف: قبضہ ۾، اختيار ۾ مزو

تلہ: ساقي الالصبوح- سِڪ جا ساغرِ پيارڻ آيو.

۱- قُمرِ بِاذني[1] آمر ڪيائين- مَاڻ مَئي جا مَئي ڏنائين،
پِيا مَئُن ۾ روح، مُردا جَنازا جِيارڻ آيو.

۲- سو صَنم ساقي سَراسَر- بي بَها سُهڻو بَرابَر،
پِياري ڪَيف ڪَڪوهَ، قَلب ڪَارا اُجارڻ آيو.

۳- در موڪيءَ جي ڪئين مَوالي- ڪَئين قوالي ڪَئين سُوالي،
ڪَئين ڏِنم مَجروح- نِپَرڙا اُنهن جا ٺارڻ آيو.

۴- يَڪ پَرو اَعجازَ آ پاتو- چاڻ عجائب تَنهن هي چاتو،
هئا جي نَفس[2] نصوح- تَن ڪي تَوبہ ڳارڻ آيو.

تلہ: پِيالو مَئي سَندو پي مُون- ڪَئي فَرضِ آدائي آ،
دُنيا عُقبيٰ ڪان تَارڪ ٿِي- رِنداني راهہ پائي آ.

۱- جَڏهن ڪان جَام خُمر پيارِيو، مُونکي دِلبر پَنهنجي دَستَئُون،
تَڏهن ڪان مَاڻ وَاري مون، وَجي وَستي وَسائي آ.

۲- ڏيکاريم پرت جي پِيالي، نَوان نجهرا[3] نيئي نت نت،
ڏِني تنهن سَير سَربستي، اَندر دِل کي صَفائي آ.

۳- ڇڏي نَنگ نَامَ نيڪي کي- وَڃَايم نينهن جي نوبَت،
نہ آئم اِنڪار دوزَخ ڪان- مُون اڪ ڪسان آزائي آ.

۴- جاڳائي جوت ميٺائي- هٿي جَهاتي ڏِنم جيءَ ۾،
خُدا جي ذَاتِ جي مُون کان، نہ هِڪ پَل ڪا جُدائي آ.

۵- اها اَعجازَ سَرمستي- آئي آعشقِ جي جَنهن سِر،
اُنهي جي هِن دُنيا وارن- سِري سُوري چڙهائي آ.

---

(۱) قُمرِ بِاذني: اٿ منهنجي حڪم سان (۲) نفس نصوح: ڪَٽا نفس، پڪا نفس
(۳) نجهرا: ماڳ، رهڻ جي جاءِ، آستانو، جهوپڙا

تلهه: ساقِيا تو لاءِ سِڪن ٿِيون، تُنهنجي پِياسَن جُون اڪيون،
تو سواءِ تڙپن پَيون، تو در اُداسين جُون اڪيون.

١- فِيْ سَبِيلِ اللهِ پَري ڏي، اڄ فقيرن ڪي سو جام،
جَنهن لاءِ آهن مُنتظر، نت نِت نراسن[1] جُون اڪيون.

٢- ساهه آهي پر نہ جهڙو، سوز اهڙو حال ڪيو،
سُور سورن تي ڏيئي، سَاڙين چو ساسِين جُون اڪيون.

٣- ڪلندا وَتن جي خَواهه مَخواهه، تُنهن جي آسان جي عِشق تان،
شرمنديون ڪَر ٿُون مِلي، تَن بِي شَناسن جُون اڪيون.

٤- هِي اڪيون تنهنجي ڏِسڻ لاءِ، ائين آهن آتيون،
جيئن آچارن[2] لاءِ آهن، حَيران غَواصن[3] جُون اڪيون.

٥- اڳ بہ تُنهنجا پوءِ بہ تُنهنجا، ٿِيا ٿِيندا ٿورا مَتن،
تو سواءِ اَعجاز چئي، مَرڪن نہ عاصين[4] جُون اڪيون.

(١) نِراسن: اداسين، مايوسين (٢) آچارن: نشان، سايہ
(٣) غواصن: ٽوبن (٤) عاصين: گنهگارن

تلفہ: ڪٽي شِيشي شَراب جي ڳُٽ ڳُٽ. ساقي هَانِ مُونکي پيولٽ لُٽ لُٽ.

۱- تي ساقي مُنهنجو سَنيار مُونکي، دَورِ جام دَوران نہ وسار مُونکي،
ٻَائي نين نيٽن ۾ پيار مُونکي، چَٽي تير اکين جا چُٽ چُٽ چُٽ.

۲- شِيشي جَام شَراب جو پير چَوئين، مئيڪده قَدح جو مِير چَوئين،
وَندِ مَئي جي وندڻ جو وِير چَوئين، ٻُڏي وَرتي ديواني جي ٻُٽ ٻُٽ ٻُٽ.

۳- اڄ تنهنجي هٿان پُرباش آهيان، تيو چڻ تہ وَڃي آڪاش آهيان،
آغوش سندءِ جو تلاش آهيان، آچي جوڙتي مون سان جُٽ جُٽ جُٽ.

۴- تُنهنجي پيالي لاَيو ڏَڄ ڏَڄ ڏَڄ، پِي مون بہ ڪيو آرَڄ رَڄ رَڄ،
چيو عشق عقل کي اڄ اڄ اڄ، هتان ڦرتي ڪاء هتان ڦُٽ ڦُٽ ڦُٽ.

۵- مون لاءِ رات بہ هي تہ بَرات بہ هي، مُغان سان ميلو مُلاقات بہ هي،
هُجي تَات بہ هي تہ بات بہ هي، پيون ڳالهيون مِڙئي ڪٽي ٻُٽ ٻُٽ ٻُٽ.

۶- ساقي جَام اڳيان تہ هُجيئي هُجي، اُها پيءُ پيئان تہ هُجيئي هُجي،
جي مران جي جيان تہ هجيئي هجي، نشو نينهن وارو اِن ڪُٽ ڪُٽ ڪُٽ.

۷- لُٽ جيڪي لُٽين سو مُباح توکي، گَهٽ ڪَاب ڪَندين تہ گُناھ توکي،
سِر سَاهہ ڏنم سِر وَاهہ توکي، اَعجاز چوي لَٽي ڪُٽ ڪُٽ ڪُٽ.

مغان: مرشد

ٿلهہ: پُران پُرجامُ پي ڄَمر ڄَمر[1]، پرينءِ سان پيچ مون پاتا،
دُنيا عُقبيٰ[2] مٿي دم دم، پرينءِ سان پيچ مون پاتا.

١۔ نِتان نت جُهڙ ملهاري آ، نَشي ان نينهن واري جي،
اُٺم نيڻن ۾ سا نَم نَم، پرينءِ سان پيچ مون پاتا.

٢۔ منهنجو آب خضر ۾ چا، منهنجو شهد و شَکر ۾ چا،
پچايان چو پيالا زَم زَم، پرينءَ سان پيچ مون پاتا.

٣۔ وِڃائي وَهم پيائي جا، وَڃائي وحدتي واڃا،
هِڪان هِڪ حال ٿي هَمدم، پرينءَ سان پيچ مون پاتا.

٤۔ لڳا جيئن نينهن نيڻن سان، هَنيم نَعرو نظاري تي،
پِيو ڄاڻان نَکو دَم کم، پرينءِ سان پيچ مون پاتا.

٥۔ رَهي سگهيس نہ پَنهنجي وس، ڇڏائي هوش ويو مون کان،
ڏِسي ڪا ڪُل[3] کُنڊا خم خم[4]، پرينءِ سان پيچ مون پاتا.

٦۔ صورت محبوب جِيءَ ۾ آئون، چوي اَعجاز گم ٿي ويس،
ٻَڌي ڇيريون کيان ڇَم ڇَم پرينءِ سان پيچ مون پاتا.

(١) ڄَمر ڄَمر: لڳاتار (٢) عُقبيٰ: هُوءَ دنيا (٣) ڪاڪل: وار
(٤) خَم خَم: گول ڇلي وانگر وريل

ٽلھ: مُونکي دير و مَندر نَکي مَسجد جي، مُونکي مَام مِلي مئيخاني جي،
مُونکي پُوڄا عِبادت کرڻي آ، هِڪ ساقي ۽ پيمانيءَ جي.

۱- مُنھنجو دين دَرم مئي پَرستي آ، مُنھنجو مَنشو مَتو سَرمستي آ،
سوا مئي جي سراسر پستي آ، اِنسان جي شان شاهاني جي.

۲- مُونسان هوش عقل جي ڳالھ نہ ڪَر، مُونکي سُونھون سِياڻو سَمجھ نہ تون،
رکي تَوقَع مون ۾ زماني جي، دل ڏکاءِ نہ مون ديواني جي.

۳- دَانائي مُون لاءِ دَاغ بڻي، ديوانگي درس دِماغ بڻي،
هر آتش مون لاءِ بَاغ بڻي، هَر باغ صِفت وِيراني جي.

۴- توکي سَودا طَاعت[1] تَقويٰ جي، مونکي سَودا سُرڪ سَوائي جي،
توکي زاهد پِيار و زُهد تنھنجو، مُونکي بَوتَل اَرغواني[2] جي.

۵- تُنھنجي رَاھ جُدا مُنھنجي رَاھ جُدا، تُنھنجي مَسيت مُدعا منھنجي پريت مُدعا،
تُنھنجي زِبان فِدا منھنجي جَان فِدا، توکي ڪَھڙي خبر يَاراني جي.

۶- مُنھن ساقي جو مُصحاف بَجا، مَيخانو سَاروئي بيت الله،
مئي نوشي خَاموشي نِمازآ اُت، اَعجاز جھڙي عِصياني[3] جي.

---

(۱) طاعت: تابعدار فرمانبردار (۲) ارغواني: ڳاڙهو شراب
(۳) عصياني: گنھگار

تلھ: سُرڪ ساقي ڳان مليم، سِر جي سَنياري سُرت لاءِ،
نِسنگ نيھي تي نياڻ، نينھن نظاري نِرت[1] لاءِ.

۱- چَند ايان چڪيم قُڙا، ويو خيال سمجھي حَال ڪي،
ڪير ڳھاري پيو ڳذاري، هن ڪِناري ڪِرت لاءِ.

۲- پَاڻ حيرت ۾ پيُس، هَر ڪي سراپا حق پسي،
تي اُمڙ اُپريس پوءِ پنھنجي، طلب نعري ترت لاءِ.

۳- دَمُ جياڻ دِل اُجاڙ، لاءِ ئتا عَاشقِ تين،
ڏيھ ڪارڻ لاءِ نڪي، ڏيھ جي ڏنجھاري ڏُرت لاءِ.

۴- مَدُ پيئڻ تان خود تين، نہ تہ مَد پين بيحد بُرو،
رِند مئي ڪَشُ غَير پيائي، چُڙ نہ ڏاري چُرت لاءِ.

۵- دم بدم دامن رکيم، اَعجاز پنھنجي داغدار،
پور التي پھ سيڪاريم، هيءُ پساري پِرت لاءِ.

تلھ: اَيان سَاغر[2] نہ رَک خَالي- يَري گُلفام[3] ڏي ڏي ڏي،
يَلي هت صبح تئي تئي- يَلي هِت شام تئي تئي تئي.

۱- پتا سانوڻ پتيون عيدون- پتا پوءِ ياڳ يَائيندس،
ملائين پيالي پيارڻ سان- چشم بادام جي جي جي.

۲- پنھنجي زُلفن جي سائي ۾- پيڻ ڏي ۽ جيئڻ ڏي تون،
مونسان پورا تہ ڪر پنھنجا- پرين انجام ڪي ڪي ڪي.

۳- درس ڳانا چِڏي ساقي- تنھنجي مئيخان ۾ آيس،
پڙھائين تون بہ پيو مونکي- تہ سبَ آيام[4] بي بي بي.

۴- لڳي مئي جي بہ لئہ اچ اچ- لڳي لب سان بہ لب اچ اچ،
سجڻ پوءِ سمجھنداسون پيا- تَاضي جي قيام ڪي ڪي ڪي.

۵- حُورون غِلمان جَنت جا- طھورا توڪان وڏ ناھن،
اهي اَعجاز چئي ڳنھن- غَير وَٽ انعام ني ني ني.

---

(۱) نرت: نظر (۲) ساغر: پيالہ (۳) گُلفام: معشوق.(گل جھڙو). (۴) ايام: ڏينھن

تلہ: پِيءُ تہ آهڙو پِيءُ جو- پَنهنجو تماشو پاڻ ڏِين.
حال وَهوا هيءُ جو- پَنهنجو تماشو پاڻ ڏِين.

۱- جِيئن جِئي هي جڳ ٿو تيئن- جي تون جِيئين تان چا ٿيو،
جڳ کان اُلٽو جِيءُ جو- پَنهنجو تماشو پاڻ ڏِين.

۲- حق ۽ باطل جو جي ڄاڻُو- ڏِئين تہ مِڙئي خير آ،
پَنهنجو ڄاڻو ٿيءُ جو- پَنهنجو تماشو پاڻ ڏِين.

۳- پاڻ ڏُوکي تنهنجو جِت- تعجب لڳي تپرس[1] لڳي،
سو وَسائج وِيءُ[2] جو- پَنهنجو تماشو پاڻ ڏِين.

۴- ترڪ تجويزون تميزون- ڪَر تفاوت جون صفا،
دِل جو ٿي تون ٿويءُ جو- پَنهنجو تماشو پاڻ ڏِين.

۵- هِن جهان جِي هر ڪا شيءِ- هَر ڳالهہ ٿي مَعنيٰ رکي،
پُڌِ پيائي رِيءُ جو- پَنهنجو تماشو پاڻ ڏِين.

۶- جو گريبان مُرِوجهائي- مُنهن چَکَئي پَلپل اندر
پوڄ سوڙئي پِيءُ جو- پَنهنجو تماشو پاڻ ڏِين.

۷- آهين جي اَعجاز ڇئي- تون واقفِ رازِ رَبي،
پوءِ ڇا جو سِيءُ جو- پَنهنجو تماشو پاڻ ڏِين.

(۱) تپرس: حيرت (۲) ويءِ: جوءِ ميدان

ٿلهہ: پرين پيار جي نظر سان پيارين جي، تہ شراب جو پيالو ڪير پُڇي،
منهنجو ساقي ٿي مُونکي سنيارين جي، تہ دُڪان ڪلالو ڪير پُڇي.

۱- هڪ صورت اڳيئي مَن مُهٽي آٿئي، پيءِ مولىٰ اکيون مخمور ڏنئي،
ٿورو ڪجل وَري تَن ۾ ڏارين جي، پوءِ بٽڇي پالو ڪير پُڇي.

۲- ڪرين بحال نہ بحال مگر سوال تہ پُڏ، هم خيال ٿي هيڪر حال تہ پُڏ
لَبُ لَبَ سان لائي دل ٿارين جي، تہ ڪوثر جو حوالو ڪير پُڇي.

۳- مونکي خبر آهي تُنهن جي نظر آهي، پر جهان جي يقين ۾ ڪتر آهي،
تون ئي جهان جو يقين سنوارين جي، تہ مون ڪان پَنڌ ڪشالو ڪير پُڇي.

۴- تُنهن جي دَرِ جي خاڪ بہ ڪَٽ جي مِثل، لڪين لال پلنگ پانيان لَٽ جي مثل،
تُون ڪفني قرب جي ڏيارين جي، تہ پَٽ جو دُشالو[1] ڪير پُڇي.

۵- اعجاز چوي سُهٽا سَچڻ سَچي، مُنهن جي مرضيءِ تي مُنهنجي اڳڻ اچي،
مونکي هَلڻ چَلڻ پنهنجو ڏيکارين جي، تہ چنچل[2] جو چالو ڪير پُڇي.

ٿلهہ: پيئڻ سان جام مئي ڪش جي، گهمون ٿا بيرنگي رستا،
اها فطرت اسان جي آ، هٽون ٿا حيدري مستا.

۱- مڙون مئيخار مئيخاني، رياضت لاءِ روزاني،
نهوڙيون نفس نيراني، برابر ٿي تہ برجستا[3].

۲- فہ ہم فاقيءِ فڪرءِ غم ڪرڻ آهي آسان جو ڪم،
همہ ڪي حق چئون هردم، فضولي پانيون پيا فستا.

۳- محب پنهنجو پسي ماهي، ٿئي ڪئي سون شهنشاهي،
ڪري هٿ حال فُقراهي، ڪنيون سين ڪُندريون ڪِستا.

۴- ڪفن سر سان بڌيو آڻ هي، اجل ووڙيون چڙيون وَڻ هي،
ڪڙهون منجهہ قُرب جي ڪَٽهي، اسين اعجازِ دل[4] خستا.

(۱) دشالو: شال، چادر (۲) چنچل: هاٿي (۳) برجستا: همت وارا (۴) دِل خستا: دل سڙيل

ٺلھ: پِيتاسون پُران پُر پيمانا پرين سان- پَائي پيچ پُختا نِھانا[1] پرين سان.

١- اُڪنـديءِ اُمـنـگ ءِ مِلـڻ واري مَنـگ ءِ،
رضــا راز رس ءَ رقــص راڳ رنــگ ءِ،
چيڙياسون اُپنگ چَنگ، پيانا پرين سان.

٢- دِيمُ[2] سان دومُن سنان ڌَمالي ڌُڻن سان،
سُرن سان گُرن سان گِياني گيتن سان،
هَسيا تي وَسيا تي، مئيخانہ پرين سان.

٣- عَجب ڏِينهن هُئا سي عَجب نِينهن هُئا سي،
مئي خَارن تي وَسندا مئي جا مِينهن هئا سي،
عَجب جَهڙا گُذريا زمانہ پرين سان.

٤- پِيـار پِـرِيُـي پـريـن سَوايـو سَوايـو،
اڪـين سَان اڪـيـون مِلايـو مِلايـو،
نِظارا هـئـا مُحـرمـانـہ پـريـن سـان.

٥- نہ وِسـرن نہ اُتـرن تہ اُسـرن انـدر مـان،
ويـتـائي ويـتـا آهن صُورت سونهن سُندر سان،
پَهون[3] پُورپَهہ پيا روزانہ پرين سان.

(هلندڙ

(١) نهانا: ڳجهو، لڪل (٢) ديمن: تولہ (٣) پهون: سليون

٦- پِيتاسون بہ اهڙا جو حَيران آهيون،
پيئڻ جي سَواءِ چڻ تہ ويران آهيون،
پِيو ٿا ٿيون ايڪ گانہ پرين سان.

٧- سدائين اُهي گڏ سچا پيچ جَن جا،
جُدا پيون تَن ڪَچا پيچ جن جا،
جَنا ڪَن سَنَا ڪن دِيوانہ پرين سان.

٨- پِيتل آهيون پِيالا نَديءَ پَرِنرالا،
نَشا تِن جا نئين سِج نَوان نَرنرالا،
جَذب جِيءَ ڪَيا سي پَيمانہ پرين سان.

٩- شُڪر يار اَعجاز ياڪي مِليوسُون،
مُحقق مُغان پير سَاقي مِليوسون،
ڪَياسُون شغل شَادمانہ پرين سان.

ٺلہ: مُحتسب تڪرار ڇڏ، هي هڪ پيالو پِي تہ ڏِس،
بَزمِ رندان ۾ اچي، تون رِندي مَشرب[1] ٿي تہ ڏِس.

۱- مــام واري مــام پـاتـي، جام هــن ۾ عــام ڪـــان،
مـــام بـا اِســرار آ، سـا مـام اڄ ســمــجهـي تہ ڏِس.

۲- مئي مِئي ءَ تي مَئين مـتـائن، مـئيڪشن منصب مـتو،
مَئي مِئي پِي مَئين مَئي جن، مـئي مَئي تـن جي تہ ڏِس.

۳- هَست ري ۽ هت پَست[2] هوندين، هست ٿي هستي ڏيکار،
هَست سمجهي پاڻ کي تون، پنهنجي هِت هستي تہ ڏِس.

۴- جنهن چاڙهي سِر چڙهڻو ناهي، تنهن چاڙهي جي چوٽ تان،
دل جهلي پنهنجي عمر ۾ هِڪ دفعو ڙِڪي تہ ڏِس.

۵- خون خوري تنهنجو ڪَرتب، خُمر خوري منهنجو ڪم،
ڇا سزا هوندي ٻنهي جي، هَل ڪتابين هي تہ ڏِس.

۶- هڪ دنيا هِي ٻي دنيا هُو، تي دنيا تنهنجي اندر،
جا دنيا تنهنجي اندر، تنهن دُنيا ۾ جي تہ ڏِس.

۷- جا نَفي آ تنهنجو مَشغل[3]، تنهن نفي جي تَہ ۾ تَہ،
آلِڪل اقرار حق، اَعجاز ڇئي سو پي تہ ڏِس.

(۱) مشرب: شراب پيئندڙ (۲) پَست: هيٺ (۳) مشغل: ڪِرت

تلھ: سَاغر سَواءِ نہ سَاقي- سَالمر ٿئي هَوش منهنجو.
نَاقص [١] آهيان نَشوئي- پَردو آ پوش منهنجو.

١- نَاٿو نَاهي تہ چاهي- سِر سَاقي وَٽ هي لاَهي،
قَاتل کَکوهہ آهي- نيرانو نُوش [٢] مُنهنجو.

٢- پِيالو نہ پيش هُوندو- طَبيعت ۾ تَيش هُوندو،
جِگر ريش ريش [٣] هوندو- مَجرُوح [٤] جَوش مُنهنجو.

٣- تَن ۾ رکي ترس کي- بَرساءِ رَس بَرس کي،
مِيثاق جي جرس [٥] کي- سُڻندو پوءِ گَوش [٦] مُنهنجو.

٤- آعجاز چئي شُغل سان- مَئي جي وُضو غُسل سان،
تَر تَازو کَر وَصل سان- هر هر آغوش مُنهنجو.

تلھ: مَنهن مَئي کَشن جي، مَنگل آهي مَئي جو- مَزو مَوج ميلو مَنبل آهي مَئي جو.

١- مَنبل مَينگهہ مَلهاري بدل بوند بهاري- مگر [٧] مچ هزاري متل آهي مَئي جو.

٢- چَنچَل چاهہ چَالو، بِرهہ حُسن پَالو، پُران پُر بہ پيالو، پيتل آهي مَئي جو.

٣- شَمع رُخ شِتابي، اکيون نيم [٨] خوابي- سِيشو گُل گُلابي کُليل آهي مَئي جو.

٤- سُبُو جام ساقي، اُتي ڏچ عشاقي- اڏي کات يَاکي کُتل آهي مَئي جو.

٥- آسان وَٽ جو ايندو پيئڻ ري نہ ويندو- آصل آهڙو ڏيندو شُغل آهي مَئي جو.

٦- آعجازا تو وَارو نَظم شَعر نيارو- غَضب جَهڙو سَارو غَزل آهي مَئي جو.

---

(١) ناقص: عيبدار (٢) نوش: پيئڻ (٣) ريش ريش: زخمي
(٤) مجروح: قتيل (٥) جرس: گهنڊ آواز چڙو (٦) گوش: کن
(٧) مگر: باهہ، آڙاهہ (٨) نيم خوابي: خماري، اڌ ننڊ

تلہ: سِگھو کَر وي ساقي، پيمان پَٽ جي- عَجب مئي آ تُنھن جي مئيخان مَٽ جي.

١- تُنھن جي مئي مٽيءِ جي، کَريون ڳالھہ کھڙي،
جَھڙي ھاک سِئي سون، آ تحقيق تھڙي،
ناھي ڏڙک دِل تي، ڪا سِرَجان سَٽ جي.

٢- سَندءِ وَٽ وَٽيءِ ۾ آھي ڪا تہ قُدرت،
جَني پيتي تَن جي، کُلي آک بَصيرت،
پِئن سوجھہ پَنھن جي گِريبان گَھٽ جي.

٣- ڇَون نينھن وارو تا ناسور جَنھن کي،
ڏيئي سُرک ساڳي، تون ئي ڇيٽ تنھن کي،
اِھا آ دوا ھِن تہ نادان ڦَٽ جي.

٤- نِھو نُور تُنھن جو قَدح جام وَسندڙ،
کَيفي کَات وَھندڙ حُسن سَاڻ هَسندڙ
ڇَتا پيتي نيٽن جي نيشان نَٽ جي.

٥- مُغان موکي مَحبوب، تُون خُوب خُوبان،
عُشاقن جي تو دَر آھي دوم تومان،
نہ آٿن ھير آعجاز ہي دُکان ھَٽ جي.

تلهه: ڪَر سَجڻ سِنگار يَار - آ بَسنتي دَور آيو.

١- گُونا گُوني رَنگ بَرنگي - ڪَئي گُلن گُلزار يَان
وَئي خِزان آئي بَهار آ - دِل گُهريا دِلدار يَان
ويس هَر وَڻ تڻ مَٽايو.

٢- هَلڪيون هَلڪيون مَست هِيرون - هَر طَرف هُٻڪار يَان
مُعتدل خُشبوءِ کُلي آ - مَن موهَن مَنتار يَان
بُوند شَبنم بَن بَنايو.

٣- سَر بسر سِينگار سَان - پَائي ڪَجل جي ڏار يَان
دَرسني دَربار کولي - پِرت جا پَٽ پِيار يَان
بَزمِ رِندان جو آرايو.

٤- پَونر ۾ بُلبل سَندي سُڻ - گوش ڏيئي گُفتار يَان
وَصل جي اعجاز چئي - اَڄ تُون بہ وَائي وَار يَان
عِشق تُنهن جي مَچ مچايو.

ٿلهه: بَادل بَرسي چَانيو آ، ڳَٺي سَاز سمورا آيو آ.

۱- طَبل تَنبُورا تَرنگي تَرنم، سُرندا سَتارون سَاڻ ٻيا سَرگم،
ڇَيرين جو ٻُڌ ڇَمڪو ڇَمڇَم، رِم جهم رَنگڙو لايو آ.

۲- بَينجُون بَاجا بِينون بِگل ءُ، نَاد نَقارا نَفيلون وَٽڪل،
مُرلين مُنن موڪ ڏيئي موڪل، تَر بَر شُور مَچايو آ.

۳- پَنهنجا گولا پَنهنجون بِجليون، پَنهنجا شُعلا پَنهنجون تَجليون،
پَنهنجا مَنَهَن پَنهنجون مَندليون، ڪَري مينگهه مَلهار بَنايو آ.

۴- اَعجاز عَليؑ شاهه گگن گَجي ٿو، ٿَهڪو وَڻ ٽڻ منجهه وِجهي ٿو،
رُوح سَڄڻ لاءِ خَاص ڪِجي ٿو، مُحب مِلڻ جو سَعيو آ.

ٿلهه: سَارنگ ڪَيڙا سِينگار- آئي مُند سَانوڻ جي،
تَاڙن لاَتي تَنوار- آئي مُند سَانوڻ جي.

۱- مِرون مَاٿون جِيت پکيئڙا- پڙهن حَمد هَزار.

۲- وَڻ ٽِڻ ٻُوٽا وِهسن وڪڙيون- لَڳي بُوند بَهار.

۳- پُورٻ ڪُليو پُور ٻه پَلٽيا- پَئي پَلرجي پَچار.

۴- مَڪِه مَدينه مِينا پَاسي- ڏِنم مَينگهه مَلهار.

۵- سَرتيون سَرتا رُنل رَپرتا- پَئي پَاڙي پَاڙي پَچار.

۶- اکين جو اَعجازا لاَئي نِظارو- عَاشق ٿِيا اِظهار.

ڪجي: تڙپي، ڏکي ٿو

ٺلهه: ڪَڪر ڪَارا ڪَيس ڪَيس - ڪَري وَسڻ جا وَيس وَيس،
دَيس آسان جي تي آيا - آيا دَيس آسان جي تي آيا.

١- سَار سَنيار لاءِ پَاڻ سِينگاري - سَارنگ ڪَيڙو سَعيو،
گوڙيون ۽ گهمسا ڻ مَچائي، گگن گهما گهم آيو،
ڪِنوٽين ڪَيا ڪيل ڪيل - رَحمت سَندا ريلَ ريلَ،
وَاحد واهڙ وَاهيا - وَاهيا دَيس آسان جي تي آيا.

٢- مَشڪون مَحبت مينگهه پَريون - ڏس چوهڪون ٿو چنڪاري،
دَرد وَندن جي دِلين وَارا - دَاغ ڏُکاريو ڏُکاري،
بَرس بَاراني پيچ پيچ - پِپُون پَڪن سِر پَيچ پَيچ،
سَاوا گاهه سَمايا - سَمايا دَيس آسان جي تي آيا.

٣- سَارنگ سَانوڻ ڪَيا سَجايا - سَاجن ٿيوسون سَاٿي،
هيج هِيئين سَان حَج ڪَيوسون - حَق ڏِنوسون هَاٿي،
چَم چَم چَمڪاءِ چير چير - تَانَ سُڻاسون تَير بَتير،
گُڻ اَعجاز بہ گَايا - گَايا دَيس آسان جي تي آيا.

ٿلهه: موڪَل ڪَئي مَالڪن ٿُوڪي، سَارنگ سِينگار ڪر وهوا،
سُڪاري سانگ سان سانوڻ، سَراسر يار ڪر وهوا.

۱- مُڱهٽ مُوڙون ٻَڌي مُک سِر، وَڄائي سَر منبل مُندجا،
مڱهن مَستان ٿي ٻَنرو، مَلهِي ملهار ڪر وهوا.

۲- ٻَنائي ٻَرخيزا ٻَادل، ٻَلي ٻِجليون ٻه ٻَڙڪائي،
ٻَحر ٻَرساءِ ٻَرڪاتي، ٻَرين ٻَازار ڪر وهوا.

۳- حُڪم هي آهلي هَر جاء، هَمه هَرديس تي هَس وَس،
هَرا هَاري هَرا هَر گهر، هَرا هَر نار ڪرَ وهوا.

۴- الاهي آب آمرت مَان، اوتون ڏيئي آچ آوهيرن سَان،
آڇل آلماس اوڙڪ تي، آوجون اِسرار ڪَر وَهوا.

۵- ڪَمانيون قوس[۲] ڪَج رَنگي، ڪَڪر ڪَجلا ڪَري ڪَوڏئون،
ڪَڍي ڪَنهن ڪُنڊ ڪان ڪَلنگيون، ڪي ڪَارونيار ڪَر وَهوا.

۶- ڇَنين ڇَپرين هَٽي ڇَانون، ڇيڇن سَان ڇَانئجي وَڄ ٿُون،
ڇَرون تين ڇَڙهه وَهن ڇَاڙهُون، ڇوها ڇَڇڪار ڪَر وَهوا.

۷- گگن تون گهوٽ گهن گهوري، گَهورُون گهوڙيان تَوتان گهاٽيون،
گَهتوگَهٽ گَاهه گُل ڦل ڇَٽ، گَهاٽا گُلزار ڪَر وَهوا.

۸- چَمن چَوگان[۳] چَمڪن ٿا، تُنهنجي چَمڪيلي چَهري سان،
چَوي اَعجاز چَڙهه چَوٽئين، چَڙهي چمڪار ڪَر وَهوا.

(۱) مڱهٽ: تاج ڇٽ (۲) قوس: انڊلٺ (۳) چوگان: کليل ميدان

ٺلهہ: اَڄتُون سَڄڻ وِي سَانولڙا، سَانوڻ جَا ڏِينهن آيا.

۱- دل پئي ٺُنهن جي پيار لئہ تانگهي، ڏِينهن لَاَيا ٺو گهڙي سَانگي،
وَرُ وَري کَرِوچڙيـن وَانـگـلـي، او مَن مـوهـن مَن ڀَايـا.

۲- سَارنـگ وَاري سُهـج سِيـنـگـارن، رَنـگـي ٺوس کَمـان نِظـارن،
ڇِيـهـن پَپِيـهـن جي پـريمـي پُکـارن، چوري ِهي چَاڪ ڇِکـايـا.

۳- ٺوريءِ مـيـنـگـهہ مَلـهـارنہ سُونـهـن، ٺوريءِ بُونـد بَهـارنہ سُونـهـن،
ٺـوريءِ کَجلا ڏَارنـہ سُونـهـن، سُرخيـون مُسَـاگ آڃايـا.

۴- آءُ ٺہ اَعجَاز چئي ٺوسان اوريان، گَالهيون سَوين پئي سَانديان سَنيوريان،
سَاهـہ صَدق کَري گهـر سِر گـهـوريـان، کـوري گَايـا مَايـا.

ٺلهہ: بَادل بَاد بَهارا وي- پَلٽيا پَٽن ٺي ِٺيا رَنگ رَيلا.

۱- بَيـشـڪ آهـن بَرکـت پَريـا- کَکـر کَارونـيَارا وي،
بَرسيا بَرٺَر ٻَهکيا ٻيلا.

۲- سُرخ سَاوا گهـرا گُلابـي- سَنـهـڙا ڇِهـرمـر وَارا وي،
سَڄڻ کَيڙا سِر ٺي سَيلا.

۳- بَرگ بَادامـان مـوٺـيـا نَرگـس- آرنـا آرگ آنـارا وي،
بُونـد ٻِڃايا ڇُنار ڇَنبيـلا.

۴- پُوريون گَاريون ڇَالون ڇَلهن سان- کُوهان کن کُڏ کارا وي،
رَاوا رَٺـاءِ ٺَنـبَن ٺـيـلا.

۵- کَڏهـن کَڏهـن ٺـا ٺـين هَهـڙا- سَانـوڻ سَانـگ سُکـارا وي،
اعجَاز اچانک مَنگل ميلا.

ٿلهه: پکي پَنڌ پَرواز تُنهنجو گاڏارو- چَوَن سَير عَرشئون تا آڳتي تو وارو.

١- آڏو ٿا ڪ تُنهنجو وانهيرو بہ اوڏهن- واسع وِيءِ تُنهنجو ناليرو بہ اوڏهن،
طَعامون ڦُوٽ تو لاءِ اُتي آ قرارو.

٢- اُڏامڻ جي هِمت تون آغاز ۾ ڪَر- پَيدا بَرق رفتار پَرواز ۾ ڪَر،
اُڪر چڙهہ آڪاسين، هُتي دَم هاڪارو.

٣- تُون شَهباز شاهين، تَو وٽ بَس نہ مَورهئون- بِرهہ تُنهنجو ٻاري تُون بيوس نہ مَورهئون،
مَقدر تي تُنهنجو مُقدم لاَمارو.

٤- اڳيان مَنزلون ڪَئين اُتئي ماڳ مَنٽا- آنڌيون بَحر طُوفان آ جهاڳ مَنٽا،
پَڌي سَت تُون پِيٽو نِيائج نظارو.

٥- وَجودئون تي وانڌو، وائي وَحدہ سان- جاڳي جُستجو سان اُمنگ آرزو سان،
ويهين جيئن نہ وِچ تي تي وَهمئو وَيسارو.

٦- سَندءِ ذَوق آڏو زِيلُون دُواليون ڇا هن- ڏامون لاڙڪيون لک جَهلا جاليون ڇا هن،
ٻاتي هِڪ ڏي پَڙڪي، هُتي دَم هاڪارو.

٧- پِرت جا بہ توکي پکي ٻال پَرئي- سِکڻ سُوز سيني اِهي پٽ ٿمر ٿئي،
توسان پيو اعجاز اُ صُورت جو سَهارو.

لاڙڪيون: ٿاندا، ٿاسائڻ جون ڏوريون

ٿلهه: پکيئڙا هن پرڙا- آهي پنڌ پري.

١- ويهه وساري نه وڃ تي- ويٺي ڪين وري.

٢- ڇو ته سُڄي هن سر ۾- تُنهنجي ڪيئن ٿي سري.

٣- ساٿي ويا تُنهنجا سڀئي- توتي ميار ڌري.

٤- تون ته مري ويندين- تُنهنجي محبت ڪين مري.

٥- اڄ تون الوهيت ۾- دوستي جو دم ڀري.

٦- اڪر هتان اعجاز چوي - ڦوت آڏورو ڪري.

ٿلهه: اڄ اڄ سنيها آن ڪي- نئين سڄ نوان اي ڪنياتڙا،
اَصلئون اِها آهاج ڪنئي- سِر تي آوهان اي ڪنياتڙا.

١- ويلا ويساهيون ويسريون، ع ڇڏليا لم لوڪ جا،
ڏي نياپا نينهن جا، ساري سوان اي ڪنياتڙا.

٢- مَٽ آوهان جي ذات جو، قاصد نه پانڌي ڪو ٻيو،
پلپل ٿڪهن ٿو آئون تو، پيرين پوان اي ڪنياتڙا.

٣- هوش مُوڙهل پست دليون، ماندا ماندا رُوحڙا،
دم دلاسي تُنهن جي سان، ٿيندا روان اي ڪنياتڙا.

٤- اڄ سڌيون آنديئي عجب، صد آفرين اعجاز چئي،
نامه بر نيهي سچو، توکي چوان اي ڪنياتڙا.

ٽُلهه: هِتي ڪَا مُنهن جي مَقال او ڳَانگلڙا - مُنهن جي يار دِلبر سُهٽي سَڄڻ وَٽ.

۱- مَحبوب سَاڻ مَحفل ڪَئي ٽيم ڏينهڙا، مُقدر لڪئي ڪان وِڇان پيم ڏينهڙا،
نہ تہ ڪِيئن سَهان سَال او ڳَانگلڙا، وَڃان هُوند اُڏري پَلَ ۾ ڍَولڻ وٽ.

۲- اُتان ڪان هَٽي آ لاَمارو وَري ڪو، سَڄڻ ڪي ٽِئي مَن سَنيارو وَري ڪو،
ٻَانيان ٽُنهنجا ٻَال او ڪانگلڙا، اڏامي عَجيب جي وَڃي ويهہ اَڱڻ وٽ.

۳- سَدائين آمونکي وِرُونهَن سَنديَس، سَاريو روزُ سَاريان آئون سُونهن سَنديس،
چَنچل مَوهٽي چال او ڪانگلڙا، مُنهن جي نَازڪ نِرمل لاڪڻ لُڏڻ وٽ.

۴- وَصل لاَءِ وَٽي آ ڪِيانتا[۱] ڪوڪُڻ[۲] ٽُون - چَوي جيڪي سُهٽو ڪَن ڏيئي سڻ تون،
شَاد هُجين شَال او ڪانگلڙا، سويَاروٽي آءُ تون منهن جي آتڻ وٽ.

۵- سڪڻ نينهن لائڻ مُونکي سِيڪاري - پِرين پَاڻ وِهندو ٽَنهن ڪي ڪِيئن وِساري،
هُوندي سِڪ سَنيال او ڳَانگلڙا، مُون ڪان اَعجاز چئي پيٽي ڀَڳڻ وٽ.

ٽُلهه: ڪِٿ ڏِٺا تو وي ڳَانگ - آڄ ڪلهہ ڏي ڪَا سُڌ سڄڻ جي،

۱- ڳهڙي قبلي ڳَهڙي ڏس تي - سَندن آهن سَانگ - آڄ ڪلهہ ڏي ڪَا سُڌ سُڄڻ جي.

۲- آچي آچانڪ اُيري مَن ۾ - طَلب ڏَاڍي تَانگهہ - آڄ ڪلهہ ڏي ڪَا سُڌ سُڄڻ جي.

۳- اُڏر ڳَانگل چڙهہ آڪاسين - ڍُوند چَارئي دَانگ[۳] - آڄ ڪلهہ ڏي ڪَا سُڌ سُڄڻ جي.

۴- ڪونہ سُٽي هِن ڏيهہ ۾ تِن ري - بِرهہ وَاري بَانگ - آڄ ڪلهہ ڏي ڪَا سُڌ سُڄڻ جي.

۵- ڏِس اَعجاز چئي رِيءَ پِرين جي لڳي لُڇن جي ٻَڪي لاَنگ - آڄ ڪلهہ ڏي ڪَا سُڌ سُڄڻ جي.

(۱) ڪيانتا: پيغام پهچائيندڙ (۲) ڪُڻ: انجام، ڏينهن (۳) دَانگ: دَنگ

تلهه: ڪَنگن جون ٻُڌم ڪُوڪُون، تہ مونکي هَنج ياد آيا،
انهي جي معنيٰ اي يارو، سُخن جا سَنج ياد آيا.

١- وَري جو ڪانئرن وارا، ڏٺم چُنج روز چِلڙن ۾،
آمُل موتين پريا مُعطر، هَنجن جا چُنج ياد آيا.

٢- سُخن جا سَنج سي آهن، سُخن شِيرين سدا جن جا،
سُٹڻ وارو سُٹي ڪوجي، تہ اَچ سي گَنج ياد آيا.

٣- مِلن اهڙا بہ ماڻهون تا، ڪَڏهن هن زندگيءَ ۾ جو،
جَڏهن سي يَاد آيا جي، تہ جهڙا تُرنج[1] ياد آيا.

٤- ڏٺم مَحبوب جي رُخ تي، جو ڪارا ڪي ٻہ تي تِرهُو،
تہ ٿهہ پَهہ دل منجهان، اُيري يَمن جا زَنج[2] ياد آيا.

٥- تو سُهڻي جا تہ عَاشق ڪَئين، اُنهن مان تنهنجا اي سُهڻا،
ڪِني ڪي سَهنج ياد آيا، ڪِني ڪي آهنج ياد آيا.

٦- هَنجَن وٽ حال جي هَئي هَئي، ڪَنگن وٽ قال جي هَئي هَئي،
هِنن ڪي قُرب ياد آيا- هُنن ڪي رَنج ياد آيا.

٧- پکين جي پرک وارن کان- ٻُڌو اَعجاز هيئن هر پَل،
هَزارين هَنج هُوندا پَر، آسانکي پَنج ياد آيا.

---

(١) ترنج: ڪنا (٢) زَنج: يمن جا ڪارا ماڻهو (حبشي).

ٿلهه: اُڏر ڪانگل وَڃ اوڏاهين - جاڏي آ آ منهنجو جانب يار.

١- ڏَس ڏِيئين تو آئون جتي جا - ماڻهو مهانگا آئي اُتي جا،
سِڪ گهٽي ڪا سان سَنبا هين.

٢- ڪَش ڪمر ڪر ترت تياري - پَنڌ پري آ منزل ڪا ڀاري،
لڏمستان ڪِٿ وِرچي لاهين.

٣- نمي ڪِمي وڃ زاغ نرتُون - پائي گهچيءَ گل پاند پرتُون،
دَر دلبر جي مون ڪان ڏانهين.

٤- آئون ٿو ٻُهاريان وَاٽ اڱڻ کي - آڻ سِگهو تون مُنهنجي سڄڻ کي،
سو ڏيندو سِئين جيڪي تون چاهين.

٥- آهيان اعجاز چئي اُڪنيو آئون - تڏهن ڪَريان ٿو توکي صَدائون،
خالي نہ وَرجان ائين ڪجاهين.

ٿلهه: هي عشق پکيئڙو هِت آندو - ڪِيئن سو وهي وِرهه ڪان واندو.

١- ڪَن نہ لائي پِي ڪا ڪهاڻي - آهي رَاڳ ويراڳ لاءِ مَاندو.

٢- جيڏهن ٿاٿيس تيڏهن ٿانگهي - آهڙو ماريءِ وِڌس ڪو ٿاندو.

٣- مَن نہ گڏائي مَال مَايا سان - هِن ماڳ کي جاتئين مَانجهاندو.

٤- وَتي وگهر ڪان وِڇڙيو شاهه اعجازا - ڪونہ جاڻان ڪڏهن ٿئي هيڪاندو.

ٿلهه: ٻيلهه ٻَگهن سان ٻَهي وو يَار - پرت پکيئڙو پَاري هَليو ويو.

۱- سَال سَاکن هو هِن ۽ِي سَر ۾ - سُر نہ ڪَيُس ڪَنهن سَهي وو يَار.

۲- لاَٿيون سَپاجِهُون لَنوَندو لَنوَندو - ڪَالهہ هتان ويو ڪَهي وو يَار.

۳- آنا احمد بِلا ميمي - پَر ۾ وِيڙو پَهي وو يَار.

۴- آدم اولي سَمجهہ اعجازا - رُوپ اِنهيءَ ۾ رَهي وو يَار.

ٿلهه: پِرت جي پَنڌ پَساري جو - آنت نہ آهي ڪَانئر ڪَنگن ڪي.

۱- سَوز نہ سَانديئون سِيني ۾ - هِن سَاٿ سگهر سُونهاري جو.

۲- ڪَپر مَٿي ڪَن ڪُوڪون ڪَڙيون - مَنجهہ نہ لَهن منجڌاري جو.

۳- يَاد نہ ڪَيائون يَوم قيامت - وهہ وَرِين ويساري جو.

۴- اُڪنيڊ اُڊو اعجاز هنجهن ڪي - اَصلي مَاڳ اوتَاري جو.

ٿلهه: پکيئڙا اڳالهه سَل پوري - ڪِٿي سَاري سَنگت ٿُنهنجي،
وِيڳاڻو ڇو وَتين رُوح ۾ - ڪيڏهن وَئي لَئي لَنوت ٿُنهنجي.

۱- توسان پُر پيچ هُنا جن جا، توکي نِت ناز هو جَن تي،
ڪِٿي آهن اُهي اَڄ سي، ڪِٿي سا مَوج مَت ٿُنهنجي.

۲- اُداسيل دِل اڪيون صُورت، بيرا ڳيل حال ۾ حيرت،
سَتوهيل سَرس پَئي ڏِسجي، رَنجويَل رُوءِ رَنگت ٿُنهنجي.

۳- ڪِٿان آئين ڪيڏهن وِيندين، اِها ڪا سُڌ سَچي ڏيندين،
اَصل تُون ڪَهڙي ڪَم دَم سان، اَصل ڪَهڙي ڪِرت ٿُنهنجي.

۴- وِساري وَطن وَٽڪارون، اَچي ويٺين وِيرانن ۾
سَنيارج سَبز سَر ساڳيا، اُها آ جُوءِ جَنت ٿُنهنجي.

۵- سُهم سختيون سِتم هاجان، آهن آنڌ ڌُنڌ اَعجاز اِهت،
نَظر نَاهي سُڃاڻپ ڪيئن، ذَاتو ذَاتي صِفت ٿُنهنجي.

تـلـهـ: چئـو تـہ عَجيبن چيَزُنِـي ڪَانـگـل چَا چَا چَا،
مِلندا ڪَڏهن مَاڻن پَريا، مُونسان مُحب مِٺا.

۱- وَڃڻ آچڻ ۾ دَيـر تـہ تـوڪـي- ڪَانـہ لـڳِي تـي ڪِيـانـتـا،
وَڃ وَڃي هُتَـان وَر سـگـهـو هِت- آڻ پـيـغـام پِـيـرائـتـا،
وَاتـان تُـنـهـن جي چِيـئـن ٻُڌان- وَاڌايـون وَهـوا.

۲- اُڪنيئي عَاشق جو اي ڪَانگل- عَرض نِيارو تِي سَلجان،
نِيايو اُت هي نِياز آدب سان- سَمجهہ وَارو تِي سَلجان،
ڏَاڍا سِيـاٺـا سَمجهـو آئـئـي- هُو سَانـول سُونـهـن وَنـدا.

۳- ڪوڪڻ وَني آچ پرين ڪَان- تہ پِـيـاريئين مِصريـن پَاٺي،
اِنصاف اِنهي ۾ ڪَانگ ڏيئين- هِيءِ سَاري حَاڪِيماٺي،
پِيـو جيـڪـي طَلبين حَاضـر ڪَريان- وَاعـدو تـوسَان آ.

۴- زَاغن ۾ تُون زَاغ[1] نِرالـو- تُـنـهـن جي ذَات اُتـاهـين،
سَنيـهـا سَنديسا ثَابت ڏِين تون- خِيانـت ڪَانہ رَسائين،
جُو ڪُجهـہ چِيَزُنِـي پَاڻ پرين- سـو ڪُجهـہ چئـي ٻُڌاءِ.

۵- خَاصو خِبرائيل تُون ڪِيانتا[2]- تُنهنجون خَبرون خَيري،
فُرقت وَارن جي بہ آ تـوڪـي- چِـنتـا اون جَـجهـيـري،
عَاشـقـن جو اَعجاز چوي- تُـون سَاٿـي سَـنـگـتـي سَدا.

(۱) زاغ: ڪانگ (۲) ڪيانتا: پيغام پهچائيندڙ

ٿلهه: آهي ڪِرت ڪانگل تُنهنجي قاصداڻي، وِساري نہ ويہ سا پَنهن جي پَر پُراڻي.

۱- ناماں نينهن جا آهن، آڻڻ فَرض توتي،
تَندا پيا ڪي نَاهن، تَاڻڻ فَرض توتي،
ڄَاڻي ڄَاڻ سَڀ تو، پَورو تي نہ ڄاڻي.

۲- هِتان جا هُتان جا، ڇتان ڇئو چيتاري،
ذَرو ڪَر نہ ضايع، سَمورا ڏي سَاري،
سَنيها نِياپا، ڏوري ڏِيهہ ڍِهاڻي.

۳- اِهي يَال ٽورا، مُون تي ڪانگ ڪَر تون،
سِڪاين جا سَولا، سُوري سَانگ ڪُر تون،
مِلن مَحبتي مَن رَڇي رَس رهاڻي.

۴- دُوريءِ جا اعجاز چئي، وِچان دَنگ وِيڙا،
پَورهيا پَند تنهنجا، پَڪي ثَاب پيڙا،
اَصُل ڪان توڪي آ، دُعا عَاشقاڻي.

ٿلهه: ڪَنهن پَرِ پرينِ ايندا وَري- ڏي ڪَانگ قَاصد سُڌ صَحي.

١- موهي مُونکي جن مَست ڪَيو- وڇڙئي تَني کان وَقت ٿيو،
گُوندرن ۾ گهارڻ پَس پيو- تَن ري سَڙي سِڪ ۾ پَري،
ويهي وِڃائي مُون وَهي.

٢- اُڪنڊيو اندر ارواح آ- وِسريو وَطن وَٽ راهه آ،
شَاهد گواهه الله آ- سَاري سَڄڻ ويندڙيس مَري،
پَهه سُور پَنهنجي پَر ۾ پَهي.

٣- ووءِ ووءِ ڪَيم خَفقان ڪَان- ڇَو ٿيا خَفا نَاتوان ڪَان،
اِنهي وَڏي ارمان ڪَان- آيا اکين ڳوڙها ٽَري،
سي ڳَل ڳَڙي پِيا جَهولي لَهي.

٤- اَعجاز آئون جيان نه جِيان- هُو خُوش هُجن صَدقي ٿيان،
شَل حُب سَندن ۾ دَم ڏيان- ٻي ڪَانه پَانيان ٿو ڳَري،
مَن مُٺي پُڄاڻان اَچن ڪَهي.

نَاتوان: ٻي پهچ، هيٺا

تلهہ: نَاسُوت[1] جا پُوچاري - کَر لاَهُوت جي تياري،
اُها جُوءِ اصل آ تنهنجِي - ڪِيئن تو ويهي وساري.

١- هَڻ وَٽ ڪي هت لڳي وئين - هَيا[2] حيف آهي توکي،
تَڪ تور تَرازي چڏتون - تنهنجو مرڪ ناهي مَراري.

٢- جِيڏهن نظر تنهن جي ناهي - تيڏهن موليٰ پاڻ آهي،
شڪ وهم شبها لاهي - ٿي پرت، جو پاساري.

٣- حِلمُ النائم[3] حديث آ - حَضرتؐ سندي حقاني،
منڪر نہ ٿي انهيءَ جو - سُڻ سمجهہ بات ساري.

٤- پيڙيو پراوا هڏڙا - پَارين ٿو پيٽ پنهنجو،
اُٽ پاڻ ڪي ايذائي - لَمُهِيرا منجهہ هزاري.

٥- اَعجاز سچ الايو - تون مَجين نہ مڃين موڳا،
دَارُ الفنا[4] جو لارو - ڪَندئي قيام ڪاري.

(١) ناسوت: هيءَ دنيا (٢) هَيا: بي سمجهہ، بي عقل

(٣) حلم النائم: خوابن واري ننڊ (٤) دارالفنا: هي دنيا، فاني جهان

تلهه: هن مست بيِ لحاظ تي، قَاضي مَ تَاب[1] ڪر،
تون پاڻ لاءِ ڪو پهرين، مقرر عذاب ڪر.

١- ٽُوتي اٿر پيو نہ، تنهنجي پَند[2] جو سو چو؟!
يا ڇڏ تِصا ڪتابي، يا خود ڪي ڪتاب ڪر.

٢- بيشڪ شَراب آهي تہ بيحد خراب شيءِ،
پر تون بہ ترڪ غير غُصي ڪي شتاب ڪر.

٣- اچ ڪِيم ڪنهن جي عيب ۽ قول فعل تي،
فاعِل حقيقي ڪير آ، سمجهي جواب ڪر.

۴- مُون مَست جي صلاح مَرفُوعُ القلم صحي،
منهنجا بہ ڏوهہ ثواب مَرفُوعُ الحِساب[3] ڪر.

۵- مَوليٰ وڏو آمنهنجو، مولائي تہ بنجي ڏِسُ،
معنيٰ وسيلو هادي، وڃي بُو تُراب[4] ڪر.

٦- مُلوائي قيل و قال، مَڪَرُ قَند قنو ڪري،
اعجاز چئي ڪا عشق سان، دل دَستياب[5] ڪر.

(١) تاب: ڪاوڙ ڏاڍ (٢) پند: نصيحت (٣) مَرفُوعُ الحساب: حساب کان آجو
(۴) بُو تراب: حضرت علي ڪَرم الله وجهه، مٽي جو پيءُ (۵) دستياب: هٿ ۾

تـلم: مُنافق مُنافق مَجوسي- سُجاڻو سُجاڻو سُجاڻو سي لُوسي.

۱- پتـا پَار تـن جا سُڻـو تـان سُڻـايان- سُڻـي سـي سَيـيـئـي لکـو تـان لکـايان،
لِکايا نہ قُرآن آئـون کيـئـن لِکايان- ڏسـو سُوره تـوبـهہ ۾ تَن جي مَنحـوسي.

۲- رڳـو مُنـهـن زِبـان ۾ رکـن تـا صَفـائـي- اُٿـن دل انـدر ۾ دوئـي ۽ دَغـائـي،
چَڏي سِک سَچائـي تـڙيـا تِيـا تـوائـي- کَيُن خُوار قَادر قَائـم رَب قُدوسـي.

۳- قَلب جِن جو حَق کان پَاسيرو آهَر دم- تَنا پَاڻ جَهڙو چَاڻن کَنهن کي کَنهن دم،
مَتان تَن جي مَولا جي لَعنت آمُحکم- جيکي ميڙو مَال جا کَتا کُڙا کَنجوسي.

۴- لَايولَئہ لـباسي لکيو جيئـن لِـکـن ٿا- ڏسـڻ وارا تَن کي ڏسيو تيـئـن ڏسن ٿا،
اِهان تـہ بـہ اَعجازا چِـپـيـرا چِپـن تـا- يَـلَي بُغض رکن سـي اُٿـن حَق مـورُوثي.

تـلـم: مُلان کيـئـن تـو گُذارين عِشق سواء- کَڏهن عِشق جي ٻيڙي چڙهہ تہ سَهي،
بِرهـہ وَارو سِر مَچ مَچائـبـي- قُرب جي کَـتـهـي کَڙهـہ تـہ سَـهـي.

۱- شدت شتـابـي، اُکَات عَتـابـي، حَدون حِسـابـي، قِصا کِتـابـي،
تَرک کَري سُڻ رُون رُون رَبـابـي، رَاهہ وَنـي اِها رِڙهہ تہ سَهي.

۲- پَنهنجا عَيب پَسي پَنهنجي بَر ۾، وَج مُلان مَري مَرمين شَرمين،
هَادي هِکـو آهَر جاءِ هَر ۾، ويـڙهـي وَحـدت جي وَڙ تـہ سَـهـي.

۳- جِتي حُسن جا تَجلا تاء هُجن، گُهنڊ گُهورُون گَهرا گَهاء هُجن،
هَر لَحظي عَجب لَقاء هُجن، کو لَحظو اُتي کُپي کَڙ تہ سَهي.

۴- ٻيون ڳَالهيون سَيئي ٻَن ڏيئي، ٻُڌ قَول عُشاقي کَنُ ڏيئي،
اَعجاز علي کي مَن ڏيئـي، پِرت وَارو پَنـو پَڙهـہ تـہ سَـهـي.

موروثي: ورثي ۾ مليل

تلمه: گُفتار جو پَلوڙ تُون، ڪِردار جو ڪَسو،
گويا تُون خابرو، پَر آبصار جو ڪَسو.

١- بَحرِ عَميق(١) عِشق جو، تَارُو تہ ٿِئين مگر،
اُونهي اوياري آرءِ پَاتار جو ڪَسو.

٢- يَا مَست ٿِي سَراپا، يَا مَستي جو دَم نہ هَڻ،
نہ تہ مَست مُنهن تي چَوندءِ خُمار جو ڪَسو.

٣- پَنهن جي تُون پرءِ مُلڪ جو وَالي تہ ٿِيو وَڃين،
پَر آئي ويل آهين ڇو آختيار جو ڪَسو.

٤- ڪُليات ءِ دِيوانِ تہ تَصنيف(٢) تو ڪَيا،
پَر عِشق جي مَتاهين تُون مَعيار جو ڪَسو.

٥- تو ڪي ڪَجي جي يَاد تہ هِن يَاد سان ڪَجي،
وَعدي وَفا ڪَانِ مُڪريل وَهنوار جو ڪَسو.

٦- تُنهنجي ڪَمال جو تہ پَتو ڳالهہ هِن مِ پيو،
تَڪرار مِ جَريد(٣) تون، آدبار جو ڪَسو.

٧- آعجاز ڪبي مَهارت سُخنات جي ڪِٿي،
آهي آجان بہ سُخن جي سِينگار جو ڪَسو.

(١) بحرِ عميق: اونهون پاڻي (٢) تصنيف: لکيا، تاهيا (٣) جريد: تمام گهٽو تڪو

تـلھ: لاَيو اَچي اَچان چور پَچور- ڪين مُڙي تو مُدعي مَڪارو.

١- جِتان ڪِتان جُنبيو جهيڙو جوٽي، خُواه مَخواه پيو ڪَڏون ڪوٽي،
آهي اَصلون اور اَٽون، اَحمق آهڙو اَهَند آهنڪارو.

٢- ڦَند وڏي سان ڦيتا وِجهي ٿو، وِچ وِچور وِچيتا وِجهي ٿو،
ڏينهَون ڏينهن آزور بَزور، رَهزن رَقيب رَذيل رِيسارو.

٣- شُوم شَرير شِمر شَپالي، دُزُ دُرنگو دَنگي دَجالي،
هُل هَاگامون هَور ۾ شَور، هَڏ نہ ڇَڏي ٿو هَيو هَچارو.

٤- اَعجاز چَوي اَچ ذُوالفقارا، جَنگ خيبر وَانگي وَٺي ڪي وَارا،
ڪَاهي ڪُهي وِجهہ ڪور ڪَٽون، ليبي لَعنتي بَدُو بُچارو.

تـلھ: پرت جي پَنڌ پيچري جو، پيو نہ پَڙهين ڪي پَتو،
پُڇ تَني ڪان جِن جي سِر تي، عِشق جو مچڙو مَتو.

١- وِيا پَچي جي برهہ ڪان، سي ڪِين ڏيندءِ ڏَس اهو،
پَاڻ پَنهنجو ٿُون پَروڙي، وَڃ هتان ٿُرٽئون تَتو.

٢- سَوز سِڪ غَم سُور ڏي، سَيڪو سَنڍيندو ڪِينڪي،
وِرهہ وَحدت جو وَڪ، ڪَنهن ڪَنهن وِجي وِڙلي وَٽو.

٣- ڦُرب جي ڪَاٺاهہ ۾، جَنهن قَلب ڪَاڙهي صَاف ڪيو،
سو آهي عَاشق صَحي، سَيِ رَاهہ جو سُونهون سَتو.

٤- بي پَروڙن ڪَل نہ پَئي، هِن اُلٽي اُبتي آرجي،
عِشق جي رَنگ مَان اَعجازا، رُوح عَوشاقن رَتو.

ٽلهه: زَماني کي وِساري ڇڏ - زَماني سَاز ڏي ڏِس ٽُون،
زَمانو سِر ٽي وَاري ڇڏ - زَماني سَاز ڏي ڏِس ٽُون.

١- زَمانو جيئن هُجي جَهڙو - نہ ڪَر شِڪويٰ شِڪايت ڪا،
گِلا جي گَت گُذاري ڇڏ - زَماني سَاز ڏي ڏِس ٽُون.

٢- حَقي فَاعل خُدا آهي - زَمانو فعل آ اُن جو،
سَچو هي هَوش ڏَاري ڇڏ - زَماني سَاز ڏي ڏِس ٽُون.

٣- زَمانا ڪَئين آهن آڇٽا - زَمانا ڪَئين آهن وَڇٽا،
زَمانا ڪُل اُڪاري ڇڏ - زَماني سَاز ڏي ڏِس ٽُون.

٤- زَمانو جي ڪَري ڙِن مِن - زَمانو جي ڪري هِن ڇِهن،
ٽَاٽي جيئن سَيڪي ٽَاري ڇڏ - زَماني سَاز ڏي ڏِس ٽُون.

٥- زَماني حَال تي هَل تون - سَراپا حَال ِهت بَنجي،
قِبل مَاضي وِساري ڇڏ - زَماني سَاز ڏي ڏِس ٽُون.

٦- مَاڻهو مَنجن تہ پيا مَنجن - مَاڻهن جو غم وَري ڪَهڙو،
گَهڙيون ٽَن سان بہ گَهاري ڇڏ - زَماني سَاز ڏي ڏِس ٽُون.

٧- زَماني رَنگ ڪَيا بِلڪل - ڪَڏهن ڪَهڙا ڪَڏهن ڪَهڙا،
سي پَر پِر بَس پَچاري ڇڏ - زَماني سَاز ڏي ڏِس ٽُون.

٨- جيڪو نَاساز آ اعجاز - آخر سَاز ٿي پَوندو،
صبر جي سِٽ سَنواري ڇڏ - زَماني سَاز ڏي ڏِس ٽُون.

تلهه: ڪونہ قضا تي ڀاڙ- تُنهنجي قضا تہ تُنهنجي وَس آ.

١- ڀاڻ تي قادر ڀاڻ ئي ڀي پَئُ- ڪاهل ڀي نہ ڪنهہ ڪياڙ.

٢- لکيا لڪيرُون لوحَ تحريرُون- ڀاڻ سُجاڻي پوءِ ڀاڙ.

٣- همتِ مردان ياد نہ آئي جا- ڀهاڙ اڳيان ڀي ڀهاڙ.

٤- قاضيءِ ڪاتب واري لکتِ جا- ڦُوڪي ڀنا سَڀ ساڙ.

٥- جيڪو ٻري ٿيو قيدَ قضا ڪان- مُنهنجي اُنهيءَ تي ماڙ.

٦- توڪي اِهو آختيارُ بہ آهي- ڀاڻُ سَنوارِ ڪِ ٻگاڙ.

٧- ڪَر مَن قائل رکندي ڏنا مُون- ڀَر تُون نہ ڳوڙها ڳاڙ.

٨- آعجاز چوي ڇو مَسيتِ مَندرِ ۾ نَڪ گسائين نراڙ.

تلهه: سَچڻ سِک يار سَچ ٻولڻ- دُنيا جا خوف ڏَپ لاهي،
اوتاري مُنصفن جي اڳ- ڏِها سَڀ ڪُوڙ جا ڏاهي.

١- اُڏامڻ لاءِ تہ پَر آهن، پيارا ڪُوڙ ڪي هٿ پَر،
پِيهڻ لئہ پير ڪونهي ڪي، ٻِهي جن تي بَدن ساهي.

٢- آصل چانديءَ جي رُپئي جيئن، ڇنو ڇَنگ ڪان بہ ٿي وَڃُ ٽُون،
ٻاڙو ٻوڙومَنو ٿين ڇو، مِنا تو ۾ تہ مَٽ ناهي.

٣- قبل ۽ حال مَاضي لاءِ، ڪلام الله ۾ هَر هَر،
سَچن جي ساک جو شاهد، خُدا خُود ڀاڻ ٿيو آهي.

٤- قلب آ ڪسوٽي تُنهنجو، پَرک تنهن سان تُون حَق باطل،
سَواءِ دل جي نہ سُڌ پَوندي تہ حَق ڇا هي باطل ڇا هي.

٥- صُورتِ اِثبات حَق جي جيئن، ڪئي منصور سُوريءَ تي،
سچائيءَ ۾ ٿي ثابت تيئن، سَچي آعجاز سَچ چاهي.

ٿلهه: هَاءِ ڙِي ظالم زَمانا - تو ڪَري پُوريون ڇڏيون،
نينھ رئاڙيئي نت نيرانا - تو ڪَري پُوريون ڇڏيون.

١- نينهن جي نَاپيد نَاتي - ڪي نہ ڇَاتئي نَاحقي،
نت رَنجايئي نَاتوانا - تو ڪَري پُوريون ڇڏيون.

٢- قَافلن جا قَافلا تو - بي ٿيا سي سَان ڪُنا،
ڍِيان ڏر اي بي ڍِيانا - تو ڪَري پُوريون ڇڏيون.

٣- يَاد ڪريو آج بہ لرزن - تا زَمين و آسمان،
ڪَربلا وَارا فَسانا - تو ڪَري پُوريون ڇڏيون.

٤- ڪي زَنجيرن ۾ ٻَڌايئي - ڪَي ڪرايئي دَربَدر،
ڪئين ڪَيئي دَانھَ ديوانا - تو ڪَري پُوريون ڇڏيون.

٥- ڪون تُون سَهنديين ڳَڻهن ڪا - ٻن دلين جي دوستي،
زور آهين تُون زَمانا - تو ڪَري پُوريون ڇڏيون.

٦- سَمجهہ وارن سَمجهي توکي - دُور ڪان ڪَيڙو سَلام،
تو هَنيا تَن ڪي بہ طَعنا - تو ڪَري پُوريون ڇڏيون.

٧- چوٽَ تو جَن ڪي ڏِني - دَر دَر سٺائي وِيا آهي،
دَرد ڀَريا دَاستانا - تو ڪَري پُوريون ڇڏيون.

٨- هَر گهڙي هَر جاءِ تُنهنجا - ظُلم زَنگ ۾ ضِد ڏِسي،
تو ڀري اَعجاز جَانا - تو ڪَري پُوريون ڇڏيون.

تلهه: هن جهان جا هي جَلوا يار جيڪي پيو پَسين،
سي اَٿَئي ٿاندن مِثل، مَتان تَني ۾ تُون ڦَسين.

١- هي گُل گُلابي گونچڙا، هي مَحل بَنگلا اُوچڙا،
هي خَاص ڪَاڏا خُومچڙا، حَاضر پَسيو هَر هَسين.

٢- حلمُ النائم [(١)] حَديث سُڻ، حِرص بَازي پَن ۾ هَڻ،
دِل دنيا ڏُورنگي تَانءُ ڪَڻ، ڇو موهه مَايا ۾ مُسين.

٣- سِڪ سَمجهه سَالڪ سُرت ڪَر، تون نَين ڪَولي نرت ڪَر،
هت ڪِين ڪوڙي ڪِرت ڪر، ڇو گَند گَاهڻ ۾ گَسين.

٤- اَعجاز تو آگاهه آ، سَاٿي نه تُنهن جو سَاهه آ،
اڳ پوءِ بَس الله آ، ظَاهر بَاطن هَر هَند وَسين.

تلهه: هي خَفو جُوفو [(٢)] خَسارو، هن دُنيا جو ڇَڏ ڪٽي،
ڪونه تو پَئي تُنهنجي مُنهن تي، هَڻ انهي کي گَڏ ڪٽي.

١- آجل ايندءُ اوچتو، سر تي اَصل عُقاب جَان،
سو لَڏائيندءُ سَڏي، تَنهن ڪنان اڳي تُون لَڏ ڪٽي.

٢- ڇو مُنڌو مُوڙهو تون آهين، مَت مُسافر مَڃ مُنهنجي،
آچ عَدم جي ڪُن اندر، آچ ئي اوتارو آڏ ڪٽي.

٣- بي بقا هيءَ آهي دُنيا، بَي بقَا هن جو آقل،
تُون ڪَٽي هيئن تَرڪ ڪَر، دِل کي نه هن سَان گَڏ ڪٽي.

٤- پَاڻ پَنهنجو سِر سُڃاڻ، ڇَڏ صفاتي سَپ سَڏون،
سِڪ ۾ سَڏ رک تَنهن سَندي، جَنهن ڪُن چئي ڪيو سَڏ ڪٽي.

٥- عجز سان اَعجاز چئي، الله کي اثبات ڪَر،
رَهه فَنا جي نِسڪَر ۾ تُون، ڇَڏ فَخر ۾ وَڏ ڪٽي.

(١) حِلم النائم: خواب واري ننڊ، گهر خمار واري ننڊ (٢) جوفو: لالچ، حرص

تلهه: نُقط چِينن جي بَزم ۾ - نيڻهن جو ٽالو نہ آهہ،
پِرت وارن لاءِ تن وَٽ - پِرت جو پِيالو نہ آهہ.

١- ڪُوڙيون آهون ڪوڙيون دانهون - ڪُوڙيون دَعوائون ٿا ڪن،
آشڪ[1] بَاريءَ سان دامن - تن جو ڊِس آلو نہ آهہ.

٢- مَاٺ ڪَر ٿيندو تماشو - هُت هلي اي هَمسَفر،
هِت تہ ڪَنهنجي وَات مُنهن تي - ڦاق يا ٽالو نہ آهہ.

٣- سُخن وارن جو سُخن - تلوار جي آهي بَجاءِ،
ظَاهري تن جي هَٿن ۾ - تير يا ڀالو نہ آهہ.

٤- ڪين آعجازا ايندا - طَعني زني کان بَاز هُو،
چَال مردانگي جو جَن ۾ چَاهُ ۽ چَالو نہ آهہ.

تلهه: ڪُوڙ جو اَڄ ڪَلهہ اڳهہ وَڏي وِيو، سَچ جي بَازر موڙي آ،
حَال زَماني دَورِاها، نُرخ بازِي نئين جوڙي آ.

١- ڪُوڙ جا ڪِرا مان ڏسو، دَلال واپاري دُوڪان ڏسو،
سَودا سَنَا سَامان ڏِسو، عَجب پَسي دِل ڏوڙي آ.

٢- اَڄ وَقت زَمانو نَاهي سَچ جو، چَاهہ چَلامانو نَاهي سَچ جو،
ڪَنهن وَات فَسانو نَاهي سَچ جو، ڪُوڙ جي ڳَالهہ ڪِروڙي آ.

٣- سَچ ويچارن وَانگي وَيچارو، ڪوڙ ڪَرارن وانگي ڪَرارو،
سَمجهہ اِهو تُون يار اِشارو، ڳَاٺن[2] هَنئي اِها گهوڙهي آ.

٤- ڪير آعجازا سَچ سَودائي، پَاڻ لاءِ پَاڻهي وير وِهائي،
ڪئين سَچا ويا ڪَنڌ ڪَپائي، دُنيا ٻُڌن ڪان ٻوڙي آ.

---

(١) آشڪ: اکين جا لُڙڪ (٢) ڳاٺن: سچا، سالِڪ

ٿلھ: آھڙو ڪو وَريو واءُ - جو گُل خارِ تي پيا،
سِر ساھ جا سِينگار - مِثل مَار[1] تي پيا.

١- جَف[2] القَلم ڪان پَانيان - ڪِ پانيان آئون پاڻ ڪان،
پَنھنجا بہ ڏيئي پيار - سِتمگارِ تي پيا.

٢- بُلبل لاَچار ڳَنھن ڪان - وَسايو آ بَرُوَچي،
بَاغن ۾ ويھي زَاغ[3] - دِڳھي دارِ تي پيا.

٣- لاَڪَچ ۾ لَوپ لَبَ جِي - ھُئي ڪانہ جن ۾ بوءِ،
سي گھر سنياري پَنھنجو - طَمعدارِ تي پيا.

٤- سَاري سَنگت ۾ دُنيا - ڇگُو جو قِري وِئي،
پَنجتن پيارا پَاڪ - مَددگارِ تي پيا.

٥- رَويو رُئن ھي اکڙيون - ۾ جَليون جَلي جِگر،
دَرشن جي ھُئا آسان - سي دُشوارِ تي پيا.

٦- سَچ سَالڪن آ چَيَڙو - اي اَعجاز ڪَر صَبر،
يَارن وِساري يارِي - جو اَغيار[4] تي پيا.

(١) مار: نانگ (٤) جَف القلم: لوحِ محفوظ، تقدير ، قلم لکي سکي ويو
(٢) زاغ: ڪانگ (٣) اغيار: بيوفا، غير

ٿلهه: عمر اناڙپ منجهه گذر ٿي - سَمجهه هوشياري ڪئي نہ اسان،
دين ڌرم تان هٽ ڪنيوسين - مڪر عياري ڪئي نہ اسان.

١- ڏهاپائي حُجرا وسائي - ڏاهپون ڏائي ڏيهہ پُلائي،
عابدزاهدنيڪ سڏائي - عيش بهاري ڪئي نہ اسان.

٢- دلق دولابي ڏاڳا ڌاري - پڙهين وارا تال پاٿاري،
ٽيٽا ٽُوٽا رمل ماري - پيٽ گذاري ڪئي نہ اسان.

٣- ڪعبو پيٽڻ جُهندلپيٽڻ - ٽلون ٽيٽڻ لب تي ليٽڻ،
ميم جو اڪر من تان ميٽڻ - اهڙي غداري ڪئي نہ اسان.

٤- لولي ڪارڻ لاهي پاهي - در در ويهڻ سندرو ساهي،
گهر ٻار ڪٽنب ڪان دوري چاهي - چال آواري ڪئي نہ اسان.

٥- دين ڪفر ڪان دور رهون ٿا - عشق حسن جا گهاٽ گهمون ٿا،
اعجازؔ عليءَ جا قدم چمون ٿا - جڳ جي جُهاري ڪئي نہ اسان.

جهاري: پوڄا

تلم: مُونکي دُوست آيا - کَتب کَمڙا کَمڙا،
بَنيا بي وَفا - بي سَبب کَمڙا کَمڙا.

١- ڳايو ڳَڏ پيو ڳَڏ، اُٿيو ڳَڏ ويهو ڳَڏ،
گِلائون پِيا کَن، روز و شَب کَمڙا کَمڙا.

٢- دَغا دُوئي دِل مان کَڍي کِين آيا،
ڏِسو حَق جي کَن پِيا طَلب کَمڙا کَمڙا.

٣- پڙهيو عِلم بيحد آکابر ٿي پنهنجو،
لِکائن ٿا نَسل و نَسب کَمڙا کَمڙا.

٤- سَچائي صَداقت سَان آل نبيءَ ﷺ جو،
ڏِسان پيو رکن پيا آدب کَمڙا کَمڙا.

٥- وَري هِيئن بہ جَانچي ڏِٺو مون يَارن کي،
ڏين ٿا آچيو ياد رَب کَمڙا کَمڙا.

٦- مُنهن جي دِل ۾ تَنهن بہ اُلفت آ تن لاءِ،
جي لائين ٿا پَر پُٺ لَقب کَمڙا کَمڙا.

٧- سُجهن پيا مگر آئون کَندس کِين ظاهر،
اَچا ڪارا آهن قَلب کَمڙا کَمڙا.

٨- سُٺي دَرد وَاريون سَندم دَانهون دَم دَم،
اَعجازا وَٺن پيا، عَجب کَمڙا کَمڙا.

ٿلهه: اَڄوڪي دَور ۾ ساٿي- وَفا وارو بہ ڪو هُوندو!!
سَچو ڪَامل ۽ سَالم دِل- صَفا وارو بہ ڪو هُوندو!!

١- دَغا ڪيسان دُور پَڇندڙ ۽- نَگي دولاب جو قَاتل،
سُپت سَڀ سان ڪَري آهڙو- خُدا وارو بہ ڪو هُوندو!!

٢- سَخي بَنجي تہ هُونئن سَيڪو- چُنل هَٽ جو ٺئي تو پَر،
سَواءِ ڪنهن لوڀ لالچ جي- سَخا وارو بہ ڪو هُوندو!!

٣- ڇڏي فِردوس جون مَوجون- قَبولي دَرد اُلفت جو،
درِ دلبر تي اچ آهڙي- صَدا وارو بہ ڪو هُوندو!!

٤- اِلاهي عِشق ڏي مَائل- ڪَري جو سُهٽو دِل دَم دَم،
اِنهي غَمزي اِنهي نَازو- اَدا وارو بہ ڪو هُوندو!!

٥- چَوڻ سَوڪو ٿين آوڪو- سَراپا يَار تان صَدقي،
اَدا عَاشق گهٽا پَر سِر- فِدا وارو بہ ڪو هُوندو!!

٦- دُنيا عُقبيٰ کان تَارڪ ٿي- نِهوڙي خيال نَفساني،
رَبُوبي رَاهہ تي رَاضي- رَضا وارو بہ ڪو هُوندو!!

٧- مِجازي مَوج ۾ ڦاسي- لڪين آشعار ٿا نَاهن،
حَقيقي يَار جي حُب ۾- ثَنا وارو بہ ڪو هُوندو!!

٨- هتي حَاذق گهڻئي آهن- اَعجازَا دَرد ڀي سَڀ لاءِ،
مَريضِ عِشق جي خَاطر- دَوا وارو بہ ڪو هُوندو!!

حاذق: طبيب، حڪيم

تلم: تن وڇايو وصل ُهت- جَن نين نند تي هيريا،
جُهوٽي غفلت جي جَهٽي- ڪئين گُهون [1] ۾ نيئي گهيريا.

١- ڪيئن ڪتان ڏسندا اُهي- پوءِ جلوا جانب يار جا،
ننڊ اگهوريءَ ۾ پئي، جن سَهسين سِجڙا اُيريا.

٢- سيڪڙو خود کي سڏايو- جُنُونڪ [2] سان راتيون جيئن،
عاشق الله جي نت- آرٽ جاڳي پيريا.

٣- سَخت سکيا ڏي اکين کي- گُهمنڊ [3] آرس [4] ڪر ڦٽو،
ويا ائين چوندا هتان کان- جوڳي جُنگ جا ميريا.

٤- هي اهوئي ماڳ آ- اَعجاز چئي اي ويسرا،
جنهن کي سپنو خواب سمجهي- سالڪن رخ ڦيريا.

(١) گهون: اونهون (٢) جنُونڪ: ذوق شوق
(٣) گهمنڊ: فخر، وڏائي، هٺ (۴) آرس: سستي، غفلت

باب چوٿون

متفرقات سرائڪي

سہ حرفي

اردو هندي

الف: آسان کڻ يَار پيارا- آيا تي اِظهارا کيتم نِظارا،
عَجب عَجائب روپ رکيندا- رُخ شمع انوارا کيتم نظارا،
نازڪ ناز سراپا ويکيم- نونهال نيارا کيتم نظارا،
سونهن صورت دا صاحب هي- سيرت سهڻا سارا کيتم نظارا،
آکے اَعجازا ڏيک اُهين کون- دل ڏتم چايارا کيتم نظارا.

ب: بنفشہ سُنبل کيا هي- زلف سجن دي ڇَلي ڇَلي بَر سِر هُو هُو بَلي بَلي،
بند کمند گهت قيد کريندي- مُرغ دليان دي گَلي گَلي بَر سِر هُو هُو بَلي بَلي،
اَڳُون اُنهان دي جاني پريندي- پير پيغمبر ڀَلي ڀَلي بَر سِر هُو هُو بَلي بَلي،
پيچ زُلفان دي اصل آويڙي- وس نہ کِنهندا ڇَلي ڇَلي بَر سِر هُو هُو بَلي بَلي،
آکے اَعجازا عشقِ تنهان دا- پيا عُشاقان دي پَلي پَلي بَر سِر هُو هُو بَلي بَلي،

ت: تاري ستاري کيون وَت پوڇان- پاڪ پيشاني ويکيم سرڙا تيکيم
ٻي تِلڪ تِلو ڪڙي تَرڪ کيتم- هڪ سِيماهم کُون سيتيم سرڙا تيکيم
جلوا سهڻي جَبين دا ويکڻ- بخت باري کر ليکيم سرڙا تيکيم
ول نہ کَڏاهين نکٹ نواڙان- تيڙو کَتيان تيتيم سرڙا تيکيم
آکے اَعجازا پڙهہ شکراني- پيچ پرين نال پيچيم سرڙا تيکيم

ث: ثَابت ول ڏُون پِروان دا، جَلوا جُنبش جَهلکاري هي سروار ي هي سَنکاري هي،
هوش تان هڪ ئي وار نيتا، ول ڏُوجهي وار چمکاري هي سَنکاري هي،
سوچ ويچار دِي وار نہ ڏيوَن، ڌڪ اُتي ڌڪ تياري هي سَنکاري هي،
تيغ خنجر دا وار نہ ايوين، اينجها عجب اسراري هي سَنکاري هي،
آکے اَعجازا جيوين زخم وَڌ وَڌ، تيوين وَڌ وَڌ پياري هي سَنکاري هي.

ج: جَذباتي جَهاتي لڳي، پنبٽيان دي پيڪان چُٽي، نا جان ڇُٽي،
سورهه سپاهه مژگان دا، نال فتان دي نيشان چُٽي، نا جان ڇُٽي،
چُپ چُپ چُپڪا چاڪ تنهان دا، دَرڪ عقل مَت ڏيان لُٽي، نا جان ڇُٽي،
نوڪ نوڪ دي چوڪ نِرالي، نيزي اينجهي آڻ ٺُٽي، نا جان ڇُٽي،
آکے اَعجازا فوج حسن دا، سِلح نا سامان کُٽي، نا جان ڇُٽي.

ح: حَدڪنون بيحد ڪيتا، گهوران گهيرا گهايل تي، من مائل تي،
گهاتي ماتي آڻ گهمايوني، قلب ڪليجي قائل تي، من مائل تي،
گهور گهور تي پُور سوايا، سُور ناسُور سَمايل تي، من مائل تي،
سُٽي ايڏي سِتم ڪتي ڪيون، سڪ دي سخت ستايل تي، من مائل تي،
آکے اَعجازا ترس نہ ڪيتس، ميڏي تن تنتري تايل تي، من مائل تي.

خ: خوبان خوب خُماري اکيان، خوشتر خوش نگاهہ ڏتس بيپرواهہ ڏتس
شغل نظارا شوق تنهان دا، هرهڪ کون هر گاهہ ڏتس، بيپرواهہ ڏتس
سَفسين عشاقان دا ڪاڻ تنهان دي، سُولي تي سِر ساهہ ڏتس، بيپرواهہ ڏتس
عشق دا آوران آور اُنهان وچ، ماڳ مُلڪ رندراهہ ڏتس، بيپرواهہ ڏتس
آکے اَعجازا نين پياري، روبرو باللہ ڏتس بيپرواهہ ڏتس.

د: دُرس ديدار ڪيتس، چار اکيان چوتاريُ تئي، ڏک پاري تئي،
قول قالو دي ساري پُني، جانِ قلب قراري تئي، ڏک پاري تئي،
قُلزم والي ڪُن اندر، غواصان وانگون گُذاري تئي، ڏک پاري تئي،
ذاتي صفاتي عشق حُسن دي، سَير سَپوئي ساري تئي، ڏک پاري تئي،
آکے اَعجازا نال محبوبان عين عجيب اشاري تئي، ڏک پاري تئي.

ذ: ذرا تان ڏيک وي طوطا، نک ڪُنڍا ميڏي يار ڪُنيل دا، سُهٹي سُهٹل دا،
مَت نا ٿيسين تون ڪو هرگز، ميڏي عجيب املهہ دا، سُهٹي سُهٹل دا،
نک اکيان خط خال چِتا ڪر، ول ول ڏيک پنهل دا، سُهٹي سُهٹل دا،
جي مَنين تہ تيکون ميان متو، ايهہ نقش ڏکاير روز ازل دا، سُهٹي سُهٹل دا،
آکے اَعجازؔا اکيان اڳون هِم، نت سدا سو نرمل دا، سُهٹي سُهٹل دا.

ر: راز پريان سي رمزان هن - جي مليم يار دي ڪولان، سرڙا گهولان،
چُپ چاپ چُپائي بيتا هان - نال پنهان دي نہ ڪولان، سرڙا گهولان،
هر دوجهان ڪنون پاري هن - جڏان جڏان تک تولان، سرڙا گهولان،
سبب ڪيتاچا مالک سائين - چوڙ چُڙا ايس پولان، سرڙا گهولان،
آکے اَعجازؔا يار تان من وچ - ڳوٹ ڳليان ڪيون ڳولان، سرڙا گهولان.

ز: زياده قَند ڪَنون هن، متي لب سڄٹ دي - سي تان وٹندي،
مرک مرک دي نال تنهان وِچون، مرجان موتي بٹ دي - سي تان وٹندي،
جَڏان ڏکيون تڏاهن ٿيوَن، ڏٺي سموري ڏٹ دي - سي تان وٹندي،
ول جو چُسکا ڏيوٹ ڏيوَن، کيپ چڑهن مٹ مٹ دي - سي تان وٹندي،
آکے اَعجازؔا طرف لبان دي، تخت بخت پئي تٹ دي - سي تان وٹندي.

س: سونهاري ڏند مبارک، سِين بہ سِين سبحان الله سبحان الله،
تجلي کر کرپاک ڪتونسي، طُور سينين سبحان الله سبحان الله،
گهولان اُنهان تون املهہ عقيق، سِيم تي مِين سبحان الله سبحان الله،
ڪِل ڏيندي هِن خوشان دي، خوب خزين سبحان الله سبحان الله،
آکے اَعجازؔا يار ميڏا هي، اينجها حَسين سبحان الله سبحان الله.

ش: شَيدائي شَائق کُل تي، غَار ڈَٹن وچ غار گئي لنگھ پار گئي،
عشق والي اوڑاھ ڈھون، سَمجھُون سرڑا وار گئي لنگھ پار گئي،
شوقِ اهين کڑ ذوق آتي، حال خيال سَنوار گئي لنگھ پار گئي،
گام وگام گمان گُم هوکي، گياني کر گفتار گئي لنگھ پار گئي،
آکے اعجازا ڈيان ڈٹن دا، دم دم ديوچ ڈار گئي لنگھ پار گئي۔

ص: صفا دل سالک صوفيان، سِر سبحاني پايا هي، سِر گايا هي،
سر دي سُرت سِر وچ رک کر، سِر دا سُر سمجھايا هي، سِر گايا هي،
سر مبارک سرخ جنهان دا، سِر دا تنهان سِر سايا هي، سِر گايا هي،
سر دي نال عشاقان کون، پيار پريم سوايا هي، سِر گايا هي،
آکے اعجازا سِر آپٹي کون، سائين آپ سجايا هي، سِر گايا هي۔

ض: ضمانت عشق ڈتي هي، توڑان توڑ نياوڻ دي - رنگ لاوڻ دي،
مُوتُوا قبلل آنتموتو، ميچ ڈتس رچ جاوڻ دي - رنگ لاوڻ دي،
ملي اجازت منصوران کون، آنا الحق الاوڻ دي - رنگ لاوڻ دي،
مام ملايس مئي پلايس، جذبي جوش جگاوڻ دي - رنگ لاوڻ ذي،
آکے اعجازا عشق بغيرون، جاء نهين اِتان آوڻ دي - رنگ لاوڻ دي۔

ط: طواف سجود کريسون، اسان آپٹي سجن کون گلِ رخن کون،
بيت حرم دي بجا پائيسون، گُل گون گل بدن کون گلِ رخن کون،
حِجر اسود وانگون ڈيسون متڑيان، من موهن کون گلِ رخن کون،
ايوين ول ول پوچ پوچيسون، حضرت پاک حسن کون گلِ رخن کون،
آکے اعجازا اسان نہ چوڑون، عشق دي خاص رُکن کون گلِ رخن کون۔

ظ: ظاهر حال رندا دا، شيشا شوق شرابي- خُمر خرابي،
باطن دي وچ بلا واصل، نيک انيک نايابي- نور نجابي،
مُليان والا قند نہ تنهان کن، نکا مت کتابي- شور شتابي،
راهہ ثوابي مول نہ گهندي، گهندي راهہ عذابي- رقص ربابي،
آکے اَعجازا عاشق رهندي، هردم بي حجابي- نت بي خوابي.

ع: عشاقان کون عشق پڑهايا، ورقا هک وحدت دا، سِک صحبت دا،
دوئي دُتائي چوڑ تنهان وچ، هُل مچايا حُريت دا، سِک صحبت دا،
ذرا نہ ضايع پچي کتو نسي، دم کڏاهين مَحبت دا، سِک صحبت دا،
حق همہ وچ حاضر هي، هوکا سن حَقيقت دا، سِک صحبت دا،
آکے اَعجازا عام نہ پائيسن- انت عشاقي عقيدت دا، سِک صحبت دا.

غ: غلبا نِينهن نشي دا- نيهي ناٹ پچاون کي- من ياون کي،
مئي پي مئي دي مستي کون- مرد مثير ملهاون کي- من ياون کي،
باز بحري دي پنجان وچ- بانکي هوش تکاون کي- من ياون کي،
نہ تہ آپي کنون کئين نکل گئي- آپي دي وچ آون کي- من ياون کي،
آکے اَعجازا نال برهہ دي- وِک وچالي چاون کي- من ياون کي.

ف: فهم عشق دا پاوٹا هئي، هَٹ کر سُهٹا ساقي مغان ميثاقي،
هتئون پيالا تنهن دي پيوين، جو هووي پاک پوشاکي، ازلئون عشاقي،
نال اُهين دي نظر ملاکر، يکدل تيوين ياکي، شک دا شاکي،
مستي کنون هوشيار رهين، نہ تہ عشق نہ تيسئي اوطاقي، مور ملاقي،
آکے اَعجازا ساقي محقق مئي پِليسئي باقي، کُلسئي تاکي.

ق: قالو دي قول كيتي، كُسڻ كم مردانا- منصورانا،
كُڏ كُڏ آوڻ مئيكده وچ، كوڙ قلندرانا- منصورانا،
طبل وڄاوڻ توحيدي، مرك متا عارفانا- منصورانا،
موج مجازي حال حقيقي، شوق شيوا شائقانا- منصورانا،
آكے اعجازا ساكون پسند هي، راهه رسمِ رِندانا- منصورانا.

ڪ: كفر اسلام وچون تان، عشق گيا كٽ بازي- ٿي كر غازي،
علم عقل دا چيهه جتاهين، عشق اُتون آغازي- الٽ آوازي،
كل شكاريان كنون تكي هي، عشق دي تير اندازي- نشانا بازي،
دين ڌرمِ نت دام قفس وچ، عشق كُليا پروازي- دُور درازي،
آكے اعجازا نال جهين دي، عشق ٿيوي همرازي- پُرسو پازي.

ل: لقائي لاحد والي، آوران آور ليا كي، ڏاكي ڏاكي،
گيا جو اُتان سو آيا نهين، جو آيا سو حق پاكي، ڏاكي ڏاكي،
بيحد والي بازي بيحد، كيڏن بي سر بانكي، ڏاكي ڏاكي،
نام هجر دا مول نه اُتان، چكڻ وصل دي چُنانكي، ڏاكي ڏاكي،
آكے اعجازا حامي اساڏا، حيدر پير ٿيا آكي، ڏاكي ڏاكي.

م: مَساجد مندر ديوچ، ساڏي لا الله الليٰ، دم هو الله،
وچ مئيخاني وسدي ويراني، هر جا نور تجليٰ، دم هو الله،
كاشي تيرٿ سوئي سانول، سوئي كعبة الله، دم هو الله،
فرق متايا فهم بتايا، عشق فثم وجهُ الله، دم هو الله،
(١٤١) انـڌن لـيـکـي آدمـي، سـچن لـيـکـي الله،
جنهنجو ڏسڻ جيـتـرو، تـيـتـرو تـنـهن ويـسـاهه،
انـڌن سـچن ۾ اَعجاز چئـي، فـرق اهـوئـي آهـه،
هِن مـتـو کـيـو سـاهه، هُن لاٿـو سـانـگـو سـاهه جو.

(١٤٢) اکـين سـچا کـوڙئـين، قـلـب سـچا قـلـيـل[1]،
اهـا جوڙ اَعجاز چئـي، جوڙي رب جلـيـل،
کجي کِٿ اپـيـل، قـلـب سـچن جي قـحـط[2] جي.

(١٤٣) هڙ حـقـيـقـي حـال جي، کـنـهن ڏنـي کـٿـان آئـي،
جا پاڻهي پيدا ٿي پئي، سا کنهن جي چاڻان چائي،
کـانـهـي پـرائـي، آهـي پـنـهـنـجي اَعجاز چئـي.

(١٤٤) هڙ حـقـيـقـي حـال جي، جن پاڻ مـنـجهـان پـاتـي،
انـهـن سِر اَعجاز چئـي، کُڙن کُر کُر لاتـي،
کـو آهـي پـڙيـاتـي، جو چوي سچ سـڙيـن کـي.

(١٤٥) هڙ حـقـيـقـي حـال جي، جنهن منجهئون منجهه لڌي،
اچي تـنـهن تـي اَعجاز چئـي، گُرگن گـهـوپـي بڌي،
سـچي ڳالـهـه سِڌي، چئـي کـيـر کُڙن کـي.

(١٤٦) هـڙ حـقـيـقـي حـال جي، جڏهـن لـڌي جن،
تـڏهـن مـنـجهـان تـن، مـلـي بـشـارت حـق جي.

(١٤٧) هـڙ حـقـيـقـي حـال جي، جن جڏهـن لـڌي جيـئـن،
تـن تـڏهـن ڏنـي تـيـئـن، هـر کـا گـواهـي حـق جي.

(١) قَليل: ٿورڙا (٢) قحط: ڏڪار

(١۴٨) الله وڏو طامع، جنهن ٻئي جڳ جوڙيا پاڻ لئہ،
اٿس سدائين اک ۾، جهان جملي جامع،
مٿس کو مانع، اسان نہ ڏٺو اَعجاز چئي.

(١۴٩) الله وڏو آئُو، جنهن ٻئي جڳ جوڙيا پاڻ لِئہ،
کونہ ٿئي کو ترجيترو، تنهن منجهہ طامائو،
جو ٿيندو تا کائو، تنهنکي سائين سَهندو کين کي.

(١٥٠) مڱڻي دران نہ مڱ، مڱ دران ڏاتارجي،
اهڙوئي آهہ اَعجاز چئي، لائي ڏسي نہ لنڱُ،
راول دران رڱ، جن لڳو سي لعل ٿيا.

(١٥١) روضي ڏٺيءَ رڱيا، کوڙئين کئين کا ڍوڻ،
لکين لعل آبدال کيا، جانب سندي جوڻ،
کاهوڙي اُتان کوڻ، عاشق ٿيا اَعجاز چئي.

(١٥٢) روضي ڏٺيءَ رڇائيا، تا سيارا کئين توجہ سان،
اندر جا اَعجاز چئي، ٻولا ٻوت ٻڇايا،
پيرل پُڇايا، اڻ لکيا انگڙا.

(١٥٣) روضي ڏٺيءَ جي رنگ رتو رول رلين کي،
حسن واري حڪام سان، ڀڳڻ هنيا ٻَنگ،
وارثِ وڌا وَنگ، عشق سندا اَعجاز چئي.

(١٥۴) محبت رکي من ۾، رَم روضي ڏٺيءَ ڏانهن،
اُتي عشق الاهي جو، اکٽ آهي آنهن،
تنهن داتا در دانهن، تہ اونائي دانهن اَعجاز چئي.

(١٥٥) محبت رکي من ۾، روضي ڦِٽيءَ ڏي رَمُ،
اي در حسيني در آ، حُر سندو هر دم،
عجز عجيب آعجاز چئي، اُتي نيءُ نَمُ،
آڻ نہ غير وهم، پير مُغان جي پٽ ۾.

(١٥٦) پرين اُهي پترا، جي ٻلايون ڏَکين،
بِنَهہ کين بهلول چئي، عيب بديون اُپٽين،
ظاهر باطن کنهنکي، مُنهن ۾ مور نہ ڏين،
لِلّٰهِ کارڻ ٿين، آجهو اوڳڻين جو.

(١٥٧) اوڏو ويجُ مَ الله کي، نالو کوم وٺينس،
ذاتي صفاتي سگڙا، ڇني سڀ ڇڏينس،
سلسلو سلام کلام جو، قطع تمام کرينس،
جڏهن رضا رکي تنهن جي، تڏهن رضاتون بہ رکينس،
تهان پوءِ ڳنڍينس، مولي من بحي الدين چئي.

(١٥٨) نکو شِر شيطان کو، نکو سحر وري،
نکو جِن ڀوت کو، نکو ديو پَري،
هري رام هري، همہ آ آعجاز چئي،

(١٥٩) کنڌ ڏيئي کات کي، کنڌ ٿي پيو کات،
سچي آهہ آعجاز چئي، بيشک اها بات،
سمجهي اي سخنات، کو صاحب سورهہ دل جو.

(١٦٠) جيئن هرڻ هلاڪ ٿئي، برپٽ سمجهي آب،
تيئن بندي بي بصيرت جو، آهي هوش حساب،
جو منجهس سر سيراب، سو مور نه پسي محيّ الدين چئي.

(١٦١) ڪڏهن دل درياء جان، ڪڏهن ڪسيءَ ڪان بہ ڪَسي،
ڪڏهن تارو تار وَهي، ڪڏهن آهہ تَسي،
ڪڏهن رهي رَسي، ڪڏهن آرسي اَعجاز چئي.

(١٦٢) ڪڏهن مُنهن پون، ڪڏهن پردا ڪن پريت لاءِ،
اڪر ٻئي اَعجاز چئي، وٽيا مونکي سندن،
جيڪا چال چلن، سا مُباح محبوبن کي.

(١٦٣) دلبر واري دل لاءِ، ٿي پڳُ سچو دِل،
تہ دلبر توتان دل، اصل نہ لاهي اَعجاز چئي.

(١٦٤) جيڏهن گهٽي گهُر، وڃڻ واجب اوڏهين،
اڻ گهُبريا اَعجاز چئي، ڪانہ لهندا ڪر،
ڪري پڪيءَ جا پَر، اُڏر اُنهي پار ڏي.

(١٦٥) پارس۱ پوتر، پرڪڻ ناهن سُٿرا،
آهن لڪل اَعجاز چئي، املہ سچا گوهر،
ڪي درسچاڻن دُر، ڪانهي چاڻ ٻين کي.

(١٦٦) عجب خودي عشق جي، عجب خُوءِ خيال،
عجب حال چال سان، عجب بات بحال،
عجب جوش جلال، عجب عجز اَعجاز چئي.

(١) پوتر: پاڪ ڪرڻ

(١٦٧) پيتيون جن پُر ڪري، وتيون ڪيف ڪڪوهه جون،
اندر آڳ عشق جي، تن ٻارهيوئي ٻري،
سوري ۽ ري نه سري، انهن جي اَعجاز چئي.

(١٦٨) آجهي عليؑ شاهه جي، عاجز جي آيا،
پَڙ پوتا انهن جا، ڏول پرين ڏايا،
پارس پهرايا، تنکي پوت پريت جا.

(١٦٩) آجهي عليؑ شاهه جي، آءُ ته لهين مانُ،
جوئي مڱندين سوئي ملندئي، دران تنهن جي دان،
عَينُ اليَقِينُ اَعجاز چئي، سيد سر سبحان،
اتئي جي ايمان، ته ڏيک نه پيا در مڱتا.

(١٧٠) جي نه سُڪائي ساهه ڪي، جيت ڪوريئڙي جيئن،
ته اونهي مان اَعجاز چئي، مڇُ ماريندين ڪيئن،
سُرت سالڪي ۽ سين ۽، پيهي وڃ پاتار ۾.

(١٧١) ڪاهه ڪلاچي ڪُن تي، گهاتو ڪري گهور،
ڪپر تي تون ڪيترا، پيو پچائيندي پور،
اول ماري مڇ ڪي، پوءِ ڪج پيا مذڪور،
نه ته سندا وين سور پيا چٽڪندئي چت ۾.

(١٧٢) ڪاهه ڪلاچي ڪُن تي، مانجهي ڪر نه موٽ،
مَئي مَتي مڇ تي، چريو ٿي ڪر چوٽ،
عقل واري اوٽ، ايندئي ڪم نه اَعجاز چئي.

(١٧٣) جيئن تارن ۾ چنڊ، تيئن لاکو چام لکن ۾،
سندس سخا جو ڳهنڊ، ٿو وڃي ويل هر ڪنهين.

(١٧٤) جيئن سو پٽرو سج، تيئن لاکو چام لکن ۾،
ڪوڙئين ڪُرنشون ڪِج، اڳيان تنهن اَعجاز چئي.

(١٧٥) لاکا تنهن جي لاڳ، لکين لوڪ نوازيا،
جاني پنهنجي سخا جي، وار اسان ڏي واڳ،
تنهن جي آهي آڳ، هزارن حاتمن تي.

(١٧٦) نينهن جنهين جو نام، سو نفعو پڇي ڪينڪي،
الٽي چال عشق جي، الٽو سندس ڪام،
گهانگهي ڳلا گوڙسان، تنهنجو سير تمام،
عجب آهه اَعجاز چئي، مونکي هي مدام،
ته صبح توڙي شام، نينهن ڇڪي پيو نانهه ڏي.

(١٧٧) جو لائق ڪيئي لِائق ڏٺي، تنهن لائق نه آئون لائق،
ادنيٰ آئون اَعجاز چئي، تون فيض پريو فائق،
شاها هي شائق، تنهن جي ڳُڻن ڳائيو.

(١٧٨) هُو آ منهنجو حال، آئون پڻ حال ان جو،
هو خود خيال هن جو، هي آهُن جو خيال،
خيال ملي ويو خيال ۾، ميسر ٿيو وصال،
ڪندو ڇا مون ڪال، اچي هاڻ اَعجاز چئي.

(١٧٩) محبت جي ميدان ۾، نہ ساهمي نہ سير،
سودو صفا سر جو، پيو ڦندنہ کوئي ڦير،
پاءِ ايذاهين پير، ڇڏي حد حِساب جي.

(١٨٠) محبت جي ميدان ۾، سڌڙيا سر نہ ڏين،
اجل سامهون اَعجاز چئي، کي کي ڪُڏي تين،
نايو نايو نين، عاشق سر اڏيءِ تي.

(١٨١) ڪارهن پائي ڪنڌ ۾، ڪل خواري ڪڻ،
عشق سان اَعجاز چئي، حقي نعرو هڻ،
وهمن سندو وڻ، وڍي ڪد وجود مان.

(١٨٢) ڪارهن پائي ڪنڌ ۾، ڪُڏي قرب ڪماءِ،
مبلهي مَرڪي پڙ ۾، محبت کي ملهاءِ،
اڙدو تي اَعجاز چئي، پير نہ پٺتي پاءِ،
لڄڪي تون نہ لڳاءِ، داغ پنهنجي پشت کي.

(١٨٣) جي سڪڻو اٿئي تہ سِڪ، نہ تہ سک نہ پوءِ سنبر ندين،
عشق سان اَعجاز چئي، ناريءِ ناريءِ نڪ،
لائي لنئون نہ لڪ، اهو مرڪ نہ مشتاقن جو.

(١٨٤) مجازي موهيا ڪيترا، حقيقي موهيو ڪو،
هيءُ ڇڏي هُن کي، جاڳي رسيو جو،
سچو آهي سو، آديسي اَعجاز چئي.

(١٨٥) جيئن ڇَمائي، ڇاپر پير جي تيئن مرض مجازي،
اِتاهين آعجاز چئي، ڪو ڳوءِ ڪٿي غازي،
نہ تہ هزارين بازي، هاري ويا ان حرص ۾.

(١٨٦) پَروڙج پڇاڻ اُلٽي هيءَ آعجاز چئي،
جن نہ سڃاتو حق کي، مٿي تن نہ ميان
مُنا سي مڪان جي ڄاڻي ڄاڻوئي نہ ٿينا.

(١٨٧) محبت مشڪ عطر، جو لائي سو سُرهو لڳي،
هن جو هڪڙو ترُ، هوڏهن ڪوڙ ڪستورين جا.

(١٨٨) محبت مشڪ عطر کي، لائين تان اڄ لاءِ،
نہ تہ صبحاڻي سيدچئي، ڪندين هاءِ هاءِ،
گهالو هڏ نہ پانءِ، ان قطري ۾ سيڪي اٿئي.

(١٨٩) محبت آهي پاڪ، ناپاڪ آهين تون،
ٿيندين پاڪن پاڪ، انهيءَ جي اوصاف سان.

(١٩٠) محبت پاڪ ڪري، ڏويو دل وجود کي،
اٿئي ائين آعجاز چئي، سُنج ڏيان ڏري،
جيڪو محبت ريءَ مري، سو مسلمان نہ مُورهين.

(١٩١) جو دم جيئين جڳ ۾، سو دم محبت ڪر،
محبت ڏاران ڪيڏهين، دم قدم نا پر،
پَلي لائين سان پر، پيو ڳهڙولا پرت جا.

(١٩٢) محبت مشڪ عطر جي، کهڙي ڪتورن ڪل،
جي ڍريا سدائين ڍوندي تي، ور ور پائي ول،
اُن تي آڇ اُڇل، ڪر نہ آعجازا عشق جي.

(١٩٣) محبت ڪي مذاق، جي چاڻن تا اڻ چاڻ تي،
آهن سي آعجاز چئي، ڪوڙا ڪُز قزاق،
اُنهن جي اوطاق ۾ وڃڻ واجب ناهہ ڪي.

(١٩٤) محبت جهڙي ميٺ مان، چاتو ڪين چکڻ،
لاشڪ شاهہ آعجاز چئي، نصيب ٿي نہ هين،
جو مُنجهي منجهہ چکڻ، ماڪيءَ ڪان محروم ٿيا.

(١٩٥) جو دم جيئين جڳ ۾، سو دم محبت ونڊ،
مانڊاٺا منبل ٻيا، ماڳهين ڪيم منڊ،
خالي ڀنڊي ڀنڊ، ايندئي نہ ڪم آعجاز چئي.

(١٩٦) مُعجزو محبت جو، مردا جياري،
قم جو اڪر آعجاز چئي، ٿو اُٿڻ سيڪاري،
پُر ٿو پياري، ڪاسا ڪيف ڪکوہ جا.

(١٩٧) محبت جن جي من ۾، سي طالب توڙان توڙ
اُلوهيت ۾ آعجاز چئي، ڏني انهن اوڙ
تن سر سونهن موڙ، وحدت جي ونهانءَ جا.

(١٩٨) محبت ريءَ نه ڪو، مليو محبوبن ڪي،
پِيمُ اهو آعجاز چئي، پرو هاڻ پڪو،
حُب کي هَڪو تَڪو، آ واصل حال وصال جو.

(١٩٩) محبت مرندي ڪانه ڪا، ماڻهو مري ويندو،
ائين ٿيو آ ٿيندو، اڳي پوءِ آعجاز چئي.

(٢٠٠) محشر ڏينهن ميزان ۾، توريندا سڀ ٽول،
ياري محبت ٿيندي اُتي، منجهه ترازي تول،
پوءِ ريزا لارول، هٿندا هٿ افسوس جا.

(٢٠١) حضرت حسن جناب، پاڻي پيچ قلب جو،
ٿُوت سُڪوت تنهنجو، رُون رُون راڳ رباب،
شهرت لاءِ شراب، اٿس مُفيد آعجاز چئي.

(٢٠٢) اڪ اڪ سان لاءِ، لوٽان مار مَلوڪ ڏي،
مچ مچائي من ۾، پيهي پاڻ پچاءِ،
عشق سان آعجاز چئي، رِندي رمز رچاءِ،
عڪس پرينءَ جو پاءِ، عاشق دل اڪين ۾.

(١٠٣) محبت مشڪ عطر، جيڪو لائي سو سرهو لڳي،
اهڙي ذات سوغات مان ڪافي آهي تر،
پر ڪونهي يار قدر، انا سن اعجاز چئي.

نامون نيهي يار جو

١- نامون نيهي يار جو، بسم الله سان آيو،
الحمدُ لله اظهار ڪري، هيئن سڄڻ سمجهايو،
اِياڪَ نَعبُدُ وَاِياڪَ نَستَعِين، چئي ويڇو وڃايو،
ڏيئي ٻن پيائي ڪي، حق هيڪڙائي پايو،
تي سونهون سونهايو، سِر صِراطَ الّذين جو.

٢- نامون نيهي يار جو، پَنو سو پُرنور،
سُبحانَ الذي اَسريٰ بِعَبدِهٖ منجهس سير سُرُور،
اِنّ قُرانَ الفَجر ڪان مَشهُودًا، سچو سندس مذڪور،
تئي پڙهندي تنهن منجهان، حاصل حال حضور،
پسڻ تنهنجو پور، ڪُنجي آهي قلب جي.

٣- نامون نيهي يار جو، پنو پاڪن پاڪ،
بسم الله جي بيان سان، آهي عبرت ناڪ،
دڙڪو دلاسو تنهن ۾، وحدانيت جو واڪ،
تو پڙهندي ڪري چاڪ، پردا جي ظلمات جا.

٤- نامون نيهي يار جو، پنو پُر اسرار،
ريء ڏيان دل جي، سمجهڻ سو دشوار،
منجهس هر مفهوم جي، معنيٰ مام بسيار،
جن جو سائس پيار، تن تي پاڻ عيان ٿئي.

٥- نَامون نيهي يار جو، پنو آپُر سون،
تنهن جي رمزن روز، منهنجو من مستان ڪيو.

٦- نَامون نيهي يار جو، قدرت عين ڪمال،
ماضي حال قبل جو، منجهس جواب سوآل،
عجب تنهن ۾ اَعجاز چئي، خبر خوب خيال،
محبت ريءَ محال، پڙهڻ پروڙڻ تنهنجو.

٧- نَامون نيهي يار جو، لاثاني لاريب،
بليغ فصيح بديع سو، بسيط وسيع بي عيب،
الواحي احوالن سان، آهي علم الغيب،
توحيدي تلقين سان، تنهن جي سڀ تاديب،
عالم شاعر اديب، خط پريان جي خُماريا.

٨- جتي اڪر الف جو، اُتي اڪر ميم،
انهي معنيٰ مام ڪي، ڪو سمجهي قلب سليم،
آهي راز عظيم، اولي ۾ اَعجاز چئي.

٩- بي انت بي پايان، دائرو آهي دل جو،
پن ترن جيئن تنهن ۾، ڏٺم پيئي جهان،
ڪونهي ملڪ مڪان، ايڏو پيو اَعجاز چئي.

١٠- تڙي ڪيدي تحليل سان، منجهان خر خناس[١]،
يوسوس[٢] في صدور[٣] الناس جي، بُوءِ نه رهي بانس،
اندر ڪي اَعجاز چئي، چڱي ريت چڪاس،
ته وحدتي واس، پيهي وننديس پاڻ ۾.

(١) خناس: لڪي لڪي گمراهه ڪرڻ وارو (٢) يوسوس: وسوسو وجهندڙ
(٣) صدور الناس: ماڻهن جي دلين ۾

١- جيئن ڪپر ڪڻ تي چِٽڙا، حُسن وند هزار،
تيئن زيب دنيا ڪي، ظاهري آهي اَعجازا يار،
پلجي مستان آر اتي لائين اکين جا.

٢- جيئن ڪا چٽيل ڪنوار هجي شاديءِ رات جي،
آهي تيئن اَعجاز چئي، دنيا دلبيدار،
متان ڪو آٿي يار انهي نپٽيءَ ڪي نڪاح ۾.

٣- نسبت هن جهان جي، فاني ڙي فاني،
آهي باقي اَعجاز چئي، رغبت رحماني،
ڪري من ماني، متان رنجائين رب ڪي.

٤- جلوو هن جهان جو، حُباب جيئن هميشه،
آهي سو اَعجاز چئي، لحظو ڪي لمحه،
تنهن منجهه تون طمع، رکين هميشه رهڻ جي.

٥- جلوو هن جهان جو، حُباب آيا خواب،
اهو ڪر اعتبار تون، ننڊ ۾ آهين نواب،
جاڳڻ بعد ساڳيو، پسندين آب نه تاب،
شرم منجهه شتاب، پوندين پوءِ اَعجاز چئي.

٦- جلوو هن جهان جو، حلم النائم جاڻ،
فائق جي فرمان تي، عين اليقين آڻ،
متان پوءِ صبحاڻ، هٿي هٿ اَعجاز چئي.

٧- جلوو هن جهان جو، آهي پهر کي پل،
جوفي ڪاڻ نه جل، ڪر انديشو اعجاز چئي.

٨- جڏهن پيم پچاڻ، پوري پنهنجي پنڌ جي،
ته ويم ڇڏائي آڻ، عبديت جي اعجاز چئي.

٩- نفل ۽ نماز ڪي، پڙهان ڪنهنجي ڪاڻ،
هُتي ڪانهي ڪاڻ، عبادت جي اعجاز چئي.

١٠- نفل ۽ نماز ڪي، ڪريان ڪجاڙو،
پرين سين پاڙو، مون ته چنوئي ڪينڪي.

١١- نماز آهي نينهن سان، نينهن ري نه نماز،
اڳهي ڪونه اعجاز، سڪن ري ڪو سجدو.

١٢- پت چت جي چانو ۾، نيستي جن نماز،
سي عورت جي آچار ٿيا، ڏاران راز نياز،
جيڪي مرد اعجاز سي پاڇا پڇن ڪينڪي.

١٣- پت چت جي چانو ۾، نماز نيستي جن،
کهڙي خبر تن، قوسيني[1] ڪواز جي.

١٤- جنهن ۾ عدد نه انداز ڪو، وهم نه ويسارو،
نيت اهائي نماز تون، نر هٽي نعرو،
ادا ڪر اعجاز چئي، فرض فنا وارو،
ته آبدي[2] اوتارو، آچينئي انعام ۾.

(١) قوسيني: ٻن ڪمانن ڪان به گهٽ (٢) ابدي: هميشه قائم رهڻ

١٥- جنهن ۾ عدد نہ انداز ڪو، نڪو قيام قعود،
نڪو سُور سَهو جو، نڪو بيڪ نہ بُود،
سڪيو سو سجود، عاشقن آعجاز چئي.

١٦- جنهن ۾ عدد نہ انداز ڪو، نڪو ريائي رياض،
نيت اهائي نماز تون، ڇڏي لوڪ لحاظ،
قوسيني ڪواڙ مرڪ مانجهيئڙن جو.

١٧- جنهن ۾ عدد نہ انداز ڪو، وهم نہ ويساهين،
نيت اُهائي نماز تون، پاڻ ڇڏي پاهين،
لائق پوءِ آهين، جَنات عدني سندو.

١٨- جنهن ۾ عدد نہ انداز ڪو، نڪو ساهہ سلام،
نيت اهائي نماز تون، ڪري عشق امام،
نہ سدائين ناڻ ڪي، طمع ري ءِ تمام،
تہ محمودي مقام، ماڻين محيّ الدين چئي.

١٩- ڪي پنجاهہ وقت نماز جا، ڪي پورا پنج پڙهن،
ڪي عدد ۽ انداز ري ء، رُڪوع منجهہ رهن،
عجز سان آعجاز چئي، عاشق ائين ڪن،
عَلىٰ صلاتهم دائمون، ويساهين نہ وجهن،
نميو ٿا نمن، سنياسي سبحان ڪي.

٢٠- جيئن ٿو ڏوئين جسم ڪي، تيئن جي ڏوئين دل،
تہ هر جاءِ تو حاصل، حضوري حال ٿئي.

سُرت ڏيڻ

١- جا ڏئين سُرت پوءِ تون، سا پڇرين ڏيج ڪنان،
تہ هادي مون هٿان، ڪونہ ڏکوئجي ڪڏهين.

٢- جا ڏئين سُرت پوءِ تون، سا پڇرين مونکي ڏي،
تہ هادي هٿان منهنجي، ٿئي ڪچي ڪام اَعجاز چئي.

٣- جا ڏئين سُرت پوءِ تون، سا پڇرين مونکي ڏس،
انهي سان آوس، ويهان آئون واڳجي.

٤- جا ڏئين سُرت پوءِ تون، سا پڇرين مونکي ڏيج،
سائين تون سٽيج، سنت منهنجا سڏڙا.

٥- جا ڏئين سُرت پوءِ تون، سا ڏي مونکي هاڻ،
تہ هادي مون هٿان، نہ پئي خطا اڄ سياڻ،
قادر اها ڪاڻ، اچي لاهہ اَعجاز چئي.

٦- جا نہ سَهين تُون سِر، سا نہ ڪر ٻين سان،
گُروءَ جي اِن گس تي، آءٌ تہ پڇين ڏُر،
نہ تہ تون ڪنهن پَر، ڪونہ رسندين ڪنهن حال ڪي.

٧- جا نہ سهين تون پاڻ، سا نہ ڪر ٻين سان،
گروءَ جي ان گس تي، آءٌ تون هاڻ جو هاڻ،
تہ ڪالي چڱئي ڪاڻ، هوند رسين پوءِ حال ڪي.

٨- جا نہ سھين تون جندہ سا نہ ڪر ٻين سان،
آڪيو آديسين جو، اتئي پوري پندہ
ويھہ انھي سان واڳجي، تند نہ ڇيندئہ بندہ
ناتان فقيري ڦند، اوڪو آ اعجاز چئي.

٩- جا نہ سھين تون يار، سا نہ ڪر ٻين سان،
گروءِ سندي گفتار، هنيائج هئين سان.

١٠- ماڻڪ موتي لعل جي، سڃاڻ سُترا هجن،
تہ هوند چو ٻڌن، هاريا وچي حِمار ڪي.

١١- جواهر سندي جوت ڪي، جواهري چاڻن،
املھہ سي اعجاز چئي، متا ڏيو ماڻن،
جي مور نہ سڃاڻن، پچ قيمت قدر نہ تن ڪان.

١٢- مَتا جيئن موتيئڙا، ججھو تيئن جرڪن،
ماڻڪ ميرا مُنھن ۾، مَتَ نہ تني من،
انھن ڪي اعجاز چئي، ڪي پارڪو پرڪن،
سيئي نہ سڃاڻن، جواهر سندي جوت ڪي.

١٣- سيني سڏايو صراف، سون سُڃاتئون ڪينڪي،
سمجھہ اها تون ڳالھڙي، انھيءَ مان ئي صاف،
تہ وڏي قيمت ڪميني جي، گھٽجي ويو اشراف،
حيف اعجازا اُن ڪي، انڌن ڇڏيو انصاف،
ڪٽي سر مصحاف، ڪوڙ ڪمائي هليا.

(١) حِمار: گڏھ

١٤- سپ نہ سچا صراف کي، سپ نہ سچا موتي،
ڪنهن ڪنهن ۾ جوتي، آ اصليت جي اعجاز چئي.

١٥- جي نہ سُڃاڻ سگهين، تہ اچي سڃاڻ سک،
ڪَسوٽي جا قلب جي، سا ماڃي مَلي رک،
پوءِ ويٺو پرک، سچي ڪوڙي سپ کي.

١٦- وڏا پَسار وڏن جا، وڏا وکر تنين تي،
ڪچن ڦڪن ڪوهرن جا، مون وٽ ڪٽا کي،
سي قبوليو جي، تہ آهن حاضر اعجاز چئي.

١٧- وڏا پَسار وڏن جا، وکر اُتي خاص،
ڪچن ڦکن ڪوهڙن جي، مون اڳيئي ڪئي ارداس،
سي ڪريو جي پاس، تہ آهن حاضر اعجاز چئي.

١٨- سوجهي سوديو جن، وکر وحدانيت جو،
آڳهہ واري اُن، دور انديشي دور ڪئي.

(١) ارداس: عرضدار

۱- مُلان جي محبت ۾ پائين هڪ پير،
تہ ڌارين کونہ دل ۾، غافل تون کو غير،
سوئي ڪرين سَير، جو عاشقن ڪيو آعجاز چئي.

۲- مُلان جي محبت جي توکي پئي پروڙ
تہ هٽي کوڙ بَدوڙ، مالک نہ تين منبر جو.

۳- مُلان جي محبت ۾ انت مُوتُوا تين،
هٿان حيدر شاهہ جي، پيالو ڪوثر پين،
ڏس ڏيهن کي ڏين، هُوند عشق سندا آعجاز چئي.

۴- مُلان جي محبت جي، کا تو ۾ هجي هَوَ
تہ ڊونيين کونہ ڊوَ، هوند فنا تين فڪر ۾.

۵- مُلان جي محبت جي، کا تو ۾ هجي رَتي،
تہ رَت واري رَتي، هوند نہ هجئي جان تي.

۶- مُلان جي محبت ۾، موتي تين مَحو،
تہ صرف ۽ نَحو، هوند وِچيئي وسري.

۷- ملون مجاور مک، ليئي پياسي پيٽ جا،
اُپٽيئون کانہ اک، اندر واري آعجاز چئي.

۸- ملون موڏي مک، ليئي گهٽي گهورا،
اٿن هورا کورا، محض پرائي مال جي.

٩- ملن جو محبت ڏي، اير نہ ڪوئي پير،
هئڻ واري حد ۾، پائي ويتا پير،
اعجاز عليؑ جي نام سان، اٿن وڏو وير،
سچ نہ لڌائون سير، محمدﷺ جي مذڪور جو.

١٠- ملن ڪي محبت جو، هٿ نہ آيو سير،
پاءِ نہ سڌائين پاڻ ڪي، سدا سڌائين سير،
ڪيو نہ سڙين سير، احديت جو اعجاز چئي.

١١- ملن ڪي محبت سان، مور نہ ڪو مقصد،
وحدتي وَجد، چڙهين ڪونہ چِت تي.

١٢- ملن ڪي محبت سان، کھڙو آهي ڪم،
عشق ۾ اعجاز چئي، رڳو گوندر غم،
اتي دم قدم، ڪي نيهي پرين نيست ٿي.

١٣- ملن جو محبت ڏي، مڙهہ نڪي مقام،
مڪر ۽ فريب ۾، وڌئون منهن مدام،
معنيٰ نہ جاڻن ميم جي، ڪن تشريحون تمام،
هُئڻ هوڏ هَٽ جو، جوڙي پيتئون جام،
اٿن اندر ۾ اعجاز چئي، ڳُبت جو گُدام،
آهي جو امام، سو ڪوڙهيا قبولن ڪينڪي.

١٤- ويدن سر ويڳ، ويدائي جو آهي،
عشق ذرو اعجاز چئي، ناصحن ۾ نہ آهي،
ٿوڳي هليا ناهي، بيحد حديثون باطلي.

١٥- ويدن سر ويڳ، آهي ويدائيء جو،
دميئون ڪانہ ديڳ، اندر ۾ ڪا عشق جي.

١٦- ويدن سر واء، آهي عزازيل جو،
نوڙت ۾ نياز جو، سڙين چڪيو نہ ساء،
ڏوٺي رڪيئون دل ۾، گيرب ۾ گاء،
ڪري ريب رياء، ڇڏيئون باب بره جو.

١٧- ويدن وٽ مَ وڃ، ورهيہ ونديندا ڪينڪي،
پاٺهي پڇج پاڻ ڪان، عارفاٺو اُهڃ،
پسي آپ اڪين سان، آگر ڪيم سَڃ،
هيٺ مٿي آهيڪڙو، ميم محمد ﷺ مڃ،
پيدا اهو تون پڃ، ابتي پور اعجاز چئي.

١٨- ويد پڙهيو وديا وجهن وچ وڇوڙ،
وين چڙهي چت تي، باطلي بهور،
ڏيندا وتن ڏيهہ ڪي، شيطاني شعور،
ڪييو فتويٰ ڪفر جي، تا ڪُهن بي قصور،
عاشقن جا اعجاز چئي، مُور نہ مڃن مذڪور،
انڌا اکين پُور، ناهن اوڏا عشق کي.

٩- ملن جو محبت ڏي، اير نہ ڪوئي پير،
هئڻ واري حد ۾، پائي ويتا پير،
اعجاز علي ؑ جي نام سان، اٿن وڏو وير،
سچ نہ لڏائون سير، محمد ﷺ جي مذڪور جو.

١٠- ملن ڪي محبت جو، هٿ نہ آيو سير،
پاءِ نہ سڏائين پاڻ ڪي، سدا سڏائين سير،
ڪيو نہ سڙين سير، احديت جو اعجاز چئي.

١١- ملن ڪي محبت سان، مور نہ ڪو مقصد،
وحد تي وَجد، چڙهين ڪو نہ چِت تي.

١٢- ملن ڪي محبت سان، ڪهڙو آهي ڪم،
عشق ۾ اعجاز چئي، رڳو گوندر غم،
اتي دم قدم، ڪي نيهي پرين نيست ٿي.

١٣- ملن جو محبت ڏي، مڙهہ نڪي مقام،
مڪر ۽ فريب ۾، وڌئون منهن مدام،
معنيٰ نہ ڄاڻن ميم جي، ڪن تشريحون تمام،
هُئڻ هوڏ هَٽ جو، جوڙي پيتئون جام،
اٿن اندر ۾ اعجاز چئي، گُبت جو گُدام،
آهي جو امام، سو ڪوڙهيا قبولن ڪينڪي.

١٤- ويدن سر ويڳ، ويدائي جو آهي،
عشق ذرو اعجاز چئي، ناصحن ۾ نہ آهي،
ٿوڳي هليا ٿاهي، بيحد حديثون باطلي.

١٥- ويدن سر ويڳ، آهي ويدائيءَ جو،
دميئون ڪانہ ديڳ، اندر ۾ ڪا عشق جي.

١٦- ويدن سر واء، آهي عزازيل جو،
نوڙت ۾ نياز جو، سڙين چڪيو نہ ساء،
ڏوٺي رڪيئون دل ۾، گيرب ۾ گاء،
ڪري ريب رياء، ڇڏيئون باب بره جو.

١٧- ويدن وٽ مَ وڃ، ورهيہ ونديندا ڪينڪي،
پاڻهي پيچ پاڻ ڪان، عارفاڻو اُهڃ،
پسي آپ اڪين سان، آگر ڪيم سَچ،
هيٺ مٿي آهيڪڙو، ميم محمد ﷺ مچ،
پيد اهو تون پچ، ابتي پور اعجاز چئي.

١٨- ويد پڙهيو وديا وجهن وچ وچور،
وين چڙهي چٽ تي، باطلي بهور،
ڏيندا وتن ڏيهہ کي، شيطاني شعور،
ڪڍيو فتويٰ ڪفر جي، تا ڪُهن بي قصور،
عاشقن جا اعجاز چئي، مُور نہ ميجن مذڪور،
انڌا اکين پُور، ناهن اوڏا عشق کي.

۱- سامي ٿيا هر سَن ۾، هڪڙا آهي ٻيا ناهي،
جن ڪين ڏي ڪاهي، ڏسڻ سي مون ڏيئي ويا.

۲- سامي ٿيا هر سن ۾، هڪڙا ٿالي ٻيا حالي،
ٿالين مان ڪين ٿئي، حالين مت عالي،
ٿالي گهر گفتار جو، حالي سمجهه وصالي،
ٿالي خالي خيال ڪان، حالي پرتو پالي،
ٿالين جاڙ جالي، عمر سيئي اعجاز چئي.

۳- سامي ٿيا هر سن ۾، هڪڙا حاجي ٻيا ناجي،
حاجين زور ظاهر تي، ناجين لڪ "لا" جي،
حاجي بصر بيناريء، ناجي نور حجاجي،
حاجي مثل آزواجُن جي، ناجي مثل حلاجي،
حاجي بردا بُخل سندا، ناجي سخي سباجهي،
حاجي روا جي سماجي ٽيڙا، ناجي سُراغي سِراجي،
حاجين جي دل هٿڻ پري، ناجين جي دل آجي،
حاجين هر محتاجي، ناجين احتياجي ناهه ڪا.

۴- سامي ٿيا هر سن ۾، هڪڙا ڦوتي ٻيا ٻيوتي،
ڦوتي گهرن ڦوت ڪي، ٻيوتي صبر سُڪوتي،
ڦوتي سر حيواني چئجي، ٻيوتي سِر ملڪوتي،
ڦوتي لاهوتي نه ٿئي، ٻيوتي تان لاهوتي،
ڦوتي شڪار ڪال جو، ٻيوتي لايموتي،
ڦوتن هت ڇيوتي، ٻيوتن جاءِ جبروت ۾.

٥- سامي ٿيا هر سن ۾، هڪڙا ڪونهان ٻيا سونهان،
ڪُونهَن مَڇ ساچ جا، سونهن مڇ ورُونهان،
ڪونهن لُوهان، سونهن ساڄهه لُنگ سُنگ جي.

٦- نڪي ڏين نڪي وٺن، ٻنهي پريئون پري ٿيا،
آديسي آعجاز چئي، ڇڏي دنيا ڏن،
صوم صلوٰة زڪوٰة جي، مور نه ميار مٿن،
سيرت آهه سنڌين، بصيرت جي باب سان.

٧- سچ ويچارو سچ تي، بيٺو جهلي برزخ،
مٿي نه اصلي رنگ ڪي، ٿئي نه سفيد سرخ،
تڏهن وٺيو نئون رُخ، ڪوڙ ڪهي ٿو سچ ڪي.

فقيراڻو فهم

۱- فقيرن فنا، ڪيو ڳُل ٿي نفس پانهنجو،
تهان پوءِ تحقيق سان چيائون آنا،
تني جي ثنا، ڪريان ڪهڙ مُک سان.

۲- فقيرن فدا، پر ٿي ڪيون ڳالهڙيون،
هڪ سر پيو گهر، تيون زر زنب سدا،
انا الحقِ ندا، پوءِ سڻايئون سپ ڪي.

۳- فقيرن فتون ڪل ٿي چاتو پاڻ ۾،
آگر نه سيئون اعجاز چئي ٻئي ڪنهن ڏي مور،
تجلوءِ طُور، پوءِ منجهن پيدا ٿيو.

۴- فقيرن فرياد، ڪئي ڪيو ڪينڪي،
پهري پوش صبر جو، شڪر سان ٿيا شاد،
عشق ٿين استاد، هٿي مهر ماڪ جي.

۵- فقيرن فراق، وصل وٽ وساريو،
جانب جي جدائيءِ جو، اورڻ نه پين اوراق،
اڄ به ڏينهن ميثاق، آهي اعجاز انهن لاءِ.

۶- فقيرن فلڪ، هڪ جز نه ڪيو جڳ ۾،
توحيدي تلڪ، لائي وجي لال ٿيا.

۷- فقيرن فشق، ڪڏهن ڪمايو ڪينڪي،
عمر ساري عشق، سيني تن سمايو.

۸- فقيراڻو فياض، آهي عام خاص لاءِ،
ڪلي دل سان ڪاهوڙين جو، ري طمع جي رياض،
غصو غير غماز، فرق نه فقيرن ۾.

۹- فقيراڻو فام، آهي عام خاص لاءِ،
ته تهن ڪي رنگ تمام، لايو ڪن لال سي.

۱۰- فقيرن فڪر، هڪ جز نه ڪيو هن جڳ جو،
اهڙي خام خيال ڪي، نينهن چيو نڪر،
ذاتي ذوق ذڪر، رهين روح رڳن ۾.

۱۱- فقيراڻو فيض، آهي عام خاص لاءِ،
اخفائي ۽ ابيض، معنيٰ فڪر فقير جو.

۱۲- فقيراڻو فقر، آهي عام خاص لاءِ،
نصيب ٿيو انهن ڪي سڪ جو جن سمر،
ٿلهو ٿاڻو ٿڪر، هڏ نه رسي ڪنهن حال ڪي.

۱۳- فقيراڻا فرض جن پاريا سي پار پيا،
اورٿين پرجا اورتي، ڇڏي غرض،
وڃي رسيا راز ڪي، ڪري ادا ڪل قرض،
عجز ادب اعجاز چئي اڳهاين عرض.

١٤- فقيراڻو فهم، آهي عام خاص لاءِ،
سبق سِکيا تِن جي همه کي هردم،
سٽي سمجهي جو رهي مٿي تنهن محڪم،
تہ پنهنجو هوند جنم، پسي ساھ پساھ ۾.

١٥- فقيراڻو فن، آهي عام خاص لاءِ،
سکيا انهن جي سڀ کي پر سکي ٿو ڪو تن،
جنهن پرايو تنهن سندو من ٿيو آيمَن،
انهي لڌو اعجاز چئي دم مان دم جو ڏن،
چمان تن جو چرن، جن اهڙو فن ايجاد ڪيو.

١٦- فقيراڻو فلاح، آهي عام خاص لاءِ،
اڇي جيڪو اعجاز چئي وٺي سندن صلاح،
سو معرفتي مهراڻ جو مڇي ٿئي ملاح،
ڏسي ڏيکاري الله، هوند ڏهاڙي ڏيهہ کي.

١- عجب راز الله جا، عجب رضائون،
پنهن جي تي ڪاڙها ڪري، پراون تي چانئون،
قادر قضائون، ڪري ڪرڻ نه جهڙيون.

٢- عهدًا امر الله جو، مجيو امامن،
وعدو وساريو ڪين ڪي، وهوا وريا من،
آيا اجل سامهان، ساهي صمصامُن،
مخفي ڪن مامن، خون متي خوشنود ڪيا.

٣- شوقئون شهادت جو، پيتو پيالو پيا ڪن،
اول آخر اعجاز چئي، سڀني سيا ڪن،
ڪڏي قتل گاهه ۾، ڪئي عيد عشاقن،
لئون سندي لياڪن، خون متي خوشنود ڪيا.

٤- پڙهيو متن پڙهه، درود قصيدا دل سان،
ڳوهيرن جي ڳالهين ۾، ڪين اعجازا آڻ
وِلهن وڃايو وڻ هو مڙئي شير شهيد ٿيا.

٥- جي ڪُنا هلي حق تي، سي مُئل مور نه يانءِ،
اُپٽ اکيون اعجاز چئي، جِيءَ پنهنجو ڪر جاءِ،
في سبيل الله اموات، فائق ٿو فرماءِ،
وهم سيپ وڃاءِ، هو ہئي جڳ آهن جيئرا.

صمصام: تلوار

٦- هَيَن نہ پانيو حق، عليؑ جي اولاد کي،
ناحق ناحق، ڪيڏو نہ ڪيو آعجاز چئي.

٧- هر ماھ محرم چاڻ تون، هر ڏينھن ڏھيںء جو پاڻء،
ماتم غم حسينؑ جو، ڪندو ڪر هر جاءِ،
اندر جَل آعجاز چئي، واتان نہ ڪر واءِ واءِ،
سيني منجھہ سماءِ، سڪ سدائين سيّد جي.

٨- مڪہ مديني شهر جو، شهزادو شاهن شاھہ،
با آهل آعجاز چئي، نڪتو وقت بيگاھہ،
انڌن حق جي امام کي، رنجايو ريءَ گناھہ،
ڪاهي پھتا ڪربلا ۾، رهزن رُوءِ سياھہ،
ڏيئي سُنھُن ويساھہ، سامهون ٿيا سيّد سان.

٩- بيعت ڪارڻ بي ضمير، آيا ڪِري اهلبيت کي،
تڏهن تپي تاء مان، شاھہ ڪنئي شمشير،
ڪاهي پيو ڪٽڪ ۾، سيّد ڪري سير،
صفون چيري صاف ڪيو، ميدان سچو ممير،
پر ٿري ڪيئن تقدير جا لکي لوح قلم ۾.

١٠- جني ڪيون جي، عالم جي امام سان،
هِت هُت موٽي مُنھن ۾، تنکي ايندين سي،
لعنت ليبن تي، آهي نت آعجاز چئي.

عشق ڏات الله جي

۱- عــشــق ڏات الله جي، پــئــي مــحــبــتــين پــلــءِ،
مــاضــيءِ وارن مــنــصــفــن جا، دفــتــر ڏس پــلــي،
تــہ ابــراهــيــم آذر جا، ٿــو کــهــڙا ســور سَلي،
۽ نوح پنهنجي پٽ لاءِ، ويو جِهٽکون کيڏيون جهلي،
مــالــڪ پــنــهــن جي مــرضــيءِ تــي، ٿــو هــادي رب هــلــي،
جنهن جي دل آ جهڙي، تــنــهــن ســان رمــز تَهڙي رکــي،
اها ڳالهہ تــلــي، ڪجي مــات مــحــيّ الــديــن چئــي.

۲- عــشــق ڏات الله جي، جنــهــن ڪــي جڏهــن ڏي،
ونــدڻ انــهــي وَٽ جو، آ اُن جي مــرضــيءِ تــي،
ورثــي واري بــانــور تــي، ڪــو ڪــلــي خوش نــہ ٿــئــي،
مــڇــر ۽ نمــرود جو، دم تــہ ڪــو ديــڪــي،
ايــرن هــٿــان ســيــرن ڪــي، هــو مــاريــو جيــاريــو نــي،
اهڙا مــثــال اَعجاز چئــي، ٿــورا نــاهــن ڪــي،
قــدرت قــادر جي، نــوازيــا ڪــئــين نــيــرا.

۳- عــشــق ڏات الله جي، ٿــي مــلــي ڪــر مــين ڪُٿــي،
رکــي حــق واســطــا، تــنــهــن تــي ڪــونــہ پــٽــي،
بــي بــهــا هــن چيــز لاءِ، ڏٺــي جنــهــن ڪــي ڏُٺــي
ســو اوڳاري ۽ چٽــي، مــوتــي پــلــي مــحــبــت جا.

۴۔ عشق ذات الله جي، آ امر خزانو،
نڪا تنهن لاءِ حد ڪا، نڪو ميزانو،
نڪو متس سُود ڪو، نڪو ويمون وديانو،
هلندو اچي صدين ڪان، هي هوڪو حقانو،
تہ بہ مورڪ هٽن تنهن تي، ٿا دم دعوانو،
گهرن گونگين ميچن سان، تنهنجو نذرانو،
رِندن روزانو، برهہ وندبيو ريءَ بُخل جي.

۵۔ عشق ذات الله جي، ميراث نہ ميراثي،
نڪا پڙهين پنڊتن جي، نڪا پيراثي،
نہ وزيرن ويرن جي، نڪا شاهاثي،
نڪا مُلن مشائخن جي، نڪا مخدوماثي،
نہ ڪا فارسين تُرڪن جي، نڪا مُغلاثي،
متس دعويٰ ڪونہ ڪري، پيءُ ڪي ڏاڏاثي،
ملت محبت موليٰ جي، آ وَٽ غريباثي،
چئي ويو آرياثي، ائين پاڻ اَعجاز چئي.

٦۔ عشق الاهي باهہ، ساڙي ڳُجهان ڳُجهہ ۾،
ڇيي چيرو تنهنجو، چڙهي نہ ڪنهن جي نگاهہ،
سوزش خلش ساهہ ڪي، سا پوهيو ڪري پاهہ،
لڳي جن ڪي آهہ، سُڌ سمُوري تن ڪي.

(١) ميزانو: وزن (٢) بخل: ڪنجوسي

٧- عشق الاهي ڇر، سارڙي ڳجهان ڳجهہ ۾،
ڀَيڙ ڀَڙڪا تنهن جا، ڪانِرتي پسي نظر،
ڪين اُجهائي سگهيا، تنهن کي سپ ساغر،
جي اندر ڀڙڪا ڀَر، لوڪ نہ لکي تن کي.

٨- عشق الاهي اگن، سارڙي ڳجهان ڳجهہ ۾،
جي جلن پچن تنهن ۾، سي مَستو مَست مگن،
گُڙي جيئن گگن، تيئن گڙن اهي آعجاز ڇئي.

٩- عشق الاهي ڇيرو، سارڙي ڳُجهان ڳُجهہ ۾،
لائي ڪير ڪيئن ويو، پڇ نہ پتو پيرو،
منهن جي مُنهن زبان تي، تنهنجو پهرو گهيرو،
الٽو اٿئي ڦيرو، سَمجَهہ وڃائي سَمجُهہ تون.

١٠- عاشق سدا عشق ۾، باطوني ڪن بات،
جي مرڻون اڳي مري ٿيا، هر دوجڳ حيات،
انهن کي آعجاز ڇئي، موڳا چون ممات،
پورا اها بات، آڇج تون اعتبار ۾.

١١- عاشق سدا عشق ۾، ڌا ڳجهو ڳالهائين،
پَر ۾ سندي پرينءِ کي، ڌا سيڪي سٽائين،
عام اڳيان آعجاز ڇئي، لُڇي نہ لڪائين،
سراپا پائين، سورهہ پوش صبر جو.

۱۲- عاشق سدا عشق ۾، تا اُبتي پور وڳن،
محبت سندي مچ ۾، تا دوڳن جيئن ڏڳن،
ڀڏيو سندرا سچجا، توڪل تي تڳن،
اندر جا اعجاز چئي، ڀولا ڀوت ڀڳن،
قدم اُت لڳن، جت ناهه سواءِ ڀيو ناهه ڪي.

۱۳- عاشق سدا عشق ۾، تا جهورن جُسو جان،
وحدت سندي ويڙهه ۾، ويا سي سُرت سُبحان،
آئي بُوءِ اعجاز چئي، محبت جي مَنجهان،
گم ٿيا گياني گر ۾، اهڙا ڀول ڀڏان،
ڀئي جي ڀڏن ڪانه، مَا سِوي المَحبوب جي.

۱۴- عاشق سدا عشق ۾ آهن باغ بهار،
محبت سندي مهراڻ ۾، تا لهن ليل و نهار،
آنحد ۾ اعجاز چئي، تا پسن پاڪي يار،
ٻي نه ڪن پچار، ما سِوَي المَحبوب جي.

۱۵- عاشق سدا عشق ۾ ماڻن تا معراج،
دنيا عُقبيٰ دين جو، ناهي تن احتياج،
احديت ۾ اعجاز چئي، ڪاهي ڪَيُون ڪاج،
پائي سِر تي تاج، طالب ٿيا توحيد جا.

١٦- طالب ٿيا توحيد جا، سي ميثاقان مانجهي،
سڙن پچن سوز ۾، صبح ۽ سانجهي،
پسي اهنج اعجاز چئي، لاءِ نه وڏئون لانجهي،
ڪڙا ۽ ڪانجهي، پيتا تن پريت سان.

١٧- عاشق الٽي جهات، پايو پسن پرين ءِ ڪي،
جدا ٿي جسمات ڪان، ذات سان ٿين ذات،
اِن اولياءَ الله لا يَمُوتُونَ، وري نه ڪن وفات،
سدا منجهه صفات، سانگي رهن سير جي.

١٨- عاشقن الله جو، پاڇو پاند نه ڇڏيو،
اولي اوٽ الست جي، آڏا اُٿيو اڏيو،
عشق ۾ اعجاز چئي، سرِ ڏين ڪُڏيو،
صاحب تو سڏيو، ڏي انعام انهن ڪي.

١٩- عاشق آجهاپو، ڪهڙي ريت ڪندا،
سڙيا سوز فراق ۾، سينا جن سندا،
اهي درد مندا، ناهن اوڏا ننڊ ڪي.

٢٠- عاشق آجهاپو، ڪندا ڪهڙي ريت،
اچي پيئي اوچتي، پلئه جن پريت،
سي نه سمهن سڪ ٿي، اي ءِ نينهن سندي نانيت،
جاڳڻ منجهان جِيت، ڪئي عاشقن اعجاز چئي.

۲۱- پسو جيئن پروان، شيدا آهن شمع تي،
عاشق تيئن اَعجاز چئي، حسن لاءِ حيران،
ڪڏيو ڪن قربان، سر سيڪڙو سونهن جا.

۲۲- عاشق چئجي ان کي، جو پير ڪُپيرئي پائي،
اولهه ڪان عاري تي، اوپر سر نائي،
ڏيئي باهه بهشت کي، دوزخ اُجهائي،
الٽي پور اَعجاز چئي، سُڌيون سٽائي،
سو پلي سڏائي، پاڻهي عاشق پاڻ کي.

۲۳- عاشق آهه علي ؑ، پيا مڙئي ملول،
رمز انهي جي رنگ کي، ڄاتو پاڪ رسول ﷺ،
عروج ۽ نزول، عجب اَعجاز علي ؑ جا.

۲۴- عشق عشق اسان ڪيو، عشق نه ڪيو ڪنهن ٻئي،
اسين اهي آهيون، جن تڪ تورڻ ري،
امانت سمجهي اَعجاز چئي، اٿايس اڪين تي،
عشق نه آڪرو ٿئي، اڳيان اسان جي ڪڏهين.

۲۵- عشق عشق اسان ڪيو، عشق اڳي ڪٿ هو،
اسان ري عشق کي، ڪونه سڃاڻي ڪو،
آسان پرکيو اَعجاز چئي، اسان ئي سُڃاتو،
هيءَ عشق اهو آ جو، جنهن جبل ٿرٿلرائيا.

۲۶- عشق عشق اسان کيو، اول آخر تا،
اناائي وقت عشق جي، کئيسون کانہ پچا،
اسان ئي ڏنس آعجاز چئي، متو ريء چُون چرا،
نہ تہ هيء اهائي بلا، جنهن فرشتا فرار کيا.

۲۷- عشق عشق اسان کيو، نالو عشق رکي،
اسان ريء عشق جي، کنهن نہ ذات لکي،
اسان پرکي آعجاز چئي، اسان ئي چکي،
هوندن تلخ آهہ تکي، مِٺي آ پر مان سان.

۲۸- عشق عشق اسان کيو، عشق اسان جي ڏات،
اسين ذات عشق جي، عشق اسان جي ذات،
اسان کي تات عشق جي، عشق کي اسان جي تات،
اسان جي تنهن سان بات، آ ئي جي بات نہ آعجاز چئي.

۲۹- عشق عشق اسان کيو، اسين عشق لائق،
اسين شائق عشق جا، عشق اسان تي شائق،
عشق اسان جو فائق، اسين فائق عشق جا.

۳۰- عشق عشق اسان کيو، عشق اسان جي خلقت،
اسين مالک عشق جا، عشق اسان جي ملکيت،
ائين سمجهہ آعجاز چئي، هيء آ حقيقت،
عشق اسان جي رعيت، اسين راجا عشق جا.

٣١- عشق نہ ڄاڻي الڪل، الڪل سيڪاريس اسان،
اڳيان ڪيوسون حُسن ڪي، عشق پٺيان ڪونتل،
پڇي اُوتارو عاشق جو، اُچي پهتاسون تنهن پل،
ڇيوسون اسلام عليڪم سيڪڙو، ڇيائين وعليڪم سلام سهٽل،
خبرن چارن ڪان اڳيئي، ويا تير چٽي اڻ جهل،
چٽ عاشق جو چٽجي ويو، هو چشم هئا چنچل،
ماريس منهن ملوڪڙي، چرڪ ڇڏايس ڇَل،
ونگي وڏوسون ويچاري ڪي، وڏي ويڙهائي ٽل،
جيءِ اندر ۾ جَل، پوءِ پاريس عشق آعجاز ڇئي.

٣٢- عشق نہ ڄاڻي عقل، عقل سيڪاريس اسان،
باز ڪيوسون حسن ڪي، عشق عقاب اجل،
ڇُگندي قگندي عاشق ڪي، حسن هنيو چنگل،
عشق پري ڪان تاڙيو، اهو شوق شغل
حسن ماريو عشق ماٽيو، عاشق ڏنو بُل،
پوءِ آعجاز اڪل، ٿيو عاشق طعامون عشق جو.

٣٣- عشق نہ هو دانا، دانائي سيڪاريس اسان،
ڪتاب ڪيوسون حسن ڪي، عشق نقطي نماء،
مڪتب ڪيوسون جهان ڪي، عاشق تنهن ۾ طُلباء،
سو پڙهندي ڪتاب حسن جو، عجب ڏٺائين لقاء،
تہ جهڙو نون نقطي سان، تهڙوئي نين بناء،
ڪاري لڳس قلب ۾ آعجاز اتانهين گهاء،
پيس پوءِ سماء، استاد سڏيائين عشق ڪي.

٣٤- عشق اصل پرمار، ڪائي مار حسن جو،
حسن باز شڪاريءَ جان، عاشق ان جو شڪار،
عشق تني جي تاڙ ۾، حارص ۽ هوشيار،
جتي بہ ڏٺائين حسن کي، تنهن مار متي هسوار،
اُت ڪري امالڪ وار، هٿ ڪيئين مار حسن ڪان.

٣٥- عشق نہ ماريو عاشق کي، ماريو حسن هٽي،
عشق جي اعجاز چئي، اتي بات بٽي،
ٿي ويٺو پوءِ ڏٽي، عشق عاشق جي دل ۾.

٣٦- عشق عاشق جي دل ۾، عاشق ٿيو مستان،
حاضر جلوي حسن جي، هٽي ڪيس حيران،
ويو وسري ويچاري کي، هي هو سڀ جهان،
پڇي نہ دين ايمان، هيج پڇي ٿو حسن جو.

٣٧- عشق عاشق جي دل ۾، عاشق سُمهي ڪيئن،
نيٽين ننڊ حرام ٿيس، جاڳي چرين جيئن،
تڪي راهون حسن جون، حال سدائين هيئن،
صورت جا سونهن پري، سا سانڍي ساهہ سينءِ،
جيئن جڳ سمجهائي تيئن، عاشق الٽو جڳ ڪان.

٣٨- عشق عاشق جي دل ۾، عاشق ڪيئن مڙي،
جنهن کي حسن پسڻ سان، ٿو جاذب جام جڙي،
ڪيئن نہ پوءِ گڙي، عاشق مست گگن جان.

۳۹- عشق عاشق جي دل ۾، عاشق پئي پيالو شينهن،
وجي اڪيلو دار تي، جهڙو اصل شينهن،
شينهن بہ تيئن نہ شينهن، جيئن عاشق اچ شمار ۾.

۴۰- عشق عاشق جي دل ۾، عاشق شينهن پيالو پيئي،
شينهن جان جالي جڳ ۾، شينهن جان ئي ٿو ٿئي،
شينهن جان گهمي شور سان، شينهن جان ڇانگ ڏئي،
شينهن جان وارد ويڙهہ ۾، شينهن جان نيهڙ ني،
شينهن جان ڪائي ماس ڪي، شينهن جان ڪل نہ ڪئي،
شينهن جان شاهہ ٿئي، عاشق ڪُل ئي انس ۾.

۴۱- ڳل ڳرا هو عشق جو، اچي پيو جن،
سڪ وندا سنسار ۾، سيئي ٿا سڏجن،
انهن سر آهن، باري بار آعجاز چئي.

۴۲- ڳل ڳراهو عشق جو، اچي جن پيو،
ڏنتو دين دنيا جو، وسري تن ويو،
جتان وريوئي ڪونہ ڪو، لڳن اُت ليو،
الاهي آڙاهہ ۾، اتن ٿاڪ ٿيو،
ٻاري سڀ ٻيو، ٿيا هيڪاندا حق سان.

۴۳- ڳل ڳراهو عشق جو، پيو جن اچي،
سي هر هر پنهن جي حال جي، ڪن ٿا ڳالهہ سچي،
بدنامي ءَ جي بار ڪان، سگهيا ڪين بچي،
ويڙا سونهن حسن تي، پتنگ جيئن پچي،
تيڙا راس رچي، محبتي محي الدين چئي.

١- دارُون آهه دارون، سدا دردمندن جو،
وڃي وٺ ڪلال ڪان، ڪري عرض آرون،
ڪيفي قطارون، جن پيتون سي پرسن ٿيا.

٢- دارون دارون آهه، سدا دردمندن جو،
نينهن سنڌي ناسور جي، ٻي ڪا دوا ناهه،
سنباهي سر آعجاز چئي، هَٽ ڪلالڪي ڪاهه،
عاشق اهڙي آگاهه، ڪئين ڪندا ويا ڪيترا.

٣- صبح شام شراب، پيءَ ته پاڪيزو رهين،
پَني پاڙ پليتيءَ جي، ڳَنڌئي گل گلاب،
عجب آهه آعجاز چئي، اهو آب ناب،
خرابن لڳي خراب، عاشقن آمرت ٿيو.

٤- شائق جام شراب جا عاشق المناڪ،
اهي پيئن آعجاز چئي، روز چڪن جن چاڪ،
انهي پيالي پَنجي، ڪئي عُشاقن هاڪ،
جيڪي ڍوڪ پياڪ، تن قدر نه انهي ڪيف جو.

٥- ساقي سيّد آهه، پيو ساقي سڄهي ڪونه ڪو،
تنهنجي مٽ مئخان ڏي ڪسڻ، قبولي ڪاهه،
سر جو سانگو لاهه، سرڪيءَ ڪاڻ اعجاز چئي.

٦- پري پري پيار، ساقي پيالو سڪ جو،
مر ته مران موت ڪان آئون اڳي هن پار،
ڪهڙو آهي يار، جيئڻ باده جام ريءَ.

٧- پي جن پياري، پاڻ پلائي پنهنجو،
مستي تنهن مٿي سندي نئين سج نياري،
ساغول ۽ غنود کان پاڪ صفا ساري،
خوشدل خماري، آهي تنهن جي اعجاز چئي.

٨- پي جن پياريو، پيالو پرت پريم جو،
من اندر اعجاز چئي، ٺاري تنهن ٺاريو،
ڪلي خمارن تنهنجي، اُڏري ڏيڪاريو،
سلي سيڪاريو، چالو عروج نزول جو.

٩- پي جن پياريو مِ، پيالو مست پريم جو،
انهن ڪي اعجاز چئي، سدا نت ساريو مِ،
پل پل پچاريو مِ، ويهي تن جي وصال کي.

١٠- پري پري آڻ، ساقي پيالو سڪ جو،
صدائون سڪايلن جون، چاٺوئي تي چاڻ،
صورت مان سڃاڻ، اجايل اعجاز چئي.

١١- عليءَ سندي آنهه تان، پيتا جني پٽ،
پٿر قلب تني جا، تي پيا مثل پٽ،
اکين تا اعجاز چئي، لهي ويڙن پٽ،
پڙ ۾ ڏٺائون پٽ، اندر منجهه الله جا.

١٢- علي سندي آنهه، تان پُتڙا پيالو پيءُ،
الولاين سان ”اعجاز“ چئي، جڳ جُڳ پيو جيءُ،
ڪونه لڳندُئي سيءُ، ڪڏهن قبر قيام جو.

۱- صورت منهنجي سڄڻ جي، سمجھ سراپا سونهن،
لاهيو ڇڏي لحظي ۾، دُک دلين جا ڏونهن،
سونهان ٿين تنهن صورت وٽان، اصل ڪانِ آسونهن،
اتم ونڊر ورونهن، سا اکين لاءِ آعجاز ڇئي.

۲- پيچي وار پرين جا، شب رنگا شاهوڙ،
جوڙ نہ جيس تني سان، تَليهرن سان توڙ،
ڏاڍا آهن ڏنگڻا، ڪائي وڏا تن ڪوڙ،
ڪيائون قيد ڪروڙ، آئون نہ هڪ آعجاز ڇئي.

۳- پيشانيءَ سان پرينءَ جي، پونم ماھ نہ پُڄي،
شمع بہ شعاع جهڪو ڪيو، لالڻ آڏو لڄي،
رات منجهانِ ڏينهن ڪيائين، ڏٺو ڏيھ سڄي،
ٿو عجب آعجاز ڪڄي، تنهن جي ڏسي تجلات ڪي.

۴- پِرون منهن جي يار جا، ڏٺا جي پونرن،
تہ پيلا ٿي وين مُنهڙا، سياهي مور نہ ڪن،
ءِ تيغون مڏيون ٿَن ڪيون ابرن جي جَلون،
سِپرون سٽ نہ سهن، جي اولرون ڪن آعجاز ڇئي.

۵- عجب اکيون عجيب جون، عجب اٿن خمار،
مئي ڪَشن ميخانن ۾ پلپل تن پچار،
جيڪي ڏسن جِيءَ ڏيئي، سي سدا منجھہ ملهار،
ماٺن ڪيف قرار، عاشق سي آعجاز ڇئي.

۶- نڪ تہ نرمل نجيب جو، آ بيشڪ بي مثال،
سُهٽائيءَ سان دنگ ڪيئين، ڪُنڊڙائيءَ سان بہ ڪمال،
تنهن کي طوطي سان تشبيھ ڏيئي، ٿيان چو بيتال،
اتم خبردار خيال، ڪندس اهڙي پل نہ اعجاز ڇئي.

۷- لالڻ جي تہ لبن جي، جڏهن لعلن کي پَئي باک،
تڏهن سڀ هنڌ کنيئون تن جي سُرخيءَ سندي ساک،
پٽن پهري آعجاز چئي، ڪئي وَساڙن بہ واک،
پوءِ ڪيئن نہ ٿيندي لاک، شيدا تن شَفتين جي.

۸- مُهٽا ڏند محبوب جا، سهٽا سنهڙا سر،
مُکي چاندي مين جي، تن سان پيٽ نہ ڪر،
املهہ عقيق آعجاز چئي، ڏوڙ ۾ نيئي ڌر،
تنهنجون مرجانيون بہ مرن گهر، تہ گهوريا هن ڏَچنن تان.

۹- مکڻ چاٽا نہ تهڙا، جهڙا نازک ڳل نرم،
چُمڻ ڪان اڳ پسڻ سان، ٿو گريبان ٿئي گرم،
چِڏٽو پيم آعجاز چئي، لاشڪ ڏين ڏرم،
شوق ڀَڃايو شرم، خَدَ چُمان ٻئي خوبان جا.

۱۰- ڳچيءَ ڳَهہ پرينءَ جي، ڳَهن جي ڇا مجال،
ڪچهريءَ ۾ ڪونجن جي، هُئي هردم هيءَ مقال،
سڀ صُراحيون ڪَني ڪجن، تہ بہ سِسي هُوءَ سال،
وِڌا وَجُد حال، تنهن جي ڪَر ڪِروڙن ڪي.

۱۱- هٿڙا هوت حبيب جا، آهن ڇورن لاءِ ڇائون،
ٻانهون ٻئي ٻاجهہ ڀَريون، ٿو ڏسان هردم آئون،
پري پاڪريال جا، پلپل پاتائون،
دل سان دعائون، ڪريان آعجاز انهن کي.

۱- منهن جي اکين رات، پيارا يو آب ابرين،
رَعد رمز پسي کري ٻرسيو لِئه برسات،
ڪنوٽيون ڪنوڻ لڳيون، ڪُل متي ڪائنات،
عام تہ اها اَعجاز چئي، ڪين وسهندو بات،
ڪُل ٿئي ذات صفات، مون ۾ ٿئي موجود آ.

۲- منهن جي اکين پس، پياريو آب ابرين،
اوتي جر جگر مان، ڪَيَئون وسڻ ڪارڻ وس،
هن اکين کي جس، جو عالم آسودو ڪيئون.

۳- منهن جي اکين مچ، پياريو آب ابرين،
ٻئي ڪنهن وهم گمان ڪي، هڏنہ ويجهو وڃ،
ٻهڳڻ ڪندا ٻاجهہ سان، جن اکين ڏي سَچَ،
سي ڇو نہ لاهينديون اُڃ، عالم سندي اَعجاز چئي.

۴- عشق ڏنو سبق، عجب منهنجي اکين کي،
پورئي بہ پسو حق کي، پٽئي بہ پسو حق،
طور اهو تعلق، قائم رهندو قيام سينءَ.

۵- عشق ڏنو ڏس، عجب منهنجي اکين کي،
اندر ٻاهر هڪڙو، اٿو عين عڪس،
پسو تنهنکي پسڻ سان، ور ور ڪري وس،
جي پورجن پٽجن پرينءَ لاءِ، جُزِي تن کي جس،
گهاڙو اهو گس، قائم رهندو قيام سين.

٦۔ عشق ڏني هيءَ مت، عجب منهنجي اکين کي،
ڪُلي ڪُلي هر جاءِ تي، حق پسيو هر گهٽ،
چپر نہ ڇهي چپر کي، اهو چوڻ رکو چٽ،
رِندي آهہ رَمت، مَا زَاغَ البَصَر سان.

۷۔ عِشق ڏنو هي آتُ، عجب منهنجي اکين کي،
پور جو پَنڌ جو پرين لاءِ، اهڙو ٻَڌو سَٽُ،
ڪونهي مانع ڪَت، حد بنديءَ جي خُب جو.

۸۔ عشق ڏيکاريو ڏيهہ، عجب منهنجي اکين کي،
پورئي پَنڌئي ساڻيهہ، اهوئي پسن آعجاز چئي.

۹۔ نازڪ نين سچڻ جا، نازڪ متن نقاب،
جي ڪُلن خو خماريا تہ نرگس نہ سهن تاب،
جي نهارين ناز ڪري تہ نميو پون نواب،
جي چڙهن قوس قهر تي تہ جڳن کي جواب،
جي اچن مهر معافيءَ تي تہ ڇا ڇا ڏوهہ ثواب،
اهڙو حسن حساب، آهي منجهن آعجاز چئي.

۱۰۔ ڪري عشق دلال، اکيون مڏيون محبوبن سان،
اکيون عاشقن جون، مُڙن هاڻ محال،
ميسر آهہ آعجاز چئي، وَرَ وَرَ جن کي وصال،
هلي سي هر حال، سڏ پرينديون سوريءَ جا.

١١- اڪيون اڙيون اڪين سان، عشق ڪري اڳواڻ،
ڪير تيرن جي تاء ڪان، متو موڙي هاڻ،
پُرزا ٿي پڙ متي، ملهائيندين پاڻ،
ڪانه ڪندين ڪاڻ، اجل جي اعجاز چئي.

١٢- اڪيون اڙيون اڪين سان، لاهي لوڪ حجاب،
شرم ۽ شرع جو، وسرين باب عتاب،
قاضي ڪرين تن سان، ڪهڙي حد حساب،
ڳڻ ڪو خير ثواب، پَل نه متين ڪي پسڻ ڪان.

١٣- لڳي لال گلاب، ٿيون اڪيون عاشقن جون،
پسن پييون پرينءَ جو، صبح شام شباب،
اچي سڪ سِڪڻ جو، انهن ڪان آداب،
جن نظاري جو تاب، آهي هر هر سَنو اعجاز چئي.

١٤- اڪين ملي اڪين سان، خوب رچايو رنگ،
نعرو هڻي نينهن جو، نِسري ٿيون نسنگ،
عشق سندو اعجاز چئي، سِر سَٽيئون آڙنگ،
پَچي اتان پارس ٿيون، جِت مَس پڳو ڪو پتنگ،
پاڻ تني جو پنگ، ڪڏهن گُسي ٿو ڪونه ڪو.

١٥- اڪين ملي اڪين سان، ڳُجهو ڳالهايو،
الست فرمايو هُنن تہ قالو هنن ورجايو،
اهڙي پت اعجاز چئي، رکيئون راز رايو،
مِلڻ تن ملهايو، جت ڪِٿ آهن جوڙ سي.

١٦- اکين ساڻ اکين جي، آزل کان ئي آهي،
دل واري دوستي، محبت گاهي گاهي،
اچ کلهہ جي ناهي، جو چئن گهڙين لاءِ چٽ چڙهي.

١٧- عجيب تنهن جي اکين ۾، کو تہ آهي اسرار،
ڪئين وچائي ڪيترا، ويٺا قلب قرار،
جن ڏٺيون تن ڪيون، سِريون سوريءَ سوار،
آئون چوان ٿا اعجاز چئي، کو نهيم چوڻ جو اختيار،
لالڻ ليل نهار، آهن اکيون تنهنجون عبرتي.

١٨- عجيب تنهن جي اکين ۾، جادو ڪي ڪيڏ پيو،
جن جي پسڻ سان پرين، منهنجو عقل هوش ويو،
اچي روح اعجاز چئي، ٿيان ٿيان ۾ پيو،
ٿميو ڪونہ ٿيو، عجب راز اکين جو.

١٩- عجيب تنهن جي اکين ڪي، ڏيئا چوڻ ڏوهہ،
جن جي پسڻ سان ٿو، سون ٿئي پتل توڙي لوهہ،
مونکي تن جو موهہ، ٿو ادب سيکاري اعجاز چئي.

٢٠- عجيب تنهن جي اکين ڪي، گلاب چوڻ گناهہ،
جن جي پسڻ ساڻ پرين ٿو، ساهہ ۾ پئي ساهہ،
تَشبيهن سان اداهہ، ڳالهہ نہ ڪندس اکين جي.

٢١- عجيب تنهن جي اکين ڪي، چقمق چوان تہ ٿيان چور،
آئون انهن تان گهوران ڪيان مُلڪ مقناطيس جو.

١- اُڃ بُک اباڻن سان، عمر ياانيان عيد،
آڇم مون اعجاز چئي، موتي مَرواريد،
نکي طعام تراوتي، نکي ميوا مزيد،
شغل شادي ديد، مون لئه ماروچام جي.

٢- صورت سازگي سنگهار جي، مورت آ مون من،
آهي سا اعجاز چئي، آسا بند اکين،
منجهه تڳان تاري تَنهن جي، قيد الماء ڪَڙن،
وينديس ويڙهه وطن، ڪري مَهندان ماروچام کي.

٣- جو گوندر ريءَ گذاريو، مون وقت ويڙهيچن سان،
سوئي سنياريو، پئي ڏکيا ڪانيان ڏينهڙا.

٤- جو گذاريو گوندر ريءَ، وقت مون ويڙهيچن سان،
اهو سنياريو اعجاز چئي، هت قيد ڪٿي پئي هيءَ،
پسڻ ڪارڻ پيءَ، آڏيتون سنيم عمر جون.

٥- جا رَوَش ريگڙيارن جي، سا عمر تو وٽ ناهه،
الله لڳ اعجاز چئي، لوهه مُنئيءَ تان لاهه،
سومرا سناچاهه، ڪرته دعاڳڻ توتيان.

٦- جيءَ جُسو جڙيِن سومرا، سَنگهرن سان سارو،
تبه اکين دل ارواح، اباڻن آرو،
هرگز نه هٽڻ وارو، ڪاڏو قرب انهن جو.

٧- جسو جڙيئي سومرا، سارو سنگهرن سان،
ته به منهنجو من مارن سان، ڪري روح رهاڻ،
ڪيئن پوءِ ڪيدان ڪاڻ، عمر قيد ڪڙن جي.

٨- جسو جڙيُئي سومرا، زيل زنجير هٽي،
تہ بہ دل جي آئون تہ، دري مان پئي پسان مليرڏٽي،
انهن جي اشارتن ۾، ويم قيد وٽي،
ائين پانئہِ ڪٽي، تہ آهن گڏ اعجاز چئي.

٩- جي جهلين جهٽڪين سومرا، تہ بہ وَرُ ويڙهيچو ويءُ،
بت تو وٽ بند ۾، جڙيل ماروءَ سان جيءُ.
مون ڪي پوءِ محي الدين چئي، قيد ڪندو ڇا هيءُ،
پَسي پنوهارو پيءُ، ڪنديس روح رڇنديون.

١٠- جي جهلين جهٽڪين سومرا، هٽين لوهہ هزان،
تہ بہ منهنجي ماروءِ چام سان، آهي لئون لغان،
توسان تنهنجي قيد جي، ڪنديس ڪونہ ڪُوان،
اباڻن جي اعجاز چئي، مارينديم ميان،
تن ڪي تارتنوان پيئي ڪنديس پر ۾.

١١- اُٺئي ويٺئي اباڻن سان، اٿم روح رُڌل،
لاهيندا سيِ لڪ ۾، قيد مٿي تان ڪُل،
ڪندا تنهنجي طلسم ڪي، عمر اُهي اُجل،
ويندئي بانور بَل، بلاشڪ بهلول چئي.

١٢- نڪا اچ نہ ڪالهہ ميان، آزلان اڳي چاڻ،
سيم بانگ برهہ جي، قَلبئون ڪنن ساڻ،
پڙهيم ڪلمون پريم جو، پرزا ٿي ويو پاڻ،
مليو صبر سَنباڻ، بَرسرو بهلول چئي.

۱- آگم ڪري آئيو، ساڻون سُڪاري،
حَمد ڏُگانا هاديءَ جا، هر هر پڙهو هاري،
پيو ساهه سُڪن ۾، سُونهن مِلين ساري،
سنڌڙي سونهاري، رحمت جنهن تي رب جي.

۲- آگم ڪري آئيو، ساڻون سُهاڳي،
حمد پڙهن حميد جا، ماڻهون مڙئي ماڳي،
واحد ڏني وس سان، سونهن سين ساڳي،
سنڌڙي سياڳي، رحمت جنهن تي رب جي.

۳- آگم ڪري آئيو، ساڻون سونهارو،
واٽو واءُ پورب جو، ساهه سيباٽو سارو،
گگن گجيو ڪنوڻ ڪنوي، وسيو وسڻ وارو،
المجيب اعجاز چئي، آهي پاڇهارو،
ڪوتڙ تاسيارو، قادر ڪيو ڪينڪي.

۴- سارنگ آيو ساٿن سان، آڙنگ آهي اڄ،
جيئن سهٽي ڪنهنجو سيج تي حُسن ڪري ڏڄ،
تيئن ول چل وجهيو وسڻ لاءِ، مُرڪيو موهي وڄ،
روح ڪندا ڪئين رڄ، آسائتا اعجاز چئي.

۵- ساڻون آهه سڄڻ سان، سڄڻ ئي آ ساڻون،
اچي جڏهن اعجاز چئي، ڏکن پئي ڏاوڻ،
رنگ لڳي رانوڻ، تئي آوس وس وصال جي.

٦- سانوڻ آهہ سڄڻ سان، سڄڻ ئي سانوڻ آهہ،
سانوڻ جو سپرين ريءِ، رنگ رچڻ جو ناهہ،
نکا مينگهہ ملهار سونهين، نہ بوند بهار بالله،
سڀ ٿهي ٿو ناهہ، اچڻ سان عجيب جي.

٧- امر سان الله جي، وريو وڃن سان آهي،
ڪڪرن ڪارونيار ڪئي، بس بادل وٽ ناهي،
از غيبي آب اَعجاز چئي، ٿو سهجئون سنباهي،
اُچين اُڃ لاهي، اچيو عرب پار ڪان.

٨- اڄ مينگهُہ پي مست ٿيو، آئون بہ ڇو نہ پيان،
پي پيالا پريم جا، لنئون لنئون ڳگ ٿيان،
بادل جيئن برخيز ٿي، ڏيهَن رنگ ڏِيان،
دلربا جي ديس تي، ترِنجا بَحر نيان،
جانب پسي جيئان، امر ٿيان اَعجاز چئي.

٩- اڄ مينگهہ پي مست ٿيو، آئون بہ پيان ڇو نہ،
اشاري سان عجيب جي، تِربہ تَرسان ڪونہ،
پي هٿان پرين جي، برسان وسان بي اونَ،
هيرا موتي پلٽ ڪريان، سڀ هنڌ سيمون سون،
پالهو پسان پوءِ نہ، اويڙ ڪو اَعجاز چئي.

١٠- ڪي بگا ڪي بيوتڙا، ڪي ڪارا ڪارونياري،
بادل باد بحر سان، آيا ڏومي ۽ ڏچداري،
سونهن ستا سانوڻ جي، من موهڻ واري،
سعيو شُڪاري، آگم ساڻ اعجاز چئي.

١١- ڪي بگا ڪي بپوتڙا، ڪي ڪارا جهڙا ڪيس،
ڪڪرن ڪيا قسمين قسمين، وسڻ ڪارڻ ويس،
سارنگ سارون لڌيون، سرها ٿيا سڀ ديس،
ڀڪن پيلا سنڌ جا، باغن حسن هُيس،
جهڙا نصرپوري ڪيس، تهڙا پٽ سونهاري سنڌ جا.

١٢- ڪي بگا ڪي بيوتڙا، ڪي ابلق جي آچار
منڊائتي مينهن جا، ڪڪر ڪلا دار
اڀ وڪوڙي وڄن سان، چڙهي آيا چوڌار
هلي وٺا هر پار، ٿيڙا اوج اعجاز چئي.

١٣- ڪي بگا ڪي بيوتڙا، ڪي ڪوپا ڪلنگهيارا،
بادل باد بحر سان، آيا مينگهي ملهارا،
برسي بيٺا پيچ ڪري، ڏس باغبن بهارا،
جهوليئين جهالارا، اتن جر جوهر اعجاز چئي.

١٩- اترئون ٿي اٿيو، ٿو گگن اچ گجي،
سو آيو واء وڄن سان، ڪري جهاٽ جهجهي
پير جهنبي جي پڙ پٽن تي ڪيئن نظر نجي،
اردوگرد اعجاز چئي، پيا ريگ جبل رجي،
هئي جا دل منجهي، سا کُلي باغ بهار ٿي.

٢٠- ڪي بگا ڪي بيوتڙا، ڪي ريتا ڪي رنگين،
ڪي بلوڪي باصري، ڪي زردا ڪي زرين،
ڪي سرمائي ڪي سونهري، ڪي فيروزي فرحين،
مينهن ڪڪر مند سانوڻ جا، ٽا طرحين طرحين ٽين،
رم جهم راتو ڏينهن ڪريو، ڪن ٻوندن ڪان بس ڪين،
جنهن جوڙي جوڙ اهڙي، هجي تنهن آفرين،
جهڙا قابل جا قالين، تهڙا پٽ سونهاري سنڌ جا.

٢١- ڪي بگا ڪي بيوتڙا، ڪي نيلا ڪڪر نج،
ڪڍي ڪمانيون ڪنڌيون، قبضي ۾ ڪيئون سج،
رزق اٿن رسائڻو، ان پاڻي ۾ پج،
هاري حمد الله چئي، هر هٿ ۾ ڪج،
مرد مردانو ٿج، محنت جي ميدان ۾.

۱- پَلِيئہ پائي پيھہ، دليئون دردا سڙي،
چري چنيسر چام سين، ڇُلي ڪرم چيھہ،
عجز سان اَعجاز چئي، راءِ سندي دل ريھہ،
تون ورچڻ ڇڏي ويھہ، پرچڻ آھہ پرينءَ تي.

۲- ڪائين چو ڪورا، پائين نہ پلئہ پرينءَ ڪي،
سي وسري وِيئي ويسري، جي تورائتي ڪَيئي تورا،
آيئي تڏھن اَعجاز چئي، سر جفائون جورا،
پيچي ڪر پورا، دعويٰ سڪٽي دم جي.

۳- تو پاڻھي ڪئي پاڻ سان، ليلان اتي لوڙ،
وَرَ نہ توسان وڃائيو، تو نہ ڪيوڙي توڙ،
هُوڙھي مُوڙھي ھاڻ تون، مَنُ مَڻئي ڪان موڙ،
چني سڳو چوڙ اتئي مهل اَعجاز چئي.

۴- پاڻھي ڪيئي پاڻ سان، ڏوھہ ٻين ڪي ڏين،
ليلان ھاڻي لوڪ ۾، جيڪر دم نہ جِين،
پيالو زهر پين، انھي ھوند ھئڻ ڪان.

۵- پاڻھي ڪيئي پاڻ سان، چاڻي واٺي ڇٽ،
پوري اڪيون اَعجاز چئي، ڪيئي مٽيون چنيسر مٽ،
هُوڙھي پاسي حق جي، گھٽو ويئينءَ گھٽ،
ڪري انڌ الھٽ، ڪانڌ متايئي ڪچ تي.

٦- ڇالهي وَرَولَهو، ڇالهي موتين مُٽ،
ويهي ڪر ويچار تون، اِهو اوائي اُٽ،
ان ڪري آعجاز چئي، تي جوڳي توسان جُٽ،
جو پِر ڪي ڏيو پٽ، تي منشا پاريئي مَن جي.

٧- جو مون هار ڀانيو، سو مون لِءِ هو ڪومار،
ڏنو تنهن آزار، هٽي ڏنگ ڏُهاڳ جو.

٨- جو مون هار ڀانيو، سو مون لِءِ هو موت،
فاني ٿيندي فوت، ڦٽڪي اِن فڪر ۾.

٩- جو مون هار ڀانيو، سو هو اندر ساڙ،
پسي چلڪو چاڙهه، منهنجو چت چريو ٿيو.

١٠- جو مون هار ڀانيو، سو مون لِءِ هو ڪوسور،
پائڻ سان پري ٿيم، نيڻن سندو نور،
هڙي ڪاٺي هار جو، ڪهڙو هوم ضرور،
ڪيم هي ڪلور، پوري اکيون آعجاز چئي.

١١- جو مون هار ڀانيو، سو هو ڏک ڏهاڳ،
پوءِ پروڙيم پُرجهي، جڏهن ويو سک سهاڳ،
مَليان کهڙي مُنهن سان، هاٺي مِسي مساڳ،
جي ڀري اچيم ڀاڳ، تہ آٺيان ڪانڌ آعجاز چئي.

١٢- تو چگو چوندو ڪير، جيئن پاٺمرا دو پسرين،
اِيءَ نہ ڀلائي ڀير، ڪي مڄ تہ مان ُلهين.

۱۳- سر تيون تيو سچ، چوڻ نيت چڱن جو،
آيم ڪين اَعجاز چئي، ڪم ڪَهين ۾ ڪچ،
مٿئين منجهان مچ، متو مون مُنيءَ لاءِ.

۱۴- سُرت ڏيوم سرتيون، ڪانڌ ورايان ڪيئن،
جيئن تي پاڻ پتوڙيان، تڙجان پئي تيئن،
عهد ڪيم اَعجاز چئي، هاڻي جيڏيون هيئن،
تہ صبر موت سينءِ، ڪنديس ڪونہ قريب رِيءَ.

۱۵- سرت ڏيوم سرتيون، مون ڪُڌائي ڪئي،
ڪَونرُوءَ جي ڪُپت جي، مونکي ڪل نہ پئي،
مون پانيو تي مُٺ ۾، ڪريان گدرا ٻئي،
پوءِ پروڙيم پُرجهي تہ وَهي سير وئي،
اديون ائين اَعجاز چئي، مون ڪان ڳالهہ ڳئي،
چؤ تہ ڪيئن چئي، آئون ريجهايان راءِ ڪي.

۱۶- سرت ڏيوم سرتيون، وانڍي ڪيس واپار
آوگُڻين اَعجاز چئي، ڏڪجي تيس ڏار
هن هچاري هار، مون ڪان راءِ رُسائيو.

۱۷- مُلي ڪانڌ مَ مٽ، ڇڏ مَ پاند پرينءَ جو،
عجز جو اَعجاز چئي، گهڃي پائج گَٽ،
سڳو مٽيون سَٽ، تہ ساڳيو تو سهاڳ ملي.

۱۸- تون ڏوهياٽي تو ڪيو ڏوهه، ڏِس مُنْي تون پاڻ ڏي،
ڏنيون اکيون ڏسڻ لاءِ، قادر توکي ڪوهه،
ٻَرينديئي پرکين ها، ٻوهيءَ سندو ٻوهه،
تہ مور نہ توکي موهي ها، مٽئين سندو موهه،
عبث هاڻ اعجاز چئي، چَنديـن وَرتي چوهه،
ليلان تي وئينءِ لوهه، پاڻهي پنهنجي پاڻ مان.

۱۹- پَرم پُلاياس، نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،
عجز جي اعجاز چئي، ويڙهي اگ نہ وياس،
هوندي منجهہ هياس، حيف منهنجي حال کي.

۲۰- پرم پلايس، نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،
عجز جي اعجاز چئي، ويڙهي اگ نہ ويس،
هوندي منجهہ هُيس، حيف منهنجي حال کي.

۲۱- پلايم پرم، نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،
عجز تي اعجاز چئي، پروسو نہ پانيم،
هئڻ هلايم، حيف منهنجي حال کي.

۲۲- پرم پلايم، نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،
آهيان هاڻ اعجاز چئي، شاهي منجهہ شرم،
ماريم ٿا مام ۾ مدايـن جا مَرم،
ڪيم ڪوجها ڪم، حيف منهنجي حال کي.

٢٣- ليلان چنان لاهه، اکر آئُون ۽ جو،
آئُون کي آعجاز چئي، کتي اهميت ناهه،
ڏي آئُون کي باهه، ته آئُون کان آجي رهين.

٢٤- ليلان ليکو کوهه، کرين پنهن جي کانڌ سين،
جي توَ وٽ ترسي کينکي، ته بہ توتي هن جو توهه،
اوڳڻ ڇڏ اندوهه، ڏس نہ کشر کس ڏي.

٢٥- من ۾ پايو مير، پوءِ تي پرچاٽيون کرين،
اوڳي توکي آعجاز چئي، کونہ چوي سچ کير،
سچڻ جي سر چاڻ جو، ائين نہ لهندين ۽ سير،
جيئن غلط اکر ميتجي، تيئن من تان ميتج غير،
ته پري اچ ئي پير، پرين توڏي پرچڻ جو.

٢٦- کنهنجو مٽيون کنهن جي کونرو، کير ڏوهياٽي کنهنجو ڏنگ،
جو لکيائون لوح ۾، اهوئي پريو انگ،
اصل کان آعجاز چئي، رتيل هو ائين رنگ،
دوري ۽ سندو دنگ، وڌو تڏهين وکهي.

١- ڪاڪ شِڪستو ڪاپڙي، آيو ڪاڪ ڪاڪ ڪندو،
گھايل ڏتو ٿي گھٽ ۾، ساڙيل سونهن سندو،
ماندو درد مندو، هو آديسي آعجاز چئي.

٢- ڪاڪ شڪستو ڪاپڙي، ڪاڪ نہ وساري،
پاڻ مرادو پر ۾، جهڄي جهونگاري،
ڦٽيو ڦٽ فراق جي، وڏو مذاقن ماري،
هنجهون لکيو هاري، آديسي آعجاز چئي.

٣- ڪاڪ شڪستو ڪاپڙي، سامي سڙيل سارو،
سونهن ويڃائي سوز ۾، ڪڙهي ٿيو ڪارو،
مومل جي مذاقن جو، مٿس مونجهارو،
اندو هيل اُجارو، آديسي آعجاز چئي.

۴- ڪاڪ شڪستا ڪاپڙي، ڪاڪ سندي ڪر ڳالھہ،
ڪهڙي چَليون چال، توسان ڪُنواريون ڪاڪ جون.

۵- ڪاڪ شڪستا ڪاپڙي، ٽلنگھہ لاڪيٽا لال،
اوري اور آعجاز چئي، اتي جا احوال،
ڪهڙي طرح تال، ڪيا ڪنوارين ڪاڪ جي.

٦- ڪاڪ شڪستا ڪاپڙي، ڪاڪ سندي ڏي سُڌِ،
ڪيئن ٿيون وڌي وڌ، توڪان ڪنواريون ڪاڪ جون.

٧- ڪاڪ شڪستا ڪاپڙي، ڪي ڪاڪ مقالون ڪر،
آلفان بي اعجاز چئي، ڏي سُڏيون سَر بَسر،
پيش ڪهڙي پر، آيئي ڪنواريون ڪاڪ جون.

٨- مومل واري ماڳ تي، آهي ريبي رَڪ،
هارايو مارايو لڪ، موتيون اچان مينڌرا.

٩- ڪاجا ڪاڪ سندي، ڪئي ڪاپڙي ڪهاڻي،
لڳي مات مردن ڪي، دل تن دَوراڻي،
هو مينڌرو مڙن سوڍو سُڄاڻي،
آديسيءَ جي اعجاز چئي، ويو سمجهي سمجهاڻي،
گُجر سان گڏجاڻي، ڪاهي ڪيائين ڪاڪ تي.

١٠- ڪاجا ڪاڪ سندي، ڪئي ڪاپڙي هاڪ،
سٽي، ساري ڳالهڙي، بَنبوليا بيباڪ،
چڙهيو ڪيف چئني تي، چڪي پيڙن چاڪ،
تن من جا تاڪ، ڦيرائين ڦوڪ فقير جي.

١١- ڪاجا ڪاڪ سندي، سامي ڪئي ساراهه،
سا سٽي چئني سنگتين، رمي ورتي راهه،
آهه مستي آهه، ويا پريندا ڪاڪ ڏي.

١٢- ساجا ڪاڪ سنڌي، سُڌ سامي سڻائي،
عاشقن اعجاز چئي، پي نہ وڻي وائي،
سڪ سِر جائي، قصي ڪاپڙيءَ جي.

١٣- ڪاجا ڪاڪ سنڌي، سُڌ سامي سڻاين،
شائق شڪاري شوقڪان، پير نہ پٽ پائن،
ڪاڪ سنڌي ڪيتڪين جي، بُوءِ آديسان آين،
سڪ سرجاين، قصي ڪاپڙي جي.

١۴- شڪل شبيهہ ساميءَ جي، شمس جيئن شعاعي،
تڙپ تپش تنهن ۾، جنبش جوش جائي،
پسي ڪنواريون ڪاڪ جون، جوڳي جان جلائي،
تنهن آديسيان آئي، بانڪن بُوءِ برهہ جي.

١۵- شڪل شبيهہ ساميءَ جي، مورت مٽياري،
واسي ديس ويڳاڻيل سان، هو بابو بيڪاري،
اهڙي لڳيس اعجاز چئي، ناوڪ نياري،
جو خوءِ خماري، ڪڏهن نہ لٿيس ڪاڪ جي.

١٦- شڪل شبيهہ ساميءَ جي، هئي جميل جسماني،
پُر نوراني نور سان، پوري پيشاني،
حيرت پرئي حال جي، ڪيئين ڪهاني،
هو جوڳي جولاني، سرس ستايل ڪاڪ جو.

١٧- سامي ۽ سَليا سُڻ، مومل جي محلات جا،
ڪوڙئين ويا ڪيترا، سٽي خان خبر،
ڪنهن جا هليا ڪين ڪي، اُت حيلا هوش هنر،
دَر دَريچا چاڙهيون، ڪنگرا ڪوٽ قصر،
سرنگهه سير سنگينا، چوڪٽ چونڪ چڪر،
هيبت هُل هاگامان، مارِ مرون مانگر،
ڪنول ڪيتڪ ڪيوڙا، سهسين صنوبر،
پانن پکون پيگن سان، پُرس پري ۽ پيڪر،
نَهري ۽ نَنڪي ۽ ناتر جي، وائي ۾ ڪئين ور،
اسرارن آعجاز چئي، منجهايا ماهر،
بناگياني گُر، مومل ماڻيندو ڪونه ڪو.

١٨- شڪل شبيهه سامي ۽ جي، ساري سونهن پري،
آديسي ۽ آعجاز چئي، لائي ذوق ذري،
وريو ڪين وري، هلو ته هلون ڪاڪ تي.

١٩- شڪل شبيهه سامي ۽ جي، ڏٺيسون ڏڪويل،
مينهن وسايا اکين مان، مومل جي موهيل،
هو سرس ستوهيل، ڪاڪ شِڪستو ڪاپڙي.

٢٠- ڪوڙِ وڪاڻو ڪاڪ جو، ڪرڙو طلسم تاءِ،
ڪوڙي بَن بَناء سان، ڪوڙو جوڙ جڙاء،
ڪوڙو هُل حرڪت جو، ڪوڙو غُل غوغاء،
ڪوڙو ڪل آعجاز چئي، عقل ۽ اُناءِ،
راڻو دَنگ دَاناء، جنهن سارو راز سهي ڪيو.

٢١- راڻي راز سهي ڪيو، سوڍو مرد مٿير،
وير وَسيلي سو پاريءِ جي، سوجهي لڌو سَير،
نَنهن نچائڻي ناتر ڪي، ڏيائي ويو دلير،
پسي ڦير پلنگن ۾، پرجهي پاتئين پير،
اهڙو انگي اَعجاز چئي، ڪونہ ڏٺوسون ڪير،
شائق ٿيو شير، مومل ماڙي مينڌري.

٢٢- هليو همير ساڻ ڪري، دانهہ درس وزير،
ڪيڏي ڪشالا ڪاڪ تي، وڃي سهڙيا وير،
سڀي سوال ناتر جا، سمجهي ويا سڌير،
عاشق چارئي اَعجاز چئي، عاقل هئا اڪسير،
پر توڙئون منجهہ تقدير، سوڀ لکيل هئي سوڍي کي.

٢٣- کهڙو ويڌن ڪاڪ تي، جي وياسي ڪين ورن،
لکيسري لاڏلا، مُنجهيو اُت مرن،
ڏڙ هزاريسن ڏوڙ ۾، ڄِ سِريسون سَر ڏَرن،
ڏسيو ڏاڍايون اهڙيون، ڏورئون ڏيل ڏرن،
عاشق ڪئين اَعجاز چئي، ٻارڻ جيئن ٻرن،
ٻنا نيش نَرن، ڪانهي جاءِ ڪڇڻ جي.

٢٤- سوڍي جهڙي سرت، ڪنهن کي آئي ڪانہ ڪا،
هٽي ڏونڪو ڀير تي، ڪشيائين ڪمر ترت،
پيئي نيهيءَ کي نِرت، اُلٽي انگ اکر جي.

٢٥- سودي جهڙي سياٽپ، ڪنهن کي آئي ڪانه ڪا،
عاشق کي اعجاز چئي، هُئي چاڻ وڏي چاٽپ،
پُرزا پُرزا پاٽپ، مومل جي ڪئي ميندري.

٢٦- ٽڳڻ جا ٽڪاء، ڪجهه نه ڪندا تن کي،
ڏٺا جن ڏسڻ سان، لاريبي لقاء،
ڏوڏَٽ ۽ ڏڪاء، آهن ڪُوڙن ڪاڻ اعجاز چئي.

٢٧- سودي جهڙي سِتا، ڪنهنکي آئي ڪانه ڪا،
رس رهاڻِن راڻي جي، چاڙهين رنگ چِتا،
ڪيا ڪنوارين ڪاڪ جي، ڦند فريب ڦتا،
لڳن پَاڻ پِتا، جو تِين مقابل ميندرو.

٢٨- سودي جهڙي سمجهه، ڪنهن کي آئي ڪانه ڪا،
مَن اندر جا مُنجهه، ميتي چڏي ميندري.

٢٩- سودي جهڙي سوجهه، ڪنهنکي آئي ڪانه ڪا،
ڪيڏاري ۽ جي ڪوجهه، تي سوياري سين ڪان.

٣٠- جنهن ڪيا سر سين جا، تنهنجا سودي ڪيا سر،
ساوتي راڻو راڻو ڪندي، هول مَنجهان هَر هَر،
ويس نڪري ور ارڏاين جا اعجاز چئي.

٣١- جنهن موهي ماريا جُنگ، سا موهي ماري مينڌري،
ويا وسري وينگسن کي، پنهنجا ڏارا ڍنگ،
راڻي واري رنگ، وڌس حيرت حال ۾.

٣٢- پِکون جت پانن جون، کده کيف قرار،
مگر مچ مجاز جا، گهور گُهمند گينوار،
نين ننڍا کانرگسي، خوبان خوب خمار،
عشق سندا اَعجاز چئي، بَدل بوند بهار،
اُتي اچ بہ پچار، آ راڻي جي رهاڻ جي.

٣٣- پِکون جت پانن جون، کيف کيفيتون گُل،
گُلئي کُلائي نينهن سان، ميلو موج متل،
اُتي اچ بہ هُل، آ راڻي جي رهاڻ جو.

٣۴- پِکون جت پانن جون، کيف کده کونين،
مگر مچ مجاز جا، جهرکن ماه جبين،
مُشک جِنا هيکار سان، حلقا هٽن حَسين،
کَنول قنديل کوڙئين، لعلون ۽ لمعين،
اُتي اچ بہ طلبين، راڻي جي رهاڻ کي.

٣۵- پِکون جت پانن جون، مِسي ۽ مرجان،
مگر مچ مجاز جا، موکي مد مئيخان،
اُتي اچ بہ مانُ، آ راڻي جي رهاڻ جو.

۳۶- پڪون جي پانن جون، رَچن پريمي رنگ،
وڳا ويس وصل، وڇن چنگ اُپنگ،
اُتي اڄ بہ آڙنگ، راڻي جي رهاڻ جا.

۳۷- جهڙا سَروَ صنوبر، تهڙا قد ڪاڪ وندين جا،
ڪمرون ڪيهر شينهن جيان، ڪونجن وانگر ڪر،
رنگ برنگي ويس تن ڪي، پَرين مثل پر،
جلوا ۽ جوهر، جوين جوت جمال سان.

۳۸- جهڙا وَرن عُناب جا، تهڙا احمر لب،
جوين جوت جمال سان، ماٺو مرڪي محب،
شمع مثل حُسن جا، شعلا هڻن شب،
مرڪي اُت مرڪب، ڪئين ڪُڏايا مينڌري.

۳۹- جهڙا نرم ڪنول، تهڙا بدن ڪاڪ وندين جا،
هٿين پيرين پدمڻيون، مَن موهن هر پل،
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾، ڦيري ڪوڏ ڪجل،
چرخ هوش عقل، اُتي ڪئين آعجاز چئي.

۴۰- جنهن گُجر ٿي گهايا، گهورون هٽي گهوٽ،
چاڙهي تنهنڪي چوٽ، منهن مقابل مينڌري.

۴۱- جنهن گُجر ٿي گهايا، گهور هٽي گرناري،
آئي آخر آعجاز چئي، وار تنهنجي واري،
هَنيُس بان باري، منهن مقابل مينڌري.

۴۲- جنهن گُجرتي گهايا، هٿي گهور هزار،
آئي آخر اعجاز چئي، واري تنهنجي وار،
لُٽيس کُل قرار، منهن مقابل مينڌري.

۴۳- راڻو چاڻ راڻي کي، عين وڏي هيءَ چڪ،
ارض و سماء اوڙڪ، ڪونهي مٽ مينڌري.

۴۴- راڻو چاڻ راڻي کي، نسوري نادانـي،
اڻ چاڻن اعجاز چئي، مورکن من مانـي،
سوڍي جو ثانـي، ڪونهي ڪاڪ ڪونين ۾.

۴۵- راڻو چاڻ راڻي کي، بيحد بي عقلائي،
اڻ چاڻن اعجاز چئي، اجان سمجهه نه آئي،
سوڍو سوائي، ڪونهي جهڙس جهان ۾.

۴۶- راڻو چاڻ راڻي کي، وڏو انڌ انڌير،
اصل نه هو اعجاز چئي، عيب منجهس ڪو اير،
التي اک جو ڦير، آيو نظر نه عام ڪي.

۴۷- جي واقف وير وحدت جا، هيڪڙائي هاڻا،
سي ڏسي ڏيهه ڏسڻ جو، ٿيا راڻا ۽ ڪاڻا،
سمجهي وڃ سياڻا، انهي منزل مام ڪي.

۴۸- انهي منزل مام کي، وهجائن وينجهاڻ
الٽي اک ايڪائي جي، الٽي نظر نهاڻ
پڌرا اُهي پاڻ عاشقن جا آعجاز چئي.

۴۹- ڳُڻن پريون ڳُجريون، چست چتر چالاڪ،
نئين سج نئين نينهن سان، پائين نئين پوشاڪ،
حسن حڪومت هٿ ۾، ڪَن روز قتل منجهه ڪاڪ،
اڳيان تن آعجاز چئي، هوش وڃن هُشناڪ،
ڪامي ٿيڙا خاڪ، پتنگ ڪئين پرڏيهه جا.

۵۰- منهنجو توريءَ مينڌرا، سڪي ساهه پساهه،
سوڍا تنهن جي سور ۾، سڙي ٿيس سياهه،
عاجزيءَ سان آعجاز چئي، گوليءَ بخش گناهه،
لالڻ لڳ الله، پيرو پيچ مَ ڪاڪ تان.

۵۱- منهنجو توريءَ مينڌرا، سڳ نه سياپو،
آهين تون آعجاز چئي، جيءَ جو جياپو،
لاهه مَ لاڳاپو، پيچ مَ پيرو ڪاڪ تان.

۵۲- منهنجو توريءَ مينڌرا، مُنهن نه مرڪي مون،
ائئي پهر آعجاز چئي، ساڙيس انهي سون،
حاذق پرين حضور پيچ مَ پيرو ڪاڪ تان.

٥٣- منهنجو توريءَ مينڌرا، جيئڙو ناهي جاءِ،
ڪرهو آڻج ڪاڪ تي، داور ديرمَ لاءِ،
ايڏي جدائي اعجازؔ چئي، جانب تومَ جڳاءِ،
راڻا رس رهاءِ، ٻيج مَ ٻيرو ڪاڪ تان.

٥٤- ٻيج مَ ٻيرو ڪاڪ تان، ڏوليا ڏيَتَ ڏٺي،
ايڏي جدائي اعجازؔ چئي، ڪيئن ولهاتو وَٺي،
جا منهنجي باب ٻٽي، سا معلوم اٿئي مينڌرا.

٥٥- ٻيج مَ ٻيرو ڪاڪ تان، سوڍا پاڻ سڃاڻ،
توريءَ ٻلو ٻچڻ جو، حاذق ٿئي نہ هاڻ،
اِجهو اڄ سياڻ، مُئي سٽنديَن مينڌرا.

٥٦- مُئي سٽنديَن مينڌرا، ڏاگهہ مٿي ڪنهن ڏينهن،
نِهوڙيس تنهنجي نينهن، ناهي جاءِ جيئڻ جي.

٥٧- ناهي جاءِ جيئڻ جي، جلڻ ٻانيم جيج،
اڳي پوءِ اعجازؔ چئي، اٿم تنهنجي اُڄ،
سوڍا ڪيئي سڄ، مون سان رُسي مينڌرا.

٥٨- راڻا ڪر نہ ماڻا، واڳ ورائي آءُ تون،
ڪنول قنديل ڪاڪ جا، توريءَ ڪو ماڻا،
پاڻ سڃاڻي پاڻان، نوازيج نِظر ڪي.

٥٩- راڻا ڪر نہ ماڻا، مُيون تو مارين،
عاجزيءَ سان اعجاز چئي، گڏجي نہ گهارين،
واڳ وصل وارين، مان اسان ڏي مينڌرا.

٦٠- راڻا ڪر نہ ماڻا، مُيون ڪِين مان،
ڏُور مَ ڏينهن گُذاں، گڏج تہ گوندر لاهيون.

٦١- گڏج تہ گوندر لاهيون، گل ڦل تين گلزاں
وجي جيئري جاں مسرت ماڻيون مينڌرا.

٦٣- ڀڄ وسئي ڍولئيا، ڪاڪ مَ سُجي ڪر،
ڪاهي آءُ ڪرهو، اي داور دلاور،
تہ آئون اُٺي هر هر، پيلهپو ڏيان پنهين جو.

٦٣- ميڙ ميجين جي مينڌرا، غير ڪري اچ گنئون،
ڪلنڪ مَ ڏي ڪاڪ کي، ڪوڙهيو چئہ مَ مون،
مون من تون هين تون، تو من کي پيو مينڌرا.

٦٤- مان گڏ ميان مينڌرا، هي ماڙيون ماڳ رئن،
ڪنول ڪيتڪ ڪاڪ جا، سوسن ڌار سڙن،
نرمل تنهنجي نينهن ۾، تيون نماڻيون نجهرن،
تون ڪيئن وڻان تن، راڻا رات رُسي وئين.

٦٥- ڏٺ وسـئـي ڍولـيـا، پـيـرو پيچ مَ پـيـتـان
آئـون جيـان تـو آسـري، ڪـامـل ڪـلـنـگـي دان
وَرُولـهـيءَ جا وڪـهـا، پِريَمَ سـٺـي پـوڪـان
عـاجزيءَ سان اَعجازَ چئي، گـهـاري وجهي مَ گـهـان
انـدر مـنـجهـه آزان آهـن تُنـهـنـجي عـشـق جا.

٦٦- جو ڏَٺ وَسي تـو ڍولـيـو، ڪـاڪ ڏٺـي پـڻ سـوءِ
تـنـهن ريءَ روح اَعجازَ چئي، تـو راتيان ڏيـنـهـان روءِ
پـچاڻـا تـنـهـن پـريـنءَ جي، ڪـلـڻ خوشـي ڪـڏ پـوءِ
سـوڍي گـهـڻـو سـمـجهائـيـو، مـور نـہ سـمـڏيس تـوءِ
آئـون انـاسـي جوءِ، جو ڪـريـو جاڙ جيـان پـئـي.

٦٧- مـومـل وٺـي مـيـڙ، آئـي در مـيـنـڌري
تہ مون سان تون منهنجا پرين، هيئن نہ نينهن نکيڙ
مـونـسـان ويـهـي چيـڙ، سـاگـيـا قـصـا سـور جا.

٦٨- راڻـي سـاڻ رهـاڻ، ڪـئـي ڏيـنـهـن تـيـام
سـاريـنـدي سـاجن کـي، لـنـگـهـي وَرهـہ ويـام
سُـهـمـان سـور اَعجازَ چئـي، سَـهـٽـا سِر پـيـام
کـوڙيـئـن عـرض ڪـيـام، مـور نـہ پـرچـي مـيـنـڌرو.

٦٩- مـور نـہ پـرچـي مـيـنـڌرو، هـاڻِ ڪـريـان ڪـيـئـن
ڏسـيـو اوهـين اَعجازَ چئي، جيـڏيـون مـونـکـي جيـئـن
آئـون اٿـي تـيـئـن، سـوڍي کـي سـرچائـيـان.

٧٠- سوڍي کي سرچايان، کھڙي آئون دستور،
جنھن مان راٹو راضي ٿئي، سا مَت نہ اچيم مور،
کيڏانھن وڃان ڪنھنکي چوان، ڪُنيس بيقصور،
سرتيون اھو سور، سھي سگھنديس ڪانہ ڪا.

٧١- راڻا تنھن جي رھاڻ لاءِ، ٿيون ھتي سڀ سڪن،
جي تو موھيون مينڌرا، سي ڪَن نہ پي ڪا ڪن،
اتئي پھر آعجاز چئي، ويڳاڻيون وتن،
گھوٽ تنھنجي گفتن، گھائي گھايون گُجريون.

٧٢- سوڍي ريءَ نہ ڪريان، سرمون سينڌ ڦٽي،
سرتيون ھن سينگار کي، پوريو ڪڍ ڪٽي،
ميندي مشڪ مساڳڙو، ھلنديس ڪانہ ھٽي،
جڏھن ايندو ڪاڪ ڏٽي، تڏھن اچا اوڍينديس آعجاز چئي.

٧٣- ساريو ساري رات، سرتيون ڪريان صبوح،
راڻي ڏاران روح، روئي ۽ ريھون ڪري.

٧٤- رئندي گذري راتڙي، سِڪندي لھي سج،
اکين مان آعجاز چئي، نير وھايم نِجُ،
قاصد اھا ڪِج، خبر ڏاڻي ڍول سان.

۷۵- رئندي گذاريم راتڙي، سڪندي سڄ لهيم،
سوڍا سور فراق جو، ساهه نه هاڻ سهيم،
اکين مان آعجاز چئي، وَر وَر نير وهيم،
روڪيان تان نه رهيم، وچي دل وَهلور پئي.

۷۶- راڻي جيئن رنگ، ڪونه ڏنو ڪنهن ڪاڪ کي،
آيو نه اهڙو آعجاز چئي، ڪنهن کي اکر انگ،
سرتيون سوڍي سنگ، راز آهي ڪو رب جو.

۷۷- سوڍي جهڙي سياٽپ، ڪنهنکي آئي ڪانه ڪا،
لِڪائي پنهن جي لقاء سان، راڻي پنهنجي راٽپ،
مومل واري ماٽپ، ماڻي وِڏي مينڌري.

۷۸- تن من تو لاءِ مينڌرا، سڪي ساهه پساهه،
سوڍا تنهن جي سور ۾، سڙي تيس سياهه،
عجز سان آعجاز چئي، گولي بخش گناهه،
لالڻ لڳ الله، پيرو پيچ مَ ڪاڪ تان.

۷۹- من تن تو لاءِ مينڌرا، هينئڙو جَمَر نه جاءِ،
چُلي هيئن ڇيهه ڪرڻ، جاني تو نه جڳاءِ،
راڻا رس رهاءِ، وائي وار وصال جي.

۸۰- من تن تو لاءِ مينڌرا، جَلي جان جگر،
اچي ڪونه آعجاز چئي، توريءَ سڪ صبر،
بِرهه تنهن جي بِرُ، ڪيس ڪاڪ وڻن ڪان.

۸۱- پيرو پَيچ نہ ڪاڪ تان، ڍوليا ڍڻ ڏٺي،
آڪاڻي آعجاز چئي، ڪوليان ڇا ڪٽي،
جا منهنجي باب بٺي، سا معلوم اٿئي مينڌرا.

۸۲- پيرو پيچ مَ ڪاڪ تان، ڪامل ڪرهو آڻ،
نہ تہ هيءُ مُٺي هت هاڻ، مُٺي سٽنديَن مينڌرا.

۸۳- پيرو پيچ نہ ڪاڪ تان، راڻا عرض اوناءِ،
ريتي رنج رسامن ڪي، ويچا وچ وچاءِ،
ريجهي رنگ رچاءِ، سوڍا ساڳي ريت سان.

۸۴- آءِ راڻا ڪرهو آڻ، پيرو پيچ نہ ڪاڪ تان،
مشڪ چندن موٺي تون، مونسان ملي ماڻ،
هيءُ مُٺي نہ تہ هاڻ، مُٺي سٽنديَن مينڌرا.

۸۵- هيءُ بہ روئي رات، مون گذاري مينڌرا،
توڪي وِسري سڀ وئي، اسان اهائي تات،
فَاذڪُرُونِي بات، آيئي نہ ياد آعجاز چئي.

۸۶- هيءُ بہ روئي رَين، مون گذاري مينڌرا،
آهن الاهي غين، شاهد انهيءَ ڳالهہ جا.

۸۷- شمع جلي شب جلي، جلي باتي جوت،
مُيس بنا موت، راڻي رُسا مون ڪيو.

٨٨- شمع جلي شب جلي، جلي منهن جي جان،
اَلـفِراقُ اَشَدمِنَ المَوتِ واءِ ٿيس ويران،
ڪئي ورڻ جي ڪان، اچان مير مينڌري.

٨٩- شمع جلي شب جلي، جلي سندم سونهن،
ڪَلَنڪ لڳو ڪاڪ کي، دلين چڙهيا دونهن،
راڻي جي وِرُونهن، قلعي ڪاڪ وَندن جي.

٩٠- شمع جلي شب جلي، جليو چندن مشڪ،
جو ميٽ ملاير مينڌرا، سو بہ سڙي ٿيو خشڪ،
هي اگني ڪي عشق، جنهن سوڍا ساڙيو سڀ ڪي.

٩١- شمع جلي شب جلي، جليو جيءُ جڳٽ،
آتڻ سواءِ اُودو ٿيو، رُليو راج منگهٽ،
راڻي رخ متي ڪيو، اديون مونسان الهٽ،
نـنيو وڏو نڪٽ، آهي اندوهيل اعجاز چئي.

٩٢- چِن مَ چِنڻ، گهوريو نينهن ورائي ڳنڍ،
سي سڙيون ٿين سند، جي وجهن وچ اعجاز چئي.

٩٣- چن م چنڻ گهوريو، نينهن ورائي ڳنڍيج،
لاهہ نہ مون تان مينڌرا، هو جو پهريون هيج،
اول آخر اعجاز چئي، توڙ نيائي نيج،
چني ڪيم چڏيج، طعنن جي تنور ۾.

٩٤- ڇن مَ ڇنڻ گهوريو، ڳنڍ ورائي نينهن،
تنهن جي فلڪ فراق جو، شال نه ڏسان ڏينهن،
ميڙائي جو مينهن، مِل ته وسايون مينڌرا.

٩٥- ڇن م ڇنڻ گهوريو، ڇڏ ڇنڻ جي ريت،
پرچ ته راڻا پنهنجي ٿئي وري نئين پريت،
راڻا ٽسڻ جي نيت، ڪٿان سڪئين ميان مينڌرا.

٩٦- ڇن مَ ڇنڻ گهوريو، ريت ڇنڻ جي ڇڏ،
نازڪ ناتو نينهن جو، هِيئن مَ هلي هڏ،
مِنت مَڃي مَن گڏ، آڏون ڏي نه آعجاز چئي.

٩٧- مومل ميڙ وٺي، آئي در مينڌري،
ته منصف ٿي ڪر ميل ميان، آئون ناهيان مور مَٺي،
تو جهڙي ڪالهه ڏٺي، آهيان اڄ به اهڙي آعجاز چئي.

٩٨- ميڙ وٺي مومل، آئي در مينڌري،
ته فاضل ٿي فرمان پنهنجي سان، ڪر ڪو قياس ڪهل،
وڃائج نه وهم ۾، ههڙي ويل مهل،
تو جهڙي ڏٺي ڪلهه، آهيان اڄ به اهڙي آعجاز چئي.

٩٩- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌي گل بوءِ،
پر راڻي واري روءِ، اوران اور آعجاز چئي.

١٠٠- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌيءَ ڪُونڌ،
پر راڻي واري هوند، آوران اور اعجاز چئي.

١٠١- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌي ڳلنگي دار،
پر ڍول راڻي جي ڍار، اوران اور اعجاز چئي.

١٠٢- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌيءَ ماهه،
پر راڻي جي نگاهه، اوران اور اعجاز چئي.

١٠٣- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪري ڪاڪ وڏاءُ،
ڪنهن جو هليو ڪينڪي، تاب طبل ۽ تاءُ،
سوڍي جو سُياءُ، آهي اوران اور اعجاز چئي.

١٠٤- جي اڱڻ اچن تو، پائي پاند مينڌرا،
ڍڪ تي ڍڪج پو، عيب انهن اعجاز چئي.

١٠٥- جي اڱڻ تو اچن، پائي پاند مينڌرا،
تن موٽائي نه ڏجن، منهن ۾ عيب اعجاز چئي.

١٠٦- جي اچن تو اڱڻ، پائي پاند مينڌرا،
ڪيم اوٺايون ڳڻ، انهن جون اعجاز چئي.

١٠٧- جي تو در اچن تو لاءِ، پائي پاند مينڌرا،
ڏيئي مُهت محي الدين چئي، تن جو منهن مرڪاءِ،
مانُ ڏيئي موٽاءِ، جو وڙ وڙائتن جو.

١٠٨- جي اڇن تو در، پائي پاند ميندرا،
انهن سان آعجاز چئي، پرچڻ واري ڪر،
پار ڪريمي پَر، مَديون مَ ڏس مَدن جون.

١٠٩- جي تون نہ ايندين ميندرا، تہ آئون توڏي ايندس،
راڻا تنهن جي راڄ جي، گولي پاڻهي ٿيندس،
تو در دم ڏيندس، اتم آس آعجاز چئي.

١١٠- جي تون نہ آئين ميندرا، تہ آئون ٿي توڏي اچان،
جيسين اتم دم آعجاز چئي، تيسين وِچ نہ وڇنديس وچان،
آهيان سَچان پَچان، فنا تنهن جي فراق ۾.

١١١- جي ڊِٺ تنهنجو ڊِٺ ڏٺي، تہ ڪاڪ بہ تنهنجي آهي،
تنهن جي هن تڙن تي، پيو نالوئي ناهي،
ڪرهو اچ ڪاهي، اُڪنديءَ اڱڻ آعجاز چئي.

١١٢- جي ڊِٺ تنهنجو ڊِٺ ڏٺي، تہ ڪاڪ لُڊوڻو ڪنهنجو،
تون مالڪ سڀ تڙن جو، سڀ ڪجھ توڪي پنهنجو،
تون موٽي ٿي منهنجو، آئون آهيان تنهنجي آعجاز چئي.

١١٣- ڊِٺ وَسئي ڊولِيا، وسئي محلو ويڙهو،
لاڙي آءِ ليڙو، موٽي ڪاڪ ڪنڌين تي.

١١۴- ڏٺ وسئي ڏولــيا، وسئي ويڙهو محلو،
کهڙو بانور دم تي، ايئو تيءُ مَ گهيلو،
وَرُسگهو وهلو، ڪرڪو ڪاڪ ڪنڌين تي.

١١۵- ڏٺ وسئي ڏولــيا، وسئي اوڙو پاڙو،
عاجزاڻين ڪان آعجاز چئي، وٺ نه پاڙو جهاڙو،
لله لڳ لاڙو، ڪرڪو ڪاڪ ڪنڌين تي.

١١٦- مُئي سٽنديــن مينڌرا، ڏاگهه متي ڪنهن ڏينهن،
اصل تنهنجو آعجاز چئي، ويهڻ نه ڏي نينهن،
مرگ سندو مينهن، اچي سر آگميو.

١١٧- ڪوڙئين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌيءَ خان،
ڪنهنجي چلي ڪانه، رِيءَ راڻي هيڪڙي.

١١٨- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌي ڪلا داري،
اچڻ سان آعجاز چئي، هَڙني بازي هاري،
سوڍي پسو ساري، جنهن سڀ تڙ سورانگهيا.

١١٩- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌيءَ ڪلنگي دار،
ويا چڙهي تن جا، ڪُنگرين سر ڪاپار،
ڏولڻ پسو ڏار، جنهن سڀ تڙ سورانگهيا.

١٢٠- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪري ڪاڪ ڪنڌي وڏاءِ،
ڪنهن جو ٺهريو ڪين ڪي، دم دعويٰ داءُ،
سوڍي پسو سياءُ، جنهن سپ تڙ سورا نگهيا.

١٢١- لڳتا ماٺهو لَڌوٽي جا، عشق سدائين وٽن،
تنهن ڪان منهن نه مٽن، جنهن سان لائين نينهڙو.

١٢٢- لڳتا ماٺهو لَڌوٽي جا، ماڪيئون مٺا مَليح،
عجب عين انهن جا، ابرو قوس قزيح،
سي عشق وندا آعجاز چئي، فهميده فصيح،
جيڪي منجهن قبيح، سي به آهن سهٺا عام ڪان.

١٢٣- لڳتا ماٺهو لُڌوٽي جا، سڪڻ سيڪارين،
مري جي آعجاز چئي، پرت پنهنجي پارين،
نڪٽ نهارين، نسنگ لائين نيهڙو.

١٢٤- لڳتا ماٺهو لَڌوٽي جا، پوڄن ڳليون ڪونئر،
اُت عشق جا آعجاز چئي، پرن پنوريون پونئر،
هل ته اوڏهين پارايئين، ڳل ڳانيون مُنهن ٽونئر،
گهُم چڏي ڏي گونر، مهل وڃئي ٿي ملڻ جي.

۱- نوري اصل نور، سيرت واريءِ سونهن سان،
ڪئي ناتي نينهن جي، نورُ علىٰ نور،
عشق ساڻ آعجاز چئي، تي ٻنهي ڪنڌئين مشهور،
سمون ِمٽس مخمور هو، ۽ پاڻ مٽس مخمور،
ماڻيائين مقدور، هٽي چار حُسن جي.

۲- هٽي چار حسن جو، اوج ماڻيائين آنند،
پاتائين بند ڪمند، عشق واري عجز سان.

۳- هٽي چار حُسن جو، پاڻ پرِنيائين چامر،
تماچيءَ پاتا تڏهين، ڪينجهر پاس قدام،
چِتر چشم بادام، آؤڙيس مَن آعجاز چئي.

۴- هٽي چار حسن جو، ڪَيئين ناز نياز،
راضي رکيائين راءِ ڪي، هردم تي همراز،
برهه وارو باز، هو مهاڻيءَ هٽ ۾.

۵- هو مهاڻيءَ هٽ ۾، جادو جوبن وارو،
وصالي نور وَنين ۾، ڪيف ڪجل ڪارو،
نسنگ نظارو، من موهيندڙ مُرڪ سان.

٦- ججهو جَر ڪينجهر جو، ججهي جوءِ جهنگور،
پڪا ڪڙ ڪنارسان، گهاٽي ڪل ڪنگور،
اردو گرد آعجاز چئي، آجهاپن آجهور،
منجهس ڪاچ مڙيوئي، بيحد مڇي مور،
مَڏ ميائيون مڪڙيون، جهونا جهوڪ جهڪور،
اتي اوج آتور، چامر تماچيءَ ڪيڙا.

٧- ججهو جر ڪينجهر جو، ججها جهمٽ وٽن،
ڪوڙئين ڪونئر ڪليون، ڪوڙئين پونر پرن،
هُڙهيا ڳڙهيا هزارين، ٿونرن جيئن تلن،
ڪُمر ڪوڏا سپيون پڻ سائي پن،
عبرتي اکين، هي نقش نظارو ڇٽيو.

٨- ڪيڏهن شان سندوءِ، ڪيڏهن عيبن اگلي،
توسان تخت بخت جو، تنهنجو جوڙ نہ ڪوءِ،
يار تماچي ياريءَ جو، ڪيئن هن سان پير پريوءِ،
عجب آهہ اَعجاز ڇئي، ڪيڏو پال ڪيوءِ،
اڳي پوءِ پرتوءِ، ميرو راڄ مَلاحڪو.

٩- ڪيڏهن شان ڪبريائي، ڪيڏهن عيبن اگلي،
تون صاحب پاڪ پريت جو، مون ۾ غير بيائي،
ڪيئن ڄام تماچي، توکي پسند ابالڙي آئي،
تو تنهن سان لئون لائي، جا جوڙ نہ تنهن جي ذات جو.

١٠- ڪيڏهن شان شاهي، ڪيڏهن عيبن اگلي،
تون صاحب سخا وفا جو، ڪلنگي دار ڪُلاهي،
سمان تنهنجي سهاڳ ڪي، پانيمر رازِ الاهي،
ڇا هي زُمرد جاهي، ڇا هيءَ جهيرڻ جهنگ جي.

١١- تون ٺاچي تخت ڏٺي، تون سيني جو سلطان،
لَولاَکَلَما اَظهَرتُ رَبوبيت، ايڏو سنڌ ۾ شان،
وَاَنا اَطلبُ رِضائکَ يا مُحمد ﷺ، راضي تو رحمان،
ڦکان قَابَ قَوسَين اَو اَدنيٰ، ٠ يسرّ تيئي مڪان،
آئون ڪريان اَعجاز چئي، باقي ڇا بيان،
ناهي ڪو بہ نڌان، تنهن جي ذات صفات جو.

١٢- تون ٺاچي تڙ ڏٺي، تون سين سرتاج،
سمان تنهن جي سهاڳ جو، آهي مون احتياج،
هيءَ مٺي محتاج، ڪر ٻاجھ سٻاجھا سپرين.

١٣- تون ٺاچي تڙ ڏٺي، جوڙ نہ تنهنجو جواب،
انا احمد بلا ميمي جو، توتي خاص خطاب،
آئون ميچي مار اَعجاز چئي، مون ۾ عيب ثواب،
ناهي حد حساب، تنهنجي ذات صفات جو.

١٤- آئون اٻوجھ اوگڙي، تنهن جو سين تي توهہ،
بخش ڪجان بدڪار کي، جيڪو ڏسين ڏوهہ،
مون ۾ عيب انبوهہ، تجان ڍڪ ڍلي جو.

١٥- تون سمون تون سلطان، تون سردار سونهارو،
شاهي تنهنجي شان تان، سنسار صدق سارو،
ڪونهي ڪنارو، تنهنجي ذات صفات جو.

١٦- تون سمون تون سلطان، تون سردار سبحاني،
شاها تنهنجي شان تان، ڪل شيءِ قرباني،
ڪونهي ڪو ثاني، تنهن جي ذات صفات جو.

١٧- تون سمون تون سلطان، تون سردار وَر وثيق،
ڪونهي ڪو ٻيو شريڪ، تنهن جي ذات صفات جو.

١٨- تون سمون تون سلطان، تون سردارن سردار،
آئون آهيان اَعجاز چئي، مي مچيءِ مار،
آر نه ڪوئي پار، تنهن جي ذات صفات جو.

١٩- تون سمون تون سلطان، تون سردار ساڪي پَتي،
آئون عيبن کان اَعجاز چئي، ناهيان ڏاررَتي،
تون نوازي نظر سان، ڪرينم لال ٻتي،
مون تڏهن آهه وَتي، دامن تنهن جي داورا.

٢٠- تون تماچي تڙ ڏٺي، هي سڀ تنهنجا تڙ،
لڳيس تنهن جي لڙ، آروڪڻ مَ اَعجاز چئي.

٢١- تون تماچي تڙ ڏٺي، تون ڪر تُسي توهه،
بخش ڪجان بدڪار کي، جيڪو ڏسين ڏوهه،
التم ايءُ اندوهه، آروڪڻ مَ اَعجاز چئي.

٢٢- تون تماچي تڙ ڏٺي، تو وٽ پلجي جڳُ،
وتي ويتيس تڏهين، آئون داور تنهنجو دڳُ،
مون تان لِلّٰهِ لڳُ، آروڪڻ مَ اَعجاز چئي.

٢٣- نوريءَ من تماچي، تماچي من نوري،
پرت پنهي جي پاڻ ۾، سُرهي سموري،
مشڪ ڪتوري، ٿيو ڪينجهر ڪُل اعجاز چئي.

٢٤- ڪينجهر ڪناطون ڪُتيون، نوري ناتي ڪاڻ،
آئي ويل وصل جي، سڀ جاءِ ٿي سرهاڻ،
مي سمي پاڻ ۾، ڪئي روح رهاڻ،
ويتا ڪن واڪاڻ، مهاڻا مجليس جي.

٢٥- ڪينجهر ڪناطون ڪتيون، خستوري بُوءِ کُلي،
تماچيءَ جي تنبوءَ ۾، حسن هوءِ هُلي،
سمي چام چُلي، ڳلي لاتي گندري.

٢٦- ڪينجهر ڪناطون ڪُتيون، ڪيون ملاحن موجون،
هٿي وييون هيٺن تان، فڪرات جون فوجون،
ٿيون آل جال اعجاز چئي، آنند ۾ اوجون،
گنڊيون ۽ گوجون، ماڳهين وين وسري.

٢٧- ڪينجهر پنهي ڪنڌئين، ڳڻ سمي جاڳائين،
وَري وار ولهن جي، پلايون پائين،
جي راءِ ڪي رائين، راءِ بہ رانئي تن ڪي.

٢٨- ڪينجهر پنهي ڪنڌئين، ڪن سمي جي ساراهہ،
تُسي آيو تخت ڏٺي، پَکِن پيا پساهہ،
وائي هر ڪنهن وات ۾، تہ واهہ تماچي واهہ،
آندو توڪي الله، اڙين ڪاڻ اعجاز چئي.

۲۹- ڪينجھر پنهي ڪنڌئين، ڪن سمي جو سلام،
ويٺا وٽن آعجازؑ چئي، نِلو سندس نام،
تن تماچي ڄام، ڪين وساري ڪڏهين.

۳۰- ڪينجھر پنهي ڪنڌئين، ڪن سمي ڪي سڌ،
مَرسي مرڪن مَڏ، جِت گھوٽ گھمي آگھاريو.

۳۱- ڪينجھر پنهي ڪنڌئين، سَمي لڌي سار،
مهاڻن پاتا مرڪي، هيرن سندا هار،
لاهي لاڄورن ڪي، اوڏيائون پَٽ اپار،
ڄاريون ۽ ڄار ڪُلهي ڪنيائون نه ڪڏهين،

۳۲- ڪينجھر قناطون ڪتيون، لٿين لوڙهن واري لوڙ،
سمي آئي سوڙهه، اُڪري ويئي آعجازؑ چئي.

۳۳- سميون سومريون من ۾، ڪيو ريس ڪڙهن،
نڪي پُڇن ڄام سان، نڪي لاهيءَ پاس لڙن،
سڙيو ٿيون سڙن، نوريءَ سندي نام سان.

۳۴- سميون سومريون من ۾، گھُمن رکيو غير،
پاسي ٿي پريت ڪان، وڃهي ويٺيون وير،
سو نه وٽن سير، سمون جيئن سرچي پوي.

۳۵- نوريءَ ڪئيو نيازمان، هو سميون هوڏ مٿيون،
پاٿي سڏائن پاڻ کي، جيڪي سهٽيون ۽ سٺيون،
سي ڪهڙي ريت ڪُٺيون، ريجهائيندين راءِ کي.

۳۶- نوريءَ ڪئيو نيازمان، تاج تماچي تخت،
سمين سومرين کان ٿيو، پوءِ پُنيرو بخت،
سمون تن لاءِ سخت، جي پاٿي پَڏائن پاڻ کي.

۳۷- نوريءَ وتان نياز، سميون سکڻ آئيون،
ايءَ الاهي راز، عجب آهه اَعجاز ڇئي.

۳۸- هٽي ڄار حسن جو، ڇَٽيءَ ماڻيو ڄام،
ڪينجهر مٿي قيام، تماچيءَ ڪيو تڏهين.

۳۹- نه هُڏي نه هوڏ ڪا، نڪي حجت هلائي،
نوريءَ نهٺائيءَ سان، پئي ڳالهيون ڳڻ ڳائي،
تڏهن سڏائي، سمي وهاري سيج تي.

۴۰- نه هُڏي نه هوڏ ڪا، نڪي تَوَڏ نه ڪائي تَڏ،
نوريءَ نهٺائيءَ تي، هيري ڇڏيا هَڏ،
تڏهن ڪري سڏ، سمي وهاري سيج تي.

۴۱- نه هُڏي نه هوڏ ڪا، نڪي طمع رکي تن،
نوريءَ نهٺائيءَ سان، موهي وِڌس من،
تڏهن ڏيئي سَمَن، سمي وهاري سيج تي.

۴٢- نہ ھُڏي نہ ھوڏ ڪا، نڪي حجت پائي ھٿ،
نوريءَ نھٽائيءَ سان، ماٺي وڏي وَٽ،
اھڙيءَ ڪي آعجاز چئي، ڪير چوي تون اُٽ،
مُورھين ڪجيس منٿ، تہ ويھ اسان جي وٽ ۾.

۴٣- جي مار ميڇيءَ ڌاران، ڪار نہ ڪائي ڪن،
آڌي مانجھي آعجاز چئي، پُٽيون پَن ھٽن،
تماچي لاءِ تن، تو لاھي تارا عرش جا.

۴۴- ڪائن چائن ڪڪيون، ذات مھاڻي مي،
بيھڻ ويھڻ نہ ياڻئجي، پر ۾ جني جي،
تماچي تن ڪي، تو پياري پَٽ ھٽن سان.

۴۵- ڪائن چائن ڪڪيون، ذات گَنديري گھٽ،
بيھڻ ويھڻ نہ ياڻئجي، وچي جني وٽ،
تماچي تنھي ھٽ، تو اچي وچي آعجاز چئي.

۴٦- ڪائن چائن ڪڪيون، ذات گنديري گَند،
پَسو تماچي تن تان، اُيو گھوري جِند،
اي شڪر الحمد، جو ناتي ۾ تيو نوريءَ جي.

۴٧- مانا رَچ متن تي، ڇڇيءَ چنگا ھٿ،
سمون تن سَٽ، وتي ڄار ڪلھي ڪيو.

٤٨- ماڻا رڇ مٿن تي، ڄڄي چنگا هاٿ،
سمون تني ساٿ، وتي ڄار ڪلهي ڪيو.

٤٩- ماڻا رڇ مٿن تي، ڄڄي چنگا ڪول،
سمون تن ۾ ڳول، وتي ڄار ڪلهي ڪيو.

٥٠- ماڻا رڇ مٿن تي، جهاڳين وڃيو جهاڳ،
جي گهمن ڦرن آٿيهي، چَرن ۾ چِڙواڳ،
سمون تني ماڳ، وتي ڄار ڪلهي ڪيو.

٥١- ماڻا رڇ مٿن تي، ميرا منهن جني،
جتي جر جو ڪائتو، پرن اُت يَني،
سمون منجهه تني، وتي ڄار ڪُلهي ڪيو.

١- پنهل پُري آءُ تون، سُٺي پَرت سندي پُڪار،
هاڙهي ڏٺي حَب ۾، حامي تي هڪوار،
اچي لهه اَعجاز چئي، مون سڪايل جي سار،
داور توکان ڌار، ناهيان هوش حواس ۾.

٢- پنهل آءُ پُري، محب منهنجي مَنهين،
ٻانهي تي ٻاروچيا، ڪري تون وَرُ وَري،
اچي مل اَعجاز چئي، تان ٻانهڻ وڃي ٻُري،
تو لاءِ دوست دري، ڪوليو ڪڙي آهيان.

٣- جيئن جيئن ڳوليان سپرين، تيئن تيئن لِڪ ڪري،
منهنجي تنهن محب ري، ساعت ڪيم سري،
آيس آئون اَعجاز چئي، اوڪي عشق اري،
پنڌ اٿانگو پير پيادي، اندر آڳ ٻري،
ڏکيءَ ڏيل ڏري، جهانڪا پسيو جبل جا.

٤- جيئن جيئن ڳوليان سپرين، تيئن تيئن ڪري لِڪ،
سڙان پئي ان سور ۾، سمهڻ ڏي نه سڪ،
آندم هتِ اَعجاز چئي، چپر ڏٺيءَ جي چڪ،
هيڪر تيان هڪ، مر پوءِ موت اچيج تون.

٥- اوڳي هيس اديون، مون نه پروڙي مام،
دغار ڪي دل ۾، تا هيئون ٺڳي تام،
ڪولي صراحي سور جي، جام پيارئيون جام،
هيئن نه ياني هيڏا ڪندا، آريچا اظلام
آئون ته هيس اَعجاز چئي، داسي ڏاڙان دام،
سات لڏي هو ساجهري، بر لنگهي ويا بام،
ڪانيس انهي ڪام، جاڙون جت ڪري ويا.

٦- اٿن ڏوهه نه اديون، نڪي ڏيرن ڏوهه،
نڪا جبل جاڙ ڪئي، نڪي ڊوهن ڪيو ڊوهه،
ڇا جو هاڙهو حب، ۽ ڇا جو رائو روهه،
الزام ذريان آعجاز چئي، ڪيچئيڙن تي ڪوهه،
لِڪئي ڪيم لوهه، هٿي ياڻ پروچ جي.

٧- مون تان وس وڏو ڪيو، پر هوت نه منهن جي وس،
پينر پاڳ نه پڙائيو، ننڊ نهوڙي نِيس،
اويرو اٿيس، هٿان ويتي هٿڙا.

٨- ڪڙهيس جني ڪاڻ ڙي، مون ڪاڻ نه ڪڙهيا سي،
آئون سٽايان آعجاز چئي، هي سور وچي ڪنهنکي،
جنن ڪيون جي، سي جاڙون نه جاڙن جسڙيون.

٩- ڪڙهيس جني ڪاڻ، ڪين ڪڙهيا سي ڪاڻ مون،
ڏونگر ڏاڍن ساڻ، ناحق لايم نينهڙو.

١٠- سور پسي تون سسئي، هيٺي تي مَ هٿيج،
پڪيءِ پختيءِ پرت سين، پُنيءِ هوت پُريج،
هُن چنو تون ڳنديج، عجز سان آعجاز چئي.

١١- اوڳي عشق آعجاز چئي، نرمل ساڻ نياءِ،
جيسين پڇئي وسڙو، تيسين وڪ وڌاءِ،
پوئتي پيرم ياءِ، مرڻ پلو اٿئي مارڳين.

١٢- اجان پئـي اوڳي، سانگـو رکين ساهـ جو،
سودي بنان سر جي، محب نہ ملئي موڳي،
جيءَ کري جوڳي، پيرو کڄ پنهونءَ جو.

١٣- پيرو کڄ پنهون جو، خيمان هت نہ کوڙ،
مُنهن پنيورئون موڙ، تہ پسين هوت حبيب کي.

١٤- توڏن پٺيءَ توڙ سيڪا کندي کانہ کا،
جا کامي تيندي کوڙ، سائي سڏبي سسئي.

١٥- توڏن پٺيءَ پنڌڙو، جيڏيون ڪيو جن،
انهن کي آعجاز چئي، سک ملايو ساڄن،
جي نہ وسهو جيڏيون، هلي تکيا پسو تن،
مرکيو پيا مرکن، اڄ بہ ماڳ انهن جا.

١٦- جي سچڻ ناهي ساڻ مون، تہ سور سچڻ جا هون،
پري شل مَ پُون، انهن بنهي کان ڏينهڙا.

١٧- سکن کان سو وار، سور پانيان ٿي سڦرا،
دم چني کان ڌار، اصل نہ ٿيان آعجاز چئي.

١٨- جس سورن کي جيڏيون، جن ثابت ساٿ ڏنو،
پرينءَ ريءَ پرديس ۾، تن ناتو ڪين ڇنو،
ويچارن واکا کري، مون سنگ رت رنو،
جي ورير وَرَ وَنو، تہ پڻ رهايان روح ۾.

١٩- سسئي کي سفر جي، صلاح ڏني سڪ،
ڇپر ڏٺيءَ جي ڇڪ، بيزار ڪئي پنيور کان.

٢٠- بيزار ٿي پنيور کان، بيگاهه وقت برهمڻ،
اٿي هلي آعجاز چئي، ڪَرُ ڪيدي ڪامڻ،
هيڪي هَٿي ڪينڪي، درد پسي ڏوپڻ،
لحظي منجهه لُڏڻ، پهتي پنهل چام ڪي.

٢١- سسئي کي سفر جي، صلاح ڏني سورن،
سڪ پڏايس سندرو، پنڌ ڪرايس پورن،
آندس روح آعجاز چئي، برهه ٻهورن،
تن ماري مذڪورن، جي پنهون ڪيس پَرِ ۾.

٢٢- وڃي پهتي پنهل چام ڪي، سهسين وريس سڪ،
جيئن شڪرانا شڪور جا، ڏور مڙئي ٿيس ڏک،
اندر واري آعجاز چئي، جهڪي ٿيڙس چڪ،
مصحافي مک، اولا لاٿس اکين جا.

٢٣- سڪ ڦٽو صبر ويو، سڪ پڳوم سَتُ،
رَندن تي ريهون ڪريو، چام وهايان چر،
ڏير ٻه ڏاڍايون ڪري، وٺي ويڙاور،
ڪيو ڪونه قدر اوٺيئڙن آعجاز چئي.

٢٤- سڪ ڦٽو صبر ويو، لڳي سڪ سرس،
ملنيءَ مون معذور جو، توکي نه پيو ترس،
رهبر اڇي رس، اوڪيءَ ۾ آعجاز چئي.

٢٥- سک ڦٽو صبر ويو، سک نہ سمهڻ ڏي،
اُتان تہ اچن آنڌيون، وِهان تہ جيء جُکي،
آئون پيادي آعجاز چئي، هو اوٺي اٺن تي،
کُپر کيچين جي، منڊ مارائي مارڳين.

٢٦- جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا کيم وس،
هور هيا نہ هک راتڙي، هئا بي ترس،
گونرا کاهي گس، تيا راهي رات آعجاز چئي.

٢٧- جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا کيم سَڏ،
هلندي پنيان هوت جي، هيٺا تيڙم هڏ،
مون ۾ ڪائي وڏ، جو نال نہ کيچي نين مون.

٢٨- جيڏي آئون جَيڏيون، تيڏا کيم واکا،
ٻڏا کين ٻانيڻ جا، ٻاروچل ٻاکا،
دانهون کندي درد مان، ٿُنا اندر تاکا،
جبل جا جهانکا، تا آزارين آعجاز چئي.

٢٩- جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا کيم پنڌ،
پچڻ ڀيٽي ناهہ مون، ساٺا تي پيم سنڌ،
پسي تازا پيرڙا، آيم آنڌيون آنڌ،
هي مڙئي هنڌ، کيچي مَني کيچ ويا.

٣٠- هلي پنيان هوت جي، ڏورينديس ڏونگر،
اٿم پک آعجاز چئي، ووڙي لهنديس ور،
ياڳ وڏي ڀينر، کانڌ ماٺينديس کيچ جو.

٣١- ڏيئي ڏير ڏهاڳ مون، ويا ساڙي ڙي ساڙي،
چوريءِ محب چانگن تي، ويا چاڙهي ڙي چاڙهي،
کين سگهيس ڪيچين کي، آئون تاڙي ڙي تاڙي،
پرهه پوڪارون ڪريان، آئون پاڙي ڙي پاڙي،
ريهون ڪرايم رندن تي، اُن ڏاڙي ڙي ڏاڙي،
قِقيڙ هن فراقِ وڏا، اڄ قاڙي ڙي قاڙي،
هاڻ وڃان ٿي هيڪلي، آئون هاڙهي ڙي هاڙهي،
لاڙي ڙي لاڙي، ايندس هوت اَعجاز چئي.

٣٢- هلي پٽيان هوت جي، وڏا ڪنديس وس،
پٽيون ٻڌي پيرن کي، رِڙهيو پئي رڙهنديس،
جي مُيس آئون جبل ۾، ته گهوٽ مٿان گهوريس،
سچي پوءِ سڏبيس، آريءِ در اَعجاز چئي.

٣٣- چڙي خام خيال کي، لٽڪا هٽيج ڳڏ،
آڏاٽو عاجزيءِ جو، آريءِ اڳيان آڏ،
سٽي سانگو ساهه جو، سوريءِ کي تون سڏ،
ته رهبر ٿيئي رڏ، اڄ ئي تو اَعجاز چئي.

٣٤- سور سورائتن جا، ڇا سڪيليون سٽنديون،
جني لڳي جيءِ سان، سي طرف تني ٽٽنديون،
عشق ڏاران اَعجاز چئي، مور نه سي مڙنديون،
خواري ملامت خلق جي، ڪلي سر ڪٽنديون،
جي عشق ۾ اڙنديون، سي پاڻ ئي اوربنديون پاڻ ۾.

۳۵- سُوريتين سان سُور، کا سُوريتي اوري،
اسوريتي آعجاز چئي، هن ڦولهي نا ڦوري،
جا گهر سسي گهوري، سا پڇي مر پريتڙو.

۳۶- سوريتين جي سُور جي، ڪيهي آسُوريتين ڪَل،
جي نہ ڄاڻن هن حال کي، سي ڪوتيون ڪن ڇوڪِل،
عشق جنين اڻ جهل، سي پڇن پل پرينءَ جو.

۳۷- سوريتين ڏي سڪ جو، اير نَڪوئي پير،
سوريتين جو بہ سڪ سان، آهي وڏو وير،
دائم اهڙو دلير، ڪري عشق تنين آعجاز چئي.

۳۸- اڇو سورن واريون، ڪي ويهي سور ونديون،
اوري حال اندر جو، سيئي ڇوهہ ڇنديون،
جي مُڪا سور محبوبن، سي ڳوپيون ۽ ڳنڍيون،
لوڪ تہ هُونهين لَنديون، ٿو ڪوٺي اسان آعجاز چئي.

۳۹- اڇو سورن واريون، ڪريون سورن پيٽ،
آن وٽ پهر پلڪڙو، مون وٽ ڳَتي چيٽ،
آن وٽ لَپ چُرون ڪا، مُون وٽ ڳرا ڪيٽ،
آن ڪالهہ ڏٺا اڄ ڪي، مون ڏٺا مادر جي پيٽ،
لڳيتوڪا لپيٽ، اديون اهڙي آعجاز چئي.

۴۰- اڇو سورن واريون، پوئي سور ڳڇيءَ پايون،
جي مُڪا محبوبن سي، ڳوٺ ڳلي ڳايون،
جنبش جاڳايون، اوڙي پاڙي آعجاز چئي.

۴۱- اڇو سورن واريون، سورن ۾ ڏيون ساھ،
مونکي پرت پنھون ء جي، پڇي ڪيو پاھ،
اوڳيء جو آعجاز چئي، آجھو آھ الله،
رھبر تي سو راھ، پسائيندم پرين ء ڪي.

۴۲- اڇو سورن واريون، سور ڪريون ڪي ساڻ،
سواءِ سورن سرتيون، پنھنجو وڃي نہ پاڻ،
اھو عارفن اھڃاڻ، آعجاز ڏنو اصل ڪان.

۴۳- اڇو سورن واريون، سور سھيڙيون سي،
جانب ڏاران جي، ساٿي تيندا سڄ ۾.

۴۴- سورن مونکي سرتيون، ماري ڪيڙو مڄ،
ھڪ اوڪا چارا چاڙھڪا، پيو رائو ۾ رڄ،
تيون ڪاري رات ٿھر جي، چوٿون سو ڪوھيء ۾ سڄ،
پنجون پھتيس پنھل، چام ڪي تہ جيٺري الم جُڄ،
نہ تہ آٿھيئي ھونديم اُڄ، آعجاز آريء چام جي.

۴۵- ھلو سرتيون ھوت ڏي، جيڪي ست سَرو،
آلسفر قطعة من النار، ڏسي ڪيم ڏرو،
من طلب شيء جد وجد، پاٿھي پوندو پَرو،
ورچي ڪيم وَرو، اجھو ڪيچ آعجاز چئي.

٤٦- تورو گهٽو سرتيون، لالڻ لاءِ لُڇبو،
نڪري شهر ڀنڀور مان، پوءِ پنڌ ڪيئن پڇبو،
مُڙي نا مُڇبو، عشق وڻ آعجاز چئي.

٤٧- تورو گهٽو هوت ڪي، اوهين سرتيون ڙي ساريو،
پرت پچار پنهل جي، ويل مَ وساريو،
اندر اُجاريو، اهڙي پَر آعجاز چئي.

٤٨- هڪ هٿان مون هوت ويو، پيو سرتيون سهائين،
ڪهل نه ڪن ڪُنيءَ تي، اُلٽو ايذائين،
مُنهن چڙهيو مهٽا ڏيو، جگر جلائين،
تازا ڦٽ فراق جا، چوريو چڪائين،
نڪي هلن پاڻ ڪي، نڪي همٿائين،
نه ٿيون نيائين، اوڪيءَ ويل آعجاز چئي.

٤٩- هڪ هٿان مون هوت ويو، پيو سرتين ساٿ ڇنو،
اوڪيءَ ويل آعجاز چئي، ڏِڍ نه تن ڏنو،
چُنبيءَ پاند ڀِنو، هاريندي آب اکين مان.

٥٠- هڪ هٿان مون هوت ويو، پيو مون چري چُون،
هيٺيءَ سندي حال تي، رحم ڪائي نه رُون،
ڦٽيا ڦٽ فراق جا، ڏک نه مُئي جا ڏُون،
هتي جي اڄ هُون، ته پَٽوپئين ها پريت جو.

٥١- جڏهن جاڳي سسئي، تڏهن پنهون پڇيائين،
اوڙي پاڙي آعجاز چئي، ووڙون وِڌائين،
هَيهات هَيهات لما توعدون، جوڙون ڪُنيائين،
پوتي هٿي پَٽ سين، ڏونگر ڏوريائين،
لَنئا وارلڪن ۾، چڪي چنائين،
چڙهي جبل چوٽئين، ساٿي سڏيائين،
رائُو رڱيائين، روئي رت اکين مان.

٥٢- جڏهن جاڳي سسئي، تڏهن تِل نہ هڪ ترسي،
هلي پٽيان هوت جي، ونڊر ۾ ورسي،
بيسرتي برهہ ۾، سا برهمڻ برسي،
سوپ ٽيس سرسي، آيس آري آعجاز چئي.

٥٣- يوري شهر ڀنڀور جا، سڪ سيئي ڇڏ،
جانب ڪارڻ جنڊڙو، نيئي گوندر گڏ،
آِجر ٽي تون آڏ، پونگو پر پرينءَ جي.

٥٤- پيچ م پنڌ پهاڙ جا، پڳُ تون سُجهندي پنڌ،
وَج وڃڻ ڪي وَرَلِئہ، هي نہ تنهنجو هنڌ،
سودو اي سڳنڌ، ويهي جيئن مَ وڃايين،

٥٥- پيچ مَ پنڌ پهاڙ جا، پار پرينءَ جي پُرُ،
عاجزيءَ سان آعجاز چئي، آريءَ ڏانهن اُسر،
ڪِيم لَڇائج ڪُر، ڪُٽڪي تون هن ڪوهہ ۾.

٥٦- پڇ مَرِ پنڌ پهاڙ جا، نا تو نينهن نياءِ،
سسئي سانگو ساهہ جو، لاسر تي تون لاهہ،
سوريءَ سر سنباهہ، تہ اوڏي ٿئين عجيب کي.

٥٧- توڏن موڏن تاڻ، کنهن پر پايان پهچي،
جبل تي جيڏيون، آڏو وڏي آڻ،
آئون وڃي اَعجاز چئي، وجهان ڪٽ ولاڻ،
آهيان آسُونهين آواڻ، ڪيئن ڪاهي ڪاهيان.

٥٨- توڏن موڏن تنگ، ترت ڪشي ٿيا ٽڪرا،
ٻَڌي پوٽ مَيَن جا، ٻُٽي چڙا چنگ،
اهڙا اٿيا اَعجاز چئي، ڪري ريبي رنگ،
آريچا اڙبنگ، مونکي ماري هليا.

٥٩- توڏن موڏن مون، مادر ماري ڇڏيو،
سُري هليا سَپ، جيئن هيءَ ڇڏي هن پون،
ٻيو تان جنن جون، تيون جاڙون مارين جڏيءَ کي.

٦٠- توڏن موڏن تي، منهنجي ناهہ ميان،
نڪا جنن جاڙ ڪئي، نڪا جانب يان،
آيا اَعجاز الستئون، هن برهمن متي بان،
لڪئي ڪيم لاچان، نا تہ نينهن نہ لايم جيڏيون.

٦١- رکيو رکيو روءِ، هي نماڻي هوت لاءِ،
اٿن اوڻيئڙن کي، رحم نہ رتي پوءِ،
آسُونهين لاءِ اَعجاز چئي، ڪو آريءَ کي چوءِ،
تہ هيءَ جڏي هت جوءِ، آهي ٽُنهن جي آسري.

٦٢- رکيو رکيو ريهه، سسئي کري سج ۾،
لڳي پڇي لڪن ۾، لالڻ پئي نه ريهه،
اوني ڏيئي ويس آعجاز چئي، ڇهڪ اندر ۾ ڇيه،
هن پيرن جي پيهه، ڪڏهن پوندي ڪيچن تي.

٦٣- رکيو رکيو ڪُوڪ، سسئي کري سج ۾،
ڇولي وڏي ڇپرين، سيڻن واري سلوڪ،
سڪايل جي سڪ جي، هر هنڌ هُلي هوڪ،
ته مري تي ملوڪ، ٻانيڻ ٻاروچن لاءِ.

٦٤- رکيو رکيو روئي، ٻانيڻ ٻاروچن لاءِ،
ٻريو آهون انهن لاءِ، ٻرَ ۾ سور پوئي،
آريءَ ڪاڻ آعجاز چئي، لحم لڱن لوئي،
ويٺي داغ ڌوئي، اوتيو نير اکين مان.

٦٥- رکيو رکيو آهه، سسئي کري سج ۾،
ڪيڏانهن وڃي ڪيئن کري، ناهه ويچاريءَ واهه،
کري جيڏهن ڪاهه، سور تيڏاهين سامهان.

٦٦- رکيو رکيو ريهاڙ سسئي کري سج ۾،
پسي نه پير پنهونءَ جو، اُتيو ڏي اوهاڙ،
اوکا پنڌ پهاڙ آيس سِر آعجاز چئي.

٦٧- رکيو رکيو پار، سسئي ساٿين لاءِ ڪيي،
جوٽون ڪُٽيو جوش مان، ڇني لٽا وار،
وائي اهائي وات ۾، ته موٽ مسافر يار،
ٻانيڻ کي ٻروچ ريءَ، تات نه ٻي ڪا تار،
سائين ڪارڻ سار، اچي لهه آعجاز چئي.

٦٨- رکيو رکيو پارڙا، کيچين کاڻ کيي،
ويچاريءَ وڌي، جنن جيءَ جڏو کيو.

٦٩- رکيو رکيو حال، ڏکي ڏونگر سان کري،
تہ جنن مون جڏيءَ کي، نيو نہ سڏي نال،
کين رهايو کمينيءَ سان، کيچين کيو کمال،
انهي فکر اعجاز چئي، فنا کيس في الحال،
مونکي رنج ملال، هيءَ ماريندو موٽ تون.

٧٠- رکيو رکيو حالڙو، ڏکي ڏونگر سان کري،
هٿئون جو هوت ويو، سو کيئن هاڻ وري،
اهي ڳالهيون اعجاز چئي، پئي کري ۽ ڳري،
ڏکي ڏک پري، کيچي هليا کيچ ڏي.

٧١- رکيو رکيو سڏ، سسئي سائينءَ کي کري،
ڇُکي ويئي چلڻ کان، هيٺا ٿي پيس هڏ،
عمر ويئي اعجاز چئي، وڏپڻ آيم وڏ،
هي اپري لڏ، کيم وساريو کيچيا.

٧٢- کيم وساريو کيچيا، هيءَ نماڻي هاڻ،
اچي کريو اعجاز چئي، رائي منجهہ رهاڻ،
کانہ اٿم ٻي کاڻ، جا آهيم سا اوهان جي.

٧٣- ڪيم وساريو ڪيچيا، هيءَ نماڻي هت،
الله لڳ آعجاز چئي، منهنجي رکو پت،
سورن ڪئي آسج ۾، هيٺي سان هلت،
سنيران آئون صحت، ملوجي مونسان وري.

٧٤- ڪين وساريو ڪيچيا، ڪامڻ هيءَ ڪمزور،
اوهان ريءَ آعجاز چئي، ڏيان باهہ پنيور،
گهر سر ڪريان گهور، ملوجي مونسان وري.

٧٥- ڪين وساريو ڪيچيا، هيءَ نماڻي نار،
ساريو ساٿ سيد چئي، پئي رُئان زار وزار،
موڙي اچو مين ڪي، هاديءَ لڳ هيڪار،
مونڏي سڀ ميار، آن ڏي حرف نہ هڪڙو.

٧٦- ڪين وساريو ڪيچيا، هيءِ نماڻي ناحق،
لڪين پانيان لائق، ملوجي مون سان وري.
٧٧- ڪين وساريو ڪيچيا، هتي هيءَ اڳهي،
سچڻ ٿيان سگهي، ملوجي مون سان وري.

٧٨- ڪين وساريو ڪيچيا، ڪهڙو ڏوهہ ڪيوم،
پاڻ سڃاڻي پانهنجو، نالي نال نيوم،
اوهان آسري آعجاز چئي، پنيور پن هنيوم،
جڳ جڳ شال جيوم، ملوجي مون سان وري.

۷۹- ڏاڍي ذات ڄتن جي، ڏاڍو ڪسين ڇيهوم،
تہ موتي لڳو مون ڳري، ڇني ڪين ڇڏيوم،
پر نہ موتيا پوئتي، پينر پاڳ ڦٽوم،
ڪتيءَ ڪو ڪنيوم، جو پاتم پيچ پنهونءَ سان.

۸۰- پلي ڏير ڏنگا ٿيا، پلي نياڻونم پتار،
جو پريو قول قرار، آريءَ سان اعجاز چئي.

۸۱- مونکي منهنجي ماءُ، جهلي جهليندينءَ ڪيترو،
ڇڏ تہ وڃان ڇپرين، چاهہ مُٺيءَ تان چاءِ،
وڃهي وڏا واسطيٰ، ولهيءَ ڪي مَوراءِ،
آريءَ ري اعجاز چئي، جيئڻ مون نہ جڳاءِ،
لُڇي لالڻ لاءِ، مُيس تان مون ڪٿيو.

۸۲- مونکي منهنجي ماءِ، دليئون دعا ڪريج،
تہ هوتاڻي هيج، هردم هوءِ هئين ۾.

۸۳- مونکي منهن جي ماءِ،ڇئج مَوري ويهہ،
ڇڏ تہ وڃي ڇپرين، ڇُلي ڪريان ڇيهہ،
مَر ڏي مهٹا ڏيهہ، وَرِيءَ ورنديس ڪينڪي.

۸۴- ٽڪيس منجهہ ٽرن، ور وسيلا واهرو،
لڪيا انگ اعجاز چئي، تامون پَرٽ سين پرن،
هاڙهي ڪاڙهي حب ۾، پڏاهين هڏ پرن،
توريءَ لڳ تتيءَ جا، ٿپ نہ هوت ٿرن،
الفراقُ آشَدِ منَ الموت، تا منهنجا ڏوهہ ڏرن،
شَلَ وصل ڏينهن ورن، وڃي وڇوڙو وڇ مان.

٨٥- وڃي ويچاري ورڙا، ڪنيو وارث لاءِ،
واڪينديَ واءِ جان، ووڙي ونڌر ورڙا،
وڃي وصل ورڙا، آريءَ وڏائين آعجاز چئي.

٨٦- نڪو وس نہ گس ڪو، نڪو ڏس صحي،
ڪنهن پر ڪيچ ڪهي، پسان پنهونءَ جام ڪي.

٨٧- نہ ڪو وس نہ گس ڪو، نڪو ڏس ملي،
ور وسيلا واهرو، تو ڇپر پير چلي،
اڪ منهنجي آعجاز چئي، هڪ روئي ہي ڪلي،
برهہ مون بِلي، ڪيچي ڪري ڪيچ ويا.

٨٨- نہ ڪو وس نہ گس ڪو، نہ ڪوئي ملي ڏس،
آرياڻي آعجاز چئي، تون نام ڏٺيءَ جي تس،
عشق جو اُڪس، تو ساڙي ساهہ سرير ڪي.

٨٩- نہ ڪو وس نہ گس ڪو، نڪو پنڌ پڇي،
نڪو سمر سُڃي، نڪو آئت ٿي آعجاز چئي.

٩٠- نہ ڪو وس نہ گس ڪو، نڪو پڇي پنڌ،
ڪٽل ڪٽي ڪنڌ، ڪيڏهن ڪاهي ڪاهيان.

٩١- الله تنهنجي آسري ڏوريان ٿي ڏونگر،
قادر مون ڪمزور ڪي توريءَ پر نہ ٻر،
ائين ڪر اعجاز چئي جيئن واري اچان ور،
پوي ٿاب سفر، مٺيءَ مون معذور جو.

۱- گڏبن ساڻ مَ گهار، تون آهين وياء واسينگن جو،
سڪٽيون ڦوڪون ڏيھ ڪي، ڏيئي ڪيم ڏيڪار،
ڪُل شيءِ يرجعِ اليٰ اَصلِه، واڳ ايڏاهين وار،
ادب سين اعجاز چئي، پت چگي ڪا پار،
ساڪا آهه اُتار، جا جڳائي تنهن جي ذات کي.

۲- پکي روح جسم پڃرو، راکو متانئس رب،
سو پالي سو والي، سوئي ڪري پيو سيب،
سوئي ڪندو سبب، آزاديءِ جو اعجاز چئي.

۳- درد ئي دارون ٿيا، گهرجي پيو نہ علاج،
اندر ڪيم آج، آهون ڇپائي اعجاز چئي.

۴- اسين ڳوليون يار کي، يار اسان کي ڳولي،
اصل اهي اعجاز چئي، ٻول ٻڌاسون ٻولي،
گهر سر ڇڏبو گهولي، ان لڪ لڪوٽي راند ۾.

۵- سرتين کهڙي سُڌ، منهنجي سور ڪلور جي،
جي ٿي اندر اوريان، تہ ٿيان ٿي اڌو اڌ،
ڀَلي ڀانيم وڌ، تنهن کان ماٺ اعجاز چئي.

۶- هتي گهر نہ داد، حاضر پنهنجي حال جو،
ابديءِ جو اعجاز چئي، ٿئي نہ ائين امداد،
نفس نامراد، ڌار تہ ماٺين مراد کي.

١- ڪُتا چڱوجو آئين، موتي در ڏٺيءَ جي،
ڳَڻ تہ ڏينهن ڪائين، سنياريئي پنهنجي سائين ڪي.

٢- ڪُتا چڱوجو ڪيئي ور، موتي در ڏٺيءَ جيِ،
نڪي ڏَڪ نڪي ڏَر اسين نہ آرها آعجاز چئي.

٣- ڪُتا چڱوجو ساريئُي، موتي در ڏٺيءَ جو،
ڪيڏا نہ وِجي گهاريئي، پر گهر ڏکيا ڏينهڙا.

٤- ڪتا اوهان جيِ ذات، سياٽي آهہ اصلڪان،
نِمڪ نانءِ ملهائڻ جي، ڏاتر ڏنيو ڏات،
ڪَهڙي ڪريان بات، اوهان جي آعجاز چئي.

٥- ڪتا اوهان جو ڪم رهڻ بَهڻ در ڏٺيءَ جي،
ڇُهڙي چور چڪار جو، ٿا چيريو چَم لَحم،
بيشڪ سچو دم، اوهان جو آعجاز چئي.

٦- ڪتا ٻانهپ اوهان جي، ڏُر ڏٺيءِ سيباٽي،
ڪريم پاڻ قرآن ۾، ڪئي ڪهف ڪهاٽي،
مون تڏهن ڪان ٻاٽي، اوهان جي ذات آعجاز چئي.

٧- سالڪ سِک سبق، ڪتي سندي ذات ڪان،
جيڪو پاَليس پيار مان، ڪري تنهن حق حق،
انڌو ڪو احمق، چاٽي پاٽان گهٽ ڪتي ڪي.

۸- سالڪ سڪ لِڪڻ، ڪتي سندي ذات ڪان،
رُکي سُکي ٽڪر تي، در ڏٺيءَ جي ٻَهڻ؛
ڏَسي دُشمن دڙ ڪي، ڪڍي ڇيچاڙون ڇڏڻ،
گهرجي ائين رهڻ، آدمين آعجاز چئي.

۹- سالڪ سِڪ سچائي، ڪتي سندي ذات ڪان،
پنهن جي پالٹهار سان، ڪانه ڪري بيائي،
جي ڇتو ٽئي ته به ڏٺي سچائي، ڳڻ تون ڳالهه اهائي،
اهڙي صفائي، آدمين گهرجي آعجاز چئي.

۱۰- سالڪ سِڪ حياء، ڪتي سندي ذات ڪان،
رَوا ناهه نزاع، پنهن جي پالٹهار سان.

۱۱- سالڪ سِڪ آدب، ڪتي سندي ذات ڪان،
آهي اعلىٰ سگ ڳنان، تنهنجو شان نَسَب،
اچ ڪتي جيئن ڪتب، پنهن جي پالٹهار ڪي؟

۱۲- سالڪ سڪ هدايت، ڪتي سندي ذات ڪان،
اتم آهه آعجاز چئي، ان جي عبادت،
جاڳڻ بهڻ چوڪي ڏيڻ، ريت اها رياضت،
ٿوري گهٽي ٽڪر تي، ڪري قناعت،
لوڏڻ مارڻ مالڪ جي تي، در نه ڇڏي ساعت،
ويهڻ سمهڻ پٽ تي، فقيري عادت،
شڪوه شڪايت، مُورهئون نه ڪري مالڪ جي.

ڪنيار

١- جيئن آوين جا اُلان، ڪيميا ڳن نہ ڪُنير ڪي،
تيئن مُصحف مان مُلان، مور نہ ٿيا معرفتي.

٢- جيئن آوين جا آڙاھہ، ڪيميا ڪن نہ ڪُنير ڪي،
تيئن مصحف مَن ماھَہ، مُور نہ ڪيا مُلن جا.

٣- جِيئن آوين جي آڳ، ڪِيميا ڪري نہ ڪُنير ڪي،
تِيئن لاَريبي لاڳ، ڪَري نہ مَعرفتي مُلن ڪي.

٤- جي آوي ۽ جيِ اسرار ڪان، ڪُنير هجي آگاھہ،
تہ پَنهنجي تِڪر جيئن پَاڻ، پَچي ٿئي بيپرواھہ
پَر اھڙو عِشق اُٿاھہ، آٿي ڪِٿان اعجاز چئي.

٥- جي آوي ۽ جيِ اسرار ڪان، واقف ڪُنير هوءِ،
تہ پَنهنجي رَچَن جِيئن پَاڻ، ٿئي پَچي پَڪو پوءِ،
رَاچن اڳيان نہ روءِ، هُوندَا هت ڪَاڻ اعجاز چئي.

٦- جِتي ڪَچو پَچي پَڪو ٿئي، اُتي ڪَنير ڪَچوئيَ ڪَچو،
سُخن تنھن سَالڪن، هِي سُڻايو سَچو،
تہ سِڪو نينهن نهائين ۽ ڪان، بَڪڻ ڪان بَچو،
پيلي تِجي نہ پَچو، رِزق ڪَارڻ رَاڄ جو.

٧- جنهن پاڻ پچايو ڪين ڪي، رڳو پچايا رَڇ،
ڪَندو ڪَنهن جي آنت جي، سو ڪَهڙي ڪَڇ،
جو ٽُڙ ڪي ڇَڏيو لاَمُن ۾، لڙ ڪيو ڪَري لُڇ،
حَال حُلاجي حُج چَاڻي، بَات سَچيءَ ڪي بَڇ،
ڏاڙهي ويتو ڏيهه ڪي، ڪَڏيو دَجالي دَڇ،
ڪَري ڦنيل سُوَرَ جيئن هَر ڪنهن تي هُرڇ،
نَڪا مِجازي موج وِڪس، نڪا حَقيقي وِڇ،
بِنان عشق آعجاز چئي، چولي پٽون ڇَڇ،
مُڇون مُوريءَ مُڇ، ڦُندي ڦُوسي پڇ تي.

٨- رَڇن پڇي رَنگ جَهليو، تو ڪِئي ٺيڪ وَڇن،
جِيئن روڪ رُوپيه چَانديءَ جا، تيئن تاجَاڪن ٽَڇن،
پَر پيلي اُنهي پَنڌ ڪي، تا پِرت وَارا پُڇن،
تَڏهن اڳيا تَن جي، پِيا نين ڪُلالي لَڇن،
سَالڪ دِل سَڇن، پَڪا پُڇي هَٽ ڪيا.

٩- رَڇن پَڇي رَنگ جَهليو، پَر پَڪو ڇو نه ڪَلالُ،
پَانيان ڪِرت ڪُنيارڪي جو، ڪَهڙي ليکي ڪَمال،
نيٽن اڳيان نِهائينءَ جو، آڪارڻ نينهن مِثال،
تنهن مان سَمجهي سُجاڻ تي، هَئي نه پرائين حَال،
لاَشڪ تيڻ لاَل، ڪو آوڪو آهه آعجاز چئي.

١٠- اڳي ٻه ڳالهه ڪي ذات، سَنو نه سِڪ وَندن ڪي،
آهي تَواريخ جي سخن ۾ آهڙي حَوالات،
اڄ ڳالهه جي بات، آهي نه هي آعجاز چئي.

١١- ٺڪر ٺانگر ٿَپٽيون، مَرڪ جنهن جو مِٽي،
تنهن ميهار جي مَهي ۾، ڏني ميرمِٽي،
سُهٽي ۽ سَاهڙ جي، ميٺاڻ تہ مِٽي،
ڪيئن پوءِ بصيرت مَٽي، آعجاز ڪُنيار ڪي آک جي.

١٢- ٺڪر ٺانگر ٿپٽيون، جِن جا چَڪراوان چڪ،
تن سُهٽي سَاهڙ ڪي، هنيا چور ڪُنن جيئن چڪ،
تَڏهن ڪُنيار ڪا چَڪ، ڪِٽ نِلا نالوريا ڪونہ ٿيا.

ڪانگل نامون

١- ڪانگل تون ڪارائتو، نڪار وچوئي ڪير،
سويارو تون سُلڪٽو، ساهيٺو سُخير،
قاصد پانڌي ڳُل جو، تون حال پائي هر وير،
واقف هر ڪنهن واٽ جو، تون پائين سڀ جاءِ پير،
سٺائين سنيهڙا تازا تير بتير،
تون اندر اڇو آعجاز چئي، تو ۾ ڦند نہ ڦير،
توسان جنهنجو وير، سو سالڪ سڏجي ڪينڪي.

٢- آءُ ڪانگل آءُ تون، سونهون آهين سرس،
عمر تنهنجي اعجازؔ چئي، چون سو برس،
اُڪامي وچ عجيب ڏي، مون تي ڪر ترس،
جيئن ٿو وڃي جرس، تيئن وڃ ويڙهي يار جي.

٣- آ ڪانگل آءُ تون، تو سانديان سيني سيئن،
چئو ڪيئن چيئي سڄڻين ۽ سڄڻ چيئي ڪيئن،
جيئن چيائون تيئن، اورج حال اعجازؔ چئي.

٤- ڪانگل ڪهي آيو، ڪري ڇهنب چٽي،
چمي رکيم چشمين، سا ادب ساڻ وٺي،
پڙهيو تنهن کي پيار مان، ڏيان مٿيءَ تي مٿي،
جو منجهس مون ڏٺي، صحيح سپرين جي.

٥- ڪانگل ڪَهي آيو، پارئون پرين اڄ،
ڪوٺيو چويم ڪَن ۾، ته اٿي ڪر تون ڏَڄ،
سياڻ وڏي سڄ، ايندئي پرين اڱڻ تي.

٦- ڪانگل ڪَهي آيو، پارئون پرين هير،
ڪوٺيو چويم ڪن ۾، سُڻ خبر سندي خير،
سياڻي سوير، ايندئي پرين اڱڻ تي.

٧- ڪانگل ڪهي آيو، پارئون پرين وَر،
ڪوٺيو چويم ڪن ۾، ته سنبهي سعيو ڪر،
سياڻي ساجهر، ايندئي پرين اڱڻ تي.

٨- ايندا پرين اڳن تي، آئون کهڙو منهن کڻنديا س،
سڙي سنڌن سور ۾، سڃاڻپ کان وياس،
پڇندا پرين ڇا ٿيئي، ته آئون ڇا چونديا س،
ائين عرض کنديا س، ته سڪ اوهان جي ساڙيو.

٩- سڪ اوهان جي ساڙيو، وڇڙئي ورهيه ٿيا،
انهيءَ ڪري اعجاز چئي، ٿي ههڙا حال ويا،
جي اوهان قول ڪيا، سي سِگها نه پاريو سپرين.

١٠- ڪانگل ڳهي آيو، پارئون پرينءَ پَسُ،
ڪوٺيو چوي ڪن ۾، اُٿي هاٿي هَس،
صبحاڻي آوس، ايندئي پرين اڳڻ تي.

١١- ڪانگل کهي آيو، پارئون پرين هُوءِ،
اچي پَسو اعجاز چئي، سرتيون روبروءِ،
سا پيو سڻائي جُوءِ، جتي صَحي منهنجا سپرين.

١٢- آءُ ڪانگل تون، وچ اڏامي ڏِسُ،
ڪانهي ڪابه اعجاز چئي، توکان ڳجهي ڏسُ،
ڏِسي مونکي ڏَسِ، ته ڪٿي سنڌم سپرين.

جوڀن ۽ پيري

١- جيئن ڪي سج سياري جو، تيئن جوڀن ڪيو جهٽ،
اُيري لهي ويو لحظي ۾، ڪري اندا لهٽ،
سمر سونهن سوڀيا وارو، ٿيو چئن ڏينهن ۾ چٽ،
ڪارن مڏي ڪوچ ڪئي، اڇي اچن ڪيو هٽ،
اوڙي پاڙي اٿبٽت ٿي، وقت ڪادو وٽ،
شرم حياء حَذر جو، پيو ڳچيءَ ۾ ڳٽ،
نڪو پان سوپاري سونهي، نڪو پهرڻ پٽ،
نڪي نياز نئڙت وٽي، نڪو ناز نزاڪت نَٽ،
حرص آعجاز ساڳيو اڪين، پر سو ست نہ سلهٽ،
موت بنا هي مور نہ ويندو، پيريءِ وارو ڦٽ،
تنهن ڪان مورهن مات ڪجي، ٿئي جهور نہ جوانن مَٽ،
سڀ سيوئي هلٽ، ٿيو هٽ حوالي ٻين جي.

٢- جي اچا آيئي وار، سي موتي ڀانئج منهن ۾،
ڏاتر سندي ڏات جي، ڪرين متان ڪُوار،
ڪيس لائڻ سان ڪينڪي، ٿياسي سڀ سوار،
اها مام آعجاز چئي، سمجهي ڪر سنيار،
ڏي اچن ڪي وار وار نہ وڃائجي ڪنهن جي.

٣- جي اچا آيئي اور ڪري، سي موتي ڀانئج منهن ۾،
ڏاتر سندي ڏات ڪي، ڏِستون ڏيان ذري،
تہ ڪيئن ٿو رنگ وري، اڇو ڪاري تي وري.

۴- ويو جَر جوڀن جو، هٽي کڏهون کَر ڪَرون،
پار پٽرا ٿيا، پيريءَ جا سهسين منهن ۾ سَرون،
وکر وهايو لعل جهڙو، ڳَچ ڳريو پيا ڳَرون،
اُٿي ويٺي آنڌيون، ڏَڪر ۾ ڍَرُون،
رنگ سيو هو جوت حُسن سان، هاڻ رهيون رڳو ڇَرون،
انهي افعالين اعجازؔ چئي، ڪٿي ڪونه ٺَرُون،
ڪا ڪري چڱائي مرون، نه ته مٿو مداين ناهه ڪو.

ڪَرهو ڪَرهو

١- تنهنجو ڪُرنه ٽپٽو، تون ڪيئن ٽپين ڪرها،
تو مان ڏٽي تنهنجا آهن آرها،
سُوريا پَر سرها، قدم قريبن ڏي.

٢- تنهنجو ڪُرنه ٽپٽو، تون ڪرها ٽپين ڪيئن،
تيئن تو هلڻ گهرجي، جَت چَوئي ٿو جيئن،
ته هڏ نه توکي هيئن، پَوي رات پٽر ۾.

٣- تنهنجو ڪُرنه ٽپٽو، تون ڪرها ٽپين ڪوهه،
آپي ڪان اعجازؔ چئي، ٿيءُ ڏور ته لهئي ڏوهه،
ميا توکي موهه، اجان اورئين پار جو.

۴- تنهنجو ڳُرنہ تپڻو، تون ڳرها ڪوهہ تپين،
اڄايو اعجاز چئي، پيو ڳهين ۽ ڳپين،
ڇيڏڪ ڇڏي ڇوٽ ٿي، ڇو ڇرڪين ۽ ڇپين،
جي هٿين جي هپين، تہ برنبو توکي نانهہ ڏي.

ڪرڻ جون ڪوٺايون

۱- ڪري ڳر ڳرايون، ڪامي ٿيا ڪوٺا،
آهن تيئن اعجاز چئي، جيئن پاٽيءَ تي ڦوٺا،
ٻڏا ۽ ڇوٺا، لوڙهيا لهر عشق جي.

۲- ڪري ڳر ڳرايون، ڪامي ڪوٺا ٿيا،
اسان پاڻ پرين جا، پُختا پيچ پيا،
وڇوڙا ويا، پُني آس اعجاز چئي.

۳- ڪري ڳر ڳرايون، ڳهَا ڪين پليت،
اسانکي اعجاز چئي، مليا مَن جا ميت،
ڳايا سون وصل گيت، پُني آس اعجاز چئي.

۴- جِيءَ ساريو ٿي جن کي، سي آيم جيءَ جيان،
اکيون ڪاشيانہ ڪريان، بندگيون بار بار،
هينئڙي جايون هزار، انهن لاءِ اعجاز چئي.

حضرت شاهہ عبداللطيف رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ بابت خيالات

١- سَڏڙيا سَڏ ڪري، ٿيا شاعر لکين لوڪ ۾،
پر اجان شاهہ لطيف جو، آهي پنڌ پري،
تنهن سان ڪو نہ پري، برڪش ٿي وِڪ برهہ جي.

٢- سڏڙيا سَڏ پئي، ٿيا لکين شاعر لوڪ ۾،
پيا پو چائن پاڻ کي، ڇاجو ڇا چئي،

٣- عاشق عارف الله جو، سالڪ صوفي صاف،
لائق شاهہ لطيف جو، اعجازؔ ڏس انصاف،
حق پرست ٿيو حق جو، ويو ڪين خلاف،
سچ پارکُن سچ چيو، جيئن پرکي سون صراف،
آيو جتان مصحاف، اُتان آيو رسالو شاهہ جو.

٤- عاشق عارف الله جو، سالڪ صوفين سچ،
اعليٰ مقام لطيف جو، اعليٰ نسب نج،
آڳاهون هر ڳالهہ ۾، مٽ نہ تنهنجو ڪج،
احديت جو اعجازؔ چئي، ٻاجهئون ڇنيئين ٻج،
پڙهي پروڙج، روحئون رسالو شاهہ جو.

بیت مرشد

۱- هڪ ڏينهن ميڪون مرشد آکيا، هے قرب دا ڈاڳا ڪچا، آکيم سچا هين سائين سچا،
تون مون والا طور طريقہ، بڑا هوئے توڑي بچ، آکيم سچا هين سائين سچا،
نال نياز دي ناتا تورين، سخن اهوئے سچ، آکيم سچا هين سائين سچا،
حق سڃاڻڻ ٻاجهون آعجازا، عشق نہ ملسئي اونچا، آکيم سچا هين سائين سچا.

۲- دلبر ميڏي دعوت هئے آ ميڏي اڱڻ تے تلين - تے مين نال ملين،
موه جواني والا ماڻين خوب سدا وت کلين - تے مين نال ملين،
مين بهي تيڏا عاشق هان هن دست تيڏي لک دلين - تے مين نال ملين،
پڇے واعدا ڪرڪے نال آعجاز دي واعدي تون ناهلين - تے مين نال ملين.

۳- پرديس ڪنون پرديسي آيا، آکيس اساڏڑا تي - آکيم جي سڄڻا جي،
فخر ڇوڑين تان فقير ٿيوين، حال ڪرين پيا هي - آکيم جي سڄڻا جي،
سچي سک ڪون سدائين پارا نہ لڳي سي - آکيم جي سڄڻا جي،
پڇے يَرِ ڏتس پيالا محبت والا آکيس ايهہ آعجازا پي - آکيم جي سڄڻا جي.

۴- پرديس ڪنون پرديسي آيا، جان جان پاتس جهاتي - چڻ مارگهتيس ڪاتي،
هڪ اقابيل اکيان ٻيا ٿهري ڪجل آيا پاتي - چڻ مارگهتيس ڪاتي،
چوڑ ڏتس نين ڏونهين آ چوٽ لڳے ميڏي ڇاتي - چڻ مارگهتيس ڪاتي،
پڇے رحم نہ پيس رتي دا آعجازا ضدي هويا ڪوئي ذاتي - چڻ مارگهتيس ڪاتي.

۵- وهوا سڄڻا صورت تيڏي، مين ڏيک ڏيک پيا ٺران - تے ڳالهہ ڪيهي مين ڪران،
سونهن صورت دا ڇيهہ اتاهين ٿيا اڳتي وک نہ پران - تے ڳالهہ ڪيهي مين ڪران،
ٺور ايجهے ول ٺردا هين قدم قدم سر ڏران - تے ڳالهہ ڪيهي مين ڪران،
آکے آعجازا لڳي عشق دي آتش دلبر تيڏي دران - تے ڳالهہ ڪيهي مين ڪران.

سُخنِ اعجاز

(ڪلامِ حضرت سيد محي الدين شاھ "اعجاز" سائين راشدي)

(پِي-ڊي-ايف) تاھڙ جي سعادت ماڻيندڙ

فقير امجد ڪيمٿيو

سُخن اعجاز

كلام

اعجاز سائين راشدي



اعجاز سائين راشدي